سنڌ ۾ مارڪسزم – ليننزم جو پرچارڪ

به ماهي

سماجواد

حيدرآباد

(پنجويهينباويهين ڪڙيارڙهين ڪڙي) اپريلڊسمبر 2016ع
آڪٽوبر 2015ع

ايڊيٽر

شاهه عنايتجاويد راڄپر

ايڊيٽوريل بورڊ

ماروي لطيفي، مصدق حسين، سالار سنڌيبادل سنڌي، عاليه بخشل، لطيف لغاري، جاويد راڄپر، بخشل ٿلهو، شاهه عنايت،

ڪامريڊ آزاد ماڇي، شفقت قادري، فيض ڪيريو

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ
انور حسين سومرو

قيمت: 50/=

لکپڙهه لاءِ ايڊريس

فلیٹ نمبر 310- 311 V.I.P اپارٹمینٹ
مین قاسم آباد، حیدرآباد
Cell # 03443333888

فهرست

ايڊيٽوريل

هينڊنگپورهيتن جي قاتلن جا پيرا کنهن هڪ پاسي نه آهن

11 سيپٽيمبر 2012 تي ڪراچيءَ ۾ علي انٽرپرائيزز واقعي ۾ اڍائي سوءَ کان مٿي پورهيتن جي جيئري سڙي وڃڻ واري سانحي جي تحقيقاتي رپورٽ نيٺ اڍائي سالن بعد مڪمل ٿي سامهون اچي چُڪي آهي. جوائنٽ انويسٽيگيشن ٽيم جي رپورٽ مطابق اهو لڳ ڪانڊاريندڙ واقئو واقعو هڪ حادثو نه بلڪه مڪمل رٿابنديءَ سان ڪرايل هڪ اهڙو شعوري ڪوس هو جنهن ۾ اجل جو شڪار ٿيندڙ پورهيتن جي رت جا ڇنڊا نه ته صرف سنڌ جي ٻيون نمبر وڏي پارليماني پارٽي ايم ڪيو ايم جي وحشياڻي ڪردار جي ساک ڏين ٿا ۾ نه ئي محظ پنين 40 سالن کان مٿي ملآپريشن ضربِ عضب کان ايم ڪيو ايم مٿان غضب تائين

آدرش ۽ سماجواد

مانوارا پڙهندڙوءَ!

به ماهي سماجواد جي چوپهين ڪڙي اوهانجي هٿن ۾ آهي. سماجواد درحقيقت، آدرش ميگزين جو ئي تسلسل آهي. جنهنجي پهرين ڪڙي جنوري 2004ع ۾ ڇپي هئي ۽ ڪامريڊ عاصم آخوند انجو پهريون بانيڪار ايڊيٽر بڻيو هو. اهڙي ريت سنجيده سياسي مواد جي اشاعت جو هي ٻارهون سال بنا ڪنهن سرڪاري يا ڪارپوريٽ اشتهار جي مڪمل ٿي رهيو آهي. ان لاءِ هاڻوڪي ايڊيٽورل بورڊ سميت، انهن سمورن ساٿين ڪي، جن مختلف وقت ۾ هن نظرياتي جدوجهد ۾ پنهنجو پورهيو وڌو يا اسانجي مالي سهائتا ڪئي، سرخ سلام پيش ڪجي ٿو. ياد رهي ته آدرش ميگزين جو تڏهن به مقصد سنڌ ۾ نظرياتي جدوجهد کي سگهارو ڪرڻ هو. ٻين لفظن ۾ محدود مواد، ناقص ترجمن ۽ چوپڙين منجهه قيد مارڪسزم کي آزاد ڪري، انجي سنڌ ۾ ترويج ۽ تشريح ڪرڻ هو ته جيئن سوويت روس جي انهدام کانپوءِ پيدا ٿيل مايوسي، فڪري ڏڪار ۽ سڌاريسنديءَ جو مقابلو ڪري سگهجي۽ سنڌ اندر ڪابي ڌر جي انقلابي سياست جا فڪري بنياد وجهي سگهجن. بلڪل ائين جيئن اٿليءَ

جي هڪ مارڪسي ڏاهي اينتونيو ليـــبريولا (1843-1904) بين انٽرنيشنل جي بحـران بـابت چيو هو ته ”مارڪسز علم الخيـال (Epistemology) ۾ سڪ درسي (Positivist) ۾ سياست ۾ سڌاريسـند بڻجي ويو آهي. نـتيجي طـور ان بحـران جي حل جو آڌار ان تي آهي ته وري ڀيهر مارڪسزم، علم الخيال ۾ جـدلي ۾ سياست ۾ انقلابي بڻجي.“ اهـڙي ريت آدرش تـوڙي سـماجواد سٺ ڀرين ڌينهن کان اهو مقصد ڪٽي هليو. آدرش به سماجواد جيان به ماهي ميگزين هو ۾ پنهنجي مـواد ۾ محنت ۾ سـماجواد کـان وڌيڪ گـرو هـو. جنهنجـون ارڙهن ڪڙيـون اسـان چـاپڻ ۾ ڪامياب رهياسين. پر 2008ع ۾ ڪامريڊ عاصم آخوند جي موت ۾ سياسي ڪم جي وڌڻ ڪانپوءِ اسان ان ميگزين جو نالي مٽـائي ان کي ٿورو وڌيڪ سادو ڪيوسين ۾ ڪيس تڌهوڪي ليـبر پـارٽي سـنڌ جو ترجمــان بڻ بڻايوســين پر 2012ع ۾ ليـبر پـارٽي جي مرجر ڪـانپوءِ سـماجواد کي دوري سياسي اوليتن کـان هٽـائي ڪري وايس صرف نظريـاتي جدوجهد جي دائـري تـائين محـدود ڪيوسين. ٽوٽي جو بورڊ جي گهٽائي مرجر کان بعد وجـود ۾ آيل نئين سياسي پارٽي، (عوامي ورڪرز پارٽيءَ) ۾ سرگرم سياسي ڪــردار بڻ نڀائينـــدي رهي ۾ اجا به رهي پـــئي. اهو سچ آهي ته اسان جهڙن سماجن ۾ سنجيده فڪري مـواد کي لکڻ، پـڙهڻ ۾ سمجهڻ هڪ اوکو ڪم سمجهيو ويندو رهيو آهي. عـام شـعور (Common sense) مٿـــان ته هر هنڌ immediacy غـــالب هوندي آهي پر اسانجو الميو اهو آهي ته اسانجي سياست تـوڙي سماج جو روشن خيال ۾ دانشور پـرت به مقـداري نه صـحيح پر معياري نقطه نگاهه کان ساڳي سطح تي بيٺل آهي. نتيجي طور سياست ۾ سماج جي نون مامرن کي سـمجهڻ جا طـور طريقا ۾ جواب به پراڻا آهن. بيوته چـڙيو پر اسـان هـاٽوڪي حـالتن کي اجا صحيح انداز ۾ سوالي به ناهيون سـگهيا. اهـڙي صـورتحال ۾ سياسي مزاحمت نه ته اڀتي اُسرٽي هـئي ۾ نه اُسـري. اهو بين انٽرنيشـنل واري دور جي مارڪســزم جي سـمجهه هـئي جنهن مطابق سماج جو معاشي بنياد ئي مٿين ڍانچي کي طـئي ڪنـدو آهي. جڏهن ته بعد جي دور جي مارڪسسٽن ان سوال تي گهٽو ڪم ڪري سمجهايو ته ڪهڙي ريت سـماج هڪ عضـوياتي ڪُل آهي جنهن ۾ سـماج جو هيـٺيون مـٿيون ڍانچو جـدلي انــداز ۾

هڪبئي کي طئي ڪن ٿا. ٻين لفظن ۾ سماج جي فڪري اُٿل پُٿل ۾ ڪايا پلٽ کي سماج جي مادي بنيادن جي تبديليءَ جي صرف نتيجي طور نه پر سبب طور به سمجهي سگهجي ٿو. انهيءَ ڳالهه کي هيگل جي خياليت پسنديءَ سان پيٽڻ، فلسفياڻي غربت جو اهڃاڻ چئبو. تنهنڪري سخت فڪري پورهيو اسان آزادي پسندن لاءِ اڻٽر آهي. اهو اسانجي آزادي جو لازمي شرط آهي ۽ جنهن لاءِ اسان کي پنهنجو پاڻ تيار ڪرڻو پوندو. پاڻ جيڪڏهن ان اوکي ڪم ۾ ناڪام ٿياسين ته پوءِ پاڻ بربريت جي هڪ بي صورتحال جا شاهد بڻباسين. ڇا اهو سچ نه آهي ته سول سوسائٽي ئي سنڌ جي سياست جي سوالن کي طئي ڪندي پئي ڏسجي؟ جيستائين عوامي سياست پنهنجي سوالن کي پاڻ طئي نه ڪندي ۽ ان کي پوري سماج جي سوالن جي صورت ۾ رکڻ ۾ ڪامياب نه ويندي، تيستائين آزادي ۽ برابري جي خوابن جي سايبان هڪ خام خيالي ئي هوندي. ان لاءِ سڀ کان پهرين اسان سياسي ۽ نظرياتي ماڻهن کي سياست ۽ فڪري جُهد ڏانهن پنهنجي رويي کي بدلائڻو پوندو. اسان پاڻ کي سائنسي سوچ رکندڙ ماڻهو سمجهندا آهيون پر فڪري سهل پسنديءَ جو شڪار ٿيندي ڪوڙ سارن نظرياتي سوالن تي عقيدت پسنداڻي ۽ يقيني پڪ واري اوڙاهه ۾ ڦاسندا آهيون ۽ وساري ويهندا آهيون نيٽشي جي اُن زبردست نصيحت کي ته سچ جو دشمن ڪوڙ نه پر پڪ آهي. لازمي طور تي پڙهڻ لکڻ ۾ سمجهڻ جي اها نئين ثقافت صرف ڪنهن هڪ گروهه يا ڪنهن ميگزين جي صرف ايڊيٽوريل بورڊ جي ميمبرن جي پورهيي جي نتيجي ۾ نه ٿي جُڙي سگهي. ان لاءِ پڙهندڙن جو به وڏو فاعل ڪردار جُڙي ٿو ته هو سماجواد جي مواد تي پنهنجي تنقيدي سمجهه ۾ لکت سان واپس اسانکي پڻ پڙهائي ۽ سياست، سائنس، تاريخ، فلسفي ۽ ادب، جهڙن موضوعن تي پنهنجي بهتر ۽ سنجيده لکڻين يا ترجمن سان سماجواد جو مددي ٿئي. اهڙي ريت ئي شايد اسان ان مقصد ڏانهن اڃا تڪڙا ويجها ٿيون جنهنجو ذڪر پاڻ مٿي ڪري آياسين.

لاهور ۾ اقبال باغ اندر خودڪش بم ڌماڪو (جنهن ۾

هـاٽوکي اطلاع مطـابق 70 ڇٽا فـوت □ 300 کـان مـٿي
سـخت زخمي ٿيا- □ جنهن □ گهٽـائي عـورتن □ ٻـارن جي
هئي) اسلام آباد □ هزارين مذهبي انتهاپسندن جو آرام سان
ريڊ زون □ داخل ٿيڻ □ حيــدرآباد کـانپوءِ ڪــراچي انـــدر
مذهبي انتهاپسندن جو پريس ڪلب تي- "ڪاميـاب"- حملـو،
هڪ ئي ڏينهن □ يعني 27هين مارچ تي ٽينڊڙاهي ٿئي واقعا
هڪ ٻيرو ٻيهر اسانکي ان سموري غير پيداوري انتشـار جي
ڳر کي سـمجهڻ جي دعـوت ڏين ٿا جنهنجي قيمت ته عـام
ماڻهو ڏئي ٿو □ جنهن منجهان مستفيد رياسـتي □ مـذهبي
انتهاپسـند قوتـون بـئي ٿين ٿيـون. ريـورٽن مطـابق لاهـور
ڌمـاکي پاڪسـتاني طالبـان منجهـان نڪتل هڪ گـروپ
جماعت ال احرار ذميواري قبـول ڪـئي آهي. لاڳاپيل تنظيم
جي ترجمان احسـان الله احسـان مطـابق حملي جوشـڪار
ايسـٽر جو ڏينهن ملهائينـدڙ ملڪ جي ٻه سـيڪڙو عيسـائي
آبـادي هـئي.- ان تنظيم جو بنيـاد آگست 2014ع □ تحـريڪ
طالبـان پاڪسـتان منجهه ٽـوڙ ڦـوڙ کـان پـوءِ پيـو.- هي اهو
سـاڳو ڌڙو آهي جنهن نومــبر 2014ع □ واگها ٻـارڊر وٽ
آبگهـاتي حملي جي ذميـواري ٻه قبـول ڪـئي هـئي جنهن □
55 مـاڻهو فـوت ٿي ويا هيـا. حياتيـاتي علم □ اسـان کـوڙ
سارن مفت خور جيوڙن □ ڪـيڙن بـابت پڙهنـدا آهيـون جن
جي پنهنجي زندگي جو بنياد ٻين جي زندگي تي هوندو آهي.
انهن منجهـان ڪجهه رت پيـاڪ مفت خـور جـڏهن ميزبـان
جسم جي ڪنهن حصي تي چهٽنــــــدا آهن ته اهي ڪجهه
اهڙيون رتون ٻتون ٻه خارج ڪندا آهن جيکي رت کي ڄمڻ
ناهن ڏينديون ته- جيئن مفت خورن ٻاران ٽوڙيل ڪنهن نس
منجهـان رت جي فرهـامي بند نه ٿي سـگهي. پاڪسـتاني
حڪمران طبقو(عسڪري تـوڙي سـولين) -اهو سـاڳو مفت
خـور جيـوڙو آهي جنهن پنهنجي طبقـاتي مفـادن □ عـالمي
سـرمايي جي خــدمت □ ٻـاڻ پنهنجي سـماج □ مـذهبي

انتهاپسندي جي رتوبت کي داخل ڪيو ته-جيئن سماج ۾ جمهوري قَدَرَ نه جمي سگهن. پر جيئن ته حڪمران قوتن جي ڦرلت مفت خور جيوڙن وانگي جبلي ناهي هوندي جيڪي بيمار جسم کي- موت جي منهن ۾ اچلي ٻاڻ به مرندا آهن تنهنڪري پنهنجي ئي پيدا ڪيل تباهي کي حدن ۾ رکڻ لاءِ اهو طبقو آپريشن به ڪندو آهي. آپريشن ضربِ عضب ڪانوني ايم ڪيو ايم خلاف آپريشن ساڳي لازميت جو اظهار آهي. 92ع جي آپريشن جي ابتڙ جنهن نئين حڪمتِ عملي سان واڳ ڏٽين ايم ڪيو ايم مٿان گهڻ طرفو دٻاءُ وڌايو آهي ان جا گهڻ طرفا نتيجا اچڻ شروع ٿي ويا آهن. حالت اها آهي ته ايم ڪيو ايم مزاحمت ته پري جي ڳالهه پر پنهنجي حالت تي ماتم ڪرڻ جهڙي به نه رهي آهي. ڪڏهن ڪراچي جي ڪنگ تي مني لانڊرنگ جا ڪيس ته ڪڏهن را سان رابطن جا ثبوت، ڪڏهن عمران فاروق جي ڪيس جو ڪڙڪو ته ڪڏهن نائن زيرو تي ڇاڙهه جو دڙڪو. مطلب ته ويجهي ماضي ۾ رياستي آپريشن کان ڏادي سمجهي ويندڙ اها جماعت جيئن ساهه سنيالي ڪجهه ڪچڻ جي ڪار ڪري ٿي تيئن سندس ڪوس جو سامان ذوالفقار مرزا کان وٺي صولت مرزا تائين اڳيان ڪيو وڃي ٿو. ان سڄي راند ۾ تازو اضافو ڪراچي جو اڳوڻو ميئر مصطفي ڪمال آهي جيڪو سال ڪانپوءِ اوچتو ظاهر ٿي ايم ڪيو ايم خلاف ڳالهيون ڪندي پاڪ سرزمين جي نالي سان نئين پارٽي کي اعلاني چڪو آهي.-درحقيقت ايم ڪيو ايم کي ضيا دور ۾ پورهيت عوامي تحريڪن کي پنجو ڏيڻ لاءِ پيدا ڪيو ويو هو جنهن کي پنهنجي شخصي مفادن لاءِ سڳهارو بي دور ۾ هڪ بي آمر مشرف ڪيو پر جيئن ته ڪابي تر جي سياست جي ڪمزوري سبيان هاڻ اهڙي عوامي جمهوري تحريڪن جي هوند نه برابر آهي تنهنڪري پنهنجو حجم وڌائيندڙ ايڏي وڏي

~~پارٽي جي حڪمرانن کي ضرورت به نه رهي آهي جيڪا
دنيا جي ميگا شهر □ مارڪيٽ تي قبضي جي اڪيلي
دعويدار هجي. رياست چڱيءَ ريت ڄاڻي ٿي ته ايم ڪيو
ايم مٿان سڌي جبر سان ان تنظيم جي ووٽ بئنڪ کي
لاڙي نه ٿو سگهجي) بوئين لوڪل باڊيز اليڪشن جي
نتيجي کي ذهن □ رکڻ □ گهرجي جنهن □ ڇهن ضلعن
منجهان ايم ڪيو ايم 137، پي پي 32 □ پي ٽي آءِ □
جمعيت جي اتحاد 13 سيٽون کٽيون هيون.) تنهنڪري
جڏهن عمران خان □ مشرف جي پارٽي به ڪو ٻوٽو نه
ٻاري سگهي ته پوءِ ضرورت هڪ نئين ٻر ايم ڪيو ايم جي
اندر جي ماڻهو جي ٻئي جنهن کي ٻورو ڪرڻ لاءِ مصطفي
ڪمال اڳيان آيو ٻر فاروق ستار به تيزي ڏيکاريندي الطاف
ڪانبوءِ واري ڳادي کي سنڀالڻ لاءِ سرگرم ٿي چڪا آهن.
ڪو عجب ڪونهي ته سياڻي الطاف ڪانبوءِ اسٽيبلشمينٽ
فاروق ستار سان ئي چار حدون □ چار مامرا سڌا طئي
ڪري، جنهن □ نه ٿو لڳي فاروق ستار کي به ڪو عار
هوندو.~~

ڪ ۾ پورهيتن جي حقن جي خود ساخته علمبردار ”پيپلز پارٽيءَ“
جي پورهيت دوستي جي پٽ وائکي ڪن ٿا، پر مجموعي سماجي
بيحسيءَ تان پردو ڪٽندي ملڪ ۾ موجود تمام ترقي پسندن جي
ترقي پسندي تي پڻ سوال اٿارين ٿا ته ملڪي تاريخ جو ايترو وڏو
۽ وحشياڻو ڪوس آخر ڇو منجهن گهربل ڇٽنگ نه ٻاري سگهيو؟ 6
فيبروريءَ تي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ڪيل ان تفصيلي تحقيقاتي
رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ايم ڪيو ايم جي سيڪٽر بلديا جي
انچارج رحمان رفيق ڀولا فيڪٽري طرفان 20 ڪروڙ ڀتو نه ڏيڻ
سبب ساٿين سان گڏجي 11 سيپٽيمبر 2012 تي فيڪٽري کي
ڪيميڪل هاري باهه ڏني. رپورٽ ۾ ان ڪان به وڌيڪ ڇرڪائيندڙ
انڪشاف اهو ڪيو ويو آهي ته مجرم رفيق ڀولا، جيڪو پٺين گهٽ
وڌ ٻه اڍائي سالن کان رياستي ڳجهن ادارن جي تحويل ۾ آهي،
تنهن 2013 ۾ ئي اعترافِ جُرم ڪري ورتو هو! تڏنهن سوال اهو ٿو
پئدا ٿئي ته مُجرم ۾ سندس سياسي وابستگيءَ جي چڱيءَ ريت
ڄاڻ هوندي به رياستي ادارن کي ان حقيقت تان پردو ڪٽڻ ۾ آخر
ايتري دير ڇو ٿي؟ ان جُرم جو پردو تڏنهن فاش نه ڪرڻ ۾ هاڻ
هن مخصوص وقت تي ان رپورٽ کي پڌرو ڪرڻ پٺيان رياستي
اسٽيبلشمنٽ جي ايجنڊا ڇا آهي؟ قانوني ماهرن مطابق ايم ڪيو
ايم بابت هن ويل ٿيل انڪشاف جي بيهڪ اهڙي آهي جو مٿس
ڪو وڏو مامرو بيهي نه سگهندو. ٻين لفظن ۾ ايم ڪيو ايم کي
سوڙهو ڪرڻ سان گڏ کين تحفظ ڏيڻ وارو ڀتو ڪم ڪرڻ ۾ لاءِ
ايڏو وقت ورتو ويو. ڇا اسان نه ڏٺوسين ته رپورٽ جي ظاهر ٿيڻ
جي ٻي ڏينهن ايم ڪيو ايم سنڌ حڪومت ۾ شامل ٿيڻ تي راضي
ٿي وئي. ساڳي وقت ايم ڪيو ايم اڳواڻ رئوف صديقي جو بيان به
سامهون آهي ته رحمان ڀولا جي اعتراف جي ڪا قانوني حيثيت
ڪونهي. بهرحال بحرحال اسان سمجهون ٿا ته نه صرف ايم ڪيو
ايم پر مل مالڪ ۾ ليبر ڊپارٽمنٽ سان گڏ اها جرمن ڪمپنيءَ (
KIK) به انهيءَ ڪوس ۾ برابر جي ڀاڱيوار آهي جنهنيڪا پنهنجي لاءِ
ڪپڙا ٺهرائڻ مهل پورهيتن جي انساني ماحول واري اصول ڪان
ڪن لاتار ڪئي. ساڳي وقت هن ملڪ جي ڪارپوريٽ ميڊيا جو
ڪردار به شرمناڪ حد تائين ڪريل رهيو. جنهن لاءِ جي آءِ تي
رپورٽ ۾ سوين پورهيتن جي قاتلن بابت ٿيل انڪشاف ڪان وڌيڪ
پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جي چيف سليڪٽر معين خان جي ڪيسينو
(جواخانيو) ۾ وڃڻ واري خبر اهم آهي. اها بريڪنگ نيوز به ٿيندي
ته انهيءَ تي ٽاڪ شوز به ٿيندا. پچاڙا به ٿيندا ته سزائون به ٿينديون
پر 258 پورهيت جڻ ته انسان نه پر گودام ۾ پيل ڪو وکر هيا.
حقيقت ته هيءَ آهي ته هڪ اهڙي ملڪ ۾ جتي پورهئي جي

مناسب حالتن ۾ اجوري ڪان ويندي پورهئي لاءِ عمر جي هڪ مقرر حد، ڏهاڙي پورهئي جي هڪ مقرر وقت، پورهئي جي عمل ۾ صنفي امتياز توڙي پورهيتن کي ريگيولرائيز ڪندي ڪين ڪي (نالي ماتر ئي سهي) قانوني حق ۾ ضمانتون ڏيڻ جهڙن ڪوڙ سارا سارن بنيادي مامرن ۾ دنيا ۾ تنزل جا رڪارڊ ٽٽندا هجن، جتي رسمي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ 5 سيڪڙو مزدورن ڪان ٻاهر ملڪ جا 95 سيڪڙو مزدور ٺيڪيداري نظام ۾ پيڙهبا هجن ۾ ڪم دوران مرڻ تي ڪفن ڪان به محروم رهن، اتي هڪڙا ماڻهو انسان ۾ ٻيا ماڻهو صرف انگ هوندا آهن، هاٺي انگن جون ڪهڙيون ضرورتون ۾ ڪهڙا حق؟ سستو پورهيو هن ملڪ جي وڏي ۾ وڏي ايڪسپورٽ به آهي ته هن ملڪ ۾ پرڏيهي ناڻي کي ڇڪڻ جو سڀ ڪان سگهارو ۾ ڪارآمد ذريعو پڻ. هيءَ حالت رڳو هن ملڪ جي مزدورن جي نه بلڪه پوري ٽين دنيا جي پورهيتن جي آهي جتي پهرين دنيا جي ضرورتن (۾ گهٽي قدر عياشين) جي سستي اگهه تي پورائي لاءِ بين الاقوامي سرمايو ٽين دنيا جي پورهيتن جو رت پئيندو مواڙ ٽيندو پيو وڃي. علي انٽرپرائيزز سميت هن ملڪ جا ڏيهي توڙي پرڏيهي ڪارخانا ۾ مِلون پڻ اهڙن ئي هڪ گيس چيمبرن جا مثال آهن جتي سون هزارن جي تعداد ۾ ڇُڙندڙ ۾ رِسندڙ پورهيتن جو جيئري ته ڪوئي داد فرياد نه ٿو ٿئي پر ائين سڙي خاڪ ٿي وڃڻ بعد به سندن ورلي ئي ڪوئي والي وارث ٿئي ٿو. اها اميد ته ٽريڊ يونين تحريڪ ۾ پورهيت سوال تي سياست ڪندڙ ڌرين ڪان ئي ڪري سگهجي ٿي. پر ٽريڊ يونين تحريڪ داخلي طور تي موقعي پرستاڻي رجحانن ۾ خارجي طور پاڻ مٿان نجڪاري جي لٽڪيل تلوار جي پوءَ ۾ ورتل آهي، جڏهن ته پورهيتن جي نمائيندگي جي دعويٰ ڪندڙ حقيقي سياسي ڌريون اوسر جي ابتدائي ڏاڪن تي آهن جتي پورهيتن سان سندن عضوياتي رشتو اڃا جڙي ناهيو سگهيو. ٻين لفظن ۾ ”پورهيت سياست“ پورهيت ڪان ۾ پورهيت وري پنهنجي سياست ڪان اڃا تائين اوپرا آهن پر هي صورتحال وڏي عرصي تائين موجود رهي ناهي سگهندي. ڀلي حڪمران ۾ رياست، پورهيت طبقي کي ڪڏهن فرقيواريت جي نالي ۾ ته ڪڏهن نسل پرستيءَ جي نالي ۾ ورهائڻ لاءِ پئي ننهن چوٽيءَ جو زور ڏيندي رهندي رهي پر حالتون توڙ ڦوڙ ڪانوڊيڪ، پورهيتن کي هڪ ٿيڻ لاءِ هر دفعي، پهرين ڪان وڌيڪ همٿائينديون. اهو ڏينهن پري ٿي سگهي ٿو پر اٽڙ نه. اهو ئي تاريخ جو سبق آهي اها ئي مستقبل جي نويد آهي.

جيئن ته اسان مختلف سببن جي ڪري سماجواد جنوري فيبروري شايع ڪري نه سگهياسين، تنهنڪري اسين پنهنجي مانوارن پڙهندڙن ڪان معافي جا طلبگار آهيون اسان اها پرپور ڪوشش ڪنداسين ته رسالي جي ٻه ماهي هئڻ واري تعارف سان وقت سر انصاف ڪري سگهون. مهرباني

(ادارو)

ڏيهي سياسي ۽ سماجي صورتحال

آئين ۾ ترميمن جي تاريخ ۽ نظريه ضرورت

مختيار راهو

به نمبري جمهوريت، به نمبري معيشت

جاويد راڄپر

اقتصادي راهداري (سي پيڪ) ۽ ترقيءَ جو سوال

بخشل ٿلهو



(جيئن ته مختلف حوالن سان مان چين ۽ سي پيڪ جي موضوع تي اخبارن ۽ سماجواد ميگزين ۾ لکندو رهيو آهيان پر هڪ تفصيلي مضمون جي ضرورت کي هن دفعي سامهون رکندي، جنهن حد تائين ممڪن ٿي سگهيو، گهرائي سان سموري مامري کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم ان لاءِ ڪٿي ڪٿي اڳ ۾ لکيل ڪجهه مضمونن منجهان ڪي پيراگراف سڌي ريت به ڪنيا ويا آهن.)

”پاڪ چين دوستي وانگ ووءِ“

ڏيڍ سال اڳ چيني صدر زي جن پنگ جو پاڪستان دورو ۽ 46 ارب آمريڪي ڊالرن جي سيڙپڪاريءَ جا معاهدا ڇا ٿيا، هر طرف چين جي جئه جئه لڳي پئي آهي. چين پاڪستان اڪانامڪ ڪاريڊور (CPEC) تي ڪم جي شروعات ٿي چڪي آهي. اهو ڪاريڊور چين کي پاڪستان وسيلي يورپ، وچ اوڀر ۽ ايشيا جي ٻين ملڪن سان به ڳنڍيندو. جنهن سان چين کي تمام گهڻو معاشي ۽ دفاعي فائدو پوڻو آهي. موٽ ۾ چين آفريڪا طرز جي سيڙپڪاري ڪري پاڪستان جي انفراسٽرڪچر کي بهتر ڪندو. جنهن ۾ رستن ۽ ريلوي لائين جي جار کان علاوه پاڪستان جي توانائي جي بحران کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. پاڪستان کي 15.5 ارب ڊالرن جي لاڳت سان 2018ع تائين 10400 ميگاواٽ بجلي ٺهي ملندي. 2018 ع کانپوءِ 6600 ميگاواٽ بجلي ٻي ملڻي آهي. بظاهر ڇاٽايل انهن سڀني کان علاوه ڪجهه مقصد به آهن جو پاڪستان جو حڪمران طبقو پرڏيهي پاليسيءَ جي حوالي سان شايد ئي ڪنهن نقطي تي ايترو متفق هجي جيترو چين سان تعلق جي سوال تي اسان کي نظر اچي ٿو. موقعي پرستي ۽ نڪ جي پڪائي جي انتها ته ڏسو ته هڪ پاسي اسٽيل مل ڏيندڙ سويت روس انڪري قبول نه هو ڇاڪاڻ ته اهو بي دين هو پر ٻي پاسي بي دين چين سان پاڪستان جي ’ديانتدار‘ اسيبلشمينٽ، هماليا کان اوچي، سمنڊ کان گهري ۽ ماکيءَ کان مٺي سنگت جي دعوي ڪري رهي آهي ۽ ان تي شادمانا ڪري رهي آهي. ايتري قدر جو جماعت اسلامي جو امير سراج الحق به چين سان ياري کي سراهي ٿو. اهڙيءَ ريت رياستي سطح تي عسڪري قوتون هجن يا سويلين، سماجي سطح تي ساڄي ڌر جون مذهبي پارٽيون هجن يا ڪجهه لبرل قومپرست، ويندي ڪجهه ڪميونسٽ تائين، سڀ جا سڀ چين جا قصيدا ڳائڻ ۾ مصروف آهن. بلڪل يوناني ليڪڪ ايسپ جي ان ڪهاڻي جيان جنهن ۾ سج جي شاديءَ تي سمورو جهنگ شادمانا پيو ڪندو آهي پر ان ڪهاڻي ۾ هڪ بزرگ ڏيڏر به هوندو آهي جيڪو ٻن ننڍن ڏيڏرن کي نچندي ڏسي چوندو آهي ته دهل وڃي دوسو نچي واري ڪار نه ڪيو، سج جي شادي اسانجي بربادي آهي. اڄ هڪ سج آهي

جيڪو اسانجا دريا، ڏيڍون، نارا سڪائي اسانجو ساهه سڪائي ٿو سو جيڪڏهن پرڙجي ويو ۽ اولادي ٿي به ٿي سڄ پيا چٽي وڌائين ته اسانجو ڪم پورو آهي. سو اسانجي سماج جا اهي عوامي بزرگ ڏيڍر يا ته گونگا ٿي ويا آهن يا وري پنهنجي نسل جي آئيندي ڪان بي نياز. نتيجي طور سي پيڪ يا پاڪ چين معاهدي بابت صرف حڪمرانن جو موقف ئي پيو ورجائجي ۽ بنا ڪنهن متبادل جي پيو قبولجي. جنهن ۾ "ترقي" جو هڪ جنت هاٺو تصور آهي ۽ بربادي‌ءَ جو ماريل اسانجو عوام ان تصور ڪي نتيجن ڪان بي نياز ٿي قبولڻ تي مجبور ظاهر ٿي رهيو آهي. ميرن ڪان وڌيڪ ميرن سان سچا جي مصداق سنڌ جو اڳوٽو وڏو وزير ته بارن ڪي چيني پڙهائڻ جو فرمان به جاري ڪري چڪو هو. سنڌ جي بارن ڪي جي رڳو ڪا بولي نه پڙهائٽي هئي ته سا هئي سنڌي. باقي اردو، عربي ۽ انگريزي پهرين ڪان ئي اسانجي پيرن هيٺيان اسانجي تاريخ گم ڪرڻ لاءِ شايد ڪافي نه هيون جو مٿان وري اهو نئون فيصلو ڪيو ويو. ڪجهه مائوست ته اجا تائين چين ڪي سوشلست سمجهائيندي انجو دفاع ڪندا پيا اچن. جيڪا ڳالهه ايئن آهي جيئن سعودي عرب ڪي سيڪيولر جمهوريت ثابت ڪرڻ. ننڊي ڪنڊ جي ڪابي ڌر جو اهو ئي الميو رهيو آهي. هندستان ۾ جيڪڏهن ماضي جا ماسڪو نواز رياست جي وڌيڪ ويجهو ۽ مائوست مزاحمتي جدوجهد ۾ اڳيرا رهيا ته پاڪستان ۾ انجي اُبتڙ مائوست رجحان سڌي يا اٹسڌي ريت رياستي موقف سان نهڪندڙ ته ماسڪو نواز رياستي عتاب ۾ رهيا. بهرحال ڪميونسٽ سياست جي مزاحمتي حلقي سميت اُهي سنڌ، بلوچستان ۽ گلگت بلتستان جو عوام آهي جن ڪي انهيءَ سموري مامري تي اونو آهي. جڏهن ته مزاحمت ڪان موڪلايل ڪجهه قومپرست ڌرين (جنهن ۾ پختونخواهه اڳيان اڳيان آهي) ڪي مٿي ۾ سور صرف گوادر ڪاشگر روڊ جي تبديليءَ جو آهي. جڏهن ته پين ڪي عوامي وسيلن جي ڦر لٽ ۾ صرف دشڪُش گهرجي. پيو مڙئي خير. سچ اهو آهي ته سي پيڪ چين جي هڪ تمام وڏي پراجيڪٽ جو ننڍو حصو آهي جنهن ڪي صرف قومپرستاٽي اک يا صرف پنهنجي قومي سرحدن تائين محدود ڪري سمجهي نه ٿو سگهجي. ان لاءِ سرمائيدار مخالف سمجهه جا بنياد نهايت

ضروري آهن.

من اڳي آ منڌل تون منڌل کي نه منجهاءِ:

سي پيڪ جي حـوالي سـان جيڪا ڳالهه سڀ کـان اهم آهي سا اها ته سي پيڪ تي تنقيدي لکتن جي رستا روڪ کــئي وڃي ٿي ۽ جيکڏهن کا عوامي ڌر ان مامري تي پنهنجي تشويش جو اظهـار کـري ٿي ته ان لاءِ ”را“ جي الـزام جو ٺپو به تيـار آهي. نتيجي طور مامرو منڌل آهي. عوامي ڌريـون ته پـري رهيـون پر سـرڪاري ڌريـون به سي پيڪ جي حـوالي سـان شـفافيت جي کوٽ جو اظهار کنديون رهيـون آهن. سي پيڪ جي لاءِ سـرمايو کٿان ۽ کيئن ايندو؟، کيـترو سـرمايو يا سـيڙپ پاڪسـتان کي قرض جي مد ۾ ملڻو آهي، جنهن کي وري واپس کهڙي شرطن تي کرڻو آهي؟ هي اُهي سـوال آهن جيکي اجا سـوڌي منـڌا پيا آهن ۽ عوام آڏو آندا ناهن ويا. اينٽريقدر جو پاڪستاني سـينيٽ به ان مـامري تي پنهنجي بي خـبر هئڻ جو پٽکو پٽيـنـدي رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ هک ٺوس تجزيي ۾ صحتمنديءَ سـان پنهنجي راءِ جوڙڻ جو بنياد ته کمزور رهندو پر بهرحال جيترو تفصـيل به مختلف ذريعن کـان عـوام سـامهون آيو آهي يا جهـڙيءَ ريت ان ميگا پراجيکٽ جي حق ۾ دليل ڏنا وڃن ٿا انهن کي ئي سامهون رکي هک عـوام ۽ مـاحول دوست نقطه نظر کي اڳيـان کـري سگهجي ٿو. ان سموري مونجهاري جو هک سبب ته پاڪســتاني رياست جو غـــير جمهـــوري ڳر آهي جيکو پـــاڻ کي عـــوام آڏو جوابدهه پنهنجي روح جي مٿاڇراين تائين به ناهي سمجهندو. ٻيو اهو حکمرانن اندر عسکري ۽ سويلين مـــالکن جي وچ ۾ سي پيک جي سـمورن پاسن تي کنـٽرول جي معـاملي تي تضـاد پڻ آهي. سـويلين حکــومت عســکري قيــادت کي سي پيک جي حوالي سان صرف دفاعي مامرن ۾ بااختيار کرڻ تي چــاهي ۽ پيا سمورا پاسا (ٺيکا ۽ انتظامي فيصـلا) پنهنجي هٿ ۾ رکڻ ٿي چاهي. پر اهو کـردار مچي مـواڙ ٽيل عسـکري ادارن جي هـوڙ کي به نه ٿو لڳي. تنهنکــــري اهي کنهن نه کنهن ريت ن ليگ جي حکومت تي دباءٌ وڌائيندا رهن ٿا. پنجاب ۾ ايپکس کاميٽين جي قيـام تي زور ۾ اهم اعلي گـڏجاڻي جي خـبر ليک ٿيڻ واري مـامري تي وٺ ونـان کـان وٺي تـازو اسـلام آبـاد ۾ پي ٽي آئي طرفان اسپانسرډ دنگل تائين جي سمورن مـامرن جي ڳر ۾ به

پين اشوز سان گڏ سي پيڪ جو مامرو به هو. (تنهنجو چا نتيجو نڪتو تنهن تي ڳالهه بولهه ڪرڻ هتي ثورو اضافي آهي) بهرحال جنرل راحيل شريف جون چين ياترائون بيا اشارا به ڏئين ٿا ته چيني حڪومت به ايڏي وڏي سيڙپڪاري لاءِ آئيني تحفظ هڪ نئين منسٽري جي قيام تي زور ڏئي رهي آهي جنهن فوج جي ڪردار کي به قانوني شڪل مليل هجي. اهڙي صورت سي پيڪ گيم چينجر لازمي طور ثابت ٿيندو پر شايد ان ريت نه جهڙي ريت هن وقت پاڪستان جا سويلين حڪمران سمجهي رهيا آهن يا سمجهڻ جي مجبوريءَ اظهاري رهيا آهن. خير اها ته هئي مستقبل غالب امڪان جي ڳالهه پر حال جي صورتحال اها آهي ته سموري حڪمران ڌر سي پيڪ کي عوام دوست ترقي جون نيون راهون کوليندڙ پراجيڪٽ طور ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. پر سي پيڪ تي گهري نظر وجهندڙ مبصر عوام دوست قوتون ان خيال کي رد ڪن ٿيون. جيئن ته سي پيڪ جي ٿنا ڪجهه ڪابي ڌر جا حلقا به مارڪسزم جي سمنڊ منجهان پنهنجي دليل جا عميق ڳولهي آيا آهن تنهن ڪري انهن دليلن کي ٽيڪنيڪي، نظرياتي، ماحولياتي عوامي نقطه نظر سان ڏسڻ سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

ٽيڪنيڪي بنياد:



چين هن وقت دنيا جي ٻين نمبر سگهاري معيشيت آهي. 2003ع چين جپان کي پوئتي ڇڏيندو دنيا جو ٻيو نمبر معاشي طور تي طاقتور ملڪ ٻڻجي ويو. درحقيقت 2021ع چين، انقلاب جي سو سالا سالگره ملهائڻ جون تياريون ڪري رهيو آهي جنهن معاشي واڌ کي ٻيڻو ڪرڻ جو حدف رکيو ويو آهي. ان لاءِ چين تيزيءَ سان ڏيهه ٽوڙي برڙيهه انفراسٽرڪچر جي تعمير جي ايجنڊا تي عمل پيرا آهي. ياد رهي ته 2011ع کان 2013ع جي رڳو ٻن سالن جي عرصي چين جيترو سيمنٽ استعمال ڪيو آهي اوترو

آمريڪا پـوري ويهين صـدي ۾ بـه نـاهي ڪيـو. اهـڙي قسم جي
ترقي لاءِ توانائي جا ذريعا ٿا ڪين. پوري ٻي دنيا جا وسيلا ٿا ڪين.
انهن جي محفوظ رسد ۽ تيـار مـال جي ٻين منـڊين ۾ سسـتي
پهچ پڻ گهربل آهي. پاڪستان منجهه چيني سيڙپڪاڙيءَ کي ان
پسمنظر ۾ سمجهڻ گهرجي. ٻين لفظن ۾ اها ٻه هڪ
سرمائيداراڻي سيڙپ آهي. جنهنجو جمهوريت ۽ انساني حقن
سان نه پر منافعي ۽ پنهنجي سياسي فائدي سان تعلق هوندو
آهي. چين جي حساب سان اهو (سي پيڪ) معاهدو هڪ تمام
وڏي پراجيڪٽ جو ننڍو حصو آهي جنهن کي ون بيلٽ، ون روڊ (
OBOR) سڏيو وڃي ٿو. حال ۾ هلندڙ دنيا جي ان سڀ کان وڏي
معاشي منصوبي لاءِ چين، هڪ کرب آمريڪي ڊالرن جي
سيڙپڪاري جو طئي ڪري چڪو آهي. پوئين سال جون مهيني ۾
چيني ترقياتي بينڪ دنيا جي سٺ ملڪن ۾ 900 پراجيڪٽن لاءِ
890 ارب آمريڪي ڊالرن جي رقم سيڙائڻ جو اعلان ڪري
چڪي آهي. جنهن ۾ زنجيانگ کان تهران تائين 2000 هزار
ڪلوميٽرن جو تيز ترين ريلوي نيٽ ورڪ جو منصوبو پڻ شامل
آهي. اهڙيءَ ريت وڌندڙ پيداواري صلاحيت لاءِ نه صرف توانائي
جي ذريعن جي تڪڙي ۽ سستي رسد بيجنگ لاءِ ضروري آهي پر
تيار مال جي مختلف ملڪن جي منڊين ۾ آسان پهچ پڻ ضروري
آهي. ان حوالي سان پاڪستان سان معاهدو (سي پيڪ) تمام
گهڻو اهم آهي. چين کي گهربل تيل جو 60 سيڪڙو وچ اوڀر
منجهان ملندو آهي جنهن منجهان 80 سيڪڙو تيل ملاڪا
اسٽريٽ رستي کان چين ايندو آهي. اهو رستو چين لاءِ نه صرف
ڊگهو (9912 ميل) آهي پر مهانگو (روزانو 18 ملين ڊالر عيوض
6.3 ملين بيرل تيل) پڻ آهي. جيڪڏهن چين انهيءَ نئين
راهداريءَ (سي پيڪ) ذريعي 50 سيڪڙو تيل به گهرايو ته هو
ساليانو 2 ارب ڊالرن جي بچت ڪري ويندو. ٻيو اهو ته 3000
ڪلوميٽرن جو اهو ڪاريڊور پاڪستاني بلوچستان کان ٿيندو چين
جي "بلوچستان" (زنجيانگ) تائين رسندو، جيڪو اتان جو هڪ
وڏو ۽ اڻ اسريل علائقو آهي ۽ جيڪو شنگهائي کان ڪراچي
جي پيٽ ۾ ٻيڻ جي سفر تي آهي. ٻين لفظن ۾ هڪ ڏن وارو
ملڪ پنهنجي بلوچستان جي معاشي محروميءَ کي گهٽ ڪرڻ
جي قيمت هڪ ٻي ملڪ جي بلوچستان کي وڌيڪ مفلوج ڪري

حاصل ڪرڻ تو چاهي. گوادر تائين رسائي جي نتيجي ۾ چين کي صرف معاشي فائدا ڪونهن پر اسٽريٽجڪ فائدا پڻ گهٽا آهن. چين پاڪستان اندر 46 ارب ڊالرن جي سيڙپڪاري ڪري رهيو آهي جنهن ۾ 11 ارب ڊالر انفرا اسٽرڪچر جي تعمير ۾ ته 35 ارب ڊالر توانائي جي شعبي ۾ استعمال ٿيندا. ان انفرا اسٽرڪچر ۾ گوادر کي ڪاشغر سان روڊ، رستي، ريلوي ۾ فائبر آپٽڪ ذريعي جوڙڻ جو طئي ٿيو آهي جڏهن ته 15.5 ساڍا پندرنهن ارب ڊالر ڪوئلي، هوا، شمسي ۾ آبي توانائي جي پروجيڪٽ ۾ لڳندا. جنهن جي نتيجي ۾ چيو وڃي پيو ته 10400 ميگاواٽ بجلي پيدا ٿيندي ۾ توانائي جو بحران پنهنجي انت تي پڄندو۔ درحقيقت پاڪستان کي ڪُل گهربل بجلي 19000 ميگاواٽ آهي جڏهن ته پاڪستان ۾ توانائي جو بحران بجلي پيدا ڪندڙ صلاحيت (22000 ميگاواٽ) جي گهٽ هجڻ جي ڪري نه پر تيل جي اسٽاڪ جي کوٽ ۾ سرڪيولر قرض جي ڪري آهي جنهن لاءِ سي پيڪ وٽ ڪجهه به ڪونهي. پيو اهو ته سي پيڪ جي مد ۾ پاڪستان پاڻ کي به تمام گهٽي سيڙپڪاري ڪرڻي آهي. جيڪو پاڪستان وٽر قرض ڪٽي ڪندو. نتيجي طور غالب امڪان آهي ته اها چيني توڙي ڏيهي سيڙپڪاري پاڪستاني ڪمزور معيشيت ۾ بجيٽ تي وٽر بار بڻبي. بڌڻ ۾ اچي پيو ته هن پراجيڪٽ جي تحفظ تي ٿيندڙ خرچ عام ماڻهوءَ کان 10 سيڪڙو بجلي جي بل ۾ واڌ ذريعي حاصل ڪيو ويندو "اهو پراجيڪٽ ملڪ لاءِ ايسٽ انڊيا ڪمپني ثابت ٿي سگهي ٿو" ۾ "جيڪڏهن اسانکي ئي سمورو وزن برداشت ڪرڻو آهي ته اهو (پراجيڪٽ) نقصانڪار ٿي سگهي ٿو ۾ قومي ترقي بجاءِ قومي تباهي جو سبب بڻجي سگهي ٿو. چين کان ڪٽي ڪيڏو به قرض ڪڻجي پر لاهڻو ته پاڪستان جي عام عوام کي پوندو." اهڙن خدشن جو اظهار سينيٽ اسٽينڊنگ ڪاميٽي آن پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ جي چيئرمين سينٽر طاهر مشهدي ڪجهه مهينا پهرين سينيٽ اجلاس ۾ ڪيو. چاڪاڻ ته عالمي معاشي قوتون هجن يا ڪو هٽ دڪاندار، سرمايي جو بنيادي محرڪ مدد نه پر منافعو ئي هوندو آهي.

نظرياتي بنياد:

عوامي ۾ قومي سياست جي ڳالهه ڪندڙن جي سمورن

نه پر ڪجهه خـــاص حلقن جي خيـــال ۾ پـــاڪ چين اقتصـــادي راهداري هڪ زبردست قدم آهي. اهي دوست پنهنجي خيال جي منهه ڪي ڪجهه خاص سببن جي ٽــوٽڻ جو ٽيڪو ڏين ٿا جن ڪي پرکڻ ضروري آهي. منهنجي خيال ۾ سندن دليل پنهنجي مافيا ۾ ڪلاسيڪي به نه پر چسي ڪلاسيڪي مارڪسيت جو به اظهار نه آهن. مثـال طـور اهو ته سي پيڪ کي روڪي نه ٿو سـگهجي تنهنڪـــري ان کي عـــوام دوست بنـــائڻ لاءِ جدوجهد ڪجي. ان سـاڳي دليل کي پي جـوالي سـان رکجي ته ڳالهه ڪجهه هـيئن بيهنـدي "حڪمـرانن طرفـان شـروع ڪيل نجڪـاري (سـرڪاري ادارن جي خانگـــــاهڻ) جي عمل کي جـــــيئن ته روڪي نه ٿو سگهجي تنهنڪري انکي عوام دوست بنـائڻ لاءِ جدوجهد ڪجي." حقيقت اها آهي ته جدوجهد جو سوال ته پري پر هن وقت عـوام دوست ڌريون پنهنجو موقف اڳيان ڪرڻ ۾ به ڪمزور ثابت ٿيون آهن. اڇو ته سندن ڪجهه ٻين دليلن جو جائزو به وٺون.

سرمائيداراڻي سيڙپ سان پراڻو جاگيرادري سماج ڍهندو ۽ نوان پيداواري رشتا جڙندا:

هن ايڪيهين صديءَ جي ٻي ڏهاڪي ۾ به، اسانجي نام نهـاد پڙهيل لکيل حلقن ۾ به اِهو خيـال ٻکي ٻخــتي ٻـاڙ هنيل آهي ته اسـان وٽ جـاگيرداري نظـام موجـود آهي، سـرمائيداري نظـام مڪمل طــور تي آيو ڪــونهي يا غــالب نــاهي. اهو مغــالطو نه صرف سنڌ جي قومپرستن ۾ پر پـوري پاڪسـتان ۾، ايشـيائي ســـرمائيداري (تيمـــور رحمـــان) يا نيم ســـرمائيداري ۽ نيم جاگيرداريءَ جهڙا اصطلاح استعمال ڪندڙ ڪميونسٽن منجهه به موجود آهي. انجو اهم سبب مونکي اهو ٿو لڳي ته ڪـابي ڏر جي دانشورن پاڪستان يا سنڌ جي پسمنظر ۾ان سـوال تي ڪو وڌو ۽ واضع ڪم ڪيو ئي ڪونهي. نتيجي طـور جـاگيرداريءَ بـابت يا ان جي حق ۾ دليل گهٽ پر لفـــاظي وڌيڪ نظر اينـــدي آهي. سـماجي معاشي نظـامن بـابت، بس گـرن اصـطلاحن ۾ چسي مواد وارا ڪجهه تجزيا ۽ تحريرون موجود آهن. اڃا به پاڪستاني معيشيت ۽ نظام جي سمجهاڻي تي ڳاٽيٽي جوڳو ڪم جيڪڏهن ڪنهن جو آهي ته اهو ايس اڪـبر زيـدي جو آهي. خـاص ڪـري


سندس ڪتاب (Issues in Pakistan’s economy) جا پهريان باب ان ڏس ۾ گهٽي مدد ڪن ٿا. مان به سندس ئي خيالن کي توري گهٽي فرق سان پنهنجو ڪيان ٿو. بهرحال اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي موجود آهي ته اهڙي قسم جي گهڻ طرفي مواد جي کوٽ ۾ ڪابي ڏر جي ڪمزور اُسريل سياست ۾ علمي ثقافت سبب پاڪستان توڙي سنڌ ۾ جاگيرداريءَ جي هوند واري مفروضي کي عام سطح تي بنا ڪنهن مزاحمت جي قبول ڪيو ويو آهي. جيئن ته اڄ به اهڙا ملڪيتدار پرت موجود آهن جن وٽ لکين ايڪڙ زمين آهي تنهنڪري شايد سمجهيو ويندو آهي ته اسان وٽ جاگيرداري نظام آهي. ڪجهه ماڻهو ته زراعت ۾ جاگيرداريءَ کي هم معنيٰ ڪري ڏسندا آهن ۾ صنعتڪاريءَ کي ئي سرمائيداري جي واحد صورت سمجهندا آهن. جنهن ۾ صنعتي پرولتاريه کي پيدا ٿيٽو هوندو آهي ۾ جنهن کي سماج جي اشتراڪي ڪاياپلٽ ۾ هراول دستي جو ڪردار نڀائٽو هوندو آهي. ڪجهه جو خيال آهي ته جاگيرداري ذهنيت ياثقافتي قدرن جي موجودگي بذائي ٿي ته اجا به اسان وٽ جاگيرداراڻا پيداواري لاڳاپا موجود آهن جيڪي سماجي اوسر جي راهه ۾ رڪاوٽ آهن. بهرحال پاڻ ان سوال کي مارڪسي نقطه نگاهه کان ڏسڻ جي ڪوشش ڪنداسين. پر ان کان پهرين اهو به ڏسنداسين ته ڇا اهي خيال ته اسان وٽ جاگيرداري آهي صرف هڪ فڪري مغالطو آهي يا ان سمجهه سبب خاص سياسي نتيجا به حاصل ٿين ٿا جيڪي وري ان ٿيسز کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿا. جيڪڏهن ان ٿيسز کي درست سمجهجي ته اسانوٽ سرمائيداريءَ جي اسرڻ ۾ جاگيرداريءَ جي دهڻ جو عمل اجا جاري آهي ته پوءِ سرمائيداريءَ نظام کي جاگيرداري جي پيٽ ۾ ترقي پسند نظام سمجهڻ ۾ هر سرمائيداراڻي تبديليءَ جي حمايت ڪرڻ هڪ درست حڪمتِ عملي ٿي پئي ٿي. ٻين لفظن ۾ اهڙي سمجهه جو لازمي نتيجو ڊولپمينٽ جي نالي ۾ ٿيندڙ سموري تبديليءَ کي پنهنجو ڪرڻ هوندو آهي. سي پيڪ، بحريه فائونڊيشن ۾ ذوالفقار آباد جهڙيون رٿائن کي ترقي سان پيٽڻ جون پاڙون اهڙي سمجهه منجهه ڪتل آهن. متين ٿيسز جي روشنيءَ ۾ اسان وٽ ڪجهه قومپرست دانشورن (جهڙوڪ خاڪي جويو) ايم ڪيو ايم جهڙي تنظيم جي ماضيءَ ۾ نه

صرف حمايت ڪئي پر انکي جاگيرادر مخالف، شهري ۾ ترقي
پسند ثابت ڪرڻ لاءِ ڪتابچا به لکيا. ساڳي دليل کي اڳيان ڪري
ويجهي ماضيءَ ۾ ڪجهه بين سياسي دانشورن پي پي جي پيٽ
۾ ن ليگ جي حمايت ڪئي هئي. پر مشرف ڪانپوءِ پي پي ۾ هاڻ
ن ليگ جي حڪومت اهو ثابت ڪري ڇڏيو ته عالمي ماليـاتي
سرمائي جي خدمت ۾ سويلين بورجوازي جون سموريون
شڪليون (ن ليگ، پي پي، پي ٽي آءِ، جماعت اسلامي) پنهنجي
لٺ سردارعسڪري بورجوازي جي قيادت ۾ هڪ آهن. جڏهن ته
آءُ پاڻ کي انهن ڪجهه ڪميونسٽن ۾ شمار ڪيان ٿو جن جو
مڃڻ آهي ته اسان وٽ سرمائيداري ئي موجود آهي پر
جيڪڏهن اها اولهه جهڙي جمهوريت پسند ۾ سيڪيولر هئڻ جو
ڏيک نه ٿي ڏي ته ان جو سبب سرمائيداريءَ جي اٽ اسريل هئڻ
۾ نه پر سامراجي دور ۾ سرمائيداري جي ٽين دنيا ۾ بدليل
صورت آهي. جنهن کي سمجهڻ، پرکڻ تمام گهڻو ضروري آهي
جي نه ته اسان اهي ساڳيون سياسي غلطيون ڪنداسين
جنهنجو ذڪر پاڻ مٿي ڪري آيا آهيون. پر اسان وٽ
سرمائيداري نظام جي بيهڪ تي مفصل ڳالهه ڪرڻ هن
مضمون جو موضوع ڪونهي تنهنڪري مختصر عرض ڪندي
صرف اهو چئي سگهجي ٿو ته اڄ اسانجي سماج جو شايد ئي
ڪو پاسو هجي جنهن مٿان سرمائي يا منديءَ جي ڇاپ نه
هجي. مارڪيٽ تائين رسائي جي جديد ذريعن ڪانوڻي ٽيلي
ڪميونيڪيشن جي عام واهپي تائين، سموري زرعي پيداوار ۾
جديد مشينري، ڀاڻ، ٻج يا دوائن جي عام استعمال ڪانوڻي، هاري
جي جڳهه تي ڪيت مزدور ۾ جاگيردار جي جڳهه تي زرعي
سرمائيدار جي ايرڻ تائين سمورو پيداوري عمل، بنيادي تبديلين
منجهان گذريو آهي. پيو ته ڇڏيو پر نند مان اٿڻ ڪانپوءِ پهرين
ڪلاڪ ۾ صابڻ، شيمپو جي ساشن، ٽوٿ برش، پيسٽ،
چانهه ۾ بسڪوٽن سميت اسان عالمي گهڻ قومي ڪمپنين جي
الائجي ڪيترين ئي جنسن کي روز عام استعمال ۾ آڻيندا آهيون.
ڇا اسان لکين ايڪڙن جي پيداوار جي مالڪن جهڙوڪ عسڪري
ادارن يا ڪارپوريٽ فارمن جي مينجرن کي به جاگيردار
سڏينداسين؟ زراعت صرف جاگيرداراڻي دور جو اهڃاڻ نه پر
هر دور جي ضرورت آهي. سوال پيداوار ۾ ان سان لاڳاپيل

پيداواري رشتن جي تبديلي جو آهي. سرمائيداري ۽ جاگيرداري نظام منجهه بنيادي فرق ئي اهو آهي ته محدود سطح جي ضرورت آهر پيداوار جي جڳهه، وڏي پيماني تي وڪري لاءِ جنسن جي پيداوار وٺي. زمين سان جڙيل هاريءَ جي جاءِ پورهيي جي سگهه وڪڻندڙ کيت مزدور وٺي ۽ پراڻي خانداني هنر جي جاءِ جديد صنعتي هنر وٺي. ڇا اسان وٽ پيشي سان سلهاڙيل ذاتيون، جهڙوڪ کنير، لوهر، ملاح، ڏکڻ ۽ کوري وغيره هاڻ پيشي کان آجيون صرف ذاتيون نه بچيون آهن؟ درحقيقت اسانوٽ جاگيرادري سماجي معاشي معنيٰ نه پر هن رياست جي مهرباني سان سياسي معنيٰ ۾ موجود آهي. جنهنجو ڪم جبر، ڏاڍ ۽ عوام جي محڪومي کي هيٺين سطح تائين يقيني بنائڻ آهي ته جيئن نيو لبرل پاليسين جو اطلاق آرام سان ٿي وڃي. اسانوٽ اهو به غلط تصور آهي ته اسانوٽ صنعت ڪونهي. جنهن تي ڪنهن ٻي مضمون ۾ ڳالهه ڪبي. هتي هاڻ سي پيڪ جي حوالي سان هڪ ٻئي دليل تي نظر وجهجي ٿي.

آمريڪا سي پيڪ معاهدي تي خوش ڪونهي ۾ برڪس

يا چين آمريڪي سامراج مخالف آهي يا انجو متبادل آهي:



سڀ کان ڀهرين ڳالهه ته آمريڪي مخالف هئڻ هڪ ڳالهه ۽ آمريڪي سامراج مخالف هئڻ ٻي ڳالهه آهي. ايران به آمريڪي مخالف آهي پر ايران آمريڪي سامراج مخالف ڪونهي ڇو ته ٻئي ساڳي نظام (سرمائيداريءَ) سان سلهاڙيل رياستون آهن. ساڳي ڳالهه چين تي به صادق اچي ٿي (ان ڏس ۾ پڙهو منهنجو مضمون چيني سوشلزم جو سچ). تنهنڪري چئي


سگهجي ٿو چيني ڪيمپ يا برڪس (BRICS) دنيا مٿان اولهه يا آمريڪي هڪ هٽي جي مخالفت پلي ڪري پر انجو متبادل ناهي. عام تصور اهو آهي ته صنعتي ضرورتن جي پوراءُ لاءَ توانائي جي ذريعن جي ضرورت، معدني وسيلن جي ڳولها ۽ بين ملڪن ۾ مارڪيٽ ۾ تيار ٿيل جنسن جي کپت جي حوالي سان سرمائيداري ڪيمپ اندر ڇڪتاڻ هن نظام جي هڪ بنيادي خاصيت آهي ۽ پنهنجي اوسر ۾ اهو تضاد مهاڀاري جنگين جو سبب به بڻجندو آهي. جڏهن سانَ وڙهندا آهن ته لتاڙيا پوءِ به ٻوٽا آهن. پهرين اها ڇڪتاڻ آفريڪا ۾ هئي جتي وسيلن جي ڳولها ۽ حاصلات جي ڇتا ڀيٽي ۾ آمريڪي ۽ چيني رياستون سڀ کان اڳيان هيون. پر هاڻ اهو خطو ڏکڻ ايشيا آهي. جڏهن ته سچ صرف ڇڪتاڻ نه پرعالمي سرمائيدار قوتن جو پاڻ ۾ اُهو ٺاهه به آهي جنهن سبب هي نظام پنهنجي پوري تباهي ۽ انارڪي باوجود به قائم آهي. هن ٿلهه ٻڌڻ جو مقصد اهو هو ته پاڪستان اندر چين ۽ آمريڪا جي اوليتن کي سمجهي سگهجي. غالب خيال اهو آهي ته پاڪستان جو چين طرف تمام گهڻو جهڪاءُ پينٽاگان جي حق ۾ ڪونهي. انهيءَ ڪري پاڪستان اندر چيني سيڙپڪاريءَ لاءِ در کولڻ کي پاڪستاني پرڏيهي پاليسيءَ جي هڪ وڏي اسٽريٽجڪ تبديليءَ قرار ڏنو پيو وڃي. جڏهن ته منهنجوخيال آهي ته پاڪستاني اختيارن لاءِ ايڏي وڏي تبديليءَ آمريڪي آشيرواد بنا ممڪن ئي نه هئي. سرد جنگ جي خاتمي ڪانپوءِ توڙي جو آمريڪا لاءِ هندستان پاڪستان جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ اهم ملڪ بڻجي پيو آهي. پر پوءِ به هو پاڪستان کي اڪيلو ڪونه ڇڏيندو. جيڪو اڄ به ڏکڻ ايشيا ۾ سندس اهم اتحادي آهي جتي اڄ به آمريڪا جا چار فوجي اڏا (جيڪب آباد، پسني، دالبدين ۽ شمسي) اڃا موجود آهن. ياد رهي ته هن ملڪ کي جيڪڏهن آئي ايم ايف قرض ڏيڻ کان نابري واري ته جيڪر ملڪ جو گاڏو گهلجڻ بند ٿي وڃي. هاڻي ته خير چين ۽ آمريڪا پاڻ هڪٻئي جا ويجها مهندار آهن پر سٺ جي ڀوئين ۾ ستر جي ڏهاڪي ۾ (جڏهن آمريڪا ۽ چين ۾ سوويت دشمني ڪانسواءِ ٻيو ڪو وڏو رشتو ڪونه هو تڏهن) به پاڪستان ٻنهي ملڪن جو هڪ ئي وقت منظورِ نظر هو. اڄ جيڪڏهن سي پيڪ جي صورت ۾ چين جي هوند ۾ اثر پهرين کان وڌيو آهي ته ان جو مطلب اهو آهي

ته چين جي ڪـــردار ڪي اتي وڌڻ ويجهڻ ڏنو ويو آهي. عـــالمي قوتن وچ اوير ۾ تيل تي حڪمـراني جي جنگ ۾ جيڪا باهه بـاري آهي تنهنجو تئو سندن بجيت تي ياري پئجي رهيو آهي. تنهنڪــري ڏکڻ ايشيا ۾ انتشـار ڪنهنجي په حق ۾ ڪـونهي. پاڪسـتان جي حـوالي سـان تـازو وال اسـٽريٽ جـنرل جي هڪ مضـمون ۾ آمـريڪي اسـٽيٽ ڊپـارٽمينٽ طرفـان واضح ڪيل هو ته ”هڪ پُـرامن، مسـتحڪم ۽ خوشـحال پاڪسـتان آمريڪا ۽ چين جي گڏيل مفاد وٽان آهي.“ اهڙيءَ ريت دنيا جون سڀ کان وڏيون به معاشي طـاقتون هڪٻـئي جـون متضـاد قوتـون هئڻ سـان گڏ هڪٻـئي جـون سـاٿاري قـوتن طـور بڻ ظـاهر ٿي رهيـون آهن. جنهن ۾ آمريڪا پنهنجي ۾ پنهنجي اثر هيٺ ملڪن ۾ چيـــــــني جنسن جي لاءِ مــارڪيٽ ڪـولي ٿو ۾ چين آمريڪا جي ٽريــزري بانڊز جو وڏو خريدار بڻجي هڪ قرضي معيشت کي تحفظ ڏيـئي ٿو. پنهي جا مفـاد هن بحـرانن ورتل نيولـبرل معيشت جي سـاهه کڻڻ سان پورا ٿين ٿا. تنهنڪــري دڪانـداريءَ ۾ چٽا پيـتي پنهنجي جـاءِ تي پر ڏنـڏي ۾ ڏنـذوڙي معيشت تي ڪو اختلاف ڪــونهي. آمريڪا ڪانپوءِ سڀ کان گهٽيون گهڻ قومي ڪمپنيون چين جـون آهن. هلنڊڙ سـال يعـني 2016ع جي رينڪنگ مطـابق دنيا جـون سڀ کان وڏيون، امير ۾ طـاقتور ڪاريوريشـنون جيڪي دنيا جي وسيلن ۾ دولت جي حرڪت تي ظابطو رکن ٿيون، منجهه شامل 128 آمـريڪي گهڻ قـومي ڪمپـنين جي پيٽ ۾ 106 ڪمپـنيون چين جـون آهن. جيڪـڏهن دنيا جي سڀ کـان وڏي ڪاريوريشن آمريڪي وال مارٽ اسٽورز آهي (جنهنجو ريونيو سال 2014ع ۾ 485.6 ارب آمريڪي ڊالر هيو) ته ساڳي سـال ۾ 446.81 ارب آمـريڪي ڊالر جي ڪمـائي سـان بي وڏي ڪاريوريشن چين جي سـائنوپيڪ آهي جنهن رائل ڊچ شـيل کي پوئـتي ڪـري اها جڳهه حاصل ڪئي. تازو پـوئين مهيـني 13هين ۾ 14هين آڪتـوبر تي گوا اندر هڪ عـالمي ڪـانفرنس تي گـذري جنهن ۾ زنـدگي جي مختلف شعبن ۾ عوامي مـزاحمت سـان سـلهاڙيل، ڏيهه تـوڙي پرڏيهه جي 500 نمائندن شرڪت ڪئي. جنهن ۾ اها ڳالهه اڳيان آندي وئي ته برڪس BRICS جي نيو ڊولپمينٽ بينڪ، ورلڊ بينڪ سـان هڪ ٿي ڪم ڪــري ٿي ۾ انجي سـرماياڪاريءَ ۾ آئي ايم ايف به پنهنجو حصو وجهي ٿي. بيو اهو ته چين پــــــاران جوڙيل

ايشين انفراسٽرڪچر اينڊ انويسٽمينٽ بيئنڪ (AIIB) ٻڻ ڪارپوريٽ مفادن کي اوليت ڏي ٿي. هن بينڪ کي ڪجهه پرمتڙيا ورلڊ بينڪ ۾ آئي ايم ايف جي متبادل طور ڏسن ٿا پر مختصر جائزو هن ڏند ڪٿا جي پٽ وائکي ڪري ڇڏي ٿو. انڊونيشيا ان ڏس ۾ بهترين مثال آهي جتي ، AIIB ، ايشين ڊولپمينٽ بيئنڪ ۾ يورپين بيئنڪ آف رڪنسٽرڪشن اينڊ ڊيولپمينٽ(EBRD) سان ملي ڪري سيڙپڪاري ڪئي آهي. ياد رهي ته ان بينڪ ۾ سڀ کان وڌي سيڙپڪاري آمريڪا جي هوندي آهي. هن وقت AIIB بينڪ جا ڪينيڊا، آسٽريليا، فرانس، جرمني ۾ اٽلي سميت 57 ملڪ ميمبر آهن. صرف جپان ۾ آمريڪا اجا تائين ان دائري کان ٻاهر آهن. ٽوٽي جو اوباما حڪومت AIIB جو باضابطا حصو نه ٿي ۾ ڪنهن قدر شروع ۾ انجي اثر رسوخ کي محدود ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي پر تازو چونڊجي آيل نئون صدر ڊونالڊ ٽرمپ جي ٽيم وٽان اهڙا اشارا مليا آهن ته اها سڌي ريت ان بينڪ جو حصو بڻجندي. ان بنياد تي ئي هلنڊڙ سال 15هين نومبر تي چين جي پرڏيهي امور جي منسٽري جي ترجمان گينگ شوانگ چيو آهي ته “اهو خراب نه هوندو جيڪڏهن دنيا جي سڀ کان وڏي معيشت، يونائيٽيڊ اسٽيٽس AIIB جو حصو بڻجي ٿي.” اها آهي جديد نيولبرل معيشت ۾ انجي تضادن جي حقيقت جنهن ۾ پنهنجي طرفان هوا پري اسان جا ڪجهه همعصر خوش ٿي رهيا آهن ۾ چين کي آمريڪا جي متبادل جي حيثيت ۾ ڏسي رهيا آهن. دراصل تضاد موجود معاشي نظام ۾ حصي پتي تي آهي نه کي نظام جي فطرت تي. جيئن شيخ اياز لکيو هو ته پورهيت لئه پرديس به ساڳيو ديس به ساڳيو تيئن سرمائي لاءِ به ساڳي ڳالهه حقيقت آهي. (پرديس به ساڳيو ديس به ساڳيو) ڪجهه ڏينهن بهرين سوشل ميڊيا تي هڪ تصوير نظر منجهان گذري جنهن چگّيءَ ريت هاڻوڪي دور جي قومي رياستن ۾ عالمي معاشي نظام جي ضرورتن جي عڪاسي ڪئي ٿيَ. تصوير ۾ هڪ ٽوپي ڏيکاريل هئي جنهن تي لکيل هو lets make America more stronger (اچو ته آمريڪا کي اجا مظبوطه ڪريون) پر ساڳي ٽوپي جي پوئين اندرئين پاسي کان هڪ ننڍي چٽ پڻ لڳل هئي جنهن تي لکيل هو ميڊ ان چائنا. جيڪڏهن واقعي به برعڪس

(برازيل، رشيا، انڊيا، چائنا ۽ ڏکڻ آفريڪا) اولهه مخالف آهي ته ڀوءِ جا سبب آهي ته انڊيا چين جي پيٺ ۾ آمريڪا جي وڏيڪ ويجهو آهي. ساڳو سوال چين جي حوالي سان به پڇي سگهجي ٿو. جيڪو پاڻ دنيا جي ٻي وڏي معيشت هوندي به اجا تائين اولهه کان معاشي مدد وٺي ٿو. تازو 14هين نومبر تي ريشين ٽيليوزن، انڊيپنڊنٽ ڪميشن فار ايڊ امپيڪٽ (ICAI) پاران ظاهر ڪيل هڪ خبر بريڪ ڪئي ته برطانيا سڌي ريت 2011ع تائين ڀوءِ ڳجهه ڳوهه ۾ اڄ تائين ڪجهه ارڙهن پراجيڪٽن لاءِ ساليانو هڪ ڪروڙ پائونڊ جي چين کي مدد ڪندو پيو اچي.

سي پيڪ اسانوت ترقي ۾ روزگار جا نوان موقعا کٽي ايندو:



اسانوت چيني سيڙپڪاري جي مقصدن ۾ سياڻ جي امڪاني نتيجن کي سمجهڻ کو گهٽو ڏکيو ڪم ڪونهي. آفريڪا کي ان ڏس ۾ اڳيان ڪري سگهجي ٿو. جتي چين هتي جيان انفراسٽرڪچر جوڙي پيو، توانائي جي ذريعن ۾ سيڙپڪاري ڪري پيو ۽ اتان جي سماجن کي صحت ۾ تعليم جي مد ۾ مدد به ڏئي پيو. مثال طور چين پاران ڪينيا ٽيليڪام جي ٽيڪنڪل مدد به تئي پئي ۽ ايٿوپيا ۾ گهٽ منافعي تي تعميراتي ڪم ٿيا آهن پر آخري نتيجن ۾ وري به چيني حڪمران طبقن جا ڪارپوريٽ مقصد ئي آهن جيڪي اُتي چين جي هوند کي سمجهائين ٿا. زيمبيا ۾ زمبابوي ۾ چين زمينون خريد ڪري انهن ملڪن کي کاڌ خوراڪ وڪٽي ٿو. زيمبيا جي چينين جي انتظام هيٺ ڪالم ڪاٽين ۾ پورهيتن کي هڪ ڏينهن جي به موڪل ڪونهي. سوڊان جو سٺ سيڪڙو تيل چين ڏانهن وڃي ٿو ۾ موٽ ۾ چين اتي بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ ڊيم ۾ تيل ريفائري قائم ڪئي آهي. چين سوڊاني حڪومت کي هٿيار ۾ جهاز به وڪيا. نه صرف ايترو پر دارفور بحران تي سوڊان مٿان عالمي ڏوهن جي عدالت واري مامري کي چين ويٽو ڪري سوڊان کي مدد پڻ فراهم ڪئي. (جيئن مسعود اظهر واري مامري تي پاڪستان جو پهر وهيو ويو) اهڙيءَ ريت چيني مفادن جي تحفظ جي موٽ ۾

جيڪڏهن چار مامرن ڪان اڪ پوتي وئي يا آمريتن جي پٽ پرائي ڪئي وئي ته خير آ. چيني سستي شين جي رسد خاص طور تي ڪپڙو، آفريڪا جي ڏيهي ٽيڪسٽائيل جي شعبي کي تباهه ڪري رکيو آهي. ليساٿو ۾ ڏهه ڪان وڌيڪ فيڪٽريون بند ٿيون ۾ ڏهه هزار ڪان وڌيڪ ماڻهو پيداواري عمل ڪان ٻاهر ٿيا. ڏکڻ آفريڪا ۾ ڪپجندڙ 100 شرٽن منجهان 80 چين جون آهن. ڏکڻ آفريڪا جي ٽيڪسٽائيل شعبي جو ايڪسپورٽ گراف اڃا وڌيڪ ڪريو آهي ۾ 30 هزار ماڻهو بيروزگار ٿيا. نائيجريا جي ٽيڪسٽائيل پورهيتن جي يونين جي انگ اکرن مطابق پڇين پنج سالن ۾ چيني امپورٽ سبب سادا ٽي لک سڌي ريت ۾ پندرنهن لک اڻسڌي ريت ماڻهو بيروزگار ٿيا آهن. (ياد رهي اهي انگ اکر اٺ سال پراڻا آهن.) آفريڪا جو ته مامرو ائين ئي بيهڻو هو پر چيني پيداوار اولهه کي به منجهائي رکيو آهي. تازو يورپين ڪميشن جي صدر جين ڪلاڊ جُنڪچر (Jean-Claude Juncker) چيو آهي ته ”چين کي پنهنجي واڌو صنعتي پيداواري سگهه کي ڏسڻ گهرجي. اهو قابلِ قبول ڪونهي. يورپ جي اسٽيل صنعت پوئين عرصي ۾ ڪافي نوڪريون وڃايون آهن“.

هُن وڌيڪ چيو ته ”واڌو پيداواري صلاحيت هڪ عالمي مسئلو آهي پر ان ۾ چيني عنصر خاص آهي.“ جڏهن سگهاريون رياستون ۾ معشيتون آزاد واپار جي عالمي قانونن ۾ پاڻ ڦاسي پنهنجي گهرو صنعت کي سنڀالڻ ۾ ڏکيون ٿيون هجن ته پوءِ چيني پيداوار کي اسانجي پٽڪڙي ۾ ڪمزور صنعت ڪيئن منهن ڏئي سگهندي انجو جواب حڪمران شايد ڏيڻ ئي نه چاهيندا.

سنڌ جو وڏو وزير فخر سان ٻڌائي ٿو ته ڌابيجي ۾ فري اڪانامڪ زون ٺهندو. پر اسان کي فخر ڪرڻ کان پهرين چين ۾ موجود اهڙن زونن ۾ پورهيتن جي حالت کي جانچڻ ضرور گهرجي. فري اڪانامڪ زون جو مطلب ئي سرمائيدارن کي ٻنا ڪنهن پورهيت دوست قانوني رڪاوٽ جي ڦرلٽ جي آزادي آهي ٻيو ڪجهه نه. اهڙي آزادي ۾ اهڙي روزگار ۾ ته پاڻ پهرين کان پاڻ پرا هياسين، ان لاءِ ايتري محنت جي ضرورت ڪهڙي هئي. بهرحال هڪ نه ٻي حوالي سان آمريڪي يا چيني سيڙپڪاري منجهه فرق ضرور هوندا پر سرمايي ۾ پورهيي جي تضاد ۾ سرمايو سرمايي جي پاسي ئي بيهندو نه کي پورهئي


جي. چيني سيٽريڪاري پڻ نيو لبرل عالمگيريت جو هڪ مظهر آهي اهي ئي نتيجا پيدا ڪرڻ جي مجاز آهي. جيڪا اڳ ٿيل سيٽريڪاري ڪري رهي آهي.

ماحولياتي بنياد:

اها ترقي به اولهه جي سرمائيداراڻي ترقي جهڙي آهي جنهن جي آخري قيمت ڪمزور رياستون قومون پنهنجي وسيلن سان ڏينديون موت ڪين بک بدحالي ماحولياتي تباهي پلئه پونديون. چين بهترين ئي انهي رستي تي هلندي ماحولياتي گدلاڻ پوري دنيا بهترين پوزيشن اڳ ئي ماڻي چڪو آهي. اولهه جون ڪمپنيون پڻ ماحولياتي سوال پيدا ڪرڻ اڳيان اڳيان رهيون آهن. 2006ع شيل ڪمپني نائيجريا ملڪ جي ڊيلٽا کي گدلو ڪرڻ جي ڏوهه ڏيڍ ارب آمريڪي ڊالر ڏنڊ ڀريا. سي پيڪ جي ماحولياتي اثرن بابت بلوچستان گلگت بلتستان بهترين ڪان ئي دانهون ڪري رهيا آهن پر گهٽ اسان سان به ڪانه پئي ٿئي. تر ڪول پراجيڪٽ پڻ سي پيڪ منصوبي جو هڪ ننڍو جُز آهي. سڀ کو ڄاڻي ٿو ته ماحولياتي گدلاڻ جي اهم سببن منجهان هڪ سبب ڪاربان جو اخراج آهي جيترواهو اخراج ڪوئلي جي استعمال سان ٿئي ٿو اوترو وري ڪنهن بي توانائي جي ذريعي سان نه ٿو ٿئي. چين جي اسٽيٽ ڪائونسل تر ڪوئلي جي کوٽائي ان ڪوئلي ذريعي هلندڙ هڪ بجلي گهر جي لاءِ سوا ارب آمريڪي ڊالر جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. بين سيٽريڪارن سنڌ حڪومت (54.7 سيڪڙو)، اينگرو اينڊ ٽل لميٽيڊ (12 سيڪڙو) حبيب بيئنڪ لميٽيڊ (10 سيڪڙو) اهم آهن. ماحول کان علاوه اهو پراجيڪٽ تر جي عوام سان سڌي ريت ڇا ڪندو ان لاءِ اتان جو ئي هڪ سياسي اڳواڻ وسند تري لکي ٿو ته "تر جو ڪوئلو، تر جي ڪل ايراضي 22 هزار اسڪوائر ڪلوميٽر مان 9 هزار هڪ سئو اسڪوائر ڪلوميٽر تي مشتمل آهي. وقت بوقت 9 هزار هڪ سئو اسڪوائر ڪلوميٽر جي کوٽائي سبب اڌ تر کان مٽي زمين کوٽڻي پوندي پوءِ کوٽائي دوران انهن بلاڪن جي ڪوئلي مٿان ڪاري ٻاٽيءَ کي خارج ڪري، ٻئي پاسي جمع ڪرڻ لاءِ ڪوئلي جي بلاڪن جيترا ته ڊيم به ٺهندا. اهي سئي ڪاري ٻاٽي جا ڊيم، ڪوئلي جي ڪل ايراضي کان باقي بچيل وسندڙ

آبادي واري ايراضي ۾ ٿاهيا ويا ته پوءِ ٿر جي هن وقت جي 16 لک آبادي۽ جي ايندڙ نسلن جي مستقبل جو ڇا ٿيندو؟ بدقسمتي جي ڳالهه ته هن حد تائين آهي ته ڪول ايريا جي متاثرن لاءِ ڪنهن به قسم جي قانوني ضمانت ڏيڻ ته پري جي ڳالهه آهي پر انهي اهم پهلو تي سنڌ سرڪار يا ڪمپنين سوچڻ جي زحمت به نه ڪئي آهي"

ترقي، ڪهڙي قيمت تي ۽ ڪنهن جي لاءِ:



ڇا هڪ طبقاتي سماج ۾ ترقي غير طبقاتي ٿي سگهي ٿي؟ ڇا هڪ گهڻ قومي سرمائيدار رياست اندر هموار ترقي ممڪن آهي؟ مارڪسسٽن وٽ سامراجيت ۽ طبقاتي نظام سان سلهاڙيل ناهموار ترقي جو تصور تمام گهٽو پراڻو آهي پر پوءِ به سي پيڪ بابت ڳالهائيندي اڪثر مارڪسسٽ لبرل معاشي ماهرن جيان ترقي جي تصور کي نوس سياسي معاشي ماهرن کان ڪٽي تجريدي انداز ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. ترقي، اوسر ۽ واڌ کي اهڙي ريت ڏسڻ لاءِ عرض اهو آهي ته ڪينسر جهڙي بيماري جي تعريف هڪ دفعو پنهنجي ذهن ۾ ضرور ورجائين جنهن کي سادي لفظن ۾ جسماني عضوون يا ڪنهن حصي (ٽشوز) جي غير صحتمند واڌ سان پيش ڪيو ويندو آهي. تنهنڪري ضروري ناهي ته هر واڌ صحتمند به هجي يا هر ترقي عوامي به هجي. فطرت ۽ عوام تي پوندڙ اثرن کان بي نياز ترقيءَ جو تصور سرمائيداراڻو آهي. جنهنجو بهترين اظهار چيني عوامي انقلاب ۾ ترميم پسنديءَ جي باني ڊينگ زيپانگ جي لفظن ۾ ٿيو هو ته "جيستائين ٻلي ڪوئو پڪڙي سگهي ٿي تيستائين ٻليءَ جي اڇي يا ڪاري هئڻ وارو سوال بي معنيٰ آهي. بين لفظن ۾ مقصد (end) ذريعن يا وسيلن (means) کان الڳ ۽ اهم آهي. ترقيءَ جي ان سرمائيدارٽي اصول پوري دنيا کي اڄ ماحولياتي تباهي جي مُنهن ۾ وڌو آهي. مارڪس به ترقيءَ جي سوالن کي ڪافي جاين تي تنقيدي انداز ۾ ڏٺو جنهن ۾ هندستاني سماج ۾ سامراجي مداخلت جي اثرن کي بي دور بي طرح سمجهڻ ۾

پيو 1870ع ڌاري روسي ڪميونز جي جائزو اهم آهن. پر پاڻ هتي ان جي تفصيل ۾ نه وينداسين. واپس ترقي جي سوال تي ايندي جيڪا ڳالهه وڏيڪ کُٽڪي ٿي سا اها ته اسان وٽ ترقي جو عام تصور انسانن جي بهتر زندگي ۾ اسريل رشتن بجاءِ، وڏن روڊن ۽ ڏگهين عمارتن وارو آهي. حڪمرانن پاران سي پيڪ بابت مقامي ماڻهن کي ڏيکاريل ترقيءَ جي خواب جي حوالي سان خضدار جي هڪ مقامي صحافي واحد شاهواني جو چوڻ آهي ته " توهان انهن ماڻهن کي اچ ڪان ويهه سال پوءِ مرسڊيز ڪارون ڏيڻ جو واعدو ڪيو ٿا، جن کي اڄ پيئڻ جو پاڻي ۾ ڪاڏو گهرجي. اهو هڪ غريب سان ڪريل مذاق آهي."

مقامي آبادي ۾ بلوچ عوام جا خدشا:

مارڪس سرمايي ۾ پورهيي جي تضاد کي سرمائيداريءَ جي بنيادي تضاد طور ڏٺو. اڄ اهو مالياتي سرمايو ٿين دنيا جي پڇ لتڪائو حڪومتن وسيلي اتان جي وسيلن، زمينن کي ڳڙڪائڻ لاءِ آتو آهي. پاڪستان ۾ سڀ کان گهٽي پاهرين سيڙپڪاري ريئل اسٽيٽ جي شعبي ۾ ٿي رهي آهي جيڪا ڌرتي ڌڻين کي ننڌڪو ڪري رهي آهي. ڊي ايڇ اي، بحريه ، ذوالفقارآباد ، ڪارپوريٽ فارمنگ سڀ ان جون مختلف صورتون آهن. پنهنجي مقامي اثرن ۾ ان شئي جو فرق نه پوڻ برابر آهي ته سرمايو آمريڪي آهي يا چيني يا وري گهڻ قومي ڪارپوريشنس جو. هر چمڪندڙ شئي سون ناهي هوندي پر جي اها سون ثابت ٿي پئي ته اهو ڏسڻ به ضروري هوندو آهي ته ڪن ته ڪونه چنيندو. پر هتي سون ميڙڻ لاءِ هٿ پاڪستاني حڪمرانن جا آهن ۽ ڪن بلوچ عوام جا. گوادر فائيو اسٽار هوٽل هڪ مقامي رهائشي لاءِ ڪهڙي ريت ترقي جي علامت ٿي سگهن ٿا جڏهن انهي ترقيءَ سبب ڪيس پنهنجو تر ڇڏي دربدر ٿيڻو پوي يا پنهنجي ئي ڌرتي تي اقليت ۾ تبديل ٿيڻو پئي. گوادر ڊولپمينٽ اٿارٽي جي هڪ آفيسر بقول ته جيڪڏهن منصوبي تي چڱيءَ ريت عملدرآمد ٿيو ته مقامي اسي هزار آباديءَ کي ايندڙ 20 سالن ۾ 20 هزار چينين سميت 20 لک نون پاڙيوارن کي پليڪار چوڻو پوندو. جهڙي ريت ريڊ انڊينز جي نسل ڪشي ڪري اڄ آمريڪي ترقي جو راڳ ڳائجي پيو ساڳي ڪرت بلوچستان سان ٿي رهي آهي جتي چيني سرمايو اڳ ئي ريڪوڊڪ ۽ سينڊڪ جي

صورت ۾ اتان جي معدني وسيلن جي ڦُرلٽ ۾ مصروف آهي. هاڻي زبردستي مڙهيل سي پيڪ جي صورت ۾ ترقي اتان جي عوام لاءِ وڌيڪ تباهي آڻي رهي آهي. بدقسمتي ۾ اچي پيو ته سي پيڪ جي روٽ جي ٻنهي پاسن سان 50 کان 100 ڪلوميٽرن تائين هزارين سالن جي آبادين کي دربدر ڪيو ويو آهي. سنڌين ڳوٺ بلڊوز ڪيا ويا آهن. ڪٿي ڪٿي رپوٽنگ کان طلاقيل قتل وغارت ڪئي وئي آهي. پهرين ڏينهن کان غاصب حڪمرانن جو هڪ ئي اصول رهيو آهي بنگالي نه پر بنگال گهرجي. هاڻي به ڪين بلوچ نه پر بلوچستان ٿو گهرجي. هيل به مقامي امڪاني مزاحمت کان عالمي سرمائي ۾ سيڙپڪاريءَ جي تحفظ جو ٺيڪو عسڪري ادارن ڪنيو آهي. پاڪستاني فوج، پيرا ملٽري فورسز جي نَون (9) ٽالين سان گڏ هڪ پوري ڊويزن ان ڪاريڊور جي تحفظ لاءِ مختص ڪئي آهي. جاهل سنڌي، بلوچ ۽ پشتونن کي ڪهڙي خبر ته ترقي ڪهڙي بلا جو نالو آهي؟ بدقسمتي ۾ اچي پيو ته ڪو ابتو سبتو نظم لکندڙ شاعر، ڪا جذي سڏي تقرير ڪندڙ سماجي سياسي ڪارڪن ۾ ڪا اونڌي سونڌي خبر ناهيندڙ بلوچ صحافي لاءِ چين پنهنجا دروازا کولي ڇڏيا آهن ته جيئن ڪين سي پيڪ جا فائدا سمجهائي سگهي. جهڙي ريت توهان چاهيو نه چاهيو پر آمريڪا اوهان مٿان (پلي بمن جي صورت ۾) پر ”جمهوريت“ لازمي طور هيٺ لاهيندو. ساڳي ريت اوهان پلي پنهنجي تر ۾ سولا وينا هجو پر چين توهان مٿان ترقي ضرور مڙهيندو. مطلب ته اوهانجي جمهوريت ۾ ترقي جي سوالن شايد اوهانکي ايترو پريشان نه ڪيو هجي جيترو ان سوال تي پينٽاگان ۾ بيجنگ جا ماهر مصروف نظر اچن ٿا.

مددي مضمون

1. Carmody, P. Competing Hegemons? Chinese versus American Geo-Economic Strategies in Africa.
2. Zhang. (2003). US Security Policy towards South Asia after September 11 and its Implications for China: A Chinese Perspective.
3. Sial, Safdar. The China-Pakistan Economic

Corridor: An assessment of Potential Threats and Constraints.

4. Jon Boone. & Kiyya Baloch. A New Shenzhen? Poor Pakistan fishing town's horror at Chinese plans in Gawadar.

5. Stephen, McDonell. (2016). The ever-growing Power of China’s XI Jinping. BBC News, Beijing.

6. McDonald, Timothy. A Tale of Two Factories: Is China taking US jobs?

7. Illmer, Andreas. (2016). AIIB: Chinese Investment Paving the new Silk Road. BBC News.

8. Sarwar, Zahid Karim (2016) Environmental Impact of CPEC on Gilgit Baltistan

9. ”ٿر، تڪراري ڊيم □ حقيقتون وسند ٿري“



به نمبري جمهوريت جي ڪري معيشت به نمبري آهي يا وري به نمبري معيشت جي ڪري به نمبري جمهوريت آهي. اول □ ڀوءِ واري ڦڏي □ ڀوڻ ڪان پاسو ڪندي فقط ايترو چوندس ته اهي ٻئي الڳ الڳ هوندي به هڪٻئي سان سڪي جا ڀاسا آهن. بهرحال معاشي انصاف ئي سماجي انصاف □ جمهوري معاشري جو بنياد آهي. جيستائين معاشي انصاف نه ٿو ٿئي حقيقي جمهوريت جي حاصلات ممڪن ناهي پلي ڀوءِ ڪيترين ئي چونڊون چو نه ڪرايون وڃن. طبقاتي نظام هيٺ قائم رياستن اندر استحصال □ ڦرلٽ جون مُڪيه طور تي ٻه شڪليون ٿينديون آهن هڪڙيون قانوني □ ٻيون غيرقانوني. ڦرلٽ جون غيرقانوني صورتون معلوم ڪرڻ ايترو ڏکيو ناهي هوندو ڇاڪاڻ ته اُنهن جي ٻاري □ رياستن جا آئين، قانون، عدالتون، پوليس، ٺاٺا □

ميڊيا وغيره عام سمجهه پيدا ڪري ڇڏيندا آهن. مثال طور رشوت، چوري، ڌاڙو، ڀتي خوري وغيره غيرقانوني عمل آهن، اصل □ غيرقانوني صورت خود حڪمران طبقن لاءِ به مسئلا پيدا ڪندي آهي. □ اهڙئي قانون سندن "جائز" (اصل □ ناجائز) ملڪيت جو تحفظ پڻ ڪندو آهي. پر ڏکيو مسئلو قانون جو لباس پهريل ڦرلٽ جي نظام يعني "اڇي معيشت" کي سمجهڻ آهي، جيڪا رياستي ٻوليءَ □ قانوني به هوندي آهي ته بظاهر پاڪ صاف به. رياست پنهنجي جوهر □ هڪ طبقاتي ادارو هوندي آهي جيڪا حڪمران طبقن جي معاشي مفادن جي تحفظ لاءِ طاقت (لٺ) جو ڪم ڏيندي آهي. انهيءَ منظم طاقت جي نظرياتي صورت کي "مقدس" آئين □ قانون جو لباس پهرايو ويندو آهي.

اُنهيءَ قانون جي ٻوليءَ □ غيرقانوني معيشت کي "بليڪ اڪانامي" (ڪاري معيشت) سڏيو وڃي ٿو. اُن کي وري هڪڙي نيم قانوني صورت ڏئي ڪري غيررسمي معيشت سڏيو ويندو آهي. پاڪستان اندر بليڪ اڪانامي جو حجم ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي. 2012ع جي ايف بي آر جي تحقيقاتي رپورٽ مطابق ڪاري ناڻي جو حجم حقيقي معيشت جو 50 سيڪڙو کان به وڌيڪ آهي. رپورٽ مطابق بليڪ اڪانامي جي وڌڻ جي شرح 1977ع کان 2000ع تائين 9 سيڪڙو کان به وڌيڪ رهي آهي □ بليڪ اڪانامي گهٽي قدر منشيات، يُنگ عيوض اغوا، قتل، ڀتي خوري □ غيررجسٽرڊ ڪاروبارن تي ٻڌل آهي جيڪي ٽيڪس جي دائري □ نه ٿا اچن. غيرسرڪاري ادارن جي ڪجهه ٻين رپورٽن مطابق بليڪ اڪانامي جو سائيز ايف بي آر جي اندازي کان گهٽو وڌيڪ آهي. هڪ ٻي رپورٽ مطابق 62 سيڪڙو ٽيڪس، ٽيڪس چورن، ايف بي آر جي اهلڪارن □ ٽيڪس چوريءَ جا طريقا ٻُڌائڻ وارن وڪيلن جي کيسن □ وڃي ٿو. اها رقم 12-2011ع □ 3132 ارب روپيا هئي. 2013ع جي انگن اکرن مطابق صرف ڪراچيءَ □ 83 ڪروڙ روپيا ڏيهاڙي جو ڪارو ناڻو پيدا ٿئي ٿو. ڪاري ناڻي کي ڌيساور ريئل اسٽيٽ جي شعبي □ سرمائيڪاري ڪري واپس پاڪستان □ اڇي ناڻي طور آندو وڃي ٿو. ان □ سياسي پارٽيون، ڪامورا شاهي وغيره شامل آهن. پاڪستان جي هڪ اهم ماڻهوءَ جي گرفتاريءَ جو وڏو سبب مني

لانڊرنگ به آهي. ان مان اندازو ٿئي ٿو ته ڪهڙي طرح رياستي ادارن جا اهلڪار سنجيده ڏوهن ۾ رياستي مشينري کي استعمال ڪري دولت جا انبار لڳائي رهيا آهن.

هتان جو سرمائيدار طبقو ازل کان پنهنجن منافعي ۾ واڌ لاءِ بجلي چوري، ٽيڪس چوري ۽ رشوت خوري جهڙا طريقا استعمال ڪري رهيو آهي. 2 ڊسمبر 2015ع جي ڊان نيوز جي رپورٽ مطابق پنجاب ۾ 32 ارب، سنڌ ۾ 67 ارب، ڪي پي ڪي ۾ 36 ارب ۽ بلوچستان ۾ 25 ارب کي ملائي ڪري 160 ارب جي بجلي چوري ڪئي وئي ۽ ان جو سجو بار گذريل چار سالن ۾ بجليءَ جي قيمتن ۾ 250 سيڪڙو اضافو ڪري عام واهپيدارن تي منتقل ڪيو ويندو رهيو. بجلي چوريءَ خلاف ڪريڪ ڊائون جي ڪا سنجيده ڪوشش جيڪڏهن رياست ڪري به ٿي ته سرمائيدارن ۽ جاگيردارن جي سامهون بي وس ٿي وڃي ٿي. اُن جو شڪار به گهٽو ٽو عام ماڻهو ئي ٿين ٿا.

سڄي دنيا ۾ حڪمران پنهنجي عوام سان ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ڪوڙ ڳالهائيندا رهندا آهن پر حڪومت ڪرڻ ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ جي معاملي ۾ ته اسان جي حڪمرانن جون پي ايڇ ڊيز ٿيل آهن جيڪي صرف ڪوڙ ئي ڳالهائيندا رهندا آهن. وعدن جي صورت ۾ ڪوڙ، حقيقتون پڌريون ٿيڻ تي ڳالهايا ويندڙ ڪوڙ، بجيٽ پيش ڪندي انگن اکرن جا ڪوڙ، پنهنجي ڪارڪردگيءَ جي باري ۾ ڪوڙ، مخالفن بابت ڪوڙ، پنهنجي ايمانداري ۽ ٻين جي بي ايمانيءَ جي باري ۾ ڪوڙ، پرڏيهي پاليسيءَ هجي يا اندروني ڪوڙ ڪانسواءِ ڳالهه ئي نه ٿيندن ۽ معاشي بهتريءَ جي باري ۾ ڪوڙ، مطلب ته هر ڳالهه ۾ ڪوڙ جي صرف ملاوٽ نه پر خالص ۽ سئو سيڪڙو ڪوڙ. اسان جي حڪمرانن جي شايد اها واحد خصوصيت آهي جيڪا بنا ملاوٽ آهي.

ڪاري معيشت جي باري ۾ ڪوڙا سچا انگ اکر ته حڪمران به ظاهر ڪندا رهيا آهن پر اصل ڳُجهه (ڳجهه) خود ”اڇي معيشت“ آهي. هتي گهٽي ڦرلت ٿئي ٿي ”اڇي معيشت“ جي صورت ۾ ٿي. جيئن جمهوريت جي آڙ ۾ ملڪ يعني عوام جي ملڪيتن کي ٽين وال ڪيو ويو وڃي. پاڪستاني رياست جي سموري تاريخ عوام جي ڦرلت جي تاريخ آهي، پر عوام سان اهڙو فريب ۽ ڦُرُ ڪڏهن نه ٿي هوندي جهڙي موجوده

حڪومت ڪري رهي آهي. موجوده حڪومت هڪ پاسي اهو تاثر ڏئي رهي آهي ته معيشت تمام گهڻي ترقي ڪري رهي آهي. اسحاق ڊار صاحب اهي ڊاڙون هڻندي ٿڪجي نه ٿو، خاص ڪري 20 ارب ڊالر جي مٿاستا وارن ذخيرن جو ڍُڪل ته مسلسل وڄائيندو رهي ٿو. سوال پيدا ٿئي ٿو ته جيڪڏهن معاشي حالت سُٺي آهي ۽ صورتحال ڏينهون ڏينهن بهتر ٿي رهي آهي ته پوءِ قرض ڇا لاءِ ورتا پيا وڃن؟ جيڪڏهن معيشت ترقي ڪري رهي آهي ته پوءِ سرڪاري ادارا ڇو پيا وڪڻيا وڃن؟ عالمي ادارا جيڪڏهن اسان جي معيشت ۾ ترقيءَ جي شرح ڏسي رهيا آهن ته ڏيهاڙي اسان کان وڌيڪ ٽيڪس لڳائڻ جا مطالبا ڇو ڪري رهيا آهن؟



حڪمرانن جي دعوائن جي بلڪل ابتڙ معاشي ابتريءَ جي حالت اها آهي جو وياج جي شرح 45 سالن جي گهٽ ترين سطح تي پهچي وئي آهي. 2016ع جي وچ تائين پاڪستان مٿان قرض 50 ارب ڊالرز تائين پهچي ويندو جنهنڪري هي ملڪ ڏيوالپڻي جو شڪار ٿي سگهي ٿو. بلومبرگ جي ڪاٿي مطابق گذريل پنجن سالن دوران پاڪستان جي قرض جي عدم ادائگيءَ جو گراف 56 پوائنٽس تائين پهچي ويو آهي جيڪو يونان، وينزويلا ۽ پرتگال ڪانپوءِ ڪنهن ملڪ جو سڀ کان وڏو اضافو آهي. 2016ع جي بجاٽيءَ تائين ملڪ جي قرض جي حجم ۾ 79 سيڪڙو واڌ ٿي ويندي. پاڪستان کي هلندڙ سال جولاءِ کان سيپٽمبر تائين 90 ارب ڊالر واپس ڪرڻا آهن. موجوده حڪومت جيڪا اها هام هڻي آئي هئي ته بنڊ وارو ڪشڪول ٽوڙي ڇڏينداسين اُها حڪومت قرض کڻڻ جي معاملي ۾ اڳوڻي حڪومت (پ پ پ) کان به گوءِ کڻي وئي. ادائي سالن ۾ حڪومت 4600 ارب قرض ورتو آهي جڏهن ته برآمدات ۾ 25

سيڪٽرو لاٽ تي آهي ته پوءِ معيشت بهتر ڪيئن ٿي؟ ان ڪي چوندا آهن جعلي خوشحالي ...... جهڙي به نمبر جمهوريت تهڙي به نمبر معيشت.

اسان جي حڪمرانن قرض ڏيندڙن سان قسطن جي ادائگين جا جيڪي مسلسل وعدا ڪري رکيا آهن اُنهن جو وارو هن ئي سال اچڻ وارو آهي. ماهرن ۾ شرط لڳايا پيا وڃن ته هن ئي سال دوران قرض جي ادائگيءَ جي معاملي ۾ پاڪستان ڊفالت تي سگهي ٿو. بحران جي ورچڙهيل ملڪن جهڙوڪ يونان، وينزويلا ۽ پرتگال کي پنهنجي ڪرنسي جي شرح گهٽائي ڪري مسئلو حل ڪرڻو پيو. هڪ ماهراڻي اندازي مطابق اُنهن ملڪن جي متاستا جي ذخيري جي آخري حد 50 ارب ڊالر جي لڳ ڀڳ هئي. پاڪستان کي 2016ع ۾ جيڪا مجموعي ادائگي ڪرڻي پوندي، اُها 50 ارب ڊالر جي ويجهو آهي،

هڪ پاسي 2016ع دوران ڏگهي ۾ مختصر مدي وارا قرض ڪٽي متاستا ناڻي جي ذخيرن ۾ اضافو ڪيو پيو وڃي ته ٻئي پاسي ان مقصد (قرض لاهڻ) لاءِ نجڪاريءَ جي پاليسيءَ تي پريور زور ڏنو پيو وڃي. ڊار صاحب جو خيال آهي ته هُو پنج ارب ڊالر جو وڏو حصو قومي اثاثا وڪرو ڪري قرض ڏيندڙن کي وڏي حد تائين مطمئن ڪري ڇڏيندو. پر ڊار صاحب ايڏو ذهين نه آهي جو هُو سرمائي جي عالمي مارڪيٽ جي سوداگرن کي ڏٺو ڏئي بيوقوف ڪري سگهي. اهي سوداگر يونان جهڙي ملڪ کي گهيري پنهنجي پاليسيءَ تي آڻي سگهن ٿا اُنهن جي سامهون ڊار صاحب ڪهڙي ”باغ جي مُوري آهي“...!

هن وقت ملڪي اثاثا وڪڻڻ جي راهه ۾ جيڪي ”رڪاوٽون“ پيدا ٿي رهيون آهن، اُنهن مان ڪجهه وري هڪ دلچسپ راند جو حصو آهن. مثال طور حڪومت چوي ٿي ته اسان ادارن کي خانگائڻ وارو عمل ڇهه مهينا ملتوي ڪري ڇڏيو آهي. ان جي پس پرده به ”اچي معيشت“ جي اٽڪل آهي. اڄ جي اگهن تي جيڪڏهن اهي اثاثا ڊالرن ۾ وڪرو ڪيا ويا ته اُنهن جون قيمتون پاڪستاني ڪرنسيءَ جي موجوده اگهه جي برابر ملنديون جنهن ۾ پس پرده خريدارن کي اُنهن جي اندازي مطابق سرمايو نه ملندو. جيڪڏهن 2016ع گذري ويو ته پاڪستان تي عالمي ادائگين جو دٻاءُ وڌي ويندو. پاڪستان جا 50 ارب ڊالر جا متوقع

قرض وڌيڪ وڌنـدا. روپـئي جو اڳهه وڌيڪ گهٽجنـدو ۽ اسـان جا ملڪي اثاثا جن ڊالرن ۾ وڪرو ٿيندا اُنهن جا اڳهه ڪافي گهٽجي چڪا هونـدا. جيڪـڏهن اڄ ڊالر 103 روپين جو آهي ته موجـوده سـال گـذري وڃڻ ڪـانپوءِ ڊالر جي قيمت 15، 20 روپيا وڌي ويندي. ان وقت عالمي خريدار به سـرگرم ٿي وينـدا. اسـان جي جن مـاڻهن بنهي هٿن سـان دولت ڦـري ڪـري ڊالـرن ۾ منتقل ڪـري رکي آهي اُهي به اسـان جي ملڪي اثـاثن کي گهٽ اڳهه تي خريد ڪندڙن سان ملي ويندا ۽ اهڙي طرح پاڪستان قرض جي ادائگيءَ لاءِ ملڪي اثاثا وڪــڻي ڪــري ڊالر جمع ڪنــدو ۽ اسان جو حال وڌيڪ بدتر ٿي ويندو.

خزاني وارو وزير صاحب انهن ئي عالمي ماليـاتي ادارن آڏو هر چــوٿين ڏينهن هٿ ڦهلائڻ بجاءِ وڃي ٿو ۽ ملڪي صــورتحال جي دردنـاڪ منظرڪشي ڪـري اُنهن کي قـرض ڏيڻ تي راضي ڪـري ٿو وري وڌيڪ ٽيڪس لڳـائي ڪـري ۽ مختلف شـين جي قيمتن ۾ واڌ جي خوشـخبري ٻُـڌائي ڪـري اُنهن کي قـرض جي واپسيءَ جو يقين ڏياري ٿو. اهڙي طرح موصوف به چـار ڪـروڙ ڊالر ته قــرض آڻي ٿو ۽ ان قــرض جي رقم تي ڊاڙون هڻــدي فرمائي ٿو ته ملڪ جي معاشي صورتحال ڏاڍي سُٺي آهي...! آءِ ايم ايف سـان ويجهڙ وارين ڳـالهين لاءِ عـام مـاڻهن تي 40 ارب روپين جا نـوان ٽيڪس گهـٽي قـدر عـام ضـرورت جي شـين تي لڳايا ويا. جڏهن ته خزاني واري وزير فرمايو ته اهو ٽيڪس امـير جي عياشي وارين شــين تي لڳــايو ويو آهي. حقيقت ۾ انهن ٽيڪسن جو وڏو حصو صــابڻ، سـگريٽ ۽ بين اســتعمال وارين شين تي لڳايو ويو. اهو ٽيڪس آپريشن سيڪيورٽي جا خرچ پورا ڪـرڻ لاءِ لڳـايو ويو آهي جنهن لاءِ اڳ ۾ ئي 70 ارب روپيا ڏنا ويا هئا. رڪارڊ ٽوڙ قرض آهن جن کي چڪائيـندي چڪائيـندي اسـان جي اينـدڙ نسـلن جي ڪـرنگهي هـڏيءَ ڀجنـدي. هـاڻي ته موجـوده حڪـومت تعليم ۽ صـحت جـون سـهولتون مهيا ڪـرڻ جـون دعوائـون ڪـرڻ به ڇـڏي ڏنيـون آهن ۽ بنيـادي ضـرورتون پوريون ڪندڙ انهن ادارن جي پڻ نجڪاري ڪئي پئي وڃي. اڳ ۾ ئي معاشي ڏکيائين ۾ تعليم تائين پهچ نه هجڻ ڪري 45 سيڪڙو ٻار پنجين جماعت تائين پهچڻ کان اڳ ئي اسـڪول ڇـڏي ڪـري پنهنجو ننـديڻ محنت جي مـارڪيٽ ۾ وڪـرو ڪـرڻ تي مجبـور

آهن. پاڪستان دنيا جي اٽيڙهيل ترين ملڪن ۾ شامل آهي. چائلڊ ليبر جي حوالي سان ماريطانيا ۾ هيٺين ڪانيوءِ پاڪستان ٽئين نمبر تي آهي جڏهن ته مرده ٻارن جي پيدائش جي شرح 186 ملڪن مان سڀ کان وڌيڪ پاڪستان ۾ آهي. خوراڪ، پيئڻ جي پاڻي، نيڪال، صحت ۾ رهائش سميت گهٽ يا وڌ هر سماجي اداري جي اهائي ڪيفيت آهي.

عوام جيڪو ڪاري معيشت جي نانگن جا ڏنگ سهي ٿو اُهو وري ”اڇي معيشت“ جي خوبصورت ڏائڻ هٿان پڻ تڪليفون ڀوڳي ٿو. حڪومت طرفان اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ ڪانپوءِ به طعنا ۾ مهٽا خود عوام کي ٻُڌڻا پون ٿا. اسان جا حڪمران، ڪامورا ۽ ”هر خبر کان باخبر“ تجزيه نگار ٽيڪس ڏيندڙن جي باري ۾ منفي تاثر ڦهلائڻ جو ڪو موقعو هٿان وڃڻ ناهن ڏيندا ۾ عوام کي ٻُڌائيندي ٿڪجن نه ٿا ته ”آباديءَ جو صرف هڪ سيڪڙو حصو ئي انڪم ٽيڪس ادا ڪري ٿو!“ اهو مڪمل طور تي هٿرادو بيان آهي. حقيقت اها آهي ته انڪم ٽيڪس آرڊيننس 2001ع تحت 60 ملين پاڪستاني ارڙهن قسم جا ودهولڊنگ ٽيڪس ادا ڪن ٿا، انهن مان ڪُل جمع ٿيندڙ سڏي ٽيڪس جو 65 سيڪڙو حاصل ٿئي ٿو. اها غلط بياني ايترا ڀيرا ورجائي وئي آهي جو پاڪستان ۾ ان کي هڪ سچائي تسليم ڪيو وڃي ٿو.

”اڇي معيشت“ جا ڪمال ته ڏسو. لڪين ماڻهو جن جي آمدني ٽيڪس جوڳي ناهي اُهي به اڳواٽ (ايڊوانس ۾) ۾ انڪم ٽيڪس ادا ڪري رهيا آهن. مثال طور جڏهن شاگرد موبائل فون استعمال ڪرڻ کان اڳ ئي ان رقم تي انڪم ٽيڪس ادا ڪري رهيا هوندا آهن جنهن تي اُنهن جا مائٽ اڳ ئي ٽيڪس ادا ڪري چڪا هوندا آهن. شاگردن، بيواهن ۾ غريب ماڻهن کان مختلف ارڙهن قسم جا ودهولڊنگ ٽيڪس وصول ڪرڻ ظلم آهي. پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽيءَ مطابق سمن جي بائيوميٽرڪ تصديق ڪانپوءِ موبائل فون واهپيدارن جو تعداد ٻارنهن ڪروڙ اٺونجاهه لک کان وڌيڪ آهي. اُنهن مان ڇهه ڪروڙ ماڻهو 14 سيڪڙو انڪم ٽيڪس ۾ 19.5 سيڪڙو سيلز ٽيڪس ايڊوانس ۾ ادا ڪري چڪا آهن.



”اچي معيشت“ ذريعي ڦرلٽ، ڦرلٽ جو اهڙو قسم آهي جنهن کي ڏوهه به نه ٿو سمجهيو وڃي. مثال طور فقط پنجاب اندر صرف ڪپهه جو هاڪوڪو فصل يعني خريف 16-2015ع ۾ گهٽ ۾ گهٽ انيتاليهه لک بورين پيداوار گهٽ ٿي. مطلب ته آبادگارن کي ڪيڏو وڏو نقصان ٿيو. ٻيو وڏو مثال پيٽروليم جي شين تي اوڳاڙيل ٽيڪس آهن. عالمي مارڪيٽ ۾ تيل ۽ گيس جي اگهن ۾ آيل تمام وڏي لاٽ باوجود حڪومت تيل ۽ گيس جا اگهه اوترا نه گهٽايا. فيبروريءَ ۾ قومي اسيمبليءَ کي آگاهي ڏيندي وفاقي حڪومت ٻُڌايو ته گذريل سال تيل جي قيمتن ۾ آيل لاٽ باوجود 555 ارب روپيا اوڳاڙيا. مطلب ته حڪومت تيل جي عالمي قيمتن ۾ آيل لاٽ جو فائدو عوام کي نه ڏنو. تيل تي جنرل سيلز ٽيڪس، ڪسٽم ڊيوٽي ۽ پيٽروليم ليوي ورتا وڃن ٿا. گذريل سال مجموعي سيلز ٽيڪس منجهان 35.2 سيڪڙو ٽيڪس فقط پيٽروليم مصنوعات مان اوڳاڙيو ويو. ”اچي“ پاڪ صاف، قانوني معيشت جي ڦرلٽ جي واردات جو طريقو ته ڏسو. في ليٽر هاءِ اسپيڊ ڊيزل تي 29.58 روپيا سيلز ٽيڪس ورتو وڃي ٿو جيڪو ڊيزل جي هاڻوڪي قيمت جو 64 سيڪڙو ٿئي ٿو.

”اچي“ توڙي ”ڪاري“ معيشت ٻئي حڪمران طبقن کي فائدو رسائين ٿيون. ٻوءِ اُهي پاڪستان جا حڪمران هجن يا ٻين ملڪن جا. گذريل ڪجهه سالن کان دنيا ۾ دولت جي ورڇ تي گهري نظر رکندڙ برطانوي خيراتي اداري ”آڪسفيم“ هن پيري به چرڪائيندڙ رپورٽ پيش ڪئي جنهن موجب دنيا جي هڪ سيڪڙو امير ترين ماڻهن جي مجموعي دولت باقي 99 سيڪڙو آباديءَ جي ڪُل جمع پونجيءِ جي برابر ٿي چڪي آهي. صرف 62 ماڻهو دنيا جي اڌ آبادي (اٽڪل 3.5 ارب ماڻهن) کان وڌيڪ

امـــير ٿي چڪا آهن. 2010ع ڪـــانبوءِ امـــيرن جي دولت ۾ 44 سيڪڙو ۾ غـربت ۾ 41 سـيڪڙو واڌ ٿي آهي. ڪريـڊٽ سـئس موجب پاڪستان جي بالغ آبادي، جنهن جي دولت ڏهه هزار ڪـان هڪ لک ڊالر مـــاليت جي وچ ۾ آهي، جو حصو 9.8 ســـيڪڙو، جــڏهن ته صـرف 0.1 بـالغ مـاڻهو هڪ لک ڪـان هڪ ملين ڊالر مـاليت جي دولت جا مـالڪ آهن. اهي ارب ۾ ڪـرب پـتي ڦـورو پنهنجي ناجـــائز ملڪيت ۾ خوفنـــاڪ استحصـــال کي ڍڪڻ لاءِ ”چـيرٽي“ يا خـيرات جو ميڪ اپ ڪنـدا رهن ٿـا. گـذريل ڪجهه ڏهاڪن ڪـان سـڄي دنيا ۾ خـيرات جڻ ته امـيرن جي فيشن جو لازم جز ٿي وئي آهي. راندين ڪان وٺي ڪـري فلم تـائين هر وڏي سپر اسٽار جي هڪ عدد ”خـيراتي ادارو“ آهي جنهن جي پرچـار هر انٽرويو ۾ پروگـرام ۾ ڪيو وڃي ٿـو. پر اهي خـيراتي مهمـون جـيئن جـيئن وڌن ٿيـون اُن ڪـان گهٽـو وڌيڪ غـربت ۾ ذلت ۾ واڌ ٿـئي ٿي. خـيرات ”پِن“ جو ٻيو نـالو آهي جيڪا استحصـالي طبقو پنهنجي ۾ پنهنجي نظام جي نيڪ نامي ۾ استحصـال سـهندڙ جي شعور کي مسلسل مُڏو رکڻ لاءِ ڏئي ٿو.

قرضن جي ٽيڪن سـان معيشت کي هلائڻ وارو اهو طريقو سدائين لاءِ نه ٿو هلي سگهي. سـماجي دولت جي غيرمنصـفاڻي ورڇ، بدعنواني ۾ ڏوهن جو ڪارو ناڻو پاڪسـتان جي معيشت جا بنيادي ٿنڀ آهن جن ذريعي رهيل سهيل معاشي سرگرمي جاري آهي. بـــدانتظامي جي حـــالت اها ٿي چڪي آهي جو بجليءَ جي بلن جي وصولي لاءِ به ”آپريشن“ ڪرڻو پوي ٿو. رينجرز آپريشن ڪـانبوءِ تـاثر اهو ڏنو پيو وڃي ته ڪــراچيءَ جي عــوام سُــک جو ساهه کـنيو آهي. ڪاروبـاري ۾ وچـولي طبقي لاءِ ته شـايد اهو درست هجي پر ڪـــروڙين پـــورهيت ته اڄ تـــائين ســـچو ڏينهن مزدوري ڪـن ٿا ۾ زندگيءَ جي هر ذلت جو شـڪار به آهن، اُنهن کي پـيئڻ جو پـاڻي به خريـدڻو پـوي ٿـو، ٻن ويلن جي مـانيءَ لاءِ تڙپن ٿـا، بيمـاريءَ ۾ علاج جا وسـيلا نه اٿن، تعليم جن جي ٻـارن لاءِ خواب بڻجي چڪي آهي، اُجرتن ۾ مسلسل لاٿ ۾ مهانگائيءَ ۾ واڌ آهي، هر ايندڙ ڏينهن گذرندڙ ڪالهه کان ڏکيو آهي.

نواز ليگ، تحريڪ انصاف، پيپلز پارٽيءَ سميت سڀ مُک ڌارا ۾ شامل پارٽين ڪريشن جا مثال قائم ڪري ڇڏيا آهن. توڙي جو انهن سيني جو واردات جو طريقو مختلف ٿي سـگهي ٿـو. ڪنهن

هڪ جماعت تي هٿ وجهڻ ڪان انڪري ٿارو ڪيو ويو وڃي ته سلسلو هلي پيو ته معلوم ناهي ڪيستائين ويندو هن حمام سڀ اگهاڙا آهن. سياست بدعنوانيءَ جي پرمار آهي ته گهٽتائي بين "معتبر" رياستي ادارن به نه آهي. ڪيڏو وڏو مذاق آهي ته بدعنوانن ڪان بدعنوانيءَ جو خاتمو ڪرائڻ جون اميدون رکيون پيون وڃن. هڪ نظام جي هڪ شعبي کي "ولن" بين کي هيرو ٺاهڻ وارو هي ناٽڪ ڪيستائين هلندو؟ ڪارو ناڻو رت وانگر گردش ڪري هن نظام کي زندهه رکيو ويٺو آهي پر اهڙي قسم جا ناٽڪ مسلسل جاري رکي ڪري عوام کي اهو تاثر ڏنو پيو وڃي ته اُنهن کي لُٽيندڙن جو "احتساب" ٿي رهيو آهي.

یونین سازی اور بائیں بازو کی سیاست

عاصم سجاد اختر



امریکہ میں برنی سانڈرز کی صدارتی کمپین پر ساری دنیا نے نظریں جمالی ہیں۔ شروع میں تو کسی نے زیادہ توجہ نہیں دی مگر گزشتہ کئی ہفتوں کے دوران سانڈرز نے ہلری کلنٹن کو مختلف جگہوں پر ہرا کر ثابت کردیا ہے کہ وہ حقیقی معنوں میں سٹیٹس کو چیلنج کرنے کی صلاحیت رکھتے ہیں۔ یہ اس لئے غیر معمولی بات ہے کہ سانڈرز محض واشنگٹن کی اسٹیبلشمنٹ کو چیلنج نہیں کر رہے ہیں بلکہ وہ سوشلزم کا باقاعدہ نام لے کر سیاست کر رہے ہیں۔ امریکہ کی نوجوان نسل، خاص طور پر یونیورسٹی کے طالب علم، سانڈرز کی طرف بہت تیزی سے مائل ہو رہے ہیں۔ یاد رہے کہ سوشلزم اور کمیونزم کا امریکہ کے اندر ایک طویل عرصے تک نام بھی لینا غداری تصور کیا جاتا تھا۔ آج نہ صرف سوشلزم کا نام لیا جارہا ہے بلکہ بہت سے لوگ سوشلسٹ نظریات کو اپنانے کے لئے تیار بھی ہو گئے ہیں۔

امریکہ واحد مثال نہیں ہے۔ برطانیہ میں جیرمی کوربن نے لیبر پارٹی کی صدارت بڑی لیڈ کے ساتھ جیت لی، جبکہ سپین اور یونان میں بائیں بازو کی پارٹیاں گزشتہ کئی سالوں سے مین سٹریم کے اندر جگہ بناتے اور بڑھاتے چلے جارہے ہیں۔ تھوڑے عرصے پہلے تک بائیں بازو کا حوالہ دیتے ہوئے ہم صرف

لاطینی امریکہ (یا نیپال جیسے ایک دو ملکوں) کا ذکر کرتے تھے، آج صورت حال بہت تیزی سے بدل رہی ہے اور امید کی جاسکتی ہے کہ آنے والے وقت میں مزید ممالک میں بھی سرخ پرچم لہرانا شروع ہوگا۔

بائیں بازو کی بحالی ایک ایسے عہد میں ہورہی ہے جس میں وہ طبقہ جو کہ بیسویں صدی میں انقلاب کا ہراول دستہ تصور کیا جاتا تھا بہت کمزور ہو گیا ہے۔ حتیٰ کہ کئی ممالک میں اپنی بقاءکی جنگ لڑرہا ہے۔ صنعتی مزدور 1980ء کی دہائی تک دنیا میں ایک بڑا سیاسی فریق کے طور پر موجود تھالیکن گزشتہ تین دہائیوں سے مسلسل پسپائی کا شکار ہے۔ مغربی ممالک میں de-industrialisation کے نتیجے میں ماضی کے بڑے صنعتی شہر ویران ہو چکے ہیں۔ آج کا سرمایہ دار غریب ترین ممالک میں outsourcing کے ذریعے منافع کماتا ہے تاکہ مغرب میں محنت کشوں کو زیادہ تنخواہیں ادا نہ کرنی پڑیں۔ دنیا کے تمام بورژوا ماہرین اس بات پر اتفاق کرتے ہیں کہ چین کی معاشی ترقی کا راز وہ مزدور تھا جس سے کم اجرت پر کام لیا گیا۔ عالمگیریت کے موجودہ دور کی پہچان یہی ہے کہ جب کسی بھی ملک میں محنت کی قیمت بڑھ جاتی ہے تو سرمایہ منہ اٹھا کر اگلے ملک میں چلا جاتا ہے۔

یہ حادثاتی طور پر نہیں ہوا کہ 1970ء کی دہائی کے شروع میں جب عالمی سرمایہ دارانہ نظام تیل کی بڑھتی ہوئی قیمتوں کے نتیجے میں بحران کا شکار ہوا تو محنت کش طبقہ کی سیاسی قوت کو توڑنے کی باقاعدہ اور منظم کوشش کی گئی۔ ٹریڈ یونین کو خاص نشانہ بنایا گیا۔ برطانیہ میں مارگریٹ تھیچر اور امریکہ میں رونلڈ ریگن نے اس طبقاتی جنگ میں سرمایہ کی جانب سے ہراول دستے کا کردار ادا کیا۔ تھیچر نے جب 1984-5میں کوئلے کی کان کے مزدوروں

کی سال تک جاری ہڑتال کو وحشیانہ طریقے سے دبایاتوبرطانیہ اور مجموعی طور پر دنیا بھر میں مزدور تحریک کو ایک فیصلہ کن شکست ہوئی۔ جب چند سال بعد سوویت یونین کا انہدام ہوا تو بائیں بازو کی کمر مکمل طور پر ٹوٹ گئی۔ مارکس کا پرولیتاریہ کی دنیا پر حکومت کا خواب بظاہر اپنے انجام پر پہنچا (یا کم از کم تاریخ کے خاتمے کا اعلان کرنے والوں کا یہ کہنا تھا)۔

میرے نزدیک حکمران طبقہ کا مزدور تحریک اور بالخصوص ٹریڈ یونین پر حملے کے ساتھ ساتھ عوام کے وسیع تر حلقے کے اندر ٹریڈ یونین کے بارے میں پھیلائی جانے والے پروپیگنڈے بہت اہمیت کا حامل تھا (اور آج تک ہے)۔ میڈیا، تعلیمی اداروں، مساجد و گرجوں اور گھروں کے اندر یہ بات عام ہو گئی کہ ٹریڈ یونین بدمعاشی کرتے ہیں، کہ محنت کشوں کی سیاست کرنے والے معیشت کو تباہ کرنا چاہتے ہیں، کہ سرکاری اداروں میں بے بہاء بھرتیاں کر واکر ان اداروں کو برباد کیا جاتا ہے وغیرہ وغیرہ۔ ٹریڈ یونین اور اجتماعی جدوجہد کے برعکس انفرادیت اور ”آزاد منڈی“ کو سراہا گیا اور سماج کی مجموعی ترقی کا محور کے طور پر پیش کیا گیا۔

گو کہ امریکہ، برطانیہ اور دیگر ”ترقی یافتہ“ ممالک میں ٹریڈ یونین اس طرح بحال تو نہیں ہوئی مگر آج سانڈرز اور کوربین جیسے سیاستدانوں کا ابھرنا اسی لئے تو اہم ہے کہ سابقہ دو دہائیوں کی یک طرفہ نظریاتی یلغار کو کسی حد تک چیلنج کیا جارہا ہے۔ یعنی کہ انفرادیت اور ”آزادمنڈی“ کے گیت اب کم اور تنقید زیادہ ہو رہی ہے، محنت کشوں اور باقی مظلوم سماجی حلقوں کے حقوق کے بارے میں مباحث شروع ہو گئے ہیں، کارپوریشنز کی بے بہاء طاقت کو کم کرنے کے مطالبہ سامنے آرہے ہیں، ماحول کو بچانا، سامراجیت کی مخالفت کرنا، اور دیگر کئی سارے اور سیاسی مسائل منظر عام پر آگئے ہیں۔

صنعتی مزدور کی وہ حیثیت تو نہیں رہی مگر کم از کم مزدوروں کی سیاست کرنے والے طبقاتی اور دیگر بنیادی سوالات کو اجاگر کرنے میں کسی حد تک کامیاب ہو رہے ہیں۔

اس کا مطلب یہ نہیں ہے کہ ہم صنعتی مزدور یا ٹریڈ یونین کے بارے میں بالکل نا امید ہوجائیں۔ بلکہ آج بھی جب اور جہاں بھی صنعتی مزدور تھوڑا سا بھی منظم ہو کر لڑتا ہے تو وہ بائیں بازو کا بہت بڑا سیاسی ہتھیار کے طور پر سامنے آتا ہے۔ پاکستان میں بائیں بازو کی تحریک کئی حوالوں سے دنیا کے دیگر ممالک سے پیچھے ہے مگر گزشتہ دنوں پی آئی اے کی چلنے والی نجکاری مخالف تحریک نے واضح کیا کہ ٹریڈ یونین بہرحال زندہ ہے۔ تاہم پی آئی اے کے محنت کشوں کی ہڑتال کے دوران سنے گئے عام حلقوں کے اندر کے خیالات اور دانشوروں کی عمومی آراء سے یہ بھی معلوم ہوتا ہے کہ مزدوروں کی سیاست کرنے والوں کے سامنے آج بھی بہت بڑی رکاوٹیں موجود ہیں۔

ویسے تو میڈیا کے اندر حمایت بھی تھی مگر مجموعی طور پر ہڑتال کے خلاف یہ نکتہ بار بار اٹھایا گیا کہ مزدوروں کو اس بات کا احساس ہی نہیں ہے کہ بے چارے عوام کو کتنا نقصان ہو رہا ہے۔ یہ الگ بات ہے کہ جہاز پر کتنے بے چارے عوام سفر کرتے ہیں لیکن یہی کچھ سننے کو ملتا ہے جب ڈاکٹر، اساتذہ یا دیگر سفید پوش گروہ احتجاجی تحریکیں چلاتے ہیں۔ حالانکہ سرکاری شعبہ کو اسی ٹریڈ یونین مخالف مڈل کلاس نے بے یار و مددگار چھوڑدیا ہے: جس کو بھی موقع ملتا ہے (یعنی جس کے پاس تھوڑے سے پیسے آجاتے ہیں) وہ تعلیم، صحت اور دیگر تمام بنیادی سہولیات کے حصول کے لئے نجی شعبہ کی طرف دیکھتا ہے۔ محنت کشوں کو روزگار دینے اور سہولیات فراہم کرنے میں پبلک سیکٹر کی اہمیت کو تسلیم تک کیا نہیں جاتا ہے۔ ہمارے دانشور

بحیثیتِ مجموعی اتفاق کرتے ہیں کہ نجکاری تو ہر صورت میں ہونی چاہیے، بحث صرف اس حد تک ہوتی ہے کہ وہ "اچھے" طریقے سے ہو یا بڑی پارٹیوں کا رویہ یہ ہے کہ وہ حزب اختلاف میں ہوتے ہوئے نجکاری کے خلاف ہوتے ہیں جبکہ حکومت ملنے پر اس کے گیت گاتے تھکتے نہیں ہیں

کہنا کا مقصد یہ ہے کہ جہاں امریکہ اور برطانیہ جیسے ممالک میں نجی شعبے کو سب کچھ منتقل کرنے کے رجحان کو اب چیلنج کیا جارہا ہے، ہمارے ہاں حاوی رائے یہی ہے کہ ریاست کا معیشت اور عوام کو کچھ دینے کے حوالے سے کوئی زمہ داری نہیں ہے۔ چنانچہ جب پی آئی اے جیسے ادارے کے اندر کوئی تحریک چلتی بھی ہے تو سیاسی و نظریاتی حمایت کرنے والے حلقے بہت تھوڑے ہوتے ہیں۔ ویسے تو یہ بہت حیران کن بات نہیں ہے کیونکہ مسلسل تین دہائیوں کے نظریاتی یلغار کے اثرات ایک یا دو واقعات کے نتیجے میں ختم نہیں ہو سکتے۔ مگر اس بات کو ہمیں تسلیم کرنا پڑے گا کہ ہم نے صرف ٹریڈ یونین اور مزدور تحریک کی کمزوری سے نمٹنا ہے۔ بلکہ سماج کے وسیع تر حلقے میں بھی اپنے نقطہ نظر کو اب تک مقبول نہیں کر سکے جیسا کہ ضروری ہے۔ کہ اگر ہم بڑی عوامی تحریک چلانے کا ارادہ رکھتے ہیں۔

گزشتہ عرصے میں ہم نے کہیں نہ کہیں اینٹ ماری ہے۔ جیساکہ اسلام آباد کی 11-اکچی آبادی کے کیس کے دوران یہ بات مانی گئی کہ ہر شہری کو رہائش فراہم کرنا ریاست کی زمہ داری ہے۔ مگر بہت زیادہ جدوجہد کرنی باقی ہے۔ اول تو ہمیں اس بات کو منوانا پڑے گا کہ یونین سازی ایک بنیادی جمہوری حق ہے اور ریاستی جبر کو اس ضمن میں کسی بھی حوالے سے قبول نہیں کیا جا سکتا ہے، بے شک کسی کا مزدوروں کے موقف سے اتفاق نہ ہو۔ مسلم لیگ (ن) کی حکومت نے پی آئی اے بر

Essential Services Act لاگو کرکے ایک طرح سے جمہوریت کا بھی قتل کیا اور اس لئے ضروری تھا (اور ہے) کہ تمام جمہوریت پسند حلقے اس طرح کے اقدامات کے سامنے بند باندھیں۔ دوسرا ہمارا کام ایک طویل نظریاتی جنگ لڑنا ہے جس کے تحت ہمیں عوام کے وسیع تر حلقے کو قائل کرنا پڑے گا کہ ریاست کا ہر حال فرض ہے کہ وہ عوام کو بنیادی سہولیات فراہم کرنے کی ذمہ داری قبول کرے نہ کہ اس سے مکمل طور پر دستبردار ہوجائے۔ یہاں مغربی ممالک میں یہ احساس 2007-8 کے مالیاتی بحران کے بعد ہی پیدا ہوا جس سے یہ اندازہ ہوتا ہے کہ شاید معاشی جھٹکے کے بعد ہی ہمارے جیسے ممالک کے اندر ردِ عمل آئے گا۔ مگر دوسری طرف یہ نہیں بھلانا چاہیے کہ سرکار بجلی جیسی سہولیات بھی فراہم کرنے میں ناکام ہو چکی ہے اور عوام نے ایک طرح سے اس بات کو تسلیم کر کے یو پی ایس کا سہارا لینا شروع کردیا ہے۔ یعنی کہ ہم پہلے سے ہی ریاست کے بارے میں اتنا بد زن ہیں کہ شائد کوئی بھی جھٹکا ہمارے رویے تبدیل کروا سکے۔ یقیناً پاکستان جیسی ریاستوں نے کبھی بھی زیادہ فلاحی کردار ادا نہیں کیا جیسا کہ یورپ اور امریکہ کے اندر سرمایہ داری کے ایک عہد میں ہوا لیکن اسی لئے تو ضروری ہے کہ ہم عوام کے اندر اس بات پر زور دیں کہ یہ سب کچھ ریاست کا ہی فرض ہے۔ نظام کی تبدیلی کی اہمیت کو اجاگر کیا جا سکتا ہے کہ موجودہ نو آبادیاتی اور اقوام دشمن ریاست کو تبدیل کئے بغیر ریاست کا فلاحی کردار ہو ہی نہیں سکتا۔ یوں طبقاتی جدو جہد کی طرف جایا جا سکتا ہے کہ وہ طبقاتی تنظیموں کو ہم ایک بار پھر سماج میں مقبول عام کر سکتے ہیں جیساکہ بائیں بازو کے سنہری دور میں تھیں۔



* موجود پارلیامینٹ
آئین کی 21 ھیں ترمیم

پـــاس ڪـــئي آهي. ان تـــرميم جي مهـــاڳ ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان ۾ انتهائي غير معمـولي حـالتون موجـود آهن. جن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ هي ترميم ڪئي وئي آهي.

ان تـــرميم تحت آئين جي شق نمـــبر 175، جيڪا عدليه ۽ انتظاميه ڪي ڌار ڪـــري ٿيءَ ان ۾ هڪ اضـــافو ڪيو ويو آهي ته هي شق آئين جي پهـرئين شـيڊول ۾ هن ئي تـرميم تحت داخل ڪيل ”پاڪســـتان آرمي ايڪٽ 1952“ پاڪســـتان ايـــئرفورس ايڪٽ 1953“ پاڪستان نيوي ايڪٽ 1961“ ۽ پروٽيڪشن آف پاڪستان ايڪٽ 2014 تي لاڳو نه هوندي.“

پهرئين شيڊول ۾ شامل قـانون جي خلاف الڳ سـان ان 21 هين تـرميم ڪانپوءِبعد عملدرآمد جو نظـام يعـني ان هيٺ فـوجي عدالتن جو چار وچايو ويندو.

ان ترميم بعد مٿين چئني ايڪٽن / قـاِنونن خلاف ٿينـدڙ جـرم فوجي عدالتن ۾ هلڻ جوڳا هوندا جن ڏوهـارين جا ڪيس فـوجي عـــدالتن ۾ هلنـــدا انهن جي رســـمي اجـــازت ۾ لسٽ حڪـــومت ڏيندي.

اهڙين عـدالتن کـان سـزايافته ڏوهـارين کي ملڪ جي اعليٰ عدالتن ۾ اپيل ڪـرڻ جو حق حاصل نه هونـدو. ان آئيـني تـرميم کي پارليامينٽ ۾ موجود پارٽين سـواءِ مـذهبي پـارٽين ۾ تحـريڪ انصاف جي، متفقه طور تي پـاس ڪـيو آهي. مـذهبي پـارٽين کي اصـولي طـورن تـرميم تي نه پر ان ۾ موجـود ڪجهه لفظن تي اعتراِض هو. جڏهن ته تحريڪ انصاف اسيمبلين جي بائيڪـات ۾ هُئي. آهي ملڪي ميڊيا ان آئيـني تـرميم کي پليڪـار ڪـئي آهي.

ان جي ابتڙ 21 هين آئيني تـرميم خلاف وڪيلن جي تنظيمن 29 جنـوري 2015 تي ڪـارو ڏينهن ملهـايو آهي. ۽ ان آئيـني تـرميم کي سپريم ڪورٽ ۾ چيلينج ڪيو آهيءَ. مختلف بار ايسوسيئيشن ۾ ڪائونسـلز طرفـان سـپريم ڪـورٽ ۾ داخل ڪيل پٽيشـنز ۾ عدليه جي آزادي، خودمختيـــاري، آئين ۾ ڏنل بنيـــادي حقن جي ضمانت ۾ انتظاميه کي عدالتي اختيـار ڏيڻ جهـڙا سـوال شـامل آهن. انهن پٽيشـنز ۾ اهـڙا مختلف 27 قـانوني سـوال / مـامرا ذڪرِطئه ڪيا ويا آهن. جن جا جـواب / حل سـپريم ڪـورٽ کي ڏيڻا آهن.

پر انهن سيني سوالن ۾ پهريون ۾ بنيادي سوال/مـامرو آهي

ته ."ڇا پارليامينٽ آئين جو بنيادي ڍانچو تباهه ڪندڙ ڪا آئيني ترميم قانوني طور تي پاس ڪري سگهي ٿي؟"

ان مٿين سوال - / معاملي يا ايڪيهين ترميم تي بحث ڪرڻ ۾ ان کي سمجهڻ لاءِ اسان کي موجوده آئين، ان ۾ ٿيندڙ ترميمن ۾ قانون ۾ سياست جي مڄيل اصولن هيٺ هڪ بورجوا رياست جي بنيادي ڍانچي کي سمجهڻو پوندو.

پيو ته آئين ڪنهن به ملڪ ۾ رهندڙ عوام جي زندگي، طرز حڪمراني، جمهوريت، رياست، ۾ پين بنيادي معاملن لاءِ ٺوس اصول بيان ڪندو آهي ۾ ان ۾ وقت آهر ترميمون ٿينديون رهن ٿيون پر ڪنهن نئين معاملي يا پيدا ٿيل اهڙي رڪاوٽ جيڪا بنيادي اصولن جي واڌ ويجهه ۾ رڪاوٽ پئدا ڪندي هجي ته اهڙي رڪاوٽ کي هٽائڻ لاءِ ڪا ترميم ڪئي ويندي آهي.

مختصر وقت لاءِ ڪو به آئين يا قانون نه جوڙيو ويندو آهي. بلڪه افاديت جي لحاظ کان جيڪڏهن ڪو بهتر ۾ واضح حل موجود هوندو آهي ته اهڙي حل کي مستقل بنيادن تي شامل ڪيو ويندو آهي. ها مختصر وقت لاءِ ثانوي قانون ۾ کي پابنديون، هدايتون يا کي مختصر طريقيڪار ته جوڙي سگهجن ٿا پر عجب اهو آهي ته هتي آئين ۾ اهڙي عارضي ترميم ڪئي وئي آهي. ايڪيهين ترميم جو مامرو عدالت ۾ هجڻ سبب اهڙي سوال جو سنئون سڌو يا مختصر جواب ڏيڻ بجاءِ اچو ته تفصيلي جائزو وٺون.

پارليامينٽ:

ڪنهن به ملڪ ۾ پهرئين پارليامنيٽ جي جڙت آئين ساز ٿيندي آهي جيڪا ملڪي تاريخ- عوامي جدوجهد، تاريخي معاهدن، انساني آزادي ۾ حقن، فرضن ۾ ادائيگين جي انتهائي اهم دستاويز جوڙيندي آهي جيڪو انتهائي اهم دستاويز يا آئين تي پوندو آهي. ان بعد اهڙي پارليامينٽ کي تحليل ڪندي نئين قانون ساز پارليامينٽ جڙندي آهي، جيڪا خود پابند هوندي آهي ته هو آئين ساز اهڙي چيز ڇاڙ نه ڪري جيڪا آئين ساز پارليامينٽ جي طرفان طئه ٿيل اصولن ۾ معاهدن جي ابتڙ يا ان سان دشمناڻي تضاد ۾ هجي. بلڪه هو حالتن ۾ واقعن تحت انهن اصولن ۾ معاهدن جي بهتري لاءِ ئي قانون جوڙيندي آهي ۾

آئين ۾ ڀڌايل طريقي تحت ئي ترميم ڪري سگهندي آهي.
۾ جڏهن ته ساڳي وقت ان قانون ساز پارليامينٽ کي ان آئين تحت ملڪ ۾ قانون سازي ڪرڻ هوندي آهي.

عدليه:

عدليه آئين ۾ قانون جي حڪمراني بابت نگهباني ڪندڙ ادارو آهي. آئين سازي بعد هو ان جيءَ نگهبان ۾ ان جي تشريح حالتن ۾ واقعن تحت ڪندي آهي. آئين ۾ ڏنل انساني حقن، فرضن ۾ انهن جي ادائيگي جي ضمانت عدليه کي ڏيڻي هوندي آهي. عدليه کي آئين سازي بعد ٺيندڙ قانون سازي تي نظرثاني جو اختيار حاصل هوندو آهي ته جيئن هو آئين جي ابتڙ يا دشمنائي تضاد ۾ ٺهيل قانون کي منسوخ قرار ڏئي ڇڏي.

جڏهن ته عدليه کي پارليامينٽ پاران آئين ۾ ترميمن تي به محدود نظرثاني جو اختيار حاصل هوندو آهي.

انتظاميه: (سياسي-رياستي)

ملڪ جي انتظاميه چونڊيل نمائندن تي مشتمل هجڻ سبب کيس عوامي مفادن تحت ڪم ڪرڻو هوندو آهي، جنهن جو پهريون اظهار "سياسي انتظاميه-سياسي عامله" هوندي آهي ۾ ٻئي مرحلي ۾ رياستي انتظاميه بيوروڪريسي يا نوڪر شاهي هوندي آهي. ان جو ڪم ملڪي انتظاميه، قانون جي حڪمراني ۾ عدليه جي حڪمن تي عملدرآمد ڪرائڻ هوندو آهي.

انهن ٽنهي ٿنڀن پارليامينٽ، عدليه، انتظاميه کي ترتيب وار آئيني طاقت، عدالتي طاقت ۾ انتظامي طاقت حاصل هوندي آهي. آمريڪا جي آئين ۾ انهن ٽنهي طاقتن لاءِ "طاقتن جي ورهاست" Sepration of Power: جو نظريو شامل ڪيو ويو آهي.

اها ته آهي قانون جي عام تشريح پر جنهن ملڪ جي حاصلات بعد سياستدان ملڪ کي ڪو آئين ڏيڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿيا هجن ۾ وري طويل عرصو ملڪ بغير آئين جي رهيو هجي يا اتي ڪنهن به آئين بجاءِ "نظريه ضرورت" جي هڪ اهڙي قانون جي حڪمراني رهي هجي جنهن جو جوبه هر هي قانوني اصطلاح آهي ته

That which otherwise is not lawfull Necessity:
:makes lawful

”جيڪڏهن ڪنهن طرح قانون ناهي ان کي ضرورت قانون بنائي ٿي.“

تـڏهن رياست جي عمل اصـولن، قـانونن، جمهـوريت، آئين عـوامي حق حڪمـراني بجـاءِ ”ضـرورت“ جي مقبـولي تي بيٺل آهي اُها ”ضرورت“ ڪنهن به طرح مٿئين اصـطلاحن جي بهـتري ۽ واڌاري بجـاءِ ”مبهم ضـرورت“ بهـاني يا مخصـوص حڪمـران طبقي، اسٽبلشـمنٽ جي مخصـوص مفـادن جي ضـرورت جو اظهار بيهي ٿي.

ان مٿين سمجهاڻي بعد اسان پاڪستان جي 1973 جي آئين ۾ 21 ترميم جي بحث تي واپس اچون ٿا.

1973 جو آئين آمريڪا جي آئين وانگر واضح لفظن ۾ طاقت جي ورهاست (Sepration of Power) جي نظرئي کي قبـول نه ٿو ڪـري پر 1973 جي آئين جو آرٽيڪل ”157“ آئين جي جـوڙجڪ بعد عدليه کي انتظاميه کـان ڌاڪي به ڌاکي الڳ ڪـرڻ جي عمل جي شـروعات ڪـري ٿو جنهن تحت ان اوسر سـبب ئي 1996ع ۾ هڪ صـدارتي آرڊيننس تحت ضـلعي سـطح تائين مئجسٽريٽ جي انتظامي ۽ عدالتي عهدن کي الڳ ڪيو ويو ۽. انتظامي مئجسٽريٽ Executive Magistrate جو عهدو ختم ڪيو ويو.

ٻي طـرف مـارچ 1996ع ۾ ججز ڪيس جي فيصـلي تحت عدليه جي انتظاميه کان آزادي يا ان ۾ مداخلت کي انتهائي گهٽ ڪيو ويو. ان ڪيس جي فيصـلي تحت سپ کـان سـينيئر جج کي چيف جسٽس سـپريم ڪـورٽ ۾ هـاءِ ڪـورٽ جو چيف جسـٽس بنايو ويندو. هاءِ ڪـورٽ جي مسـتقل چيف جسـٽس جي مرضي خلاف بـدلي نه ڪـئي وينـدي ۽ ججن جي مسـتقل جـاين تي عارضي پرتيون نه ڪيون وينديون.

ٻـئي طـرف 1973ع جو آئين پـاڻ کي مسـتقل بنيـادن جو سـماجي معاهـدو قـرار ڏيڻ لاءِ آئين ۾ آرٽيڪل 6 رکي ٿو جنهن تحت آئين جي منسـوخي ”ڪنهن طـرح“ جـائز نه آهي ۽ اهـڙي منسوخي سنگين غداريءَ جي ڪاتيڏمري ۾ اچي ٿي.

اهي ٻئي آئيني ضمانتون واضح ڪن ٿيون.

مستقل طور تي 1973ع جيو آئين جي نيڪ حالت ۾ قانوني اصولن تحت بحالي ان ڳالهه جي لاءِ رستو هموار ڪري ٿي ته ملڪ ۾ پارليامينٽ جي سياسي حڪمراني ۾ آزاد عدليه هجي. پر اسان جهڙن سماجن ۾ رياست جا ڪرتا ڌرتا قطعي به اهڙي اوسر ڪي قبول نٿا ڪن ۾ اهڙي تحريڪ ڪي رستو ڏيڻ لاءِ راضي نه هوندا آهن جيڪا ڪنهن به جمود خلاف هجي يا رياست جي اهم ادارن ڪي سول ۾ عوامي بنيادن تي بيهارڻ جي لاءِ هجي.

تڏهن 1973ع جي آئين تي سڀني تنقيدن باوجود اسان ڪي اهو قبول ڪرڻو ئي پوندو ته 1973ع جو آئين ملڪي اسٽبلشمينٽ ڪي هڪ حد تائين روڪي رهيو آهي. ڇاڪاڻ ته 1973ع جي آئين ۾ (21 هين ترميم کان اڳ) ملڪي فوج جو سول حڪومت جي سڏ تي مدد ڪرڻ کان سواءِ ڪو آئيني ڪردار نه آهي. تڏهن ملڪ جي اسٽيبلشمنٽ ملڪ جي خارجه ۾ داخله پاليسي تي پاڙي ٿي. ملڪ جي خارجه پاليسي مڪمل طور سندن ڪنٽرول ۾ آهي. سول حڪومتون ڪنهن اهڙي مراعت کان مڪمل آجيون آهن سواءِ چند معاشي معاهدن ۾ نجڪاري جي مامرن جي.

”1973ع جو آئين ۾ ان ۾ تيل ترميمن جو وچور:“

پاڻ جڏهن 1973 جي آئين ۾ ٿيندڙ ترميمن جو جائزو وٺنداسين ته اسان کي اهو صاف نظر ايندو ته پاڪستان جي آئين ۾ جيڪي ترميمون ٿيون آهن اُهي اسٽبلشمينٽ جي پيدا ڪيل دٻاءُ ۾ ان دٻاءُ بعد شديد سياسي خوف يا غير يقيني جي حالتن جي ڪري سول حڪومتن پارليامنيٽ انهن کي مجبوري ۾ پاس ڪندي رهي آهي اهڙيءَ ريت هن اسٽبلشمينٽ کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن جا مستقبل ۾ انتهائي اگرا نتيجا نڪتا آهن.

مثال طور: پٽي صاحب جي دؤر ۾ ان ساڳيءَ ئي پارليامينٽ 1973ع جي آئين ۾ 7 ترميمون ڪيون جنهن آئين کي پاس ڪيو هو اهي ترميمون ڪنهن به طرح جمهوريت، عوام دوستي، ۾ پارليامينٽ جي پلائي ۾ ان جي مضبوطي لاءِ نه هيون.

پهرين ترميم 1974ع ۾ ڪئي وئي جنهن ۾ آئين جي آرٽيڪل 17 ۾ اهو شامل ڪيو ويو ته حڪومت سپريم ڪورٽ ۾

ريفرنس داخل ڪري ڪنهن به سياسي پارٽي کي غير قانوني قرار ڏياري سگهي ٿي.

ٻي ترميم به ساڳي سال ۾ ٿي جنهن ۾ آئيني طور تي مسلمان جي تعارف جو تعين ڪيو ويو۽ته احمدين کي غير مسلم قرار ڏنو ويو.

هي ترميم سماجي طور تي ملڪ ۾ مذهبي شدت پسندي، تشدد، پڇ ڏاهه، ۽ عوام ۾ مختلف ڏرين طرفان پيدا ڪيل مذهبي وچوٽين کي مڪمل آئيني تحفظ فراهم ڪرڻ واري ترميم هئي. ٻئي طرف جيڪڏهن سماج ۾ اهڙي ڪنهن "مذهبي" تعريف جي اشد ضرورت هئي به ته ان کي ماتحت قانون ۾ متعارف ڪرائي ان مامري کي ثانوي بنيادن تي حل ڪري سگهجي پيو.

پر ملڪ جا سياستدان جيڪي آئين ۾ قانون جي سماج تي پوندڙن اثرن ۾ نتيجن يا ڪنهن به اهڙي عمراني مامرن کان ويڳاڻا هجڻ ڪري، اهڙيون وڏيون ترميمون به ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن. 1975ع ۾ ٽين ترميم صدر جي اختيارن ۾ اضافي ۽، ملڪي شهرين کي نظربندي کان آئيني تحفظ خلاف هئي.

ٽين ترميم ۾ صدر کي اهو اختيار ڏنو ويو هو ته اهو . ريفرنڊم ڪرائي سگهي ته وزيراعظم پاڪستان کي عوام جو اعتماد حاصل آهي يا نه.

چوٿين ترميم ۾ نظربند ماڻهن کي هاءِ ڪورٽ کان ضمانت ڪرائڻ جي حق جو خاتمو هو.

پنجين ترميم هاءِ ڪورٽ جي جج کي سندس مرضي بنا سپريم ڪورٽ ۾ مقرري لاءِ هئي ۾ اهڙي ڪنهن به مقرري کي نه قبوليندڙ جج کي جبري رٽائر ڪرڻ هو.

انهن مستين ترميمن جو دؤر آئين جي خالق پارليامينٽ/ذوالفقار علي ڀٽو جو دؤر آهي. جن اهڙيون ترميمون پاس ڪري هي روايت وجهي ڇڏي ته آئين ۾ اصول يا عوام جي مزاج ۾ي مفادن وٽان مستقل سياسي ۾ عسڪري مفادن جي پلائي لاءِ ان کي ٽوڙي مروڙي سگهجي.

وقتي مفادن ۾ ملڪ ۾ محدود سياسي حڪمراني لاءِ آئين سان هٿ چراند ان جي شڪل بگاڙڻ جو اهو عمل انتهائي خطرناڪ هو. جنهن ضياءَ جي مارشلاءِ ۾ انين آئيني ترميم کي


جنم ڏنو.

جڏھن ته ساڳي وقت تي بلوچستان ۽ چونڊيل حڪومت جو خاتمو. ۽ گورنر راڄ جو نفاذ ۽ نعپ تي پابندي. نعپ جي سياسي اڳواڻن جي گرفتارين، نظربندي، بلوچستان ۾ فوجي ڪاھہ، پختونخواھہ جي حڪومت سان مرڪز ۾ پٽي جو ٽڪراءُ.

ٻي طرف PNA جي تحريڪ، قادياني مخالف تحريڪ وغيره وغيره آئيني ۽ جمھوري روايتن کي مضبوط ٿيڻ ئي نه ڏنو. ۽ اھڙيءَ طرح ملڪ ضياالحق جي مارشلا جي ور چڙھيو.

”**1973**ع جو آئين ۽ ان بعد لڳل مارشلائون:۔“
”ضيا آمريت:۔“

1973 جي آئين ٺھڻ بہ
ڪارو وار ضيا الحق جي ما
5 جـولاءِ 1977ع تي
صـوبائي اسـيمبليون ٽـوڙ
ڪـري بـاقي بچيل آئين،
حڪومت سنڀالي ھن پنھنج
ته ”افواج پاڪستان ملڪ ج
جي مختلف حصن تي عمل
ملڪ جا انتظـامي معـ
انتظاميه جو سربراھہ چيف
جو انتظامي سربراھہ صوب



وفـاقي ۽ صـوبائي ادارن جا سـيڪريٽري پنھنجن ادارن جا سربراھہ ھوندا.

اِنھيءَ سـان گڏ ٽن مھينن انـدر شـفاف اليڪشن جو واعـدو ڪيو ويو.

20 سيپٽمبر 1977ع تي محترمه نصرت ڀٽو سپريم ڪـورٽ آف پاڪسـتان ۾ ھڪ آئيـني درخواست داخل ڪـئي جنھن ۾ ھن مارشلا کي چيلينج ڪيـو. 10 نومـبر 1977ع تي سـپريم ڪـورٽ ان جو فيصلو ٻڌايو. چيف جسٽس يعقـوب علي خـان کي ھٽـائي جسٽس انوار الحق کي چيف جسٽس آف پاڪسـتان مقـرر ڪيو ويـو. جنھن جي سـربراھي ۾ سـپريم ڪـورٽ پنھنجي انھيءَ

فيصلي ۾ ”نظريه ضرورت“ ”Doctrine of Necessity“ تحت مارشلا کي جائز قرار ڏنو. ياد رهي ته 1954ع مولوي تميز الدين ڪيس جي سنڌ چيف ڪورٽ جي فيصلي جي خلاف فيڊرل ڪورٽ جي جسٽس منير گورنر جنرل جي غير قانوني غير آئيني قدمن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ ”نظريه ضرورت“ کي پاڪستان جي سپريم ڪورٽ جي فيصلي ۾ منظور ڪري نظريه ضرورت کي قانوني طرح ”Presidents Rule“ يا ”Case law“ جو درجو ڏنو هو. انهيءَ کان اڳ دوسو ڪيس ”Dosso Case“ ۾ جسٽس منير موقعي پرستي جي انتها ڪندي آسٽرين قانوندان هينس ڪيلسن ”Hans Kelson“ جي قانوني نظرئي ”General Theory of law and state“ کي استعمال ڪندي، اسڪندر مرزا ۽ ايوب خان جي مارشلاءِ کي جائز قرار ڏنو هو.

ان فيصلي ۾ عدالت لکيو ته هڪ ڪامياب فوجي انقلاب بذات خود هڪ نئون قانوني نظام هوندو آهي. جج ۽ عدالتون هاڻي نئين قانون جون پابند آهن نه ڪي پراڻي جون، تنهنڪري عدالتون اهڙي ڪنهن به درخواست جي ٻڌڻي نه ڪنديون يا اهڙو ڪو به فيصلو نه ڏينديون جيڪو منسوخ ٿيل آئين تحت هجي اهڙي طرح هڪ قانوندان جو ڏنل نظريو اسان وٽ سپريم ڪورٽ جي مهرباني سان قانوني ٻوليءَ ۾ ”Stare Descision“ يا اهو ”نظير“ بڻجي پيو جنهن کي سپريم ڪورٽ طرفان تحفظ حاصل ٿيو ۽ آئينده اهڙي ڪنهن به يا ملندڙ جلندڙ معاملي ۾ ”مثال“ طور پيش ڪري سگهجي پيو.

هن نظير کي قانوني شڪل ڪنهن به پارليامينٽ نه ڏني هئي.

نصرت ڀٽو ڪيس ۾ چيف جسٽس انوارالحق ساڳي طريقي سان نظريه ضرورت ”Doctriwe Doctrine of Necessity“ تحت افواج پاڪستان جي ان غير آئيني قدم کي جائز قرار ڏنو ۽ اڳي کان به قدم اڳتي وڌندي چيف مارشلا ايڊمنسٽريٽر ضياالحق کي مارشلا آرڊرز، ريگوليشنز جاري ڪرڻ ۽ آئين ۾ ترميم ڪرڻ جا شخصي اختيار پڻ ڏئي ڇڏيا.

تنهن تي چيف مارشلا ايڊمنسٽريٽر جنرل ضيا الحق پاڻ آئين

۾ ترميمون ڪيون، جنهن ۾ ججن لاءِ نئون حلف نامو جنهن ۾ آئين سان وفاداري جو جملو ڪٽيل هو ۽ ججن کي مارشلا جي حڪمن ۾ عملن تي ڪنهن به نظرثاني جو اختيار نه هو.

MRD جي انتهائي وڏي سياسي تحريڪ بعد ضيا الحق مجبور ٿيندي فيبوري 1985ع ۾ غير جماعتي اليڪشن ڪرائي مارچ ۾ آئين جي بحالي جو آرڊر پاس ڪيو.

اجان غير جماعتي بنيادن تي چونڊيل ميمبرن حلف ئي نه کنيو هو ته آئين جو چهرو مسخ ڪرڻ لاءِ اٺين ترميم جو بل پيش ڪيو ويو.

17آڪٽوبر 1985ع تي اٺين ترميم منظور ڪئي وئي. هي اهڙي ترميم هئي / آهي جنهن آئين ۾ انتهائي تباهه ڪن تبديليون ڪيون. جنهن ۾ صدر پاڪستان جي اختيارن ۾ انتهائي گهڻو اضافو ڪيو ويو. ۽ ان جي چونڊ جي طريقيڪار ۾ به تبديلي آندي وئي. ان حد تائين جو ان تي ڪي 58 B(2) تحت اهو اختيار ڏنو ويو ته هو ڪنهن به وقت پنهنجي صوابديد تي ملڪ جي چونڊيل اسيمبلين کي ڊاهي سگهيو ٿي.

ان هڪڙي ئي شق کي ڏسجي ته ان تحت ملڪ جي سڀ کان اهم ۽ چونڊيل سياسي ادارن تي راتاها هنيا ويا يا وري شديد دٻاءُ پيدا ڪيو ويو ۽ عوامي مينڊيٽ جو ڪوبه احترام نه ڪيو ويو هن اختيار تحت هڪ دفعو محمد خان جوڻيجو، ٻه دفعا محترمه بينظير ڀٽو ۽ هڪ دفعو نواز شريف جي حڪومت کي گهر پيڙو ڪيو ويو. ان تي ئي اٺين ترميم تحت 1977ع کان وٺي 1985 تائين چيف مارشلا ايڊمنسٽريٽر جي سڀني قدمن، حڪمن کي آئيني تحفظ ڏنو ويو. ۽ انهن کي ڪنهن به عدالتي نظرثاني کان مٿانهون قرار ڏنو ويو.

ضيا الحق جي موت بعد آيل جمهوري ۽ سياسي حڪومتون اِهو ست ئي نه ساري سگهيون ته .اٺين ترميم“ سبب آئين جي بگڙيل شڪل کي سڌاري سگهن.

1988ع جي اليڪشن بعد B(2)58 جي آئيني شق ڪنهن به سول حڪومت ۽ چونڊيل اسيمبليءَ جي ڪنڌ تي لڙڪندڙ تلوار رهي. اها ترميم ملڪ ۾ اڇي ڪاري جي مالڪن کي ايتري ته پياري رهي آهي. جو جڏهن سياستدانن ان عذاب مان جان ڇڏائڻ لاءِ سال 1997ع ۾ آئين ۾ تيرهين آئيني ترميم پاس

کري 58(2)B تحت صدر جي اسيمبلين کي ڈاهڻ جي اختيار کي منسوخ ڪيو ۽ ان بعد وري 14 آئيني ترميم ڪئي وئي. جنهن تحت اسيمبليءَ ميمبرن جي فلور ڪراسنگ يا وفاداريون تبديل ڪرڻ تي پابندي وڌي وئي ته انهن پنهي آئيني ترميمن خلاف ملڪ ۾ پيونچال اچي ويو. ملڪي اسٽبلشمنٽ جي چاڙتي تڏهوڪيو چيف جسٽس سجاد علي شاهه 24 آڪٽوبر تي چوڏهين آئيني ترميم خلاف داخل ڪيل درخواست تي بنان کنهن ٽر کي پڌڻ جي 14 ترميم کي منسوخ ڪري ڇڏيو.

ٻي ڏينهن يعني 31 آڪٽوبر 1997ع تي 13 ترميم کي به چيلينج ڪيو ويو.

2 ڊسمبر 1997ع تي هڪ ئي وقت سپريم ڪورٽ ۾ ٻه عدالتون لڳيون. ڪورٽ نمبر 1 ۾ جسٽس سجاد علي شاهه جي سربراهي ۾ جڙيل تي رڪني بينچ هين 13 ترميم کي رد ڪيو جڏهن ته ساڳي ئي ڏينهن تي ڪورٽ نمبر 2 ۾ جسٽس سعيد الزمان صديقي جي سربراهي ۾ جڙيل ڏهه رڪني بينچ "ججز ڪيس 1996" جي روشني ۾ چيف جسٽس سيد سجاد علي شاهه کي ڪم ڪان روکي ڇڏيو ۽ ان جي 13 آئيني ترميم خلاف ڏنل فيصلي کي به معطل ڪري ڇڏيو.

اهڙي طرح عدليه جي ايماندار ججن پنهنجي صفن ۾ بغاوت ڪندي تڏهوکي چيف جسٽس سجاد شاهه جي اسٽبلشمينٽ سان ساز باز ۾انهن جي دلاليءَ خلاف قابل تحسين ڪم ڪيو. اهڙي طرح تيرهين ترميم بحال ٿي وئي جنهن تحت 58(2)B جو خاتمو ٿي ويو.

عجيب اتفاق آهي ته 13 ۽ 14 ترميم پاس ڪرائيندڙ ساڳي اسيمبليءَ آئين ۾ پندرهين ترميم پاس ڪرائڻ لاءِ پچ ڊڪ شروع ڪئي ۾ 1998ع ۾ نواز شريف آئين ۾ 15 ترميم جو مسودو تيار ڪرايو جنهن تحت قرآن ۽ سنت کي سپريم لا قرار ڏيارُڻ هو. هي آئيني ترميم قومي اسيمبليءَ مان پاس ٿي چڪي هئي ۽ سينٽ ۾ بحث هيٺ هئي. ته 12 آڪٽوبر 1999ع تي جنرل پرويز مشرف قومي اسيمبليءَ ۽ سينٽ پنهي کي توڙي ڇڏيو. اهڙي طرح هي پندرهين آئيني ترميم جو بل غير مؤثر ٿي ويو.

"مشرف آمريت"

ضـــياءُ جي مارشل لا بعد 1973ع جي آئين تي پيو وڏو وار مشرف جو ي آمـريت هُـئي. کـود تـاهيو هـو. هن فـوجي کـاهه تحت مشـــرف پنهنجي پهـــرئين خطـــاب ۾ چيو ته ”عزيز هم وطنو...... هٿياربند فوج آخري حل طور ملڪ جو انتظام سنڀالي ورتو آهي ته جيئن ملڪ کي وڏيڪ غير يقيني کان بچايو وڃي“ 14 آڪٽوبر 1999“ ملڪ ۾ باضابطه هنگامي حالتن جو اعلان ڪيو ويـو. آئين کي معطل ڪيو ويـو. مشـرف ملڪ جو چيف ايگزڪيٽو بڻيو.

قومي ۽ صوبائي اسيمبليون معطل ڪيون ويون پي سي او جـاري ڪنـدي اهو حڪم نافذ ڪيو ويو ته چيف جسـٽس ايگزيڪيوٽو جي عملن کي ڪنهن به ڪـورٽ ۾ چيلينج نه ڪيو ويندو مشرف جي ان ايمرجنسي ۾ غير آئيني قدم خلاف قـومي اسيمبليءَ جي ميمبر سيد ظفر علي شاهه سپريم ڪـورٽ ۾ آئين جي (3) 184 آرٽيڪل تحت هڪ پٽيشن داخل ڪئي.



مشرف سرڪار کي ڊپ هو ته شايد سپريم ڪورٽ ان خلاف فيصلو ڏئي تـڏهن پيو ”PCO“ جنوري 2000 ۾ جاري ڪيو. جنهن تحت سپريم ڪـورٽ جي ججن کـان نئـون حلف وٺڻ جو آرڊر جاري ٿيو. نئون حلف ان ڪـري جيئن اهي آئين جي پاسداري جي حلف جا پابند نه رهن، حلف نه وٺندڙ ججن کي جبري رٽائر ڪيو ويو.

جنهن تحت سپريم ڪورٽ جا هيٺيان ڇهه معزز جج نئون حلف نه وٺڻ جي ڪري جبري رٽائر ٿي ويا.

چيف جسـٽس سيد الزمـان صديق (2) جسـٽس خليل الرحمـان، (3) ناصر اسـلم زاهد (4) جسـٽس مـامون قاضي (5جسٽس وجيهه الدين احمد (6) جسـٽس ڪمـال منصـور 12 مـئي 2000ع تي سپريم ڪـورٽ جي 12 ججن چيف جسـٽس

ارشاد حسن خان جي سربراهي ۾ ان پٽيشن جو فيصلو ٻڌايو.
ان فيصلي ۾ مشرف سرڪار جي ٻڌايل ”واقعاتي حقيقتن/افسانن“ کي مڃيو ويو ۽ ان تحت بيگم نصرت ڀٽو ڪيس ”1977“ ۾ طئه ڪيل ”نظير“ Precedents تحت ”نظريه ضرورت“ کي قبول ڪندي، ملڪ جي سپ کان اهم دستاويز آئين پاڪستان بجاءِ مختلف حالتن ۾ واقعن جي گهڙيل ڪهاڻين کي قبول ڪندي، نه صرف ڀٽو ڪيس 1977ع ۾ طئه ڪيل قانوني نقطي.

”Salus Populi Suprma lex“

”The walfare of people is the supreme law

کي ملڪ مٿان لاڳو ڪندي، مشرف سرڪار کي جائز قرار ڏنو ويو. ۽ ان کي اڃا ٽن سالن جي مدي تائين ملڪ تي حڪمراني ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو. ۽ جنرل مشرف فرد واحد کي آئين ۾ ترميم ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو. (جيڪو مشرف گهريو به نه هو، بس اها هڪڙي هدايت ڪئي وئي ته ٽن سالن اندر مشرف ملڪ ۾ شفاف چونڊون ڪرائيندو.)
يعني پاڪستان جي اعليٰ عدالت پنهنجي پراڻي روايت ”گُٽي حلال ڪرڻ“ تي قائم رهي.
سپريم ڪورٽ جي ڏنل يا جائز ڪري ڏنل اختيارن تحت مشرف 20 جون 2001ع ۾ پاڻمرادو صدر پاڪستان بڻيو ان بعد 30 اپريل 2002ع تي ريفرينڊم ڪرائي پنهنجي صدارتي عهدي ۾ 5 سالن جو اضافو ڪيائين 21 آگسٽ 2002 تي LFO جاري ڪيائين جنهن تحت ملڪ ۾ چونڊون ٿيون ۾ ق ليگ جي حڪومت ٺهي. متحده مجلس عمل جي مهرباني سان 17 هين آئيني ترميم پاس ڪرايائين جنهن تحت صدر کي اسيمبليون ٽوڙڻ جو اختيار حاصل ٿيو ۾ نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي قيام ذريعي افواج پاڪستان کي آئيني ڪردار ڏنو ويو. جڏهن ته ” 2002 LFO“ کي آئيني تحفظ ڏنو ويو. اهڙي طرح ملڪ آئيني طور تي ئي مشرف آمريت ۾ اسٽبلشمينٽ جي چنبي ۾ اچي ويو.
پارليامينٽ ۾ سياستدان ڪنهن به وڏي مزاحمت بجاءِ مشرف آمريت سان نڀاءُ ۾ هلڻ لڳا.
مشرف آمريت سان وڏو ٽڪراءُ 2006-2007 ۾ سپريم

ڪورٽ جي ڪجهه عوامي مفادن تحت ڏنل فيصلن تان شروع ٿيو. اهو ٽڪراءُ بنيادي طرح غير سياسي رياست جي سول ملٽري ادارن جو ٽڪراءُ هو. جنهن عدليه پنهنجي آزاد قيام يا اسٽبلشمينٽ جي دٻاءُ کان ٻاهر اچڻ لاءِ عوامي بنيادن تي بيهڻ جي ڪوشش ڪئي.

عدليه جي اهڙي طرح رياست جي معاملن عدالتي سرگرمي-طاقت جي هڪ محور بڻجڻ جو عمل ملڪ مٿان حڪمران طاقت جي ٽنپ رياستي انتظاميه يا بدقسمتي سان ان وقت جي حڪمران ٽر (فوج+ايجنسيون+بيوروڪريسي) سان ٽڪراءُ ٿي بيٺي.

عدليه جي سياست کان ڌار هڪ آئيني، قانوني اداري جي حيثيت هوندي به ان کي پنهنجي بحالي لاءِ غير قانوني طريقن، ڌرڻن، احتجاجن، هڙتالن، لانگ مارچن جو سهارو وٺڻو پيو. ملڪ جي وڏين سياسين پارٽين جو مشرف آمريت سان ٽڪراءُ هن تحريڪ کي ”مشرف هٽايو“ تحريڪ ٺائين وني آيو.

ملڪ جي سول سوسائٽي، سياستدانن، ترقي پسندن، قومپرستن مذهبي پارٽيون هن تحريڪ گرفتارين، تشدد، 12 مئي 9 اپريل جي شهادتن رت جو ريج تي ان تحريڪ کي ڪاميابي ڏانهن وٺي ويون. عدليه بحالي بعد مشرف آمريت جي طرفان 3 نومبر 2007 تي لڳايل ايمرجنسي خلاف داخل ڪيل پٽيشن تي 30 سيپٽمبر 2007ع تي سپريم ڪورٽ جي 14 ججن تي مشتمل لارجر بينچ چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري جي سربراهي هڪ تاريخ ساز فيصلو ڏنو جنهن اِهو واضح لفظن ٻڌايو ويو ته چيف آف آرمي اسٽاف کي ڪوبه اختيار حاصل نه آهي ته هو ملڪ ايمرجنسي لاڳو ڪري.

”3 نومبر 2007ع تي مڙهيل ايمرجنسي غير آئيني غير قانوني هئي. ٻوگر ڪنهن به صورت چيف جسٽس نه هو نه ئي ان جا فيصلا ڪنهن به طرح جائز هئا. ججن لاءِ 1973ع جي آئين تحت تي حلف کڻڻ ان جي پاسداري لازمي آهي. 1973ع جي آئين خلاف ڪنهن به قسم جي سازش، منسوخي، يا ڪنهن ٻئي قانوني ڍانچي جي ڪابه حيثيت نه آهي.“

مٿئين فيصلي جي روشني پارليامينٽ لاءِ اهو انتهائي آسان هو ته هو آئين جي آرٽيڪل 6 تحت مشرف کي ملڪ جو

سنگين غدار قرار ڏئي ڇڏي.

پر پارليامينٽ ڪنهن به اهڙي جهيڙي وارڻ ڪان پنهنجي نااهلي ثابت ڪري ڇڏي. اسامه بن لادن جي پاڪستان ۾ مارجڻ وقت ملڪي اسٽبلشمينٽ شديد مالي دٻاءُ ۾ هئي پر پارليامينٽ پنهنجي هر طرح جي نااهلي کي ثابت ڪيو.

آئين جي غداري خلاف فيصلو هجڻ باوجود پارليامينٽ عدالتي حل جو رستو اختيار ڪيو. جيڪو ڏينهون ڏينهن مشڪوڪ بڻجندو پيو وڃي. اهو اسان جهڙن سماجن جو انتهائي اهم مسئلو آهي ته ٽئين دنيا جوڙي پڇ لٽڪاءُ بورجوازي پنهنجي ملڪن ۾ سول بورزوازي جي جمهوريت ۾ آئين تحت حڪمراني قائم ڪرڻ ڪان به نااهل آهن.

نواز شريف جي ڳري مينڊنٽ واري حڪومت پنهنجي انتهائي خراب ڪارڪردگي ۾ نااهلي سبب گوڏا ڪوڙي چڪي آهي يقين ئي نه ٿو اچي ته ڪجهه مهينا اڳ پارليامينٽ ۾ موجود سياستدان جڏهن "ڊرٽا پروگرام" جي خلاف ۾ ڪنهن امڪاني خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ متفق هئا اهي ئي اهڙي ترميم پاس ڪري ويا. ۾ فوج کي آئين جي 245 شق تحت ڏنل اختيارن، اوسر ڪندي عدليه جو روپ به ڌاري ورتو آهي. تڏهن ان مامري کي اوسر ڪرڻ ۾ ڪهڙي دير لڳندي ته "سول قانون جي اصولن تحت قانوني سوالن "Questions of law" ۾ واقعاتي / حقيقي سوالن "Questions of Fact" تحت اهو طئه ٿيڻ لڳي ته 1973ع جو آئين نئين واقعاتي ۾ حقيقي سوالن کي Questions of Fact جوابي نه ٿو سگهي يا جيڪي قانوني سوال "Questions of law" آئين ۾ ڏنل آهن، اهي واقعاتي طور تي اپريل حالتن واقعن ۾ ملڪي ضرورتن کي جوابڻ لاءِ ناڪافي آهن تنهنڪري ملڪ جي .عظيم مفادن تحت ملڪ جون اهي ڌريون جيڪي "Defecto" ملڪ جون مالڪ آهن انهن کي هاڻ "De Jure" ملڪ جو مالڪ بڻائجي تڏهن پارليامينٽ جو جمهوري راڳ بلڪل بند ٿي ويندو.

ان جو هڪ سبب اهو به آهي ته هڪ وڏي عرصي بعد عدليه جيو 30 سيپٽمبر 2009ع جي فيصلي تحت "نظريه ضرورت" کي رد ڪرڻ بعد پارليامينٽ ۾ سياستدانن 18 هين ترميم متفقه پاس ڪري ملڪ ۾ ڪنهن قدر اهو ماحول جوڙيو هو ته شايد

هاڻ پاڪستان □ ڪنهن به آمريت ڪي رستو نه ملي پر ملڪ جي پارليمـاينٽ 21 تـرميم متفقه طـور تي پـاس ڪـري عدليه جي نظريه ضرورت واري ذميواري به پاڻ ڪٽي ورتي آهي.

باوجود ان جي ته وڪيلن جي بار ڪائونسلز متفقه طـور تي ملڪي سطح تي 21 هين ترميم خلاف ڪارو ڏينهن ملهـايو آهي. □ ان خلاف تحـــــــريڪ جو اعلان ڪيو آهي پر ملڪ جي وڏين سياسي پارٽين پارليامينٽ اندر □ پارليامينٽ ڪـان ٻـاهر ڪنهن به اهــڙي آئيــني تحــريڪ جي پرجهلو ٿيڻ جو اظهــار نه ڪيو آهي. تـــڏهن بـــار □ عدليه ڪـــان اها توقع رکڻ ته اها اڪيلي سر اهو ”ڪاٺ ڪلهي تي“ کڻي سگهندي □ ملڪي آئيني / قانوني بحران □ جمهوريت □ آئين جو ساٿ ڏينـدي □ پارليـامينٽ کي ڪنهن به اهــڙي غــير آئيـني عمل ڪـان روڪينــدي ته اها خـــواهش ته ٿي سگهي ٿي پر حقيقت نه!

اسٽبلشـــمنٽ جي بهـــاني ضــــرورت □ جـــواز کي ”سياسي مفاهمت“ ملڪ □ رستو ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وئي آهي.

تڏهن يقين رکو ته ملڪ □ آئين، جمهوريت، انسان دوســتي، قومي حق □ ٻين مامرن بجـاءِ ملڪي اسٽبلشـمنٽ طرفـان طئه ڪيل پاليسي ڪنهن به ريت جنگ □ سيڪيورٽي رسڪ ڪـان پـئي طـــــرف نه وينـــــدي □ ملڪ انــــدر لڳل باهه □ ان باهه جا الاءُ پاڙيسرين جي گهرن □ به ويندا رهنـدا. بغـير ان باهه □ جنگ جي واڌاري جي ڪابه بهتر پاليسي نه ٿي سگهندي.

تڏهن ئي ته گزيٽ آف پاڪستان □ شائع ٿيل ايڪهين تـرميم جو مهــاڳ □ پروٽيڪشن آف پاڪسـتان ايڪٽ 2014 جو مهــاڳ بلڪل ساڳين لفظن □ اهو لکي ٿو ته ”هن آئيني تـرميم □ ايڪٽ جي ضرورت فقط پاڪستان جي خلاف بغاوت □ جنگ ڪان بچــاءُ لاءِ آهي.“

هـــاڻ اها ”بغـــاوت □ جنـــگ“ پروٽيڪشن آف پاڪســـتان □ ايڪهين ترميم پاس ٿيڻ بعد ”ڏوهن □ ڏوهارين“ خلاف پاڪستان جي سرحدن بجاءِ شهرن ڳوٺن محلن □ ڳلين □ وڙهي ويندي.

تنهنڪري عـالمي قوتـون پارليـامينٽ جهـڙي غـير اهم ٻڌجي ويل اداري بجاءِ طاقت جي اصل مرڪز سان ڳالهـائڻ □ معـاملا طئه ڪرڻ پسند ڪن ٿيون.

اسان پنهنجي مضـمون جي شـروعات □ سـپريم ڪـورٽ □

بحث لاءِ پيش ڪيل قانوني / آئيني سوال ڪان ڪئي هئي ته ڇاآيا پارليامينٽ آئين جو بنيادي ڍانچو تباهه ڪندڙ ڪا آئيني ترميم ڪري سگهي ٿي؟

پر پوءِ هن مضمون ڪي اسان سوال تي سڌو تبصرو ڪرڻ بجاءِ پاڪستان جي آئين ۾ انهن ۾ ترميمن جي جائزي ۾ ساٽس لاڳاپيل سياسي سوالن طرف هليا آياسين جيئن ٿوس مامرن کان واقف ٿي سگهون.

حقيقتن ان سوال جو جواب سپريم ڪورٽ آف پاڪستان کي ڏيڻو آهي. تنهنڪري پاڻ ان تي سڌو ڳالهائڻ بجاءِ اهو فرض ڪيون ته جيڪڏهن سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ان سوال جو جواب اگر مگر ۾ قانوني پيچيدگين سان "صاف ها ۾" ڏنو يا نهڪر ڪندي ڪي ضرورت، ۾ جواز جا رستا ڪي شرطون. هدايتون، ڏيندي اهو پڌائي ته آئين ۾ ڪنهن اهڙي "Question of Fact" جو جواب موجود نه آهي ۾ ساڳي وقت پارليامينٽ کي ڪنهن به اهڙي "Question of Fact" تي قانون سازي لاءِ "سول قانون بجاءِ ڪي فوجي قانونن جي ضرورت آهي ته پوءِ شايد ملڪي مامرا ڪنهن نئين طرف هلڻ شروع ڪن. ڇو ته ڪمانڊو سياستدان" ملڪ ۾ 58(2)B کي به شدت سان ياد ڪري ٿو. ۾ ڪجهه ڌريون ته ٽي وي چينلز تي اهو به چون ٿيون ته ملڪ ۾ نئين آئين ساز اسيمبليءَ جي ضرورت آهي. جيڪا ملڪ کي "نئون آئين" ڏئي يا وري اهي ڌريون پارليامينٽ تي دٻاءُ پيدا ڪندي سياستدانن کان جمهوري اصولن بجاءِ "ضرورت ۾ جواز" جي بنياد تي لڳاتار ترميمون ڪرائيندا رهن.

زرعي جنس جي اگهه جو مسئلو

فيض کيريو



سنڌ جي آبادي جو گهڻو حصو زرعي پيدائش تي انحصار ڪري ٿو. ڪجهه سالن کان زرعي معيشت جي صورتحال خطرناڪ حد تائين پهچي چڪي آهي. زرعي معيشت دراصل سنڌ جي اڪثريت جي وجود جو مسئلو آهي، ٿر جي زمين زرعي مقصد لاءِ استعمال ڪري، ڏڪار ختم ڪري سگهجي ٿو، ڪوٽڙي بئراج ڪان هيٺ ڏهه ايم ايف پاڻي ڇڏي، بدين، ٺٽو ۽ جي زمين ۾ پين ضلعن جي مٽي جر کي بچائي سگهجي ٿو. ٽنهين بئراجن جي چوڏهن واهن جي پڇڙيءَ کي پاڻي رسائي ڏڪار کي ختم ڪري سگهجي ٿو، سانگهڙ ۾ نوابشاهه ضلعن جي هزارين ايڪڙ زرعي زمين سِم ڪلر ۾ خراب ٿي وئي آهي، گهوٽڪي ۾ پين علائقن جي زرعي زمين کي بچائڻ لاءِ پنجاب پنجاب جو زهريلو پاڻي بند ڪري سگهجي ٿو. هي ڪجهه اُهي خطرا آهن جيڪي پنهنجي نوعيت ۾ وڏن تا ۾ گهڻو اثر ڇڏي چڪا آهن ۾ اجان به ڇڏيندا.

پورهيت، هاري ۾ ننڍي آبادگار جي زرعي معيشت کي پيو وڏو خطرو فصل جا اگهه تمام گهٽ هئڻ سان آهي. ٻهراڙي جي غريب پورهيتن جو گذر سفر ڇهين مهيني جي فصل تي آهي، هاريو يا مزدوري پورهيت وٽ پئسو، زرعي پيدائش مان اچي ٿو، ڪجهه سالن کان لاڳيتو تمام گهٽ اگهه ٿيڻ سبب ٻهراڙيءَ ۾ بيرزوگاري وڌي وئي آهي، هاري کي فصل مان بچي نٿو، ننڍو آبادگار فصل جو خرچ به نٿو ڪڍي سگهي. دڪاندار، واڍا، حجام، پنچرن جا ڪاريگر يا سِرون هٽندڙ مزدور سڀ ڏنڌا ۾ پورهيا تنگيءَ جو شڪار آهن. ماڻهن وٽ بچت نه ٿيندي، ته نه گهر نهرائيندا نه ئي حجام کي قرض ڏئي سگهندا، جي ننڍن

دڪاندارن کي قرض نٿو ملي، ته هو پاڻ سخت بحران ۾ اچيو وڃن. اهڙي حالت ۾ غريب پورهيت کي نه روزگار ملي ٿو، نه اوڌر ملي ٿي. زرعي پيدائش جي اگهه جو مسئلو ائين ئي جاري رهيو ته اجان به صورتحال خراب ٿيندي.

حڪومت جي معاشي حڪمت عملي سبب گذريل ڪَتي ۾ هن چيت جي فصلن اگهه تمام گهٽ ڪيا آهن. ڦتي (ڪپهه) بصر، ڪمند ۽ ڪڻڪ اهم فصل آهن. ڪمند جو جائز اگهه وٺي ڏيڻ ۾ آبادگارن کي وڏي نقصان کان بچائڻ لاءِ ضروري هو ته سنڌ حڪومت ڪيسڪين ايڪٽ 1934 تحت شگر ملن جي پيڙائي پندرنهين نومبر کان ڪرائي ها، پر نه حڪومت ڪجهه ڪيو ۽ نه مل مالڪن پيڙائي شروع ڪري ڪمند ڪنيو، نومبر ۾ ڪمند نه نڪرڻ سبب، زمين خالي نه ٿي ۽ آبادگارن جو چيت جو فصل ڪڻڪ، پوکجي نه سگهيو. شگر مل مالڪ ايڏا ته طاقتور آهن جو سرڪاري قانون کي لتاڙي نومبر بجاءِ ڊسمبر ۾ پيڙائي شروع ڪئي وئي، حڪومت 182 روپيا في مڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو پر هاڻ ان تي به عمل نه ٿيو، شگر ملز مالڪن سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل ڪري، بحران جو وقت وڌائي فائدو حاصل ڪيو، سنڌ هاءِ ڪورٽ به سرڪاري اگهه 182 روپيا ڏيڻ جو حڪم ڏنو پر ملز مالڪن جي هٺ ڌتي اجان به قائم آهي. سنڌ ۾ 33 (ٽيٽيهه) شگر ملون آهن. زرداري، انور مجيد ۽ عسڪري ڌرين جي بااثر ماڻهن وٽ 17 (سترنهن) ڪن ملون آهن. زرعي ڪاتي جي وزير علي نواز مهر جي پنهنجي مل آهي، پ پ ۾ عسڪري ڌرين وٽ ئي شگر انڊسٽري آهي هنن ئي سڄي سنڌ کي يرغمال ڪيو آهي. سرڪاري ادارا عوام جي ڀلائي ڪرڻ بجاءِ سرمائيدار ٽولي جي پيرن ۾ ڪريل آهن. چمبڙ جي علائقي ۾ پوليس گردي ذريعي آبادگارن کي دٻائي ڌمڪائي ڪمند ڪنيو ويو. ڪروڙين روپين جي بقايا آهي، ڏيڻ بجاءِ ڪوڙن ڪيسن جون ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون. ڪمند جو هڪ گهٽ اگهه پيو 20 سيڪڙو ڪنتوٽتو، ٿيون رقم روڪ رقم يه نه ملي. مٿان جي ڪمند زمين مان نٿو نڪري ته وزن گهٽايو چڙي. گهٽي نقصان کان بچڻ لاءِ ننڍن آبادگارن مجبورن ڪمند ڪڏيو. هڪ اندازي موجب سنڌ ۾ 40 ڪروڙ مڻ ڪمند موجود آهي، هينئر تائين شگر ملز 16 ڪروڙ مڻ ڪمند ڪنيو آهي، جنهن تي پنج

ڇهه ارب روپيا نقصان ٿي چڪو آهي، سيزن پوري ٿيڻ ڪانپوءِ ٽيويهه ارب روپين جو نقصان ٿيندو.



ڪمند جي في ايڪڙ تي مالي لاڳت اندازن 75000 (پنجهتر) هزار کان 80000 (اسي) هزار خرچ ڪٽجي، ٻه هزار ڪنتوڙتو ڪٽجي باقي بچيا 23000 (ٽيويهه) هزار روپيا.

مجموعي بچت مان هاري کي وچي ٻه ٽي هزار ملندا هڪ هاري جي خاندان جو ساليانو خرچ تقريبن ٻه لک روپيا آهي. جي گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ لک ٿئي ته ٻه ڪيئن پورو پوندو. ٻئي طرف هڪڙي شگر مل چوويهه ڪلاڪن ۾ 25000 (پنجويهه) هزار کان 30000 (ٽيهه) هزار ڪٽا (50 ڪلوگرام پوري) کنڊ جا پيدا ڪري ٿي، شگر مل انتظاميه ڪلو کنڊ 50 (پنجاهه روپيا) تي ڏي ته، في ايڪڙ مان 350000 (ٽي لک پنجاهه هزار روپيا) ٺاهي ٿو. هڪ ڪٽي (پنجاهه ڪلو گرام جي پوري) تي ڏهه ڪِلو سيرو نڪري ته روزاني ٽي لک ڪلو جو ته سيرو نڪري ٿو. پندرنهن هزار ليٽر وارو ٽينڪر 45 (پنجيتاليهه) لک روپين جو آهي. ٻگاس ۽ ڪيميڪلز جي پيداوار مل جي لاڳت تي خرچ ٿئي ته، في ايڪڙ تي ڏهه لک روپين کان مٿي شگر مل مالڪ منافعو ڪٽي ٿو. هاري کي في ايڪڙ مان بچت آهي پنج کان ڏهه هزار، زميندار جي ٿيئي پندرنهن کان پنجويهه هزار. ڏهه يارنهن مهينا تڪليفون برداشت ڪري جيڪي فصل پچائن ٿا، انهن جي معيشت ڏينهون ڏينهن تنگ ٿيندي وڃي ۽ جيڪي عوام جو ئي پئسو بئنڪن کان ڳٽ جوڙ رستي حاصل ڪري ملون هلائين ٿا، سال ۾ ڪرب پتي ٿيو وڃن. شگر مل مافيا منڊي ۾ هٿرادو ڪوٽ پيدا ڪري، مهانگي کنڊ وڪرو ڪن ٿا، ان مان ٻه اربين روپين جو ڪارو ناڻو ٺاهين ٿا. ان کان علاوه ننڍن آبادگارن جا ڪروڙين روپيا هڪ هڪ مل ڏي رهت آهن، ايڏي رقم تي ٽي سال بئنڪن ۾ رکيو لکين روپيا ٺاهين ٿا. سڄي سنڌ کي يرغمال ڪري اربين روپين جي منافعي خوري ڪندڙ شگر ملن جا نالا هي آهن.

حبيب شگر ملز (نوابشاهه)
(1) خيرپور شگر ملز (خيرپور)
(2) لاڙ شگر ملز (بدين)
(3) العباد شگر ملز (ميرپورخاص)
(4) عبدالله شاهه غازي شگر ملز (ٺٽو)
(5) النور شگر ملز (نوابشاهه)
(6) انصاري شگر ملز (ٽنڊو محمد خان)
(7) آرمي ويلفئر شگر ملز (بدين)
(8) باواني شگر ملز (بدين)
(9) ديوان شگر ملز (بدين)
(10) فاران شگر ملز (حيدرآباد)
(11) ڏگهڙي شگر ملز (ميرپورخاص)
(12) جي ڊي ڊبليو شگر ملز (گهوٽڪي)
(13) ٻچاٽي / چمبڙ شگر ملز (ٽنڊوالهيار)
(14) ڪرن شگر ملز (سکر)
(15) ٿرپارڪر شگر ملز (ميرپورخاص)
(16) سردار غلام محمد شگر ملز (گهوٽڪي)
(17) ٽنڊو محمد شگر ملز (ٽنڊو محمد خان) بند آهي.
(18) ٽنڊو الهيار شگر ملز (سنجر چانگ)
(19) سنڌ آبادگار شگر ملز (ٺٽو)
(20) شاهه مراد شگر ملز (ٺٽو)
(21) سيري شگر ملز (حيدرآباد) بند آهي.
(22) نيو دادو شگر ملز (دادو)
(23) سانگهڙ شگر ملز (سانگهڙ)
(24) سڪرنڊ شگر ملز (نوابشاهه)
(25) راڻي پور شگر ملز (خيرپور)
(26) پنگريو شگر ملز (بدين)
(27) نئون ديرو شگر ملز (لاڙڪاڻو)
(28) نجما شگر ملز (ميرپورخاص)
(29) مرزا شگر ملز (بدين)
(30) ميرپورخاص شگر ملز (ميرپورخاص)
(31) مهراڻ شگر ملز (حيدرآباد)
(32) مٽياري شگر ملز (مٽياري)

ڪمند ڪانپوءِ بصر جو حساب ڪجي ته، في ايڪڙ (33) تي خرچ آهي پنجٽيهه ڪان چاليهه هزار، في ايڪڙ پيدائش ڏي ٿو تقريبن سٺ ٻوري، هڪ ايڪڙ تي ٻه هزار مس ٿا ملن، ٻه هزار هاري ڪٽي يا زميندار، هن سال لکين ٻوريون بصر جون پيدا ٿيون پر اگهه تمام گهٽ ٿيڻ سبب خرچ به نه لٿو. گذريل سال سارين جو اگهه هو 960 (نو سئو سٺ روپيا) هن سال ننڍن آبادگارن کي مليو 760 (ست سئو سٺ روپيا) ڪڻڪ لازمي خوراڪ آهي، غريب ماڻهو جو اڌ خرچ ڪڻڪ آهي. هن سال ڪڻڪ جو اگهه به تمام گهٽ ٿيندي نظر پيو اچي. ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ايڪسٽينشن حيدرآباد موجب 11-2010ع ۾، 3703084 ٽن ڪڻڪ پيدا ٿي. جيڪڏهن گذريل سال لڳ ڀڳ ايتري ڪڻڪ پيدا ٿي هجي ته پوءِ ٻاهران گهرائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي، نئين ڪڻڪ اچڻ ۾ باقي ڪجهه ڏينهن آهن پر سرڪاري گدام ڀريا پيا آهن. گذريل سال رڳو ٻن مهينن ۾ 727687 (ست لک ستاويهه هزار ڇهه سئو ستاسي ٽن) ڪڻڪ ٻاهران گهرائي وئي. ٻاهرين ڪڻڪ تي لاڳت جو خرچ گهٽ هئڻ ڪري سستي آهي. حڪومت وٽ موجود ڪڻڪ جو اگهه 3350 (ٽي هزار ٽي سئو روپيا) آهي ته، ٻاهرين ڪڻڪ جو اگهه 3150 (ٽي هزار هڪ سئو پنجاهه روپيا) آهي. جيڪڏهن پنهنجي ڪڻڪ تي حڪومتي امداد ڏئي فروخت ڪجي ها ته، ڪڻڪ جو بحران پيدا نه ٿئي ها.

عالمي منڊي ۾ پاڪستاني ڪڻڪ هڪ ته مهانگي آهي ٻيو معيار به گهٽ آهي. ان ڪري عالمي طور سستيون جنسون وڪرو ٿين ٿيون. ٻين ملڪن جي ڪڻڪ جو معيار ۽ اگهه ان ڪري گهٽ نه آهي جو حڪومت پاڻ، ٻج، دوائن ۽ بجلي تي حڪومتي امدا ڏي ٿي. ڪمپنيون معيار جي لحاظ ڪان قانون جون پابند ڪيون ويون آهن. اسانکي يوريا ياڻ جي ٻوري ٻه هزار روپين ۾ ملي ٿي، انڊيا ۾ 900 (نو سئو روپين) جي آهي، اسين هڪ فصل تي چار پنج دوائون ڪيون ٿا پوءِ به مرض ختم نٿو ٿئي. ٻين ملڪن ۾ هڪ دوا ڪان پوءِ ضرورت ئي نٿي ٿئي. انڊيا مجموعي طور زراعت تي 37362 (ستٽيهه هزار ٽي سئو ٻاهٺ) ملين ڊالر جي سرڪاري امداد ڏي ٿو. پاڪستان ڪجهه سال اڳ 356 (ٽي سئو ڇاونجاهه) ملين ڊالر ڏيندو هو. پرسي هاڻي آءِ

ايم ايف جي پاليسين تحت ختم ڪري چڪو آهي. زرعي جنس جو تمام گهٽ اگهه جو مسئلو رات پيٽ ۾ پيدا نه ٿيو. حڪمران طبقي جون اقتصادي پاليسيون اهڙن بين ڪيترن مسئلن کي پيدا ڪنديون رهيون آهن.

ٻک ۾ موت جون اهڙيون ڪهاڻيون هتي عام آهن. هتي، ان لاءِ ڪافي ماڻهن لاءِ ڪول پروجيڪٽ هن خطي ۾ خوشحالي ۾ ترقي جي شروعات آهي. جيئن وزيراعظم ميان محمد نواز

شريف تازو ئي هڪ سرڪاري سطح تي ڪانفرنس ۾ چيو ته ”ٿر ڪول پروجيڪٽ بيروزگار ماڻهن کي روزگار مهيا ڪندو. هاڻي سوال اهو آهي ته ڇا واقعي اهو پروجيڪٽ ان علائقي جي بدحاليءَ جو خاتمو ڪندو؟ يا ٿر جي ماحول ۾ اتان جي ماڻهن جي زخمن کي اڃا گهرو ڪندو؟ ان صورتحال کي سمجهڻ لاءِ اڇو ته اتي جي هاٺوڪي بيهڪ تي هڪ نظر وجهون.



مٺي ۾ ننگرپارڪر سميت انهن علائقن جي رنگ برنگي ۾ مختلف ذاتين ۾ روايتن ۾ رهندڙ عوام وچ ۾ رنجرس ۾ جماعت دعويٰ جي موجودگي ائين آهي جيئن سدا تبديل ٿيندڙ حياتي ۾ زندگي مٿان ڪنهن ڌاتوءَ جو خول. اهو سڀ ڏسي مونکي پوئين سال جي چترال جي پرسان واقع بمبروت وادي جي سفر جي ياد تازي ٿي وئي جتي هر بئي گهر ڪانپوءِ هڪ مدرسو ۾ ڪجهه ئي فاصلي تي نئين نهيل فوجي ڇانوڻي هئي.

ڪيلاش ۾ ننگرپارڪر پاڪستان جي انهن علائقن مان آهن جن ۾ گهڻي تڻي آبادي غير مسلمانن جي آهي. جيڪي پنهنجي شناخت ۾ ثقافت کي صدين کان قائم رکندا آيا آهن. بئي علائقا افغانستان ۾ انڊيا جهڙن ملڪن جي حساس سرحدن تي آهن.

”ڪنهن به ڌارئي کي اچڻ جي اجازت نه آهي“ (No foreigners allowed). ننگر ۾ داخل ٿيڻ وقت وڏن لفظن سان چيڪ پوسٽ تي لکيل آهي. اوڏانهن ته ڪيمرا کڻي وڃڻ به منع آهي. اڄ جي جديد ٽيڪنالاجي ۾ سيٽلائيٽ جي دور ۾ اهي پراڻا بيٺڪي طرز جا حفاظتي انتظام (جڏهن انگريز لکندا هئا ته ”هندساني ۾ ڪتن کي اجازت نه آهي“) ڪلڻ جوڳا آهن.

سياحت جي بدحالي تي هاءِ گهوڙا ڪندڙ لبرل دانشورن کي اهو سوچڻ گهرجي ته ٿوري تخليقي ۾ ٿر جي عام رٿن ۾ رواجن ڏانهن حساسيت وڌائڻ سان ئي اتي سياحت کي هٿي وٺرائي سگهجي ٿي، پر جيستائين وڌائڻ بجاءِ رياست اُتي

پگهاردار مولوين جو انگ وڏائي رهي آهي. ايتري سخت حفاظتي انتظامن باوجود هڪ پابندي مڙهيل تنظيم ايتري آساني ۾ بهادري سان ڪم ڪرڻ بيو ڇا ٻڌائي ٿو؟

مٺي شهر جتي نوي سيڪٽر آبادي هندن جي آهي، هر طرف ڪان جماعت جي دعويٰ جي مدرسن سان گهيريل آهي. ڳالهه صرف اتي ختم ڪونه ٿي ٿئي. ايتريقدر جو هڪ مدرسي جي ايراضي وڏائي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ۾ هڪ دڪان کوليو ويو آهي. جنهن تي اتان جي هڪ لڪل سرگرم گروپ جڏهن ”وسيلا بچايو تحريڪ هلائي ته انهن کي ڌمڪيون ڏنيون ويون. جيئن هر وڏي منصوبي ۾ ٿيندو آهي ته ان علائقن مان ”غير ضروري“ (جن کي توهان قديم، اصل رهاڪو چئي سگهو ٿا) ماڻهن کي هٽايو ويندو آهي. ساڳي ريت هي به بدڻ ۾ آيو آهي ته زمين خريد ڪرڻ جو ستو وقت آهي. جو ته اها زمين بعد ۾ سٺي قيمت تي وڪامجندي، پر انهن اصل رهاڪن کي دربدر ڪرڻ ڪانيوء حڪومت وٽ انهن کي وري گهر ڏيڻ لاءِ ڪوبه منصوبو نه آهي (پرويز مشرف جي وقت هڪ اهڙو منصوبو هو جنهن ۾ مقامي رهاڪن کي وري گهر ڏيڻ جي منظوري هئي) ۾ جيڪڏهن توهان پيل، کولهي آهيو ته پوءِ اها دربدري ئي توهان جي زندگي جو حصو ٿي وڃي ٿي. هڪ مهيني جي نوٽيس ڪانيوءِ توهان کي اٿاريو ويندو. توهان به انهن هزارين ماڻهن ۾ شامل ٿي ويندا جن کي پنهنجا گهر ۽ زمينون ڇڏيون پيون آهن. اهي مارويئڙا پنهنجي ماڳن کي ڇڏي شهري آبادي جو حصو ٿيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جيڪا ڪوشش سڄي زندگي جاري رهي ٿي. توهان کي پنهنجن ماڳن تان اٿارڻ ڪانيوء حڪومت کي توهان جي ڪابه ضرورت نه هوندي جيستائين پنهنجي ٻچن جو پيٽ پرڻ ۾ لڏيلاڻ جو قرضو لاهڻ لاءِ پنهنجي پورهيي جي سگهه کي سندن ادارن ۾ ساڙيو نه ٿا.

جديديت جا پرستار ٿر ڪول پروجيڪٽ جي امڪاني ماحولياتي اثرن کي به مذاق ٽڻائي وٺا آهن. هڪ مشهور پاليسي ساز



عارف حسين مطابق 65 سيڪڙو ڪول اسڪيم سج جي توانائي تي هلي سگهي ٿي. ٿر جهڙي علائقي ۾ سج مان ملندڙ توانائي جي ڪا ڪمي نه آهي پر واپارين جي منافعي کي وڌيڪ ترجيح ڏني وئي، بجاءِ ان جي جو ماحولياتي مفادن کي نظر ۾ رکي قدم کڻجي. ڪوئلي جي کوٽائي دوران جيڪو سامان ۾ مشينون استعمال ٿينديون آهن اهي زمين ۾ موجود پاڻي جي ذخيرن سان رابطي ۾ اينديون آهن. جيڪو پاڻي 70 ميٽر هيٺ ڪوئلي سان گڏ زمين اندر آهي اهو پاڻي وڙهواهه ذريعي رڻ ڪڇ جي پاڻياٺي زمين ڏانهن وڃي ٿو. هتي حياتي جي مختلف صورتن جي سهڻي جنت آهي. جنهن جي سونهن ۾ اضافو سائبريا کان ايندڙ پکي به ڪندا آهن. پر جلدي ئي اهو پاڻي ڪيميائي عنصرن جي تعفن سان نوازجي ويندو ۾ اهي پکي به اچڻ بند ٿي ويندا. ٿر ڪول پروجيڪٽ کي سنجيدگي سان نئين سر ڏسڻ جي ضرورت آهي ته جيئن تمام گهڻن نقصانن کان بچي سگهجي. جيئن پروين رحمان پنهنجي قتل ٿيڻ کان پهرين چيو ته ”اسان کي ميگا پراجيڪٽ نه پر ميگا سنيال کپي.“ اهي لفظ ٿر ڪول پروجيڪٽ سان خاص طور تي ۾ پاڪستاني رياست جي ترقي واري زور مٿان عام طور تي ٺهڪي اچن ٿا. رياستي آشيرواد سان پلجندڙ مافيا هجي يا ملابرگيد، منافعي پٺيان نوس نوس ڪندڙ ٺيڪيدار هجن يا سرمائيدار. انهن جي نظر صرف ٻن ڳالهين تي آهي، طاقت ۾ فائدو (Power & Profit) جنهنجي بوءِ مقامي آبادي، ثقافت ۾ ماحول جي صورت ۾ ڪيڏي وڏي قيمت چونه ڏيڻي پوي. ان جو مطلب هرگز اهو نه آهي ته ترقي نه ٿيڻ گهرجي پر مون صرف اهي ڳالهيون سامهون آنديون آهن جيڪي ترقي جي نالي ۾ عام عوام لاءِ صرف تباهي جو سبب ٿڃنديون ٿيون وڃن. (ٿر ڪول پروجيڪٽ جي انتظاميا کي ان پروجيڪٽ لاءِ تربيت يافته عملي جي ضرورت محسوس ٿي جيڪي ٻاهرين علائقن مان گهرايا ويا. اها ڳالهه به سمجهه جوڳي ڪونهي جو ته مقامي ماڻهن کي به تربيت ڏياري سگهجي ٿي پر پريشاني تڏهن وڌيو وڃي جڏهن ليبر به ٻاهران گهرائي ٿي وڃي). مٺي هڪ خوبصورت شهر آهي ۾ شايد اهو پاڪستان جو واحد شهر آهي جنهن ۾ يوگا سينٽر عام عوام لاءِ کليل آهي نه ڪي صرف هڪ نام نهاد ”روشن خيال“ سٽيي برت لاءِ.

صدين کان هندو ۽ مسلمان هتي گڏ رهن ٿا. هڪٻئي جي رواجن ۽ رسمن جو احترام ڪن ٿا. ان جي ڪري ئي مٺي جي مسلمان آبادي ڳئون کي ذبح ڪرڻ ۽ ان جو گوشت کائڻ ڇڏي ڏنو آهي. (ٿر جون ڳئون به ايتريون پياريون آهن جو انهن کي ڪائي نه ٿو سگهجي) منهنجي مٺي اچڻ کان ڪجهه هفتا پهرين جماعت دعويٰ وچ چوڪ تي ڳئون ذبح ڪرڻ جو ارادو ظاهر ڪيو. جنهن تي هندن جي هڪ ڪاميٽي انهن کي ائين ڪرڻ کان منع ڪيو. جنهن کان پوءِ اها ڳالهه هُلائي وئي ته هندو مٺي ۾ هڪ ”ننڍڙو انڊيا“ (Mini – India) ٺاهڻ ٿا چاهين.

خوف جي ان لهر پنهنجا اثر هندو ۽ جين ڌرم اڏاوت (ڌرمي مقام) تي به وڌا آهن. جيڪي مٺي جي هن ڏير ۾ تمام خوبصورتي سان بيٺل آهن. پراڻن خدائن، ديوين، بادشاهن، شهزادن، ويڙهاڪن، ڳائيندڙن ۽ رقص ڪندڙن جا بت جن مان ڪجهه ٻٽا مهاندي جيڪي هزارين سالن کان ساراهيا ۽ ياد ڪيا ويا، اڄ ٻنا منديءَ ۾ مهاندي جي بيٺا آهن. انهن شاندار جڳهن جي تباهي تي ڏڪارو ۽ پريشان ٿيڻ کان وڌو مامرو اِهو هو ته مقامي آبادي هاڻي پنهنجي تخليقي اظهار جي سادي صورت کان به ڇرڪي ٿي. ننگر جي تاريخي ۽ قديمي بازار مان گذرندي منهنجي نظر دڪانن جي نالن ۽ بورڊن تي پئي. جيڪي هلندڙ ”پروجيڪٽ اسلامائيزيشن“ جي بهترين عڪاسي ڪري رهيا هئا. دڪاندار تقريباً هندو، ڀيل، دراوڙ، مينگهواڙ هئا پر انهن دڪانن جا نالا الغوثوي ٽريڊرس، ياسين هوٽل، يا حسين موبائيل اسٽور وغيره. سمورو رياستي بيانيو تحفظ (Security) جي لفاظي تي بيٺل آهي. پر پوري ملڪ ۾ عام ماڻهوءَ جي حالت ڏسي اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته اِهو تحفظ ڪنهن جي لاءِ ۽ ڪنهن جي خلاف گهربل آهي؟ ڇو ته عام ماڻهوءَ جي تحفظ ۾ مسئلن ڏانهن سنجيدگي جو حال اِهو آهي ته مقامي طور پيدا ٿيل روزگار جي موقعن تي مقامي ماڻهن جو حق ڪونهي.

مادري بولي ۽ لساني سامراجيت
ماروي لطيفي

ٿر ڪول رٿا ۽ ماحولياتي سوال

امين قريشي



ڪنهن به ملڪ اندر ٿيندڙ صنعتي ترقي هاڻي صرف ان ملڪ يا خطي جو معاملو ناهي، سڄي عالمي برادري، وسيع انساني مفادن تحت هن ڌرتيءَ جي گولي جي پرامن بقا لاءِ، پنهنجون اکيون کولي ٿي ۽ هاءِ گهوڙا ڪرڻ شروع ڪري ٿي. ڇو جو ڪين خبر آهي ته علائقائي ماحولياتي تباهه ڪارين ڪان هٿي ڪري اڳ يا پوءِ اها صنعتي ترقي گلوبل وارمنگ ۽ ماحولياتي گدلاڻ وارن ڪوهن ۾ ئي ڪرڻي آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ عالمي برادري جي ڌاڍن جي مثال هلي ڪونه ٿي، پر ان باوجود به اهي ماحولياتي بگاڙ وارا اشو ئي دنيا جا اهم ۽ بنيادي اشو بڻجي رهيا آهن، ڇو جو هن وقت تائين سموري ڪائنات ۾ انسان لاءِ رهڻ جوڳو هڪ ئي سيارو آهي، جنهن کي پاڻ ڌرتي جي نالي سان سڃاڻون. ڪجهه ڏينهن اڳ ستن سالن جي بارڙيءَ رباب علي سنڌس پيءَ جي مدد سان ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪرائي ته ٿر ڪول پراجيڪٽ ماحولياتي گدلاڻ ۾ اضافي جو باعث بڻبو ۽ ايندڙ نسلن کان صحتمند زندگي جو حق کسيندو. هنن جو موقف هو

ته ليگنائيٽ (Lagnite) وارو غير معياري ڪوئلو بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻ بدران توانائي جا محفوظ ۽ متبادل وسيلا استعمال ڪرڻ گهرجن (مثال طور سج جي روشني تيز هوائن ۾ جاگرافيائي طور هي ملڪ خود ڪفيل آهي.)

ڪوبه ماڻهو ترقي مخالف نٿو ٿي سگهي پر اها ترقي ان وقت وڏو سواليه نشان بڻجي ويندي آهي، جڏهن ان جي اردگرد جو آبهوائي ماحول، قدرتي وسيلا، ماڻهن جون قديم وسنديون، ان جي ثقافت، تهذيب ۽ ڊيموگرافي وغيره متاثر ٿيڻ لڳي. ائين به ڪونهي ته ترقي جا ڪم ڪرائيندڙ حڪومتون انهن سوالن ۽ خدشن کان اڻ واقف هونديون آهن، پر انهن جي ڪاغذن واري جائزي ۾ ڏنل حل ته بنهه بهترين هوندا آهن. باقي عملي ميدان ۾ جا ٿيندو آهي، انهي کان هرڪو واقف آهي.

سنڌ حڪومت جي ڪاٽين واري ڪاتي موجب ڪوئلي جا ذخيرا 175 ملين ٽن آهن، ڪول مائننگ ۽ چائنا پاور انٽرنيشنل نالي ڪمپنين ڇهه هزار ميگاواٽ بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪم جو آغاز ڪري ڇڏيو آهي. سي پيڪ تحت چين 1.2 ارب آمريڪي ڊالر ٿر ڪول لاءِ سيڙائي چڪو آهي، ميڊيا تي ٿري ڳوٺاڻن جي شڪايتن جو سلسلو شروع آهي. پراجيڪٽ هلائيندڙ بلند بانگ دعوائن ۾ پورا آهن، ان ڳالهه کان بلڪل هٽي ڪري ته ٿر جي دنيا جي ڇهين نمبر وڏي لگنائيٽ ڪوئلي جي ذخيري ۾ ان جي جاگرافيائي بيهڪ سان ڇا ٿيڻ وارو آهي. پاڻ کي ڪوئلي تي بجلي پيدا ڪندڙ پاور پلانٽ ۽ پراجيڪٽ واري عمل دوران پيدا ٿيندڙ ماحولياتي بگاڙ يعني پکڙجندڙ آلودگي جو جائزو ضرور وٺڻ گهرجي ته آخر دنيا ۾ هلندڙ ڪوئلي جا پاور پلانٽ گرين هائوس گيسن کان ويندي قدرتي وسين ۾ ڪيترو بگاڙ آڻي چڪا آهن. دنيا اندر پاور پلانٽس ۾ وڏ کان وڏ ڪوئلو استعمال ڪندڙ ملڪ چين آهي، جنهن ڪانپوءِ آمريڪا ۽ ٽيون نمبر انڊيا آهي، جڏهن ته يورپي يونين جا سمورا ملڪ گڏائي يورپي يونين کي چوٿون نمبر ڏنو ويندو آهي. آمريڪا ۾ بجلي جو 44 سيڪڙو ڪوئلي مان پيدا ٿئي ٿو، جيڪو هوا جي آلودگي جو بنيادي سبب آهي، جنهن کي گهٽائڻ جو عمل به جاري آهي، ڪوئلي جي صنعت جي چمنين مان نڪرندڙ دونهون گلوبل وارمنگ جو سبب ٿيڻ کان پهرين، سموگ (Smog) (دونهين ۾ ماڪ جو گڏيل عمل)

نهڻ کان پهرين لاتعداد زهريلن مادن سميت اسان جي ڦڦڙن تائين پهچي ٿو، هن صنعت مان نڪرندڙ فضلو (زهريلا ماده) وري زمين ۾ جر جي لاءِ خطرناڪ آهن ته ساڳي وقت مائننگ ۾ ٽرانسپورٽ واري عمل دوران هوا، زمين ۾ پاڻي جا ذخيره متاثر ٿين ٿا.

ڪوئلو مجموعي طور دنيا جي چاليهه سيڪڙو بجلي پيدا ڪري رهيو آهي، جيڪو عالمي ليول تي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي گرين هائوس گيسز ۾ 39 سيڪڙو اضافو ڪري ٿو، صنعتي انقلاب جي ٽن صدين ڪانپوءِ گلوبل وارمنگ واري اشو تي گهٽو اڳ گذريل صديءَ جي پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ ماڻهن جا ڪن ان وقت ڪڙا ٿيا، جڏهن لنڊن ۾ ڪوئلي جي صنعتن مان نڪرندڙ دونهون ماڪ سان ملي شهر کي انڌو ڪندي ٻارهن هزار ماڻهن کي ساهه جي تڪليف ڏيندي ۾ ماريندي هڪ وڏي مسئلي جي صورت ۾ نروار ٿيو. آمريڪا ۾ پڻ ان وقت ڪجهه سال پهرين اهڙي قسم جو لقاءُ ٿي چڪو هو، چين جي ۾ خاص ڪري بيجنگ جي ڪجهه سال پهرين تائين حالت اها هئي جو چين جو شهر بيجنگ ماحولياتي ايمرجنسي مان گذرندو هو، جتي ريڊ الرٽس جاري ڪيا ويندا هئا، چين جيڪو ڪوئلي جو انڌاڌنڌ استعمال ڪندو هو، جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ 2011ع ۾ 25 لک عورتن جا ٻارن پيٽ ۾ مري وڃڻ جون رپورٽون عام ٿيون. مٿان ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي ايڏي گهٽي مقدار جي گرين هائوس گيسز ۾ اضافي تي ٿيندڙ تنقيد چين کي ڪجهه قدر محتاط بڻايو آهي. چين ۾ استعمال ٿيندڙ ڪوئلو هن وقت به دنيا ۾ استعمال ٿيندڙ ڪوئلي جو اڌ آهي. هڪ عام رواجي آمريڪي ڪوئلي جو پلانٽ سال اندر سراسري طور 3.5 ملين ٽن ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ پيدا ڪري ٿو، هڪ اندازي مطابق رڳو آمريڪا جا ڪل ڪوئلي جا پلانٽس 1.7 بلين ٽن ڪاربان خارج ڪندڙ آهن. ساڳي وقت هڪ عام رواجي آمريڪي ڪوئلي جو پلانٽ سال اندر ڇوڏهن هزار ٽن سلفر ڊاءِ آڪسائيڊ So2 (جنهن کي ساڪس چيو ٿو وڃي) فضا ۾ خارج ڪندڙ آهي، جنهن جا تيزابي ذرڙا، تيزابي بارشون ڏيڻ، فصل پيلا ساڙڻ کان ويندي ڦڦڙن ۾ داخل ٿين ٿا. اهڙن ڪارخانن ۾ هوائي گدلاڻ ڪنٽرول ڪرڻ کان پوءِ به هر سال هوا ۾ داخل ٿيندڙ سلفر جو مقدار هزارين ٽن هوندو آهي. اهڙي

ريت آمريڪا جو هڪ سراسري ڪوئلي جو پاور پلانٽ نائٽروجن آڪسائيڊ (ناڪس)، (جيڪا ڦڦڙن جا تشو ساڙڻ کان ويندي دم جو مرض پيدا ڪندي آهي) جو ڏهه هزار ٽن مقدار هوا ۾ ڦٽو ڪري ٿو، ناڪس پاليوشن ڪنٽرول سسٽم لڳائڻ کان پوءِ به اهو پلانٽ تي هزار ٽن جو مقدار هوا ۾ ڦٽو ڪري ٿو.

انهن پلانٽس مان اڏامندڙ ڪاري ڌوڙ 500 Clayash ٽن هر سال هوا ۾ شامل ٿئي پئي، هن تي لڳندڙ ڪنٽرول سسٽم ڪنهن حد تائين نتيجا ڏيندڙ آهي، يعني ان مسئلي کي منهن ڏيڻ سولو آهي، انهن پلانٽس مان نڪرندڙ ڪاري دونهين ۾ تمام گهٽو مقدار مرڪيوري جو آهي، جيڪو دماغ ۾ دل جو بيمارين ۾ اضافو ڪري ٿو، هڪ سراسري پلانٽ هر سال 7 ڪو مرڪيوري (پارو) هوا ۾ شيئر ڪري ٿو. پر جيڪڏهن بهترين ڪنٽرول سسٽم پلانٽ ۾ لڳل هوندو ته ان تي 99 سيڪڙو قابو پائي سگهجي ٿو.

مٽي ۾ سور ڏيندڙ ۾ رت مان آڪسيجن جو مقدار گهٽائيندڙ ”ڪاربان مونو آڪسائيڊ“ سراسري ست سئو ٽن ساليانو خارج ٿئي ٿي. ليڊ lead ۾ ڪيڊميم cadmium پڻ چگي مقدار ۾ خارج ٿين ٿا. ارسينڪ arsenic جو پڻ چڱو خاصو مقدار انهن ئي پلانٽس ذريعي ملي ٿو. اهي سڀ جزا ٻاهران ان ڪري اچن ٿا ڇاڪاڻ جو اهي ڪوئلي جي جسم جا حصا آهن. صرف آمريڪا ۾ 500 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪندڙ ڪوئلي جا پلانٽ 500 کان وڌيڪ آهن، انهن مان خارج ٿيندڙ مرڪيوري (پارو) ڪئناڊا جي اترين علائقن وارين ڍنڍن کي گدلو ڪري چڪي آهي. جن ڍنڍن جون مڇيون کائڻ تي به بندش آهي. آءِ اي اي مطابق دنيا ۾ هن وقت به 2300 جي لڳ ڀڳ ڪوئلي تي هلندڙ پاور پلانٽس موجود آهن، جن مان 620 ڪن رڳو چائنا ۾ آهن.

سمورن واعدن باوجود صرف 2015ع ۾ چين ۾ 155 نوان پاور پلانٽ هلائڻ جي اجازت ڏني. هڪ اندازي مطابق اهي پلانٽس گهٽ ۾ گهٽ ڇهه هزار (ماءَ جي پيٽ ۾) ٻار مارڻ جو سبب بڻيا ۾ ڪاربان جو ساليانو اخراج 560 ملين ٽن رهندو، ”مرڪيوري“ جيڪا آلودگي جو 50 سيڪڙو آهي، ۾ جيڪا جر، زمين، ڍنڍن ۾ درياهن کي سخت تباهه ڪري رهي آهي، جيڪا انسان جي ذهن کي به مفلوج ڪري ٿي. انڊيا جي ويهه وڏن شهرن مان ڇوڏهن شهرن جي هوا خطرناڪ قرار ڏنل آهي،

ڪوئلي جي ڪوتائي، تيزابي پاڻي ۾ ميٿين گيس پيدا ڪري ٿي. ميٿين گيس، ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي ڀيٽ ۾ 23 دفعا وڌيڪ خطرناڪ آهي جڏهن اها گرين هائوس گيسن ۾ پهچي ٿي.

چين جيڪو گذريل سال 195 ملڪن سميت پئرس ڻاهه موجب 2023ع تائين ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي اخراج ۾ ويهه سيڪڙو گهٽتائي ڪرڻ جو واعدو ڪري آيو، ان ملڪ لاءِ ڪجهه پيپرن جون ريورٽون اهي به آهن ته ڪوئلي جي مڪمل صنعت ساليانو ادائي لک ماڻهو ماري ٿي، گهٽي تعداد ۾ ماڻهن جي مرڻ جو بنيادي سبب اهو آهي ته هن صنعت مان خارج ٿيندڙ دونهون، دل، دماغ، ڦڦڙن ڪان وينـدي ڪينسر جي بيمارين کي جنم ڏئي ٿو.

جتي جتي ڪوئلي جي صنعت وجود رکي ٿي اتي پارن جي مرڻ جو تعداد تمام گهڻو آهي، خاص ڪري ايشيا جي ملڪن ۾ هن صنعت ۾ ناڪس ۾ ساڪس جي آلودگي ۾ 1990ع جي ڀيٽ ۾ رڳو 2005ع تائين ٽيهه ڪان پنجاهه سيڪڙو اضافو ٿيو آهي.

پاڻ وٽ هرويرو ڪوئلي تي بجلي پيدا ڪندڙ وڏا وڏا صنعتي پلانٽ آهن ڪونه، پر ننڍا پلانٽ ضرور موجود آهن. ٽر ۾ ڀهريون دفعو وڏي پيماني تي پلانٽ لڳائڻ جي تياري ٿي رهي آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته عالمي ادارن به آلودگيءَ جي پيش نظر سيڙپ ڪرڻ ڪان انڪار ڪيو هو، ان لاءِ هر ٿيندڙ ترقي واري عمل ۾ ماحوليات تي پوندڙ اثرن بابت ڀڻ محتاط ٿيڻو پوندو، ڇو ته انسان دوست ماحول ۾ ئي انسان جي صحتمند بقا جو راز سمايل آهي.

سارين جا اگهه وڌايو تحريڪ

اثر امام

هڪ محدود اندازي موجب سنڌ اندر ٽيهه لک ايڪڙ ايراضيءَ تي ساريالو فصل پوکيو وڃي ٿو. جنهن منجهان 6 لک ايڪڙ ته رڳو ٺٽي ضلعي ۾ آهن. اها ڳالهه افسوس ناڪ آهي ته ايڏي وڏي ايراضيءَ تي پوکيو ويندڙ فصل هر سال پگهرڻ مُٺ عوض وڪامي وڃي ٿو. ساريالو فصل پيدا ڪندڙن کي ڪجهه به هٿ نه ٿو اچي جڏهن ته سارين ۾ چانورن جا واپاري ٽوڙي دلال وچن ٿا اڳي کان اڳرا ٿيندا. اهو هڪڙو ڪليل تضاد آهي جيڪو ان ڳالهه جي ثابتي آهي ته ساريالو فصل ڪمائتو ضرور آهي. اها الڳ ڳالهه آهي ته اها ڪمائي ڪنهن جي ڪاتي ۾ وڃي ٿي.

اُسريل دنيا اندر سرڪار پاران زندگيءَ جي سمورن شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن جي لاءِ رٿابندي ڪئي ويندي آهي. زراعت جي حوالي سان به رٿابندي ڪئي ويندي آهي. يعني ملڪ جي ڪل ڪيتري ايراضيءَ کي زراعت جي استعمال هيٺ آڻيو آهي ۾ ڪيتري ايراضيءَ تي ڪهڙو فصل پوکڻو آهي؟ يا وري تيار فصل کي وڪرو ڪهڙي نموني ڪرڻو آهي؟ ڪيتري ملڪي ضرورت آهي ۾ ڪيترو حصو ڏيساور اماڻي اتان مٽا سٽا جو ناڻو ڪمايو ويندو؟ وغيره. پر اسان جي ملڪ اندر جيڪڏهن ڪا رٿابندي ڪئي ويندي آهي ته صرف اها ته سرمائيدارن، جاگيردارن ۾ انهن جي دلالن کي ڪل ڪيترو منافعو ڪمائڻو آهي ۾ هر سال ان طئي ٿيل هدف کان به وڌيڪ منافعو ڪهڙيءَ ريت ڪمائي سگهجي ٿو؟ عقل جا اڪابر ۾ داناءَ مينيجر رڳو ان تي ئي مغز ماري ڪندا رهندا آهن. لڳ ڀڳ سموريون زرعي جنسون جڏهن پاڻ پيدا ڪندا آهيون ته اکيون بُوٽي ڏيساور موڪليون ونديون آهن ۾ پوءِ ڪجهه مهينن بعد انهن يا ڪن بين ملڪن کان اهي جنسون درآمد ڪندا آهيون.

اتر سنڌ ۾ سارين ڪارخانن ۾ ڀڄڻ شروع ٿي ويون آهن. ان سان گڏ ئي اڪثر سياسي پارٽيون سارين جي گهٽ اگهن خلاف احتجاجي تحريڪون منظم ڪري رهيون آهن. سنڌ جي مختلف شهرن منجهه ٿيندڙ احتجاجي مظاهرن جون خبرون

ڏهاڙي پڙهندا رهون ٿا. عوامي ورڪرز پارٽي لاڙڪاڻي ريجن ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي رهي آهي جنهن ۾ لاڙڪاڻي ۽ قمبر شهدادڪوٽ ضلعن جي مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا آهن ۽ ڪجهه اجان به ٿيڻا آهن. هارين ۽ آبادگارن کي آگاهي ڏيڻ ۽ ان احتجاجي تحريڪ ۾ شريڪ ڪرڻ لاءِ اشتهار ۽ پمفليٽ ڇپرايا ويا آهن. ٻهراڙين ۾ وڃي ڳوٺن جا دورا ڪري هارين کي احتجاجي تحريڪ جو حصو ٺهڻ جون دعوتون ڏنيون ويون آهن ۽ کين سجاڳ ۽ متحد ٿيڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ويون آهن. جيڪي اجان تائين جاري آهن. مختلف شهرن ۾ هاري ڪانفرنسون ڪوٺائڻ به ان سلسلي جي ڪڙي آهي. رڳو عوامي ورڪرز پارٽي ئي نه پر سنڌ جون مختلف قوم پرست پارٽيون به اهڙي سرگرميءَ ۾ رڌل آهن. ضرورت ان ڳالهه جي به آهي ته سارين جي اگهه جي معاملي تي جهيڙيندڙ انهن سياسي ڌرين کي گهٽ ۾ گهٽ ان هڪڙي مسئلي تي ئي متحد ڪري هارين ۽ ننڍن آبادگارن جي سگهاري نمائندگيءَ ۾ تبديل ڪيو وڃي. پر جيئن ته اسان وٽ اجان تائين گڏجي ڪم ڪرڻ جي حوالي سان ڪي بهتر تجربا نه رهيا آهن ان ڪري اجان تائين اهڙا خواب سايبان جي انتظار ۾ ئي آهن. اسان اهو وساري ويهندا آهيون ته احتجاج ڪهڙي مسئلي تي ڪري رهيا آهيون ۽ ڪهڙيون ڌريون گڏجي ڪري رهيون آهن. ۽ پوءِ احتجاج ۾ نعري بازي ڪهڙيءَ ريت ۽ مظاهرين کي خطاب ڪندي تقريرون ڪهڙي قسم جون پيا ڪريون يا وري اخباري بيان جاري ڪندي انهن دوستن کي نظرانداز پيا ڪريون جن جي اٺهوند ۾ اسان جو احتجاج جيڪر ايترو ڪامياب ئي نه ٿي سگهي ها. ان ڪري في الحال ته اهي احتجاجي تحريڪون اهڙيءَ ريت ئي هلنديون رهنديون بهرحال اسان کي شعوري طور ڪوشش ڪري انهن تحريڪن کي گڏائي ڪا وڏي ۽ سگهاري تحريڪ پيدا ڪرڻ گهرجي. يقينن ان ڪم ۾ اڳيرائي ڪندڙن کي ڪيترن ئي حوالن سان ڪسُ ڪاٽڻي پوندي. پر جيڪڏهن عوام جي لاءِ ڪم ڪرڻو آهي ته پوءِ انائن جي گهوڙن تان هيٺ لهڻو ئي پوندو.


سرڪار سڳوري وڏي سخاوت جو مظاهرو ڪندي هن سال سارين جو اگهه 900 روپيا مقرر ڪيو آهي. جيڪو آهي ته تمام گهٽ پر ان تي به عمل ڪو نه پيو ٿئي. سنڌ سرڪار اگهه مقرر

ڪرڻ کان پوءِ وهاڻو سرانديءَ ڪري سمهي پئي آهي. جڻ ان جو فرض پورو ٿيو. ڪارخانيدار، دلال ۽ واپاري پنهنجي مرضيءَ وارا آهن. سارين جي خريداري جيتري قيمت تي چاهين ڪري سگهن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو بهترين ساريون به 800 روپيا في مڻ کان وڌيڪ تي خريدڻ لاءِ تيار نه آهن. جڏهن ته سارين جي خريداريءَ جو عام اگهه 600 يا 650 روپيا في مڻ آهي. سارين جو اگهه وڌائڻ جي ڳالهه ڪريو ته چون ٿا چانور به مهانگو ٿي ويندو. ان سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ البت تيار ڪونهن ته ساريون سستيون هونديون به ته چانور توڙي ڏهاڙي استعمال جون سموريون شيون مهانگيون هونديون آهن، ائين ڇو؟ ڳالهه رڳو اگهه جي ئي ناهي. هارين ۽ آبادگارن کان جيڪي مختلف ڪٽوتيون ڪيون وڃن ٿيون انهن جو ڪو انت شمار ئي ڪونهي. مثال طور في مڻ تي هڪ ڪلوگرام ساريون ڪارخانيدار مفت ۾ ڪٽي وڃي ٿو جنهن کي خرچ پکي ۽ تور وغيره جو خرچ قرار ڏئي قانوني ڏَڪُ ڏنو پيو وڃي. حالانڪه اڄڪلهه سارين جي تور ڪارخاني ۾ ته ٿيندي ئي ڪانهي. ڪارخاني کان ٻاهر ڪمپيوٽرائيزڊ تارازيءَ تي ڪئي وڃي ٿي جنهن جا پيسا به ساريون پيدا ڪندڙن کان پرايا ويندا آهن. هونءَ اصولي طور تي تيڻ ائين گهرجي ته جيڪو ساريون خريد ڪري رهيو آهي اهو پاڻ تڪليف ڪري توري وٺي. ورهين کان وٺي ائين ئي ٿيندو رهيو آهي پر سرمائيدار ۽ سندن نمائندا واندڪائيءَ جو فائدو وٺندي ان باري ۾ ئي سوچيندا رهندا آهن ته هارين، مزدورن ۽ آبادگارن کي ڪهڙيءَ ريت ڦريو وڃي. ان ڪري اهي مختلف اٽڪلون ۽ حڪڙ ڪڍي وٺن ٿا. هاري ۽ آبادگار جي ڦرلٽ رڳو ان ڪٽوتيءَ تي ئي بند نه ٿي ٿئي پر ڳالهه اڳتي هلي ٿي. ساريون پيدا ڪندڙن کي سارين جي رقم ڏيڻ وقت هڪ لک روپين تي هڪ هزار روپيا ڪٽيو وڃي ٿو جنهن کي وري اهو چئي جائز قرار ڏنو ويندو آهي ته بينڪون جيڪا ڪٽوتي ڪنديون آهن اها هارين ۽ آبادگارن کي ڀرڻي پوندي. جاڪاڻ ته اسين بينڪ منجهان توهان جي ڪري پيسا ڪڍرائي رهيا آهيون. اهڙيءَ ريت هڪ هاري يا آبادگار جيڪو في ايڪڙ سارياني پوک تي 26 هزار روپيا خرچ ڪري ٿو ان کي في ايڪڙ تي ويهه هزار روپين کان وڌيڪ قيمت نه ٿي ملي. ٻين لفظن ۾ ائين آهي ته ڪيس في ايڪڙ تي

6 هزار روپين تائين نقصان برداشت ڪرڻو پوي ٿو.

هــاريءَ کي ملنــدڙ ٻج، پــاڻ ۽ زرعي دوائن تــوڙي ڍهــاڙي ضرورت جي شين منجهان ڪا به شئي سستي ڪانهي. پر جيڪا پيــداوار هــاري ڪــري رهيو آهي اها بلڪل گهٽ قيمت تي خريد ڪــئي وڃي ٿي. جنهن ڪــري زراعت ســان لاڳاپيل مــاڻهن جي حــالت تمــام خــراب آهي. انهن جا قــرض به نه ٿا لهن. ويــاجي، منافعي خورن ۽ ذخــيرو ڪنــدڙن ســندن لاهــهَ ڪــڍي ڇــڏيا آهن. هــارين کي جديد زرعي مشــينري نه پــئي ملي. ٽريڪــٽرن ۽ ٻي زرعي مشينريءَ تي سرڪار پاران ڇُوٽ نه پئي ڏني وڃي. ٽيوب ويل ۽ زراعت لاءِ اســتعمال ٿينــدڙ بجليءَ کي به سســتو نه پيو ڪيو وڃي. هاري سراپا احتجــاج آهن. پر حڪمــرانن جي ڪن تي جــونءَ به نه ٿي چُــري. اهو سڀ ان ڪــري آهي جو حڪمــراني جــاگيردارن، ســرمائيدارن ۽ انهن جي يــارن دوســتن جي آهي. جنهن ڏينهن حڪمــراني هــارين، مــزدورن ۽ پــورهيت عــوام جي اچي ويندي ان ڏينهن ڪــان پــورهيت عــوام جا ســمورا ڏک ڏولاوا دور ٿي وينـــدا. پر ســـوال اهو آهي ته ڇا پـــورهيت راڄ ائين ئي ويٺي ويٺي قائم ٿي ويندو؟ ڇا جيستائين پورهيت راڄ قــائم تــئي ان وقت تـــــائين پـــــورهيتن کي هٿ هٿ تي رکي ويهي رهڻ گهــرجي؟ جــواب آهي نــه. نه ڪي پـــورهيتن جو راڄ بنا ڪنهن تڪليف جي پـــاڻمرادو قـــائم ٿي وينـــدو ۽ نه وري اســـان کي خاموشيءَ ســان ويهي ان جي قيــام جو انتظــار ڪــرڻ گهــرجي. پــورهيت راڄ يقينن پــورهيت عــوام جي وڏي پئمــاني جي بغــاوت جي نــتيجي ۾ قــائم ٿينــدو جنهن جي لاءِ پــورهيتن کي ســجاڳ ۽ منظم ڪرڻ جو ڪم اڄ جي حالتن ۾ پورهيت راڄ جي قيــام جي لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ ســمورين سياسي ڌرين جو فــرض آهي. اهــڙيءَ ريت جيستائين پــورهيت راڄ قــائم تــئي تيســتائين پــورهيتن کي مختلف حصن ۾ منظم ۽ سجاڳ ڪــرڻ به انهن ساڳين ڌرين جي بنيادي ذميواري آهي جيڪي پورهيت راڄ جا حامي آهن. هارين ۽ آبادگارن، شاگردن ۽ عورتن ســميت مظلــوم ۽ محڪــوم مــاڻهن جون هِي سموريون احتجاجي تحريڪون ان لاءِ ئي منظم ڪيــون پيـــون وڃن ته جـــيئن آخر ۾ ڪنهن وڏي احتجـــاجي تحـــريڪ کي منظم ڪري سگهجي جيڪا جــاگيردارن، ســرمائيدارن ۽ انهن جي مددگارن جي اڏوهيءَ کاڌل اقتــدار کي آخــري ڌڪــو ڏئي ڊاهي پٽُ

ڪري ڇڏي.



اقتصادي عمل جيڪو سماجي عملن جو بنياد آهي، جنهن جو اظهار ڪوڙ سارن ٻين پاسن ۾ به ٿيندو آهي. جهڙوڪ: مذهب، نسل، ذات پات ۽ ٻولي.

ساٿيو! اڄ هن مختصر مضمون ۾ اسان ٻولي ۽ ان سان سلهاڙيل روين کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

عام رواجي سوچ ۾ ٻولي کي صرف ڳالهائڻ جو ذريعو سمجهيو ويندو آهي. جنهن تحت ماڻهو هڪٻئي کي سمجهندا آهن ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪندا آهن. ڇا ٻوليءَ بابت حقيقت صرف اِها ئي آهي؟ يقينن نه. ٻولي هڪ اهڙو سماجي سرشتو آهي، جيڪو اقتصاديات، ثقافت ۽ سياسي رشتن سان هر هنڌ تي سلهاڙيل آهي. ٻولي يا سماجي شعور جي ڪنهن به لقاءُ کي سمجهڻ لاءِ اِهو لازمي آهي ته ان کي تاريخي پسمنظر ۾ سمجهجي. عوام جي شعور کي هڪ خاص نسبت ۾ ٻيهارڻ، ٿاهڻ ۾ وڌائڻ لاءِ ٻولي جو استعمال تاريخ ۾ ڪيو ويو هو ۽ اڄا تائين ڪيو وڃي ٿو. ساڳي ئي وقت ٻوليءَ سان ماڻهو ٻنهنجي مختلف شناخت جوڙي ٿو. ٻولين جي زندگيءَ به عوام جي زندگي سان سلهاڙيل آهي. جهڙي ريت هن سرمائيداراڻي عالمگيريت ۾ هڪڙي خطي جي عوام جون سهولتون ٻي خطي جي عوام کي ڦري، ماري حاصل ڪيون وينديون آهن. ساڳي ڪار ٻولين سان به ٿيندي آهي. اهڙي طرح ڪجهه ئي ٻولين کي وڌايو ۽ وابرايو وڃي ٿو. ساڳي ريت ٻوليءَ جي صورت ۾ شعور جي صنعت کي خاص طريقي سان خاص مقصدن لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. ٻينڪيت، جديد نوآبادياتي سامراجيت ۾ غلام قومن جو مٿيون طبقو انهن ئي ٻولين کي هٿي ونرائيندو آهي. جن جي ذريعي ٻورهيت طبقي ۾ عام گهٽائي کي وڏي عرصي تائين دٻائي سگهجي. جڏهن ٻوليون هڪ رياست اندر امتيازي روين جو شڪار ٿينديون آهن ته اهي هڪڙن طبقن جي هٿ ۾ ٻين

طبقن کي دبائڻ ۽ چيپاٽڻ جو ذريعو ٿي پونديون آهن.
اهڙي ريت مٿيون طبقو صرف ڪجهه خاص ماڻهن ۽ پنهنجي طبقي تائين ئي حاڪماڻي بولي پهچائي ٿو. فيئرڪلوف (برطانوي سياسي ڏاهو، 1989ع) چوي ٿو ته حاڪماڻو، مٿيون طبقو بولي جي هڪ آمراڻي شڪل جوڙي ٿو ۽ ان کي پنهنجي سياسي توڙي معاشي مفادن لاءِ چڱي ريت استعمال ڪري ٿو.

بيٺڪيت ۽ جديد نوآباديت:



بيٺڪي حاڪم، سامراجيت جڏهن به ڪنهن بي قوم تي قبضو ڪندي آهي ته اُهو صرف معاشي نه هوندو آهي پر اُهو سماجي ۽ ثقافتي پڻ هوندو آهي. حڪمران طبقو هڪ اهڙي سوچ، بولي ۽ ثقافت کي سگهارو ڪندو آهي جيڪا سندس حاڪميت لاءِ رضامندي ۽ اتفاق پيدا ڪري.

آفريڪا جو مشهور ليکڪ "گوگي وان ٿيناگو (2000) ٻڌائي ٿو ته جڏهن انگريزن ڪينيا ملڪ جي معيشت تي قبضو ڪرڻ پئي چاهيو ته انهن سڀ کان پهرين ماڻهن کي ذهني غلام ڪيو ۽ انهن جي مثان اوپري ٻولي (انگريزي) مڙهي. جيڪي شاگردَ اسڪولن، ڪاليجن ۽يونيورسٽين ۾ پنهنجي مادري ٻولي "گيڪوئي" ڳالهائيندا هئا ته انهن کي سخت سزا ملندي هئي ۽ سندن ڳچيءَ ۾ سليٽ ٻارائي سڄي ميدان ۾ ڦيرايو ويندو هو جنهن تي لکيل هوندو هو ته "مان هڪ گڏهه آهيان."

"بيٺڪي راڄ جو اصل مقصد ماڻهن جي ملڪيت ۽ پيداواري وسيلن تي قبضو ڪرڻ آهي پر معاشي ۽ سياسي قبضو تيستائين پراثرائتو نٿو ٿي سگهي جيستائين محڪومن جي شناخت، ادب، لوڪ ناچ، تعليم، تاريخ، ثقافت ۽ ٻولي تي قبضو نه ڪجي ۽ محڪوم قومن جي ٻولي کي پوئتي ڪري، بيٺڪي

ٻولي کي اسريل ۽ ڪارائتو ڏيکاري ٿي مظلومن کي مڪمل غلام ٿاهي سگهجي ٿو.“ گوگي تمام سڌي طريقي سان چوي ٿو ته يورپ آفريڪا جي ثقافت ۽ ٻولي چوري ڪري پنهنجن گهرن ۾ عجائب گهرن کي سنواريو آهي.

ساڳي ئي طرح جڏهن انگريز شهنشاهيت ننڍي کنڊ تي پنهنجي راڄ قائم ڪيو ته اهو صرف اقتصادي، سياسي ۽ معاشي نه هو، پر انگريز بادشاهيت ماڻهن جي ٻولين ۽ شعور کي مڪمل طور تي مفلوج ڪرڻ لاءِ اوپري ٻولي مڙهي. جڏهن انگريز پنهنجي گڏيل هندستان ۾ تعليمي نظام متعارف ڪرايو ته انهن تعليمي نصاب انگريزي ٻولي ۾ ئي رکيو ۽ اتان جي علائقائي ٻولين کي ان جو حصو ئي نه ڏنو ويو. ذهني غلامي کي لارڊ ميڪالي جي لفظن مان اچا بهتر سمجهي سگهجي ٿو. جنهن کي تعليم جو وزير مقرر ڪيو ويو هو. ”مان تقريباً سڄو هندستان گهميو ۽ ڏٺو آهي پر مان هڪ به ماڻهو فقير يا چور ناهي ڏٺو. اهڙي قسم جي ملڪيت مون هندستان ۾ ڏٺي آهي جنهن ۾ ماڻهن جا اخلاق تمام اُسريل آهن ۽ گهڻين ئي خاصيتن جا پڻ مالڪ آهن. اهو سڀ ڏسي مان سمجهان ٿو ته اسان هن ملڪ تي تيستائين قبضو نٿا ڪري سگهون جيستائين اسان هنن جي پنهنجي پوري ٻيهڪ ختم نٿا ڪيون، ۽ اهو تڏهن ئي ممڪن آهي. جڏهن اسان هنن جي تهذيبي، سرمائي کي ختم ڪيون. انهن جي قديم تعليمي نظام ۽ ثقافت کي مڪمل طور تي مفلوج ڪري ڇڏيون. جڏهن هندستاني اهو سمجهندا ته انگريزي ٻولي ۽ ثقافت انهن جي ٻولي کان بهتر ۽ مٿانهين آهي تڏهن ئي پوءِ انهن جي خود تنظيمي، ثقافت ۽ قديم تهذيب ختم ٿيندي ۽ اِهي اُهي ٿي ويندا جيڪو اسان چاهيون ٿا. ”هڪ مڪمل محڪوم قوم.“ (1835ع ۾ برطانوي پارليامينٽ کي لکيل هڪ خط)

مٿين لفظن مان سمجهي سگهجي ٿو ته طبقاتي ٽوڙي قومي آزاديءَ ۾ مقامي ٻولي ۽ ثقافت جي ڪهڙي اهميت آهي. انهيءَ اهميت کي سمجهندي انگريز حڪمرانن جيڪي پاليسيون ٺاهيون. ان ٻاندر اعليٰ عهدا صرف انهن کي ئي ڏنا ويا جن کي انگريزي ٻوليءَ تي مهارت هئي. اهڙيءَ ريت پينٽيڪٽ راڄ محڪوم قوم جي ٻولين کي نيچ ۽ حقارت جوڳو ٻڌايو ۽ محڪوم

قوم جي مٿين طبقي کي پنهنجو دلال ۽ ڪمدار ٺاهي طبقاتي تعليمي نظام کي اڃا مضبوط ڪيو. جنهن ۾ ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ مثال کي ڇڏي هيٺين طبقن مان ڪنهن به سي ايس ايس ۽ ٻين مقابلي جي امتحانن ۾ ڪاميابي نه ٿي. اِها صورتحال اڄ ڏينهن تائين برقرار آهي.

لساني سامراجيت:



لساني سامراجيت مان مراد آهي ته ٻين ٻولين مٿان هڪ ٻولي جي حاڪميت، مهنداري ۽ طاقت هجي. اِها لساني سامراجيت ٻولين جي ذريعي اقتصادي اڻبرابري کي ئي اظهاربندي آهي. ان جو مطلب آهي ته اُهو طبقو جيڪو طاقتور ٻولي تي مهارت رکندو هوندو اُهو ئي معاشي، سياسي ۽ سماجي طور تي ٻين طبقن کي پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪندو ۽ انهن کي هڪ ڌاري يا اوپري شناخت ڏيندو. اصل ۾ انگريزي ٻولي جي اوسر ٻين ٻولين جي موت ۾ رت تي ٻيٺل آهي.

سامراجيت، ٻولي جي ذريعي نه صرف ماڻهن کي پنهنجي ثقافت ۽ معاشري کان وڳاڙو ڪري ٿي پر گڏوگڏ تمام گهڻو منافعو به ڪمائي ٿي. سنڌ اندر به ٻولين کي درجي بدرجي اختيار ڏنل آهن. ان ۾ سڀ کان ٻهرين انگريزي ٻولي، ٻيءِ اردو ۽ آخر ۾ سنڌي آهي.

انگريزي
↓
اردو
↓
سنڌي

رحمان ۽ شميم (2002) جي مطابق پاڪستان جي صرف 2.3 سيڪڙو آبادي انگريزي بولي کي سمجهي ۽ ڄاڻي سگهي ٿي. گڏوگڏ اعليٰ عهدا انهن جي لاءِ ئي آهن جيڪي انگريزي بولي جا ماهر آهن. مٿانهين طبقي جا ئي ماڻهو آمريڪي ۽ يورپي بولي کي سکي سگهن ٿا ۽ اهڙي ريت بولي جي ذريعي ئي حڪمران طبقو پنهنجي پاڻ ۾ اقتداري رشتا قائم ڪري ٿو. نتيجي طور انگريزي بولي سان ئي ڪاميابي، نوڪري، معاشي بهتري جهڙا تصور جڙي وڃن ٿا ۽ جيڪي انگريزي نٿا ڄاڻن سي هر لحاظ ڪان ڪمتر ٿي وڃن ٿا. جيئن پنجاب ۾ ڪوبه ماڻهو پنجابي بولي ۾ ڳالهائيندو آهي ته ان کي ”پينڊو“ چيو ويندو آهي. سنڌ ۾ به ماڻهو عام طور تي انگريزي بولي تي وڌيڪ ڌيان ڏيندا آهن ۽ انهن کي ڳوٺاڻو، غريب يا جٽ سمجهندا آهن جن جي انگريزي يا اردو بولي ڪمزور هوندي آهي.

ان ڪان وڌيڪ دل آزارندڙ ڳالهه ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ته اسان جو نوجوان نسل اڄ شاهه عبداللطيف جي شاعري نه پڙهي سگهي ٿو نه ئي سمجهي سگهي ٿو. گانڌي (1908) ۾ چيو هو ته:

هزارين ماڻهن کي صرف انگريزي جي ڄاڻ ڏيڻ، غلامي جي نشاني آهي. ڇا اِها غلامي جي نشاني نه آهي ته مون کي ڪورٽ ۾، هر جڳهه تي انگريزي بولي ۾ ڳالهائڻ لاءِ چيو وڃي ٿو، ۽ مان پنهنجي مادري بولي کان ئي وڇاٽو هجان؟

پاڪستاني رياست به تعليم، ڪاميابي ۽ ترقيءَ جي نالي ۾ ماڻهن کي پنهنجي شناخت ڪان ئي وڇاٽو رکي ٿي. اُهو ئي سبب آهي جو اسان جو نوجوان نسل پنهنجي تاريخ، پڻ بنياد ۽ ثقافت ڪان ڪٽيل آهي ۽ هڪ اوپري ثقافت کي پيو ٿو ساراهي.

اڄ جي دنيا ۾ آمريڪي سامراج لاءِ انگريزي بولي هڪ جنس (Commodity) آهي. اِها جنس ٽئين دنيا جي ملڪن ۾ بخوبي وڪرائجي ٿي. ٽُوو اسڪنتاب ڪنگاس (2000) لکي ٿي ته ائنگلو - آمريڪي سامراج بهترين هٿيار ۾ diplomats موڪليندو هو، هاڻ اهو ٽئين دنيا جي ملڪن ڏانهن پنهنجا انگريزي استاد ٿو موڪلي.



انگريزي بـولي اڄ هڪ تمـام وڏو ڌنڌو/ ڪاروبار ٿي چُڪي آهي آمريڪا مختلف انگريزي ڪورسز جي صورت □ پنهنجي اقتصاديات کي اڃا وڌيڪ مضبوط ٿو ڪــري. هر مهيــني ڪيــترا ئي شــاگرد جو امتحان ڏين ILETS, TOFEL ٿا جنهن جي فيس 25 هزار تائين آهي. سـنڌ □ تمـام گهڻا شـاگرد خانگي ڪـاليجن ذريعي انگريـزي بولي سکي □ سيکاري رهيا آهن. سڄي دنيا □ EAP, ELT, ESP ڪورسز جي صـورت □ ڪتـاب ڇپجن ٿا جنهن □ صـرف انگلـو-آمريڪي ثقافت کي ساراهيو وڃي ٿو. اِهي ڪتاب موبائيل فـونن جيان ٿوري ٿوري وقفي سان تبديل ٿيندا رهن ٿا.


سري لنڪا جو منسـٽر ”راعلي“ چـوي ٿو ته انگريـزي تعليم اڄ آمريڪي مـاڻهن جي لاءِ وڏين جنگين کـان به وڏو هٿيـار آهي. اهو عمل ايـترو پُراثرائتو ان ڪــري آهي جو مـاڻهن کي تعليم □ ڳالهه ٻولهه ذريعي، رضامندي سان غلام رکي ٿو سگهجي.

عـالمي بئنڪ 1997ع □ اُهو واضح ڪيو هو ته ٽـئين دنيا جي مـاڻهن کي بهـرين درجي کـان ئي انگريـزي بـولي □ تعليم ڏني وڃي ته جـيئن هو پنهنجي مـادري بـولي □ ثقـافت کـان اڻواقف هجن. اهـڙي طـرح انگريـزي بـولي هر ڏينهن ڪيـترائي ارب رپيا ڪمائي رهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو لساني مـاهر انگريـزي ٻولي کي هڪ مارائيندڙ بـولي (Killer language) چونـدا آهن. انهيءَ لساني سامراجيت □ عالمگيريت جي ڪــري هر 14 ڏينهن ڪانپوءِ هڪ بـولي مـري وڃي ٿي مطلب ته بـولي کي ڳالهائينـدڙ ڪوبه ماڻهو نٿو بچي يا اهو اڪثر ڪري حاڪم ٻولي □ ئي صرف پاڻ کي اظهاري ٿو.

هن وقت تائين اسان وٽ 6800 ٻوليون آهن پر گڏيل قومن (UN) جي هڪ ريـورٽ مطـابق، هن صـديءَ جي آخر تـائين 96 سيڪڙو ٻوليون ختم ٿي وينديون □ انهن ٻولين سان گڏ اصـلوڪا (Indiginous) مــاڻهو □ سـندن ماحوليـات به ختم ٿي وينـدي. اصلوڪن ماڻهن □ ماحوليات جو پـاڻ □ گهـرو تعلق آهي. صـدين

ڪان ماڻهو پنهنجي ماحول منجهان پنهنجي روزمره جي زندگيءَ جون ضرورتون پوريون ڪندا آيا آهن. ان ڪري سندس پنهنجي ماحول جي زندگيءَ جو ٻاڻ ۽ هاڪاري تعلق رهيو آهي جنهنجو اظهار ٻوليءَ ۾ ٿيندو رهيو. پر سرمائيداراڻي عالمگيريت ۾ وسيلن جي بي انت ڦرلٽ ۾ قدرت تمام گهڻو تيزي سان اصلوڪن ماڻهن ۾ انهن جي ٻولي کي تباهه ڪري، ماحولياتي سوال ۾ شدت پيدا ڪئي آهي. UNESCO جي هڪ رپورٽ مطابق هر سال به لک مقامي ماڻهو (indiguous) سامراجي يلغار (معاشي – ثقافتي) سبب مرن ٿا. ڇا اسان اڃا به جديديت جي پرفريب نعري هيٺ پنهنجي تباهي ۾ غلاميءَ جو سامان پيا گڏ ڪنداسين؟ حاڪماڻي ٻولين کي عوام تي ڪيئن مڙهيو وڃي ٿو ۾ ڪجهه خاص ٻولين کي ڪيئن هٽي ونرائي وڃي ٿي؟ ان لاءِ لازمي آهي ته ٻولين بابت رياستي پاليسي کي سمجهجي.

سنڌ ۾ ٻولين بابت سرڪاري پاليسي:



پاڪستان ۾ ٻولين جي پاليسي جو مطلب آهي ته رياست کي اڃا وڌيڪ مضبوط ڪرڻ. ان مان مراد آهي ته هڪڙي ٻولي کي هٽان جي اصلوڪي ٻولين مٿان مڙهڻ. جڏهن اردو کي پاڪستان جي قومي ٻولي ٺاهيو ويو تڏهن اردو، صرف 7.57 سيڪڙو ماڻهن جي مادري ٻولي هئي. جڏهن ته پنجابي 44.15 سيڪڙو ماڻهن جي مادري ٻولي ۽ سنڌي 14.10 سيڪڙو ماڻهن جي مادري ٻولي هئي پر رياست قومن جي جداگانه تشخص کي ختم ڪرڻ چاهيو پئي ته جيئن عوام (monocultural) ٿي وڃي. ان ئي مقصد سان بنگالي ٻوليءَ کي ٻڌي ٻيل ٻولي چيو ويو.

اردو ٻولي جي ذريعي اهو واضح ڪيو ويو ته اِها اسلامي شناخت ۽ عوام کي پاڪستاني قومپرستي سيکاربندي ۾ ان ئي طريقي سان پاڪستان جي بقا کي يقيني بنائي سگهجي ٿو. رياست ٻولين بابت پاليسي جي شڪل ۾ ٻين قومن، جهڙوڪ: سنڌ، پنجاب، پختونخواه، بلوچستان جي قومي ٻولين کي پٺتي پيل پيش ڪري ڪين يت سان لڳائي ڇڏيو.

اڄ سنڌ ۾ طبقاتي تعليمي نظام تمام واضح آهي. اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ کان روڪيو ٿو وڃي ۽ شهرن ۾ رهندڙ نام نهاد باشعور وچين طبقي جا سنڌي ماڻهو به پنهنجي ٻارن کي صرف اردو ۽ انگريزي ٻولي جي سکيا ڏين ٿا. اهڙي ريت تمام رضاڪاراڻي عمل سان سنڌي ماڻهن جي شناخت ۽ قومي ٻولي جي تباهي جو سامان تيار ٿي رهيو آهي. سنڌ جي قوم دوست ۽ عوام دوست سياست جي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ دانشورن تي اهو لازم آهي ته هو دنيا جي جديد ادب کي پنهنجي پورهيت طبقي تائين سنڌي ٻولي ۾ پهچائين ۽ انهن جو سياسي ۽ سماجي شعور وڌائين ته جيئن ماٺ جي ثقافت کي ٽوڙي سگهجي.

ان جو اهو مقصد ڪونهي ته ٻيون ٻوليون نه پڙهجن يا انهن تي مهارت حاصل نه ڪجي. پاڻ کي علمي طور اڪيلو ڪرڻ يا سند ڪرڻ منجهان ڪو فائدو ڪونه ٿيندو پر چوڻ جو مقصد اهو آهي ته اوليت پنهنجي ٻولي کي سکڻ ۽ سيکارڻ هئڻ گهرجي.

عالمگيريت ۾ مادري ٻولي:

ڳڏيل قومن جي اداري 2004ع ۾ ٻولين جي حق ۾ هڪ قانون پاس ڪيو هو. جنهن ۾ چيو ويو هو ته هر ٻار کي پرائمري تعليم مادري زبان ۾ ڏني وڃي ۽ پنجين درجي کانپوءِ ئي ٻي ڪا ٻولي سيکاري وڃي. پر اسان وٽ ابتي گنگا بئي وهي. ننڍي عمر ۾ ئي ٻار کي ڌاريون ٻوليون، سوٽيون هٽي سيکاريون. اردو ۽ انگريزي ٻولين جو وزن اسانجي ٻارن مٿان شايد گهٽ هو جو سنڌ جي وڏي وزير قائم علي شاهه ننڍن ٻارن کي چيني ٻولي پڙهائڻ جو فرمان جاري ڪيو.

لساني ماهر، اسڪنتاب ڪنگاس (2016) چوي ٿي ته ان تي ڪوبه بحث نه هجڻ کپي ته هر ٻار کي ابتدائي تعليم مادري

ٻولي ۾ هجي. اهو ته هر انسان جو بنيادي لساني حق آهي. ننڍو ٻار پنهنجي مادري ٻولي ۾ تعليم آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو ۾ هو مختلف سوچن کي به آساني سان پنهنجي مادري ٻولي جي ذريعي سکي ۾ نوان سوال پيدا ڪري سگهي ٿو. اهو قطعي نٿو چئي سگهجي ته مختلف ٻوليون نه سکجن. هر ٻولي اسان جي سمجهه کي اجا بهتر ڪندي آهي. نوان خيال پيدا ڪندي آهي. پر جيستائين ٻارن کي پنهنجي قومي ٻولي لکڻ پڙهڻ نه ايندي تيستائين انهن جي پاڙ هِن زمين ۾ نه لڳندي. ٻين لفظن ۾ هو پنهنجي تاريخ ۾ پنهنجي زميني ضرورتن کان ويڳاڻا رهندا.

اصل ۾ مختلف هجڻ ئي خوبصورتي آهي. جي اسان سڀ هڪ ئي صف ۾ بيهي ڪري سوچينداسين ۾ ڏٺ واري ڪار ڪنداسين ته اسان ڪڏهن به سياسي، سماجي ۾ معاشي اوسر نه ڪري سگهنداسين.




عالمگيريت ۾ نواڻ جي نالي ۾ اسان سان ڊرامو ڪيو وڃي ٿو ۾ ننڍي عمر کان ئي ٻارن کي غلامي سيکاري وڃي ٿي ۾ پورهيتن جي ٻولي کان ويڳاڻو ڪيو وڃي ٿو. عظيم فلسفي گوئٽي چوي ٿو جنهن ماڻهو رڳو هڪ ٻولي سکي آهي اهو پنهنجي سماج ۾ جديد ادب کان ڪٽيل ئي هوندو

هاڻ ته ريسرچ ثابت ڪيو آهي ته ٻار ڏکي کان ڏکي شيءِ به پنهنجي مادري ٻولي ۾ سکي سگهن ٿا. خانگي اسڪولن ۾ ٻارن کي انگريزي جو مفهوم نه ايند آهي. صرف طوطي جيئان انهن کي سبق ياد هوندو آهي. اُهو ئي سبب آهي جو اسان جو نسل تنقيدي سوچ سمجهه کان ئي اڻ واقف آهي. قومي ٻولين کي سگهارو ڪرڻ سان ئي سماجي شعور ۾ سياسي اقتصادي جدوجهد کي تيز ڪري سگهجي ٿو ۾ ان جو ابتڙ به درست آهي.

پاڪستان جي تعليم متعلق ڏنل انگ اکر هڪ بحران جي نشاندهي ڪن ٿا، انهن کي سمجهڻ خاطر پاڻ پن شين جو جائزو وٺنداسون هڪ ته پاڪستان اندر طبقاتي تعليمي سرشتو ۽ ٻيو پاڪستان جي خارجه پاليسي.

(1) طبقاتي تعليم سرشتو:



پاڪستان جي تعليمي سرشتي ۾ طبقاتي معاملو وڏي شَدَ مَدَ سان اظهارجي رهيو آهي. مٿئين طبقي جي فردن لاءِ اولهه جي ملڪن جا دروازا کليل آهن، هو پنهنجي مرضي ۽ منشا مطابق يورپ يا آمريڪا وغيره جي ڪنهن به نالي واري يونيورسٽي مان ڊگريون ڪيو وٺن يا وري ڪئمبرج سسٽم مان اَي يا او ليول (A or O level) ڪيو وٺن يا بيڪن هائوس يا سٽي اسڪول جا در کليل آهن. يونيورسٽي سطح تي IBA، LUMS يا GIKI موجود آهن جتي پاڪستان جو نوابي لڏو (Elite Class) پلجي ٿو. وچين طبقي لاءِ به چڱن خاصن پرائيويٽ ادارن يا انهن جي فرنچائيز جي لانڍ لڳي پئي آهي. هيٺئين طبقي جي مڇي ماني لائق گهراڻن لاءِ به هلڪا ڦلڪا پرائيويٽ ادارا مليو وڃن پر صفا پيڙهيل ۽ غريب لڏو يا ته سرڪاري اسڪولن ۾ ويندو، يا ٻني ٻارو يا دڪانڙو سنڀاليندو يا وري مدرسن جو منهن ڪندو جتي مذهبي تنظيمون مفت تعليم ۽ وظيفا ڪنيو بيٺيون آهن ۽ ان جو نتيجو اهو ٿو نڪري جو نوڪرين ۾ سماجي رتبي جو معاملو به ائين ئي تهدار بيهي ٿو. اميرن جا نااهل فرد يا ته ڪنهن سٺي اداري ۾ ڪم ڪن ٿا، يا ڪن خاص ادارن جا چڱا مڙسهيد هجن ٿا يا وري سياست يا فوج جا مهندار بڻجن ٿا ٻئي پاسي غريب لڏي جا اهل فرد به بي روزگاري ۾ بي وسي جو شڪار ٿين ٿا يا وري مذهبي تنظيمن جي وَر چڙهي دهشتگردي کي جوان رت مهيا ڪن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان ۾ 50 هزار اڄ به اهڙا

دهشتگرد آهن جن کي موت جي سـزا ڀـڏايل آهي، خودڪشـين، ڦر، ڌاڙن ۾ بدامنيءَ جو ديو ڪتي ڊنگ ڪري ئي نٿو.


(2) پاڪستان جي تعليم تي سياسي خارجه پاليسي جو اثر:

خارجه پاليسي جي حوالي سان ڀن شين جو پاڪستان جي تعليم تي گهـرو اثر آهي هڪ نيو لـبرل تعليمي سـڌارارفارمس جنهن جو نعـرو آهي ته "learning" يا "life long learning" "society" وغيره اِن جو ڪو ٻيو مطلب نه آهي سـواءِ اِن جي ته تعليم جي شـعبي ۾ وڌ ڪـان وڌ سـيڙپ ڪجي ۾ اُپت ڪمـائجي، سرمائي کي ڀنهنجي واڌ لاءِ هر شـعبو کـپي، IMF ۽ ورلڊ بئنڪ کي پلا چو پاڪستان يا سنڌ جي تعليم جو مـٿي ۾ سـور پونـدو ۾ هر شـعبي کي خانگـاهڻ جي گهر چو ٿي رهي آهي ۾ جي ادارن کي خانگاهڻ ايڏو ئي پلو آهي ته پـوءِ ملڪ کي سڀ کـان پهرين آرمي کي خانگاهڻ گهرجي متان سستي ۾ سٺي آرمي ملي پوي ملڪ جو وڏو خرچو بچي پـوي. تعليم جي خانگـاهڻ مـان رياست ۾ سـرمائيدارن ٻنهي کي فائـدو آهي، رياست کي اهو فائـدو ته هن جي جـان چـٽي پونـدي ۾ هـوءَ عـوام ڏانهن ان معـاملي ۾ جوابده نه هوندي ۾ سرمائيدارن کي اهو فائدو ته تمـام سسـتي اگهه تي تعليم جي شــــعبي ۾ ڪم ڪــــرڻ وارا تــــربيت يافته ورڪــرس مليو وڃن. جيئــڏهن سـرڪار ڪنهن پي ايس ٽي کي 15 کـان 20 هـزار، ايڇ ايس ٽي کي 20 کـان 25 هـزار، ڪنهن ليڪچـرار کي 35 کـان 40 هـزار گهٽ ۾ گهٽ پگهـار ڏئي ٿي ته اتي خانگي ادارن ۾ 3-4 هزارن کان پگهارون شـروع ٿين ٿيـون، ڪاليج سـائيڊ ۾ ڪم ڪنـدڙ پڙ مـاڻهوءَ کي به 10 کـان 15 يا 20 هــزار عيــوض چڪي ڪم ورتو ٿو وڃي، وڌ ۾ وڌ وڏن خــانگي ادارن ۾ استادن جون پگهارون 25 کان 30 هزارن تائين به هجن ٿيون پر اتي به هڪ طرف ته پگهار ڪانسواءِ ڪي به مراعتــون يا سهولتون نه آهن، ڪابه پينشن وغيره نه آهي ٻـئي طـرف نـوابن جو اولاد انهن استادن سان سڄو ڏينهن جٽ ڪنـدو آهي ۾ اڪـثر انهن اسـتادن کي اهو چونـدو ٻـڌو ويو آهي ته اسـان اُها پگهـار ڀنهنجي بي عزتي ڪرائڻذلالت جي عيـوض وصـول ڪنـدا آهيـون جيترو وڏو ادارو ايترو ٻـار بگڙيل ۾ اوتـري اسـتاد جي بي عـزتي جهڙو ڪو اهو معاملو لازم ۾ ملزوم ٿي ويو آهي.اوتـرو اسـتاد ۾ شاگرد جو تعلق ميڪانڪي.

ٻئي طرف خارجه پاليسي □ آمريڪي ڊالر □ سعودي ريال جو ڪمال آهي. انهن ٻنهي جي پاڪستان کان گهر سستي اگهه تي طالبان يا ٻين اهڙن دهشتگردن جي پيدا ڪرڻ جي آهي. ڪالهه سوويت يونين کي سوڙهو ڪرڻ لاءِ طالبان پئي ڪتا ته اڄ به ايران جي اثر کي گهٽائڻ لاءِ ملڪ اندر خودڪش ڌماڪن جو راڳ هلي پيو ته ٻئي طرف لبيا، شام يا ٻئي ڪنهن هنڌ عالمي سامراج جي ضرورتن مطابق تيار ٿيل دهشتگرد مهيا ڪيا پيا وڃن. جنهن مان ائين پيو لڳي ته پاڪستان جي وڏين صنعتن مان هاڻ اها به هڪ صنعت جو درجو حاصل ڪري چڪي آهي.

اهو سچو معاملو هتان جي ٽيڪسٽ ڪتابن □ چٽيءَ طرح اظهارجي ٿو. هتي پڙهايو ويندڙ نصاب نه ته سائنسي آهي □ نه ئي سيڪيولر. جتي فطرتي سائنس جي ڪتابن □ به مذهبي ڪتابن جا حوالا هجن، تنقيد (جيڪو سائنس جو لازمي پاسو آهي) بجاءِ تقليد پڙهائي ويندي هجي □ هتي جتي سائنس کي به مذهبي بڻائڻ جي ڪوشش هر ويل ٿيندي هجيڪئي ويندي هجي، اتي حيرت نه ٿيڻ گهرجي ته هستري ته اڳ ئي مسلم هئي هاڻي بائيولاجي، فزڪس □ ڪيميسٽري کي به اسلامي بڻايو پيو وڃي. نڪ مان مڇر دماغ تائين پهچائي اسلامي ايناٽامي جو بنياد وڌو پيو وڃي. جڏهن فزڪس جو مادي جي بقا جو قائدو پڙهايو ويندو هجي □ ائين چئجي ته ”مادو نه پيدا ڪري ٿو سگهجي □ نه فنا، صرف هڪ شڪل مان ٻي شڪل □ تبديل ڪري سگهجي ٿو“ □ وري اتي ئي ڏنگيءَ □ اهو جملو به لکيل هجي ته مگر مقدس هستي مادو تخليق به ڪري سگهي ٿي □ فنا به، ته اها سائنس سان جٺ نه ٿي ته ٻيو ڇا ٿيو. مطلب ته آئنسٽائن جهڙي دماغ کي تخليق جو عمل سمجهه □ نه آيو پر هتان جا ٽيڪسٽ بُڪَ لکندڙ يا گائيڊون ڇپيندڙن کي تخليق جي عمل جي سائنس سمجهه □ اچي وئي. وري جڏهن ڪو بائيولاجي جو استاد ارتقا جو باب پڙهائڻ کان اڳ ئي ڊارون کي ٻه چار گاريون ڏيڻ لازم سمجهي □ ٻارن کي اهو پڙهائي ته منحوس ڊارون اسان جي مقدس عقيدن تي حملو ڪيو آهي □ ڪيس سائنسدان رَد ڪري چڪا آهن ڪهڙا سائنسدان، ڪهڙي ٿيوري ڪا خبر نه اٿن بس هوا □ لٺيون پيا هلائين ته ان وقت هڪ بائيولاجي جي استاد □ ڪنهن مذهبي پيشوا □ ڪو فرق ئي نٿو رهي. مطلب ته اهو

سپ ڪجهه سعودي ريال جو ڪمال آهي جو اڄ به اسان وٽ سائنس عرب سانچن ۾ لهجي مان جان نه ڇڏائي سگهي آهي ته پوءِ پلا هن ملڪ ۾ سائنس جي اوزارن بجاءِ مذهب ۾ شدت ترقي نه وٺي ته پيو ڇا ٿئي!!



(ت) سنڌ جو تعليمي سرشتو، ڪجهه حل ۽ تجويزون:

سنڌ جو تعليمي نظام ڪو پاڪستان جي مجموعي تعليمي نظام کان مختلف نه آهي پر پوءِ به هن ملڪ ۾ جتي طبقاتي فرق تعليم ۾ اظهارجي ٿو اتي قومي فرق به اظهارجي ٿو پنجاب (خاص ڪري سينٽرل پنجاب) جي تعليم نسبتاً ٻين علائقن ۾ صوبن (قومن) کان بهتر آهي. سنڌ ۾ جيڪا شيءِ چٽينمايان آهي سا اُها آهي تعليم جي سرشتي ۾ ڪرپشن ۾ سياسي مداخلت، استادن جي ڀرتين کان وٺي اسڪول جي بند پيل هجڻ تائين جي صورتحال. پاڻ پهرين به اها ڳالهه رکي آياسين ته پاڪستان جي 4 بند پيل اسڪولن مان 3 سنڌ ۾ هجن ٿا. جيستائين معاملو نصابي ٽيڪسٽ ڪتابن جو آهي ته اڄ به مدي خارج نصاب پيو هلي، اڄ به بليڪ اينڊ وائيٽ وارو زمانو لڳو پيو آهي، پيو ته ٿيو بلوچستان جا ٽيڪسٽ ڪتاب به ڪلرڊ پرنٽ ۾ آهن پر پاڻ وٽ ايترو به نه آهي. پنجاب اندر اسڪول سطح تي ليپٽاپ ڏنا وڃن ٿا پاڻ وٽ اجا اهڙي ڪا به ڳالهه ناهي، هنري تعليم جو ته پري پري تائين نالو ئي نه آهي. يونيورسٽي سطح تي ريسرچ لاءِ اوزار ۽ رجحان بنهه گهٽ آهي.

عام طور تي تعليم جي ڳالهه ڪرڻ وقت چند شين کي ڏسڻو پوندو آهي جهڙوڪ اسڪول جي عمارت ۽ سهولتون، استادن جو اهل ۽ تربيت يافته هجڻ، ڪلاسن جو ٺيڪ طريقي سان هلڻ ۽ پڙهائي ۾ تخليقي پاسا پيدا ڪرڻ، نصاب جو جديد، سيڪيولر ۽ سائنسي بنيادن تي هجڻ، امتحاني سرشتي جو

شفاف هجڻ، يونيورسٽي ۾ اهل شاگردن جون داخلائون ٿيڻ
وغيره پاڻ جيڪڏهن سڀ پاسن جو جائزو وٺون ته سنڌ جي
تعليم جو بيڙو ٻڏل آهي. جيڪڏهن اسڪولن جي عمارتن جو
معاملو آهي ته سرڪاري اسڪولن ۾ ڪشادا ڪمرا ۾ وڏا
گرائونڊ ته آهن پر عمارتون وري پراڻيون ۾ ڀوت بنگلن جو ڏيک
ڏينديڙ ۾ صفائيءَ جو معاملو ته بنهه گهٽ، وري جي پرائيويٽ
ادارن ۾ صفائي سترائي آهي ته ڪيڏڻ لاءِ گرائونڊ ته نهيو گهٽڻ
ٽڻ ڪي ته اسيمبلي جيترو گرائونڊ به نه آهي ۾ ڪلاس روم به
ڪڪڙن جي کُڏَ يا ڪتهڙي جو ڏيک ڏيندا ٻارُ ٻارَ ۾ سٿيل. استادن
جي اهل هجڻ جو معاملو اهو آهي ته پرائمري ڪان وٺي
يونيورسٽي تائين اهليت جو بلاتڪار ڪيو پيو وڃي يا ته پئسي
عيوض پرتيون ٿيون ٿين يا وري نانيءَ ويڙهو لڳو پيو آهي، جنهن
جي پهنچ ڪنهن منسٽر يا سرندي واري وٽ آهي ان ڪي
چمچاگيري عيوض يونيورسٽين جهڙن ادارن ۾ پرتيون عنايت
ڪيون وڃن ٿيون. اوهان ان ڳالهه مان اندازو لڳايو ته ڪو هلڪو
ڦلڪو خانگي اسڪول به ڪنهن استاد ڪي پرتي ڪندو آهي ته ان
ڪان ڊيموڪلاس ورتو ويندو آهي، ان جو ڪلاس ڪنٽرول ۾
پڙهائڻ جو انداز ڏٺو ويندو آهي، رڳو رَٽي تي ياد ڪيل سوالن
ڪي نه ڏسبو آهي ۾ جيڪو استاد جنهن سبجيڪٽ لاءِ ايندو آهي
ان ڪان سبجيڪٽ مان ئي سوال ڪيا ويندا آهن ڪا پاڪستان
اسٽڊي، جنرل ناليج يا اسلاميات نه ڏٺي ويندي آهي پر حيرت
آهي جو سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جا انٽرويو هجن يا سنڌ جي
يونيورسٽين جا، هر جڳهه تي گنگا اُبتيتلي پئي وهي ۾ استادن
جي تربيت جو معاملو ته آهي ئي ڪونه، خانگي ادارن جهڙوڪ
آغان، سٽي، بيڪن هائوس وغيره ۾ ته اهو رجحان آهي پر
هلڪن ڦلڪن خانگي اسڪلولن توڙي سرڪاري اسڪولن ڪي ته
ان ڳالهه جي خبر ئي نه آهي ته ڪو اهو جهان به هوندو آهي.
نالي ماتر M.Ed ،B.Ed يا پيون اهڙيون ڊگريون ته ڪرايون
وڃن ٿيون پر سڪيا جو عمل اڻ لڀ آهي، جي ڳالهه باضابطا
ڪلاسن جي هلڻ جي آهي ته اهو ڪم خانگي ادارن ۾ ته آهي پر
سرڪاري ادارن ۾ نالي ماتر. جنهن جا ٿي وڏا سبب آهن هڪ ته
نوابن ۾ پڙهيل لڪيل ماڻهن جا ٻار خانگي ادارن ۾ هليا وڃن ٿا ۾
باقي وڃي بچن ٿا هارين، مزدورن يا غريب غربن جا ٻار جيڪي

سرڪاري ادارن ۾ اچن ٿا ته ادارن تي ڌياءُ ڪٿان وڌي؟ پيو ته استادن جون پنهنجن علائقن کان ٻاهر پرتيون آهن ته، نه انهن کي ٽرانسپورٽ مليل آهي ۽ نه ڪو ڊينگ جو ٽرانسپورٽ الائونس، جو هو ريگيولر ڪلاسز تي وڃن. تمام گهڻو وقت، توانائي ۽ پئسو خرچ ٿئي تو جي ڀاڙو ڪرايو اچي تو 10 کان 15 هزار ۾ الائونس ملندو هجي 3 کان 4 هزار ته ڪهڙو ٽُڪ ٿو بيهي ڪم کي فعال بڻائڻ جو. ٽيون وري جڏهن چيڪ ۽ بئلنس نه هوندو ته ڪٿان استاد ريگيولر ٿيندا جي استادن کي ريگيولر ڪرڻو آهي ته انهن جي جائز مسئلن جو حل ڪڍيو وڃي ۽ انهن تي ڌياءُ وڌايو وڃي.

سنڌ جي تعليم جو وڏي ۾ وڏو بحران پهرين بيان ڪيل ڳالهين ۾ نه پر امتحاني سرشتي ۾ آهي. اڳ ڪاپي ڪلچر تي گهڻو ڳالهايو ويندو هيو. هاڻي ته عجب رنگ آهي جو ڪاپي به غريب غربي جو پار ٿو ڪري امير جو پار ته واڪَ تي مارڪون ٿو وٺي. بورڊ وارا مافيا بڻجي ويا آهن. 40 کان 50 هزار عيوض فرسٽ ايئر ۾ انٽر ۾ A يا A-1 گريڊ مليو وڃي. 20 کان 30 هزار عيوض نائين ۽ ڏهين ڪلاس ۾ جيڪي مارڪون چاهيو،گهرو مليو وڃن، اسڪولن اندر نندن وڏن پرچن ۾ هڪڙا ٻار پوزيشن ڪٽنڊڙ آهن ۽ بورڊ ۾ وري اهي اڳيان ٿا اچي وڃن جن کي ڊينگ سان لکڻ به نه ايندو آهي ۽ اهل ٻار جي پئسا نه پري ته C ۽ B گريڊ کان اڳتي نٿو وڌي ۽ نااهل A-1 تو ڪٽي. (ياد رهي ته بورڊ ۾ چيڪنگ ڪندڙ استادن کي چيل هوندو اهي ته ٻار ڪيڏو به پلو لکي پر 100 مان 80 مارڪن کان مٿي ناهي ڏيڻيون پر جڏهن ٻار پئسا پري ٿو ته سائنس جهڙن موضوعن ۾ به 90 کان 95 مارڪن تائين مليو وڃن. اهڙي رڍيگڏهه نظام اندر الائي ته ڪيترن تخليقي ٻارن جا پر ڪُسيو وڃن ۽ ڪي ٻار ته دل شڪستا ٿي بس هلن ٿا يا وري والدين تي پئسن جو زور وڌائن ٿا يا خودڪشين جي ڪوشش ڪن ٿا (ياد رهي ته هن سال وحدت ڪالوني حيدرآباد ۾ هڪ خواجه چوڪري صرف اِن ڳالهه تي خودڪشي ڪئي جو جڏهن فرسٽ ايئر جو رزلٽ آيو ته ان ۾ هن جون مارڪون تمام گهٽ ۾ پين نااهل چوڪرين جون مارڪون هن کان ڪافي مٿي هيون. . اِن سڄي معاملي کي ڪهڙو لقب ڏيون!!!)) ان سڄي ڳالهه جو آخري پاسو اِهو ا

آهي ته سڀني يونيورسٽين اندر ۽ سڀني ڊپارٽمينٽن ۾ داخلائون وٺڻ آهي ته اتي به اهل پار سان ناانصافي ٿئي ٿي، پهرين ته جي اهل پار انٽري ٽيسٽ ۾ سٺو اسڪور ڪٽي به ته بورڊ مان حاصل ڪيل C ۽ B گريڊ ڪيس چند پوائنٽن تان هارايو ڇڏي، ٻي ڳالهه ته جي امير جو پار چند پوائنٽن تان رهجي وڃي ته ان وٽ ڏوڪڙن جي آڌار تي سيلف فنانس تي داخلا موجود آهي. پوءِ ڪٿي رهيو ڪو اهليت جو معاملو!! ۽ پوءِ ٿري ايڊيٽ فلم وانگر هن سماج ۾ چمتڪار بجاءِ بلاتڪار ئي ٿيندو رهي ٿو.

ڪجهه حل ۽ تجويزون:

خانگي تعليم جو مڪمل خاتمو ڪري، سڀن لاءِ برابر تعليمي نظام مهيا ڪيو وڃي.

پاڪستان جي سمورين قومي اڪاين ۾ ساڳيو نصاب لاڳو ڪيو وڃي.

نصاب سيڪيولر ڪيو وڃي، مذهبي تعليم بجاءِ تاريخ ۽ فلسفو پڙهائڻ لازمي بڻايو وڃي. (مذهبي تعليم هر فرقو مسلڪ يا مذهب پنهنجي آڌار تي خانگي نموني ۾ پڙهائي پر اهڙا ادارا جيڪي گڏيل آهن انهن ۾ ڪنهن هڪ مذهب يا فرقي کي اوليت ڏيڻ ۽ ٻئي کي نه مذهبي متڀيد ۽ نفرت کي جنميندو)

دفاع جي خرچن کي اڌو اڌ گهٽائي هنگامي طور تعليم جي بجيٽ وڌائي وڃي، تعليم اسڪول سطح کان يونيورسٽي سطح تائين مفت بڻائي وڃي، تحقيق جي اوزارن ۽ رجحانن کي وڌايو وڃي.

استادن جون پرتيون اهليت مطابق ڪيون وڃن، پرتين لاءِ لکت ۽ ٽيسٽ ۽ انٽرويو سان گڏ ڊيموڪلاسز ضروري بڻايا وڃن، پرتين ۾ سياسي مداخلت ۽ پئسي يا سفارش جو استعمال بند ڪيو وڃي. (ان لاءِ سخت قانون سازي ڪئي وڃي).

استادن جون پرتيون سندن رهائش وارن علائقن ۾ ڪيون وڃن يا ڪم واري علائقي ۾ کين بهتر رهائشي ڪالونيون ناهي ڏنيون وڃن (جيئن آرمي کي مهيا ڪيون وڃن ٿيون) يا کين گهربل ٽرانسپورٽ مهيا ڪئي وڃي ۽ پرتين وقت ٽن قسمن جون ڪيٽگرين ناهيون وڃن. (1) جنرل ڪيٽيگري: جنهن ۾ اهو فرد اپلاءِ ڪري جنهن کي سنڌ اندر جتي به مقرر ڪيو ويندو ۾

رهائش جي سهولت ڏني وڃي ته هو وڃڻ لاءِ پابند هوندو. (2) ڊويزنل ڪيٽيگري: جنهن ۾ اپلاءِ ڪندڙ فرد پابند هوندو ته ڊويزن اندر ڪيس ڪٿي به مقرر ڪيو وڃي ته هو ويندو. (3) ڪاليج يا اسڪول ڪيٽيگري: جنهن ڪاليج يا اسڪول ۾ استاد وڃڻ کان ڪيپائن ٿا ان لاءِ مخصوص پرتيون ڪيون وڃن، ان ڪيٽيگري ۾ صرف اهو فرد اپلاءِ ڪري جيڪو اسڪول يا ڪاليج ۾ وڃڻ لاءِ تيار هجي. ان کي يقيني بنائڻ لاءِ ڪجهه مراعتون ڏنيون وڃن، سندن ڪم جا ڏينهن گهٽايا وڃن يا کين بنيادي سهولتون ڏيڻ سان گڏ ڪجهه معاشي مراعتون ڏنيون وڃن (اهو سڀ ڪجهه ائين ئي ممڪن آهي جيئن اينگرو جي ڪاليجن يا آرمي پبلڪ يا پبلڪ اسڪولن ۾ پرتيون اسڪول يا ڪاليج جي بنياد تي ٿينديون آهن، کين ڪاڌي پيتي سان گڏ سٺي رهائش مهيا ڪري ڏني ويندي آهي ۾ اشتهار به ان آڌار تي ڏنا ويندا آهن)

امتحاني سرشتي ۾ هڪدم تبديلي آندي وڃي، ڪاليج ۾ يونيورسٽي سطح تي بياني امتحان بجاءِ آبجيڪٽوِ امتحان (لاڳو ڪيو وڃي، پيپرن جي چڪاس MCQs ۾ BCQs ڪمپيوٽرائيزڊ ڪئي وڃي ۾ پيپر جي بئي ڏينهن ئي نتيجو نيٽ تي مهيا ڪيو وڃي. بورڊ جو ڪم ان سچي معاملي کي ريگيوليٽ ڪرڻ هجي ۾ سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ هجي ۾ سالياني امتحان بجاءِ سيميسٽر سسٽم لاڳو ڪيو وڃي. امتحاني ڪمرن ۾ چڪاسي ڪئمرائون لڳايون وڃن ۾ آن لائن پهچ هيٺ آنديون وڃن ته جيئن ڪنهن به شڪايت جي صورت ۾ مڪمل جانچ پڙتال ڪري سگهجي ۾ ڪوبه استاد يا بورڊ جو عملدار ڪنهن گڙٻڙ ۾ ملوث هجي ته ان خلاف گهربل قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

يونيورسٽين ۾ شاگردن کي سندن مرضي مطابق داخلا ڏني وڃي، پر امتحاني سرشتو ۾ پڙهائيءَ جو عمل سخت بڻايو وڃي ائين ڪرڻ سان هڪ ته شاگرد پنهنجي صلاحيت آهر موضوع يا ڊپارٽمينٽ جي چونڊ ڪندا ۾ بهتر اهليت جو مظاهرو ڪندا ۾ ٻيو ته جيڪڏهن ڪو شاگرد گهربل اهليت نه رکندو هوندو ته پڙهائي جي عمل دوران يا امتحان ذريعي خارج ڪيو ويندو ۾ هر اداري مان صرف اهل ماڻهو ئي اڳتي ايندا ۾ ڪوبه جڳاڙي ڊاڪٽر، انجنيئر يا استاد پيدا نه ٿيندو.

اسڪول ڪاليج ۽ يونيورسٽين اندر غير نصابي سرگرمين (Extra curricular activities) کي همٿايو وڃي ۽ اڳواٽيءَ جون خاصيتون رکندڙ شاگردن کي شاگرد يونين ۾ آندو وڃي. شاگرد يونين تان پابندي ختم ڪري بهتر ۽ صحتمند سياست کي همٿايو وڃي. ائين ڪرڻ سان يونيورسٽين ۽ ڪاليجن اندر داداگيرِ سياست کي پنجو ايندو ۽ هٿيار بجاءِ قلم جي سياست جنم وٺندي، جيڪا گن پوائنٽ تي شاگردن کي حراسان ڪرڻ بجاءِ تعليمي ۽ تفريحي ماحول جوڙيندي، ادارن ڪان پتو وٺڻ بجاءِ بهتر استادن جي پرتين جي گهر ڪندي، سٺن ڪتابن، انٽرنيٽ جي سهولت، ليب جي سامان جي گهر ڪندي.

تعليمي ادارن مان وردي وارن کي نيڪالي ڏني وڃي، ڪنهن به مهذب ملڪ ۾ اهو تصور به نٿو ڪري سگهجي ته جتي علم جو ڪم هجي اتي وردي پئي لامارا ڏئي!!!

آخر ۾ به اڪر:

مٿي بيان ڪيل ڪيل حلن کي ڏنو وڃي ته اهي هن ملڪ جي نظام اندر ممڪن نظر نه ايندا ۽ اهي گهرون جهڙوڪر ڪنهن ٽين دنيا جي پٺتي پيل (مذهبي انتهاپسندي جي ور چڙهيل) سرمائيداراڻي ملڪ بجاءِ ڪنهن انقلابي پارٽي يا سوشلسٽ ملڪ ڪان ڪيون وينديون هجن، پر ڳالهه اها آهي ته جڏهن ڪنهن بيماريءَ جي تشخيص ڪئي ويندي آهي ۽ ان جو علاج تجويز ڪيو ويندو آهي ته مريض کي پاسي تي رکي پهرين مرض کي جانچڻ جي ڪوشش ڪبي آهي ۽ ان جا حل تجويز ڪيا ويندا آهن پوءِ مريض پنهنجي سگهه آهر علاج جي ڪوشش وٺندو آهي، تيئن ئي تعليم جي معاملي تي پاڻ انهن پاسن جي نشاندهي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جيڪي هن مسئلي جا جنم داتا آهن ۽ ان کي بحراني حالت تي پهچايو اٿن. افسوس ته اسان وٽ گهٽي ٽٽي سياست، اين جي اوز (NGOs) ۽ ميڊيا مسجد جي ملي وارو ڪم پيا ڪن، جيئن ڳوٺن ۾ وڏيرا سڄي ڏيهه کي ڏنيپيو وينا هوندا آهن، پر جٽي ڇهه ماهيءَ جمعي تي هڪ ديڳ خيرات جي چاڙهيندا آهن ته مولوي سڳورو پيو خطبي ۾ ان وڏيري جي ثنا ڪندو ۽ ڪيس جنت جون بشارتون پيو عطا ڪندو ۽ پوري ظلمي نظام تي ڳالهائڻ بجاءِ پيو ڏند ڪٿائي قصا

ٻڌائيندو۔ ساڳيو ڪم هتي اين جي اوز نڀائي رهيون آهن، جو سرمائي جي سٿاءَ، ورلڊ بئنڪ جي چالن، طبقاتي نظام پين بنيادي پاسن تي ڳالهائڻ بجاءِ رڳو ڪين استاد ئي اڪيلو ڏوهارو نظر ايندو پوءِ استاد کي ”گوسڙو ماستر“ جا لقب به نوازبا پر ”گوسڙو سماجي نظام“ تي نه ڳالهائبو. اهو ائين ئي آهي جيئن بيماريءَ بجاءِ بيمار کان نفرت ڪئي وڃي.

عالمي سياسي ۽ سماجي صورتحال

افغانستان جو سواليه مستقبل

جاويد يعقوب



افغانستان جي صدين جي تاريخ ۾ مٿس ڪيتريون ئي پرڏيهي فوجي ڪاهون ٿينديون رهيون جن ۾ ڪڏهن ايراني، ڪڏهن يوناني، هُن، منگول، عرب، ته ڪڏهن انگريز ۽ روسي زار حملي آور ٿيا. ان سموري تاريخ کي ڏسي لڳي ائين ٿو ته هن ملڪ کي فتح ڪرڻ ۾ اُن کي ڪنهن ڌاريي جي اثر هيٺ رکڻ ناممڪن آهي. تازو 13 سال اڳ، 2001ع ڌاري، آمريڪي سرواڻيءَ هيٺ اتحادي فوجن (ايساف) ڪاهه ڪئي. نيٺ 2014ع جي پُڄاڻيءَ سان افغانستان ۾ نيٽو جي جنگي مشن جو خاتمو ٿيو. ڇا هڪ ڀيرو وري هي ملڪ گهرو جنگ ۾ برباديءَ جي ور چڙهي ويندو يا ڪا بهتريءَ جي اميد به آهي؟ يا هن ڀيري به افغانستان بابت ساڳي ئي خوشفهمي آهي جيڪا سوويت فوجن جي واپسيءَ وقت هئي؟

تيل جي قيمت ۾ لاٿ: سبب ۽ اثر

جاويد يعقوب

سياسي ۽ معاشي هٿيار: هڪ سال اڳ تيل جي في بيرل بين



الاقوامي قيمت 103 ڊالر هئي، جيڪا هاڻي گهٽجي في
بيرل 30 ڊالر تائين بهتي آهي (هڪ بيرل ذري گهٽ 159
ليٽرز جي برابر آهي سو بين لفظن ۾ هڪ لٽر 20 رپين
کان گهٽ قيمت جو ٿيو). تيل جي قيمتن ۾ اها لاٿ 21
هين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي ۾ هيٺين ترين سطح تي آهي.
ان صورتحال جا ڪوڙ سارا سبب بيان ڪيا پيا وڃن. تيل
ڪجهه ملڪن لاءِ زندگي ۽ موت جو سوال آهي، خاص
ڪري اُهي جيڪي تيل پيدا ڪن ٿا ۽ اُن مان حاصل ٿيندڙ
آمدنيءَ تي سنڌن ملڪ جو گاڏو هلي ٿو. جڏهن کان تيل
سستو ٿيو آهي اُنهن جي معيشت کي وڏو ڪاپاري ڌڪ لڳو
آهي.

مثال طور تيل پيدا ڪندڙ عراق جتي اڳئي اسلامڪ اسٽيٽ
۽ فرقيواريت ملڪ کي ساڙي رکيو آهي اُتي تيل جا اگهه
گهٽ ٿيڻ سبب صورتحال وبتر بدتر ٿي وئي آهي. هاڻي
روس کي ٻاهران سامان گهرائڻ تي وڌيڪ پيسا ادا ڪرڻا
پون ٿا ڇاڪاڻ ته سندس ڪرنسيءَ جو مُلهه ڪِري پيو
آهي. نائجيريا ۽ وينزويلا، جيڪي گهڻو ڪري تيل جي
پرڏيهي آمدنيءَ تي گذارو ڪن ٿا، ۾ بيچيني ۽ معاشي عدم
استحڪام جو خوف ڇانيل آهي. ايڪوادور ۾ گذريل سال
کان اڌ تيل آمدني گهٽجي وئي آهي. ايتريقدر جو شاهوڪار
سعودي عرب، جتي حڪمران خاندان پنهنجي حيثيت برقرار
رکڻ لاءِ تيل جي آمدنيءَ تي عياشيون ڪري ٿو، اُتي
حڪومت پرڏيهي متاستا ناڻي جي ذخيرن مان اٽڪل 10
ارب ڊالر ماهوار ادا ڪري پئي ۽ 2007ع کانپوءِ پهريون
پيرو عرب حاڪم مالياتي مارڪيٽن کان اوڌر وٺڻ تي مجبور
ٿيا آهن. ايراني نار وارا پيا عرب ملڪ جن جو تيل جي
آمدنيءَ تي گذارو آهي، جن ۾ ڪويت، اومان ۽ بحرين
شامل آهن، اُهي ٻن ڏهاڪن دوران پهريون پيرو مالياتي
خساري کي منهن ڏين پيا. ڪنهن کي اهو اندازو به نه هو ته
امير ترين ملڪن ۾ ڳڻيو ويندڙ ناروي به تيل جي ڪِرندڙ
قيمتن کان متاثر ٿيندو.

تيل جي هاڻوڪي قيمت گهٽجڻ جو هڪڙو نقصان خود تيل
جي صنعت کي ٿئي پيو. تيل جي گهٽ قيمتن سبب اربين

ڊالرن جي سيڙپ خطري ۾ پئجي وئي آهي. تيل پيدا ڪندڙ
اريين ڊالرن جون رٿائون معطل آهن ۾ اُنهن ڪمپنين نون
کوهن ۾ ميدانن جي ڳولا گهٽ ڪري ڇڏي آهي. هڪ
اندازي مطابق ڪوتائي ڪندڙ تيل ۾ گيس ڪمپنيون اينڌڙ
سال 150 ارب ڊالرن جي ڪوتائي واريون رٿائون روڪي
سگهن ٿيون. هڪ بي رپورٽ موجب آمريڪا ۾ يورپ اندر
لکين ماڻهو بيروزگار ٿيا آهن. سڀ تيل وڪرو ڪندڙ ملڪن
گذريل سال کان تيل جي قيمتن ۾ لاٽ سبب اٽڪل 1 ڪرب
(ٽرلين) ڊالر وڃايا آهن. ٽوٽي جو تيل جي گهٽجندڙ قيمت
جو سڌي ريت نقصان تيل وڪرو ڪندڙ ملڪن کي ٿيو آهي
پر ان سان عالمي معيشت کي پڻ وڏو ڌڪ لڳندو
جنهنڪري اڳئي پيچين ۾ پريشان دنيا وڌيڪ مصيبتن ۾
ڦاسي پوندي.
جديد دنيا ۾ تيل هڪ اهڙو ذريعو رهيو آهي جيڪو عالمي
معيشت جي مشينريءَ کي روان دوان رکي ٿو. انڪري تيل
اڄ به پنهنجن مخالفن مٿان معاشي توڙي سياسي دٻاءَ
وجهڻ جي هٿيار طور استعمال ڪيو وڃي ٿو. خام تيل
سبب جنگيون ۾ حڪومتن جا تختا اونڌا ٿيڻ وارا مامرا
جديد تاريخ جو حصو آهن. ۾ انهيءَ منافعي خوري، لالچ ۾
هيچ سبب سرمائيدار پارٽ طور خام تيل جي ڍاڪن کان
جاري بيجا استعمال سان هن ڌرتيءَ کي تباهه ڪري رهيا
آهن. ”ڪارو سون“ سڏجندڙ تيل ڌرتيءَ جي قيمتي معدني
وسيلن ۾ شمار ٿئي ٿو ۾ ايندڙ مستقبل ۾ اهڙو دور به
ايندو جڏهن ماضيءَ جي هڪ باب طور ”تيل واري دور“ جو
ذڪر ڪيو ويندو ڇاڪاڻ ته ايندڙ وقت ۾ ٻارڻ ۾ توانائي لاءِ
تيل کان علاوه ٻيا ذريعا به ايجاد ٿي چڪا هوندا.
آخر ڪهڙا سبب آهن جو امير ۾ طاقتور ملڪ ايڏا وڏا
نقصان پوڳي رهيا آهن؟ ڇا قيمتن ۾ لاٽ ڪوٽ جو نتيجو
آهي يا واڌ جو؟ ڇا ان جي پس پرده ڪنهن جا معاشي مفاد
آهن؟ ڇا اها سچي معاشي راند فقط معيشت تائين محدود
آهي يا اُن جا ڪي سياسي هدف به آهن؟

ڪوٽ نه پر واڌ:

عام طور تي اسان وٽ ائين سمجهيو ويندو آهي ته جڏهن
ڪنهن شي جي ڪوٽ ٿيندي آهي ته بحران جنم وٺندا آهن ۽
شين جي قيمت وڌي ويندي آهي ڇاڪاڻ ته رسد گهٽ ۽
طلب وڌيڪ هوندي آهي. مثال طور چيو وڃي ٿو ته چين،
دنيا جي ٻيون نمبر وڏي معيشت، جاپان تمام گهڻو تيل
خريد ڪندا آهن اُهي اچڪلهه ياڻ لاٽ ۾ وڃي رهيا آهن.
تنهنڪري تيل جي طلب گهٽجڻ سبب قيمتون گهٽجي ويون
آهن. ڇا تيل جي قيمت ۾ لاٽ جي بنيان به اهوئي
سرمائيداراڻو اصول ڪارفرما آهي؟ سرمائيداري نظام
طلب ۽ رسد جي قانون تي عمل ڪندو آهي. تنهنڪري چيو
پيو وڃي ته تيل جون قيمتون گهٽجڻ جو ڪارڻ چين، يورپ
۽ ٻين اهم مارڪيٽن ۾ سست رفتار معاشي واڌارو آهي.
مطلب ته تيل جو استعمال يعني طلب گهٽ آهي تنهنڪري
قيمت به گهٽ ٿي آهي پر هاڻوڪي مسئلي جي بنيان گهٽ
طلب جو معاملو ايڏو اهم ناهي. ائين ناهي ته دنيا ۾ تيل
جي طلب گهٽجي وئي آهي پر الٽو تيل جي رسد وڌي وئي
آهي. دنيا جي عظيم ڏاهي ڪارل مارڪس چيو هو ته
سرمائيداري نظام ۾ بحرانن جو ڪارڻ پيداوار جو گهٽجڻ
نه پر ان جو وڌي وڃڻ هوندو آهي.

عرب_اسرائيل جنگ دوران آمريڪا طرفان اسرائيل جو
ساٿ ڏيڻ تي عرب حڪمرانن طرفان تيل جي پيداوار
روڪي وئي. وري 1979ع ۾ ايراني انقلاب جي نتيجي تيل
جي گهربل پيداوار ۾ ڪوٽ پيدا ٿي جنهن کي سعودي ۽ ٻين
ملڪن پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر اُن باوجود ان
ڪوٽ هڪ وڏي بحران کي جنم ڏنو. 1990ع ۾ عراق
طرفان ڪويت تي ڪاهه ڪانپوءِ بڻ تيل جي قيمتن ۾ واڌ
آئي. 2003ع دوران تيل جي قيمت 30 ڊالر في بيرل هئي
جيڪا آگسٽ 2005ع تائين 60 ڊالر ۽ جولاءِ 2008ع تائين
147 ڊالر في بيرل تائين پهچي وئي. اُن جا ڪوڙ سارا سبب
ڄاڻايا وڃن ٿا جن ۾ وچ اوڀر ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ، چين جي
وڌندڙ طلب، آمريڪي ڊالر جي گهٽجندڙ اهميت، پيٽرول
جي ذخيرن ۾ لاٽ وغيره شامل آهن. ائين تيل جون
قيمتون آگسٽ 2009ع ۾ مستحڪم ٿيون ۽ 70 کان 120

ڊالر في بيرل تائين رهيون، ويندي 2014ع جي نومبر تائين جڏهن قيمتون وري 2003ع واري سطح تائين پهچي ويون. پر وڏي حيرت جي ڳالهه هيءَ آهي ته 1973ع، 79ع، 2003ع وارن بحرانن جا سبب تيل جي پيداوار ۾ لاٿ يا روڪ هيا جڏهن ته هاڻوڪي بحران جو ڪارڻ تيل جي پيداوار ۾ واڌ آهي. تيل جي پيداوار ۾ تازي واڌ ڪٿان پيدا ٿي آهي؟

شيخ بمقابله شيل:



اها واڌ اصل ۾ آمريڪي شيل آئل ۾ روايتي (سعودي) تيل جي وچ ۾ مقابلي جو نتيجو آهي. تيل جي پيداوار جي معاملي ۾ سعودي دنيا جو سڀ کان وڌيڪ اهم ملڪ آهي جنهن وٽ تيل جا اٿاهه ذخيرا موجود آهن جيڪو تيل جي پيداوار کي گهٽ وڌ ڪري طلب ۽ رسد کي تبديل ڪري سگهي ٿو. عام طور تي تيل جي قيمت کي توازن ۾ آڻڻ لاءِ سعودي عرب، ٻين تيل پيدا ڪندڙ ملڪن سان گڏجي تيل جي پيداوار کي گهٽائيندو آهي پر هن ڀيري اهو ائين نه پيو ڪري. ان جو سبب اهو آهي ته تازو آمريڪي شيل آئل جي اچڻ سان عالمي سطح تي تيل جي رسد وڌي وئي ۽ شيل آئل جي پيداوار ۾ تيزيءَ سبب آمريڪا تيل ٻاهران گهرائڻ گهٽائي ڇڏيو. مورڳو ٻاهر وڪرو ڪرڻ لڳو. ويجهڙ وارن سالن ۾ آمريڪي شيل آئل عام روايتي تيل جي مارڪيٽ تي والار ڪرڻ لڳو آهي ۽ ان شيل آئل آمريڪا کي تمام جلد دنيا جو سڀ کان وڌيڪ تيل پيدا ڪندڙ ملڪ بڻائي ڇڏيو آهي. تنهنڪري سعودي عرب جيڪو روايتي تيل جي پيداوار

۽ سڀ کان وڏو ملڪ سمجهيو وڃي ٿو ان بنهنجي پيداواري مقدار کي گهٽائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي جنهنڪري تيل جون قيمتون گهٽجي ويون آهن ڇاڪاڻ ته شيل آئل کي منافعي بخش ٿيڻ لاءِ وڌيڪ قيمت جي ضرورت آهي. سعودي عرب بنهنجي تيل جي پيداوار گهٽائڻ کان انڪار انڪري ڪيو آهي ته جيئن آمريڪا ۾ شيل آئل جي پيداوار کي غيرمنافعي بخش بڻائي سگهي.

ان معاملي ۾ سعودي عرب کي هڪڙو اهم فائدو اهو آهي ته ان کي تيل جي پيداوار ۾ لاڳت سڀ کان گهٽ بوي ٿي يعني 10 ڊالر في بيرل. تيل جي پيداواري لاڳت جي حوالي سان تيل سڀ کان وڌيڪ مهانگو برطانيا کي ۾ سڀ کان سستو ڪويت يعني 8.50 ڊالر ۾ سعودي عرب کي 9.90 ڊالر ۾ بوي ٿو. پر سعودي عرب سميت بين اوپيڪ ملڪن لاءِ وڏو مسئلو هي آهي ته سندن بجيٽ جو وڏو حصو فقط تيل مان حاصل ٿئي ٿو جڏهن ته آمريڪا ۾ اولهه جي بين ملڪن جي آمدني فقط تيل جي صنعت تي انحصار نه ٿي ڪري. اُنهن وٽ ڪمائيءَ جا ٻيا به ڪوڙ سارا وسيلا ۽ طريقا موجود آهن.

اڻسڌا سياسي هدف؛ روس، ايران ۽ وينزويلا:

تيل جون قيمتون گهٽجڻ جو ٻيو سياسي سبب آهي. تيل جي قيمت جو سياسي پهلو سدائين اهميت وارو رهيو آهي ڪڏهن ڪڏهن ته سياست ئي تيل جي قيمت جو تعين ڪري ٿي. عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن ۾ گهٽتائيءَ واري رجحان جي وضاحت مختلف سازشن جي دعوائن سان گڏ به ڪئي وڃي ٿي. مثلاً آمريڪا طرفان روس کي يوڪرائين بابت تڪراري سياست جي سزا ڏني پئي وڃي، ايران ۽ وينزويلا کي ڪمزور ڪرڻ آهي يا وري مقصد شام ۽ عراق ۾ اسلامڪ اسٽيٽ جي عسڪريت پسندن کي روڪڻ آهي، جيڪي تيل وڪڻي بنهنجين ڪارروائين لاءِ مالي وسيلا حاصل ڪن ٿا. اهي سڀ عجيب غريب دعوائون آهن پر ان باوجود انهن سيني ۾ هڪڙي ڳالهه ساڳي آهي ته انهن سيني جو فائدو سڌي ۽ اڻسڌي ريت آمريڪا کي

ٿيندو. مثال طور وچ اوير جي ملڪن ۾ تيل جي ڪمائي مان حاصل ٿيل دولت جو وڏو حصو آمريڪا ۾ اولهه جي ٻين طاقتور ملڪن ڏانهن منتقل ٿي وڃي ٿو خاص ڪري هٿيارن جي خريداريءَ ۾.

ٽوٽي جو تيل جي گهٽ قيمتن سبب سعودي عرب ۾ آمريڪا کي نقصان ٿئي ٿو پر ساڳئي وقت اُنهن کي ٻيا سياسي فائدا ٻڻ ٿين ٿا. هڪڙي راءِ اها به آهي ته روس، ايران ۾ وينزويلا جهڙين ”نافرمان“ رياستن کي سبق سيکارڻ لاءِ آمريڪا سعودي عرب سان گڏ جوڙ ڪري تيل جون قيمتون ڪيرائي ڇڏيون آهن. ايران ۾ وينزويلا هونئن به معاشي ۾ سياسي طور تي وڏيون طاقتون ناهن پر انڪري روس بلڪل سوڙهو ٿي بيو آهي. وينزويلا ۾ روس تي وڌندڙ دٻاءُ آمريڪا لاءِ فائديمند آهي ۾ ايران تي ٻوندڙ ٻار سعودي عرب لاءِ. سعودي عرب هن وقت به شام ۾ عراق ۾ ايران خلاف پراڪسي جنگ وڙهي رهيو آهي. تازو سعودي عرب جي سرواٽيءَ ۾ 34 ملڪي فوجي اتحاد ٺاهيو ويو آهي جنهن ۾ پاڪستان به شامل آهي.

روس؛ عالمي بئنڪ جي انگن اکرن مطابق هلندڙ سال جي ابتدا ۾ روس جي ڳٽپ دنيا جي ائين وڏي معيشت طور ڪئي وئي ۾ ان جو بنياد سندس 2.1 ڪرب ڊالرن واري جي ڊي پي (مجموعي گهرو پيداوار) هئي. ولادمير پيوٽن جي مقبوليت جو هڪڙو ڪارڻ تيل جون وڌيل قيمتون هيون جنهن ڪري روسي جي ڊي پي چاڙهه ڪاڏو، حڪومتي روينيو وڌيو ۾ ائين عوام کي سبسڊي ملي. پر هاڻي اهو سڀ ڪجهه وابس ٿئي پيو. روس جي معيشت گذريل سال 3.4 سيڪڙو سڪڙجي وئي. تيل ۾ گيس روينيو ڏا حڪومتي خرچ پريندا آهن. مُرجهائيندڙ روبل کي ملڪ اندر ماسڪو حڪومت وياج جي شرح ۾ واڌ ڪري هٿي ڏيڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي آهي پر خام تيل جي عالمي مارڪيٽن ۾ قيمتن جي گهٽتائيءَ واري رجحان ۾ يوڪرائني بحران جي حوالي سان آمريڪا ۾ اولهه جي حاڪمن جي پابندين سبب روسي ڪرنسي کي شديد نقصان پهتو آهي. ڪجهه مالياتي معاملن جي تجزيي نگارن جو خيال آهي ته اينڊڙ

مهينن ۾ روس جو آمريڪا ۽ يورپ سان ٽڪراءُ ۾ چڪتاڻ ۾
اضافو ممڪن آهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته روبل جا اثر
معاشي ڊيڊ ۾ اڇلايل ٻثر وانگر آهن ۽ ان جون لهرون
جنهن جنهن ڪنڊ تائين پهچنديون، منفي رجحان سامهون
اچڻ شروع ٿي ويندا. سرمائيڪارن کي خطرا لاحق ٿي پيا
آهن ته روس پنهنجن غيرملڪي قرض جي ادائگي وقت
سر ڪري سگهندو يا نه؟ هڪ روبل هڪ آمريڪي ڊالر جي
پيٽ ۾ پنهنجي پنجاهه سيڪڙو حيثيت وڃائي چڪي آهي.
قدر جي ايتري گهٽتائي ڪانپوءِ روسي معيشت جي
مجموعي 2.1 ٽرلين ڊالر وارو حجم اڌ تائين سڪڙجي ويو
آهي. اهڙي طرح هاڻي روس جي پوزيشن اٺين نمبر تان
ڪيرائي پندرهين نمبر تي سمجهي پئي وڃي جيڪا
انڊونيشيا ۽ ميڪسيڪو جي برابر آهي.
وينزويلا؛ هوگو شاويز جي مقبوليت پٺيان هڪڙو اهم سبب
ڊگهي عرصي تائين تيل جي قيمتن ۾ چاڙهه هو. پر هن جي
جانشين کي ورثي ۾ هڪ ڊيوالبٽي جو شڪار ملڪ مليو
آهي جيڪو پنهنجا قرض موٽائي ڏيڻ لاءِ پريشان آهي.
وينزويلا جي ايڪسپورٽ جو 96 سيڪڙو تيل هوندو آهي.
هن سال اُن جي معيشت ست سيڪڙو تائين سُڪڙجي وئي
آهي، جڏهن ته گذريل سال چار سيڪڙو اڳئي سڪڙجي
چڪي هئي. (هڪڙو اهو سبب آهي جو ڪيوبا آمريڪا سان
ناهه ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي آهي چاڪاڻ ته اُن کي خبر
پئجي وئي آهي ته ڪاراڪس ۾ سندس مددگار وٽ پيسن
جي ڪوٽ ٿي پئي آهي.)
ايران؛ توڙي جو تازي هوا جو جهوٽو بين الاقوامي پابندين
هٽڻ سان تهران کي مليو آهي پر اُن باوجود ايران بين
پيٽرول وارين رياستن وانگر تڪليف ۾ آهي. اصل ۾
انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ جي اندازي موجب اُن کي پنهنجي
بجيٽ کي توازن ۾ آڻڻ لاءِ ذري گهٽ 100 ڊالر (في بيرل)
قيمتن جي ضرورت آهي. وچولي مدي جي حوالي سان
ڏسجي ته بين وانگر هي به مختلف دٻائن کي منهن ڏيندو.
پر ان جو مطلب اهو ناهي ته فقط روس، ايران، نائجيريا،
وينزويلا جهڙن ملڪن کي نقصان ٿيندو پر ان جا ناڪاري اثر

خود سعودي عرب ۽ آمريڪا جهڙن طاقتور ملڪن تي به پوندا. تيل جي قيمت ۾ گهٽتائيءَ جي نتيجي ۾ سليٽ گيس ۽ آئل جهڙا آمريڪي منصوبا ناڪام ٿي سگهن ٿا ۽ ڊالر جي قيمت گهٽجي سگهي ٿي. سليٽ جهڙن جبلن جي گهرائين مان گيس ۽ تيل ڪڍڻ بابت منصوبا تمام مهانگا هوندا آهن، جن تي آمريڪا ۾ وسيع پيماني تي عملدرآمد ڪيو پيو وڃي. عالمي منڊيءَ ۾ تيل جي قيمت ۾ لاٿ برقرار رهي ته اهڙين رٿائن تي عمل ڪرڻ وارين ڪمپنين کي نقصان ڀوڳڻو پوندو. جيڪڏهن تيل جون قيمتون اڃان به گهٽ ٿيون ته ان جو مطلب اهو ٿيندو ته سعودي عرب تيل جي مقدار ۾ گهٽ وڌائي ڪري پر اُهو شايد ئي اهڙو قدم کڻندو ڇاڪاڻ ته ان سان ڪيس ئي نقصان ٿيندو.

وچ اوير ۾ سعودي_ايران تڪرار:

وچ اوير سياسي، ثقافتي ۽ سفارتي حوالي سان اڄ سوڌو پسمانده علائقو سمجهيو وڃي ٿو تنهنڪري هي ڀرڳُو وسيلن سان مالامال هجڻ باوجود عالمي طاقت نه ٿو سمجهيو وڃي، توڙي جو هي ڀرِڳُو ننڍين ننڍين رياستن تي ٻڌل آهي، پر تيل جي ڪري اُن کي وڏي اهميت حاصل رهي آهي. جتي ان ”ڪاري سون“ هن ڀرڳٽي جي عوام ۽ خاص ڪري حڪمرانن کي دولت سان مالامال ڪري ڇڏيو اُتي ئي عالمي سامراجيت هن ڀرڳٽي کي انتشار، مذهبي فرقيواريت، ڏيهي پرڏيهي جنگين، انتهاپسندي ۽ دهشتگرديءَ جي ور چاڙهي ڇڏيو آهي.
تيل جي قيمتن ۾ لاٿ واري ان عالمي بحران سبب ڪوڙ سارا مسئلا پيدا ٿيا آهن پر تازو سعودي عرب ۽ ايران جي وچ ۾ تڪرار بڻ انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي جنهن سياسي ۽ مذهبي صورت ورتي آهي. تازو سعودي عرب ۾ ايران سميت سڄي خطي ۾ سياسي بيچيني تڏهن ڦهلجي وئي جڏهن سعودي عرب شيعا عالم شيخ النمر کي موت جي سزا ڏني. اهو ته ظاهري سياسي ۽ فرقيوار پاسو آهي پر ڇا هڪ فرد کي موت جي سزا ڏيڻ سبب ان سموري ڇڪتاڻ جنم ورتو؟ پس پرده اصل مسئلو ڪهڙو آهي؟

جيڪڏهن ڪنهن اهم مذهبي اڳواڻ جي ڦاهيءَ تي ايڏو
ردعمل ڏيکاريو وڃي ٿو ته پوءِ بنگلاديش ۾ ته ڪوڙ سارن
مذهبي اڳواڻن کي سزائون ملي چڪيون آهن ۽ ساڳئي
نموني مصر ۾ به.
معاملو فقط هڪ عالم کي موت جي سزا ڏيڻ تائين محدود
ناهي پر اصل ڪارڻ بيا آهن. سعودي عرب ۽ ايران جي وچ
۾ هڪ عرصي کان مذهبي لباس ۾ ڀريل معاشي ۽ سياسي
اثر رسوخ وڌائڻ جي سوال تي ڇڪتاڻ هلندي اچي بئي.
يمن کان وٺي ڪري شام، لبنان، بحرين ۽ عراق تائين
ايران جو سياسي اثر رسوخ تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي.
گذريل سال آمريڪا ۽ پنجن وڏين طاقتن طرفان ايران
سان ايٽمي معاهدو ڪرڻ ڪانپوءِ هٽايل پابنديون ڇڻ ته ايران
جي طاقت کي بحال ڪرڻ جو موقعو مهيا ڪري ڇڏيو آهي
۽ هاڻي شايد شامي تڪرار جي حل لاءِ ڳالهين ۾ به ايران
کي هڪ ڌر طور شامل ڪيو وڃي. ايران 1979ع واري
انقلاب ڪانپوءِ سخت گير مذهبي قوتن جي ڪنٽرول هيٺ
رهيو آهي. ايران ۾ 37 سالن جي سخت گير جبر ۽ ظلم
سبب بيچيني آهي پر ملڪ جي سياست تي مذهبي قوتن
جي پڪڙ ڏاڍي مضبوط آهي. تيل جي قيمت ۾ تازي لاٿ
جو وڏو ڪارڻ ايران مٿان لڳل پابندين جو خاتمو بڻ آهي
جيڪي گذريل چاليهه سالن کان ايران تي لڳل هيون.
آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ٿاهه ڪانپوءِ ايران کي 1981ع
کان وٺي منجمند ڪيل 400 ملين ڊالر، 1.3 ارب ڊالر وياج
سميت واپس ملندا. ان سان ايران جي ٻُڏندڙ معاشي
ٻيڙيءَ کي وڏو سهارو ملندو.
ايران ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ مذهبي لباس ۾ ڀريل
سياسي ۽ معاشي اثر رسوخ واري لڙائي اصل ۾ سعودي
عرب تي وڌندڙ اندروني دٻاءَ جو عڪس بڻ آهي. سعودي
عرب سياسي حوالي سان دنيا جو سڀ کان قدامت پسند
ملڪ تصور ڪيو وڃي ٿو. ملڪ ۾ شهرين کي گهٽا سياسي
۽ انفرادي حق حاصل نه آهن. ماڻهن ۾ سياسي سُڌارن لاءِ
بي چيني وڌي رهي آهي پر سعودي حڪمران اقتدار
وڃائڻ جي خدشي سبب ڪي جامع ۽ ٺوس قدم کڻڻ کان

باسو ڪري رهيا آهن. تيل جي قيمتن □ لاٽ جو سڀ کان
گهڻو نقصان شايد سعودي عرب کي ئي ٿيڻ وارو آهي.
جيڪو پنهنجي علائقائي بالادستيءَ کي برقرار رکڻ لاءِ نه
صرف شام پر يمن سميت عراق □ بين علائقن □ مداخلت
ڪرڻ لڳو آهي پر 34 ملڪي فوجي اتحاد ٺاهيا اٿس.
اندروني طور تي سعودي عرب اڃان تائين مالي رعايتن
جي ذري تي سياسي بي چيني □ شدت پسنديءَ جي خطرن
کان بچيل رهيو آهي. سعودي عرب □ ٽيڪس نه هجڻ برابر
آهي □ دولت جي ذيان جي هڪ ڊگهي تاريخ اٿس. سعودي
معيشت □ تيل جي آمدني انتهائي اهم آهي □ ملڪي
آمدنيءَ جو 73 سيڪڙو تيل جي وڪري مان حاصل ٿئي ٿو.
سعودي عرب جي حڪمرانن لاءِ تيل مان ٿيندڙ 150 ارب
ڊالر جي سالياني آمدني انتهائي اهم آهي جنهن کي تعليم،
صحت، فوج □ سيڪيورٽي ادارن تي خرچ ڪيو وڃي ٿو.
اهڙين حالتن □ جڏهن تيل جي قيمتن □ تکڙي واڌ جو ڪو
امڪان نظر نه ٿو اچي تڏهن عوام کي مليل محدود
آزاديون بڻ خطري □ پئجي ويون آهن. سعودي بادشاهه
عوام جي ناراضگيءَ جو خطرو ڪٽندي ڊسمبر □ جاري ٿيل
بجيٽ □ واهپيدارن لاءِ تيل جي قيمتن □ چاليهه سيڪڙو واڌ
جو اعلان ڪيو. ان کان علاوه سرڪاري ملازمن جي
پگهارن □ واڌ کي روڪڻ جي رٿا تي به عمل ڪري رهيو
آهي. ڪيترن ننڍن شهرن □ ٽرانسپورٽ يا راندين جون
تعمير هيٺ رٿائون يا ته ختم ڪيون ويون آهن يا انهن تي
ڪم رُڪجي ويو آهي. جنهنڪري سعودي عرب اندر تيونس،
مصر □ ليبيا جو ذڪر عام ٿيڻ لڳو آهي. ڪجهه معاشي
ماهرن جي راءِ اها به آهي ته اسان هاڻي اهڙي رستي تي
سفر ڪريون پيا جيڪو اڳتي هلي عالمي معيشت □ وڏي
بحران کي جنم ڏيندو.

ايران □ سعودي عرب ٻئي پنهنجي سياسي چپقلش کي
گهڻي حد تائين فرقيوار رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا
آهن پر حقيقت اها آهي ته سڄي وچ اوڀر □ هن وقت اها
ئي صورتحال آهي جيڪا 80 جي ڏهاڪي جي پڄاڻيءَ □ 90
جي ڏهاڪي جي ابتدائي ڏينهن □ رومانيا، اوڀر جرمني □

پولينڊ کان وٺي ڪري سوويت يونين تائين ڦهليل هئي. اها
ڇڪتاڻ ۾ بي چيني فقط ايران ۽ سعودي عرب تائين
محدود ناهي پر ڪويت، گڏيل عرب امارات، اردن، لبنان ۽
شام اهڙا ملڪ آهن جتي عوام کي سياسي ۽ انفرادي
آزادي ۽ بنيادي انساني حق حاصل نه آهن. اهي ملڪ
آهستي آهستي هاڻي اُن منزل ڏانهن وڌي رهيا آهن جڏهن
اُهي پنهنجي ئي نظام جي بار هيٺ ٽٽي پوندا. انهن سڀني
ملڪن جي سياست جو سڀ کان اهم پاسو مذهب رهيو
آهي جنهن جو استعمال اُهي صرف پنهنجي ذاتي اقتدار کي
برقرار رکڻ لاءِ ڪندا رهيا آهن. مذهب ذريعي اصل ۾ اهي
پنهنجن سياسي ۽ معاشي مفادن کي ڍڪ ڏيندا رهيا آهن.
اِنهن ملڪن ۾ ٽن مرحلن مان هڪ مرحلو گذري چڪو
آهي. اهو مرحلو هو جڏهن انهن ملڪن جا حڪمران
پنهنجي عوام جو اعتماد ۽ احترام وڃائي چڪا هئا. ٻيو
مرحلو اهو آهي جڏهن عوام جي اندر موجود نظام کان
شديد بيزاري ۽ بي چيني پيدا ٿيڻ لڳي ٿي. ٽئين مرحلي ۾
اهو نظام ٽٽي وڃي ٿو يا ماڻهو ان نظام کي اکيڙي اڇلائي
ڇڏين ٿا. سڄو وچ اوڀر انهن ٻئي مرحلن مان گذري رهيو
آهي. 21 هين صديءَ ۾ 19 هين صديءَ جي سياسي
اصولن سان ملڪ ۾ حڪومتون نه ٿيون هلائي سگهجن. وچ
اوڀر هن وقت هڪ سياسي برنڊڙ جبل آهي جيڪو هيل
تائين ٻري ته رهيو آهي پر اُهو ڪنهن به وقت ڦاٽي سگهي
ٿو. اهو سياسي انتشار انهن ملڪن لاءِ ئي نه پر سڄي دنيا
کي جنجهوڙي ڇڏيندو. ٽوٽي جو عارضي طور تي تيل
سستو ٿيڻ سان خاص ڪري اُنهن ملڪن کي فائدو ٿيو
جيڪي گراهڪ ملڪ يعني تيل جا خريدار سمجهيا وڃن ٿا ۽
اُتان جي عوام کي به فائدو ٿيو آهي پر اهو نه وسارڻ
گهرجي ته هيءَ ويڙهه منافعي خور سرمائيدارن جي وچ ۾
آهي جن پنهنجي منافعي خاطر عالمي جنگيون به ڪيون
آهن، ايٽم بم به ڪيرايا آهن ۽ ڪيترن ملڪن کي تباهه ۽
برباد به ڪيو آهي.

ٿرمپ جي حيران ڪندڙ ڪاميابي

جاويد راڄپر



باوجود ڪامياب!

هڪ آمريڪي صدارتي اميدوار جي واتان نڪتل ڳالهيون جيڪي سندس ڪيريئر تباهه ڪري سگهن پيون اُهي الٽو ان کي ڪاميابي ڏياري چڙهن ٿيون. مثال طور اُهو ماڻهو آمريڪي ميڊيا سان جهيڙو جوٽي، عراق جنگ تي تنقيد ڪري. غير ملڪي جنگي مهمن ۾ آمريڪا جي شامل ٿيڻ جي مخالفت ڪري، هُو چوي ته هُو اسرائيل ۽ فلسطين جي وچ ۾ غيرجانبدار رهندو. هُو پنهنجي ئي جماعت (ريپبلڪن) جي تصورن جهڙوڪ برٿ ڪنٽرول ۽ آزاد تجارت جي مخالفت ڪري. اُهو ساڳيو ماڻهو پيوٽن (جنهن کي آمريڪا اندر شيطان اعظم قرار ڏنو ويندو هجي) جي باري ۾ ڪجهه معقول ڳالهيون به ڪندو رهي. عورتن کي گهٽ وڌ ڳالهائي، مسلمانن ۽ ٻين اقليتن خلاف نفرت جو اظهار ڪري، ڪارن بدران اڇي چمڙيءَ وارن کي اهميت ڏئي، ميڪسيڪن خلاف گارگند ڪرڻ سميت ٻيون ڪوڙ ساريون ڳالهيون ڪري (جن جو سڌي ريت مطلب آمريڪي سياست ۾ پنهنجن پيرن تي پاڻ ڪهاڙو هڻڻ هجي). جتي نيويارڪ ٽائمز، واشنگٽن پوسٽ، لاس اينجلس ٽائمز، بوسٽن گلوب ۽ سان فرانسسڪو ڪرانيڪل سميت ملڪ جون 240 اهم اخبارون توهان جي مخالف اميدوار (هليري ڪلنٽن) جي حمايت ڪنديون هجن، ٽي وي چينل جهڙوڪ سي اين اين کي ڪلنٽن نيوز نيٽ

ورڪ سڏيو وڃي، پاپ ڳائڻي ليـڊي گاگـا، پنڪ سـيا پڻ چـاهيو
پـــئي ته وائيٽ هــــائوس هلـــيري ڪلنٽن اچي. راءِ عامه جي
سروي ڪندڙ سڀ ادارا به اوهـان جي مخـالف اميـدوار (هلـيري
ڪلنٽن) جي فتح جي دعوا ڪندا هجن، نسلي لسـاني اقليتن
حمايت نه هجڻ برابر هجي، توهان جي پنهنجي پارٽيءَ (ريپبلڪن
پـارٽي) جا اڳـواڻ توهـان جا مخـالف ٿي پـون، مخـالف اميـدوار
(هليري ڪلنٽن) اوهان کان ووٽ به گهڻا کڻي وڃي پر ان بـاوجود
توهان کٽي وڃو...! ها بلڪل ائين ئي ٿيو آهي آمريڪي صــدارتي
چونڊ جتي ڊونلڊ ٽرمپ سوپ ماڻي دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو
آهي. آمريڪي اليڪشن جي نتيجن تي ڪنهن تبصرو ڪندي لکيو
ته عراق افغانسـتان جي جنگ اهو ثـابت ڪيو ته آمريڪا دنيا جي
سياسي اڳـواڻيءَ جي اهل نه آهي. 2008ع جي ماليـاتي بحـران
ٻڌايو ته آمريڪا دنيا جي معاشي اڳـواڻي جي لائق به ڪــونهي
هـاٽوڪي ٽــرمپ جي ڪاميـابيءَ اهو ثـابت ڪيو آهي ته آمريڪا
پنهنجي اڳـواڻي ڪــرڻ جي به اهل نه رهيو آهي. آخر ان حــيران
ڪندڙ نتيجي پٺيان ڪهڙا ڪارڻ هئا؟

ڪاميابيءَ جا سبب

ڊونلڊٽرمپ جي چرڪائيندڙ ڪاميابيءَ جا ڪوڙسارا سياســي،
معاشي ثقــافتي ســبب هئا پر هڪــڙو اهم ڪــارڻ آمريڪا جو
چونڊ نظام آهي. جنهن کي ســمجهڻ بنا هـاٽوڪي حــيران ڪنـدڙ
نتيجي کي پروڙي نه ٿو سگهجي. (هـتي چونڊ طـريقي ڪـار جي
فقط بنيــــادي فيصــــلاڪن عنصــــرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي)
آمــــريڪي اليڪـــٽرس جو ڪُل تعــداد 538 آهي جنهن ڪنهن
صدارتي اميـدوار جي ڪاميـابيءَ لاءِ 270 ووٽ لازم هونـدا آهن.
(الف) صدارتي چونڊ ڪامياب قـرار ڏيڻ جي هفـتي ڪـانپوءِ به
جاري رهندڙ ڳڻپ (سي اين اين) مطابق هليريءَ 6 لک 68 هزار
 483 وڌيڪ ووٽ کنيا آهن يعــــني ٽـــرمپ ڪُل 60،371،193
ووٽ حاصل ڪيا جــڏهن ته هلــيريءَ 61،039،676 ووٽ ماڻيــا.
اليڪٽــورل ڪــاليج ٽــرمپ 290 ووٽ حاصل ڪيا هلــيريءَ
232. نيويــارڪ ٽــائمز جي انــدازي مطــابق اهو انگ اجــان وڌي
سگهي ٿو. ٽوٽي جو چوندن ووٽ هليري ڪلنٽن کي وڌيڪ مليا
پر اليڪٽورل ڪاليج جو تعداد ڊونلڊ ٽـرمپ ڏانهن وڌي ويو (جنهن
مــان ظــاهر ٿــئي ٿو ته ان ســوپ جو فيصــلو ووٽــرن بــدران

اليڪٽورل سسٽم ڪيو جنهن کي ”هجوم جي حڪومت ڪان بچڻ“ جي ترڪيب طور اختيار ڪيو ويندو رهيو آهي. (ب) آمريڪي چوند جي طريقي ڪار ۾ هڪڙو اصول آهي جنهن کي (WTA) Winner Takes All سڏيو وڃي ٿو ان مطابق ڪنهن رياست ۾ وڌيڪ سيٽون کٽيندڙ اميدوار کي سڀ سيٽون ملنديون. ٽرمپ کي ڪاميابي ڏياريندڙ رياستون اُهي هيون جتي اليڪٽورل ڪاليج جون سيٽون گهٽيون آهن جهڙوڪ جارجيا (16)، فلوريڊا (29)، مشيگن (16)، اُتر ڪيرولينا (15)، اوهائيو (18)۽ پينسيلويا (20) وغيره. (ت) آمريڪي چوندن ۾ صدارتي اميدوارن جو گهٽو زور لوڏا کائيندڙ (Swing) رياستن تي هو جن ۾ فلوريڊا، لووا، نيوادا، اتر ڪيرولينا ۽ اوهائيو سميت 11 رياستون شامل آهن. ان جو سبب هي آهي ته جيڪو به اميدوار اِنهن رياستن مان کٽيندو آهي اُهو ئي سوپارو قرار ڏنو ويندو آهي (1964ع ۽ 1996ع کان وٺي هن مهل تائين جي آمريڪي چوندن جو رڪارڊ اهو ئي ٻُڌائي ٿو).

(ث) جيئن ته ٽرمپ بليو ڪالر پورهيتن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو (بليو ڪالر پورهيت مان مراد جيڪي غيرزرعي جسماني پورهيو ڪندا هجن جهڙوڪ مينيو فيڪچرنگ، مائننگ، صفائي، آئل فيلڊ ورڪ، ميڪنيڪل مينٽيننس، ويئر هائوسنگ، فائرفائيٽنگ، ٽيڪنيڪل انسٽاليشن). انهيءَ بليو ڪالر ورڪرز جي موٽ جو حيرت ۾ وجهندڙ نتيجو اهو نڪتو جو ريپبلڪن اميدوار فلوريڊا، اوهائيو ۽ اُتر ڪيرولينا مان کٽيو (چاڪاڻ ته انهن رياستن ۾ سندن گهڻائي آهي) ۽ ايتريقدر جو وسڪونسن ۾ مشيگن مان پڻ ٽرمپ فتحمند ٿيو (اهي رياستون ڊيموڪريٽس جون سمجهيون ويندڙيون آهن). (ث) صدارتي چوند نتيجن تي وڌو اثر وچين مدي واري چوند نتيجن جو ٿيندو آهي 2014ع ۾ ٿيل وچين مدي واري چوند ۾ ريپبلڪن پارٽيءَ هائوس آف ريپريزنٽيٽوز ۾ سينيٽ ۾ اڪثريت ماڻي ورتي هئي.

انهن ئي چوند نتيجن ۾ حيران ڪندڙ لقاءُ ڪجهه بيا به هئا. مثال طور ٽرمپ 47.5 سيڪڙو ووٽ حاصل ڪيا جڏهن ته ڪلنٽن 47.7 سيڪڙو. ڊيموڪريٽ جي پيٽ ۾ ريپبلڪن کي آمريڪي مردن وڌيڪ ووٽ ڏنا، نسلي طور تي گورن، مذهبي طور تي پروٽسٽنٽ، عمر جي حوالي سان 40 کان 65 سالن

وارن، تعليمي طور تي اچي چمڙيءَ وارن ڪاليج گريجوئيٽس ۽ بنا ڪاليج ڊگري وارن، خانداني آمدني جي حوالي سان 50,000 کان مٿي وارن جي اڪثريت ڊونلڊ ٽرمپ کي ووٽ ڏنا، ريپبلڪن کي شهرن (جن جي آبادي 50 هزار کان مٿي هجي) مان گهٽ ۽ ڳوٺاڻي/ پرياسي ۾ خاص ڪري ٻهراڙين مان وڌيڪ ووٽ مليا.

ٽيڪنيڪل انگ اکرن کان هٽي ڪري چونڊ نتيجن تي ٻيا وڏا اثر سياسي، معاشي ۽ سماجي هئا.

* اوباما جي صدارت هيٺ ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جو 8 سالا اقتدار جنهن دوران آمريڪي سماج ۾ ڪا وڏي تبديلي نه آئي (ماسواءِ اوباما ڪيئر، ڪجهه سفارتي ڪاميابين جهڙوڪ ڪيوبا، ايران ايٽمي معاهدو،2011ع ۾ عراق مان آمريڪي فوج جي واپسي، شام تي حملو نه ڪرڻ وغيره).

* هلبري ڪلنٽن جي چونڊ مهم ۾ اٿاريل نقطا به ڪا نواڻ پيش ڪرڻ بدران پوئين 8 سالا دور جو تسلسل هئا جيڪي ووٽرن جي وڏي تعداد کي موهي نه سگهيا.

* هلبري ڪلنٽن جي پنهنجي ساک جيڪا سواليا ٿي چڪي هئي خاص ڪري اي ميلز جي ڪري.

* 8 سالن تائين آمريڪي گورن مٿان هڪ ڪاري چمڙيءَ واري صدر جي حڪمرانيءَ جو ردعمل.

* برني سينڊرز جي حمايتن جو وڏي تعداد ۾ ووٽ ڏيڻ لاءِ نه نڪرڻ.

* هليريءَ ڪلنٽن جو خود عورت هجڻ به ڊونلڊ ٽرمپ جي فائدي ۾ ويو ڇاڪاڻ ته آمريڪي قدامت پسندي کي هڪ عورت جي حڪمراني شايد نه وڻي ها.

* آمريڪي شهرين منجهه اسٽبلشمينٽ ۽ سياسي معاشي نظام جي تسلسل خلاف ڪاوڙ (مثال طور رپورٽ مطابق 1999ع کانپوءِ في ماڻهو سراسري آمدنيءَ ۾ اضافو نه ٿيو هو).

* آمريڪي شهري غيرملڪي جنگين جي مسئلن کان تنگ ٿي چڪا آهن (اهو ئي سبب آهي ته آمريڪا اندر اها راءِ پيدا ٿي ته ان جا اتحادي عالمي پوليس مين ٽيڪ واري ”ذميواري“ جو ڪجهه بار کڻن.)

* گذريل ڪجهه عرصي کان اهو سمجهيو پئي ويو ته سياسي راءِ سازي ڪارپوريٽ ميڊيا جو ڪم آهي. سي اين اين،

فاڪس نيوز ۾ ٻيا ادارا عوام جي ڊرائنگ رومن ۾ راءِ ڪـٽي اينـدا هئا ۽ انهن جو ذهن بدلائيندا هئا. پر سوشل ميـڊيا ۽ انـٽرنيٽ ان شيءِ کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هڪ عام آمريڪي هـاٽي فيس بوڪ، ٽوئـٽر، انسـٽاگرام، ريڊ اٽ، اميجز ۽ ٻين جـاين تي ٽي وي جي پيٽ ۾ وڌيڪ وقت گـذاري ٿـو. انهيءَ سوشل ميـڊيا جو ٻڻ ٽرمپ کي وڏو فائدو ٿيو.

* ٽرمپ جي ڪاميابيءَ جو اندازو ڪرڻ لاءِ اسان کي ڏسـڻو پوندو ته هُو ڪهڙين ايجنڊائن ۾ ووٽرن جي حمايت سان چونڊون کٽي آيو.



ڊونلڊ ٽـرمپ اقليتن خلاف نعـرا هڻنـــدي ايــري آيو هـــو، (1) هن ميڪسيڪو کان اينـڊز پنـاهگيرن کي ڌوهـــــاري ســـــڏيو ۽ (2) مســــلمانن جي آمريڪا ۾ داخلا تي پابنـــدي جي ڳالهه ڪـــــئي. جنهنڪـــري ڪيس اڇي چمـــڙيءَ وارن مــــردن (گهٽ تعليم يافته هيٺين طبقي) مـان گهـڻي مـوٽ ملي. (3) هن آمريڪا جي وڃايل ”وقار“ کي بحال ڪـرڻ لاءِ ”آمريڪا جي عظمت“ جو نعـرو بلند ڪيو جنهن ٻڻ آمريڪين جي اڳوٽي احساس برتريءَ کي تسڪين پهچـائي پـئي. گلوبلائيزيشن جي ڪـري تمـام گهـڻيون آمـريڪي صنعتون ملڪ کان ٻاهر هليون ويون آهن جنهن جو نقصان خاص طـور تي هيــٺين ۽ وچـولي طبقي کي وڌيڪ ٿيو آهي. انڪـري ڊونلڊ ٽرمپ جو نعـرو ”اول آمريڪـا“ اُن جي پيروڪـارن ۾ گهڻو مقبول ٿيو. اُنهيءَ تناظر ۾ هن چيو ته ٻين ملڪن (خاص طور تي چين) کـان اينـڊز سسـتي درآمـدت تي پابنـديون لڳائينـدس. ۽ آمريڪي صنعتن کي واپسي تي مجبـور ڪندس. هُو گـوري نسل جي مردن کي اهو يقين ڏيارڻ ۾ ڪامياب ويو ته اُنهن جو دشمن مقامي سرمائيداري نظـام نه پر اقليتـون، پنـاهگير ۽ چين جهـڙا ملڪ آهن جيڪي اُنهن جي روزي ۽ اُجـرتن جي پٺيـان هٿ ڌوئي پيا آهن. آمريڪا جي غريب ۽ وچولي طبقي بهتر معاشي حالتن، طـاقتور بئنڪن ۽ ڪارپوريشنز جي هٿـان عـوام جي استحصال

واري خاتمي جي اميد ۾ ڊونلڊ ٽرمپ کي ووٽ ڏنو.

پر اهو به سمجهڻ گهرجي ته ڊونلڊ ٽرمپ کي ووٽ جي اهل ماڻهن جي ڪُل تعداد مان فقط 24.6 سيڪڙو مليا آهن. هن پيري ڪُل اهل ووٽرن مان 57.9 سيڪڙو ماڻهن ووٽ ڏنا. جنهن جو مطلب اٽڪل 95 ملين ووٽرن ڪنهن به اميدوار کي ووٽ نه ڏنو. بهرحال سرمائيداراڻي جمهوريت ئي ڊونلڊ ٽرمپ جي صورت ۾ آمريڪا جي ڳچيءَ جو قاهو بڻجي وئي.

هيل واري آمريڪي صدارتي چونڊ مهم ۾ صرف ڊونلڊ ٽرمپ ئي نه پر بنهجو پاڻ کي آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ ڪلي عام "سوشلسٽ" سڏائيندڙ برني سينڊرز ۾ هڪ صدارتي اميدوار جي حيثيت ۾ هلري ڪلنٽن جو عورت هجڻ پڻ غيرمعمولي مظهر هئا. ڇا انهيءَ مظهر کي فقط انفرادي ۽ شخصي انداز ۾ ڏسڻ گهرجي جيئن گهڻو ڪرڻ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي يا اهي شخصي مظهر ڪن عام وڏن رجحانن جي نمائندگي ڪري رهيا آهن؟

شخصي يا عمومي رجحان؟

جيڪڏهن ڪو ماڻهو توهان جو استحصال "فضيلت" (يعني قانوني، سفارتي، اخلاقي انداز ۾) سان ڪرڻ جي اهل هوندو آهي ته پوءِ اُهو گارگند، دڙڪا دهمان، ڌمڪيون، تشدد، لٽ ۽ مار (قانوني توڙي غيرقانوني، اخلاقي توڙي بداخلاقي، ڪُلي عام منافقت) تي عمل نه ڪندو پر جڏهن اُهو ئي استحصال ڪندڙ ماڻهو گارگند، ڌمڪين، دڙڪن ۾ ڪلي عام دانهون ڪرڻ تي لهي اچي ته ان جو مطلب اهو ٿيندو يا ته ياڳيو اڳ جي پيٽ ۾ وڌيڪ سڄاڳ ٿي چڪو آهي، يا استحصال ڪندڙ (چور) قاسي پيو آهي (تنهنڪري بوهاڙجي پيو آهي)، يا وري هڪڙي استحصالي ڌر جي مقابلي ۾ بي استحصال ڪندڙ ڌر اچي وئي آهي، يا وري اُن جا آخري پساهه آهن جنهنڪري استحصال ڪندڙ چور تڪڙا، اوچتا ۽ بيوقوفاڻا ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيندو آهي. هن وقت ڊونلڊ ٽرمپ جي حيران ڪندڙ شخصيت انهيءَ جو اظهار آهي جيڪو شخصي صورت ۾ استحصالي نظام جي مٿي بيان ڪيل ڪيفيت جو اولڙو آهي. حيران ڪندڙ ڪاميابي انڪري جو ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي سياسي مهم دوران گارگند، ڌمڪين، دڙڪن، ڪلي عام ۾ بدتهذيب انداز اختيار ڪيو ۾ ان باوجود ڪامياب ٿي ويو. ڊونلڊ

ٽرمپ جي ڪاميابيءَ کي انفرادي ۽ شخصي طور ڏسڻ فقط ظاهري لقاءَ کي ڏسڻ ٿيندو جڏهن ته اهو لقاءُ هڪ لڪل جوهر جو اظهار به آهي جڏهن ته ظاهري لقاءُ اندروني جوهر کي لڪائڻ ۽ ظاهر ڪرڻ جا بئي ڪم ڪري رهيو آهي. اڪثر لکندڙ، تبصرو ڪندڙ ۽ ڳالهائيندڙ آمريڪي صدارتي چونڊن کي بن شخصيتن جي وچ ۾ مقابلي ۽ ڪٽ هار جي صورت ۾ ڏسي رهيا آهن. اهو طريقو تاريخي عمل کي شخصي نقطه نظر سان ڏسڻ وارو آهي جيئن اسان وٽ هٽلر، مسوليني، نيپولين بوناپارٽ، سڪندر سميت سموري انساني تاريخ کي شخصي صورت ۾ پيش ڪيو ويندو آهي يعني هن مهل تائين جي وڏن توڙي ننڍن واقعن (ناڪام توڙي ڪامياب) کي آڳرين تي ڳڻڻ جيترين شخصيتن جي ڪارنامن طور ڳڻايو ويندو رهيو آهي. جيتوڻيڪ آمريڪي صدارتي چونڊن جو اظهار بن فردن جي وچ ۾ مقابلي جي صورت ۾ ٿيو آهي پر انهن انفرادي صورتن جي پس پرده ڪوڙ سارا بيا اجتماعي، گڏيل سبب آهن جن کي سمجهڻ جي اشد ضرورت آهي.

اُهي ڪهڙا وڏا عام رجحان آهن جن جو اظهار ڊونلڊ ٽرمپ جي شخصيت ۾ اُن جي ڪاميابيءَ جي صورت ۾ ٿيو آهي؟

مُک رجحان ۽ آمريڪي ”عظمت“ جو زوال

(1)مينيوفيڪچرنگ صنعت جي گلوبل ڏکڻ ڏانهن ۽ منافعي جي گلوبل اُتر ڏانهن منتقلي (2) منافعي جي گلوبل اتر ڏانهن منتقليءَ باوجود اُن دولت جو 99 سيڪڙو فقط هڪ سيڪڙو ڏانهن منتقل ٿيڻ (3)۔ ٽيڪنالاجيڪل جدت (4)۔ اولهه ۾ ملندڙ گهٽ اُجرتون (5)۔ وڌندڙ بيروزگاري (6)۔ ڌارين جي يلغار (7) آهستي آهستي گلوبل ڏکڻ جي دنيا جي مارڪيٽن تي والار ۽ واڌ، نتيجي طور (8) اولهه جي پنج سئو سالا عالمي بالادستي ۾ اينڊڙ لات ۽ (9) آمريڪي ”عظمت“ جي وچائجي وڃڻ جو ڏک وغيره. انهن سيني عنصرن ۾ معاشي ۽ ثقافتي گلوبلائيزيشن ۾ گهڻ سچاٽب جي تصورن موجوده دور ۾ ”آزاد“ دنيا ۽ ”آزاد“ مارڪيٽ جي ليڊر، آمريڪا جي دل ۾ خوف پيدا ڪري ڇڏيو آهي. اُنهيءَ خوف جي نتيجي ۾ آمريڪا سميت اولهه جي دنيا ۾ نسل پرستي ۾ اپار ٿيو آهي، ساڄي ڌر ۾ اضافو ٿيو آهي، ڌارين خلاف نفرت زور ورتو آهي، سرحدن جي بحالي جي صورت ۾

گلوبلائيزيشن جي مخالفت ۾ واڌ ٿي آهي. ٻين لفظن ۾ نيو لبرل معيشت جي بحـــران، ســـماج جي مختلف پاسن ۾ سياست ۾ پنهنجو اظهار ڪيو آهي.

انهن سيني عنصرن کي گڏائي ڏسجي ته هڪ اهڙي تصــوير نهي ٿي جنهن ۾ آمــريڪي ”عظمت“ زوال پــذير نظر اچي ٿي. تــوڻي جو گهڻ عرصي کــان ســماجي، سياسي ۽ معاشي مــاهر عالمي سپرپاور آمريڪا جي زوال جون ڳـالهيون ڪنـدا رهيا آهن پر ان بــاوجود آمريڪا کي ٻظــاهر نه ڪو لهر نه لــوڏو آيو آهي. جنهنڪري اهڙي قسم جي دعوائن کي خام خيالي ۽ خوشـفهمي سـمجهي رد ڪيو وينـدو رهيو آهي. بهرحـال آمريڪا جي اڻ ڏٺل عــالمي شهنشــايت جي زوال بــابت ڪيل دعوائــون ڪيــتريون سـچيون آهن ان جو انـدازو ان ڳالهه مـان لڳـائي سـگهجي ٿو ته هــــاڻي خــــود آمــــريڪي حڪمــــران به پنهنجي ”عظيم“ سلطنت جي وجائجي وڃڻ جون ڳـالهيون ڪـري رهيا آهن. تـازو آمريڪي صدارتي چونڊن جي حيران ڪندڙ نتيجن ۾ ڊونلڊ ٽرمپ ڪاميابي ماڻي دنيا جهان کي پريشان ڪـري ڇـڏيو آهي. هي اُهو ئي تــرمپ آهي جيڪو چونــدو رهيو ته بــاهر کــان آيل پنــاهگير آمريڪين جي جان و مال ۽ عزت سان کيڏي رهيا آهن ۾ آمريڪا جي دنيا ۾ ٽڪي جي به عــزت بــاقي نــاهي رهي ۽ ڪويه ملڪ آمريڪا جو احترام نه ٿو ڪري. تنهنڪري هڪ ڀيرو ٻيهر ”آمريڪا جي عظمت“ کي بحـال ڪنـدس. جنهن جي چونڊ مهم جو نعـرو هو

”آمــريڪي عظمت“ جي بحــالي. ان نعري جو مطلب اهو ٿيو ته آمريڪا جي ”عظمت“ ختم ٿي چڪي آهي، يا گهٽجي وئي آهي جنهن کي بحال ڪرڻو آهي.

گـــذريل ادائي ڏهـــاڪن کـــان وٺي آمريڪا دنيا جو اڪيلو ســـپرپاور رهيو آهي. ان جي جنگي صـــلاحيت ســـان ڪنهن جو مقابلو نه هو پر گذريل ڏهاڪو سالن اندر اهـڙا واقعا ٿيا آهن جن آمريڪا جي ڪمزوريءَ کي ظاهر ڪـري ڇـڏيو آهي. مثـال طـور 1. آمريڪا ويٽنام ۾ شڪست کـائڻ کـانپوءِ افغانسـتان تي سـڌي ريت حملو ڪيــو پر 15 ســالن جي ڊگهي جنگ وڙهڻ کــانپوءِ به آمريڪا افغانستان ۾ ڪاميابيءَ جي دعوا نه ٿو ڪري سگهي. 2. افغانســـتان جي واضع ناڪــــاميءَ کــــانپوءِ آمريڪا لاءِ ٻي وڏي

ناڪامي عراق جنگ ثابت ٿي. جتي اڄ تائين انتشار، گهرو جنگ ۽ چڪتاڻ غالب آهي. 3. سعودي عرب آمريڪا ۾ پنهنجي حق ۾ لابنگ تي اربين ڊالر خرچ ڪيا. ۽ اربين ڊالرن جا هٿيار خريد ڪيا، نتيجي طور آمريڪا سندس جهادي فرقي جي ڦهلاءَ تي خاموش رهيو. پر جڏهن آمريڪي توانائي جي معاملي ۾ خودڪفيل ٿي ويا ته واشنگٽن کي سعودي عرب جي تيل جي ضرورت نه رهي. آمريڪا رياض ۾ تيل اسيب جي صلاحن کي رد ڪندي ايران تي بمباري نه ڪئي. ان بدران تهران سان ايٽمي معاهدو ڪري ڇڏيو. تنهنڪري سعودي عرب آمريڪا کان ناراض آهي. 4. تازو فلپائني صدر ڊيوٽرٽ، صدر اوباما لاءِ نازيبا جملا ڳالهايا آهن. جنهن ڪانيوءِ آمريڪا ۽ فلپائين جي وچ ۾ لاڳاپا خراب ٿي چڪا آهن ۽ فلپائين وڃي چين سان ويجهو ٿيو آهي. 5. آمريڪا جو هڪ ٻيو ويجهو اتحادي ترڪي به روس جي ويجهو اچي ويو آهي. ترڪي جيڪو سدائين کان آمريڪا جو ڪلي عام اتحادي رهيو آهي اُن ۾ تازو فوجي بغاوت جنهن کي ناڪام بڻايو ويو، ڪانيوءِ ترڪ صدر اردوان انهيءَ بغاوت جو الزام آمريڪا ۾ پناهه ورتل گولن تي هنيو. 6. اوڀر ايشيا ۾ چين به ڏکڻ سمنڊ ۾ پنهنجي طاقت ڏيکاري ننڍن ننڍن ٻيٽن تي پنهنجا اڏا قائم ڪري سمنڊ جي وڏي حصي کي پنهنجين حدن ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي پر آمريڪا ڪجهه نه ڪري سگهيو. 7. اوڀر ۾ چين ۽ اولهه ۾ روس آمريڪا جي سامهون بيهي رهيا. روس ڪرائما تي قبضو ڪري ورتو پر آمريڪا ڪجهه نه ڪري سگهيو. روس ۽ ايران گڏجي آمريڪا جي شام مٿان حملي واري خواهش کي پورو ڪرڻ نه ڏنو، ان جي ابتڙ روس ۽ ايران شام ۾ وڃي ڪلي عام اسد جي حمايت ڪرڻ لڳا. ۽ آمريڪا، ترڪي، سعودي عرب ۽ ٻين اتحادين جي ڪوشش جي ابتڙ روس، ايران ۽ شام (خاص ڪري ڪُردن) عراق ۽ شام مان داعش جي تڏا ويڙهه شروع ڪري ڇڏي اها بڻ آمريڪا جي ناڪامي تصور ڪئي وڃي ٿي. جاپان اندر ڪجھ عرصي کان آمريڪا مخالف تحريڪ هلي رهي آهي جنهن جو مطالبو آهي ته آمريڪي فوج کان جاپاني اڏا واپس ورتا وڃن. تازو انٽرنيشنل ڪرمنل ڪورٽ چيو آهي ته آمريڪي فوج ۽ گهجي ايجنسيءَ جا اهلڪار افغانستان ۾ جنگي ڏوهن جا ذميوار آهن. جيڪڏهن ان سلسلي ۾ تحقيق شروع ٿئي

تي ته بين الاقـوامي عـدالت طرفـان آمـريڪي فـوجين خلاف تحقيقات جو هي پهريون واقعو هوندو. چين ۽ روس جي عـالمي طـاقت ٿي ابـرڻ ڪـانپوءِ اِهي ملڪ خطي ۾ آمريڪا کي چئلينج ڪـري رهيا آهن. تـوڙي جو اهي بـئي ملي ڪـري به في الحـال آمريڪا جي فـوجي طـاقت جو مقـابلو نه ٿا ڪـري سـگهن پر اسٽريٽجڪ حوالي سان واشنگٽن جي مطالبن کي ڪـاتي ۾ به نه ٿا آڻين. جـزوي طـور تي ان سـان آمريڪا جي ڪمـزور ٿينـدڙ معاشي طاقت جو اظهار ٿئي ٿو. توڙي جو هنيئر به دنيا جي سڀ کان وڏي معيشت آهي پر چين تـيزيءَ سـان ان جي مقـابلي تي پهنـدي نظر اچي رهيو آهي. تـوڙي جو اهو چـوڻ وقت کـان اڳ ٿينـدو ته هڪ سـپر پـاور جي حيـثيت ۾ آمريڪا جـا ڏينهن ڳڻجي چڪا آهن پر عـالمي طـاقت جي تـوازن ۾ اينـدڙ ننـديون وڏيـون تبديليون ان قسم جي رجحان ڏانهن اشـارو ڪـري رهيـون آهن. ٽرمپ جي ڪاميابيءَ کي به انهيءَ تنـاظر ۾ ڏسڻ جي ضـرورت آهي.

سرمائيدار بمقابلا سرمائيدار

ڊونلڊ ٽـرمپ جي اوچـتي ڪاميـابي فقط هڪـڙو اهـڙو غيرمتوقع ۽ حـيران ڪنـدڙ لقـاءُ نـاهي پر جيڪـڏهن ويجهڙ وارن واقعن کي غور سان ڏٺو وڃي ته اهڙا بيا به کوڙ سارا واقعا نظر اينـدا جيڪي مجمـوعي طـور تي سـرمائيدار دنيا جي انـدروني انتشار، غيريقينيت کي اظهاري رهيا آهن.

سـرد جنگ جي خـاتمي کـانپوءِ سـرمائيدار دنيا لاءِ پـاڻ کـان ٻاهر ڪا به اهڙي شيءِ نه رهي جنهن کي اُهي ٻنهنجي مـدمقابل هڪ ٻجڙائي طور پيش ڪري سگهن. جيڪڏهن ڪنهن جي خلاف (جهڙوڪ چين يا روس) ڳالهـائين ته چا چـون؟ چاڪـاڻ هـاڻي ته اُهي ملڪ به سـرمائيدار وات تي هلي رهيا آهن. سـوويت يـونين جي دير ٽيڻ کـانپوءِ سـرمائيدار دنيا دهل شـرنايون وڃـايون ته هاڻي سڄي دنيا خوشحال ٿي وينـدي، هـاڻي ڪوبه دشـمن نـاهي رهيو تنهنڪري جنگيون به نه رهنديون، انسـاني تهـذيب ۽ تمـدن قائم دائم رهندو، ۽ ثابت ٿي ويو ته سڀ کان بهترين نظـام فقط ئي فقط سرمائيدار جمهوريت آهي جنهن کي "لبرل جمهوريت" به سڏيو وڃي ٿو. ايتريقدر جو "تاريخ جي خـاتمي" جو نظريو به پيش ڪيو ويو ته هاڻي دنيا اندر ڪا وڏي تبديلي اچڻي ناهي باقي

تورا گھٽا جھيڙا ٿيندا رهندا جن کي لبرل جمهوريت حل ڪري وٺندي.

پهرين عالمي جنگ ڪانپوءِ ٿيندڙ سرد جنگ جي انت تائين جيڪي به وڏيون ننڍيون جنگيون ۽ گهرو جنگيون ٿينديون رهيون ته انهن جي ٻاري ۾ اهو ئي چيو ويندو رهيو ته اها ويڙهه ٻن نظرين جي وچ ۾ ويڙهه آهي يعني هڪ پاسي بچڙائي (سوشلزم) ۽ ٻئي پاسي چڱائي (سرمائيداري) آهي. پر گذريل اڍائي ڏهاڪن دوران جيڪو ڪجهه ٿيو ان سرمائيدارن جي سمورين دعوائن کي ڪوڙو ثابت ڪري ڇڏيو. گذريل اڍائي ڏهاڪن دوران ڇا ڇا نه ٿيو؟ افغانستان 30 سالن کان حالت جنگ ۾ آهي، عراق ۾ شام اندر انتشار، گهرو جنگ، غربت ۽ بدحاليءَ لکين انسانن کي پنهنجو ڪاڄ ٻٽائي ڇڏيو آهي، لکين ماڻهو دربدريءَ جي زندگي گهارڻ تي مجبور ٿيا، لکين ماڻهو پناهگير ٿي يورپي سرحدن ڏانهن وڃڻ لڳا، يمن، لبيا، مصر، تيونس کان وٺي سڄي مسلمان اڪثريتي دنيا ۾ هڪ نئين مصيبت ايري جيڪا مذهبي جنونيت، انتهاپسندي جي صورت ۾ نمودار ٿي. اهي سڀ لقاءَ سرمائيداري نظام جا تحفا آهن.

هاڻي سرمائيدار دنيا پنهنجن ئي پيدا ڪيل مصيبتن کي پوڄي رهي آهي جن کي حل ڪرڻ سندن وس ۾ ناهي رهيو ڇاڪاڻ ته ان کان اڳ جيڪي به مصيبتون پيدا ٿيون پئي اُنهن کي دشمن (سوويت نظام) جو نتيجو قرار ڏنو ويو پر هاڻي وڌندڙ مذهبي انتهاپسندي ۾ دهشتگرديءَ کي ڪنهن جي کاتي ۾ وجهن! وڌندڙ اميگريشن کي ڪهڙي بهاني سان روڪين؟ پناهگيرن جي ردعمل ۾ اُسريل نسل پرستيءَ جي ڪهڙي وضاحت ڏين؟ وڌندڙ طبقاتي فرق، غربت، بيروزگاري ۾ انتشار جي ڪهڙي سمجهاڻي ڏين ته آخر ائين ڇو ٿو ٿئي؟ روز روز ٿيندڙ مالياتي بحرانن جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟ جيئن ته سرمائيدار دنيا وٽ انهن سوالن جا جواب نه هئا ۾ جيڪڏهن هئا ته اُهي سندن ئي خلاف هئا تنهنڪري اُنهن پنهنجن اصل تضادن کي ويس وڳا پارائي بيون شڪليون ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن جو اظهار نسل پرستي (آمريڪا، جرمني ۾ فرانس سميت سڄي اولهه ۾ ڌارين خلاف نفرت)، ڳنڍڻ بدران ڇنڻ جو عمل (يورپي يونين مان برطانيا جي عليحدگي)، ساڄي ڌر جو زور وٺڻ (مودي ۾ ٽرمپ

جهڙن انتهاپسندن جو ايرڻ)، غيرمتوقع نتيجن جو اچڻ (بريگزٽ، آمريڪي چونڊون)، بيروزگاري، غربت ۾ اڻبرابري سميت ٻين مسئلن جو ڪارڻ پنهنجن اندرين تضادن بدران ٻاهرين تضادن کي قرار ڏيڻ (آمريڪا طرفان چين تي الزام هڻڻ)، ڪوڙن سياسي نعرن هيٺ ٻين ملڪن تي قبضا ڪرڻ ۾ جنگيون ڪرڻ (خاص ڪري وچ اوڀر ۾ "عرب بهار، جمهوريت، امن ۾ تبديلي" جي لهر)، سڀ ڪان وڌو حيرت ۾ وجهندڙ لقاءُ هي آهي ته سرمائيدار دنيا جنهن پاڻ گلوبلائيزيشن ۾ دنيا جي ڳنڍجڻ جو راڳ ڳايو پئي هاڻي اها ئي انهيءَ خلاف ٿي پئي ڳالهائي ۾ پنهنجين سرحدن کي بند ڪرڻ جا بندوبست ڪري رهي آهي (آمريڪا طرفان ميڪسيڪو سرحد تي ڀت اڏڻ جو اعلان وغيره). اهي سڀ انتهاپسنداڻا ۾ پنهنجن ئي اصولن جي ابتڙ ظاهر ٿيندڙ لقاءُ ٻڌائين ٿا ته سرمائيداري اسٽيٽس ڪو هيٺان گهٽو پاٽي وهي چڪو آهي جيڪو اسٽيٽس ڪو جي عينڪ پائي ويٺل ماڻهن کي نظر نه ٿو اچي.

ڇا ٿي سگهي ٿو:

سياست ۾ ۾ خاص ڪري عالمي سپر پاور ملڪ جي سياسي نظام جي باري ۾ غيريقينيت گهٽ هوندي آهي ڇاڪاڻ ته ماضيءَ جو رڪارڊ ظاهر ڪندو آهي ته هي نظام ۾ ان جي نمائندگي ڪندڙ اڳواڻ ڇا ڇا ڪري سگهن ٿا ۾ ڪيسيتائين وڃي سگهن ٿا؟ پر جيڪڏهن انهيءَ نظام جي نمائندگي ڪندڙ ماڻهو پنهنجي طبيعت ۾ مزاج ۾ ڦرڻو گهرڻو، جذباتي، تڪڙو ۾ هلڪڙو هجي ۾ اُهو عام چونڊن ۾ وڏي تعداد ۾ ووٽرن جي حمايت سان کٽي به اچي ته اهو سمجهڻ گهرجي ته اهو فرد انهيءَ نظام جي ڦرٽي گهرٽي، بحراني ڪيفيت کي اظهاري رهيو آهي. تنهنڪري جيڪڏهن ٽرمپ پنهنجي ڪيل ڳالهين تي عمل ڪري ٿو ته پوءِ دنيا اندر بحران گهٽجڻ بدران وڌندا. جهڙوڪ يورپ اندر نئين نسل پرستاڻي لهر، ساڄي ڌر جو اڀار، مودي جهڙن ڪٽرپٽي جو شڪار ماڻهن جو اڳيان اچڻ، نيٽو جي ٽٽڻ سان يورپي يونين جو پنهنجو مستقبل سواليا ٿي سگهي ٿو، ايران ايٽمي معاهدي جو رول بيڪ ٿيڻ، افغانستان ۾ آمريڪي فوج جي موجودگي ۾ طالبان جي وچ ۾ ويڙهه، چين سان ٻيڻ سميت معاشي محاذن تي محاذ آرائي، پناهگيرن ۾ ڏاري آبادڪاري کي روڪڻ بهاني

سرحدن جي بحالي (Protectionism)، جارحاڻي آمريڪي
عملن کي بيجنگ جي سخت "قومپرستاڻي" ردعمل کي منهن
ڏيٽو پئجي سگهي ٿو. ايشيا آمريڪي ۽ چيني "ڪيمپن" ۾
ورهائجي سگهجي ٿو. هڪ ايشيائي سرد جنگ مقامي ۽
علائقائي تڪرارن کي وڌيڪ شديد ڪري سگهي ٿي. ٽين دنيا ۾
آمريڪي مداخلت جي بحالي انتهاپسندي ۽ دهشتگرديءَ کي
ڪمزور ڪرڻ بدران وڌيڪ انتشار ڦهلائي سگهي ٿي.

آمريڪا اندر نسلي تضاد يعني اڇي ۽ ڪاري چمڙيءَ وارن
جي وچ ۾ تڪرار برابر آهي پر اوباما جي صدر ٿيڻ ڪانپوءِ اها
توقع ڪئي پئي وئي ته هاڻي نسلي متيد وارو مسئلو گهٽجي
ويندو. اوباما جي 8 سالن جي حڪومتي دور جو نتيجو اهو نڪتو
ته آمريڪا اندر "Black Lives Matter" جهڙي تحريڪ هلي.
جولاءِ ۾ سڄي ملڪ ۾ پوليس جي نسل پرستاڻن ظلمن خلاف
احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. رياست ٽيڪساس جي شهر ڊيلاس
۾ٿيل مظاهري ۾ پرامن احتجاج ڪانپوءِ پوليس تي فائرنگ ٿيڻ
لڳي. ان جي نتيجي ۾ پنج پوليس آفيسر مارجي ويا ۽ 8 زخمي
ٿي پيا. نسلي اقليتن خاص ڪري ڪاري چمڙيءَ وارن ماڻهن تي
رياست ۽ پوليس جو جبر ۽ تشدد ڪا نئين ڳالهه ناهي.
ٽيڪنالاجي ۽ انٽرنيٽ وغيره جي ڪري هاڻي اهڙا واقعا تمام جلد
منظرعام تي اچي وڃن ٿا، نه ته اهو سلسلو صدين کان جاري
آهي. صرف 2015ع ۾ 346 ڪاري چمڙي وارا ماڻهو پوليس
هٿان ماريا ويا ۽ اُنهن مان 69 سيڪڙو بي هٿيار يا خطري جو
سبب نه هئا. 97 سيڪڙو ڪيسن ۾ پوليس وارن کي آجو قرار
ڏنو ويو. هڪ اندازي مطابق 2016ع ۾ هن مهل تائين 187
ڪاري چمڙيءَ وارا، پوليس هٿان قتل ٿي چڪا آهن.

آمريڪي سرمائيداري ۽ سماج جا بنياد ماضيءَ جي غلامي
تي ٻڌل آبادڪاري آهي. انسان هٿان انساني ملڪيت کي اخلاقي
جواز ڏيڻ لاءِ ڪاري چمڙي جي غلامن کي ٻين انسانن کان
ڪمتر ۽ جانورن جهڙو بڻائي ۽ اڇي نسل کي برتر پيش ڪيو
ويندو رهيو. تازو ٽرمپ جي ڪاميابيءَ پٺيان پڻ نسلي متيد اهم
ڪردار ادا ڪيو. تنهنڪري وڌو امڪان آهي ته آمريڪا اندر نسلي
تضاد وڌيڪ شدت اختيار ڪندو ۽ ان جا اثر سڄي دنيا تي پوندا.
نتيجي طور نه صرف آمريڪا اندر پر آمريڪا کان ٻاهر خاص

ڪري يورپ اندر نسلي تضاد سان گڏوگڏ قومي تضاد به شدت اختيار ڪندو. خاص ڪري يورپ اندر قومي ۾ نسلي تضاد جو اُڀرڻ بنيادي طور تي ڏارين ۾ پناهگيرن جي آبادڪاري خلاف ردعمل آهي. خاص ڪري فرانس ۾ جرمنيءَ اندر نسلي ۾ قومي تضاد جو فائدو وٺندي ساڄي ڌر جي سگهاري ٿيڻ جا امڪان آهن. ساڳي وقت اِها به حقيقت آهي ڊونلڊ ٽرمپ ڪوڙ ساريون متضاد ڳالهيون ڪندو رهيو آهي جنهن تي هڪ ئي وقت عمل ڪرڻ ممڪن ڪونهي. مثال طور ٽرمپ هڪ پاسي آمريڪي صنعت کي واپس آڻڻ ۾ اميگرينٽ پورهيتن کي ملڪ کان ٻاهر ڪڍڻ واري ڳالهه کي ئي ڪٽجي ته خبر پوندي ته دنيا جي سپ کان سگهاري رياست جون واڳون، زميني حقيقتن کان اڻڄاڻ ماڻهوءَ جي هٿ ۾ آيو آهن. بهرحال ٽرمپ جون دعوائون جيڪي به هجن پر وري به هو رياستي مفادن جي دائري ۾ متحرڪ رهندو.

آمريڪا اندر موجود تضاد وڌيڪ شديد ٿيڻ جا امڪان تي سگهن ٿا. مثال طور ٽرمپ آمريڪي شهرين وٽ هٿيار رکڻ واري قانون جي حق ۾ آهي ۾ جيڪڏهن اهو سلسلو زور وٺي ٿو ته پوءِ آمريڪا اندر انساني جانين جو وڏيڪ نقصان ٿيندو. آمريڪا ۾ آتشي هٿيارن سان ساليانو هزار ماڻهو موت جو شڪار ٿين ٿا. مختلف رپورٽن مطابق 1968ع کان 2011ع جي وچ تائين آمريڪا ۾ بندوق ۾ پستول جو نشانو بڻجندڙ ماڻهن جو تعداد سيني جنگين ۾ مارجي ويل آمريڪين کان وڌي ويو. پوليٽي فيڪٽ جي تحقيق مطابق ان عرصي دوران فائرنگ جي واقعن ۾ 14 لک ماڻهو مارجي ويا آهن جڏهن ته اُن جي ڀيٽ ۾ آزاديءَ واري جنگ کان وٺي ڪري عراق جنگ سميت سيني تڪرارن ۾ آمريڪين جي موت جو تعداد 12 لک آهي. آمريڪا ۾ آتشي هٿيارن جي اصل تعداد جي باري ۾ ڪي به سرڪاري انگ اکر نه آهن پر اندازو لڳايو وڃي ٿو ته آمريڪا جي هڪ ڀاڱي تي آباديءَ وٽ 30 ڪروڙ بندوقون ۾ پستول آهن. آمريڪا جي ڪُل آباديءَ به ان جي لڳ ڀڳ آهي، جنهن جو مطلب اهو آهي ته آمريڪا ۾ هر مرد، عورت ۾ ٻار لاءِ هڪ هٿيار موجود آهي. پر آمريڪا اندر انهيءَ قسم جي لقائن کي فردن جي ذاتي ڪيفيت طور بيان ڪيو وڃي ٿو. ان سموري معاملي ۾ فقط هڪ ماڻهوءَ

جي ذهني ڪيفيت بيان ڪرڻ بي واجبي ٿيندي. آمريڪا ۾ هٿيارن سان ماڻهن کي مارڻ جي شرح دنيا جي ڪنهن به صنعتي ملڪ کان تمام گهٽي آهي.

نظام مان بيزاريءَ جو اظهار

آمريڪا ۾ دولت جي تقسيم هڪ بنيادي مسئلو آهي. تمام گهڻن معيشتدانن جو خيال آهي ته آمريڪا ۾ پيداواري جمود ختم ڪرڻ لاءِ اميرن تي وڏا ٽيڪس لڳائي ڪري غريبن کي تعليم ۽ صحت جون سهولتون مهيا ڪرڻ معاشي بحاليءَ لاءِ ضروري آهي. اهو نقطو صدارتي اميدوار برني سينڊرز جي پروگرام ۾ واضع طور تي شامل هو. اها ڳالهه قابل ذڪر آهي ته برني سينڊرز ڀيريون اميدوار هو جنهن آمريڪا اندر پنهنجو پاڻ کي کلي عام سوشلسٽ سڏيو ۽ ارڙهن ملين ووٽ حاصل ڪيا. برني سينڊرز جيڪو خود آمريڪي سياسي نظام ۾ غيرمعمولي مظهر هو ان کي ايڏي موٽ ڇو ملي؟ هن وقت پنجويهه ملين آمريڪي اهڙا آهن جن کي صحت جون سهولتون ميسر نه آهن. يورپ ۽ ڪينيڊا ۾ رياست هر شهري کي صحت جون سهولتون مهيا ڪري ٿي جڏهن ته آمريڪا ان حوالي سان ڪافي پوئتي پيل آهي جتي صحت جو شعبو خانگايل آهي. اها ئي صورتحال تعليمي سهولتن جي آهي. آمريڪا ۾ هاءِ اسڪول (ٻارهين درجي) تائين تعليم مفت آهي پر ڪاليج جي تعليم عام شهريءَ جي پهچ کان ٻاهر آهي. ترقي پسند حلقن جي دعوا آهي ته هاڻي ڪاليج جي ڊگريءَ جي اها ئي اهميت آهي جيڪا پنجاهه سال اڳ هاءِ اسڪول جي ڊگري جي هئي. انڪري اُهي حلقا مطالبو ڪن ٿا ته هاڻي آمريڪا ۾ ڪاليج جي تعليم به مفت مهيا ڪرڻ گهرجي. آمريڪا ۾ معاشي بحاليءَ باوجود مزدورن ۽ وچولي طبقي جي اُجرت ۾ ڪا واڌ نه ٿي. تُوڙي جو بيروزگاري گهٽ سطح تي آهي پر عوام جي معاشي حالت سُڌري نه آهي. آمريڪا ۾ امير ۽ غريب جو فرق 1928ع ڪانپوءِ سڀ کان وڌيڪ آهي. انجو ڪارڻ صرف حڪمرانن جون ڪجهه پاليسيون نه پر اُهو معاشي نظام آهي جيڪو غريبن کي ”نپوڙي“ رهيو آهي، ۽ جنهن ۾ اٽرابري وڏي ٿي بئي (هڪ سيڪڙو آباديءَ وٽ آمريڪي دولت جو 50 سيڪڙو آهي)، ائين وچولو طبقو خالي ٿيندو پيو وڃي جيڪو آمريڪي خوشحاليءَ جي

ريڙهه جي هڏي رهيو آهي. نوجوانن ۾ ڪاوڙ وڌي رهي آهي جيڪي پنهنجن مائٽن وانگر ساڳي معيار واري زندگي نه پيا گذاري سگهن ۽ ”آمريڪي خواب“ جا مزا نه پيا وٺي سگهن، برني سينڊرز جو نعرو هو ته ملڪي دولت تي 1 سيڪڙو امير قابض آهن جڏهن ته 99 سيڪڙو ماڻهو محروم آهن. برني سينڊرز جي پروگرام جي مقبوليت ان ڳالهه جو ثبوت هئي ته آمريڪي عوام جو هڪ تمام وڏو حصو آمريڪي سرمائيداري نظام جي موجوده شڪل کان مايوس ٿي چڪو آهي.

بهرحال آمريڪا سپر پاور هجڻ ڪري عالمي رجحانن کي متاثر ڪري ٿو تنهنڪري آمريڪي نظام ۾ ڪنهن به قسم جي هاڪاري يا ناڪاري تبديليءَ جي گونج سڄي دنيا ۾ ٻُڌي ويندي.

ڪولمبيا جي گوريلا ويڙهه ۾ فارڪ (FARC)

مصدق حسين



لاطيني آمريڪي ملڪن، منجهه، ڪيوبا کان پوءِ ڪولمبيا اهو ملڪ رهيو آهي. جيڪو مسلسل پنج ڏهاڪن کان انقلابي جدوجهد جو امين رهيو آهي. جيتوڻيڪ ان خطي جي ٻين ملڪن ۾ پڻ سياسي هلچل ۾ اٿل پٿل گهٽي رهي آهي ۾ هوگو شاويز جهڙن فردن عوام جي دلين ۾ جاءِ ٺاهي ۾ عالمي شهرت حاصل ڪئي. پر ڪولمبيا جي تاريخ ۾ اتي پروان چڙهيل انقلابي هٿياربند جدوجهد پنهنجا الڳ منهن مهاندا رکندي رهي آهي. طويل انقلابي ۾ هٿياربند جدوجهد هن وقت پنهنجي رياست سان امن معاهدي ۾ شامل آهي. سامراجي پروپيگنده هميشه ڪولمبيا جي هٿياربند جدوجهد کي ناڪاري روپ ۾ پيش ڪيو آهي. ائين به ڪونهي ته هٿياربند تحريڪ هجي ۾ پنهنجي رنگ ۾ تنقيد کان بالاتر رهي هجي.

تاريخي پس منظر

ڪولمبيا جي هٿياربند جدوجهد جيڪا FARC فارڪ جي نالي سان مشهور آهي ان جو آغاز 1964ع کان ٿيو. بنيادي طور تي اها گوريلا جدوجهد رهي آهي، جبلن جهنگلن ۾ ميداني علائقي تي مشتمل ڪولمبيا جي ان گوريلا تحريڪ وٽ هڪ اندازي مطابق پنجويهه کان ٽيهه هزار گوريلا قوت سراسري طور هميشه رهي آهي. جيتوڻيڪ انگن اکرن ۾ تورو گهٽو اختلاف

هميشه رهيو آهي. فارڪ (FARC) بنيادي طور تي ڪميونسٽ پارٽي آف ڪولمبيا جي هٿياربند ونگ رهي آهي. سامراج ان جي پڇ لٽڪائو ملڪن شروع ڪان ئي هنن کي دهشتگرد تنظيم جي لقب سان نوازيو آهي. اهڙن الزامن کي وينزويلا جي هوگو شاويز جهڙن فردن هميشه رد ڪيو هو. هُو نه صرف فارڪ FARC سان باقاعدي "عوامي فوج" جي نالي سان مخاطب ٿيندو هو. بلڪه ڪولمبيا جي حڪومت تي پڻ اهو زور پريندو هو ته کين عوامي ڌارا ۾ شامل ڪيو وڃي.

ڪولمبيا جي سياسي تاريخ گهڻي پيچيده رهي آهي.خاص ڪري 1948ع کان 1958ع تائين پورو ڏهاڪو ملڪ خانه جنگي جي صورتحال ۾ رهيو. جڏهن 1948ع ۾ عوامي طور مقبول سياسي رهنما جارج اليسر گائيٽن کي قتل ڪيو ويو. مرڻي تي ماڻهن جو تعداد به لک رهيو. ڏهن سالن جي قتل و غارت کان پوءِ لبرل ۽ رجعتي قوتن پاڻ ۾ حڪومت هلائڻ لاءِ ٺاهه ڪيا. ينهي ڌرين واري واري سان اقتدار جو مزو وٺڻ جو فيصلو ڪيو. انهي هڪ ڏهاڪي اندر جيڪو ماڻهو ماريو ويو هو. اهو پاڻ هاري هو. يا وري مزدور. 1960ع ڌاري حڪومت، سامراجي قوتن سان ٻانهه ٻيلي ٿيندي، گهڻ قومي ڪمپنين جي فرمائش تي، زرعي پاليسي ۾ تبديلي آڻيندي، هزارين لکين ننڍن آبادگارن کي زبردستي مزدور ٿيڻ تي مجبور ڪيو. انهن پاليسين تحت ننڍو آبادگار تباهه ٿيڻ لڳو. 1964ع ڌاري چاليهه هزار خاندان ننڍي آبادگار منجهان بي زمين هاري ۾ پوءِ شهرن لاءِ زبردستي سستو ليبر بڻيا.

1967ع تائين بي زمين ٿيندڙ خاندانن جو تعداد چار لک ٿيو. خوف ۽ بي يقيني جو شڪار ٿيندڙ عوام، طبقاتي سوال تي متحد ٿيڻ لڳو. طبقاتي سوال هن عوام جي بنيادي جوهر ۾ ان ڪري به رهيو آهي. جو هن ملڪ جي عوام ۾



ڪميونسٽن جو ڪم ماضي ۾ تمام گهٽو اتساهيندڙ رهيو آهي. هتي ڪميونسٽن ٻهرين عالمي جنگ ڪان پوءِ متحرڪ ٿيڻ شروع ڪيو هو. هتان جا ڪميونسٽ، ڪميونسٽ انٽرنيشنل سان به جڙيا رهيا ته، هاري فرنٽ تي پيزنٽ ليگ ۾ شهرن ۾ وري پاپولر فرنٽ جوڙي ڪم ڪيائيون.

هارين زميندارن ۾ ان جي پالينڊڙ رياست جي رٽ ڪي چيلينج ڪيو، مزاحمت ڪئي، انڪار ڪرڻ شروع ڪيو. رياستي جبر اڳيان ڪميونسٽن ديوار جو ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. عوام خاص ڪري ڏکڻ ڪولمبيا واري پاسي، عوامي ڪميٽيون ناهڻ شروع ڪيون. حالتون ا يتريون ته تيار ٿي آيون جو آمريڪي سامراج کي پنهنجين ايجنسين ڪولمبيا ۾ ڪيوبن اسٽائل جي انقلاب جي يقين دهاني ڪرائي چڙي هئي. اهو سڀ جو ڌهاڪو ئي هو، جو مشهور گوريلا هيرو مينوئل مارولنڊا ويليز، آزادي ۾ انقلاب جي ڳالهه ٿي ڪئي. آمريڪا جيڪو سڀ واري ڌهاڪي ۾ انقلاب ۾ ڪيمونسٽ لفظ ڪان چڙڪ ڪائيندو هو. ان باقي سموري دنيا جي پٺتي پيل ملڪن، سامراجيت جي استحصال تيندڙ قومي تحريڪن ۾ انقلابي تحريڪن جي خلاف (هر ملڪ ۾ هر خطي ۾) پنهنجيون مخصوص پاليسيون جوڙي رهيو هيو، ڪولمبيا لاءِ پڻ عوام دشمني جي بنيادن تي انقلابي جدوجهد کي پٺ سان لڳائڻ لاءِ مخصوص حڪمت عملي طئي ڪئي وئي.

1960ع ڪان ئي مختلف ڪميونسٽ ڌڙن کي مارڻ جو عمل شروع ڪيو ويو. هزارن جي تعداد ۾ ڪولمبيائي فوج، ڪيمونسٽن جي مضبوط مرڪزن کي نشانو بنائڻ لڳي. شديد مزاحمت ۾ دباءُ هيٺ ئي ”مارلينڊا“ پنهنجن ساٿين سميت جبلن تي چڙهي ويو. جتان ڪان هنن فارڪ FARC کي بهتر نموني هلائڻ جي ڪوشش ڪئي. اتان ڪان پوءِ گوريلا ويڙهه سموري ڪولمبيا جي ٻهراڙين ۾ تيز ڪئي وئي. اهو پڻ چيو وڃي ٿو ته ان وقت جي حالتن تحت، روس جو خاص ڪري گوريلن جي سڪيا ۾ ڪردار رهيو هو.

هٿيارٻند گوريلن تي لڳندڙ الزام ٻه گهٽا آهن منشيات جي ڪاروبار ڪان ماڻهو اغوا ڪرڻ تائين هڪ ڊگهي لسٽ آهي.

1980ع ڌاري ان وقت جي صدر ”بيليساريو بيٽناڪر“ ڪنهن صورت ۾ گوريلا جنگ جي خاتمي لاءِ، امن ۾ ناهه لاءِ ڪوششون

ورتيون جيڪي صرف ٽن سالن لاءِ ڪامياب ويون يعني 1984ع کان 1987ع تائين.

1985ع ڌاري فارڪ، بشمول بين ڪابي ڌر جي ڌڙن گڏجي پيٽرياٽڪ يونين نالي اتحاد جوڙيو. جنهن پليٽ فارم تان هنن سياسي سڌارن جي ڳالهه ڪئي. جنهن ۾ قانوني سڌارا. لوڪل چونڊ سرشتي ۾ سڌارا، سياسي غير مرڪزيت، وڌيڪ جمهوريت جي گهر، جي ايجنڊا سان گڏ، ان وقت جي لبرل توڙي رجعتي قوتن کي سوڙهو ڪرڻ جي پڻ حڪمت عملي تيار ڪئي. پر سڀ کان اهم هنن جي ايجنڊا سماجي، معاشي سڌارا رهيا. جنهن ۾ هنن زمين جي ورهاست، بهتر تعليم، بهتر صحت جي سهولت، بينڪن ۾ ٻاهرين سرمائي کي نيشنلائيز ڪرڻ ۾ ميڊيا تائين رسائي جهڙا اشو شامل رهيا.

پيٽرياٽڪ يونين، مزدورن جي يونين ۾ وڌيڪ ڪم ڪرڻ سان گڏ، ٻهراڙي ۾ شهري سياسي ماحول کي پڻ متوازن بنائڻ جي ڪوشش ڪئي.

ان جو نتيجو اهو نڪتو جو 1986ع واري چونڊن منجهه پيٽرياٽڪ يونين لوڪل ڪائونسل جون 350 سيٽون کٽي ڏيکاريون، 23 ڊپارٽمينٽل اسيمبلي سيٽون، ڇهه سينيٽ جون سيٽون پڻ کٽي ورتيون. پر انهي 86 واري سال ۾ اينڊز 87 واري سال ۾ کابي ڌر جي ماڻهن جو هڪ دفعو ٻيهر قتل عام شروع ڪيو ويو. انهن جو تعداد چار کان ڇهه هزار هيو. نئين چونڊيل صدر جي مارجڻ کان پوءِ زميندارن پڻ ڪيمونسٽن جي قتل عام ۾ تيزي آندي.

جيتوڻيڪ وقفي وقفي سان حڪومت مختلف ويڙهاڪ گوريلا گروپن سان پڻ ڳالهه ٻولهه ڪندي رهي پر ڪو خاص نتيجو حاصل نه رهيو. نوي جي ڏهاڪي جي ٻچاڙي ۾ هڪ دفعي ٻيهر گوريلا ويڙهه شدت اختيار ڪري ورتي ۾ گوريلا نيٽ ورڪ ۾ ان جي تعداد ۾ ايترو اضافو ٿي چڪو هو، جو گوريلا ٽي ٽي ڏينهن فوجي چوڪين تي حملا جاري رکندا هئا، ڪيترن ئي رياستي فوجين کي يرغمال بنائي رکڻ لڳا. انهن ئي ڏينهن جي ڳالهه آهي جو "ٿامس هارگرو" Thomas Hargrove نالي سان مشهور آمريڪي سائنسدان کي اغوا ڪري يارهن مهينن تائين ٻاڻ وٺ رکيو، جنهن آزاد ٿيڻ کان پوءِ ڪتاب لکيو ۾ جنهن تي

فلم به ناهي وئي هئي. 1998ع ۾ فارڪ FARC تي سخت تنقيد هلندي (مثال طور ته اها منشيات جي ڏنڌي ۾ بلڪل ائين ملوث آهي جيئن طالبان) هڪ دفعو ٻيهر ناهه امن هڪ قسم جي جنگ بندي يا گوريلا ويڙهه بندي لاءِ حڪومت رعايتي پيڪيج ڏيڻ لڳي.

پر شهرن تي حملن کان ويندي جهازن جي هاءِ جيڪ ٿيڻ تائين هڪ دفعو ٻيهر 2002ع ۾ ڳالهيون ناڪام ٿيڻ کان پهرين ڪميونسٽ گوريلن تي آئرش ريپبلڪ آرمي سان تعلقات هئڻ جا الزام لڳايا ويا. نه صرف ايترو پر IRA تي اهو به الزام لڳو ته هنن جا ماڻهو ئي ڪولمبيائي گوريلن کي بم ٺاهڻ سيکاري رهيا آهن.

2002ع کان 2005ع تائين فارڪ FARC کي وڏيڪ ڌڪ سان لڳايو ويو. ان عمل ۾ پنيان نئون چونڊيل صدر ”الوارو يوريب“ هو، جنهن جي پيءُ کي 1983ع ۾ فارڪ وارن ئي ماريو هو.

فارڪ هميشه پنهنجي بچاءُ ۾ رياستي مشينري جا ماڻهو اغوا ڪندي رهي آهي. جيڪا حڪمت عملي هنن کي پنهنجا گرفتار ڪيل ماڻهو ڇڏرائڻ ۾ مدد ڪندي آهي. پر ان عمل دوران لاتعداد مغوي هميشه ماريا ويندا هئا. ان وقت جڏهن رياستي مشينري هنن جا ڳوٺن جا ڳوٺ تباهه ڪندي هئي.

هاءِ پروفائيل ليول جا ماڻهو خاص ڪري 2008ع ۾ فارڪ، بهتر لاڳاپن لاءِ، وينزويلا جي هوگو شاويز حوالي ڪيا، ته جيئن پين ڏرين کي به حالتون بهتر ڪرڻ لاءِ ملوث ڪري سگهجي.

2008ع ۾ ئي مينوئل مارولندا، مري ويو ۾ ان جي جڳهه تي فارڪ FARC جو نئون ڪمانڊر الفونسو ڪينو (Alfonso Cano) مقرر ٿيو. جيتوڻيڪ اهو چيو وڃي ٿو ته فارڪ پنهنجي پراڻي اسٽينڊ تي قائم رهي. پر ساڳي وقت اهي خبرون پڻ اخبارن جي زينت بڻيل رهيون ته فارڪ منجهه ۾ بين ڌڙن پڻ هٿيار ڦٽا ڪرڻ لاءِ لاڙو رکيو ٿي.

2008ع ۾ ئي هڪ طرف هوگو شاويز فارڪ FARC کي صحيح معنيٰ ۾ هڪ باقاعدهه فوج تصور ڪيو ٿي ۾ انهن جي قبضي ۾ آيل علائقي کي پڻ تسليم ڪيو ۾ هنن تي لڳندڙ لفظ ”دهشتگرد“ جي سخت ترديد ڪئي. پر ساڳي وقت هن فارڪ جي ماڻهو اغوا ڪرڻ واري عمل جي سخت مذمت ڪئي ٿي.

شاويز ساڳي وقت گوريلا ويڙهه ختم ڪري ڊائيلاگ ڪرڻ جي به ڳالهه ڪئي. هن جو چوڻ هيو ته هن وقت گوريلا جنگ جي بجاءِ، سياسي حل ڳولهيو وڃي. 2010ع تائين ”جان مينوئل سانتوز“ جي صدر هوندي، فارڪ جي هٿياربندن جي چڱي خاصي تعداد کي ختم ڪيو ويو. 2010ع تائين اغوا ٿيلن جي متاستا جو عمل پڻ هلندو رهيو. 2011ع ۾ فارڪ ڪمانڊر ”الفونسو ڪونو“ مارجي ويو.

اهو صدر سانتوز ئي هيو جنهن فارڪ سان 2012ع ۾ ڪنهن نه ڪنهن ريت ڳالهين لاءِ فارڪ کي راضي ڪيو. هن فارڪ کي يقين ڏياريو ته هاڻي رياست طرفان ڪابه ڪاروائي نه ٿيندي، ان ڪري اچو ته مسئلي کي حل ڪرڻ طرف اڳتي وڌجي جيتوڻيڪ بهتر موٽ نه ملڻ ڪري، سانتوز بار بار ساڳي رياستي مشينري استعمال ڪرڻ جي ڳالهه ڪندو هو. بئي پسي فارڪ FARC وارن جو چوڻ هو ته ڳالهين کي وڌائڻ لاءِ لازمي آهي ته فارڪ جن سياسي ۽ معاشي سڌارن جي گهر ڪري رهي آهي ان کي پورو ڪرڻ لاءِ ابتدائي قدم کنيا وڃن. جن ۾ زميني سڌارا، سياسي سڌارا، مارجي ويل هارين ۽ پورهيت کي معاوضو ڏيڻ وغيره شامل هئا. حڪومت فارڪ جي تجويزن تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو، ڇو جو هن لاءِ سڀ کان اهم اهي علائقا هئا جتي فارڪ وارا قابض هئا. ڪيترائي اهڙا علائقا به هئا. جيڪي ڪولمبيا جي معيشت لاءِ ڪرنگهي جي هڏي جو ڪم ڪندا هئا. امن جو آغاز ناروي جي گادي جي هنڌ اوسلو ۾ ٿيو. نتيجي ۾ 2012ع جي شروع ۾ صرف ٻن مهينن لاءِ سيز فائر جو اعلان ٿيو. پر جلد ئي ڳالهين کي ناڪام ڪرڻ لاءِ يا ممڪنه ڪنهن باغي ڌڙي يا فارڪ ڌڙو جيڪو ڳالهين جو حامي نه هو. ان هڪ دفعو ٻيهر رياستي مشينري تي حملو ڪري ڪيترائي ماڻهو ماري وڌا. صدر سانتوز سياسي تدبر جو مظاهرو ڪيو ۽ ڪوبه فوري رد عمل نه ڏيکاريو.

2013ع ۾ زميني سڌارن تي ڪم ڪيو ۽ جن کان زمينون ڦريون ويون هيون خاص ڪري انهن کي زمين واپس ڪرڻ جو آغاز ڪيو ويو. 2013ع تائين فارڪ جا ٻيا ننڍڙ ڌڙا پڻ انهي ڳالهين واري ٽيبل طرف وڌڻ لڳا. آخري نتيجن منجهه فارڪ گانڌي واري عدم تشدد جي ڳالهه 2015ع جي آخر ۾ شروع

ڪئي. □ هڪ طرف جنگ بندي جو پڻ اعلان ڪيو.
23 جــون 2016ع ڪيوبا جي هوانا شــهر منجهــه، فــارڪ گوريلا فـوج □ ڪولمبيا حڪـومت وچ □ لاطيـني آمـريڪي ملڪن جي چڱن مڙسن جي موجــودگي □ ٺاهه تي باقاعــده صــحيون ڪيون ويون. ان ٺاهه کي هڪ ريفرنڊم ذريعي حتمي شـڪل ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي وئي. ريفرنڊم جي نــتيجي □ ان ٺاهه جي خلاف 50.2 سيڪڙو □ ان جي حق □ 49.8 سيڪڙو ووٽ پيا.


حاصل نتيجو:

50 سالن جي مسلسل جدوجهد خانه جنگي هٿياربند ويڙهه، هڪ نـــئين مــــرحلي □ داخل ٿي آهي. جنهن کي ”امن“ چيو ٿو وڃي. ويجهڙ تاريخ جي شايد طويل هٿياربند ويڙهـه، وقـتي طـور تي ڳــالهين جي ٽيبلٽ فــارم تي آيل آهي. هي امن □ ڳــالهين جو سلسلو ڪيترو پائيـدار □ مسـتقل رهنـدو ڪـير به يقين سـان نٿو چـئي سـگهي. ريفرنـڊم جا نتيجا جهـڙوڪ برابر آيل آهن. پر هڪ ڳالهه ته طئي آهي ته ماڻهو مـارا مـاري □ قتل عـام کـان فـوري طور امن □ سـڪون گهـرن ٿـا. جنهن تي هنن کي وڏو اطمينـان حاصل آهي. فارڪ جي خاتمي لاءِ هڪ اندازي مطــابق ڏهه ارب ڊالر جي سـيڙپ ڪـئي. سـامراج، حڪـومـتي مشـينري □ پيسو جــڏهن پــاڻ □ گــڏيا آهن ته عــوامي مــزاحمتن کي هن دنيا پٽ پونـــدي ئي ڏٺو آهي. هن جنگ □ هــــارين □ مــــزدورن سياسي ورڪـرن، هٿياربند گـوريلن جي مـارجڻ جا انگ به لک ويهه هـزار کان مٿي آهن. هڪ اندازي مطابق 7.6 ملين ماڻهو سـڌي تـوڙي اڻ سڌي ريت ان سموري ويڙهه دوران متاثر ٿيا.
سياست □ مصـلحت جي ور چڙهيل امن جو نوبل انعـام پڻ 2016ع □ هن ئي ســـال، ڪولمبيا جي صــــدر ”جــــان مينوئل سانتوز“ کي ڏنو ويـو. جيتـوڻيڪ صـدر صـاحب جي گهـٽي ڪجهه ڪرڻ باوجود سندس ساهه مٺ □ آهي ڇو جو فارڪ جيان، هڪ ٻيو هٿياربند ڌڙو جيڪو نيشـــنل لبريشن آرمي جي نــالي ســان سـجاڳ رکي ٿـو، جيڪو ڳـالهين جي ٽيبل کـان ٻـاهر آهي، اهو ڪنهن به وقت معـاملا خـراب ڪـري سـگهي ٿـو. ڪولمبيا جي معيشت جي گهٽــائي اڃ به زراعت تي آڌاريل آهي. ماضـــيءَ □ هي ملڪ، آمريڪا جي ”بنانـــــــا“ رياست رهيو آهي □ مسلسل استحصـال جو شـڪار رهيو آهي. طبقـاتي حـالتون ايـتريون ته

شديد آهن، ۽ سياسي شعور عوام ۾ گهرائي تائين هيٺ لٿل آهي، ان ڪري گوريلا ويڙهه جي جنگ بندي، باقي ڪميونسٽ ڌرين کي اهو موقعو فراهم ڪندي ته هڪ دفعو ٻيهر اهي هارين ۽ مزدورن جي پليٽ فارم کي سوشلزم لاءِ بهتر مؤثر طريقي سان استعمال ڪن؛ هي امن وقتي آهي، معاملا ٻيهر ٻڌتي به وڃي سگهن ٿا؛ جي امن مستقل رهي ٿو ته به عوامي معاشي استحصال، سياسي صورتحال کي ڪڏهن به ماٺيٽو نه ڪندو.

ماحولياتي تبديليون ۾ ذميوار ڏهه سيڪڙو امير

سرمد اياز



مستقل برفاني علائقا گهٽجن پيا، ڪٿي برساتون پون ٿيون ته ڪٿي سوڪهڙا، گليشيئرز سڪڙجن پيا ۽ سمونڊن ۾ زمين جي کسڪڻ وارن واقعن ۾ واڌ ٿي رهي آهي، سياري جي موسم جو عرصو گهٽجڻ لڳو آهي ۽ اونهاري جو مدو وڌڻ لڳو آهي، اڳ ۾ جتي برف بلڪل گهٽ پوندي هئي اُتي اُها وڌيڪ پوڻ لڳي آهي. وڏن شهرن ۾ صاف ۽ چٽو آسمان دونهن جي ڪڪرن ۾ ڍڪجڻ لڳو آهي، پيئڻ جي پاڻيءَ جا ذخيرا گهٽجي رهيا آهن، شهر وڌن پيا ۽ ٻيلا گهٽجن پيا، خوراڪ پيدا ڪندڙ ملڪن ۾ موسمياتي شدت سبب خوراڪ جي رسد، ڪڻڪ ۾ مڪئي جي پيداوار، متاثر ٿي آهي، ٻيلن کي لڳندڙ باهيون، سوڪهڙا، ٻوڏون، طوفان ۾ پيا واقعا هڪ ”اهم خطري“ ڏانهن اشارو ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن هن صديءَ جي آخر تائين گرمي پد وڌي وڃي ٿو ته آبهوا ۾ وايومنڊل تي شديد اثر پوندا ۽ هن ڌرتيءَ جي ماحولياتي نظام ۾ اهڙيون تبديليون اينديون جيڪي هن مهل تائين نه ٿيون آهن، خوراڪ جي کوٽ سان گڏ جانورن جي ختم ٿيڻ جو به خدشو آهي.

گڏيل قومن جي اداري طرفان 2014ع ۾ هڪ ريورٽ جاري ڪئي وئي، ان ريورٽ جو تت اهو هو ته موسمي تبديلين جو رستو روڪڻ وارو عالمي مقصد تقريبن ناممڪن ٿيندو پيو وڃي. وڌيڪ اهو ته جيڪڏهن 2030ع تائين هوا کي نقصان رسائيندڙ گيسن جي خارج ٿيڻ واري واڌ کي ڊرامائي طور گهٽايو نه ويو ته بين الاقوامي برادري موسمي تبديلين خلاف پنهنجي جنگ هارائي به سگهي ٿي.

انهيءَ مسئلي جي شدت کي محسوس ڪندي عالمي ماحوليات بابت گذريل سال پولينڊ جي راڄڌاني وارسا ۾ ڪانفرنس ٿي جيڪا مسلسل ٻارنهن ڏينهن هلي ۽ ان ۾ شامل ڌريون هڪبئي کي ذميوار قرار ڏينديون رهيون، پر اُن باوجود امير ۽ غريب قومن جي وچ ۾ عالمي گرمائش جي معاملي تي چڪ چڪان حل نه ٿي سگهي. ترقي پذير قومن طرفان امير ملڪن تي عالمي گرمي پد پيدا ڪرڻ جو الزام آهي تنهنڪري اُنهن جو مطالبو هو ته امير ملڪن کي گهرجي ته ان جو تدارڪ ڪن. شريڪ ڌيندڙن جو اهو به چوڻ هو ته گذريل 200 سالن ۾ امير قومن پنهنجي ترقيءَ لاءِ جيترو زمين تي مادي ٻارڻ ساڙيو آهي هاڻي ان جي تدارڪ جو وقت اچي ويو آهي.

اُن ڪانپوءِ فرانس جي راڄڌاني پئرس ۾ ماحول جي تحفظ لاءِ هڪ عالمي اجلاس ٿيو جنهن ۾ پاڪستاني وزيراعظم سميت ڏيڍ سئو ملڪن جا سربراهه شريڪ ٿيا. تاريخ ۾ پهريون ڀيرو صنعتي طور ترقي يافته ملڪ توڙي ترقي پذير ملڪن گڏجي ڌرتيءَ جي ماحوليات کي بچائڻ ۽ عالمي گرمي پد کي گهٽ ڪرڻ لاءِ هڪ معاهدي تي اتفاق ڪيو. ٻارنهن ڏينهن جي ڏکي ۽ صبر آزما ڳالهين ۽ بحث مباحثي ڪانپوءِ نيٺ عالمي برادريءَ هڪ تاريخي ماحولياتي معاهدي جي منظوري ڏني جنهن ۾ 195 ملڪن جا نمائندا شامل هئا. امڪان آهي ته هاڻي ڌرتيءَ جي گرمي پد ۾ واڌ ۽ ماحولياتي تبديلين کي روڪڻ لاءِ ڪجهه ڪم ڪيا ويندا. ان معاهدي جو مسودو فرانسيسي پرڏيهي وزير پيش ڪيو. اهو تاريخي معاهدو پيش ڪندي هُن انتهائي جذباتي انداز ۾ چيو ته ”جيڪڏهن ان سلسلي ۾ عالمي برادري ڪو متفقه معاهدو طئي نه ٿي ڪري ته ايندڙ نسلَ اسان کي ڪڏهن به معاف نه ڪندا.“

اهڙا اجلاس بقول مارڪس جي ”ڳالهائڻ جا دُڪان“ آهن جيڪي گڏيل قومن جي اداري وانگر فقط وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪندا آهن ۽ قراردادون پاس ڪندا آهن ۽ نيٺ اين جي اوز جي معرفت غربت جي خاتمي، جمهوريت کي عام ڪرڻ، انساني



حقن جي تحفظ جهڙين ايجنڊائن تي ڪاغذي ڪم ڪندا آهن. ساڳئي ريت هيءَ اهم ايجنڊا به سالن تائين ملتوي رهندي ۾ مڙئي ٿوريون گهڻيون نمائشي سرگرميون ڪري پنهنجي پنهنجي ملڪ جي عوام کي ڪري ڏيکاريو ته اسان کي هن ڌرتيءَ جي تباهه ٿيڻ واري خدشي تي تمام وڏي ڳڻتي آهي. هنن سامراجي حڪمرانن مان ماحول دوستيءَ جي توقع ڪرڻ ٻٻرن کان ٻير گهرڻ وانگر ٿيندو. جيڪڏهن هنن کي هن ڌرتيءَ ۾ انسانذات جي ايڏي ڳڻتي ۾ پرواهه هجي ها ته هٿيارن ۾ بارود جا ايڏا ڍير گڏ نه ڪن ها جيڪي ڪنهن به وقت هن ڌرتيءَ کي تباهه ڪري سگهن ٿا.

مختلف بيمارين جا وائرس، جيڪي ڪنهن به امير غريب تي حملو ڪري سگهن، وانگر ماحولياتي تبديليون خود سامراجي حڪمرانن کي به چيهو رسائينديون تنهنڪري ٿي سگهي ته اُهي ان معاملي تي سنجيده ڪوششون ڪن. پر ان جا امڪان بلڪل گهٽ آهن. ها هي ايترو ڪري سگهن ٿا ته پنهنجي لاءِ خلا ۾، ڪنهن ٻئي گرهه تي، يا هن ئي ڌرتيءَ تي مهانگي ٽيڪنالاجيءَ جي مدد سان اهڙا بندوبست ڪن جن سان دنيا جي امير ترين هڪ سيڪڙو آباديءَ کي بچائي سگهجي.

موسم، آبهوا ۾ ماحوليات اهڙا مسئلا آهن جيڪي سموري انسانذات لاءِ خطرو ٿي پيا آهن تنهنڪري هن موقعي تي هر عام ۾ خاص لاءِ اهو ڄاڻڻ ضروري ٿي پيو آهي ته دنيا جو ماحول ڇو ۾ ڪيئن تبديل ٿي رهيو آهي؟ هاڻيڪار موسمياتي تبديلي هن ڌرتيءَ تي انسانذات لاءِ هڪ ٽائم بم جي شڪل اختيار ڪري رهي آهي. ويجهڙ ۾ آيل ٻوڏن، طوفانن، برساتن سبب لکين ماڻهو دربدر ٿيا جڏهن ته گرميءَ جي قيامت خيز لهر جي ڪري ٻڻ هزارين ماڻهو متاثر ٿيا. دنيا گرم ٿيندي پئي وڃي. گذريل سئو سالن ۾ زمين جي سطح جي گرمي پد ۾ 0.85 سينٽي گريڊ جي واڌ ٿي آهي. هن مهل تائين رڪارڊ ٿيل سڀ کان وڌيڪ گرم سالن ۾ 13 سال 21 هين صديءَ ۾ گذريا جڏهن ته 2015ع به رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيو. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ائين ڇو ٿو ٿئي؟

سائنسدانن جو خيال آهي ته ڪارخانن ۾ زراعت مان نيڪال ٿيندڙ گيسن جي ڪري قدرتي گرين هائوس گيس ۾ واڌ ٿي رهي آهي. انڪري زمين جو وايومنڊل سج کان ايندڙ توانائيءَ کي قيد ڪري اُن کي ٻاهر نڪرڻ ناهي ڏيندو. انساني سرگرميون جهڙوڪ:

~~ڪوئلو، تيل ۽ گيس کي ٻارڻ طور ساڙڻ جي نتيجي ۾ مرڪزي گرين هائوس گيس ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ مقدار ۾ واڌ ٿئي ٿي جيڪا عالمي گرمي پد ۾ واڌ جو سبب بڻجي ٿي. اُن ڪان علاوه جهنگن کي ٻه ڪٽيو وڃي ٿو جيڪي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ کي جذب ڪرڻ جو سبب بڻجن ٿا.~~



~~هن وقت وايومنڊل ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي موجودگي گذريل اٺ لک سالن ۾ سڀ کان وڌيڪ آهي ۽ گذريل سال مئي ۾ اها رڪارڊ سطح تي پهچي وئي. اُن جا ڪهڙا اثر ٿين ٿا؟ وڌيڪ گرمي پد، شديد موسمي حالتون ۽ سمونڊن جي وڌندڙ سطح سيني جو تعلق گرم ٿيندڙ ماحول سان آهي ۽ ان سان سڄي دنيا تي خراب اثر ٿي سگهن ٿا. 1900ع کان سڄي دنيا ۾ سمونڊ جي سطح سرسري طور 19 سينٽي ميٽر وڌي آهي. وچڙ وارن ڏهاڪن ۾ ان سطح ۾ واڌ جي شرح ٻڻ وڌيڪ ٿي چڪي آهي جنهنڪري ڪيترن ٻيٽن ۽ پاٽيءَ وارن علائقن کي خطرو ٿي پيو آهي. قطبن تي برفاني ٿهن جو ڳرڻ ٻه ان واڌ جي اهم ڪارڻ ۾ شامل آهي. وڌندڙ گرمي پد جي ڪري قطبي سمونڊ ٻه سڪڙجي رهيو آهي. پر اُن جو سمونڊ جي وڌندڙ سطح تي گهٽ اثر ناهي ٿيندو. 1980ع جي ڀيٽ ۾ ساموندي برف جو برطانيا جي ڪُل ايراضيءَ کان ڏهوڻ تي وڌيڪ حصو ختم ٿي چڪو آهي. اتر قطب سمنڊ ۾ برف جو گهٽ ۾ گهٽ ڦهلاءُ 1980ع؛ 78 لک چورس ڪلوميٽر ۾ 2015ع تائين؛ 46 لک چورس ڪلوميٽر.~~

~~ان سڄي ماجرا کي منهن ڏيڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ دنيا جا ڏهه ملڪ سڀ کان گهڻيون گيسون خارج ڪن ٿا جيڪي مجموعي طور تي 70 سيڪڙو گيسون خارج ڪن ٿا. اُنهن ۾ چين 24 سيڪڙو، آمريڪا 12 سيڪڙو، يورپي يونين 9 سيڪڙو، ڀارت 6 سيڪڙو، برازيل 6 سيڪڙو، روس 5 سيڪڙو، جاپان 3 سيڪڙو، ڪينيڊا 2 سيڪڙو، ڪانگو 1.5 سيڪڙو، انڊونيشيا 1.5 سيڪڙو خارج ڪن ٿا. 146 ملڪن گيسن جي نيڪال کي روڪڻ لاءِ~~

ماحوليات جا قومي منصوبا پيش ڪيا آهن. توقع آهي ته اهي منصوبا ماحولياتي تبديليءَ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ عالمي معاهدي تي عمل ڪرڻ ۾ مدد ڪندا. گڏيل قومن جي هڪ رپورٽ مطابق هاڻوڪي نيڪال جي ڪري 2100ع تائين دنيا صنعتي دور کان اڳ جي ڀيٽ ۾ 2.7 درجا وڌيڪ گرم ٿي ويندي.

برطانيا جي فلاحي اداري آڪسفيم جي جاري ڪيل هڪ مطالعي مطابق سڄي دنيا ۾ توانائيءَ جي حاصلات خاطر معدني وسيلن جي استعمال سان خارج ٿيندڙ پنجاهه سيڪڙو هاڃيڪار گيسن لاءِ دنيا جا ڏهه سيڪڙو امير ترين ماڻهو ذميوار آهن. اهو جائزو اهڙي وقت سامهون آيو جڏهن فرانسيسي راڄڌاني پئرس ۾ گڏيل قومن جي انتظام هيٺ 195 ملڪن جا اڳواڻ زميني گرمي پد جي واڌ کي روڪڻ لاءِ ڪوشش ۾ رڌل هئا. آڪسفيم جي تيار ڪيل جائزي مطابق دنيا جا ڏهه سيڪڙو امير ترين ماڻهو ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو پنجاهه سيڪڙو خارج ڪرڻ لاءِ ذميوار آهن. باقي دنيا جي اڌ غريب ترين آباديءَ کي فقط هاڃيڪار گيسن جي ڏهه سيڪڙو جو ذميوار قرار ڏئي سگهجي ٿو.



موسمياتي تبديلين جي موضوع تي گڏيل قومن جي انتظام هيٺ ڳالهه ٻولهه ۾ صلاح مصلحت جو عمل گهٽ ۾ گهٽ گذريل ڀنجويهه سالن کان جاري آهي. ان سموري عرصي دوران ماحول لاءِ نقصانڪار گيسن ۾ گهٽتائي جي ذمواري ورهائڻ ۾ ماحولياتي تبديلين جي ڪري سڀ کان وڌيڪ نقصان ڪڻندڙ ملڪن جي امداد جهڙا موضوع سڀ کان وڌيڪ تڪراري رهيا آهن. آڪسفيم جي ڪلائيميٽ چينج بابت پاليسين جي سربراهه پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو ”اميرن ۾ سڀ کان وڌيڪ گندگيءَ جو سبب بڻجندڙ ماڻهن جو احتساب ٿيڻ گهرجي، پلي اُهي ڪٿي به رهندا هجن.“ هُن وڌيڪ چيو ”اها ڳالهه جلد وساري وڃي ٿي ته جيڪي ملڪ تيزيءَ سان ترقي ڪري رهيا آهن

اصل ۾ اهي ئي ملڪ آهن جتي دنيا جا غريب ترين شهري رهن ٿا.
توڙي جو اُنهن ايرنڊز ملڪن کي به پنهنجو مناسب ڪردار ادا ڪرڻ
گهرجي پر بنيادي طور تي امير ملڪن کي گهرجي ته اُهي ان
سلسلي ۾ قائداڻو ڪردار ادا ڪن.“ آڪسفيم جي رپورٽ مطابق
دنيا جو هڪ سيڪڙو امير ترين آباديءَ مان هڪ ماڻهو جيترو
ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي خارج ٿيڻ لاءِ ذميوار آهي اُهو دنيا جي
ڏهه سيڪڙو غريب ترين آباديءَ جي ڪنهن فرد جي ڀيٽ ۾ 175
ڀيرا وڌيڪ ذميوار ٿئي ٿو.

غريب ملڪن جو موقف آهي ته امير اولهه جا ملڪ هڪ
ڊگهي عرصي کان زمين جي ماحول کي وڌيڪ گندو ڪندا رهيا
آهن اُنڪري ڪين انهن گيسن جي نيڪال کي گهٽائڻ جي سلسلي
۾ به وڏو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. موسمياتي تبديلين کي منهن
ڏيڻ لاءِ اپاءَ ڪٽڻ جي رستي ۾ هڪ وڏي رُڪاوٽ ۾ امير ۽ غريب
ملڪن جي وچ ۾ اختلاف آهن. امير يا ترقي يافته ملڪن جو
مطالبو آهي ته ترقي پذير ملڪ پنهنجي حصي جو ڪم پورو ڪن ۽
گيسن جي خارج ٿيڻ کي روڪين جڏهن ته غريب يا ترقي پذير
ملڪن جو موقف آهي ته اولهه يا ترقي يافته ملڪن کي وڌيڪ
ذميواري کڻڻ گهرجي.

انهيءَ عالمي موسمياتي تبديليءَ جا اثر سموري انسانذات
جي وجود کي خطري ۾ وجهي ڇڏيندا، اهي ۽ تبديليون اهو ناهن
ڏسنديون ته ماڻهو ڪهڙن عقيدن جا پيروڪار آهن، ڪهڙن نسلن
۽ قومن منجهان آهن، امير آهن يا غريب. تنهنڪري هن دور ۾ جو
سڀ کان وڏو مسئلو ماحوليات کي بچائڻ ٿي پيو آهي جنهن لاءِ هر
مذهب، هر نسل، هر قوم ۽ هر طبقي جي ماڻهوءَ کي جستجو ۽
جاکوڙ ڪرڻي پوندي. توڙي جو ان مسئلي کي پيدا ڪندڙ لالچي
منافعي خور سرمائيدار آهن ۽ هاڻي اها مصيبت سڀني جو گڏيل
مسئلو ٿي بڻئي آهي پر جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته ان قسم جي
هاڃيڪار تبديلين جو سڀ کان گهڻو نقصان وري به غريب ماڻهن
کي ٿيندو جيڪي هيئر به سخت گرميءَ ۾ بجليءَ جي هوندي ۾
اڻهوند ۾ ٽڙپي ٽڙپي زندگيءَ جا ڏينهن پورا ڪن ٿا ڇاڪاڻ ته اُنهن
وٽ بجليءَ جي اڻهوند ختم ڪرڻ لاءِ جنريٽر، يو پي ايس ۽ بيٽريون
خريدڻ جي طاقت ناهي ۽ نه ئي وري ايئرڪنڊيشنر خريدڻ ۽ اُن
جا گرا بل ڀرڻ جي سگهت اٿن. سڀاڻي جيڪڏهن اوچتو حالتون

تبديل ٿين ٿيون تڏهن به هي لالچي، منافعي خور، هٻچي سرمائيدار □ حڪمران ٽولا پنهنجي بچاءَ جا بندوبست ڪري وٺندا جيئن هالي ووڊ فلم ”2012ع“ □ ڏيکاريو ويو آهي جڏهن ڌرتيءَ جو گرمي پد وڌي ٿو، زلزلا اچن ٿا □ سمونڊ اٿلي پون ٿا تڏهن ست ارب ڪان وڌيڪ آباديءَ واري ڌرتيءَ جا فقط به ٽي لک امير ماڻهو اهڙا هوندا آهن جيڪي جهازن جون ٽڪيٽون خريدڻ جي قابل هوندا آهن. يا ته اهڙي آفت کان بچاءَ لاءِ هينئر ئي اميرن پنهنجي لاءِ بندوبست ڪري ڇڏيا هوندا، چاڪاڻ ته اُنهن جي نظر □ ڌرتيءَ تي موجود ڪروڙين غريب انسان ڪيڙا مڪوڙا ئي هوندا آهن جن جي مرڻ سان کين ڪابه تڪليف نه ٿيندي. تنهنڪري ماحوليات کي بچائڻ جو مسئلو پنهنجي توڙ □ وري به غريب پورهيت عوام جو آهي □ اُن کي ئي اها ويڙهه وڙهڻي پوندي.

26 سال اڳ 1979ع ۾ افغانستان ۾ سوويت فوجون داخل ٿيون جيڪي ان وقت ملڪ اندر ٿيندڙ بغاوت خلاف تـڏهوڪي ڪابل ڊر جي حڪومت (نجيب الله) جو بچاءُ ڪرڻ لاءِ آيون هيون. ان ڪاهه ڪانپوءِ آمريڪا ۾ پاڪستان جهڙن ملڪن جي پٺڀرائي سان ٿيل گهرو ويڙهه افغانستان کي برباد ڪري ڇڏيو، اٽڪل ڏهه لک افغاني مارجي ويا ۾ لکين دربدر ٿي ويا. جنيوا معاهدي هيٺ فوجن جي نيڪاليءَ جو معاملو طئي ٿيو. 1989ع جي فيبروريءَ ۾ افغانستان مان روسي فوجن جي مڪمل نيڪالي ٿي چڪي هئي. انهن پنهنجي پٺيان صدر نجيب الله جي حڪومت ڇڏي، جنهن جي باري ۾ سياسي پنڊتن جو خيال هو ته ڏينهن ۾ نه سهي پر هفتن ۾ اها حڪومت ضرور ڊير ٿيندي. پر حڪومت نه صرف برقرار رهي پر مجاهدين جي حملن کان پنهنجو دفاع به ڪندي رهي، ان سڀ کان وڌيڪ ذڪر جوڳو واقعو جلال آباد واري لڙائي هئي. نجيب الله جي حڪومت کي سوويت يونين جي حمايت حاصل هئي جيڪا ان کي بعد ۾ پڻ فوجي ۾ مالياتي ٻنهي قسم جي مدد مهيا ڪندي رهي.

نومبر 1989ع ۾ برلن ڀِت ڪيرائي وئي، ۾ ڊسمبر 1991ع ۾ عظيم سوشلسٽ بلاڪ سوويت يونين ٽڪرا ٽڪرا ٿيو، ماسڪو ۾ سوويت جانشين روس ڪجهه عرصو ته ڪابل جي سپورٽ جاري رکي پر پوءِ ان کي اهو سلسلو بند ڪرڻو پيو. اڻين اپريل 1992ع ۾ نجيب الله جي حڪومت ڊير ٿي پئي. اُن وقت آمريڪا هن علائقي ۾ پنهنجي مهم کي ڇڏي سوويت يونين جي ڊهڻ جو جشن ملهائڻ ۾ مصروف ٿي ويو. ناقابل يقين واقعا ايڏو تيزيءَ سان ٿيندا ويا جن بابت ڪنهن کي به توقع نه هئي. سڄي دنيا جو ڌيان اڳوڻين سوويت رياستن، اوڀر يورپ، وچ ايشيا ۾ ٻين اڳوڻين سوشلسٽ رياستن ڏانهن ٿي ويو. نئين عالمي سياست ۾ افغانستان جي حيثيت هڪ وساريل ياد جهڙي ٿي وئي. عالمي طاقتن هن بدنصيب ملڪ کي سرد جنگ جي آخري اسٽيج طور استعمال ڪري ڇڏي ڏنو. انهن اربين ڊالر، هڪ نه ٻئي بهاني سان، اهڙن ادارن جي جوڙجڪ ۾ خرچ ڪيا جن جو ڪم فقط قتل عام هو. ۾ بعد ۾ مطلب پورو ٿيڻ ڪانپوءِ هن غريب ملڪ ۾ ان جي بدنصيب عوام کي انهن ادارن ۾ تنظيمن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏنو. مجاهدين ۾ انهن ڪانپوءِ طالبان، عالمي بي ڌياني سبب، ان بليڪ هول جا ڏٽي ٻڌجي ويا.

سوويت فوج جي واپسيءَ وقت گهڻن ماڻهن ۾ سرهائي هئي ته هاڻي افغاني پاڻ پنهنجن مسئلن کي حل ڪندا ۽ پنهنجي تقدير جو فيصلو پاڻ ڪندا. هڪ 61 سالن جي افغانيءَ انهن ڏينهن کي ياد ڪندي ٻڌايو ته ”جڏهن روسي اسان جي ملڪ مان واپس ويا پئي تڏهن اسان ڏاڍا خوش هئاسين. اسان سوچيو ته هاڻي اسان ٻن عيدن وانگر هي ٽيون ڏينهن به عيد ڪري ملهائينداسين.“ پر ڪابل ۾ پڙهائيندڙ استاد چوي ٿو ته ”اسانجا ماڻهو سمجهي نه سگهيا ته ڪهڙي تباهي اچي پئي. چاڪاڻ ته افغان هڪٻئي کي قتل ڪرڻ لڳا، ائين جشن جون ڳالهيون الميي ۾ بدلجي ويون.“

13 سالن ڪانپوءِ ڪاميابي يا ناڪامي؟

نيٽو مشن جي پڄاڻيءَ باوجود 2015ع کان افغانستان ۾ اٽڪل 12 هزار غيرملڪي فوجي مقرر رهندا، جن جي بظاهر ذميواري فقط عسڪري تربيت ۽ فوجي صلاحڪاري هوندي مطلب ته جنگ اجان ختم نه ٿي آهي ٿي باقي نيٽو فورسز جي واپسيءَ سان سندن هڪ ڏگهي جنگ (اصل ۾آمريڪي جنگ) جو هڪڙو مرحلو مڪمل ٿيندو. نيٽو جي افغان مشن جي ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جي باري ۾ متضاد رايا آهن. انتهائي ڳجهي نموني بندوبست ڪيل اختتامي تقريب کي خطاب ڪندي آمريڪي ڪمانڊر چيو ته ”اسان افغانستان ۾ ڦهليل اونداهه ۽ مايوسيءَ کي ختم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار نڀايو ۽ افغان عوام کي محفوظ ۽ روشن مستقبل جي اميد ڏني آهي.“ ساڳئي وقت طالبان طرفان بيان ۾ چيو ويو ته ”هاڻي افغانستان ۾ پنهنجن مقصدن جي حاصلات ۾ ناڪامي ڪانپوءِ هي پڇي رهيا آهن.“ آمريڪي صدر اوباما مشن جي تڪميل کي هڪ تاريخي سنگ ميل قرار ڏنو. پر پنهنجي لکت واري بيان ۾ فتح جو اعلان نه ڪيائين ۽ اڻ سڌي ريت اهو اعتراف ڪيائين ته هي ملڪ ”خطرناڪ علائقو“ آهي.

ڪيترائي افغان سمجهن ٿا ته انهن 13 سالن دوران سندن ملڪ تمام گهڻو بدلجي چڪو آهي. افغانستان وٽ هاڻي هڪ جمهوري نظام، آئين، فوج، پوليس، پارليامينٽ ۽ آزاد ميڊيا آهن. هاڻي هي ملڪ عورتن کي آزادي مهيا ڪري ٿو جيڪا طالبان راڄ هيٺ ناممڪن هئي.

طالبان حڪومت جي خاتمي ڪانپوءِ دنيا جي چاليهه کان

وڏيڪ ملڪن جـون فوجـون تـيرنهن سـالن تـائين افغانسـتان موجـود رهيـون. 13 سـالن 3400 کـان وڌيڪ اتحـادي فـوجي مـــارجي ويا اربين ڊالر خــــرچ ڪيا ويا پر ان بـــاوجود اڄ به افغانستان بم ڌماڪا، دهشتگردي، بدامني، غربت، بيروزگـاري پسـماندگيءَ ان آپريشن جي ڪاميـابيءَ تي سـواليه نشـان لڳائي ڇڏيا آهن. تازو گڏيل قومن جي اداري طرفان هلندڙ سال جي آخر سيڪيورٽيءَ جي حـوالي سـان هڪ جـائزو پيش ڪيو ويو جنهن موجب گذريل سال جي پيٽ هن سـال 19 سـيڪڙو وڌيڪ جاني نقصان ٿيو. نومبر تائين سويلين موت جو ڪُل تعـداد 3188 ٻُڌايو ويـو. افغانسـتان آفيم جي پيـداوار اڳ جيـتري ئي ٿئي ٿي. ڇا ان کي ڪاميابي قرار ڏئي سگهجي ٿو؟

ڪاميابيءَ ناڪاميءَ واري سوال جو جواب معلـوم ڪـرڻ کـان اڳ سرسـري طـور تي 13 سـالن جي تـاريخ جو مختصر جـائزو وٺڻ ضـروري آهي. 1996ع کـان 2001ع تـائين طالبـان افغانسـتان تي حـڪمـراني ڪنـدا رهيـا. 11 سـيپٽمبر 2001ع تي القائده سـان تعلق رکنـدڙ دهشـتگردن مجمـوعي طـور تي چـار مسافر جهاز اغـوا ڪـيا. ٻن جهـازن ذريعي نيويـارڪ ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي حملو ڪيو ويو، هڪ ٽئين جهاز آمريڪي دفـاعي اداري پينٽاگون کي نشانو بڻايو جڏهن ته چوٿـون جهـاز ڪِـري تباهه ٿي ويـو. انهن حملن ڪُل 3 هـزار مـاڻهو مـارجي ويـا. انهن حملن آمـريڪي حڪـومت کي افغانسـتان تي حملي آور ٿيڻ جو جـواز مهيا ڪـري ڏنو بُش حڪـومت 7 آڪٽـوبر تي اوسـامه بن لادن جي امڪـاني ٺڪـاڻن تي بمبـاري جي ابتـدا ڪـئي. 13 نومـبر 2001ع تي راڄـــــڌاني ڪابل تي قبضو ڪيو ويــــو. طالبـــــان پاڪ_افغان سرحدي علائقن ڏانهن پٺتي هٽي ويا.

طالبــان جي زوال کــانپوءِ گــڏيل قــومن جي چــتيءَ هيٺ جرمنيءَ جي بـون شـهر جي ويجهو پيـٽرزبرگـ افغانسـتان جي چئن وڏن نسلي گروهن جي اڳواڻن جي ڪانفرنس سڏائي وئي. شـريڪ ٿينــدڙن نمائشي جمهــوريت جي نفــاذ لاءِ پنج ڊسـمبر 2001ع تي صـــدر حامد ڪـــرزئي جي ســـرواڻي هيٺ عبـــوري حڪومت جي قيام تي اتفاق ڪيو. انٽرنيشنل سيڪيورٽي فورس (ايساف) کي مقامي حڪـومت جي ”تعمير_“ مدد سيڪيورٽي جي صورتحال کي بهتر بنـائڻ جو ڪم سـونپيو ويـو. 2004ع جي جنوريءَ افغانستان جي نئين جمهوري آئين جي منظـوري ڏني وئي. 502 ميمـــبرن صـــدارتي نظـــام هيٺ ”اســلامي جمهوريه افغانستان“ چونڊن جي راهه هموار ڪئي. 9 آڪٽـوبر 2004ع

تي حامد ڪرزئيءَ فتح جو جشن ملهايو.

18 سيپٽمبر 2010ع تي افغانستان ۾ پارلياماني چونڊون ڪرايون ويون. بين الاقوامي مبصرن مطابق انهن ۾ وڏي پيماني تي ڌانڌلي ڪئي وئي. ڪوبه اميدوار واضح برتري نه ماڻي سگهيو ۾ فيصلو صدر ڪرزئيءَ جي حق ۾ ٿيو. 2 مئي 2011ع تي آمريڪا جي اسپيشل فورسز پاڪستاني شهر ايبٽ آباد ۾ حملو ڪندي اوسامه بن لادن کي ماري ڇڏيو. هزارين آمريڪين بن لادن جي موت جو جشن ملهايو. افغانستان ۾ نيٽو خلاف طالبان جي وسيع حملن آمريڪي اتحادين کي نقصان پهچايو جنهن جي نتيجي ۾ نيٽو جي ميمبر ملڪن جي وچ ۾ اختلاف ٿي پيا. نيٺ نيٽو جا ميمبر ملڪ 2014ع ڪانپوءِ افغانستان مان پنهنجي فوج ڪڍڻ جي تاريخ طئي ڪرڻ تي مجبور ٿي پيا. ڪجهه يورپي ملڪن ته مقرر تاريخ کان اڳ ئي افغانستان مان پنهنجا فوجي ڪڍي ورتا هئا. باقي گهڻا آمريڪي ۽ ٿورا نيٽو جا فوجي رهيل هئا. 18 جُون 2013ع تي صدر حامد ڪرزئي سڄي ملڪ ۾ سيڪيورٽيءَ جون ذميواريون افغان فورسز جي حوالي ڪرڻ جو اعلان ڪيو. اُن ڏينهن ڪابل ۾ هڪ خودڪش حملو ٿيو، جنهن ان اعلان جي خوشين کي ختم ڪري ڇڏيو. 2014ع جي آخر ۾ افغانستان ۾ نيٽو جي جنگي مشن جي پُڄاڻي ٿي. بين الاقوامي برادري مستقبل ۾ به افغانستان کي اربين ڊالر امداد مهيا ڪندي رهندي. پر افغانستان لاءِ آزادي ۽ خودمختياري ڏانهن ويندڙ اهو رستو ڪنڊن سان ڀريل آهي.

ڪنڊن سان ڀريل رستو



اصل ۾ افغانستان ۾ نيٽو جي مشن کي آمريڪا جو مشن چوڻ گهرجي. آمريڪا 13 سالن دوران نيٽو کي يورپ جي محدود مشن مان ڪڍي پنهنجين پاليسين کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ استعمال ڪيو. نيٽو بنيادي طور تي يورپي ڪنڊ لاءِ تاهيل فوجي اتحاد آهي پر اُن اتحاد پنهنجي ڪنڊ (يورپ) کان ٻاهر افغانستان (ايشيا) ۾ سيڪيورٽيءَ جو (آمريڪي) ڪم سنڀاليو.

بحرحـــال، افغانســـتان ۾ آمريڪا ۾ نيٽو جي 13 ســـالن جي موجودگيءَ ڪان پوءِ واري صورتحال ڏسي اهو چئي سگهجي ٿو ته آمريڪا پنهنجا هدف حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو.

افغانستان ۾ طالبان حڪومت جي خاتمي کي 13 سال ٿي ويا، ان دوران سياسي ۾ اقتصادي ترقي لاءِ ملڪي ۾ بين الاقوامي سطح تي ڪوششون جاري رهيون پر افغان عوام جي زندگيءَ ۾ بهتريءَ جا آثار اجان به نمايان نظر نه ٿا اچن. اشرف غنيءَ جي حڪومت کي تورا ڏينهن ٿيا آهن پر ڪيس تمام گهٽين للڪارن کي منهن ڏيڻو آهي. ملڪي فوج ۾ حڪومتي ادارن مان ڪرپشن جو خاتمو ڪرڻو اٿس، پئي طرف عسڪريت پسنديءَ جو خطرو اٿس. طالبان، بغاوت ۾ انتشار ڪان وڌيڪ اهم معاملو معاشي ترقي جو آهي. ملڪ جي غيريقيني صورتحال سبب سرمائيڪاري سُستيءَ جو شڪار آهي نتيجي طور افغان ڪرنسي جيڪا هلندڙ سال جي شروع ۾ هڪ ڊالر جي پيٽ ۾ 50 افغاني هئي اها سال جي آخر تائين 58 افغاني تي وئي. جنگ سبب تباهه هن ملڪ جي ڏيهاڙيءَ جي خرچن جو گهڻو انحصار ٻاهرين مدد تي آهي. صرف ٻه سال اڳ افغانستان جي مالي صورتحالي ڪافي بهتر هئي، جنهن ۾ واضح گهٽتائي آئي آهي. ان جو 90 سيڪڙو بجيٽ غيرملڪي امداد جي صورت ۾ اچي ٿو. هلندڙ سال دوران آمريڪي امداد ۾ 1.12 ارب ڊالر گهٽتائي ڪئي وئي.

هڪڙي راءِ اها به آهي ته افغان جنگ جي نتيجي ۾ بظاهر ائين محسوس ٿئي ٿو ته شايد طالبان هاڻي ٻيهر افغانستان ۾ حڪومت قائم نه ڪري سگهن پر اُهي ايترا به ڪمزور ناهن جو ڪابل حڪومت کي مشڪل ۾ نه وجهي سگهن. افغانستان جي لوڪل گورنمينٽ ڊائريڪٽوريٽ جي اهلڪار جي مطابق ملڪ جي 367 ضلعن مان 40 جو ڪنٽرول سڌيءَ ريت طالبان وٽ آهي. هن وقت افغان فوج جو تعداد 350،000 آهي. افغانستان ۾ قائم اتحادي حڪومت اجان تائين عسڪريت پسندن کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ڪامياب ٿيندي نظر نه پئي اچي. عراق جنگ جي خاتمي ڪانپوءِ آمريڪي فوج اُتان نڪري وئي پر بعد ۾ عراق گهرو جنگ ۾ انتشار جو شڪار ٿي ويو. تنهنڪري افغانستان ۾ عراقي گهرو جنگ جهڙي صورتحال پيدا ٿيڻ جا خدشا پڻ ظاهر ڪيا وڃن پيا. ايندڙ سال افغان فورس لاءِ وڏي آزمائش جو هوندو جيڪڏهن اُها زميني لڙائيءَ ۾ ناڪام ٿئي ٿي ته ان جو مطلب هوندو ته جنگ ويتر خطرناڪ ٿي

ويندي.

بنيادي تضادن جي حل بنا؟

تن ڏهاڪن جي جنگين ڪانپوءِ دنيا جي سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ ملڪ، سڀ کان وڌيڪ ڪرپٽ نظام، سڀ کان وڌيڪ دربدر ٿيندڙ مهاجر، وڏي مقدار ۾ نشي آور شين جي پيداوار ڪندڙ، دهشتگردي ۾ مذهبي انتهاپسند قوتن جي پڪڙ هه افغانستان جو مستقبل سواليه بڻجي چڪو آهي. ٽيهارو سال جنگين جي ورچڙهيل، نسلي ۾ قبائلي سڃاڻپن ۾ ورهايل افغان معاشرو 21 صديءَ ۾ به قبل مسيح جي دور جو ملڪ لڳي ٿو. اهڙي ملڪ ۾ اليڪشن ۾ جمهوري عمل تيستائين مضبوط ۾ سگهارا نه ٿا ٿي سگهن جيستائين ملڪ اندر معاشي ترقي، جديد تعليم، برابري ۾ امن نه ٿو اچي، جيستائين اُتي نسلي ۾ قبائلي فرقن جو خاتمو، مذهبي انتهاپسندي جو انت ۾ ذاتي فوج جي نيڪالي عمل ۾ نه ٿي اچي.

افغانستان سميت عراق، لبيا، مصر جي هاٺوڪي صورتحال مان ثابت ٿئي ٿو ته آمريڪا جتي به ويو اُتي خوشحالي ۾ بهتري بدران انتشار ۾ بدامنيءَ زور ورتو آهي. تنهنڪري آمريڪي فوج جي نيڪالي ته ضروري آهي پر ان سان گڏ افغان معاشري جو پنهنجن پيرن تي بيهڻ پڻ ضروري آهي. معاشي طور تي ڪنگال ملڪ هميشه آمريڪا جهڙين طاقتن جو پيجهو رهندو. گهٽي عرصي کان آمريڪا توڙي پيون ڌريون طالبان کي سڀ کان وڏو خطرو سمجهنديون رهيون آهن ۾ انهن کي ختم ڪرڻ لاءِ فوجي آپريشن ڪنديون رهيون آهن پر افغان سماج جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ ڏانهن ڌيان ئي نه ڏنو ويو آهي. طالبان جهڙا ويڙهاڪ ته انهن بنيادي مسئلن جو ردعمل آهن. مسلسل گهرو ۾ ٻاهرين جنگ سبب تباهه حال ملڪ افغانستان کي سڀ کان وڌيڪ خطرو طالبان مان نه پر غربت، بيروزگاري، بدامني ۾ بدعنوانيءَ مان آهي. جيسيڪڏهن هن ملڪ ۾ معاشي برابري، خوشحالي، امن ۾ قانون جي حڪمراني قائم ٿي وڃي ته طالبان جي اڀتي وڌڻ جي گنجائش ئي پيدا نه ٿيندي.

دهشتگرديءَ جي باهه ۾ سڙندڙ پاڪستان

افغانستان سان اٽڪل 2،430 ڪلوميٽر پاڪستاني سرحد ملي ٿي، افغانستان اندر جيڪو ڪجهه به ٿئي ٿو/ٿيندو ان جا

ٽورا يا گهڻا، دير يا سوير اثر پاڪستان جي اندروني ۾ پرڙيهي صورتحال تي پوندا رهيا آهن ۾ اينڌڙ وقت ۾ به پوندا رهندا. هونئن به پاڪستان جي هاٽوڪن بحرانن (دهشتگردي، مذهبي انتهاپسندي، مدرسا، هٿيار، منشيات، بدامني، مهاجرن جو بار وغيره) جو وڏو ڪارڻ افغانستان رهيو آهي. اهي بحران اينڌڙ سال وڌيڪ شديد ٿيندا يا گهٽ ٿيندا ان جو انحصار خود افغانستان جي اندروني صورتحال تي آهي.

پاڪستان ۾ افغانستان کي الڳ ڪندڙ ڊيوراند لائين، جيڪا هندو ڪش کان پامير جبلن تائين ڦهليل آهي، ان جو نقشو ٺاهڻ جو ڪم برطانوي انڊيا جي اڳوڻي سيڪريٽري سر هينري مارٽمير ڊيوراند سرانجام ڏنو. جڏهن 1947ع ۾ پاڪستان آزاد ٿيو تڏهن کان وٺي اها سرحدي ورچ تڪراري رهي آهي جنهن کي افغانين توڙي پختونن ڪڏهن به قبول نه ڪيو آهي. جنهن ڪانپوءِ ڳچ عرصي تائين پختونستان نالي سان الڳ رياست جي ڳالهه ٿيندي رهي. بحرحال، سوويت فوج طرفان افغانستان ۾ اچڻ ڪانپوءِ اڳوڻي فوجي آمر، ضياءُ الحق، جي اڳواٽيءَ هيٺ، آمريڪي ۾ سعودي مدد سان، افغان مجاهدين کي تيار ڪيو ويو. سوويت فوجن جي واپسيءَ ڪانپوءِ 1996ع ۾ جڏهن طالبان اقتدار تي قبضو ڪيو تڏهن پاڪستان انهن ٽن ملڪن منجهان هڪ هو جنهن ڪابل حڪومت کي تسليم ڪيو هو تڏهن به پاڪستان جو وزيراعظم نواز شريف هو. هاٽوڪي حڪمران جماعت نواز ليگ جا بنياد پرست تنظيمن سان تمام ويجها لاڳاپا رهيا آهن جن 2013ع جي عام چونڊن دوران سندن مدد ڪئي.

جيتريقدر گذريل 13 سالن جي تاريخ جو پاڪستان سان تعلق آهي ته افغان جنگ پاڪستان کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي حملي واري واقعي ڪانپوءِ جڻ ته هر شي بدلجي وئي. بُش انتظاميا طرفان ڏباءَ ڪانپوءِ آمر مشرف جي اهميت وڌي وئي. جيڪا عالمي برادري مشرف کي آمر سڏيندي رهي سا ان سان گڏ ڦوٽو ڪڍائڻ لڳي. ايتريقدر جو پاڪستان کي غيرنيٽو ميمبر ملڪ بڻايو ويو. پاڪستان طالبان جي حمايت واري پنهنجي ڏهاڪو سالن جي پاليسيءَ ۾ تبديلي آندي، توڙي جو اسلام آباد مڪمل طور تي طالبان سان لاڳاپا ختم نه ڪيا. جنرل مشرف کي عالمي ڏيان ۾ وسيلن تائين بهتر پهچ ملي. پاڪستان آمريڪا کان اٽڪل 21 ارب ڊالر (معاشي ۾ فوجي مدد طور) وصول ڪيا. پر انهن 13 سالن جي تاريخ پاڪستان کي هڪ سيڪيورٽي اسٽيٽ بڻائي ڇڏيو. پاڪستاني عملدارن

مطابق دهشتگرديءَ خلاف جنگ □ پاڪستان کي 80 ارب ڊالرن جو نقصان ٿيو □ 50 هزار کان وڌيڪ انساني زندگيون ضايع ٿيون. هن وقت پاڪستان □ اٽڪل 20 لک افغان مهاجر ترسيل آهن. آمريڪا □ نيٽو فورسز ته افغانستان مان نڪري ويون (باقي رهيل به نڪري وينديون) پر پاڪستان دهشتگرديءَ جي باهه □ سڙي پيو.

جاڳي ٿو، جاڳائي ٿو
فڊيل ڪاسترو جي آتم ڪٿا مان چونڊ

چونڊ ۽ ترجمو : شفقت قادري



هاڻوڪو نوٽ:

(ڪامريڊ شفقت قادريءَ جو هي اهم ترجمو اسان آدرش ميگزين جي پندرهين ڪڙي ۾ ڇاپيو هيو. جنهن ڪي ڪامريڊ فڊيل ڪاسترو ڪي پيٽا طور اسان پيهر سماجواد ۾ ڇاپي رهيا آهيون ان اميد سان ته هن پورهيي سبب سماجواد جي پڙهندڙن ڪي فڊيل ڪاسترو جي زندگي، ڪيوبا جي انقلاب ۽ ان سان جڙيل بعد جي دور جي عالمي حالتن بابت بهتر خبر پوندي. ادارو)

اڳوڻو نوٽ:

فرانس جي ”ڊينس ڊيڊرو يونيورسٽيءَ“ جي پروفيسر اگناچيو راموني جڳ مشهور گوريلا ويڙهاڪ، انقلابي اڳواڻ ۽ سوشلسٽ ڪيوبا جي اڳوٽي صدر ڪامريڊ فڊل ڪاسترو کان هڪ سَوَ ڪلاڪن تي مشتمل انٽرويو ڪيا. هي انٽرويو ڪامريڊ ڪاسترو جي ٻاروتڻ کان وٺندي اڄوڪي دؤر جي حالتن جو احاطو ڪن ٿا. انهن انٽرويوز جي ڪتابي شڪل

پھريـائين اسـپيني ٻـوليءَ ۾ 2006ع ۾ شـايع ٿي. ڪامريڊ ڪاسترو جي انٽرويو جو ھي مجموعو ”ماءِ لائف“ جي نالي سان انگريزي ۾ 2008ع ۾ شايع ٿيو آھي.

فڊيل ڪاسترو جي قد ڪاٺ جو انـدازو ان ڳالهه مـان به لڳائي سگهجي ٿو ته جڏھن 1960ع ۾ گـڏيل قـومن جي اجلاس وقت سـوويت يـونين جي سـربراھه خروچيف کـان پڇيو ويو ته ”ڇا ڪاسترو مارڪسوادي آھي؟“ (Is Castro a Marxist?) ته جـــواب ۾ خروچيف چيو ”ڪاســترو مارڪسوادي آھي يا نه، سا مون کي خبر ڪونهي. پر مـون کي اھا خـبر آھي ته مـان فـڊيل وادي آھيـان.“ (I do not know if Fidel Castro is a Marxist or not. But I know that I am a Fidelist)

اولهه جي واحد سوشلسٽ ملڪ، ھڪ ننـــڍڙي قـــوم (ھڪ ڪروڙ ڏهه لک آبادي)، آمريڪا کـان صـرف نـوي ميل پري موجود ڪيوبا 31 ڊسـمبر 1959ع کـان وٺي پـاڻ کـان سوين ڀيرا وڏيڪ عسـڪري، معاشـي، سـفارتي ۾ ماليـاتي قـوت رکنـدڙ آمريڪا سـان اکين ۾ اکيـون وجهي نه صـرف برقرار رھيو آھي پر اتـان جي انقلاب تـرقي به ڪـئي آھي. نام چومسڪيءَ چواڻي ته ”ٽين دنيا جي غـريب مـاڻھن جي علاج واسطي جيترو ڪم ڪيوبا ڪيو آھي اوتـرو ورلڊ ھيلٿ آرگنائيزيشن (WHO) ۾ اولهه جا ھـڙئي تـرقي يافته ملڪ گڏجي به نه ڪري سگهيا آھن.“

ڪيوبا ٽين دنيا جي مـاڻھن لاءِ ھڪ انقلابي مثـال آھي. اُھي جيڪي ”ائٽم بم“ رکن ٿـا، دنيا جي سـتون نمـبر وڏي فوج رکن ٿا، تن لاءِ آمريڪا جي ھڪـڙي فـون ”ڪم“ ڪريو ڇـڏي. پر ان جي ابـتڙ ڪيوبا آمريڪا طرفـان گهٽ ۾ گهٽ پنج ھـزار دھشـتگرد ڪـارروايون برداشت ڪنـدي، انقلاب، آزادي، آجپي توڙي انسانيت جي راھه تان دست بردار ناھي ٿيو. ڪيوبا ۾ ڪاسـترو جي زنـدگيءَ جي اھميت کي نظر ۾ رکندي، ”آدرش“ ٻنهجن ٻرھندڙن لاءِ ”ماءِ لائف“ جا چونڊ ٽڪرا ترجمو ڪري پيش ڪري ٿو. ڪيوبا زنده باد، ڪاسترو زنده باد. انقلاب زنده باد.

(ادار

و)

ڪتاب جي مهاڳ ”فدِيل سان گهاريل هڪ سَوَ ڪلاڪ“ مان چونڊ:


فدِيل ڪاسترو ۽ چي گويرا

- فيبروري 2002ع ۾ آءٌ (اگناچيو رامونيءَ) هوانا بوڪ فيئر ۾ ليڪچر ڏيڻ واسطي هوانا ويس. اتي 2001ع جو اڪنامڪس جو نوبيل انعام ماڻيندڙ جوزف اسٽيگلٽز به موجود هو. فدِيل جوزف سان منهنجو تعارف ڪرايو ۽ چيائين ته:

”هي هڪ اڪنامسٽ ۽ آمريڪي آهي، پر هي منهنجي واسطي ۽ ايندڙ هڙني آمريڪين کان وڌيڪ ريڊيڪل اٿئي. هن جي ترقي پسنديءَ آڏو مان پاڻ کي اعتدال پسند محسوس ڪندو آهيان.“ آءٌ تازو ئي پورٽواليگري ورلڊ سوشل فورم ۾ شريڪ ٿيو هوس، سو فدِيل ۾ مون نيو لبرل گلوبائيزيشن ۽ ورلڊ سوشل فورم بابت حال احوال شروع ڪيا، فدِيل سرمايداراڻي عالمگيريت خلاف ايرندڙ عالمگير تحريڪ جي ڏاڍي ساراهه ڪئي چئي،

> ”باغين جو هڪ نئون نسل پيدا ٿيو آهي، انهن مان ڪيترائي آمريڪي به آهن. هي نسل احتجاج جا نوان طريقا استعمال ڪري ڌرتيءَ جي ديوتائن کي ڌوڏي رهيا آهن. نظريا هٿيار کان وڌيڪ اهم آهن.“

هميشه جيان، نوان خيال هڪ آبشار وانگر نروار ٿي رهيا هئا، آءٌ ۽ اسٽيگلٽر يڪسوئيءَ سان فدِيل کي ٻڌي رهيا هئاسين. . آءٌ جيئن فدِيل کي ٻڌي رهيو هوس ته ان وقت مون کي هڪ ناانصافيءَ جو احساس ٿي رهيو هو ته نئون نسل فدِيل جي حياتيءَ ۽ جيون مارگ بابت بنهه گهٽ ڄاڻ رکي ٿو ۽ اِهو نسل ڪاسترو- مخالف ٿيندڙ پروپيگندا



جو شڪار آهي. يورپ جا ماڻهو جيڪي سرمايداراڻي عالمگيريت جي مخالف تحريڪ جو حصو آهن تن لاءِ ڪاسترو ”ماضيءَ جو اهڃاڻ“، ”سرد جنگ جي باقيات“ جديد پر لنگهي ويل دؤر جو هڪ اڳواڻ جنهن وٽ ايڪويهين صديءَ جي جدوجهد ڪي ارپڻ لاءِ ڪجهه به نه هجي.

اڄ سوڏو ڪابي ڏُر اندر اڪثر ماڻهو ڪاسترو جي حڪومت تي تنقيد ڪن ٿا، نه صرف تنقيد پر ڪي ته ان جي مخالفت به ڪري رهياآهن. ان جي ابتڙ لاطيني آمريڪا ۾ ڪيوبا جو انقلاب دانشورن ۽ ڪابي ڏُر وارين سماجي تحريڪن لاءِ اتساهه جو ڪارڻ آهي.

- مون تازو ئي ميڪسيڪو جي زاپاتا تحريڪ جي بهادر اڳواڻ سب ڪمانڊنٽ مارڪوس سان پنهنجي ڳالهه ٻولهه تي مشتمل هڪ ڪتابڙو ڇپيو هو. فڊيل کي اهو ڪتاب وڻيو.

- جڏهن مون فڊيل آڏو سندس ڳالهه تي مشتمل اهڙو ئي هڪ ڪتاب تيار ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي ته هن وراڻيو.

”ڇا توهان واقعي مون سان ڳالهه ٻولهه تي پنهنجو وقت وڃائڻ چاهيو ٿا؟ ڇا تو وٽ ڪرڻ لاءِ ڪو وڌيڪ اهم ڪم ڪونهي؟“

- فڊيل ڪاسترو سڄن سارن ڏهن آمريڪي صدرن سان منهن مقابل رهيو آهي: آئيزن هاور ڪينيڊي، جانسن، نڪسن، فورڊ، ڪارٽر، ريگن، بش پهريون، ڪلنٽن ۽ هاڻوڪو بُش ۽ 1945ع کان وٺي فڊيل جا دنيا جي اهم اڳواڻن سان ذاتي ڪنهن ڪنهن سان دوستاڻا تعلقات پڻ رهيا آهن: نهرو، ناصر، ٽيٽو، خروشيف، اولوف پالمي، وِلي برانڊٽ، بِن بيلا، بوميديان، عرفات، اندرا گانڌي، سلوادور آلندي، برزنيف، گورباچوف، متران، جيانگ زيمين، پوپ جان پال پيون، فرانس جو بادشاهه جُئان ڪارلوس، نيلسن منڊيلا وغيره.

سيپهوڳي دؤر جي اهم اديبن، دانشورن، فنڪارن ۽ شخصيتن سان واقفيت رهي اٿس: جان- پال سارتر، سمون دي بوار، ارنيسٽ هيمنگوري، گراهام گرين، آرٿر مِلر، پابلو نيرودا، جورگي آمادو، اوسوالدو گياسامِن، هينري ڪارٽئر بريسن، آسڪر نيمير، يائس- جاڪ- ڪاستو، هيري بيلافونٽي، گارشيا مارڪئس، ڪلاڊيو ابادو، اينجلا ڊيوس، جيسي جيڪسن، ڊينئل

متران، ڪوسٽا- گاؤرس، گِدارڊ ڊيپرادِيو، ڊيني گلوور، رابرٽ ريڊ فورڊ، جيڪ نڪلسن، اسٽوين اسپيلبرگ، ايڊواردو گاليئنو، ڊئگو مارادونا، اولور اسٽون، نام چامسڪي انيڪ بيا پڻ.

- فڊيل ڪاسٽرو جي اڳواٽيءَ هيٺ هن جي ننڍڙي (هڪ لک هم چورس ڪلوميٽر ايراضي هڪ ڪروڙ ڏهه لک آبادي) ملڪ تمام سگهاري - ڏور- رس پرڏيهي پاليسي اختيار ڪئي. ڪيوبا جي اهڙي سگهاري پرڏيهي پاليسيءَ آمريڪي اڳواڻن کي مات ڏئي ڇڏي آهي جيڪي نه ڪاسٽرو کي مارائڻ يا سندس تختو اونڌو ڪرڻ ئي ناڪام نه ٿيا بلڪ ڪيوبا جي انقلاب کي ڏگَ تان هٽائڻ پڻ ناڪام رهيا آهن.

- آمريڪا ڪيوبا جي خلاف هڪ مسلسل اڻ کٽ ميڊيا وار (Media War) هلائيندو رهيو آهي. سرد جنگ وارن ڏهاڙن وانگر اڄ به فلوريڊا مان نشر ٿيندڙ طاقتور نشريات- ريڊيو مارٽي ٽي وي مارٽي وسيلي پروپيگنڊا جاري آهي. آمريڪي حڪمران پنهنجن اڳوڻن ادارن جهڙن نيشنل انڊومينٽ فار ڊيموڪريسيءَ (NED)- (هي اين جي او 1983ع صدر ريگن ٺاهي) وسيلي ڪيوبا مخالف پروپيگنڊا گروپن جي مالي مدد ڪندا آهن. مثال طور، ايسوسئيٽڊ پريس مطابق (NED) 2005ع يورپ اندر ڪيوبا جي خلاف ڪم ڪندڙ تنظيمن کي 2.4 ملين ڊالر ڏنا. هتي ته هڪ ٻيو ادارو (USAID)- يونائيٽڊ اسٽيٽس ايجنسي فار انٽرنيشنل ڊولپمينٽ- به آهي جيڪو 1996ع کان وٺي هيل تائين فلوريڊا سرگرم ڪاسٽرو- مخالف گروپن کي 65 ملين ڊالر ڏئي چڪو آهي. بش حڪومت مئي 2004ع 80 ملين ڊالرن جو هڪ امدادي فنڊ قائم ڪري اِها رقم انهن گروپن ورهائي. دنيا جا ڪيترائي صحافي ڪاسٽرو مخالف واويلا واسطي پگهار تي رکيا ويا آهن.

ان رقم مان ڪجهه رقم ڪيوبا جي حڪومت خلاف دهشتگرديءَ ڪندڙ تنظيمن کي به ملي ٿي. جهڙوڪ- الفا 66 اوميگا 7“ انهن دهشتگرد تنظيمن جا هيڊڪوارٽر فلوريڊا آهن، اتي سندن تربيتي مرڪز آهن، جتي ماڻهن کي تربيت ڏئي بم هٿيار ڪيوبا موڪلي دهشتگرديءَ جون ڪارروايون ڪيون وڃن ٿيون- هي سڀ آمريڪي اختيارين مرضيءَ مطابق ٿي رهيو آهي. گذريل چاليهه سالن ڪيوبا جا 3500 کان وڌيڪ ماڻهو

اهڙين دهشتگرد ڪارروائين جو ڪاچ ٿي چڪا آهن بن هزارن کان وڌيڪ ماڻهو هميشه لاءِ معذور ٿي ويا آهن. دهشتگرديءَ سبب مرندڙ ماڻهن جو تعداد سڀ کان گهٽو ڪيوبا ۾ آهي ۽ ان ملڪ ڏاڍو نقصان برداشت ڪيو آهي.

ڪيوبا اڄ به دنيا اندر سفارتي طور سڀ کان وڌيڪ متحرڪ ملڪن منجهان هڪ آهي. سٺ ۾ ستر وارن ڏهاڪن ۾ ڪيوبا ايل- سلواڊور، گئيٽامالا، نڪارا گوئا، ڪولمبيا، وينزويلا، بوليويا، ارجنٽينا جي مزاحمتي تحريڪن جي عسڪري امداد ڪئي. ايٿوپيا ۽ انگولا جي آزاديءَ وارين اهم لڙاين ۾ ڪيوبا پنهنجا فوجي موڪليا. حقيقت ۾ انگولا اندر ڪيوبا جي فوجين هٿان ڏکڻ آفريڪي فوجين جي شڪست نيٺ ڏکڻ آفريڪا جي نسل پرست حڪومت کي ڍاهي پٽ ڪري ڇڏيو ۽ نيلسن منڊيلا کي آزادي ملي. نيلسن منڊيلا ڪاسترو سان پنهنجي دوستيءَ ۾ ڏکڻ آفريڪي ماڻهن تي ڪيوبا جي انقلاب پاران ڪيل احسان هر پيري ياد ڪندو آهي.

- ڪاسترو ڳالهائي ٿو:

- مان سمجهان ٿو ته اڻويهين صديءَ جي غلامن جي حالت (اڄوڪي) هيٺيءَ جي رهاڪن کان چڱي هئي. غلام آقا جي ملڪيت هئا ۽ آقا غلامن جو ’خيال‘ رکندا هئا جيئن ماڻهو پنهنجن جانورن جو خيال رکي ٿو. کين داڻو پاڻي ڏئي ٿو، جانورن جي صحت تي توجهه ڏئي ٿو. پر سرمايدار ائين ڪونهي. ڪيس بظاهر ’آزاد‘ پورهيت (اڳوڻي غلام) جي صحت، کاڌ خوراڪ جي ڪابه پرواهه ڪونهي.


فديل ڪاسترو ۽ ڪرنل قذافي

- مون پاڻ هڙئو، پنهنجي آڌار تي، ڪل سماج تي سوال ڪرڻ شروع ڪيو- سچ پچ ته منهنجي مدد لاءِ ڪو هوئي ڪونه. ننڍڙي عمر ۾ ئي اهڙن تجربن مون کي ناانصافي، ذلت ۽ ماڻهوءَ جي ٿيندڙ بي عزتي ۾ اهڙن اسوچ نوع جون برايون پسڻ سيکاريون. مون شعور حاصل ڪرڻ شروع ڪيو. ٻچڙائيءَ آڏو مجبور ٿي ماٺ ڪري ويهڻ مون سکيو ئي ڪونهي. مون ۾

انصاف، اخلاق ۽ برابريءَ جي احساس جو جنم ٿيو. هي سيئي ويچار ۽ منهنجي باغياڻي طبيعت: مڙني گڏجي منهنجي سياسي توڙي انقلاب جنم مارگ تي ڪافي گهرا اثر وڌا.

- ميونخ اهو هنڌ هو جتي انگلستان ۽ فرانس- تڏهوڪا سپ ڪان وڏا بينڪيتي سامراج- گڏجي هٽلر کي سوويت يونين تي حملو ڪرڻ لاءِ زور پرڻ جو طئي ڪيو. آءٌ نٿو سمجهان ته اِهي سامراجي منصوبا هٽلر- اسٽالن معاهدي کي درست ثابت ڪن ٿا. اهو معاهدو نهايت سخت ثابت ٿيو. هڙئي ڪميونسٽ پارٽيون ”مولوتوف/ بنتروپ پيڪٽ- هٽلر جو روس سان اڳرائي نه ڪرڻ وارو معاهدو- کي مڃڻ لاءِ مجبور هيون ۽ ان مجبوريءَ انهن پارٽين منجهان رت ست چوسي، سياسي موت ماري ڇڏيو. اهي تمام سخت ۽ ڳرا قدم هئا پر اهڙا ڪيترائي قدم، هڪ ٻئي پويان ڪٽڻا تي پين. دنيا جا سپ ڪان وڌيڪ منظم ڪميونسٽ آڪٽوبر انقلاب سان سپ ڪان وڌيڪ وفادار ڪميونسٽ لاطيني آمريڪا جا ڪميونسٽ آهن ۽ انهن منجهان وڌيڪ سچا ڪيوبائي ڪميونسٽ پارٽيءَ جا ماڻهو هئا. مون کي ڪيوبائي ڪميونسٽ پارٽيءَ لاءِ هميشه گهري عزت رهي ۽ اڄ به آهي.

- مون مارڪس ۽ لينن کي گهٽي ڪان گهٽو پڙهڻ شروع ڪيو. مون کي اينگلس ۽ بين ليکڪن کي به پڙهيو ٿي. معاشيات ۽ فلسفي جا موضوع، پر گهٽو ڪري سياسي ڪتاب پڙهندو هئس- سياسي نظريا، مارڪس جي سياسي ٿيوري.

مارڪس ۽ ”ڪميونسٽ پڌرنامو“ ڪان علاوه ”فرانس جي گهرو ويڙهه“، ”نيولين جو ارڙهون بروميئر“، ”گوٿا پروگرام تي تنقيد“ ۽ ٻيا سياسي نوعيت جا ڪتاب وڌيڪ وڻندا هئا. مون کي مارڪس جي سادگي، ٻليدان، سوچ جي سگهه ۽ سنجيدگي ڏاڍو متاثر ڪندي هئي.لينن ۽ مون ”رياست ۽ انقلاب“ ۽ ”سامراجيت سرمائيداريءَ جي آخري شڪل“ پڙهيا. ان ڪان علاوه مختلف موضوعن تي لينن جون تنقيدون پڻ پڙهيم. پورهيت طبقي جي حالتن بابت اينگلز جي ڪتاب مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو. اينلگز جو هڪ ٻيو ڪتاب ”فطرت جي جدليات“ مون کي ڏاڍو دلچسپ لڳو جنهن ۾ هو لکي ٿو ته هڪ ڏينهن سج اجهامي ويندو، ستارن ۽ برندڙ اولن جو بارڻ ختم ٿي ويندو، سج جي روشني ختم ٿي ويندي. اينگلس اهي ڳالهيون تڏهن ڪيون

جـڏهن اچا اسـتيفن هاڪنگ جو ”بريف هسـٽري آف ٽـائيم“ يا آئنسٽائين جي رليٽوٽيءَ جي ٿيوريءَ جو جنم نه ٿيو هو.

- جڏهن باتيستا ملڪ تي فوجي راڄ قائم ٿيو، يعني 10 مـارچ 1952ع، تڏهن يـاد ٿو پـويم ته گهڻن ئي دوسـتن گـڏجي لينن جو ڪتاب ”ڇا ڪرڻو آهي؟ (What is to be done?) پڙهيوسين ته جيئن موجوده حالتن مان نڪرڻ واسطي ڪو رستو ملي پوي.

- جي ڪرسـٽوفر ڪـولمبس وٽ قطب نما (Compass) نه هجي ها ته هو ڪيڏانهن به نه وڃي سـگهي هـا. پر وٽس ”قطب نما“ هو. مون وٽ به ”قطب نما“ هو: مـارڪس ۽ لينن منهنجي ”قطب نما“ آهن. اخلاقيات مون مارتيءَ کان سکي.

- رائول اڳ ۾ ئي ڪابيءَ ڌر طرف لاڙو رکندو هو. پر سچ پچ رائول کي مارڪس ۽ لينن سان مون متعارف ڪرايو.

- مارڪس جي مَتي جو بنياد سرمايدار ملڪن اندر پيداواري قـوتن جو ارتقا آهي. مـارڪس سـمجهيو ٿي ته پـورهيت طبقي جي اوسر سـرمايداريءَ کي ختم ڪـري ڇڏينـدي. اِها ڳالهه مـارڪس ان وقت لکي جـڏهن آمريڪا ميڪسـيڪو تي حملو ڪـري رهيو هو يعـني 1845ع ۾. مـارڪس لکي ٿـو، مـون کي ڪنهن ٻـڌايو آهي تـه، آمريڪا پـاران ميڪسـيڪو تي قبضو هڪ هاڪاري عمل ثابت ٿيندو. ڇاڪاڻ جو اهو قبضو پيداواري قـوتن، پورهيت طبقي ۽ اهـڙن تضـادن کي زور وٺرائينـدو جيڪي حتمي شـڪل ۾ سوشـلزم ڏانهن وڪ کڻنـدا. اها مـارڪس جي ٿيـوري هئي. ماڻهو ان وقت بيٺڪيتن (Colonies) جي مسـئلن تي گهٽ ڳالهائيندا هئا. لينن اهو پهريون ماڻهو هو جنهن سوشلسٽ نقطئه نظر جي بنياد تي بيٺڪيتن ۽ سامراجيت جي مسئلي تي ڳالهايو.

- ڪي مـاڻهو چـون ٿا ته چي گـويرا ٽراٽسـڪائيءِ لاڙو رکنـدو هو. نه، نه. مـان توهـان کي ٻـڌايان ٿو ته چي ڇا هـو. چي گـويرا سـان منهنجي پهـرين ملاقـات وقت ئي هو سياسي تعليم جي حـوالي سـان گهڻو اسـريل هـو. هُن مـارڪس، اينگلز ۽ لينن جا ڪتـاب پڙهيا هئـا. هو مارڪسسٽ هـو. مـون ڪـڏهن به ڪيس ٽراٽسڪيءَ بابت ڳالهائيندي ڪونه ٻڌو. هو مارڪس جو، لينن جو دفـاع ڪنـدو هو ۽ اسـٽالن تي تنقيد ڪنـدو هـو. يا ائين ڪـٽي ڇئجي ته هُو شخصيت پرستي ۾



اسـتالن جي غلطين تي تنقيد ڪنـدو هـو. . . پر حقيقت ۾ مـون ڪڏهن به چي گـويرا کي تراتسـڪيءَ بـابت ڳالهائينـدي نه بـڌو. چي گـــويرا لينسٽ هو ۽ هڪ حد تـــائين اســـتالن جي گڻن کي سارهائيندو هو. جهڙوڪ صنعتڪاري، ۽ اهڙا ٻيا عمل وغيره.

سچ هي آهي ته آءٌ پنهنجي اندر ۾ استالن تي چي کان وڌيڪ تنقيـدي هئس. هن کي غلطيـون ڪيـون. مـان سـمجهان ٿو ته 1941ع ۾ ســـوويت روس تي ٿيل هٽلـــري حملي جو ذميـــوار استالن آهي. چاڪاڻ جو سوويت روس جـون فوجـون ان حملي لاءِ تيار نه هيون. استالن کي وڌيڪ سخت غلطيـون ٻڻ ڪيـون. مثال طور طاقت جو غلط استعمال، جـبر، شخصـيت پرسـتي ۽ سندس ذاتي خصلتون وغيره. تنهن هوندي به سـوويت روس کي صـنعتڪاريءَ طـرف وٺي وڃڻ ۾ اسـتالن تمـام گهڻي اهليت جو اظهار به ڪيو آهي. ملٽري اندسٽريءَ کي سائبيريا طرف منتقل ڪيائين. اهي فيصلا سچ پچ ته نازي ازم سان ويڙهه ۾ فيصـلائتي حيثيت رکن ٿا.

سـو، آءٌ اسـتالن جي گڻن ۽ سـندس وڏين غلطين جو تجربو ڪنـدو آهيـان- هڪ وڏي غلطي جنهن ۾ هن نـازي جرمـنيءَ جي غلط انفارميشن جي بنيـاد تي سـرخ فـوج مـان گهڻن ئي مـاڻهن کي تڙي ڪڍيو جڏهن سبب سوويت روس ويـتر ڪمـزور ٿي ويو ۽ اِهو اُهو دؤر آهي جنهن سوويت فاشي حملي هيٺ هو.

- ارنيسٽ هيمنگريءِ جو ناول ”فار هوم دي بيل ٽالس“ مون شاگرديءَ واري زماني ۾ پڙهيو. پائيان ٿو ته ان کان پوءِ به گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا اهو نـاول وري پڙهيو اٿم. . . اسـان کي، غـير رسمي جنگ ڪيئن هوندي آهي؟ ان جو صرف اندازو ئي هـو. پر اِهو ناول پڙهڻ کان پوءِ خبر پئي ته وِيڙهه جو تجربو ڪيئن هجي ٿـو. اهـڙيءَ ريت هي ڪتـاب منهنجي زنـدگيءَ جو هڪ چاتل سـچاتل حصو ٿي ٻيـو. مـان هميشه ان کي پڙهنـدو هـوس، ان ڏانهن رجوع ڪندو هوس. ان مان اتساهه وٺندو هوس، تـڏهن به جڏهن اسان شاگرد نه پر حقيقي گوريلا ٻڻجي وڙهياسين ٿي.

- سـئيرا جي بهـاڙن ۾ مــون گـــوريلا عـــورتن جو هڪ جٿو ”ميرناز“
جوڙيو. اسان ثابت ڪيو ته عورتون به مردن جيان زبردست ويڙهاڪ ٿي سگهن ٿيون. تڏهن ”مـردانيت“ سـان حقيقي ويڙهه

پڻ ڪرڻي پئي. اسان وٽ گهٽ وزن وارن بهترين هٿيارن جي ضرورت هئي. مرد گوريلن کي ڌني وئي. مرد گوريلن کي ڳهپ هئي جيڪا عورت گوريلن کي ڏني وئي. مرد گوريلن اعتراض واريو ته ”M-1 جهڙو هٿيار هڪ عورت کي ڪيئن ٿو ڏئي سگهجي؟“ تڏهن بتيستا جي خلاف آخري، فيصلائتي حملي جون تياريون ڪري رهيا هئاسين. مون مرد گوريلن کي چيو، ”بڌو! اوهان کي خبر آهي ته عورت گوريلا اسان سان گڏ چو آهن- ان لاءِ جو هو توهان کان وڌيڪ بهتر ويڙهاڪ آهن.“

- ”آپريشن پيٽريان“-

هن آپريشن تحت ڪيوبا جي چوڏهن هزار ٻارن کي اغوا ڪيو ويو. انقلاب جي دشمنن اِها افواهه ڦهلائي ته انقلاب ماڻهن کان سندن ٻار ڦرڻ چاهي ٿو. اِهو شوشو ڇڏڻ ڪانپوءِ ماڻهن کي خوف ڏئي، ملڪ جا چوڏهن هزار ٻار لڪ ڇُپ آمريڪا موڪليا ويا. انقلاب مخالف ڪيترائي ڪئٿولڪ پادري ميامي جا پادري ان ڪُڌي ڪم ملوث هئا. . . ڪو وقت پوءِ شولوڪوف جو ناول ” دان وهندو رهيو “ پيا ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ اندازو ٿيم. مون کي ان چال جي خبر اڳم ڪونه هئي ته ڪو شولوڪوف جي ناول لکڻ مهل به روس اندر اهڙي قسم جا افواهه ڦهلايا ويا هئا.

- مارچ 1960ع آمريڪي صدر آئزن هاور ڪيوبا جي انقلاب جو خاتمو ڪرڻ واسطي هڪ سگهاري ”پروپيگنڊا تحريڪ“ هلائڻ جو حڪم ڏنو. . . نومبر 1961ع، ڪيوبا تي آمريڪي حملي کان پوءِ، جنوري 1963ع تائين- يعني چوڏهن مهينن اندر- آمريڪا جي طرفان ڪيوبا تي 5780 دهشتگرد حملا ڪارروايون ڪيون ويون. انهن ڪاروايُن مان 717 ڪارروايون شديد قسم جون آهن جن صنعتن تي حملا وغيره شامل آهن. اهڙن حملن جي ڪري 234 ماڻهو موت جو ڪاڄ بڻجي ويا. ڪيوبا دنيا جو اُهو واحد ملڪ آهي جنهن تي (آمريڪا جي طفيلين طرفان) سڀ کان وڌيڪ دهشتگرد حملا ٿيا آهن.

- 1971ع صدر نڪسن جي دؤر سي آءِ اي جي مهربانيءَ سان ڪيوبا هڪ وچڙندڙ بيماريءَ ”سوائن فيور “ جو حملو ڪيو ويو. ان بيماريءَ جي ڪري اسان پنج لک جانور مارڻ تي مجبور ٿياسين. ان وائرس جي شروعات آفريڪا ٿي هئي تاريخ ڪڏهن به ان جو حملو ڪيوبا تي ڪونه ٿيو هو. پر

آمريڪا ۾ پيرا اهو وائرس ڪيوبا ڏانهن موڪليو.
ان کان پوءِ به وڌيڪ خوفناڪ ڪم ڪيا اٿن. 1981ع ٽائيپ ٽو ڊينگي وائرس- جيڪو انسانن هيمريجڪ بخار جو سبب بڻجي ٿو- ڪيوبا ڏانهن موڪليائون 350000 کان وڌيڪ ماڻهو ان حملي جو شڪار ٿيا، جن مان 158 ماڻهو مري ويا جن 107 ٻار هئا. دنيا ان وقت اهو وائرس ڪٿي به ڪونه هو. ليبارٽريءَ اُهو وائرس ٺاهي اسان ڏانهن موڪليائون. ڪيوبا مخالف دهشتگرد تنظيم "اميگا- 7" جيڪا فلوريڊا منظم ٿيل آهي تنهن جي هڪ اڳواڻ 1984ع اعتراف ڪيو ته هنن ئي دراصل اهو وائرس ڪيوبا ڏانهن موڪليو سندن مقصد وڌ کان وڌ ماڻهو مارڻ هو. منهنجي ذات تي جيڪي حملا ٿيا آهن اِهو ته اڃا هڪ الڳ داستان آهي. مون تي لڳ ڀڳ 600 موتمار حملا ٿيا آهن.
سندن هڪ ايجنٽ هو جنهن کي منهنجي چاڪليٽ ملڪ شيڪ سائينائيڊ جي گوري وجهڻي هئي. مان پنهنجو پسنديده مشروب بيٺڻ هوٽل هوانا لبري جي ڪافي شاپ ويندو هئس. ٿيو ائين جو اهو سائينائيڊ فريزر جي برف سان چنبڙي پيو استعمال نه ٿي سگهيو.
جنهن ريڊيو اسٽيشن تي آءٌ تقرير ڪرڻ ويندو هئس اتي ٽي وي اسٽوڊيو موتمار ڪيميڪل جو اسپري ڪيو ويو. پئي پيري منهنجن سگريٽن تي هڪ زهريلي ڪيميڪل جو اسپري ڪيائون. جڏهن 1971ع آءٌ چلي ويس ته تڏهن هڪ ٽي وي ڪيميرا هٿيار لڪائي منهنجي صفا آڏو اچي بيٺا. پر جڏهن ڏٺن ته گولي هلائڻ شرط هو پاڻ به مارجي ويندا ان ڪري خوف ٿين گولي نه هلائي سگهيا.
آخري وڏو حملو 2000ع ٿيو. ان حملي جو ذميوار پوسادا ڪاريليس آهي. ان شخص 1976ع به ڪيوبا جو جهاز ڌماڪي سان تباهه ڪيو هو. پر مسئلو اهو آهي ته آمريڪا ڪاريليس کي اسان جي حوالي ڪرڻ کان انڪاري آهي. چاڪاڻ جو اهي سيئي حملا آمريڪي ڌوڪڙن سبب ممڪن ٿيا.


برزنيف ۽ فديل ڪاسترو

آمريڪا جا اُهي ادارا ۽ سهولتون جن ڪيوبا مخالف دهشتگردن کي تربيت ڏني آهي تن ساڳين ئي ادارن نومبر 2001ع ۾ ٽوئن ٽاور تي حملو ڪندڙن کي پڻ تربيت ڏني هئي. ان حملي ۾ هزارين بيڏوهي مارجي ويا.

- آمريڪا اسان جي خلاف گوريلا حڪمت عملي کي پڻ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪيوبا تي سڌو حملو (1961ع) ڪرڻ کان اڳ ۾ ڌاڙيلن کي تربيت ڏئي ويڙهه شروع ڪرايائون. ڌاڙيلن (Bandidos) خلاف ويڙهه ۾ اسان جا جيترا ماڻهو مارجي ويا اوترا بتيستا خلاف مزاحمت ۾ به ڪونه مئا. آمريڪين سدائين ائين ڪيو آهي. 1938ع ۾ صدر لازادو ڪارديناز جي دؤر ۾ جڏهن ميڪسيڪو تيل جي صنعت کي قوميائڻ شروع ڪيو، تڏهن به 1954ع ۾ گوئٽامالا جي جيڪبو اربانيز جي انقلاب کي ختم ڪرڻ. سلوادور آلندي جي سڌارن خلاف وڏو ممڻ مچاين. نڪارگوا جي ساندِ نيستا انقلاب خلاف به ساڳيا ڪم ڪيائون. سيني انقلابن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون اٿن. اڄ ڪالهه هيوگو چاويز جي بوليوارين انقلاب جي ڪڍ لڳا آهن.

- 17 اپريل 1961ع تي آمريڪا طرفان تيار ڪيل 1500 پاڙيتو ڪيوبن رد- انقلابين پنجن آمريڪي جهازن وسيلي ڪيوبا جي ساحل تي حملو شروع ڪري ڏنو. ساحل کان ڪجهه ميل پري آمريڪي بيڙو- يو. ايس. ايس. ايسنس ۾ آمريڪي فوجي- ميرينس- تيار بيٺا هئا ته جيئن ئي سندن پاڙيتو حملا آور اسان کي مات ڏين ته هي همراهه سندن مدد لاءِ دوڙندا اچي پهچن. انهن پاڙيتو فوجن جي مدد لاءِ آمريڪي B-26 هوائي جهاز جن کي آمريڪا پائليٽ ۾ بتيستا جا اڳوڻا حمايتي فوجي اڏائي رهيا هئا به تيار هئا. جڏهن حملو ٿيو ته ان جي بئي ڏينهن مون پنهنجي انقلاب لاءِ ”سوشلسٽ“ جو نالو استعمال ڪيو. . . رڳو 60 ڪلاڪن اندر اسان ان اڳرائيءَ کي شڪست ڏني. اسان جا 150 جوان شهيد ٿيا. سندن 1200 پاڙيتو گرفتار ڪياسون.

آمريڪي فوجي اکين سان اِهو سڀ ڪجهه ڏسندا رهجي ويا.
- سـيپٽمبر 2005ع ۾ جــڏهن ســاموندي طوفــان ڪيٽرينا آمــريڪي رياست نيو آرليــانس تي حملو ڪيو تــڏهن اســان آمريڪي حڪومت کي امداد آڇي. اسان کين 1610 ڊاڪٽر آڇيا، ۽ جڏهن طوفان ٻيو ڀيرو حملو ڪيو ته اسان آمريڪي حڪــومت کي اجا وڌيڪ امداد جي آڇ ڏني پر آمريڪي حڪومت جي اجائي هوڏ پنهنجا شهري ته مرڻ ڏنا پر ڪيوبا جي امداد قبول نه ڪئي. اڄ ڪيوبا جا ٽيهه هزار ڊاڪٽر دنيا جي غريب ملڪن ۾ عــوام کي مفت علاج فراهم ڪــري رهيا آهن. پنهنجي عــوام جي لاءِ اسـان وٽ چاليهه هـزار ڊاڪــٽر آهن. اسـان جي مـاڻهن جي سراسـري عمر لڳ ڀڳ اسي سـال آهي. ايـڊز جي حـوالي سـان اسـان جو تناسب 0.07 آهي ۽ اِهو دنيا جو گهٽ ۾ گهٽ ســـــيڪڙو آهي. ڪيوبا جا ڊاڪٽر پاڪسـتان جي زلـزلي سـتيل مـاڻهن جي امـداد ڪري تاريخ جو هڪ عظيم باب رقم ڪري رهيا آهن (ياد رهي ته ڪيوبا پاڪستاني نوجوانن لاءِ هڪ هزار ڊاڪٽريءَ جون اســڪالر شپون ڏنيون آهن جنهن تحت هڪ هزار پاڪستاني نوجوان مفت ۾ ڪيوبا انـــدر ڊاڪـــٽريءَ جي تعليم حاصل ڪـــري رهيا آهن- مترجم)
- آمريڪا ڏکڻ آفريڪـا- نسل پرسـت، فاشي ڏکڻ آفريڪــا- کي ڪيــترائي ائٽم بم ڏنــا، اهــڙا ائٽم بم جيڪي هيروشــيما ۽ ناگاســاڪيءَ ۾ اســتعمال ڪيا ويا هئـا. ان جو مطلب اِهو ٿيو ته انگولا جي آزاديءَ جي جنگ- اها اِهم ڳالهه مـاڻهو اڪـثر وسـاري ويهندا‌آهن- ڪيوبا ۽ انگولا جي فوجين گڏجي هڪ اهـڙي فـوج ۽ حڪومت خلاف وڙهي ٿي جنهن وٽ اٺ ائٽم بم هئا، جيڪي کين آمريڪا ڏنــا، انــدروني طــور اســرائيل پڻ ڏکڻ آفــريڪي نسل پرست رياست جي مــدد ٿي ڪــئي. . . هڪ ڏينهن مــون نيلسن منڊيلا کان سوال ڪيو "جناب صـدر! ڇا توهـان کي خـبر آهي ته ڏکڻ آفريڪا ۾ اُهي ائٽم بم ڪــيئن ۽ ڪتـان آيـا؟" منــڊيلا وراڻي ڏني، "نه. مون کي پتو ڪونهي." مون وري ســوال ڪيو "توهـان جي فوجي جرنيلن توهان کي ڇا ٻـڌايو آهي؟" منـڊيلا چيو "انهن ته مـــون کي ان مـــامري بـــابت ڪجهه به ڪونه ٻـــڌايو." انهن معــاملن بــابت مــاڻهو جــاڻين ئي ڪونه ٿا ۽ هينــئر ته ڪو انهن سوالن تي ڳالهائي به ڪونه ٿو. اسان جا فوجي جيڪي انگــولا ۾

ٻين ملڪن جي آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ مدد واسطي ويا هئا سي مئي 1991ع ۾ واپس وريا. ان امداد جي ڪري انگولا کي آزادي ملي، مارچ 1990ع ۾ نيميبا آزاد ٿيو. زمبابوي جي آزاديءَ ۾ ٻڻ اسان جي فوجين جو اهم ڪردار آهي ۾ خود ڏکڻ آفريڪا جي نسل پرست رياست کي ڪيرائڻ ۾ اسان جو اهم ڪردار رهيو آهي. انگولا جي آزاديءَ جي جنگ ۾ تقريباً ٽي لک بين الاقوامي ويڙهاڪن ڀرو ورتو، جن ۾ ڪيوبا جا پنجاهه هزار ماڻهو به شامل هئا. گِني ۾ ڪيپ وردي جي آزاديءَ جي تحريڪ- آفريڪن پارٽي فار انڊيپينڊنس آف گني اينڊ ڪيپ وردي- جنهن جي اڳواڻي ڪئبرال ڪري رهيو هو، تنهن جدوجهد ۾ ٻڻ ڪيوبا جي ماڻهن جو خون شامل آهي. ڪيوبا اهو ڪجهه ڪيو جيڪو جڳ مشهور سامراجيت مخالف اڳواڻ ڪئبرال چيو.

”ڪيوبا جا ويڙهاڪ اسان جي ملڪن کي آزاد ڪرائڻ واسطي پنهنجي جان قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهن. اسان جي آزاديءَ ۾ اسان جي عوام جي ترقي جي عيوض هو هتان ڇا ٿا ڪٽي وڃن؟ واحد شيءِ جيڪا هو اِتان ڪٽي وڃن ٿا سي انهن شهيدن جا لاش آهن جيڪي اسان جي آزاديءَ جي جنگ وڙهندي شهيد ٿين ٿا.“

- ڪي ماڻهو آهن جيڪي ڪيوبا مان وڃڻ گهرن ٿا. ڪين ڪار ڪيي، ڪين ڪنزيومر سوسائٽيءَ- ڪائو سماج- ۾ رهڻو آهي. اهڙو سماج جنهن کي اشتهار تمام سهڻو ڪري پيش ڪن ٿا. چينين کان به ساڳيو سوال پڇي ڏسو. هو چين ڇڏي چو ٿا وڃن؟ چين تمام وڏي ترقي ڪئي آهي. مان رڳو انقلاب جي حاصلاتن جي ئي ڳالهه نٿو ڪريان. چين جي ترقيءَ جي شرح 10 سيڪڙو ساليانو آهي. پر ڏسو ته توهان کي 800 کان 1000 چينين سان سٽيل لانچون ملنديون جيڪي چين مان ڀڄڻ گهرن ٿا.



- مان سوويت روس جي ڪنهن به غلطيءَ جو دفاع ڪرڻ ۾ دلچسپي نٿو رکان. پر مان سمجهان ٿو ته ٽڪنڙي صنعتڪاري روس جي مجبوري ٿي بڻئي هئي چو ته اولهه جا

ملڪ روس جي ناڪابنــدي ڪيو بيٺا هئــا، روس تي حملا ڪــري رهيا هئا، روس سان جنگ ڪري رهيا هئا. جيڪڏهن روس تڪڙي صــنعتڪاري نه ڪـــري ها ته ملڪ نـــازي جرمـــنيءَ جو حملو برداشت نه ڪري سگهي ها. جنگ جي دؤران هنن فيڪٽرين کي سائبيريا جي برف ڌانهن منتقل ڪيو ۽ پيداوار شروع ڪري ڏني. برف ۾، ٿڌ ۾، مٽي تي ڪا ڇت به ڪو هئن! اهو عظيم ڪارنـامو هـو، شـايد ان جنگ جو سڀ کـان عظيم تـرين ڪارنـامو هـو، ان جنگ ۾ ڪي اهم سياسي غلطيــون پڻ ٿيــون ۽ اِهــائي شـــيءِ- سياسي غلطي- ئي اِها واحد شـيءِ آهي جـتي مـاڻهو سڀ کـان خطرناڪ غلطيون ڪري ٿو.

- جي اســان به ”پروســترويئڪا“ جو واهپو ڪيـــون ها ته آمريڪا ڏادو خـــوش ٿـــئي ها ڇاڪـــاڻ جو ســـوويت روس ”پروسترويئڪا“ جي ڪري پاڻ کي تباهه ڪـري ڇـڏيو. اسـان به جيڪڏهن ڏهن تولن ۾ ورهائجي اقتـدار جي ويڙهه وڙهـون ها ته آمريڪا سڀ کان وڌيڪ سَرهو ٿـئي ها ۽ چـوي ها ”اسـان هـاٽي ڪيوبا جي انقلاب مان جان آجي ڪرائڻ وارا آهيون.“

- گلوبائيزيشن بابت مون چيو، اسان صبر سان گلوبائيزيشن جي خاتمي جو انتظـار ڪنداسـين.“ اِها ڳالهه مـون تـڏهن ڪـئي جڏهن اسٽيگلٽز اڃا ڪي به ڪتـاب ڪونه لکيا هئـا. گلوبائيزيشن جي مزاحمت ڪرڻ جي ضرورت آهي. . . دنيا ۾ سرمايه داري- ڇٽا پيـتي ڪنـدڙ سـرمايداري- ڪـونهي. هـتي هڪ هـٿين جو راڄ آهي.


فديل ڪاسترو ۽ سئيڪارنو

- مـــون ڪيــترائي فـــرينچ اديب پڙهيا آهن، جن منهنجي ذهـــــني اوسر ۾ انســـاني جــــذبن کي ســمجهڻ ۾ ڪـافي مـدد ڪـئي آهي. مـــون تي وڪـــٽر هيوگـــو- ادب، فلســـــفي، ۽ سياست جو هڪ ديو- جو تمـام گهڻو اثر رهيو آهي پنهنجي دؤر ڪـــــــان گهڻو اسـريل هـو. پـئرس ڪميـون جو دفاع ڪيائين، انهن ويڙهاڪن لاءِ عام معـافيءَ جي گهر ڪيـائين. عورتن کي ووٽ جو حق ملڻ جي حمايت ڪيائين. چئي سگهجي

تو ته ”دکي انسان“ ۾ سروانٽيز جو ناول ”ڊان کيھوتي“ اھڙا ڪتاب آھن جن مون تي تمام گھڻو اثر ڇڏيو. . . گھڻو وقت ڪونه ٿيو آھي جو وينزويلا جي صدر ھيوگو چاويز، جيڪو تمام گھڻو پاڙھو آھي، اوچتو وڪٽر ھيوگو جو نالو ڪنيو. ھو ان وقت ”دکي انسان“ پڙھي رھيو ھو. چاويز پنھنجي تقرير ۾ جلسن ۾ ان ڪتاب جا جام حوالا ڏيندو آھي. . . چون ٿا ته ڪارل مارڪس بالزاڪ کي ڏاڍو پسند ڪندو ھو- پڌو اٿم ته مارڪس سروانٽيز جي ”ڊان کيھوتي“ جي پڻ ساراھه ڪندو ھو. توھان کي ”ڪميونسٽ پڌرنامو“ ۾ بالزاڪ جي اسٽائيل جي جھلڪ پڻ نظر ايندي. . . مون بالزاڪ کي جام پڙھيو آھي. خاص ڪري جيل وارن ڏھاڙن ۾ (1953-55ع). مون کي قيد وارا ڏينھن ڏاڍو ياد ايندا آھن جو آءٌ سڄو ڏينھن پڙھي سگھندو ھئس. رومان رولينڊ به تمام تاھوڪو ليکڪ آھي. تمام وڏو انسان دوست، امن دوست اديب آھي ۾ سندس نثر لاجواب آھي. گانڌيءَ سان مليو ته عدم تشدد جو حامي بڻجي پيو. بھرين مھاياري لڙائي جي مخالفت ڪيائين. سوويت يونين جي حمايت ڪيائين. موسيقيءَ سان محبت ھئس. سندس عظيم ناول ”جان ڪرسٽوفي“ جا ڏھه جا ڏھه جلد مون پڙھيا آھن.

- ان ”آزاد ميڊيا“ ۾ ڪير ڳالھائيندو آھي؟ ڪنھن جي لاءِ ڳالھائيو آھي؟ ڪير لکندو آھي؟ ان ميڊيا ۾ اُھا ئي ڳالھه ڳالھائي ويندي آھي جيڪا اخبارن ۾ ٽي وي چئنلن جا مالڪ چاھيندا آھن ۾ ليکڪ به اُھي ئي آھن جيڪي مالڪن طرفان چونڊيل ھوندا آھن، ماٺھو ”اظھار جي آزاديءَ“ جون ڳالھيون ڪن ٿا، پر حقيقت ۾ چا جو ھو دفاع ڪري رھيا آھن؟ بنيادي طور تي ذاتي ملڪيت جو. ڪيوبا ۾ ڪابه ذاتي ملڪيت ڪونھي ۾ عوامي ميڊيا تي به ڪا ملڪيت ڪونھي. اسان چاليھن سالن کان وٺي اجگر جيڏي پاڙيسريءَ ملڪ سان منھن ڏنو آھي، تن ھن تي سوال اٿارڻ کان بھتر آھي ته اسان جي ماڻھن کان سوال ڪيو وڃي ته ھو پاڻ کي آزاد محسوس ڪن ٿا يا نه.

منھنجو پگھار- موجود وقت ۾ پنجويھه پئسوز في ڊالر جي حساب سان ماھوار ٽيھه ڊالر


ياسر عرفات ۽ فڊيل ڪاسترو


آهي- (لڳ ڀڳ 2500 پاڪستاني رپيا. مترجم) پر مان ٻڪ ڪونه ٿو مران. پارٽيءَ جي فيس ادا ڪندو آهيان. . . ناناٽي پاسي ڪان هڪ ماسيءَ جي مدد ڪندو آهيان. مان پنهنجو دفاع نٿو ڪريان پر اوهان هي ڳالهيون ٻڌي شايد ٺهڪ ڏيندؤ. ٻه ڀيرا منهنجو نالو دنيا جي امير ترين ماڻهن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو آهي. مونکي ڪوبه پتو ڪونهي ته هو ائين ڇو ٿا ڪن، ڪهڙا مقصد حاصل ڪرڻ ٿا چاهين؟ مشڪرا آهن! مون کي پنهنجو ذاتي ٽڪو به ڪونهي. منهنجي ذاتي اڪائونٽ ۾ پائي به ڪونهي. رياست جي آفيس آف ايڊمنسٽريشن صدارت جي عهدي سان وابسته سمورن خرچن جو انتظام سنڀاليندي آهي جيئن ڪيڏانهن وڃڻ ٿيو ته ڪهڙي هوٽل ۾ رهبو ۾ ڇا کائبو وغيره. پر ذاتي طور تي مان ڪيسي ۾ ٽڪو به نه ڪڻندو آهيان. چئي سگهجي ٿو ته هڪ فارمولو استعمال ڪيو وڃي ٿو: هر ڪنهن کي ان جي ضرورت مطابق ۾ هر ڪنهن کان ان جي صلاحيت مطابق. منهنجون ذاتي ضرورتون تمام ٿورڙيون آهن. منهنجي ٻگهار ۾ ڪڏهن به ڪو اضافو نه ٿيو آهي. آءٌ ٻنا ٻئسي ۾ ڏوڪڙ جي عظيم موت مرندس. پنهنجون ”يادگيريون“ ۾ ٻيا ڪتاب لکڻ لاءِ مون کي لکين ڊالرن جي آڇ ٿي، پر مون ائين نه ڪيو. مون هميشه چيو آهي ته ”جي مان ڪتاب لکندس ته صرف اسڪولن لاءِ لکندس“ ماڻهو کي جڏهن اها سوچ ذهن ۾ هجي ته ماڻهو جو ذهن آرام ۾ هوندو آهي. هڪ انقلابيءَ لاءِ ڪابه ناانصافي سوچي سگهڻ جهڙي به ڪونهي- ڪڏهن به نه.

اسان جي ملڪ جا دروازا هر سوال لاءِ کليل آهن. اسان توهان کي ڪڏهن به ڪوڙ نه ٻڌائينداسين.

مارڪس وٽ "ماڻهو" جو تصور (قسط ٽين)

ايرڪ فرام / شاهه عنايت

5: ويڳاڻپ:



هڪ اهڙي فعال ۽ ڪارائتي ماڻهو جي تصور کي (جيڪو پنهنجي صلاحيتن سان خارجي دُنيا تي گرفت حاصل ڪري يا ڪيس پنهنجو ڪري) سمجهي ئي نه ٿو سگهجي جيستائين ماڻهو جي ان سچاڻپ جي اُبتڙ تصور يعني سندس ويڳاڻپ کي نه سمجهجي. مارڪس چئي ٿو ته انساني تاريخ اصل ۾ هڪ پاسي (هر گُذرندڙ دور سان گڏ) وڌندڙ انساني آزادي ۽ اختيار ته ٻئي پاسي (اُن وڌندڙ آزادي ۽ اختيار سان گڏ اوسر ڪندڙ) انساني ويڳاڻپ جي تاريخ آهي. مارڪس جو سوشلزم وارو تصور انسان جي ان ويڳاڻپ منجهان آزادي، ماڻهو جي پنهنجي ذات، پنهنجي اصل ڏانهن واپسي يا سندس پنهنجي ذات جي تڪميل جو ئي تصور آهي.

ويڳاڻپ يا اويرائپ منجهان مارڪس جي مُراد هڪ اهڙي حالت آهي جنهن منجهه ماڻهو دُنيا (فطرت، سماج ۽ سندس پنهنجي ذات) تي گرفت حاصل ڪندي، محنت ڪندي يا پنهنجو پورهيو ارپيندي پنهنجو پاڻ کي بي اختيار، ويڳاڻو يا مفعولي محسوس ڪري. اهي سڀ (يعني فطرت، سماج ۽ سندس پنهنجي ذات) توڻي جو سندس ئي تخليق هُجن، تنهن هوندي به ڪائنس مٿانهان، زورآور ۽ وڌيڪ سندس مخالف ٿي بيهن. سادن لفظن ۾ ويڳاڻپ هڪ اهڙي حالت آهي جنهن منجهه ڪو ماڻهو دُنيا يا پنهنجي ذات آڏو بيوس ۽ بي عمل بڻجي رهجي وڃي (ايئن جيئن ڪائنس سندس ڪارج، سندس عمل جي سگهه ۽

فيصلي توڙي مالڪي جو اختيار ڪسجي ويو هُجي).

اولهه جي سوچ ۾ ساڃاهه منجهه ويڳاڻپ جي ان تصور جو ڀرپور اظهار بُراڻي عهدنامي ۾ موجود بُت پرستيءَ واري تصور جي صورت ۾ ٿيو. مختلف دورن ۾ ايندڙ پيغمبرن جي بُت پرستيءَ تي تنقيد جو جوهر اهو نه هو ته ڪو هڪ خُدا بجاءِ گهڻن خُدائُن جي پوڄا ڪئي ٿي وڃي. ان جي اُبتڙ بُت پرستيءَ تي تنقيد جو ڳر اصل ۾ اهو هو ته ماڻهو پنهنجي ئي هٿن سان ناهيل ڪنهن شيءِ جي پُوڄا ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟ اهي ته فقط اُهي شيون آهن جيڪي ماڻهو جي پنهنجي تخليق آهن ۾ ماڻهو جيڪو سندن خالق آهي اُهو ڪيئن سندن آڏو سِر ٿو جهُڪائي؟ هُو جڏهن ايئن ڪري ٿو ته اصل ۾ پنهنجو پاڻ ڪي شيءِ ٻڌائي ٿو ڇڏي. هو پنهنجي زندگيءَ ۾ اختيار جون خاصيتون اُن شيءِ ڏانهن منتقل ٿو ڪري ڇڏي ۾ بجاءِ ان جي جو هُو پنهنجو پاڻ کي خالق سمجهي ۾ مجي، هُو پنهنجي ان "خلقڻ" واري خاصيت کي ڪنهن ٻي شيءِ حوالي ڪري اُن جي پُوڄا ٿو ڪري. هُو سندس زندگيءَ منجهه موجود توانائي ۾ سگهه کان ڪٽجي ٿو وڃي ۾ سندس ئي ذات ۾ موجود اُن "زندگي، توانائي ۾ سگهه" کي سڌيءَ ريت سُڃاڻڻ بجاءِ ڪين ڪنهن بُت ۾ بند طاقتون ٻڌائي ساڻن اڻسڌي ريت ملي ٿو. انهن مُردار، خالي ۾ ڪوڪلن بُتن تي ڳالهائيندي انجيل چئي ٿو ته "(انهن کي) اکيون ته آهن پر ڏسن نه ٿا، ڪن ته اٿن پر ٻُڌن نه ٿا." ايئن پوءِ ماڻهو جيترو جيترو پنهنجي زندگي، طاقت ۾ اختيار بُتن حوالي ڪندو ويندو، هُو پاڻ ان معاملي ۾ اوترو ئي مُفلس ٿيندو ويندو، ۾ انهن ئي بُتن جو تابعدار ٿيندو ويندو ته جيئن اُهي ڪيس اُن سڀ منجهان ڪا ذري هُن کي واپس ڏين جيڪو سڀ هُن جو پنهنجو ئي هو. ياد رهي ته اهو بُت ڪا خُدا جهڙي هستي، رياست، ڪا عبادت گاهه، ڪو فرد يا ٻي ڪا به شيءَ به ٿي سگهي ٿي. بُت پرستي پنهنجي شڪل صورت تبديل ڪندي رهي ٿي. ضروري ناهي ته اوهان کي اها هر جاءِ تي اُن پُراڻي مذهبي پيرائي منجهه ئي ملي. سادن لفظن ۾ بُت پرستي هر دور ۾ هڪ اهڙو عمل آهي جنهن ۾ ماڻهو ڪنهن اهڙي شي جي پُوڄا شروع ٿو ڪري جيڪا هُن پاڻ ناهي آهي. ان ويڳاڻپ کوڙ سارين شڪلين

منجهان سيني ڪان وڌيڪ ملندڙ شڪل بولي ۾ موجود ويڳاڻپ جي آهي. ان ڳالهه کي هيئن سمجهائي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن مان ڪنهن احساس کي اظهارڻ لاءِ ڪنهن لفظ جو استعمال ڪيان ٿو، مثال طور مان چوان ٿو ته “مونکي تمام گهڻو ڏک رسيو آهي.” هاڻ اهو ڏک جو لفظ هڪ نشاني يا اُهڃاڻ آهي جنهن جي مدد سان مان پنهنجي اندر جي ڪنهن ڪيفيت جو اظهار ڪيان ٿو. توڙي جو هر لفظ لاڳاپيل، عمل، ڪيفيت يا حالت جو اُهڃاڻ ئي هوندو آهي تنهن هوندي به سندس اظهار ڪيس پنهنجي هڪ الڳ زندگي ٿو ڏئي وٺي ۾ اُهي لفظ هڪ جيئري جاڳندي حقيقت بڻجيو پون. اهو گُمان ايترو ته طاقتور هوندو آهي جو چيل لفظ لاڳاپيل احساس جي جيئري جاڳندي تجربي جهڙو ئي محسوس ٿيڻ لڳندو آهي. بوليءَ منجهه موجود ويڳاڻپ جي ذريعي ويڳاڻپ جي تصور کي سندس سمورين خاصيتن سميت سمجهي سگهجي ٿو. پر بولي انسان جي اڄ تائين جي چند قيمتي ترين حاصلاتن منجهان هڪ آهي ۾ جي ڪو ايئن سوچي ٿو ته هُو نه ڳالهائي ويڳاڻپ کان بچي ويندو ته پوءِ اها سندس بيوقوفي ئي ٿيندي. تنهن هوندي به ڳالهايل لفظن جي نرگسيت جي نقصانن کان آگاهه رهڻ پڻ تمام ضروري آهي ڇاڪاڻ ته ڪٿي ڪٿي اهي لفظ پاڻ ئي ڪنهن عملي تجربي جي جاءِ والاري وٺندا آهن. بوليءَ تي لاڳو ٿيندڙ ساڳيو ئي اصول انسان جي بين حاصلاتن جهڙوڪ خيال، فن يا ماڻهو جي ئي ناهيل ڪنهن به بي شيءِ تي لاڳو ڪري سگهجي ٿو. اهي سڀ شيون ماڻهو جي پنهنجي ئي تخليق آهن ۾ توڙي جو هڪ سُڪي ۾ سهولت پري زندگيءَ لاءِ ڏاڍيون سهڪاري آهن. تنهن جي باوجود به اهي ماڻهو کي پُلائڻ ۾ پنيلائڻ لاءِ ڪوڙڪين مثل پڻ استعمال ٿي سگهن ٿيون (ڇاڪاڻ ته) انهن ئي شين جي ڪري ماڻهو زندگيءَ جي جاءِ تي شين، اصل (تجربي) جي جاءِ تي نقل (مصنوعيت) ۾ جيئرن جاڳندڙ احساسن جي جاءِ تي تسليم ۾ اطاعت منجهه قاسي ويندو آهي.

ارڙهين ۾ اوڻويهين صديءَ جي مفڪرن پنهنجي دور جي ڪوڪلائپ، فضول بڻي ۾ ڪترپڻي تي چوهه چنديا آهن. گوئٽي، شِلر، فيختي يا اسپنوزا پڻ مارڪس ۾ هيگل جيان انسان جي

ڪُجهه تخليق ڪرڻ ۾ ڪارائتو ٿيڻ ڪي ئي سنڌس زندگيءَ جو جوهر سمجهندا هُئا. گوئٽي چئي ٿو ته ”خُدائي (تخليق، زندگي، روشني، اوسر، ڪارج، سونهن ۽ سچ) اُن شخص منجهه ئي جيئي ٿي جيڪو پاڻ جيئرو آهي، جيڪو پاڻ ڪي هر دم نئون ڪندو رهي ٿو، هر وقت ڪُجهه بيو بڻجندو رهي ٿو ۽ اڳتي ڪان اڳتي اوسر جا ڏاڪا طيءِ ڪندو رهي ٿو. اها ڪنهن اهڙي ماڻهو منجهه نه ٿي جي سگهي جيڪو اڳ ئي مڪمل، قطعي يا بيٺل هُجي ۽ اوسر، تبديلي، يا نواڻ جو انڪاري هُجي. ان ئي ڪري سچ، ساڃاهه يا ڪائناتي عقل پنهنجي اصل يا تڪميل جي سفر ۾ صرف جيئرن ۽ اوسر ڪندڙ ماڻهن وٽ ئي بيهي ٿو جڏهن ته مُردار، ڪٽر ۽ تبديليءَ جي انڪاري ماڻهن وٽ صرف حرفت ئي مهمان ٿيندي آهي.“ مارڪس پڻ پنهنجي دور تي هڪ عمومي تنقيد ڪندي چوندو هو ته ”هي اُهو دور آهي جنهن منجهه سچ جذبي ڪان ۽ جذبو سچ ڪان وانجهيل آهي.“ پال ٽِلچ درست چيو آهي ته بنيادي طور ڪيرڪگارڊ ڪان شروع ٿيندڙ سچو وجودي فلسفو ”صنعتي سماج ۾ انسان ڪي غيرانساني بڻائڻ خلاف هڪ سو سالن ڪان به طويل بغاوت ۽ مزاحمت ئي هُئي.“ جيڪڏهن ايئن ڪٽي چئجي ته غير ڌرمي ٻوليءَ منجهه جنهن شيءِ ڪي اسين ويڳاڻپ چئون ٿا، اِها اُها ساڳي ئي شيءِ آهي جنهن ڪي ڌرمي ٻولي ۾ ”گُناهه“ چئجي ٿو ته ڪجهه گهٽو غلط نه ٿيندو. چاڪاڻ ته ڌرمي ٻولي ۾ گُناهه هڪ اهڙو عمل يا ڪا اهڙي ڪرت آهي جنهن منجهه ماڻهو پنهنجي اصل ڪان، سندس ذات اندر موجود خُدا (تخليق، زندگي، روشني، اوسر، ڪارج، سونهن ۽ سچ) ڪان ڪٽجي يا ڌار ٿي وڃي ٿي. هيگل اهو فيلسوف هو جنهن سڀ ڪان پهريان ويڳاڻپ جو فلسفو پيش ڪيو. هُن مطابق انساني تاريخ انساني اوسر سان ڳڙوڳڏ انساني ويڳاڻپ جي اوسر جي تاريخ پڻ آهي. پنهنجي ڪتاب، ’تاريخ جو فلسفو‘ ۾ هيگل لکي ٿو ته ”شعور حقيقت ۾ ان ئي جُهد ۾ جُنبيل آهي ته پنهنجي خيال ڪي عملي حقيقت جو روپ ڏئي. پر ان سعيي ۾ سندس مقصد سندس پنهنجن ئي نظرن ڪان لڪي ويو آهي ۽ شعور پنهنجي اهڙي ويڳاڻپ تي نه صرف مطمئن آهي پر انتهائي خوش پڻ آهي.“ هيگل جيان مارڪس وٽ پڻ ڏيک ۾ جوهر ۾ فرق، اها حقيقت ته ماڻهو پنهنجي جوهر ڪان ڪٽجي ڌار

ٿي ويو آهي، هو عملي طــور اُهو نــاهي ٿي ســگهيو جيڪو هو امڪاني طـور ٿي سـگهيو ٿي، يا پـوءِ ايئن ڪـٽي چئجي ته هُو اهو بڻجي نـاهي سـگهيو جيڪو ڪيس بڻجڻو هو وغـيره. ئي اُهي بنيـاد آهن جن تي سندس ويڳاڻپ جو فلسفو آڌاريل آهي.

مــارڪس وٽ ويڳــاڻپ جي ان تصــور جي اوسر انســاني پورهــئي ۾ ســندس اوسر منجهه پنهنجو اظهــار ڪـــري ٿي. مــارڪس ســمجهي ٿو ته اهو پورهيو ئي آهي جيڪو مــاڻهو کي فطرت سان هڪڙي متحرڪ ۽ عملي لاڳـاپي منجهه جـوڙي ٿـو، مــاڻهو پورهــئي ذريعي هڪ نــئين دُنيا تخليق ڪـري ٿو ۽ ان ئي عمل ۾ هو پاڻ پنهنجي ذات کي بڻ جوڙي ۽ ناهي ٿو. (مـارڪس ذهني پورهئي کي بڻ هميشه ايئن ئي لايـائتو ڪم سـمجهندو هو جيئن جسماني يا فني پورهئي کي.) پر جيئن جـيئن پورهـئي جي ورڇ ۾ (ڪنهن حد تـائين اُن جي نـتيجي طـور) ذاتي ملڪيت جي اوسر ٿي ته انسـاني پورهـئي ڪـان سـندس انسـاني سـگهه جي اظهار وارو ڪارج ڪسجي ويـو. هـاڻي پورهيو ۽ سـندس پيـداوار مـاڻهو جي ذات جي واڌاري (Extension) بجـاءِ پنهنجي خـالق جي ذات، سندس مقصد ۽ منصوبي ڪان ڌار ۽ ڪٽيل ڪي وجـود بڻجي ويا. مارڪس چئي ٿو ته ”انسـاني پورهـئي منجهـان نهنـدڙ شــيءِ هــاڻي ڪــانئس ڌار، حقيقت ۾ ســندس مد مقابــل، هڪ ويڳـاڻي وجـود طـور اڀي بيـني آهي. اها هڪ اهـڙي قـوت بڻجي وئي آهي جيڪا پنهنجي خالق ڪان آزاد آهي. پورهئي جي پيداوار، نهنـدڙ شـي، هڪ اهـڙي شي آهي جيڪا اُن سـاڳئي ئي پورهـئي جي تجسـيم (Embodiment) آهي.“ پورهيو هـاڻي ويڳـاڻو آهي چاڪاڻ ته اهو پورهيت جي فطرت جو حصو ناهي رهيو. ”نتيجي طـور مـاڻهو هـاڻي پورهـئي ذريعي پنهنجي پورڻتا تي نه ٿو پُجي بلڪه پنهنجي ذات جو انڪاري ٿو ٿئي. ان پورهئي سبب منجهس خوشيءَ ۽ خوشحالي جي احساس بجاءِ اهنج ۽ آزار جنم وٺي ٿو ۽ اهو سندس ذهني ۽ جسماني صلاحيتن کي اوسر ڏيـارڻ بجـاءِ کيس جسماني طور ٿڪـائي چـوُر ٿو ڪـري ۽ روحـاني طـور دل شڪستو! اهو ئي سـبب آهي جو هڪ پـورهيت صـرف تـڏهن ئي سڪون ماڻي ٿو جڏهن هو ڪـم نه ٿو ڪري (چاڪــاڻ ته اهو ڪم کيس سڪون ڏئي ئي نه ٿو سـگهي جيڪو سـندس پورڻتا کي نه اظهاري).“ ايئن پوءِ پيداوار جي ان پـوري عمل ۾ هڪ پـورهيت

جي سندس ڪيل پورهئي سان تعلق جي نوعيت اها ئي ٿي پيهي ته اهو پورهيو هُن جي ذات جي تڪميل بڻجڻ بجاءِ ڪائنس الڳ هڪ ويڳاڻي شيءِ ٿو بڻجيو وڃي. سندس تحرڪ ڪيس مانارڻ ٿو لڳي، سندس طاقت ڪيس ڪمزور ٿي ڪرڻ لڳي سندس تخليقي صلاحيت ڪيس ئي سُند ٿي بڻائڻ لڳي جڏهن پوءِ ايئن ماڻهو پنهنجو پاڻ ڪان ويڳاڻو ٿو ٿئي ته سندس پورهئي منجهان پيدا ٿيندڙ شيءِ ”هڪ اهڙي اجنبي ذاري قوت ٿي بڻجي وڃي جيڪا ڪيس پنهنجو غُلام ٿي بڻائي ڇڏي.“ مارڪس مٿئين سڄي بحث ٻن نقطن تي گهڻو زور ٿو ڏئي.

1: پورهئي جي عمل ، خاص ڪري سرمائيداري حالتن اندر ٿيندڙ پورهئي منجهه ماڻهو پنهنجي تخليقي صلاحيتن ڪان وانجهجي ٿو وڃي.

2: ماڻهو جي پورهئي جي پيداوار، شيون ڪائنس ڌار ويڳاڻا وجود ٿيون بڻجي وڃن دير سوير متس حُڪمران ٿي ٿيون وڃن. هڪ اهڙي طاقت ٿيون بڻجي وڃن جيڪا پنهنجي پيدا ڪرڻ واري ڪان آزاد هُجي. ايئن پوءِ صورتحال اُن نهج تي ٿي وڃي پُهچي جو ”پورهيتن جي پيداوار لاءِ جيئرو رکيو ٿو وڃي نه ڪي پيداوار کي پورهيتن لاءِ!“

هتي مارڪس بابت هڪ بي غلط راءِ جو ذڪر ٻڻ ضروري آهي ڇاڪاڻ ته مارڪس بابت اها راءِ ڪوڙ سارن سوشلسٽن منجهه ٻڻ عام جام ملي ٿي. ڪجهه ماڻهو سمجهن ٿا ته مارڪس جو بنيادي نقطو پورهيتن جو معاشي استحصال هُيو. مارڪس جڻ اهو ٿي چوڻ چاهيو ته پورهيتن کي پيداوار منجهان جيترو حصو ملڻ گهُرجي اوترو نه ٿو ملي. يا اهو ته جيئن ته هُو پيداوار جو خالق آهي انڪري اها سرمائيدار بجاءِ اُن جي ملڪيت هُجڻ ڪبي. پر جيئن آءٌ اڳ به واضح ڪري آيو آهيان ته مارڪس جي مٿي جو سوُر اهو نه هو ته سمورن ماڻهن کي پگهار هڪ جيترو ملي. ان جي برعڪس مارڪس ماڻهوءَ کي هڪ اهڙي ڪم منجهان نجات ڏيارڻ ٿي چاهي جيڪو سندس انفراديت کي ختم ٿو ڪري، ڪيس وڪري جي جنس ٿو بڻائي ڇڏي ڪيس شين جي غُلاميءَ منجهه ٿو قٿو ڪري. مارڪس ٻڻ ايئن ئي ماڻهو جي آجپي جو خواهشمند هو جيئن وجودي

فيلسوف ڪيرڪگارڊ هو. سندس سرمائيدار نظام تي تنقيد صرف اُن جي دولت جي ورهاست جي اڻ برابريءَ تي بدل طريقيڪار سبب نه بلڪه سندس پوري پيداواري طريقيڪار، سندس انفراديت جي ڪوس ۾ سندس ماڻهن کي غُلام بڻائڻ واري عمل سبب هُئي چاڪاڻ ته اها اهڙي غُلامي آهي جنهن ۾ پورهيت پورهيت خود نه بلڪه سرمائيدارن جا سرمائيدار بئي پنهنجن ئي تاهيل شين ۾ حالتن جا غُلام بڻجي تا وڃن.

مارڪس پنهنجي ڳالهه کي اتي ختم نه ٿو ڪري بلڪه ان کان پڻ اڳتي وڃي ٿو. هُو سمجهي ٿو ته هڪ اهڙو پورهيو جيڪو ويڳاڙو ناهي سو ماڻهو کي نه صرف سندس ذات کي مڪمل ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو، بلڪه پوري انسان ذات جي انسانيت، ماڻهپي جي پورڙتا جو پڻ حصو هُجي ٿو. هيگل ۾ بين روشن خيال فيلسوفن جيان مارڪس پڻ اهو مڃيندو هو ته ”هر فرد پنهنجي پوري نسل (Species)، سڄي انسانذات، انسانيت جي ڪائناتي تصور جو اظهار آهي. هڪ فرد جي اوسر پوري انسان ذات جي اوسر آهي. پورهئي جي عمل ۾ ماڻهو ”نه صرف پنهنجي ذات جي شعوري افزائش ٿو ڪري (ڪجهه نئون سکي ٿو) بلڪه پنهنجي عملي سرگرميءَ ذريعي هو پنهنجو پاڻ کي اُن دُنيا منجهه پڻ اظهاري ٿو جيڪا هُن تخليق ڪئي آهي. ايئن پوءِ جڏهن ويڳاڙو پورهيو ماڻهو کان سندس تخليق کي ڌار ٿو ڪري ته ڪائنس سندس ماڻهپو پڻ کسي ٿو وٺي.“ جيئن آءٌ اڳ ئي چئي آيس ته مارڪس سمجهندو هو ته پورهئي جي ويڳاڙپ ٽوڙي انسان جي سموري سماجي تاريخ جي حصو رهي آهي، پر اها پنهنجي چوٽي تي اچي سرمائيداري سماج منجهه پُهچندي آهي ۾ اهو پورهيت طبقو ئي آهي جيڪو ان ويڳاڙپ جو سيني کان وڏيڪ شڪار ٿيندو آهي. مارڪس جي اهڙي نتيجي تي پُهچڻ جو بنياد اها حقيقت هُئي ته هڪ پورهيت، جنهن کي سندس ڪم جي سمت طيءِ ڪرڻ جو ڪو حق ناهي، پيسن يا اجوري عيوض، بين لفظن ۾ سرمائي تي سندس آڌار سبب، جڏهن مشينن جي هڪ ڪل پُرزي وانگي استعمال ڪيو وڃي ٿو، ته هُو پڻ هڪ پُرزو يا شيءِ ئي بڻجي وڃي ٿو. ان ئي ڪري مارڪس مڃيندو هو ته ”غُلامي ۾ ذاتي ملڪيت منجهان سڄي سماج جي

آزاديءَ جي سياسي صورت پورهيتن جي سرمائي منجهان آزادي آهي.“ هتي اهو سمجهڻ ضروري آهي ته پورهيتن جي اها آزادي مجموعي آزاديءَ جو ڪو جُزوي يا لاڳاپيل نه بلڪه اُهو بنيادي حصو آهي جنهن ذريعي ئي سڄي انسان ذات جي آزادي ممڪن ٿي سگهي ٿي. چاڪاڻ ته سماج ۾ موجود انساني غلاميءَ جون سموريون صورتون پورهيت جي پيداوار سان تعلق واري بنيادي تعلق منجهان ئي ڦُٽي نڪرن ٿيون.

هتي هڪ ٻيو ٻيهر واضح ٿئي ٿو ته مارڪس جو مقصد صرف پورهيت طبقي جي آزادي تائين محدود نه هو بلڪه هُن ته آزاد ۽ اڻ ويڳاڙي پورهئي جي بحالي ذريعي سڄي انسان ذات جي مڪمل آزاديءَ جي ڳُهر رکي آهي، هڪ اهڙو سماج جنهن جو محور ۽ مقصد شين جي پيداوار نه بلڪه جيئرا جاڳندا ماڻهو هُجن، هڪ اهڙي دُنيا جنهن منجهه انسان انسان ٻڻجي سگهي نه ڪي وحشي ۽ خونخوار ديو! مارڪس پورهئي جي ويڳاڙي پيداوار واري تصور کي پنهنجي ڪتاب ”سرمائي“ ۾ ”شين/جنسُن جي پوجا“واري اصطلاح ذريعي ٻڻ ڏادي سگهاري انداز ۾ اظهاريو آهي. سرمائيداراڻي پيداوار جيئرن ماڻهن جي جيئرن تعلقن کي شين جي خاصيتن منجهه تبديل ڪري ڇڏي ٿي (سادن لفظن ۾ هر جنس (Commodity) صرف هڪ شيء نه پر لاڳاپيل سماج جي پيداواري تعلقن جو اظهار ٻڻ ٻڻجي وڃي ٿي.) ۽ اها اُها تبديلي آهي جيڪا سرمائيداري پيداوار منجهه جنسُن جي فطرت تي بنياد رکي ٿي. اها صورتحال اوستائين نه ٿي بدلجي سگهي جيستائين هڪ اهڙو سماج قائم آهي جنهن ۾ پورهيتن جو وجود جنسن جي قدر وڌائڻ خاطر استعمال ٿيندو رهي ٿو، نه ڪي اهي جنسون يا شيون پورهيتن جي زندگيءَ کي بهتر ڪرڻ خاطر! مارڪس چئي ٿو ته ”جيئن ڌرمن ۾ ماڻهو پنهنجن ئي هٿن سان ٺاهيل شين جي پُوجا ڪندو آهي، ايئن ئي سرمائيداراڻي پيداوار ۾ ٻڻ ماڻهو پنهنجين ئي ٺاهيل شين جي تابع ٿي ٿو وڃي.“

سرمائيداراڻي دور ۾ ماڻهو جي پنهنجي ئي ٺاهيل شين کان ويڳاڻپ جنهن نهج تي وڃي پُهتي آهي اُن جو ته دستڪاراڻي دور (Guild System) ۾ تصور به نه ٿي ٿي سگهيو. مارڪس لکي ٿو ته ”دستڪاري يا هٿ جي هُنر ۾ اهو پورهيت آهي جنهن جي

هٿ ۾ اوزار هوندو آهي ۽ هو اُن جو استعمال ڪندو آهي، جڏهن ته ڪنهن ڪارخاني ۾ (حقيقت ان جي اُلٽ هوندي آهي جتي) اهو اوزار (مشين) هوندو آهي جيڪو سندس استعمال ڪندو آهي. هُتي ۾ هتي ۾ فرق اهو آهي ته هُتي اوزار سندس مرضي ۽ طريقي سان هلندو آهي ۽ هِتي ڪيس اُن اوزار جي مرضي ۽ طريقي مطابق هلڻو پوندو آهي. دستڪاريءَ منجهه پورهيت هڪ جيئري جاڳندي ۽ تخليقي ڪِرت جو حصو هوندو آهي جڏهن ته ڪنهن ڪارخاني ۾ اهو ساڳيو ئي پورهيت فقط هڪ بي جان ۽ ڪائنٽس مڪمل طور بي نياز ڪِرت ۾ ڦاٿل هوندو آهي جنهن ۾ سندس ڪردار هڪ خالق جو نه بلڪه محظ ڪم ۾ مددگار ڪنهن شيءِ يا اضافي اوزار جيترو هوندو آهي.“ مارڪس کي پوريءَ ريت سمجهڻ لاءِ اهو ڏسڻ انتهائي ضروري آهي ته ’فلسفياڻا ۽ معاشي دستاويز‘ لکڻ واري نوجوان مارڪس کان وبندي سرمائي (جهڙي امُلهه ڪتاب) سرجڻ واري جهوني مارڪس تائين اهو ويڳاڻپ جو تصور ڪيئن سندس ذري گهٽ سمورين لکٽين ۾ هڪ بنيادي تصور جي صورت ۾ موجود رهيو آهي. مٿي ڏنل مثالن کي جيڪر پاسي تي به رکجي ته مارڪس جي انهن بنهي ڪتابن منجهان ڏنل هيٺيان به مثال نوجواني کان وبندي پيريءَ تائين سندس ان خيال ۾ موجود ربط کي سمجهائڻ لاءِ ڪافي هوندا.

نوجوان مارڪس ’فلسفياڻا ۽ معاشي دستاويز‘ ۾ لکي ٿو ته ”اها حقيقت ان ڳالهه ڏانهن اشارو آهي ته پورهيئي منجهان تخليق ٿيندڙ شيءِ يعني پيداوار، پنهنجي خالق کان آزاد هڪ ويڳاڻو وجود بڻجي سندس مد مُخالف ٿي بيهي ٿي. پورهيئي جي پيداوار بڻ پوهيو ئي آهي جيڪو ان شيءِ منجهه مجسم ڪيو ويو آهي ۽ ان معنى ۾ اها شيءِ اُن پورهيئي جي تجسيم آهي. ايئن پوءِ پورهيئي جو عمل (سبب) پورهيئي جي تجسيم (نتيجي) ۾ پنهنجو چيهه ڪري ٿو. سياسي معيشت ۾ پورهيت جو پورهيو ضايع ٿيڻ، پورهيت جو سُند ٿيڻ اُهو سبب آهي جنهن جي نتيجي ۾ پيداوار جي غُلامي يا ويڳاڻپ جنم وٺي ٿي.“

جهُونو مارڪس پنهنجي ڪتاب ”سرمايو“ ۾ لکي ٿو ته ”سرمائيداري نظام ۾ پورهيئي جي سماجي پيداوار کي هٿي ڏيارڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ سمورا طور طريقا پورهيت جي قيمت

تي ئي اسـتعمال ٿيندا آهن. ڳالهه کي سـمجهائڻ لاءِ ايئن کـڻي رکجي ته اُهي سمورا جتن جيکي هي نظام سماجي پيداوار کي وڌائڻ لاءِ ڪري ٿو سي پنهنجيءِ نتيجي ۾ پورهيت کي غُلام بنائڻ، سندس قُرلُت ڪرڻ، منجهس موجود ماڻهپي کي نيست ۽ نـابود ڪرڻ، کيس ماڻهو مان مثائي مشينن جي ڪنهن اضافي پُرزي ۾ تبديل ڪـرڻ، پـورهيت لاءِ تخليـق، تعمـير ۽ سـندس تڪميل جي حيـثيت رکنـدڙ سـندس پورهـئي منجهـان اهي تخليـق، تعمـير ۽ تڪميل جا عنصر ختم ڪري ان پورهئي کي پـورهيت لاءِ هڪ بي معنى، اجائي ۽ نفرت جـوڳي ڪِـرت بڻـائي ڇـڏڻ جو ڪُـڌو ڪم ڪن ٿا.“

مـــارڪس ان حقيقت کــــان بڻ چڱي ريت واقف هو ته اها ذاتي ملڪيت ئي آهي (اُها ملڪيت جيڪا وڏيڪ ملڪيت ٺـاهڻ لاءِ اسـتعمال ٿـئي ٿي نه کي عـام واهـپي جي شـين جي ملڪيت) جيڪا ويڳـاڻپ جي ان مـرض جو مُک ڪـارڻ آهي. هُو لکي ٿو ته ”ذاتي ملڪيت، ويڳاڻي پورهئي جو لازمي نتيجو آهي. اها پورهيت جي پنهنجي ذات ۾ فطرت سان خـارجي، ٽُـٽـل، ۽ اجنبيـاڻي تعلق سبب جنم وٺي ٿي. ايئن پـوءِ ذاتي ملڪيت جو تصـور بڻ ويڳـاڻي پورهئي، ويڳاڻي ماڻهو، ويڳاڻي زنـدگيءَ جي تصـورن منجهـان ئي جنم وٺي ٿو.“

(سرمائيداري نظام منجهه) ايئن ناهي ته صرف سندس ئي ناهيل شيون ماڻهو مٿـان حُڪمـران بڻجي وڃن ٿيـون، بلڪه اُهي سياسي ۽ سماجي حـالتون بڻ مٿس غـالب اچي وڃن ٿيـون جن جو خـالق هُو پـاڻ آهي. مـارڪس لکي ٿو ته “اسـانجي ئي پيـدا ڪيل شين جو هڪ اهڙو استحڪام جيڪو هڪ معروضي طـاقت بڻجي اسان مٿـان قـابض ٿي وڃي، اسـان جي اختيـار کـان ٻـاهر نڪري وڃي، اسان جي اُميدُن ۽ منصوبن تي پـاڻي ڦـيري ڇـڏي، سو موجــوده دور تــائين جي تــاريخ جي چند بُنيــادي مُحــرڪن منجهان هڪ آهي.” ويڳاڻو ماڻهو جيڪو اها خام خيالي پـالي ويٺو آهي ته ڪو هُن فطرت کي زير ڪري ورتو آهي سو اصل ۾ پـاڻ شـــين ۽ حـــالتن جو غُلام بڻجي ويو آهي. هڪ اهـــڙي دُنيا جي محڪــوميءَ ۾ هڪ بي جــان ۽ بي معــنى پُــرزي مثل هلي رهيو آهي جيڪا خود سندس ئي طاقتُن جو هڪ جامد اظهار آهي.

مارڪس سمجهي ٿو ته پورهئي جي عمل، پيداوار ۽ حــالتن

ڪان ويڳاڻپ ماڻهو جي پنهنجي ذات، سـاٽس جُزيل بين مـاڻهُن فطرت ڪان ويڳاڻپ سان اڻُت انداز ڳنڍيل آهي. هُو چئي ٿو ته "مـاڻهو جي بين انسـانن ڪـان ويڳـاڻپ اصل سـندس پنهنجي پورهئي اُن جي پيداوار ڪان ويڳـاڻپ منجهـان ئي جنم وٺي ٿي. مـاڻهو جـذهن پنهنجي ذات جو انڪـاري ٿي بيهي ٿو ته هُو لازمي طور بين ماڻهن جو بڻ مخالف انڪـاري بڻجي وڃي ٿـو. مـاڻهو جو پنهنجي ذات، پنهنجي پورهـئي اُن جي پيـداوار سـان جيڪو تعلق رويو هوندو، سو ئي سندس بين ماڻهن، سندن پورهئي اُن جي پيداوار سـان بڻ بيهنـدو جـڏنهن اها ڳالهه ڪجي ٿي ته ماڻهو ماڻهپي (Species Life) ڪـان ويڳـاڻو آهي ته ان منجهـان مُـراد ئي اها آهي ته هر مـاڻهو پنهنجي ذات بين مـاڻهن ڪـان ساڳي ئي انداز ويڳاڻو آهي." مارڪس جي هتي مُراد اها آهي ته ماڻهو جڏنهن پنهنجي ذات بين ماڻهن کان ويڳاڻو ٿينـدو آهي ته هُو اصُل انسانيت جي جوهر يعـني مـاڻهپي ڪـان ئي ويڳـاڻو ٿي وينـدو آهي. مـاڻهو جي اهـڙي مـاڻهپي ڪـان ويڳـاڻپ ئي هڪ وجودي انابرستي (Existential Egotism) کي جنم ڏيندي آهي جنهن بابت ڳالهائينـدي مـارڪس هڪ هنڌ لکيو آهي ته ان منجهه "ماڻهو جو ماڻهپو صرف سـندس ذات يا وجـود تـائين محـدود ٿي ويندو آهي. اهو ويڳاڻو پورهيو ماڻهو ڪـان سـندس پنهنجو جسـم، خارجي فطرت، سندس ذهني توڙي انساني زندگي ڪسي (ڪيس سُند ٻٽائي) ڇڏيندو آهي."

مارڪس هـتي ذري گهٽ ڪـائنات واري ئي ڳالهه ڪـئي آهي جيڪو چئي ٿو ته ماڻهو ياڻ بُنيادي مقصد آهي نه کي ڪنهن ٻئي بُنيـادي مقصد کي حاصل ڪـرڻ جو وسـيلو. پر مـارڪس هـتي ڪانت کان به هڪ قـدم اڳـتي وڌنـدي چـئي ٿو ته مـاڻهو جو اهو جوهر، سندس ماڻهپو بڻ ڪڏنهن به صرف سندس فـردي وجـود جي تشفي تائين محدود ٿيڻ نه ڪيي. (سـادن لفظن ڪـانت ته صرف اهو چيو هو ته ماڻهو پاڻ ئي هر شيء جو مرڪز محور، ساهه ست آهي پر مارڪس ڪانت جي ان ڳالهه کي مڃينـدي وڌائينـــدي اهو به چيو ته جيڪـــڏنهن مـــاڻهو جو اهو مرڪز محور، ساهه ست صرف سندس پنهنجي ذات تائين محدود ٿي ٿو وڃي تڏهن بڻ ماڻهو اُن بنيادي مقصد تـان هـٽي ٿو وڃي.) ان نهج جي انقلابي ڳالهه يلا سواءِ مارڪس جي بيو ڪـٽي ڳـولهجي

جيڪو چـئي ٿو ته مـاڻهو منجهه موجـود مـاڻهپو طبقي، قـوم يا رياست ته پري جي ڳالهه پر سـندس پنهنجي ذات جي تڪميل ۾ فائدي لاءِ به وسيلي طور استعمال نه ڪرڻ کپي.

وپڳاڻپ سمورن سماجي قـدرن جي شـڪل صـورت بگـاڙي ڇــڏي ٿي. مــارڪس جي لفظن ۾ مــاڻهو "جــذهن معيشت ۾ سندس قدرن يعني 'ڪم ڪيـو، ڪم جو صِـلو حاصل ڪيو ۽ پـوءِ اُن حاصل ڪيل صِلي کي بچائي رکو ۽ خرچ نه ڪيو' کي پنهنجي زنــدگيءَ جو اعلى تــرين مقصد بڻــائي ٿو ڇــڏي ته منجهس اها اهليت ختم ٿي ٿي وڃي ته هُو بــاڻ منجهه حقيقي اخلاقي قـــدر پيدا ڪري سگهي. وٽس پلائي ڪرڻ ۽ پنهنجي ضـمير کي جيئرو رکڻ جا سوال ئي گُم ٿي وڃن ٿا. جو ڪيس اهو سيڪاريو ٿو وڃي ته هُو جيئرو هوندو ته پلائي ڪري به سگهندو ۽ ضمير (نـالي ڪا بيماري) پالي به سـگهندو؟ بنا زنـدگي ۽ شـين جا مـزا چکڻ جي ضـمير جا ڏنپ ڪـائڻ جو پلا ڪهـڙو ٽُڪ آهي؟ وغـيره." وپڳـاڻپ جي حالت ۾ زندگي جا معاشي ۽ اخلاقي دائرا هڪ ٻئي کان ڌار ۽ آزاد ٿي وڃن ٿا.

هڪ وپڳـاڻي جهـان ۾ مـاڻهو جي ضـرورتن جو ڇا ٿينـدو، ان ڳالهه جو ادراڪ مــارڪس کي چڱي ريت ٿي چُڪو هــو. جنهن ڇنائي سان وپڳاڻپ جي ان سڄي عمل ۽ اُن جي آخـري نـتيجي کي مارڪس ڏٺو، سـمجهيو ۽ سـندس اڳڪـتي ڪـئي سو شـايد سندس ئي ڪمال آهي. مارڪس ان مسئلي تي ڳالهائينـدي لکي ٿو ته "(سـرمائيداري جي اُبـتڙ) سـماجوادي نقطه نظر مطـابق بنيـادي اهميت مـاڻهو جي ضـرورتن جي پُـوراءُ کي ئي هونـدي. انهن ئي ضـرورتن جي پـوراءُ لاءِ نـئين مقصد سـان ۽ هڪ نـئين نظام هيٺ پيداوار ڪئي ويندي. اهو هڪ اهڙو نظام ۽ هڪ اهـڙو دور هوندو جنهن منجهه ماڻهو جي طاقت هڪ نــئين تخليقي ڌارا ملنـــدي ۽ مـــاڻهو (پنهنجي وجايل گس يعـــني) پنهنجي ذات جي تڪميل جي پيچــري تي مــوٽي اينــدو ۽ ان پورٽتا جي ســفر تي اُسـهندو." وپڳـاڻپ سـان ڀريـور سـرمائيداري سـماج ۾ مـاڻهو پنهنجي انــدر منجهه موجــود طــاقتن جو اظهــار ته ڪــري ٿو پر پنهنجي (حقيقي انســاني) ضــرورتن کي پــورو ڪـــرڻ لاءِ نـــه. (چاڪـــاڻ ته جن ضـــرورتن جي بُنيـــان هُو دوڙي ٿو سي ڪيس ماڻهپو نه ٿيـون آڇين.) سـرمائيداري سـماج انـدر "هر مـاڻهو هر

وقت هڪ ضــرورت منجهـان ئي ضــرورت پيـدا ڪــرڻ بـابت ئي سـوچيندو رهي ٿو جيڪا ڪيس هڪ نـئين قُربـاني ڏيڻ لاءِ مجبـور ڪري، ڪيس هڪ نئين انداز نظام تي ياڙڻ لاءِ راضي ڪــري ڪيس ريهي ربيي (شين جي وڏ ڪان وڏ حاصـلات جي) هڪ نـئين انـوڪي چـار قاسـائي، ڪيس اهو محسـوس ڪـرائي ته اصل خوشي مُسرت ان ئي آهي. اهڙي ٻوڙ دير سـوير اُن مـاڻهو کي معاشي تباهيءَ ڏانهن ئي وني وڃي ٿي. (هن نظام (اندر هر ماڻهو اها ئي ڪوشش ڪنـدو رهي ٿو ته بـئي مـاڻهو کـان متـيرو تـئي، متس هڪ ويڳـاڻي طـاقت جو قبضو قـائم ڪـري ته جـيئن سـندس انـا، سـندس پنهنجي اُتم هُجڻ واري احسـاس کي بـاٽي ملندو رهي. ايئن پوءِ جيئن جيئن ضـرورتن جي گهٽـائي تـئي تي، تيئن تيئن اهڙيون ويڳاڻيون شيون پڻ وڏن ٿيون جيڪي ماڻهو کي غُلام ٻڻائين ٿيون. (هن نظام هيٺ نهندڙ) هر نئين شيء هڪ بـئي کي نڳڻ، قُـــرڻ دوکو ڏيڻ جو اوزار ئي هُجي ٿي. مــــاڻهو جو ماڻهپو هر گُذرنـدڙ ڏينهن سـان گڏ گهٽجنـدو ئي رهي ٿو هُو ان معـنى وڏ کـان وڏ غــريب ٿيـنـدو ٿو وڃي. منجهس وڏ کـان وڏ دولت حاصل ڪرڻ جي خواهش وڌنـدي ئي رهي ٿي. هُو چـاهي ٿو ته وڏ کــــان وڏ دولت حاصل ڪــــري اُن دولت ســــان اُهي ويڳاڻيون شيون خريد ڪـري جيڪي سـندس مـاڻهپي کي مـارين ٿيـون يا سـندس مُخـالف آهن. هُن وٽ موجـود دولت شـين جي پيداوار جي وڌڻ سان پنهنجي طاقت قُوت وڃائينــدي رهي ٿي يعني جيئن جيئن هُن وٽ دولت وڌي ٿي تيئن تيئن سـندس شـين جي طلب ضرورت پڻ وڌندي رهي ٿي (ايئن پوءِ وٽس موجــود مطلوب شين منجهه موجود فـرق هميشه سـندس ماضي جي پيٽ وڌندو ئي رهي ٿو هڪ اهڙي مُفلسي پيدا ٿئي ٿي جيڪا هُو دولت سان به ختم نه ٿو ڪري سگهي.) ان ڪري وڏ کـان وڏ دولت حاصل ڪـــــرڻ جي ضـــــرورت ئي اُها حقيقي اڪيلي ضـرورت آهي جيڪا هي نظـام خلقي ٿو ان دولت سـرمائي جو اهو هر روز وڌنـدڙ مقـدار آهي جيڪو سندس سُجاڻپ ٻڻجي وڃي ٿو. (شـين ضـرورتن جي) گهٽـائي بي ترتيـبي سـندس اصل خاصو ٻڻجي وڃي ٿي. ان حقيقت جو اظهــار داخلي طـــور شين ضرورتن جي اهڙي واڌاري منجهه پڻ تـئي ٿو جيڪو غـير انساني، غير فطري، ڪُڏي، وانجهيل خيـالي هيچ منجهه پنهنجو

چيهه ڪري ٿـو. ذاتي ملڪيت اهو نه ٿي چـاٽي ته خـام (فطـري) ضرورت ڪي انساني (سماجي) ضرورت ڪيئن بڻـائجي. سـندس اعلى تـرين آدرش صــرف ســراب، دوکو ۽ فــريب آهي. (محل سرائن ۾ موجود) ڪو ڪـدڙو به پنهنجي آقا جي سُـتل جـذبن کي گرمـائڻ لاءِ ان ڪريل حد تـائين جتن نـاهي ڪنــدو جيــترو هي سرمائيداري نظام ۾ ان جا حـواري مـاڻهن جي ڪيسن مـان پيسا ڪڍڻ ۾ ڪين پنهنجي شيءِ وڪڻڻ لاءِ ڪندا آهن. (هن نظام ۾ هر پيـداوار هڪ اهـڙي ڪـوڙڪي، هڪ اهـڙو سـراب آهي جنهن جي مـدد سـان هڪ مـاڻهو ٻـئي کي پـاڻ ڏانهن مائل ڪـرڻ، سـندس جوهر توڙي سندس مال مٽيا ڦُرڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو ۾ هر حقيقي تـوڙي امڪـاني ضـرورت هڪ اهـڙي ڪمـزوري آهي جيڪا اوهـان کي ڪنهن ڪيءَ جيـان گهلي اُن ڪـوڙڪي يا چـار منجهه اچي ڦاسائي ٿي. جيئن ماڻهو منجهه موجود هر ڪـوت، هر عيب ڪيس خُـدا سـان جـوڙي رکي ٿـو، هڪ اهـڙو سـنڌائتو هنڌ هُجي ٿو جـتي ڪو ٻنـدت، پـروهت يا مولـوي ڏڪ هـٽي سـگهي. بلڪُل ايئن ئي ماڻهو جي ضرورت ٻڻ هڪ اهـڙو ئي موقعو هُجي ٿي جنهن جي مدد سان (سرمائيدار) ڏادي دوستاڻي انـداز سـان پنهنجي پاڙيسري تائين پُهچي ٿو ۽ کيس چئي ٿو ”اي منهنجا پيارا دوست! آءٌ تـوکي اُهو سڀ ڏيڻ لاءِ تيـار آهيـان جنهن جي تـوکي ضرورت آهي. پر هيءَ هڪ واپار آهي ۽ واپار جي اصولن کان ته تـون واقف ئي آهين. تـوکي اها ته خــبر آهي نه ته پنهنجو پــاڻ منهنجي حوالي ڪـرڻ لاءِ توکي ڪهڙي مس سان پنهنجا دستخط ڪرڻا آهن؟ آءٌ توکي دُنيا جهان جون مُسرتون آڇينـدُس. ها پر اُن جي بدلي ۾ توکان تنهنجي دولت، تنهنجي مايا ضـرور ڦُرينـدُس.) هڪ سرمائيدار ماڻهو جي گُجهين ۽ ڪُـڌين خواهشن کي پڻ ’نه‘ نه تو ڪـري، ماڻهو ۽ سندس ضرورتن جي وچ ۾ هڪ اهــڙو دلال بڻجي تو اُيري جيڪو خرچ ڪـرڻ جي شرط تي سـندس هر جـائز ۽ ناجـائز ضـرورت پـوري تو ڪــري، مــاڻهو منجهه موجـود غـير انساني خواهشن ۽ ضرورتن جي گُنجائش منجهان فائـدو وٺنـدي منجهس اهڙيون خواهشون ۽ ضرورتون پيـدا تو ڪـري ۽ نهـايت ئي ڌيان سان ماڻهو جي انهن سمورين ڪمزورين تي نظر رکندو تو اچي ته جــيئن بعد ۾ اُنهن کي دڪـڻ، ســانڊڻ ۽ ســنيالڻ جو اُجـورو طلـبي سـگهي.“ ايئن ٻـوءِ هڪ اهـڙو مـاڻهو جيڪو انهن

ويڳـــــاڻين ضـــــــرورتن ۾ خواهشن جو غُلام بڻجي ٿو وڃي سو
“جسماني ۽ روحاني طور هڪ اهـڙو وجـود بڻجي ٿو وڃي جنهن
منجهان ماڻهپو ختم ٿي ويو هُجي. مـاڻهو مـان ڦـري هڪ اهـڙي
جنس ٿو بڻجي وڃي جيڪا نه صرف پنهنجي ذات جو شعور رکي
ٿي پر پنهنجي ارادي آهر عمل پڻ ڪري سگهي ٿي.” اهـڙو کپت
جي جنس بڻيل مـاڻهو ٻـاهرين دُنيا سـان فقط هڪ ئي قسم جو
تعلق قائم ڪري سگهي ٿو چاڪـاڻ ته وٽس اُن کـان سـواءِ ٻـئي
ڪنهن تعلق جي سـاڃاهه ٻـاقي نه ٿي رهي. هـوُ دنيا سـان فقط
ان ئي صورت ۾ جُڙي سگهي ٿو جڏهن مٿس قبضو ڪندو، ڪيس
خريد ڪنـدو يا پنهنجو ڪنـدو ۾ خـرچ يا اسـتعمال ڪنـدو رهي
(چاڪاڻ ته جڏهن هو ٻـاڻ هڪ کپت جي جنس بڻجي ٿو وڃي ته
هُن لاءِ هر ٻـاهرين شـيءِ پڻ کپت جي هڪ جنس ئي آهي جنهن
کي حاصل ڪجي ۾ خـرچ ڪجي). ائين ٻـوءِ منجهس موجـود اها
ويڳاڻپ جيتري جيتري وڌندي ويندي، سندس دُنيا (۾ موجــود ٻين
شـين ۾ مـاڻهن) سـان تعلق پڻ اوتــرو اوتــرو هڪ دُڪانــدار يا
گراهڪ وارو بڻجندو ويندو. مارڪس ان جي باري ۾ لکندي چـئي
ٿو ته “اوهان جيترو جيـترو ٻـاڻ وڃائينـدا وينـدؤ، پنهنجي ذات جو
اظهار جيترو جيـترو گهٽائينـدا وينـدؤ، اوهـان اوتـري ئي رفتـار ۾
مقدار سان شيون خريد ڪندا ويندؤ، اوهـان جي زنـدگيءَ منجهه
موجود ويڳـاڻپ اوتـري ئي وڌنـدي ۾ پنهنجو ٻـاڻ کي مضـبوط ۾
مستحڪم ڪندي ويندي.”

مارڪس کان ويندي هن دؤر تائين تبـديل ٿيل وقت سـندس
ويڳاڻپ جي تصور ۾ صرف هڪ تبديلي ڪئي آهي. مارڪس اهو
مجيندو هو ته جـيئن ته اهو ٻـورهيت طبقو ئي آهي جيڪو سـماج
۾ سيني کـان وڌيڪ ويڳـاڻو هونـدو اهي ان ڪــري ويڳـاڻپ مـان
نجــات جي شــروعات پڻ ٻــورهيت طبقي جي (طبقــاتي جــبر
منجهان) نجات سان ئي ٿي سـگهندي. مـارڪس کي اهو انـدازو
نه ٿي سگهيو ته ايندڙ دؤر ۾ اها ويڳاڻپ انسان ذات جي ڪـيتري
وڏي حصي جو مقدر بڻجي ويندي ۾ خـاص ڪـري مـاڻهن جي اُن
گروهه جو جيڪو ڪارخانن ۾ مشينن بجـاءِ مـاڻهن ۾ نشـانين تي
ڪم ڪــري ٿــو. اڄ جي دور ۾ اهو ڪلــرڪ آهي، دُڪانــدار آهي،
نـــوڪري پيشه مـــاڻهو آهي جيڪو هڪ هٿ جو پورهيو ڪنـــدڙ
پورهيت کان وڌيڪ ويڳاڻو آهي چاڪاڻ ته هڪ ڪلرڪ، دُڪانـدار

يا نــوڪري پيشه مــاڻهو جي نســبت پــورهيت جو ڪم ته اڄ به ڪنهن حد تائين سندس ذات، هُنر ۾ سـگهه جو اظهـار ۾ تڪميل تي سگهي ٿـو، هڪ پـورهيت ته اڄ به پنهنجي ذات، پنهنجو انـدر، پنهنجو ســچ، پنهنجي مُــرڪ ۾ ڏنــڌي دؤران پنهنجي فــردي راءِ وڪڻڻ تي مجبور ناهي. پر انگن اڪرن جو ڏنڌو ڪنـدڙ مـاڻهن ڪي نوڪري صرف سندن اهليت يا ڪو خاص ڪم ڪري سـگهڻ جي سگهه جي ڪري نه پر اُنهن سيني شخصي خوبين (جهــڙوڪ پلو ڏسـجڻ، پلو ڳالهـائي سـگهڻ، پلي اداڪـاري ڪـري سـگهڻ، پلو مُسڪرائي سگهڻ، پلي انداز ۾ گراهڪ کي راضي ڪري ســگهڻ وغــيره) کي نظر ۾ رکي ئي ڏني وينــدي آهي جيڪي سپ ڪيس هڪــڙو اهــڙو سُــهڻو ۽ وڻنـدڙ شخصــيتي پيڪيج (Personality Package) بڻــائي ڇڏينــديون آهن جنهن کي هلائڻ ۾ اســتعمال ڪرڻ ڏاڍو آسان ۽ فائديمند هونـدو آهي. اهي سـچا پچا "ادارتي مـاڻهو" هونــدا آهن، ايســتائين جو اداري جو اهو اثر مٿن هُنرمند پــورهيتن کـــان به وڌيڪ هونـــدو آهي ۽ ســـندن ديوتا (اُهـــا ڪارپوريشن هونــدي آهي (جنهن منجهه هو ڪم ڪنــدا آهن.) پر جيســتائين ســوال وڌ کـان وڌ شــيون حاصل ڪــرڻ ۾ اُنهن کي اســتعمال ڪــرڻ جو آهي ته ان ڏس ۾ جســماني تــوڙي ذهــني پورهيو ڪندڙن، مزدورن توڙي نوڪرشاهي جي حصي طــور ڪم ڪندڙ ماڻهن منجهه ڪو خاص فرق ناهي هونـدو چاڪـاڻ ته اهي بئي نيون شـيون وٺڻ ۾ اسـتعمال ڪــرڻ لاءِ (ايئن ئي) آتا هونـدا آهن (جيئن باقي سـمورو وڳـاڙو سـماج هونـدو آهي.) اهي بـئي اهڙا وجود آهن جيڪي پنهنجو سر خم ڪـري انتهـائي تابعـداريءَ سان نه صـرف اهي شـيون ۾ انهن جا اثر خريد ڪنـدا آهن بلڪه انهن شـين کي اسـتعمال ڪــري پـاڻ پنهنجي هٿن سـان پنهنجي ڳلي ۾ شين جي هيچ جو اهو ڳت وجهنـدا به آهن ۽ ڪيس چُمنـدا به رهندا آهن. اهي بئي دُنيا سان ڪنهن اهــڙي ڪـارائتي تعلق ۾ نـــاهن هونـــدا جنهن ۾ اهي دُنيا ۾ ســـندس ســـمورن پاسن کي ســمجهي ۾ پنهنجو ڪــري ســگهن. اهي ته بس دُنيــا، اُن منجهه موجود شين ۾ شين کي پيـدا ڪنـدڙ مشـينن جي بوجا ئي ڪنـدا رهندا آهن ۾ وبڳاٽپ سان پريور هن جهـان ۾ پنهنجو پـاڻ کي هر هنڌ ۾ هر وقت هيڪلو ۾ اجنبي ئي محسـوس ڪنـدا رهنـدا آهن. تــوڙي جو مــارڪس نوڪرشــاهيءَ جي ڪــردار جي مڪمل ڪٿ

تور مناسب انداز ۾ ڪـري نه سـگهيو تنهن هونـدي به ان ڏس ۾ سندس اها عمومي وضـاحت اچ پڻ نهـايت ئي ڪـارائتي آهي ته "(سرمائيداري نظام هيٺ ٿيندڙ) پيـداوار صـرف مـاڻهو کي ڪپت جي هڪ جنس بڻـائي پيـدا نه ٿي ڪــري بلڪه جسـماني تـوڙي روحاني طور ماڻهپي کان وانجهيل ان مـاڻهو جي رهڻ لاءِ گهُريل سمورو ساز سـامان ۾ حـالتون پڻ پيـدا ڪـري ٿي. اها پـورهيتن تـوڙي سـرمائيدارن منجهه موجـود بـداخلاقي، بدصـورتي تـوڙي بيڪارگيءَ جي پڻ خـالق هونـدي آهي. اها مـاڻهو کي هڪ اهـڙي جنس ۾ تبديل ڪري ڇڏيندي آهي. اها پاڻ مُرادو سوچڻ ۾ عمل ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي."

مـــارڪس لاءِ شـــايد اهو ته ممڪن نه هو ته هُو اُن دؤر ۾ ويهي اها اڳڪٿي ڪري ته اچوڪي دؤر ۾ ماڻهو پنهنجن ئي ٺاهيل شين ۾ حالتن جا ان حد تـائين غُلام بڻجي وينـدا، تنهن هونـدي به سندس اڳڪٿين جو ان کان وڌيڪ واضح ۾ چِٽو ثبـوت بيو ڪهـڙو ملندو جو اڄ سڄي انسانذات اُنهن ايٽم بمن توڙي سياسي ادارن جي غُلام بڻجي وئي آهي جيڪي هڪ دؤر ۾ هُن بـــاڻ ٺاهيا آهن. خوف ۾ ورتل سڄي انسـانذات اڄ اهو ڏسڻ لاءِ مـري رهي آهي ته سندن ئي ٺاهيل هٿيارن کان سندن ئي مُقـرر ڪيل حُڪمـران کين بچائي به سگهندا يا نه...!!!

جوابجڻ ان سُوال جو: روشن خيالي ڇا آهي؟

امانوئيل ڪانٽ/ شفقت قادري



يورپ جي هڪ اهم دور جي هڪ اهم فيلسوف، امانوئيل ڪانٽ جو هڪ اهم موضوع، روشن خياليءَ، تي لکيل هيءُ مضمون 1784 ۾ ڪونگز برگ، پرَشيا (جرمنيءَ) ۾ ڇپيو هو.روشن خيالي ڇا آهي؟ ان سُوال کي ڪانٽ کان وڌيڪ بهتر ڪير تي سمجهائي سگهيو ! ڇو جوڪانٽ روشن خياليءَ جي دور جو اهم ترين فيلسوف ۽ مفڪر هو.

پوئين مهيني (آڪٽوبر) جي آخري ڏينهن مان ڪنهن هڪ ڏينهن، جڏهن مان پنهنجي آفيس ۾ ويٺو ڪانٽ جي ان ليک جي نوڪ پلک سنواري رهيو هئس ته لسانيات جي ٽئين سال جو منهنجو هڪ شاگرد آيو ۽ پنهنجو هڪ مسئلو منهنجي اڳيان رکيائين. مسئلو اهو هو ته ڪيس پنهنجي تبديل ٿيندڙ سمجهه تي اعتماد نه هو. هن چيو ٿي ته جڏهن هو پين ماڻهن سان پنهنجي تبديل ٿيندڙ سمجهه ونڊي ٿو ته ماڻهن جي اٽ همٿائيندڙ موٽ ڪيس ان شڪ ۾ وسوسي ۾ وجهي ٿي ته ڇا واقعي به لکها، ڪروڙها ماڻهن جي سوچ ڪٿل آهي يا سندس؟! ڇا اردگرد جا ماڻهو جيئن سوچين ٿا، اهو درست آهي يا جيئن هن سوچڻ شروع ڪيو آهي؟ ان شاگرد جو اهو شڪ سياويڪ به آهي ڇاڪاڻ جو اسان وٽ ڪنهن به سوچ جي درست هجڻ جي ثابتي اها ئي سمجهي ويندي آهي ته، 'هيترا سارا، ڪروڙين ماڻهو جيڪڏهن ڪنهن ڳالهه کي درست مڃين ٿا ته يڪ سان اها ڳالهه درست ئي هوندي.' ماڻهو اڪثر ائين چوندا به آهن ته، 'واهه سائين واهه! هي جو هيترا ماڻهو فلاڻو ڪم ڪن پيا يا فلاڻي ڳالهه مڃين پيا ته ڇا اهي بيوقوف آهن؟' مطلب ته هڪ فرد يا ڪن ٿورن ماڻهن جي سوچ کي صرف انڪري به رد ڪيو ويندو آهي ته اها ڪن ٿورن ماڻهن جي سوچ آهي جڏهن ته

گهٽائي ان جي ابتڙ تي سوچي جيئن ته گهٽائي بيوقوف نـاهي انکري ثـابت ٿيو ته انهن جي ڳالهه ئي درست آهي. خـير! مـون ان شـاگرد کي چيو ته ’اتفـاق سـان مـان تنهنجي مسـئلي سـان وابسته کـم ئي کـري رهيو هئس، اچي هي پڙهه کـانٽ جي ليک جو پهريون پئراگراف.‘ شـاگرد کي پنهنجي ڳالهه جو جـواب ملي ويو خـوش ٿينـدي چيـائين ته مـون انهن ئي شـين جي کوٽ آهي جن شين طرف کانٽ اشارو ڏنو آهي.‘ مـان کيس ٻڌايو ته ’توکي اندازو آهي ته جنهن مسئلي کي تون 2016 منهن ڏين تو، ان مسئلي تي کـانٽ جو هي ليک 1784 ڇـپيو هو... اها آهي فلسفي جي سگهه!‘

کانٽ ان ليک جن اهم ڳالهين جي ذکر کري ٿو انهن ، روشن خياليءَ جي حوالي کان، سڀ کان وڌيک اهم شـيءِ آهي پنهنجي سـمجهه جو عـوامي/کليو يا پبلک اظهـار واهپو. اها شـيءِ اجـوکي دنيا ناپيد ٿينـدي پـئي وڃي پر کـي ماڻهو اهـڙا آهن جيکـي قـانوني، پيشـيور توڙي ڌرمي ضـابطن هونـدي به پنهنجي سمجهه جو عـوامي اظهـار واهپو کن ٿـا. مثـال: وکـي ليکس جهـڙن وسل بلـوئرز (سيٽي وڄـائي هوشـيار کندڙ) کي ايـتري سـاري ڳجهي ڊيٽـا کـير تـو ڏئي؟ پينٽاگـان کـان وينـدي سي.آءِ.اي وائيٽ هـائوس جـا ’الهـامي‘ ڳجهه اسـان جهـڙن ماڻهن تائين اهـڙن ئي کن روشن خيـال ماڻهن جي کـري پهچن ٿا.

کانٽ جي ان اهم نکتي کي هڪ تازي واردات جي حـوالي سان به ڏسجي ته پلو. ’ڊان‘ اخبار جي هڪ صحافيءَ تائين کي راز پهتـا، اهي راز جـڏهن ڇپيا ته وڏو ممڻ متو ته ’مـار! ملکـي سـالميت کي داءُ تي لڳـايو وي آهي اهــڙو گـُـڏو کم کندڙ صحافيءَ کيس خبر ڏيندڙ غـدارن جو ليکو چوکوٽيڻ گهـرجي.‘ کانٽ جي ليک اسان کي اهو کم کرڻ (پنهنجي سـمجهه جو عوامي اظهار واهپو کرڻ) اهڙيون ’غداريون‘ کــرڻ جي ته هُشي تي ملي.(ش.ق)

روشن خيــــالي، ماڻهوءَ جو پنهنجي متــــان پاڻ نافذ کيل (فکري)نابلوغيت مان نکرڻ جو نـالو آهي.نـابلوغيت، کنهن بي جي پيشــوائيءَ کانســواءِ پنهنجي سـمجهه جو واهپو کــرڻ جي

صلاحيت جي اٿوند جو نالو آهي.اها نابلوغيت، تڏهن پنهنجي متان ٻاڻ نافذ ڪيل چئبي، جڏهن ان (نابلوغيت) جا سبب سمجهه جي کوٽ نه، بلڪه کنهن ٻي جي پيشوائيءَ کانسواءِ ٻاڻ کو فيصلو نه ڪري سگهڻ جرت نه ساري سگهڻ هجن. ڄاڻڻ جي سگهه ساريو! پنهنجي سمجهه جو واهپو ڪرڻ جي جرت رکو! اهي ئي ته روشن خياليءَ جا نعرا آهن.

فطرت جڏهن ماڻهوءَ کي ٻين جي رهنمائيءَ کان آزاد ڪري ٿي (جڏهن ماڻهو جسماني طور بالغ ٿئي ٿو_ مترجم) ته پوءِ به انساني آباديءَ جي اڪثريت جو، خوشيءَ سان، (فڪري) نابلوغيت واري حالت رهڻ جا به مکيه ڪارڻ آهن:ڪاهلي بزدلي.هڪڙن جي بزدلي ڪاهلي ئي اهي سبب آهن جن جي ڪري ٻيا وري، نهايت سولائيءَ سان، پنهنجي ٻاڻ کي هنن جو رهنما/پيشوا/وڏو ڪري پيش ڪن ٿا. ٻاروتڻ/نابلوغيت رهڻ ڏادو آرمده آهي: هڪڙو ڪتاب (انجيل) آهي نه جيڪو منهنجي ٻاران سوچڻ جو ڪم ڪري ٿو! هڪڙو پيشوا (پادري) آهي نه جيڪو منهنجي شعور جو ڪم ڏئي ٿو! هڪڙو معالج آهي نه جيڪو مونکي ٻڌائي ٿو ته منهنجي کاڌخوراک ڪهڙي هجي! وغيره وغيره __ ته پوءِ مونکي ٻاڻ ڪوشش ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت! جيڪڏهن مان ڪين منهنجي ٻاران سوچڻ) جو اجورو ڏئي سگهان ٿو جيڪڏهن اهي ماڻهو، سوچڻ جهڙي بي سوادي ڪرت مان، منهنجي جان آجي ڪرائين ٿا ته پوءِ مونکي ٻاڻ سوچڻ جي ڪهڙي ضرورت! انهن رهنمائن/پيشوائن/وڏن وري ان ڳالهه جي نظرداري ڪرڻ جي ذميواري ٻڻ ڪنئي آهي ته ، بشمول مڙني عورتن جي، انسانن جي وڏي اڪثريت (فڪري) بلوغيت ڏانهن وک وڌائڻ کي نه صرف مشڪل پر خطرناڪ سمجهندي رهي. اول ته اهي پيشوا پنهنجن پالتو ڏڻن جي ذهنن کي مڏو ڪن ٿا پوءِ ان ڳالهه جو ڏادو احتياط ڪن ٿا ته متان سندن پوئلڳ ڪو اهڙو قدم کڻن جيڪو کين انهن (فڪري) جڪڙ کان، جن انهن پيشوائن کين جڪڙي رکيو آهي، کان ڌور ڪري. پوءِ کين پوءِڏياريو ويندو آهي ته جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي آزار تي (سوچ جي، سمجهه جي، فڪر جي) چر پُر ڪندو ته کيس تمام وڏن خطرن کي منهن ڏيڻو پئجي ويندو. حالانڪه (سوچ، سمجهه يا فڪر جي) اهڙي ٻاڻ وهيٽي جُريُر ڪا ايتري

خطرناڪ شيءِ به ناهي: ماڻهو به چار پيرا ٿابو ڪائي، ناڪـام ٿي، نيٺ هلڻ سکي به ويندو. پر (فڪـري آزاديءَ) جي ان رسـتي تي هلڻ دوران پيش ايندڙ ناڪـامين جا مثـالن مثـان مثـال ڏئي، ان رستي تي هلڻ جي ڪوشش جي ئي روڪٿام ڪئي ويندي آهي.

تنهنڪـري اهـڙي (فڪـري) نـابلوغيت، جيڪـا ماڻهوءَ جي فطرت ٿي چڪي هجي، مان جان ڇڏائڻ ڪنهن به فرد لاءِ نهايت ڏکي ڳالهه آهي. ماڻهو ته ان نابلوغيت سـان پيـار ڪنـدي ڪنـدي وڏا ٿيا آهن! شــروع ۾ ته ماڻهو پنهنجي پاڻ ۾ اها صــلاحيت ئي ناهي سارينڊو ته ڪو هو پنهنجي سـمجهه جو واهپو به ڪـري ٿـو سـگهي. ڇاڪـاڻ جو هيل تـائين ڪيس ان عمل جي اجــازت ئي نـــــاهي ملي. ڏرمي هٿ نات ۾ فـــــارمولا: اِهي اُهي اوزار آهن جيڪي ماڻهوءَ جي فطري صلاحيتن جي استعمال_ يا ائين چئجي ته غلط استعمال لاءِ ٺاهيا ويا آهن. اِهي اُهي پنجوڙ آهن جن جي ڪري ماڻهو دائمي نابلوغيت ۾ گهاري ٿو. (ماڻهوءَ کي لڳندو آهي ته) اهڙيءَجڪڙ مـــان جـــان ڇڏائڻ لاءِ ڪنيل قـــدم، ڪنهن غـــير يقينيءَ واري حالت يا هڪ اونهيءَ کڏ ۾ ٽپو ڏيڻ مثل آهي، ڇو ته ماڻهوءَ کي آزاد چرير جي هـير ئي نـاهي. اهو ئي سـبب آهي جو آگـرين تي ڳڻ جيـترا ماڻهو ئي پنهنجن ذهنن جي آبيـاري ڪـري، پراعتماد (فڪري) چرير ڪـري سگهڻ جي قابل ٿي سگهيا آهن.

اهـڙي (فڪـري) چرير عـوام لاءِ به عين ممڪن آهي. پر ان لاءِ (فڪر جي) آزادي شرط آهي ۽ فڪـر جي آزاديءَ جو لازمي نتيجو آهي روشن خيـالي. پيشـوائن جي جـتي انـدر به ڪي اهـڙا آزاد خيال ماڻهو هوندا آهن جن فڪري جڪڙ مان پنهنجو پاڻ آجو ڪرايو هوندو آهي. هو پنهنجي اردگـرد ماڻهوءَ جي قـدر قيمت ۽ پاڻ وهيٽائپ جو درس ڏين ٿـا. پر اتي اها ڳالهه سـمجهڻ بڻ اهم آهي ته عوام، جنهن کي شروع ۾ پيشوائن ئي فڪري غلام بڻـايو هوندو آهي، فڪـري نابلوعيت جي شڪار پيشـوائن جي چــرچ تي لڳي، آزاد خيـال پيشـوائن جي خلاف ٿي بيهي ٿـو ۽ ڪين فڪـري غلاميءَ ۾ ئي ڏسڻ چاهي ٿو. ان امر مان ثابت ٿئي ٿو ته رجعت پسنديءَ، تعصب پرسـتيءَ جو ٻج ڇٽڻ ڪيـترو نه خطرناڪ عمل آهي: اها رجعت پسـندي، اها تعصب پرسـتي پنهنجن پوکيندڙن ۽ انهن جي ايندڙ نسلن کان پلاند وٺندي رهندي آهي. انڪـري چـئي

سگھجي ٿو ته عوام جو روشن خيال ٿيڻ هڪ سست رفتار عمل آهي. انقلاب وسيلي ڪنهن آپيشاهه يا ڏاڍ جي حڪمرانيءَ مان جان ڇڏائڻ ته سولي، پر فڪري ڏارائن جي بنيادي ڪاياپلٽ هڪ ڏکيو ڪم آهي. پراڻن تعصبن جي جاءِ نوان تعصب اچي والارينـدا فڪــري ازاديءَ کـان وانجهيل ميڙ جي رهنمــائي جو ڪم پيا ڏيندا.

روشن خيالي صرف آزاديءَ جي گهرجـائو آهي ـ آزاديءَ جي مختلف قسـمن مـان به سـيني کـان وڌيڪ معصـوم قسم جي آزادي ـ هر معاملي پنهنجي عقل جو کليو (عـوامي) اسـتعمال. هاڻي ته چوءِ طرف اهي رڙيون ٻڌان پيو: 'بحث نه کــر!' آفيسر رڙ ڪري ٿو: 'بحث نه ڪر، مشق ڪـر!'، محصـول اوڳاڙينـدڙ رڙ ڪـري ٿـو، 'بحث نه ڪـر، محصـول ڏي!'، پـادري رڙ ڪـري ٿـو، 'بحث نه ڪر، مڃ!'. صرف هڪڙو حڪمران آهي جيڪو چوي ٿو، 'جيــترو وٽي بحث ڪر پر منهنجــو حڪم مڃينــدو رهه!'. هر هنڌ آزاديءَ مٿان رنڊڪون پيل آهن. پر اها ڪهـڙي رنـڊڪ آهي جيڪا روشن خياليءَ لاءِ سڀ کان وڌيڪ هاڃيڪار آهي؟ ڪهڙي رنـڊڪ آهي جيڪا بي ضرر آهي روشن خياليءَ کي هـٿي ونـرائي ٿي؟ انهن سُـوالن لاءِ مـون وٽ هڪــڙو ئي جـواب آهي: هر هنڌ هر جاءِ تي پنهنجي عقل جو کليو (عـوامي) اسـتعمال. اها ئي شـيءِ سموري انسانذات کي روشن خيال بڻائي سگهي ٿي.

روشن خياليءَ جي اوسر تي بنا ڪا رنـڊڪ وجهڻ جي، عقل جي خــانگي اســتعمال تي روڪ ٽــوڪ عائد ڪــري ســگهجي ٿي.عقل جي کليي، عوامي استعمال مان منهنجي مراد عقل جو اهڙو استعمال يا واهپو آهي جيڪو هڪ فهميدو ماڻهو(ڪو ڪتاب لکي يا تحقيق شـايع ڪــري) هڪ خوانـدهه يا پڙهنــدڙ عــوام آڏو ڪري ٿو. عقل جي خانگي استعمال مان منهنجي مـراد عقل جو اهـڙو واهپو آهي جيڪو هڪ مـاڻهو ڪنهن نـوڪري ياعملـداريءَ دوران ڪري ٿو. ماڻهن جي ڀلائيءَ حڪومتي ڪاروهنوار خاطر اهو لازمي آهي ته ڪجهه مــــاڻهو حڪم جي بجا آوري ڪن. ان سان هڪ غير فطري 'ٻڪ راءِ' جڙي ٿي جيڪا انتظامي مقصدن جي پورائي يا انهن مقصدن کي برباد ٿيڻ کان بچـائي ٿي. اهـڙن انتظامي معامرن بحث ڪـرڻ جي اجازت نـاهي، حڪم جي بجا آوري ڪرڻي آهي. بيشڪ اها اياڳائي چئبي جو ڪو آفيسر ديـوٽي

دوران پنهنجن بـالا عملـدارن جي حڪمن تي تنقيد ڪـري يا انهن
کي ٿڏي چـڏي، ڪيس حڪم مڃٽو آهي. پـرهڪ فهميـدي انسـان،
هڪ اسـڪالر طـور، ڪـائنس اهو حق نٿو قـري سـگهجي ته هو
ملٽري سروس ۾ موجود مسئلن جي نشاندهي ڪــري ۾ پنهنجي
سـمجهه کي عـوام جي اڳيـان رکي سـگهي.هڪ شـهريءَ جي
حيـثيت ۾ محصـول ادا ڪـرڻ کـان انڪـار ممڪن نـاهي ۾ اهـڙو
انڪار عمـومي نافرمـانيءَ کي جنم ڏئي ٿـو. پر اهو شـهري هڪ
سمجهوءَ، هڪ چاٽوءَ جي حيثيت ۾، محصولن جي نـاموزون هئڻ
۾ ناانصافيءَ تي پنهنجن اعتراضن جو ڪليو، عوامي اظهار ڪـري
شهريت جي بنيادي حق جو استعمال ڪري ٿـو. هڪ پـادريءَ لاءِ
پڻ لازم آهي ته هو مجمعي آڏو پنهنجن مــذهبي/ڌرمي اصــولن
پٽاندر درس ڏئي. چاڪـاڻ جو اها ئي سـندس ڪـرت آهي ۾ اهو
سـندس ڪم، پر هڪ سـمجهوءَ، فهميـدي مـاٺهوءَ جي حيـثيت ۾
ڪيس مڪمل آزادي آهي، ســـندس فــــرض آهي ته هو ڌرمي
اصـولن ۾ موجـود ڄُڪن جي نشـاندهي ڪـري ۾ مـذهبي/ ڌرمي
ادارن جي بهـتريءَ لاءِ پنهنجي راءِ جو ڪليو اظهـار ڪـري. اهـڙي
عمل ۾ اهڙي ڪابه ڳالهه نـاهي جيڪا سـندس ضـمير تي بوجهه
ٿي سگهي. چاڪاڻ جو ڪليسا/ڌرم/مذهب جي نمائندي طـور هو
جيڪا سـڪيا ڏئي ٿو ان ۾ سـندس ذاتي پسـند نا پسـند جي ڪا
گنجائش ناهي، ڪيس اها سڪيا ڏيـٽي آهي. هو ٻين جي احمـاڪن
جو تابع آهي. ڪيس چوٽو پوي ٿو ته، ’اسان جو ڌرم/مذهب هـئين
ٿو چوي ۾ هئين چوڻ لاءِ اسان جي ڌرم/مـذهب وٽ هي ثـابتيون
آهن.‘ انهن ثـابتين، انهن ڌرمي اصـولن ۾ ڪيس ڪوبه تضـاد نظر
نٿو اچي چاڪـــاڻ ته ڪيس ڪو تضـــاد نظر اچي ها ته پـــوءِ هو
شفاف ضمير سان انهن اصولن جي پرچار نه ڪري سگهي ها ۾
اها ڪرت ڇڏي ڏي ها. هڪ پادري/ڌرمي پرچـارڪ طـور هو آزاد
نـاهي ۾ نه ئي ٿي سـگهي ٿــو، چاڪاڻ جو هو ٻين (مـٿـان) جي
حڪمن جي بجاآوري ڪـرڻ جو پابند آهي. پر هڪ اهڙي اسڪالر،
هڪ اهڙي چاٽوءَ جي حيثيت ۾، جڏهن هو عـوام، دنيا آڏو پنهنجي
عقل جو ڪليو اظهار (لکت) ۾ ڪري ٿو ته ڪيس لاحد آزادي ملـيل
آهي ته هو پنهنجي ســـمجهه جو اظهـــار ڪـــري، پنهنجي ڳالهه
ڪري.
پر ڇا پاردرين جي ڪنهن ڪائونسل کي اهو حق حاصل آهي

ته اها ڪو حلف ڪـٽي، پنهنجي پـارٽ ڪي، پنهنجن ميمـبرن ڪي ۾ سـموري عـوام ڪي ڪنهن اڻ مٽ ڏرمي اصـول تي هميشه ڪاربند رهڻ لاءِ پابند ڪـري؟ مـان سـمجهان ٿو ته اها شـيءِ نـاممڪن آهي. انسـانيت ڪي روشن خيـاليءَ ڪـان ڏور رکڻ وارو اهـڙو ڪو به حلـف، پوءِ ڪـٽي اهو ڪنهن اقتـداري ڌر، ڪنهن پارليـامينٽ طرفـان مڃيل به ڇـو نه هجي، بيڪـار ۾ غـير فعـال آهي. هڪڙي نسل پـاران اينـدڙ نسل ڪي، ڪن معاهـدن وسـيلي پابند ڪرڻ ۾ روڪ لڳائڻ ته نئـون نسل پـوين جي غلطين ڪي نه سڌاري ۾ روشن خياليءَ ڏانهن اوسر نه ڪري، انسـاني فطـرت خلاف هڪ ڏوهه آهي. ڇاڪاڻ جو اهڙي اوسر انسانذات جو مقدر آهي. تنهنڪري ايندڙ نسلن وٽ اهو حق موجود آهي ته هو پـوين نسلن جي اهڙن اصولن ۾ فيصلن ڪي ٿڏي ڇڏين. مڙني قـانونن جي پرک جو مـاپو اهو ئي آهي: ته ڇا عـوام پنهنجي مٿـان اهـڙو ڪو قـانون (هميشه نـابلوغيت ۾ گهـارڻ يا روشن خيـاليءَ ڪـان ڪـني ڪـڍرائڻ وارو) مـڙهي سـگهي ٿـو؟ جيڪـڏهن هڪـڙي مخصـوص دور لاءِ ائين ڪيو به وڃي پر هڪ مـذهبي سرشـتي يا قـانون، جنهن تي ڪو به ڪلـيي انــداز ۾ سُـوال ئي نه ڪـري سگهي،ڪي ازلي قرار ڏئي ڇڏڻ جو مطلب انسـانذات جي اوسر ڪي ئي تباهه ڪرڻ آهي. اهـڙي ڪنهن به عمل جي اجـازت هرگز نه هئڻ گهرجي.

هڪ فرد پنهنجي روشن خياليءَ ڪي ٽـاري ته سـگهي ٿـو، پر صـرف ٿـوري وقت لاءِ. پنهنجي يا پنهنجن نسـلن جي روشن خياليءَ ڪي ٿڏي ڇڏڻ انسانذات جي بنيـادي حقن جي لتـاڙ برابر آهي. جيڪـڏهن عــوام پنهنجي لاءِ (روشن خيــاليءَ جي خلاف فيصلو نٿو ڪري سـگهي ته پـوءِ اهـڙو ڪو فيصـلو ڪـرڻ (جنهن سـان عـوام جي روشن خيـاليءَ ڪي رد ملي) ڪنهن بادشـاهه يا حڪمـران لاءِ ته وـتر مشـڪل آهي. ڇاڪـاڻ جو حڪمـران جي حڪمرانيءَ جو جواز ئي اهو آهي ته سندس مرضـي/ارادو عـوام جي مرضيءَ/ارادي سان سلهاڙيل هجي.جيڪڏهن هڪ حڪمران ڏسي ٿو ته ڏرمي ادارن جي اوسر عمـومي شـهري ادارن جي ترقيءَ سان مطـابقت رکي پـئي ته پـوءِ هن لاءِ ضـروري آهي ته هو عـوام ڪي روحـاني معـامرن ۾ آزاد ڇـڏي ته عـوام پنهنجي سـمجهه مطـابق پنهنجي روح جو آجيو (جنت دوزخ جا معـامرا)

طيءَ ڪـري. روح جو آجپو (مـذهب/ڌرم) حڪمـرانن جو مسـئلو ناهي. بلڪ سندس مسئلو ته اهو آهي ته ڪنهن به فـرد طرفـان ڪنهن بي فرد تي روحاني هڪ هـٿي قـائم نه ٿـئي؛ڪو هڪ فـرد ڪنهن بي فرد جي ان آزاديءَ، ته ڪيس جـيئن بهـتر لڳي پنهنجي روح جو آجپو ڳولي، ۾ زبردستي رنڊڪ نه وجهي.درحقيقت اهڙو ڪو به عمل جنهن ۾ هڪ حڪمــرانن عــوام جي مــذهبي/ڌرمي پرچـار ۾ ڌر ٿـئي ٿو سـندس اهو فعل تعصب تي ٻـڌل سـمجهيو ويندو ۾ اهڙي عمل جي نـتيجي ۾ مٿس تنقيد به ٿي سـگهي ٿي. جيئن لاطيني ٻولي جي چوٽي آهي ته، ’سـيزر گرامر جي قائـدن کان مٿاهون ناهي‘.

ڪنهن حڪمران لاءِ اها ڳالهه تمام خراب چئبي جيڪـڏهن هو ڪن ٽـورن مـاڻهن جو ٻـانهن ٻيلي ٿي، عـوام مٿـان سـندن روحاني آپيشاهيءَ جي قيام ۾ ڌر ٿجي. جي سُـوال ڪجي ته ڇا اسان هڪ روشن خيال دور ۾ رهـون ٿـا؟ ته ان جو جـواب آهي، ’نه‘. اسان هڪ روشن خيال دور ۾ نه پر روشن خياليءَ جي دور ۾ رهـون پيـا. اجـوڪين حـالتن ۾ اها ڳالهه ڪـرڻ غلط آهي ته انسـانذات، بنا ڪنهن پيشـوا جي رهنمـائيءَ جي، مـذهبي/ڌرمي معامرن ۾ پنهنجي سـمجهه جو پر اعتمـاد ۾ درست واهپو ڪـري رهي آهي. پر ڪجهه اهـڙا نـوس اشـارا ضـرور ملي رهيا آهن ته ان مقصد (انسـانذات جي روشن خيـاليءَ) کي حاصل ڪـرڻ لاءِ رسـتو کلي رهيو آهي. وڏيڪ اهم اهو ته اجتمــاعي تــوڙي ذاتي روشن خياليءَ (ٻاڻ تي نافذ ڪيل نـابلوغيت مـان نڪـرڻ) مٿـان پيل رڪاوٽون گهٽجي رهيون آهن. انڪري چئجي ٿو ته سـهيوڳي دور روشن خيالي جو دور آهي.

هڪ حڪمران کي اهو اعلان ڪندي ڪابه عـار محسـوس نه ڪـرڻ ڪـبي ته هو مـذهبي/ڌرمي معـامرن ۾ عـوام مٿـان پنهنجي منشا نه مڙهيندو ۾ مـذهبي/ڌرمي معـامرن ۾ عـوام کي مڪمل آزادي حاصل آهي.

مـان روشن خيـاليءَ جي اهم نڪـتي (ٻـاڻ مٿـان نافذ ڪيل نابلوغيت مان نڪرڻ) بابت پنهنجي ڳالهه ٻولهه بنيـادي طـور تي مذهب/ڌرم جي حوالي کان ڪئي آهي. اسان جي حڪمرانن وٽ ايترو وقت ئي ناهي جو هو فن/ادب ۾ سائنس جهـڙن مضـمونن ۾ اسان جي رهنمائي يا پيشوائي ڪن (مذهبي/ڌرمي معـامرن ۾

اسان جي رهنمائي يا پيشوائي ڪرڻ لاءِ وٽن جام وقت آهي!).
مذهبي/ڌرمي معامرن ۾ فڪري نابلوغيت بي ايمانيءَ تي آڌاريل
هئڻ سان گڏو گڏ انتهائي نقصانڪار پڻ آهي.

يورپ ۾ نئين سجاڳيءَ جو دور : هڪ تعارف

رام اوڏ

نئين سجاڳي (Renaissance) يورپ جي تاريخ ۾ تبديلي رونما ڪندڙ ٽن دورن مان هڪ هو، جيڪو مجموعي طور تي چوڏهين صدي کان سورهين صدي تائين هليو. ان سياسي، ادبي، سائنسي ۽ ثقافتي تحريڪ انسان جي سوچ ۽ تصور تي وڏا اثر ڇڏيا. پراڻي دور جي ڪلاسيڪل علم ادب تي وري نئين زاويي سان سوچيو ويو ۽ اونداهي دور مان نڪري فطرت ۾ انسان جي صلاحيت ۽ خوبصورتي تي غور ويچار ڪيو ويو. ائين، در اصل هن دور ۾ سماجي ترقي، وڻج واپار جي اوج، قوم پرستي ۽ حب الوطني جا رُجحان وڌيا، ادب ۾ تخليقي قدر اُڀريا، نيون ايجادون ۽ دريافتون ٿيون ۽ يورپ وچئين دور جي محدود خيالن ۽ تصورن مان ٻاهر نڪري، انسان ۽ مافوق الفطرت سوچ جي تعلق تي سوال اُٿاريا. هي اهوئي دور هو جڏهن وهم پرستي، ديومالائي تصور، هوائي تِوائي ڳالهين ۽ سوچون، جيڪي ماڻهن جي وهم ۽ وشواس ۾ ته هيون، پر انهن جو حقيقت سان ڪو به واسطو نه هو، اهي ٻڳهرڻ لڳيون. پراڻين شين تي نئين انداز ۾ سوچيو ويو. تخليقي سگهه جو اظهار آرٽ ۾ ٿيو، اهڙي طرح جيئڻ ۾ جسماني ۽ ذهني طور صحتياب رهڻ جي جذبي سان سائنس ترقي ڪئي. ائين سوچ جو ڪينواس حد بندين کي پار ڪرڻ لڳو ته فطرت جي کوجنا خود انسان جي فطرت بڻجي ويو.

مذهبي آمريت جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته وچئين دور ۾ پادرين وٽ وڏيون جاگيرون هيون. چرچ جي استحصال، بدعنواني ۽ رجعت پسندي جي ڪري ماڻهو جي سماجي زندگي بلڪل محدود ۽ تنگ ٿي ويئي. پنهنجين اجاره دارين کي جاري رکڻ، بنيون ۾ ملڪيت وڌائڻ جي نيت سان چرچ رياستي طاقت سان گڏ بيٺل هو. ائين چرچ، حڪمرانن کي دلداري ڏيئي سندن حفاظت جو به ذمو کنيو بيٺو هو. جيڪو سماج وچئين دور ۾ چرچ، بادشاهه ۽ جاگيردارن جي تسلط ۾ هو، اُتي بورزوا ۽ واپاري طبقو وڌڻ لڳو، روايت پسندي جون جڙون اُکڙڻ لڳيون ۽ زندگي ۾ سيڪيولر قدر اُڀرڻ لڳا. سياسي سماجي ۽

اقتصادي لاڙن اهو طئه ڪيو ته سماج دراصل ڪنهن مخصوص دائري اندر زندگي نٿو گذاري سگهي. سبب اهو هو ته ماڻهن جي جهالت جو فائدو وٺي ڪيس زوري زبردستي توهم پرستي ۾ تنگ نظري ۾ ڦاسايو ويو هو. دولت ۽ اقتدار جي ڪري چرچ جو سماج تي اثر آمريت جي عڪاسي هو. مذهبي جنونيت سخت گير روين ۾ تشدد تي لهي آئي هئي. مذهبي تعليم چرچ ۾ پادرين جي مفاد ۾ هئي، ان مان واپاري ۽ بين طبقن کي فائدو نه هو، تنهنڪري هاڻي مذهبي تعليم جي جاءِ تي علم رياضي، علم فلڪيات، قانون، ميڊيسن وغيره کي نصاب ۾ متعارف ڪرايو ويو، جنهن جي ڪليسا وڏي مخالفت ڪئي. ائين، سائنسدان، فلسفي، دانشور سماج ۾ سيڪيولر سوچ جا بنياد وجهڻ لڳا. تنگ نظري، استحصال پسندي، اقربا پروري ۽ اجاره داري جي جاءِ تي سياسي، سماجي ۽ سائنسي شعور برپا ٿيڻ لڳو. پرنٽنگ پريس جي ايجاد ديرپا ۽ گهريون تبديليون آنديون. ڪتابن جي اشاعت ۾ نوان موضوع هئا. پڙهڻ، پرکڻ، اعتراف يا اعتراض ڪرڻ جو رجحان پيو. ”پَرمتڙين“ جي ڳالهه ۾ موقف ۾ لهرون ۽ لوڏا پيدا ٿيڻ لڳا. لکڻ، پڙهڻ ۾ بحث ڪرڻ جا بنياد مطالعي ۽ تحقيق تي جُڙڻ لڳا.

مذهبي اصلاح جي تحريڪ (Reformation) دراصل نئين سجاڳي جي دور جو نتيجو هئي، جو مارٽن لوٿر چرچ پاران اختيارن جي ناجائز استعمال ۽ سندن ڪرپشن کي بي نقاب ڪرڻ لاءِ هلائي هئي، هن پوپ جي عهدي کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو هو. 31 آڪٽوبر 1517ع ۾ لوٿر 95 نقطن تي مبني اعلان چرچ کي پيش ڪيو. (مارٽن لوٿر 1483_1546 سياسي، سماجي ۽ معاشي تبديلي لاءِ پوتو نه پاريو. در حقيقت هو اڻ برابر سماج جو حامي هو. 1524ع ۾ بنيادي حقن لاءِ هارين بغاوت ڪئي هئي، نتيجي ۾ حڪمرانن ۽ جاگيردارن هڪ لک هارين کي قتل ڪيو هو، ان حالت ۾ لوٿر هارين جي بجاءِ جاگيردارن جو ساٿاري هو.)

ريفارميشن جي تحريڪ سان بائيبل جرمن، ڊچ، فرانسيسي ۽ اطالوي زبانن ۾ ترجمو ٿيو ته ماڻهو پادرين جو محتاج نه رهيو ۽ خبر رهي ته بائيبل ۾ اصل زندگي جو فلسفو ڇا آهي ۽ پادري ڇا پيا سيکارين؟ مذهب جي نالي ۾ جيڪا دڪانداري عروج تي

هئي، اها پاڙائي ۾ تبديل ٿيڻ لڳي. اڳ ۾ انسان جي دفن لاءِ به پادرين کي پئسا ڏيڻا پوندا هئا، ماڻهو پادرين وٽ وڃي پنهنجي گناهن جو اعتراف ڪندا هئا. جاگيردارن ۾ بادشاهه جي ڏس سان چرچ جي سرپرستي جي هر اَدا ۾ عمل ۾ بدعنواني عيان هئي. هاڻي حالتون تبديل ٿيڻ لڳيون، ذهني وسعت وڌڻ لڳي ۾ فڪري آزادي جو دارائون ڪَرِ موڙي اُٿيون. 1381ع ۾ واٽ ٽيلر هارين سان گڏ بغاوت ڪئي ته غريب عوام سان نا انصافيون بند ڪيون وڃن ۾ سماج جا بنياد برابري تي تشڪيل ڏنا وڃن، جيڪڏهن طبقاتي فرق موجود آهي ته ماڻهو جو استحصال ٿيندو رهندو. هن جو خيال هو ته طبقاتي اوچ نيچ فطري نه آهي. واٽ ٽيلر کي سندن جدوجهد سبب ماريو ويو. پندرهين صدي دوران جان ڪيڊ ۾ بوهيميا ۾ جان هس الڳ الڳ بغاوتون اُٿاريون، نتيجي ۾ جاگيردارن ۾ پادرين جي سياسي، سماجي ۾ معاشي لٽ مار ۾ ڪرپشن خلاف عوام هم آواز ٿيو هو، ان جي ردِ عمل ۾ جان هس کي زنده ساڙيو ويو هو.

انسان دوستي (Humanism) جي تحريڪ ان حوالي سان يادگار آهي، اها تحريڪ به روشن خياليءَ جي دؤر جو حصو هئي. انسان دوست فنڪار ۾ دانشور رومي ۾ يوناني فهم ۾ فڪر جو پاڙون تلاش ڪرڻ لڳا. انهن فرد جي ذاتي زندگي تي زور ڏنو ته هر فرد آزاد آهي ته هو نجي زندگي ۾ رسمن روايتن وغيره جي پوئيواري ڪري ٿو يا نه؟ هيومن ازم انسان جي قابليت کي اجاگر ڪيو. ذهني طور مفلوج سماج ۾ قديم علم ۾ مفروضن جو اپياس منطق جي ميز تي ٿيڻ لڳو. پيدائشي گناهه جي تصور ماڻهو کي اڳ ۾ چرچ جو غلام بڻائي ڇڏيو هو، هاڻ اهو ضروري هو ته انسان خود نيڪي ۾ عقل جي تلاش ڪري. جڏهن ذهن جي جواني ڪَرِ موڙي اُٿل کائي اُٿندي آهي ته ولهار واسي ڇڏيندي آهي.

انسان دوستي ۾ هن دنيا جي سونهن جو ذڪر ادب ۾ آرٽ ۾ ٿيڻ لڳو ۾ شين ۾ سوچن جا بنياد سائنس تي پوڻ لڳا ته قدامت پسندي جون پاڙون پٽجڻ لڳيون. جتي دربارن ۾ قصيده گوئي هئي، شاهي ۾ مٿين طبقي جي شان ۾ طبل وڄايا ويندا هئا، جتي فن به درباري روايتن جي گهيري ۾ هو اُتي آزاد قومي وطنيت ، ڌرتي جي گيتن ۾ عظيم انساني قدرن جا تصور اُپرڻ

لڳا. هي دور نه صرف تخليقي نواڻ لاءِ اهم هو، پر تنقيدي شعور سان آراسته نوان نظريا به جنم وٺڻ لڳا. ان حوالي سان پيٽراڪ ۽ گيواني بکيشيو (1313_1375) جا نالا بنيادي اهميت جا حامل آهن. بکيشيو، جنهن اطالوي شاعر دانتي ۽ انگريزي شاعر چاسر تي وڏو اثر ڇڏيو. هن جي ڪهاڻين جي ڪتاب “ڊيڪمرون” شيڪسپيئر تي به اثر ڇڏيا، پاڻ خود به بهترين شاعر هو. جيوفري چاسر 1340ع ۾ لنڊن ۾ پيدا ٿيو، جنهن شاعري ۾ بيانيه ۽ حقيقت پسندانه انداز اپنايو هو. هن جو شعري مجموعو “ڪنٽربري ٽيلز” ديو مالائي ڪٿائن ۾ ڪردارن، (جنن ڀوتن، ڏائڻين ۽ پرين) جي بدران روزاني جي زندگي جا ڪردار متعارف ڪرائي، واپارين، پادرين ۽ نوابن تي تنقيد ڪئي. سندن لکڻ جي انداز ۾ طنز، ٺٺول ۽ مزاج شامل آهي. ان سان گڏ، شاعري ۾ جان للي، سر فلپ سڊني ۽ پيا نالا آهن، مذهبي اصلاح پسند جان ملٽن (1608_1674) کي نئين سجاڳي جي دور جو آخري شاعر چيو وڃي ٿو. مائيڪل اينجلو مصوري ۾ مجسمه سازي ۾ نيچرلزم (فطرت پسنديءَ) جو باني هو جڏهن ته اطالوي مصور ۽ مجسمه ساز ليونارڊو داونچي آرٽ ۾ سائنس ۾ نوان تجربا ڪيا. ادب ۾ نئين سجاڳي جو سڀ ڏينڊ ڊراما نويس ڪرسٽوفر مارلو، وليم شيڪسپيئر ۽ بن جانسن وغيره هئا. فلسفياڻي نثر ۾ فرانسس بيڪن جو اثر هو.

روشن خياليءَ جي دور ۾ سائنس جي شعبي ۾ بنيادي تبديليون رونما ٿيون. تجربت پسند ۽ جديد سائنسي طريقيڪار جو باني راجر بيڪن، 1439ع ۾ Printer Movable ڏاهينڊ جرمني جو گيوٽنبرگ، پرنٽنگ پريس ايجاد ڪندڙ ڪوسٽر، ڪيميادان ۽ فلڪيات جو ماهر پئراسيلسس، اينا ٽامي جو ماهر مائيڪل سرويٽس، فلڪيات جو ماهر ۽ ڪيميادان ٽائچو براهي ۽ وليم هاروي سائنس جي ترقي ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو، خاص ڪري نڪولائي ڪاپرنيڪس (1473_1543)، گيوردنو برونو، گليليو ۽ ڪيپلر ان دور جا اهم ماڻهو هئا.

حاصل مطلب: سائنس، ثقافت ۽ سياست جي بنياد تي رونما ٿيندڙ تبديليون گهريون ۽ ديرپا رهيون آهن. يورپ ۾ نئين سجاڳي جي تحريڪ جا بنياد سماجي، سياسي ۽ سائنسي

تبديلين تي رڪيل هئا. ڪنهن به سماج ۾ تبديلي برپا ڪرڻ لاءِ ان جا بنياد سچائين ۽ حقيقتن تي ھُجڻ لازمي آهن. وچئين دور ۾ يورپ، ايشيا ۽ آفريڪا ۾ حالتن ۾ نظام جي اعتبار کان ايڏو وڏو فرق نه هو. ڏند ڪٿائي روايتون هيون ۾ پيداوار جا ذريعا محدود هئا. دنيا جي تاريخ ۾ ڪجهه اهڙيون تحريڪون پيدا ٿيون آهن، جن سالن صدين تائين غير معمولي اثر ڇڏيا آهن. اهي تحريڪون هڪ ڏگهي تاريخي تسلسل جي ردِ عمل ۾ هيون. ڪجهه تحريڪون سماج جي گڏيل فهم، ارادي ۾ جدوجهد سان ان وقت اُٿنديون آهن، جڏهن سماج ۾ هڪ هٿيي، اقربا پروري ۾ ڦرلٽ وڌي وڃي ۽ پوءِ اهڙين تحريڪن کي هٿي ڏيندڙ خاص ڪري اهو طبقو هوندو آهي جيڪو اهڙي روَش جو شڪار ٿيو هجي يا وقت جي تقاضائن مطابق سماج جي مُدي خارج نظام جو انڪاري ٿي پئي ۾ ان کي بدلائڻ لاءِ اُٿي پوي. سو هاڻ، سوال هي آهن ته قديم ۾ جاهلاڻين رسمن، رواجن ۾ نظرين مان نجات حاصل ڪري فڪري آزادي لاءِ ڪهڙيون راهون ۾ ڪهڙا رستا تلاش ڪجن جو سهپ، رواداري، ڀائيچاري، آزادي ۾ برابري جي بنيادن تي سماج اَڏي سگهجي؟ اهي ڪهڙا نوان خيال ۾ نظريا عمل ۾ آڻجن جو تعصب، توهم پرستي ۾ تنگ نظري مان جان ڇڏائي هڪ انسان دوست ۾ انصاف پسند سماج جي جوڙجڪ تي سگهي؟ روايتي ذهنيت جي جمود کي ڪيئن ٽوڙجي؟ پراڻا خيال ۾ فرسوده سوچون، فضول روايتون ۾ ذهن مُڏو ڪندڙ قدر اختيار ڪرڻ سان پنهنجي جهالت جي اَنا کي ته تسڪين پهچائي سگهجي ٿي، پر دنيا ۾ نئين سياسي، سماجي، سائنسي ۾ اقتصادي تبديلين جو مقابلو ڪري عظمت نٿي حاصل ڪري سگهجي. جنهن سماج ۾ نئين سوچ، نوان


خيال، سائنسي ۽ منطقي نقطه نظر نٿو جُڙي، يا فڪري تبديلي نٿي اَچي، ته اهو سماجي طور مُدي خارج بڻجي جمود جو شڪار ٿي وڃي ٿو. اهڙي حالت ۾ انهي سماج کي سالن صدين تائين غلامي ۾ غربت جون ذهني ۽ جسماني بيماريون مجهول ڪري ڇڏينديون آهن. ڇا اُتندڙ سماجي، ثقافتي ۽ سائنسي طوفانن جو مقابلو انتها پسندي، تشدد، ڪٽرپڻي ۽ تنگ نظري سان ڪري سگهجي ٿو؟ جڏهن سماج سينوارجي وڃي وڃندو آهي يا جمود پيچو ناهي ڇڏيندو يا ظلم ۽ بربريت جون ڪاريون راتيون ڏگهيون ٿي وينديون آهن ته انسان گسن تي غور ڪندو آهي ته زندگي کي پناهه ڪٿي ملڻي آهي؟ ڦُرلٽ، جبر ۽ تعصب جي طويل سفر ۾، رستو الڳ ڪيئن ڪجي ڪٿي ڪجي؟ عقل، دليل ۽ منطق جي محاذ تي شين ۽ سوچن سان نياءُ ڪرڻ ضروري هجي ٿو. نئين فڪر سان ئي وقت جي سچ کي سمجهي سگهجي ٿو. ايشيا ۾ نئين سجاڳي جي تحريڪ جا بنياد عقليت پسندي ۽ سائنس تي رکڻ ضروري آهن، نه ته جنونيت انسانذات کي جيئڻ نه ڏيندي.

نظريو ڇا آهي؟

ج. رحمان

نوٽ؛ هي تحقيقي مقالو هالينڊ مان شايع ٿيندڙ تحقيقي مخزن تاريخي "۾ 2007ع ۾ ڇپيو.Historical Matrialism" تاريخيماديت نظريو ۽ نظريي جي سمجهه بابت فڪر سهيوڳي فلسفي جوهڪ اهم موضوع آهي. نظريو، نظرياتي سمجهه، نظرياتي اختلاف، نظرياتي/ غير نظرياتي سياست جهڙا لفظ اسانجي سياسي، سماجي، فڪري حياتيءَ جو هڪ حصو ته آهن پر خود نظريو ڇا ٿيندو آهي ان بابت سمجهه جي کوٽ پنهنجي جڳهه تي موجود آهي. نظريي بابت سنڌيءَ ۾ ورلي ڪو ليک پڙهڻ لاءِ ملندو.

هن اهم سياسي، فڪري ۽ فلسفياڻي موضوع جي اهميت کي نظر ۾ رکندي اسين نظريي بابت مارڪسي سمجهه تحت مواد شايع ڪرڻ جي شروعات هن ترجمي وسيلي ڪري رهيا آهيون، اميد ته پڙهندڙن جي لاءِ هي پورهيو ڦلدائڪ ثابت ٿيندو.



نظريي جو مَتو يا آئيڊيالاجي ٿيوريءَ جو تصور 1970ع ڌاري فرانس جي مارڪسي فيلسوف لُوئي التوزر جي مارڪسزم تي نئين سِر تحقيقي ڪم جي نتيجي ۾ پيدا ٿيو. التوزر جو هيءُ تصور نظريي بابت پراڻن تصورن ڪان بنهه مختلف هو. نظريي بابت پراڻا مَتا بنيادي طور هيٺين ٽِن ڪيٽيگرين ۾ ورهائي سگهجن ٿا.

1، نظريو معاشي مفادن جو فڪري اظهار آهي، هن تصور کي "Economismيا معيشتيت" چيو وڃي ٿو.

2، نظرياتي تنقيد – هن مَتي مطابق نظريو دُنيا جو ڪُوڙو يا اُبتو شعور False Consciousness "شعور" وسيلي" آهي جنهن تي دنيا جي " دُرست " تنقيد ڪري ڪُوڙي شعور جي پٽ وائکي ڪجي.

3، بورجوازي ۾ سرمائيداراڻي مُروج فڪر کي قبوليت جوڳو ٺائڻ يا اُن کي جائز ٺائڻ وارا مَتا جنهن ۾ نظرين جي اُن سگهه تي ڪم ڪيو ويو جنهن ۾ نظريا سماجي-تڪنيڪي انداز ۾ سماج جي مختلف طبقن کي گڏ ڪري بيهاري سگهن. پين لفظن ۾ هي مَتو "ڏاڍ" ۾ اُن جي پاڻ قبولائڻ، خود-جوازيت جي پيداوار آهي.

ميڪس ويبر کان ويندي نِڪولس لُوهمين تائين جا مفڪر اُن مَتي جا داعي رهيا آهن.

نظريي جي سمجهه بابت نئين مَتي جي ضرورت انڪري پيدا ٿي جو مٿي بيان ڪيل ٽيئي مَتا بورجوا يا سرمائيدار سماج ۾ ان

جي رياست جي پائيداريءَ جي وضاحت ڪرڻ ۾ ڪامياب ثابت نه ٿيا، سماج جي حڪمراني حاصل ڪرڻ ۾ سماج جي سماجوادي تبديلي کي واضع ڪرڻ ته انهن ٽنهي مَتن جي وَس جي ڳالهه ئي نه هئي- نظريي بابت مٿيان مَتا سماج جي بيهڪ، سماج جي ڪاروهنوار جي غير شعوري طريقيڪار ۾ نظريي جي سگهه جو موضوع بڻائيندا هئا. نظريي جي سمجهه بابت سهيوڳي مَتو "نظريي جي ماديت"

کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته، ٻين لفظن ۾ سهيوڳي مَتو يا ٿيوري نظريي کي مختلف فڪري، عبادتي، فرض، فرائض سوچ ۽ عمل جي هيڪڙائي کي ڪُلي انداز ۾ ڳنڍيل هڪ وُجود جي حيثيت ۾ ڏسي ٿو.

آئيڊيالاجي ٿيوري يا نظريي جي سمجهه بابت سهيوڳي مَتي کي ڪا نئين ڪوجنا نه سمجهڻ ڪپي چو ته اهو سهيوڳي مَتو مارڪس، اينگلس ۽ انتونيو گرامچي جي فڪر جي نئين سِر سمجهه ۾ نئين سِر ڇنڊڇاڻ جو نتيجو آهي.

سهيوڳي مَتي ۾ مٿي بيان ڪيل ٽن متن جي وچ ۾ فرق قطعي نوعيت جو نه آهي ڇاڪاڻ جو ٻنهن وٽ سماج جي بيهڪ، نظرين جي مجوتي بابت چوڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه آهي. نظريي جي سمجهه بابت هي سپيئي مَتا پنهنجي اندر نظريي جي تنقيد جو عنصر رکن ٿا پر نظريي جي تنقيد جو اهو عنصر مڙني ۾ پنهنجي پنهنجي نوع جو آهي.

مٿي بيان ڪيل ٽن رواجي مَتن جو وڌيڪ تفصيل هيٺ ڏجي ٿو؛-

نظريو لفظ 1776ع ۾ "ڊيس ٽُوٽ دي ٽريسيءَ" ايجاد ڪيو. اهو به هڪ ٻنهه جي طرز تي هڪ Ontology نئون لفظ هو جيڪو فلسفي جي شاخ آنٽالاجي

تجزياتي سائنس جي حيثيت ۾ ناهيو ويو ۾ جنهن جو طريقيڪار فطري سائنس خاص طور فزيالاجي جي طرز تي سمجهيو ٿي ويو. آئيڊيالاجي جو مقصد نظرين کي انهن جي بناوتي جُزن کي واضع ڪري پيش ڪرڻ هو.

نظر اينڊڙ شڪل" مان ورتو ويو.Eidos آئيڊيالاجي جو لفظ يوناني ٻوليءَ جي آئيڊيالاجي جو ڪم نظر اينڊڙ شڪلين جي بُنيادن کي سمجهڻ هو جن جي ڪري اُهي شڪليون ايئن نظر اچي رهيون هيون، ٻين لفظن ۾ نظريي جو ڪم مختلف فڪرن،

ويچارن جُزن کي سمجهڻ هو جنهن سبب اهي نظريا فڪر
ويچار ايئن نظر اچي رهيا هيا جيئن اُهي هئا. نظريي جي سمجهه
 ڪاباني Condillac، ڪاندياڪ John Locke بابت هن مَتي
جو بنياد جان لاڪ جي فلسفن تي آڌاريل آهي جنهن اها ڳالهه
بنيادي آهي ته جِسون ياCabanis فڪر يا سوچ جو واحد ذريعو
آهن. هن مَتي تي ڊولباخ Sense Perception جي تصور
"عمل ڪرڻ جي سگهه" Spinoza اسپينوزا D'Hollbach
تي پڻ آڌاريل آهي جنهن جي بنياد تي ماديت
PotentiaAgendi جي ڏُوئي ختم ڪرڻ جو سوچيو ويو هيو.
دَستودي ٽريسي، اسپينوزا وانگر آزاد ارادي يا Free Will جو به
انڪاري هو ان ڪري ويچارن، تصورن احساسن جا فطري
سماجي محرڪ هِن مَتي جو بنيادي موضوع هيا. دستو دي
ٽريسي معبدالطبعيات جي مخالفت ڪندي لکي ٿو ته آئيڊيالاجي
کي فطري سائنسن وانگر تُز عملي طور ڪارآمد هجڻ کپي.
ٻيون سڀ سائنسون هن سُپر-سائنس جي تابع آهن ڇاڪاڻ جو
هي نئين سائنس ٻين سيني سائنسن جي هيڪڙائي آهي.
فرانس جو مشهور فيلسوف مِشال فُوڪو پڻ ساڳي ڳالهه
ڪندي لکي ٿو ته هي بنيادي عنصر، جيڪو مروج سموري
ڄاڻ جو بنياد به آهي اهو عنصر جيڪو پنهنجي پاڻ کي مُروج
بيانيي يا ڊسڪورس اظهاري ٿو اهو عنصر نظريو آهي. فُوڪو
وڌيڪ لکي ٿو ته اهو عنصر گرامر، منطق، تعليم، اخلاق
عظيم ادب جو به بنياد آهي.

سماج جو حڪمران Deregler la society

سماج پنهنجون عقلي دليلون، معنائون اخلاق توڙي عمل جي
آڌار تي جوڙي ٿو جنهن وسيلي بورجوا سماج موجود
اختلافن طبقاتي جدوجهد کي روشن خيال عيوضي جهموريت
وسيلي لئي مِٽي ڪجي ٿو. مٿئين مَتي مطابق نظريو لڳي ٿو ته
ڪا اڻ ڏُري عالمي بنيادي سائنس آهي پر ايگلٽن مطابق نظريو
ڪنهن به ريت رياست جي مادي نظرياتي اوزارن ڪان ڌار نٿو
ڪري سگهجي. دستو دي ٽريسي نظريي مطابق پنهنجو هيءُ
مَتو 1795ع ڌاري انسٽيٽيُوٽ ناشونال بحث مباحثي دوران
پيش ڪيو، هي ادارو فرينچ ٿرمائيڊور ڪان سُتت پوءِ وجود آيو

جنهن ۾ ان دور جا پـائي جا ريپبليڪن دانشـور گڏ ٿيا ته جـيئن فرانس ۾ تعليم جي نئين سِـر جـوڙجڪ ڪـري سـگهجي. روشن خيـالي ڪي فـرانس ۾ تنهن وقت رياست پـاران ادارتي شـڪل ڏني وئي جنهن وقت جيڪـوبين ازم کي سياسي شڪست ملي. ان وقت ۾ روشن خيـالي جي اهـڙي ادارتي جـوڙجڪ ريپبليڪن عنصـرن کي پنهنجا پـير پُختا ڪـرڻ ۾ هيـنئين طبقن کي رياسـتي ڪـاروهنوار مـان بيـدخل ڪـرڻ جو ڪم ڏنـو. ڊائريڪـٽري واري نـنـيڊي دور ۾ روشن خيـالي اسـتيٽ فلاسـافي يا رياست جي فلسفي جو ڪم ڏنو.

هيءُ مفعولي انقلاب يا پيسوِ ريووليوشن جيڪو سـائنس ۾ تعليم ۾ برپا ڪيو ويو سو ناپائيدار ۽ عارضي ثابت ٿيو. شروع شروع ۾ جـنرل بوناپـارٽ انهن نظريا دانن جي همت افـزائي ته ڪـئي پر جڏهن نيپولين شهنشاه نيپولين ٿيو ته هن سـاڳين ئي نظريا دانن تي الـزام هڻـندي چيو ته هي جـوڏا رياست جي حڪمـراني کي ڪمـزور ڪـري رهيا آهن، پنهنجن عقلي ۾ فطـري مفروض جو استعمال ڪنـدي مـاڻهن کي مـذهب ۾ صـحتمند دولابن ڪـان دور ڪـرڻ جي ڪوشش ڪـري رهيا آهن. نيپـولين 1812ع ۾ رُوس کان شڪست کائڻ وقت چيو ته "اسانجي خوبصورت فرانس جا سڀ ڏک ڏولاوَ هن بـدبخت نظـريي جي ئي پيـداوار آهن. هي نظريو حقيقت ۾ هڪ ڪـاري تُـوهم پرسـتي آهي جيڪا هڪ غيرفطري انداز ۾ انسان جا سپيئي قانون نئين سِر ٺـاهڻ گهـري ٿي جڏهن ته انسان جا قانون انسان جي دِل جي ويجهو ۾ تاريخ جي سـبقن پٺانـدر هُجڻ کپن." 23 سـالن جي مـارڪس پنهنجي مقـالي (1840ع) ۾ ذري گهٽ نيپـولين جو پـڙاڏو ٿيـندي لکي ٿو "اسانجي زنـدگي کي نظـريي ۾ کـوکلن مفروض جي ضـرورت ناهي انسان سُکي زندگي گزارڻ چاهين ٿا"

2، تنقيدي-نظرياتي مَتو مارڪس ۾ اينگلس جوڙيو. حقيقت هي آهي ته مارڪس ۾ اينگلس ان تنقيدي نظرياتي مَتي کي مختلف جڳهن تي ۾ مختلف انـداز ۾ اسـتعمال ڪيو جنهن سـبب ٿُلهي ليکي سندن تنقيدي نظريـاتي مَـتي کي ٽِن رُخن ۾ ورهايل ڏسي سگهجي ٿو؛

هڪ؛ تنقيدي ويچار؛ جارج لُوڪاچ ۾ فرينڪفرٽ اسـڪول جيڪي نظريي کي دُنيا جو ابتو شعور يا عدم وجـودي لقـائن کي حقيقي

بنائيندڙ شعور جي شڪل ۾ ڏسندا هئا. ٻيون؛ مارڪسزم-ليننزم
تي حاوي ليـنـني ويچار جنهن ۾ نظريو هڪ اڻ ڌُريو يا نيوٽرل
شعور آهي يا نظريو هڪ طبقي جي مفادن تي آڌاريل شعور
آهي.

ٽيون؛ گرامچي کان ويندي التوزر ۽ وُولفگانگ فِرٽز هاگ جي
پروجيڪٽ آئيڊيالاگي ٿيوري جي مطابق نظريو انهن فڪري ۽
عملي اوزارن جو مجموعو آهي جنهن وسيلي فردن جا پنهنجي
پاڻ ۽ دنيا سان تعلق جُڙن ٿا. اهي ٽيئي رُخ هڪ ٻئي کان قطعي
طور ڪَٽيل نه آهن ڪٿي ڪٿي انهن ٽنهي رُخن ۾ ڪافي
هڪجهڙايون به ملن ٿيون.

مارڪس ۽ اينگلس وٽ نظريي جي وصف دنيا جي ابتي شعور
طور مختلف صورتن ۾ ملي ٿي خاص ڪري مذهب جي حوالي
کان. مارڪس ۽ اينگلس نظريي (خاص ڪري مذهب) کي دنيا
جو ابتو شعور، بادلن ۾ قائم هڪ بادشاهت، ٺُٺل تصور مٿي پر
بيٺل سوچ وغيره جهڙا نالا ڏنا. سندن مَتي مطابق نظريو هڪ
اهڙي دانشور پاران جوڙيو وڃي ٿو جيڪو ڪُوڙي شعور جي آڌار
تي دنيا بابت سوچي، پنهنجي سوچ ۽ فڪر جي اصلي مادي
محرڪن کي نه سمجهي سگهي. اينگلس ان ئي حوالي کان
لکيو آهي ته "جي ايئن نه هجي ته پوءِ نظريي جو عمل ممڪن
ئي ناهي." دنيا جي اهڙي ابتي سمجهه شروعاتي دور جي
ڪئميرا سان ڀيٽي ڏني وئي جنهن ۾ حقيقت جي ابتي تصوير
ٺهندي هئي. مارڪس ۽ اينگلس مطابق "جيڪڏهن نظريي ۾
ماڻهن کي پنهنجون حالتون ابتيون نظر اچن ٿيون جيئن ڪئميرا
۾ شڪل ابتي نظر ايندي آهي ته ان لقاءَ جي اپرڻ جو سبب
ماڻهن جي تاريخي زندگي ۾ ان جي عملن جي ڪري آهي جيئن
اسانجي طبعي ساخت جي ڪري اسانجي اک جي ريٽينا تي
حقيقت جي تصوير ابتي ٺهندي آهي." هي ڳالهه ثابت ڪري ٿي
ته مارڪس ۽ اينگلس نظريي کي هڪ کوکلو تصور يا شعور
جي هڪ مخصوص شڪل ٿي سمجهيو جنهن کي پائيداري نصيب
ناهي. هي مَتو تاريخي عملي زندگي، مٿي پر بيهڻ جي حالت
کي سماجي زندگي ۾ موجود جسماني ۽ ذهني پورهيي جي
فرق جو نتيجو سمجهي ٿو. مارڪس ۽ اينگلس مطابق نظريو
(ابتو شعور) پنهنجي پاڻ کي تڏهن ئي مبارڪون ڏئي سگهي ٿو

ته اهو حقيقي زندگي جي تضادن جي پيداوار نه پر حقيقت ۽ ڪنهن حقيقي شي جو عڪس آهي. جڏهن ايئن ٿيندو آهي تڏهن نِج ٿيوري، نِج دينيات، نِج فلسفي ۽ نِج اخلاقيات جهڙن مفروض جو جنم ٿيندو آهي جيڪي حقيقي سماجي رشتن کان ڪَٽيل ڪجهه خاص ماڻهن جو پيشو يا ڌنڌو ٿي پوندا آهن. اهو امر تڏهن ممڪن ٿئي ٿو جڏهن فڪري يا ذهني عمل سماجي پيداواري عمل کان ڪٽجي يا آزاد ٿيندي سماجي پيداواري عمل تي عملداري واري حيثيت اختيار ڪري ٿو. مارڪس ۽ اينگلس مطابق ذهني ۽ جسماني پورهيو ۽ ان جي ورچ ذاتي ملڪيت طبقن ۽ رياست جي ڳر ۾ شامل آهي. مارڪس ۽ اينگلس جي ڪئميرا واري تشبيهه جو مطلب اهو ٿيو ته هڪ طبقاتي رياست ۽ ان جا نظريا تصوارتي مٿ-بناوٽ يا سپر اسٽرڪچر آهن جيڪي هن رياست تي حاوي ذهني پورهيو ڪندڙ نظريا دانن جي ملڪيت آهن. ان ڏس ۾ اهو پڻ چيو ويو ته نظريي تي تنقيد ڪندڙ مَتو رڳو ڪئميرا جي عڪس يا تصوير کي ئي نه ڏسي پر ان تصوير کي ٺاهيندڙ مادي حالتن ۽ غير شعوري سماجي بيانيي کي شعور جو بيانيو ٺاهي. فُوڪو مطابق شعور جو مادي حالتن کان ڪٽجڻ جو عمل سماجي حالتن ۽ سماجي جبر جو نتيجو آهي.
مارڪس 1844ع ۾ پنهنجي لکٽي "سياسي ۽ معاشي مسودو" کان جڏهن معاشي تعلقن کي سمجهڻ شروع ڪيو تڏهن مارڪس نظريي تي هڪ ٻئي انداز ۾ پڻ تنقيد ڪئي جنهن ۾ نظريي کي هڪ پوڄا جو وَڪر ڪري ڄاڻايو. پوڄا جو وَڪر يا فيٽِش جي تصور جو واهپو مارڪس بورجوا معاشي سوچ کي سمجهڻ دوران ڪيو. ۽ پوءِ اهو تصور "دس ڪيپيتال" جي پهرين ڀاڱي ۾ پڻ ظاهر ٿيو پر هن وقت فيٽِش پوڄا جو وَڪر نه پر هڪ وَکر يا ڪموڊٽي جي مترادف هڪ تصور ٿي سامهون آيو. پورچوگيز عيسائي مبلغن پاران اوائلي آفريڪي مذهبن جي لاءِ فيٽيش يا پوڄا جي وَکر جو لفظ سڀ کان اڳ ۾ استعمال ڪيو ويو جنهنجي اصلي معنيٰ پڻ اها هئي ته ڪا اهڙي شيءَ جيڪا انسان پاران ٺهيل هجي پر اها انسان تي ئي حڪمراني ڪندي هجي. مارڪس ان تصور کان متاثر ٿي سرمائيداري اندر جنس جي هڪ فيٽِش يا پوڄا جي وَکر جي حيثيت اختيار ڪرڻ واري

لقاءَ کي واضع ڪندي لکيو ته سماجي پيداواري عمل ۽ اهو لقاءَ تڏهن اپرندو آهي جڏهن سماجي پيداوار بنيادي طور جنس جي ڏي وٺ ئي هجي ۽ اهو قانون سماج جي پُٺ پويان هڪ اهڙي "پرڏيهي" يا تصوارتي- پر- حقيقي قوت ٿي اپري ٿو جيئن ڪشش ثقل جو قانون هڪ ماٺهوءَ جي مٿان سندس گهر جي ڇَت ڪرڻ وقت پنهنجو پاڻ کي اظهاريندو آهي، "سماج اندر انسان جي چرپر هاڻي انسان پاران نهيل وَکرن جي چرپر جي ٿي پوندي آهي ۽ ان چرپر جا قانون انسان جي هٿ وَس نه پر انسان پاڻ انهن وَکرن جي چرپر جي قانون جي هٿ وَس ٿي پوندو آهي.

جيئن سياسي معاشيات جي تنقيد جنس کان ٿيندي پئسي تائين، جنس کان ٿيندي پورهيي جي طاقت، اُجرت، سرمائي، پاڙي تائين اپري ٿيئن فيٽِش يا جنس جي وَکر جو تصور پڻ هڪ اهم تصور طور مارڪس جي لکڻين جو حصو رهيو. سياسي معاشيات جي تنقيد جي نتيجي ۾ سرمائيداري جي تصوارتي-پر-حقيقي، ڏند ڪٿائي پيداواري طريقيڪار کي سرمائي، زمين ۽ پورهيي جي ٽه مورتي وسيلي سمجهايو ويو. سرمائيداريءَ جي تصوراتي-پر-حقيقي، ابتي دنيا جو هڪ "روزمره جو مذهب" آهي جنهن ۾ جناب سرمايو ۽ مادام زمين جيڪي صرف وَکر آهن پر اصلي زندگي ۾ وڏا سماجي ڪردارتي اپريا آهن. مارڪس پاران فيٽِش يا پوڄا جي وَکر کي سمجهائيندي تصوراتي-پر-حقيقي ۽ ڏند ڪٿائي جهڙا تصور استعمال ڪرڻ جو مطلب آهي ته مارڪس پوڄا جي وَکر جي تصور کي مختلف لقائن جي پنهنجو پاڻ ۾ تعلق جي بنيادن تي سمجهايو. جهڙوڪ،

1. ڏاڍ جي جديد شڪل جنهن ۾ سرمائيداري مارڪيٽ هڪ تصوراتي-پر-حقيقي لقاءَ جي حيثيت هوندي به هڪ اعليٰ ترين طاقت يا قوت آهي جيڪا سرمائيدارن واهپو ڪندڙن ۽ پورهيتن تي حاوي آهي، سماج جا مؤثر حصا ان قوت جي رحم و ڪرم تي آهن ۽ ان قوت جو هڪ قانون (طلب ۽ رسد) دنيا جي چوڌاري لامارا ڏئي پيو ۽ اوائلي ڏند ڪٿائي ديوتائن وانگر ماڻهن جي قسمت ۽ بدقسمتي جو فيصلو ڪري ٿو ، سلطنتون جوڙي ٿو ۽ توڙي ٿو، قومن کي اَڏي ۽ برباد ڪري ٿو.

2. ان سڀي تصوراتي-پر-حقيقي ڏند ڪٿائي لقاءَ جو " فطري "

ٿي پوڻ ۾ جبر ۾ ڏاڍ جو سماجي ضرورت ٿي اڀرڻ، شين جي
چرپر سماج جي فطري، عام رواجي زندگي جي صورت وٺڻ.
3. ان سڄي لقاءَ بابت فردن جو خودرو راضپي جو پيدا ٿيڻ
جنهن ۾ پورهيت يا وَکر ٿاهيندڙ ان سڄي ويڳاٽو ڪندڙ ۽ پاڳلٽا
سماجي لقاءَ ۾ ڪابه اچرج جوڳي ڳالهه نه ڏسي سگهن ۽
پنهنجو پاڻ کي سُکيو سمجهن.
مارڪس پاران نظريي کي انهن مختلف معنائن ۾ استعمال
ڪرڻ جهڙوڪ تصوراتي پر حقيقي ڪُوڙن تصورن جو حقيقت
جي جڳهه وٺڻ، زيردستي يا غلامي جي لاءِ خودرو راضپي جو
جنم وٺڻ جهڙا معاملا هڪ ٻئي سان نه صرف ڳنڍيل آهن پر
سرمائيداري ڏاڍ ۾ ان جي مادي حالتن سان مڪمل سلهاڙيل
آهن تنهنجي ڪري اهي هوائي تصور (نظريو) "سماجي طور تي
قابل قبول ۾ تنهنڪري سوچ جي هڪ اهڙي معروضي شڪل
ٿي پيو آهي جيڪا خودرو انداز ۾ پيدا ٿئي ٿي ۾ جنهن کي مروج
يا سوچ جي رواجي شڪل پڻ قرار ڏنو وڃي ٿو.


آبُ آبُ ڪَنڌين مُئين

محبوب شاهه



ٻوليءَ باري ۾ ٻه پُراڻيون ڳالهيون نَيون ڪَريون.
”مارڪس وٽ ”ماڻهو“ جو تصور
ايرڪ فرام / شاهه عنايت

مارڪس جي ڪُجهه بُنيادي تصورن جي غلط سمجهاڻي:



نظرين جي غلط سمجهه ۾ ان بُنياد تي سندن بُنيادي تصورن ۾ معنائن ۾ ڦير گهير تاريخ جو هڪ اهڙو ڪڙو سچ آهي جنهن کان انڪار ڪوئي اڄاڻ ئي ڪري سگهي ٿو. ان غلطيءَ جي نه ته ڪائي حد آهي ۽ نه ئي ڪوئي ڪاٿو، ايستائين جو هڪ اهڙي دور ۾ ٻڌن ان ڳالهه جو امڪان هميشه موجود رهي ٿو جنهن ۾ تحقيق ۽ کوجنا لاءِ ايترا گهڻا وسيلا ايتري سهولت ۽ آساني سان مُيسر ٿيندا هُجن. ٻُنين ڪُجهه ڏهاڪن ۾ مارڪسي نظريي سان ٿيندڙ حالت مٿي ذڪر ڪيل ڳالهه جو هڪ افسوسناڪ مثال آهي. توڙي جو ڪوڙ سارا صحافي، ليکڪ، سياستدان، سماجياتدان توڙي فلسفي مُختلف مضمونن، ڪتابن توڙي تقريرن ۾ ورائي ورائي مارڪس يا مارڪسزم جو ذڪر

ڪن ٿا، تنهن هوندي به اهو ڏاڍي واضح انداز ۾ نظر اچي ٿو ته ڪنهن ايڪڙ بيڪڙ ڪي چڙي ورلي ئي ڪنهن صحافي يا سياستدان مارڪس جي ڪا هڪ سٽ ئي پڙهي هجي يا ڪنهن سماجي سائنسدان مارڪس جي روايتي سمجهه کان اڳتي ٻيي مارڪسزم تي ڪا تعميري راءِ ڏيندو هجي. نظر ايئن ٿو اچي ته اهي "اڙ اڪريا" ان مخصوص پيرائي ۾ پنهنجو پاڻ کي ماهر ڏيکارڻ جي اداڪاريءَ ۾ ئي خوش آهن ڇاڪاڻ ته سماجي ايياس جي دُنيا ۾ طاقت ۽ حيثيت رکندڙ ماڻهن منجهان ڪوئي به سندن اهڙين جاهلاڻين ڳالهين تي ٽيڪا ٽپڻي نه ٿو ڪري.

مارڪسزم بابت اهڙين ڪيئي غلط فهمين منجهان هڪ نهايت ئي اهم مارڪس جي ماديت جي تصور سان سلهاڙيل آهي. ڪي اڙ اڪريا ايئن سمجهن ۽ سمجهائين ٿا ته مارڪس سمجهندو هو ته ماڻهوءَ جو غالب نفسياتي لاڙو صرف سُک، سهولت ۽ فائدو حاصل ڪرڻ جي خواهش (هڪ معنيٰ ۾ لالچ) آهي ۽ وڌ کان وڌ سهولت ۽ فائدو حاصل ڪرڻ جي اها خواهش ئي آهي جيڪا انسان جي فردي توڙي اجتماعي زندگيءَ منجهه هڪ بُنيادي مُحرڪ جو ڪردار ادا ڪري ٿي. ان ئي خيال سان سلهاڙيل هڪ ٻي بُنيادي غلط فهمي اها پڻ آهي ته مارڪس "فرد" جي اهميت ۽ حيثيت کان انڪاري هو، يا ايئن ڪٿي چئجي ته هو ماڻهو جي داخلي/ روحاني ضرورتن کي نه ته سمجهي پيو ۽ نه ئي ڪين ڪائي اهميت پيو ڏئي ۽ هُن وٽ هڪ آدرشي انسان اهڙو آهي جيڪو ڪائڻ پيئڻ توڙي پائڻ اوڍڻ ۾ ته سُکيو ستابو هُجي پر روحاني طور تي مُئل هُجي. ايئن پوءِ مارڪس جي مذهب تي ڪيل ٽيڪا ٽپڻي کي پڻ سندس سمورين روحاني قدرن جو انڪار ئي سڏيو وڃي ٿو ۽ اهو انڪار پڻ اُنهن ئي ماڻهن کي ڪُجهه سوايو نظر اچي ٿو جن وٽ ڪنهن مخصوص مذهب ۾ مڃڻ ئي روحاني سڪون جو اڪيلو رستو آهي.

مارڪس بابت اهڙو نُقطه نظر پوءِ مارڪس جي سوشلسٽ سماج جي تصور کي هڪ اهڙي جنت سان ٿو ڀيٽي جنهن منجهه ڪروڙها ماڻهو هڪ ديو-قامت رياست ۽ رياستي نوڪرشاهي جي غُلامي قبول ڪندا ۽ پنهنجي آزادي تان هٿ کڻندا ۽ توڙي جو انهن انسانن کي "برابري" ته ملي چُڪي هوندي، پر مادي طور مُطمئن اهي فرد پنهنجي "انفراديت ۽

روحانيت” وچائي انسان بجاءِ ڪروڙها هڪ جهڙن “روبوٽن يا مشينن” ۾ ضم ٿي چُڪا هوندا جن کي آگرين تي ڳڻڻ جيترو “اشرافيه” جو هڪ ٽولو پيو هلائيندو.

مارڪسزم تي ان قسم جي تنقيد جو جواب ڏيڻ کان اڳ اهو ضروري ٿو سمجهان ته اهو ٻُڌائي وڃان ته مارڪس جا “ماديت، روحانيت ۽ برابري” بابت ڏنل مثيان رايا نسوري ڪُوڙ ۽ غلط بياني تي آڌاريل آهن. مارڪس جو مقصد انسان جي روحاني آزادي، سندس مُعاشي ضابطن ۽ زنجيرن منجهان ڇوٽڪارو، ڪائنس ڪسيل اُن ماڻهپي ۽ پورڻتا جي حاصلات هُئي جنهن جي مدد سان هو پاڻ جهڙن بين انسانن ۽ فطرت سان جُڙت ۾ حقيقي ٿاهه ۽ هلي سگهي. مارڪسي فلسفو “پيغمبرائي مسيحائيت” جي سلسلي جي هڪ اهڙي انقلابي وک هُئي جيڪا سيڪيولر ۽ ڌرمي ساهمين کان ماورا هُئي. مارڪسزم جو مقصد ئي فرد کي سندس اُها حقيقي انفراديت ڏيارڻ هو جنهن کي پندرهين صديءَ جي جاڳرتا جي دور کان وٺندي اوڻويهين صديءَ جي اصلاح پسندي تائين سمورا نظريا ۽ فلسفا ڳولي رهيا هُئا.

اها ڳالهه شايد ڪوڙ سارن پڙهندڙن لاءِ نئين ۽ ڏچڪو ڏيندڙ هُجي ڇاڪاڻ ته جيڪا پروپيگنڊا مارڪسزم خلاف ايتري وڏي پيماني تي ڦهليل آهي هيءَ ڳالهه اُن سڄي پروپيگنڊا جي اُبتڙ آهي. پر ان کان اڳ ۾ جو پنهنجي ڳالهه جي حق ۾ دليل ڏجي، آءٌ چاهيان ٿو ته پڙهندڙن جو ڌيان اُن تضاد ڏانهن ڇڪايان جيڪو يورپي سرمائيدار سماجن جي قول ۽ فعل، سمجهه ۽ عمل ۾ موجود آهي. حيراني جي ڳالهه اها آهي ته سرمائيداريءَ جي حق ۾ ۽ مارڪسزم خلاف مٿي ذڪر ڪيل جيڪي به تنقيدون ۽ اعتراض آهن، اُهي ذري گهٽ سڀ جا سڀ اڄوڪي دور ۾ خود يورپ جي سرمائيدار سماج ۾ نه صرف موجود آهن پر اُن سماج جي جوهري خاصيتن جي حيثيت رکن ٿا. اڄ يورپي سماجن منجهه ماڻهن جي اڪثريت وٽ ڪا به پئسي دولت، مال متاع، سُک ۽ سهولت پُٺيان ڊوڙي ٿي ۽ ان لالچ ۾ لوڀ ۾ جيڪڏهن ڪا شيءِ کين روڪي ٿي ته اهو محض ناڪام ٿيڻ يا نُقصان کائڻ جو ڊپ آهي نه ڪي ڪو اخلاقي قدر. اهي ساڳيا ئي ماڻهو اڄ اُبت توڙي ڪيت، سرگرمين توڙي ضابطن جي مد ۾

نه صــرف رياســت، ڪارپوريشــنن ۽ ســندن نوڪرشــاهيءَ آڏو جهُڪيل ۽ نميل آهن پر اُلٽو ان جهُڪاءُ، غُلامي ۽ زور ۽ خوش ۽ راضي پڻ آهن. اهي سڀ هوند ســان ٿاهه ۽ ان حد تــائين وڃي پُهتا آهن جو سندن انفراديت ذري گهٽ ختم ٿي چُڪي آهي. اهي سڀ مــارڪس جي پنهنجي اصــطلاح ۾ ”ڪپت جي جنس بڻجي ويل“ اهڙا ناڪارا فرد بڻجي ويا آهن جيڪي ســرمائي جي غلامي کانسواءِ ٻيو ڪُجهه ڪــرڻ جهــڙا نــاهن رهيــا. خــود ويهين صديءَ جي ســرمائيداريءَ جي صــورت اُن چــترڪــان هڪ رتي به گُٺل نــاهي جيڪا ســرمائيداريءَ جا حــامي مارڪسي سوشــلزم تي ڪندا آهن.

ان ڪــان وڌيڪ حــيراني جي ڳالهه اها آهي ته (حــتي هڪ پاسي مٿس هڪ تنقيد آهي ئي اها ته هُو مــادي فائــدن ۽ فــردي ترقيءَ جي جذبي کي انساني سرگرمي جو بُنيادي مُحرڪ جــذبو سمجهي ٿو، اُتي ئي ٻئي پاسـي) مــارڪس جي ”مــادي پرســت“ هُجڻ تي ســخت تنقيد ڪنــدڙ اهي ســاڳيا ئي مــاڻهو آهن جيڪي (پنهنجي مٿئين دليل جي بالڪل اُبتڙ) سوشلزم ۽ مارڪســزم تي اهو چــئي چوهه چنــدين ٿا ته اهو غــير حقيقت پســند نظريو آهي چاڪاڻ ته اهو (برابريءِ جي ڳالهه ۽ چڻا پيٽي جي اصول جي ننڊا ڪري) مادي فائدن ۽ فــردي تــرقيءَ جي اُن بُنيــادي ۽ ڪــارائتي جــذبي جي اهميت ڪــان انڪــار ڪــري ٿو جيڪو ســڄي انســاني ســرگرمي کي طــئي ڪــري ٿــو. مــادي فائــدو، سُــک ۽ ســهولت حاصل ڪــرڻ لاءِ مــاڻهو پنهنجي ٻي پناهه صــلاحيتن آڏار اُهي ڪــم پڻ پــورا ڪــري وڃي ٿو جيڪي عــام حــالتن ۾ بالڪل نــاممڪن محســــوس ٿينــــدا آهن. مطلب تــــه، اُهي ئي دليل جن آڏار مارڪــسزم کي مذهب مُخالف، روحانيت جو انڪاري، انسان جي فطرت سان نه ٺهڪندڙ ۽ غــير حقيقت پســنداڻو نظريو چــئي رد ڪيو وڃي ٿو، اُنهن ساڳين ئي دليلن آڏار وري سرمائيداريءَ کي مــذهب دوســت، روح پــرور، انســاني فطــرت ســان ٺهڪنــدڙ ۽ حقيقت پسنداڻو نظريو ۽ نظام ڪري پيش ڪيو وڃي ٿو.

مُنهنجي ڪــوشش هونــــدي ته آءٌ اهو ســـمجهايان ۽ ثـــابت ڪريان ته (ا) مارڪــسزم جي اهڙي تشــريح ڪــيئن ڪــوڙي ۽ بي بُنيــاد آهي، (ب) مارڪســزم مــادي فائــدي ۽ فــردي تــرقي جي خــواهش (لالچ) کي انســاني ســرگرمي جو بُنيــادي ماخذ نه ٿو

سمجهي بلڪه مارڪسزم جو ته بنيادي مقصد ئي اهو آهي ته
انسان کي مُعاشي ضرورتن کان آجو ڪري مُڪمل انسان ٺهڻ
جو موقعو فراهم ڪيو وڃي، (ت) مارڪسزم جو بُنيادي مقصد
ئي ماڻهو جي هڪ فرد جي حيثيت ۾ آزادي آهي ته جيئن هو
پنهنجي ويڳاڻپ مان آجو ٿي سگهي ۾ بين ماڻهن توڙي فطرت
سان ڇڪتاڻ بجاءِ دوستاڻي جُڙت ۾ جُڙڻ واري سگهه واپس
پرائي سگهي ۾ (ج) مارڪسي فلسفي منجهه سيڪيولر بوليءَ
۾ ائين چئجي ته هڪ روحاني وجوديت موجود آهي جنهن سبب
اهو اسانجي دور جي مفاد پرستي ۾ نهايت ئي سُهڻي ۾ نفيس
پردي ۾ ڍڪيل سرمائيداراڻي روحانيت (جيڪا اصل ۾ انسان جي
روح نه بلڪه حوس جو پورائو ڪري ٿي) کي ننگو ڪري ٿو.
مارڪس جي انسان جي تصور تي آڌاريل سوشلزم جو فلسفو
اصل ۾ اوڻويهين صديءَ جي بوليءَ ۾ هڪ پيغمبراڻي مسيحائيت
ئي آهي.

مٿين سڄي ڳالهه ٻولهه کان پوءِ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته
مارڪسي فلسفي کي سمجهڻ ۾ آخر ڇو ايڏيون گهڻيون
غلطيون ٿيون (يا ڪيون ويون) ۾ ڇو سندس شڪل بگاڙي
ڪيس ائين بالڪل سندس اُبتڙ ۾ تبديل ڪيو ويو. منهنجي نظر ۾
ان جا ڪوڙ سارا سبب آهن. هڪ اهم ۾ سيني کان ڇڙو سبب ته
ماڻهن جي اڻڄاڻائي آهي. عام طور سمجهجي ڪجهه هيئن ٿو ته
جيئن ته اهي معاملا ڪاليجن ۾ يونيورسٽين جي تدريسي نصاب
کان ٻاهر آهن ۾ ان ئي سبب منجهائن ڪوئي امتحان ٻڻ نه ٿو
ٿئي، ان ڪري هر ڪو آزاد آهي ته انهن معاملن بابت بنا ڪنهن
گهُربل ڄاڻ جي جيئن وڻيس تيئن سمجهي، ڳالهائي يا لکي
(ڇاڪاڻ ته اهڙي غير نصابي سمجهه رکڻ يا اظهارڻ جو ڪو
سڌو مادي نقصان نظر نه ٿو اچي جيڪو هونئن روايتي تعليمي
نظام ۾ ڏاڍو واضح انداز ۾ موجود هوندو آهي). سماج ۾ اهڙا
ڪي به تسليم ٿيل اختياري ادارا، ماڻهو، اصول يا روايتون ناهن
جيڪي لکڻ يا ڳالهائڻ جي مُعاملي ۾ غلط بياني کان پرهيز جي
اصول کي نافذ ڪري سگهن ۾ ان ڳالهه تي زور ڏئي سگهن ته
انهن مُعاملن ۾ صحيح انگن اکرن ۾ دُرست حوالن جو لحاظ
رکيو وڃي. ان ئي سبب هر ماڻهو پنهنجو پاڻ کي مڪمل طور
آزاد سمجهي ٿو ته هو مارڪس جي انتهائي گهري ۾ محنت

طلب فلسفي کي سمجهڻ ته ٺهيو پر پڙهڻ کان سواءِ به اُن جي فلسفي تي پنهنجي ”ماهراڻي راءِ“ ڏئي.

اها ڳالهه ان هڪ ئي مثال مان سمجهي سگهجي ٿي ته مارڪس جو هڪ بنهه بنيادي فلسفياڻو ڪتاب ”معاشي ۾ فلسفياڻا دستاويز“، جنهن منجهه مارڪس ماڻهو، ويڳاڻپ ۾ آزادي وغيره جي تصورن تي نهايت ئي تفصيل سان پنهنجي فلسفياڻي سمجهه اظهاري آهي، اجا تائين (1961) انگريزي ٻولي ۾ ترجمو ناهي ٿيو جنهن منجهان اهو سمجهڻ کو گهٽو غلط نه ٿيندو ته مارڪس جي ڪن بنهه بنيادي خيالن کان انگريزي لکندڙ ۽ پڙهندڙ اجا تائين اڻڄاڻ آهن. تنهن هوندي به اها حقيقت، پنهنجو پاڻ ۾، ماڻهن جي مارڪس کان اڻڄاڻائي سمجهائڻ لاءِ ڪافي ناهي چاڪاڻ ته هڪ ته اها حقيقت ته مارڪس جو اهو ڪتاب اجا تائين انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمو ناهي ٿي سگهيو، نه صرف ماڻهن جي اڻڄاڻائي جو اُهڃاڻ پر سبب پڻ ياسجي ٿي، ۾ بيو اهو ته يلي ڪٽي هي مخصوص ڪتاب انگريزيءَ ۾ ترجمو نه به ٿي سگهيو هُجي تنهن هوندي به مارڪسي فلسفياڻو رُجحان ڏاڍي واضح انداز ۾ مارڪس جي انهن ڪوڙ سارن ڪتابن منجهه پڻ موجود آهي جيڪي ان کا گهٽو اڳ انگريزي ۾ ترجمو ٿي چُڪا آهن پر جيڪڏنهن ڪوئي واقعي چاهي ته، هو مارڪس تي ڳالهائڻ مهل انهن سمورين غلطين کان آساني سان بچي سگهي ٿو جن جو باڻ مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون.

مارڪس جو تاريخي ماديت جو تصور:

مارڪسي فلسفي کي دُرست انداز ۾ سمجهڻ لاءِ پهرين زندگ جنهن کي دور ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي اُها مارڪس جي ماديت ۾ تاريخي ماديت جي تصورن جي غلط سمجهه آهي. جيڪي ماڻهو ائين سمجهن ٿا ته مارڪس جي ماديت جي فلسفي مان مُراد اها آهي ته ماڻهو جا مادي مفاد، هُن جي هميشه اڳتي وڌڻ، سُک ۾ سهولت حاصل ڪرڻ جي خواهش ئي ماڻهو جي سرگرميءَ جو بنيادي مُحرڪ آهي، اهي سڀ اهو وساري ٿا ويهن ته مارڪس يا ٻيا سمورا فلسفي جن ”ماديت“ يا ”عينيت“ جا اصطلاح استعمال ڪيا آهن، اُنهن مان ڪنهن

هڪ وٽ به انهن ٻنهي ۾ موجود فرق مان مُراد هڪ طرف اعليٰ، اُتم، آدرشي يا روحاني درجي ۾ ٻئي طرف يا اُن جي مُقابلي ۾ جيسي ۾ وقتي درجي ماڻهن جي خواهش يا خيال ناهي. فلسفياڻي ٻولي ۾ ماديت يا فطرتيت مان مُراد اهو فلسفو آهي جيڪو مڃي ٿو ته مُتحرڪ مادو ئي ڪائنات جو بُنيادي جُز ۾ جوهر يا حقيقت آهي. ان حساب سان يونان جا سُقراط کان اڳ وارا فلسفي ماديت پسند هُئا، پر ياد رهي ته سندن ماديت پسندي مٿي ذڪر ڪيل اخلاقي بنيادن تي نه بلڪه فلسفياڻي بنياد تي هُئي. ان جي اُبتڙ، خيال پرست فلسفي اُهي هُئا جن جو خيال هو ته انساني حواصن تي آڌاريل، غير مُستقل ۾ سدا تبديل ٿيندڙ مادي دُنيا ڪائنات جو جوهر يا حقيقت ٿي ئي نه ٿي سگهي. ڪائنات يا عمومي طور وجود جو جوهر لافاني تصور ۾ خيال آهن.

افلاطون اُهو ٻهريون فلسفي هو جنهن جي فلسفي لاءِ اهو خيال پرستيءَ جو اصطلاح استعمال ٿيو. اها ڳالهه اهم آهي ته مارڪس توڻي جو هڪ ماديواد فلسفي هو پر هُن ورلي ئي ڪٿي ان بحث تي لکيو يا ڳالهايو آهي ڇاڪاڻ ته سندس بنيادي مقصد ان سوال کي فلسفي بجاءِ انساني سرگرمي سان پريل جيئري جاڳندي دُنيا ۾ سُلجهائڻ هو.

جيئن ته ماديت پسند يا خيال پرست فلسفي جا ڪوڙ سارا رُجحان يا قسم آهن، اُن ڪري اهو سمجهڻ لاءِ ته مارڪس ڪهڙي قسم جو ماديت پسند هو، پاڻ کي ان معاملي کي مادي ۾ روح جي انهن بنيادي وصفن کان ٿورو اڳتي نڪري سمجهڻو پوندو. مارڪس اصل ۾ اُن دور جي گهڻن تڻن ترقي پسند فلسفين (جن ۾ اڪثريت فطري سائنسدانن جي هُئي) جي ان رويي جي سخت مخالفت ڪئي ته ڪو فلسفي جو بنيادي سوال صرف فلسفي ۾ حل ٿي سگهندو ۾ ان ئي ڪري هُن فلسفياڻي مادي پرستيءَ جي مخالفت ڪئي. ان فلسفياڻي ماديت پسندن مطابق سمورن ذهني ۾ روحاني مظهرن جو ماخذ يا بنياد مادو هو. ماديت پسندن جو اهو رُجحان مادي کي اُتم ڏيکارڻ لاءِ ان حد تائين ويندو هو جو هو سوچن ۾ احساس کي چِڪي انساني جسم يا دماغ جي ڪجهه ڪيميائي عملن تائين محدود ڪري ڇڏيندو هو. مادي پرستيءَ جي ان رُجحان کي ميڪانيڪي مادي

پرستي پڻ چئبو آهي جنهن مطابق ذهن ۾ خيال جو پاڻ ۾ تعلق
ائين ئي آهي جيئن پيشاب ۽ بُڪين جو. مارڪس ان ميڪانيڪي
مادي پرستيءَ کي بورجوا مادي پرستي سڏيو ۽ چيو ته اها
تجريدي مادي پرستي صرف فطري سائنس تائين محدود آهي
۽ منجهس تاريخ ۽ اُن جو پورو سلسلو شامل ئي ناهي. ان جي
جاءِ تي مارڪس جيڪو فلسفو آندو اُن کي مارڪس پاڻ
پنهنجي ڪتاب "مُعاشي ۽ فلسفياڻا دستاويز" ۾ "فطرتيت" (
naturalism) يا "انسانيت دوستي" (humanism) جو نالو ڏنو
آهي جيڪو نه صرفماديت ۽ عينيت ٻنهي کان مختلف آهي پر
ٻنهي جو گڏيل سچ پڻ آهي. حقيقت اها آهي ته مارڪس پاڻ
ڪڏنهن به تاريخي يا جدلياتي ماديت جا اصطلاح استعمال ئي
ناهن ڪيا. هُن صرف هيگل جي عيني جدليات جي مقابلي ۾
پنهنجي مادي جدليات جي ڳالهه ڪئي آهي جنهن مان سندس
مطلب انساني وجود جا بنيادي شرط آهن. ماديت جو اهو پهلو
يعني مارڪس جو ماديت تي آڌاريل جدلياتي طريقيڪار، هيگل
جي جدلياتي طريقيڪار کان ان معنيٰ ۾ مختلف آهي ته اهو
ماڻهو جي حقيقي سماجي ۽ معاشي حالتن جي اڀياس تي
آڌاريل آهي ۽ سمجهائي ٿو ته ماڻهو جي رهڻي ڪهڻي ڪيئن
ماڻهن جي احساس ۽ سوچن کي طئي ڪري ٿي. مارڪس
لکيو آهي ته "جرمن فلسفي جي اُبتڙ، جيڪو آسمان کان هيٺ
زمين تي لهي ٿو، اسين زمين کان آسمان طرف وڃون ٿا. ان
مان مطلب اهو آهي ته اسان جيئري جاڳندي ماڻهو کي سمجهڻ
جي شروعات اتان نه ٿا ڪيون ته هو ڇا سوچي، سمجهي ۾
چئي ٿو يا هُن بابت ڇا سمجهيل، سوچيل يا چيل آهي. بلڪه، ان
جي اُبتڙ، اسين اُن جيئري جاڳندي ماڻهو جي زندگي جي جاچ
پڙتال کان شروع ڪندي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا
آهيون ته اهو ماڻهو ڇو ان مخصوص انداز ۾ سوچي، سمجهي يا
ڳالهائي ٿو." اها ساڳي ئي ڳالهه ٿوري ٻئي انداز ۾ رکندي هُو
هڪ ٻئي هنڌ لکي ٿو ته "هيگل جو تاريخ جو فلسفو خدا ۾ دُنيا،
روح ۾ مادي جي تضاد بابت موجود پُراڻي جرمن-عيسائي
عقيدي جي فلسفياڻي اظهار کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي.
هيگل جو تاريخ جو فلسفو هڪ اڳ ئي طئي ٿيل، ڪامل ۾
تجريدي روح کان ڳالهه شروع ڪندي اهو سمجهائڻ جي

ڪوشش ڪري ٿو ته ماڻهو مادي جي هڪ صورت ئي آهي جيڪو صرف اُن روح جي اوسر جو هڪ ڏاڪو آهي. هيگل سمجهي ٿو ته مادي حالتن جي اوسر تصورن جي اوسر تي آڌاريل آهي ۽ هُن وٽ ماڻهو جي تاريخ ماڻهو ۾ موجود اُن تجريدي روح جي تاريخ آهي جيڪو ڪٽي ماڻهو جي سانچي جي صورت ۾ اوسر ڪري ٿو پر اهو ماڻهو کان ماورا هڪ هر هنڌ موجود حقيقت آهي. مارڪس پنهنجي تاريخ تي آڌاريل طريقيڪار جي وضاحت نهايت ئي مختصر لفظن ۾ ڏيندي لکي ٿو ته "اهو طريقو جنهن وسيلي ماڻهو پنهنجي گُذر سفر جا ذريعا ٺاهي ٿو اُن جو آڌار سڀ کان اڳ ۾ ته اُنهن موجود وسيلن جي نوعيت تي آهي جن منجهان ڪيس پنهنجي گُذر سفر جا وسيلا پئدا ڪرڻا آهن. ان پيداواري طريقيڪار کي صرف فردن جي جسماني وجود جي افزائش سمجهڻ بجاءِ انهن ماڻهن جي هڪ نوس سرگرمي، سندن زندگيءَ جو نوس اظهار، حالت يا صورت ڄاڻجي. ماڻهو جيئن آهن تيئن ئي پنهنجو پاڻ اظهارين ٿا. ان سڀ ماڻهن جي فطرت ۽ مزاج پڻ انهن مادي حالتن تي آڌارن ٿا جيڪي سندن پيداوار کي طئي ڪن ٿيون." مارڪس فائرباخ تي پنهنجي ٿيسز ۾ ڏادي واضح انداز ۾ سندس دور جي ماديت ۽ تاريخي ماديت ۾ فرق سمجهائيندي لکي ٿو ته "فائرباخ سميت هينئر تائين جي ماديت جي سمورين شڪلين جو سڀ کان وڏو عيب اهو آهي ته اهي سڀ اُن حقيقت کي جيڪا اسين پرکيون ٿا صرف تجريدي يا تصوراتي انداز ۾ سمجهائن ٿيون نه کي هڪ جيئري جاڳندي، موضوعي انساني سرگرمي يا عمل جي صورت ۾. ان ڪري ماديواد جي مخالفت ۾ اهو (تاريخ بحيثيت انساني سرگرميءَ وارو) پاسو تجريدي انداز ۾ عينيت پرستن کنيو آهي توڙي جو اُهي ائين سمجهن پڻ نه ٿا. فائرباخ چاهي ٿو ته (انسان جي) موضوعي ۾ معروضي سرگرمين کي هڪبئي کان الڳ ڪري سمجهيو وڃي پر ڪيس اهو سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته انساني سرگرمي پنهنجو پاڻ ۾ هڪ معروضي سرگرمي آهي." مارڪس، هيگل جيان، ڪنهن شئي کي جامد ۽ حتمي سمجهڻ بجاءِ تبديل ٿيندڙ ۽ اوسر ڪندڙ حقيقت سمجهي ٿو جنهن کي سندس مُحرڪ مادي سبب جي مدد سان سمجهائي سگهجي ٿو. هيگل جي مقابلي ۾ مارڪس جڏهن

“ماڻهو” جي تاريخ تي ڳالهائي ٿو ته هو سندس سمجهه ۾ شعور تي ڳالهائڻ بجاءِ انهن مادي حالتن کان شروع ڪري ٿو جن مطابق اهو ماڻهو پنهنجي زندگي جيئي ٿو. مارڪس پورجوا ماديت کان اوترو ئي مختلف آهي جيترو هيگل جي عينيت کان، ان ڪري هو اها ڳالهه ڪرڻ ۾ حق بجانب آهي ته سندس فلسفو نه ته (پورجوا) ماديت آهي ۽ نه ئي (هيگلي) عينيت، بلڪه اهو انهن ٻنهي جو ميلاپ يعني انسانواد يا فطرتيت آهي.

مٿي ڏنل سچي سمجهاڻي بعد اها ڳالهه واضح انداز ۾ سمجهه ۾ اچي وڃڻ کپي ته مارڪس جي تاريخي ماديت واري تصور تي ٽينڊڙ عام روايتي تنقيد ڪيتري سطحي ۽ بي بنياد آهي. ان تنقيد مطابق مارڪس ايئن سمجهي ٿو ته ماڻهو جي سماجي سرگرمي جو سگهارو ترين مُحرڪ “پئسو ڪمائڻ ۽ وڌ کان وڌ مادي فائدو حاصل ڪرڻ” جي لالچ آهي. جيڪڏهن ايئن مڃي به وٺجي ته ان مان مُراد اها ٿيندي ته تاريخ کي سمجهڻ ۾ جانچڻ جو مايو انساني خواهشون يا ٻين لفظن ۾ انسان جو ڪڏهن نه پرجندڙ پيٽ ۾ سندس لالچ آهي. ان تنقيد جو هڪ ٻنهه بنيادي نقص اهو آهي ته اها تاريخي ماديت جي سچي نظرئي کي صرف ماڻهو جي خواهشن ۾ رُجحانن کي جانچڻ جو هڪ نفسياتي طريقيڪار سمجهي ٿي. پر حقيقت اها آهي ته تاريخي ماديت کو نفسياتي طريقيڪار نه آهي. تاريخ جو مادي نقطه نظر چئي ٿو ته 1) ماڻهو جون مادي حالتون، سندس گُذر سفر جا وسيلا ۾ طريقيڪار، سندس سوچ کي طئي ڪري ٿو ۾ 2) سندس سرگرميءَ جو بنيادي مُحرڪ اڳتي وڌڻ ۾ مال دولت ڪمائڻ جي خواهش نه آهي. ايئن پوءِ (تاريخي ماديت ۾) معاشيات جي تصور مان مُراد هڪ اهڙو معروضي سماجي معاشي عنصر آهي جيڪو پيداوار جي طريقيڪار تي آڌاريل آهي، نه ڪي ڪنهن موضوعي نفسياتي رُجحان تي. جيڪڏهن ان نظرئي ۾ ڪٿي ٿورو ئي سهي پر ماڻهو جي نفسياتي پاسي تي ڳالهايل به آهي ته اُهو ايئن ته ماڻهو کي جيئڻ لاءِ کاڌ خوراڪ ۾ اجهو گهُربل آهي ۾ اُن لاءِ کيس پورهيو ڪرڻو پئي ٿو. ان ڪري اهو پيداوار جو طريقيڪار ئي آهي، جيڪو ڪوڙ سارن معروضي عنصرن تي آڌاريل آهي، جيڪو بنيادي آهي ۾ سندس ٻين سمورين سرگرمين جو مُحرڪ بڻجي ٿو. اهي معروضي

حالتون جيڪي پيداوار جي طريقيڪار ۾ ان جي نتيجي ۾ پيداواري تعلقن کي طئي ڪن ٿيون، سي ماڻهو جي فردي سمجهه ۾ سنڌس اوليتن کي بڻ طئي ڪن ٿيون. حقيقت ۾ اُها پُراڻي سمجهه جنهن کي مانٽسڪيو (Montesquieu) اهو چئي اظهاريو هو ته "ماڻهو ادارن جي پيداوار آهي"، مارڪس وٽ بڻ موجود هُئي پر فرق صرف ايترو هو ته مارڪس اڳتي وڌي هڪ تفصيلي جائزي جي مدد سان اهو سمجهايو ته انهن ادارن جي پاڙ اصل ۾ سماج جي پيداواري طريقيڪار ۾ پيداواري قوتن ۾ ڪُتل آهي. جيڪڏهن ڪي مخصوص معاشي حالتون (جيئن سرمائيداري) پئسي ۾ دولت جي حاصلات جي خواهش ۾ ڪوشش کي انساني سرگرمي جو بنيادي مُحرڪ بنائي سگهن ٿيون، ته بلڪل ساڳئي ئي انداز ۾ ڪي مخصوص معاشي حالتون (جيئن سوشلزم) ان جي بلڪل اُبتڙ انساني رُجحانن کي بڻ جنمي سگهن ٿيون جنهن جا مثال اسان کي ايشيائي ثقافتن ۾ ويدانت يا صوفي ازم جي صورت ۾ ملن ٿا جن ۾ حق تائين پُڄڻ لاءِ دُنياوي شين ۾ خواهشن کي تياڳڻ جي ترغيب ڏنل آهي. خود سرمائيداري جي شروعاتي دور ۾ يورپ اندر بڻ اسان کي اهڙن سماجي روين جا ڪي اُهڃاڻ ملن ٿا. مارڪس جي لفظن ۾ وڌ کان وڌ دولت ۾ ملڪيت حاصل ڪرڻ جي خواهش معروضي طور موجود معاشي حالتن جي اوتري ئي تابع آهي جيتري ان سڀ کي تياڳڻ جي خواهش آهي. ان ڪري مارڪس جي "تاريخ جي مادي يا معاشي نقطي نظر" جو مادي يا معاشي فائدن پُٺيان ڊوڙڻ واري خواهش سان پري پري تائين ڪو واسطو نه آهي. تاريخ جي ان مادي نقطي نظر مطابق تاريخ ۾ سنڌس قانونن جي سمجهه جو موضوع سچو پچو، جيئرو جاڳندو ماڻهو آهي، نه ڪي سنڌس خيال. مارڪس جي تاريخ جي اهڙي سمجهاڻيءَ کي تاريخ جو بشرياتي (Anthropological) نقطي نظر چئي سگهجي ٿو. جيڪڏهن "مادي" ۾ "معاشي" جهڙن اصطلاحن بابت پئدا ڪيل مونجهارن مان ٻاهر نڪري سمجهجي ته مارڪس جو تاريخ جو تصور اهو ئي آهي ته "تاريخ جو ليکڪ ۾ اداڪار ماڻهو پاڻ آهي".

حقيقت اها آهي ته مارڪس ان معنيٰ ۾ ارڙهين ۾ اوڻويهين صديءَ جي ليکڪن ۾ تاريخدانن کان ممتاز آهي جو هو سمجهي

تو ته سرمائيداري ۾ ان سڀ ماڻهن ۾ پيدا ٿيندڙ سماجي رُجحان هڪ مخصوص دور ۾ سماجي اوسر جو تاريخي اظهار آهن نه ڪي ڪو اٽل، فطري ۾ نه تبديل ٿيندڙ قانون. ان دليل جي اُن ئي وقت بت وائکي ٿي وڃي ٿي ته ڪو مارڪس لاڳو ڪي انساني سرگرمي جو بنيادي مُحرڪ جذبو سمجهي ٿو جڏهن اسين مارڪس جي انساني رُجحان بابت ڪيل ڪن سڌين ڳالهين کي پڙهون ٿا. مارڪس انسان منجهه بنيادي طور ٻن قسمن جي رُجحانن جي ڳالهه ڪري ٿو. هڪڙا اهي بنيادي لاڙا آهن جيڪي منجهس فطري آهن ۾ هر صورت ۾ حالت ۾ موجود رهندا آهن. سماجي حالتون جيڪڏهن مٿن اثرانداز ٿين به ٿيون ته صرف سندن شڪل يا صورت ۾ ڪا مقداري تبديلي ئي آڻين ٿيون نه ڪي ڪا معياري تبديلي. ٻيا اُهي لاڙا آهن جن کي مارڪس نسبتي لاڙا سڏيندي چئي ٿو ته انسان جي اهڙن لاڙن جو ماخذ صرف ڪي مخصوص سماجي حالتون ئي آهن جن سبب اهي پيدا ٿين ٿا. مارڪس ٻُک ۾ شهوت کي ته مٿي ذڪر ڪيل "بنيادي ۾ نه تبديل ٿيندڙ انساني رُجحانن" ۾ شُمار ڪيو آهي پر هُن ڪڏهن به ڪٿي به اها ڳالهه ناهي ڪئي ته وڌ ڪان وڌ معاشي فائدو حاصل ڪرڻ جي خواهش ٻڻ ڪو اهڙو ئي بنيادي رُجحان آهي.

حقيقت اها آهي ته اها ڳالهه ثابت ڪرڻ لاءِ ته مارڪس بابت عام رواجي سمجهه بنهه سادي، غلط ۾ بي بنياد آهي، ٻاڻ کي مارڪس جي انهن انساني نفسيات بابت پيش ڪيل تصورن جي ٽُوٽڻ جي ضرورت ناهي چاڪاڻ ته مارڪس جو ته پورو پورهيو ئي اها ڳالهه سمجهائڻ جي ڪوشش ۾ صرف ٿيو آهي ته اها اصل ۾ سرمائيداري آهي جنهن لالچ ۾ لوڀ کي انساني سرگرميءَ جو بنيادي مُحرڪ بنائي ڇڏيو آهي ۾ خود هُن جو هڪ اشتراڪي سماج جو خواب ٻڻ هڪ اهڙي ئي انساني سماج جو خواب آهي جنهن ۾ ذاتي فائدي ۾ لالچ لوڀ جا اهي انسان دُشمن لاڙا موجود ئي نه هوندا. اها ڳالهه شايد اجا وڌيڪ وضاحت سان چٽي ٿي سامهون ايندي جڏهن ٻاڻ مارڪس جي انساني آزادي جي تصور تي تفصيل سان ڳالهائينداسين.

جيئن آءٌ اڳ ۾ ئي ڳالهه ڪري آيس ته مارڪس (بنهنجي تاريخ جي جائزي جي) شروعات ئي ماڻهو کان ڪري ٿو جيڪو

تاريخ جو اڏيندڙ آهي. هو چئي ٿو ته ”سموري انساني تـاريخ جي سڀ کان پهرين ۽ بنيادي گهُـرج ئي جيـئرن جاڳنـدن مـاڻهن جي موجودگي آهي. ايئن پوءِ (تاريخ ۽ سـماجي اڏاوت جي عمل جي شروعات کي سمجهڻ لاءِ) پهريون اصول ئي مـاڻهن جي (کنهن به سطح تي) هڪ منظم گروهه جي موجودگي ۽ سندن هڪٻئي سـان ۽ فطـرت سـان رشـتن جي هڪ منظم سرشـتي جي موجـودگيءَ ۽ ويسـاهه آهي (چاڪـاڻ ته ان کانسـواءِ تـاريخ ۽ سـماجي اڏاوت جي عمل کي تصـور کـري ئي نه ٿو سـگهجي). ان ڳالهه مان مُراد هرگز اها نه آهي ته کـو اسان هتي اها گهُر ٿا کيون ته کو اُن شروعاتي سماج ۽ ماڻهن جي حقيقي جسماني سـاخت يا سـندن آس پـاس موجـود ارضـياتي، ماحوليـاتي، يا موسـمياتي حـالتن بـابت کي سـچا پچا انگ اکر پيش کجن (چاڪاڻ ته ايئن ممکن به نه آهي). پر (ان اصول کـان کنهن به صورت انکار ممکن نه آهي ته) تـاريخ لکڻ جي شـروعات انهن فطري بنيادن جي ذکر سان ئي ممکن ٿي سگهي ٿي جن کي مـاڻهو پنهنجي ضـرورت آهر ۽ پنهنجي سـرگرميءَ ذريعي لڳاتـار بنيادن تي تبديل کندو آيو آهي. ماڻهو کي سندس شـعور، ڌرم يا اهڙي کنهن به بي خاصـيت ذريعي ٻين جـانورن کـان ڌار کـري سـمجهي ۽ سـمجهائي سـگهجي ٿـو. (پر سـندس انهن سـيني خاصيتن کـان ممتـاز ۽ بنيـادي خاصـيت اها آهي تـه) هُن پنهنجي ضرورتن جي پـورائي جو سـامان پـاڻ پنهنجي پورهـئي جي مـدد سان ٺاهيو ۽ حاصل کـيو. (پر اها ڳالهه ضـرور ذهن ۾ رکڻ کـپي ته) مـاڻهن جي پنهنجي ضـرورتن جي پـورائي لاءِ کيل اها منظم ۽ بامقصد سرگرمي (سندن پورهيو) سندن هڪٻئي سـان جُـڙت (پيداواري رشـتن ۽ پورهـئي جي ورڇ) جي اوسر جي سـطح تي ئي آڌاريل آهي. ايئن پــوءِ اهو چــئي ســگهجي ٿو ته پنهنجي ضرورتن جي پـورائي جو سـاز سـامان ٺـاهڻ جي عمل ۾ مـاڻهو پنهنجي حقيقي مـادي زنـدگي (سـماج ۽ تـاريخ) پڻ ٺاهينـدو آيو آهي.“

مارکس جي ان بنهه بنيادي تصور کي سمجهڻ انتهائي اهم آهي ته ماڻهو پنهنجي تاريخ جو اڏيندڙ پاڻ آهي. هُن پـاڻ کي پـاڻ ئي ٺـاهيو آهي. جـيئن هُن پـاڻ ڳيل عرصي بعد پنهنجي کتـاب ”سرمائي“ ۾ لکيو ته ”پوءِ چا يلا (مـاڻهو جي) اهـڙي تـاريخ لکڻ

هڪ آسان عمل نه هوندو جڏهن (اسان اهو سمجهون ۾ چئون ته) سماجي تاريخ فطرت جي تاريخ کان ان معنيٰ مختلف آهي ته ان جا خالق اسين پاڻ آهيون.” ماڻهو پنهنجي ماءُ به پاڻ آهي ته پنهنجي دائِي بـه! هُن تـاريخ جي عمل ۾ ئي پنهنجو پـاڻ کي جڻيو آهي. انساني نسل جي ان خود-تخليق جي عمل جو بنيـادي پاسو سندس فطرت سان تعلق جي نوعيت آهي. تـاريخ جي شـروعات ۾ مـاڻهو فطـرت سـان ايترو ته گهڻو جُڙيل مڙس ۾ آڏاريل هو جو ڪيس اُن کان ڌار ڪري سمجهڻ ممڪن ئي نه هو، پر سماجي ارتقا جي عمل ۾ هو نه صرف فطرت سان پنهنجي تعلق کي نت نـوان رُوپ ڏينـدو آيو پر خـود پنهنجي صورتگري پڻ پاڻ ئي ڪندو آيو.

مارڪس پنهنجي ڪتاب “سرمائي” ۾ ماڻهو جي فطرت تي اهڙي انحصار بابت اچا وڌيڪ ڀُڌائيندي لکي ٿو ته “پيداوار جا اهي قديم سماجي سرشتا جديد سرمائيداري سماج جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻا سـادا ۽ چِٽا هُئـا، پر (اها ڳالهه نه وسـارڻ کـپي تـه) اهي سرشتا يا ته مـاڻهو جي ڪچي ڦڪي فـردي اوسر تي آڌاريل هُئا جيڪو انهن پُراڻن قبيلائي سماجن منجهه پاڻ سان جُڙيل ٻين مـاڻهن (خانـدان، قبيلي وغيره) کان اڃا ائين ڌار ۽ آزاد ٿي نه سگهيو هو، يا سندن آڌار سڌيءَ غلامي تي هو. اهڙا سرشتا صرف اُن ئي صورت ۾ پيدا ٿي ۽ موجود رهي سگهن ٿا جڏهن پورهئي جي پيداواري سگهه پنهنجي اوسر جي ٻنهه سادي ڏاڪي تي هُجي ۽ اُن جي نتيجي ۾ مـاڻهو جا مـاڻهو سـان ۽ مـاڻهو جا فطرت سان لاڳاپا نسبتي طور محـدود هُجن. اها محدوديت پـاڻ کي انهن پُراڻن سماجن ۾ منجهن رائج ڌرمن ۾ فطرت ۽ سندس مختلف مظهرن جي پوڄا جي صورت ۾ نظر اچي ٿي. انهـڪري حقيقي دُنيا جي اها ڌرمي تشريح/سمجهه صرف ۽ صرف اُن ئي صورت ۾ ختم ٿي سگهي ٿي جڏهن مـاڻهو پنهنجي معمول جي زندگيءَ ۾ پاڻ سان جُڙيل مـاڻهن ۽ فطرت سان مڪمل طور معقول ۽ سمجهه ۾ ايندڙ تعلق جوڙي سگهندو. مادي پيداوار جي عمل تي آڌاريل سماج جو اهو “زندگيءَ جو عمل” اُن وقت تائين پـاڻ مٿـان پيل “رُوحـانيت” جو اهو چوغو هٽـائي نه سـگهندو جيستائين اهو پيداواري عمل “آزاد ماڻهن جي آزاد جُڙت” نه ٿو ٿئي جيڪي ماڻهو هڪ منصوبابند انداز ۾ ان سموري عمل کي

پاڻ شعوري انـداز □ هلائين. اهو سڀ بحرحـال تـڌهن ئي ممڪن ٿي سگهندو جڏهن ڪنهن سماج □ ان لاءِ گهُربل حـالتون موجـود هُجن جيڪي تاريخ جي هڪ ڏگهِي □ ڏُکِـيي تـار تـرِي ئي پيـدا ٿي سگهن ٿيون.”

متـئين حـــوالي □ مــارڪس پنهنجي نظــرئي جي هڪ بنهه بنيــادي عنصر “پورهــئي” جي ڳالهه ڪـــري ٿــو. پورهيو ئي اهو وســيلو آهي جيڪو مــاڻهو □ فطــرت جي وچ □ تعلق ڪي طــئي ڪــري ٿــو. پورهيو انسـاني زنـدگيءَ جو اظهـار آهي □ پورهــئي ذريعي ئي ماڻهو فطرت سان پنهنجي تعلق يا ٻي معنيٰ □ پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪندو اچي ٿـو. سـندس پورهـئي جي تصـور بـابت پاڻ اڳتي تفصيل سان ڳالهائينداسين. آءٌ مضـمون جي هن حصي کي مارڪس جي 1859ع □ پيش ڪيل تاريخي مـاديت جي هڪ پريـــور ســـمجهاڻيءَ جي حـــوالي ســـان ختم ڪنـــدُس جنهن □ مــارڪس لکي ٿو ته “اُهو عمــومي نــتيجو جنهن تي آءٌ پُهتس □ جنهن نـتيجي منهنجي اڳيـان اينـدڙ علمي پورهــئي جي راهه جو تعين ڪـيو، اُن کي مختصر انداز □ هن ريت پيش ڪـري سـگهجي ٿو ته سماجي پيـداوار جي عمل □ مـاڻهو (بين مـاڻهن □ فطــرت سان) اهڙا نـوس تعلق جـوڙي ٿو جن □ سـندس راءِ □ مرضـيءَ جو عمل دخل بنهه نه هُجڻ برابر آهي. اِهي اُهي پيـــداواري تعلق آهن جيڪي پيداواري قوتن جي اوسر جي ڏاڪي تي آڏاريل آهن. انهن پيداواري تعلقن کي گڏائي ڪـــري ڪنهن سـماج جو معاشي ڍانچو چئجي ٿو جيڪو اُهو بنيـاد آهي جنهن تي سـماج جا مٿيـان سياسي □ قـانوني ادارا جُـڙن ٿا □ جيڪو اُن مخصـوص دور جي گـــڏيل ســـماجي شـــعور جو پڻ ماخذ آهي. ڪنهن ســـماج جو مخصوص پيداواري طريقيڪار اُن سماج جي سياسـي، سـماجي □ عقلي سطح □ صورت کي طئي ڪري ٿو. اهو ماڻهو جو شعور ناهي جيڪو سندس سماجي وجـود کي طـئي ٿو ڪـري بلڪه ان جي بلڪل اُبـتڙ اهو سـندس سـماجي وجـود آهي جيڪو سـندس شعور کي طئي ڪندڙ آهي. پنهنجي اوسر جي هڪ خـاص ڏاڪي تي اچي ڪـــري پيــداواري قوتــون ســماج □ رائج انهن پيــداواري تعلقن (يا ٻين لفظن □ پيـــداواري تعلقن جي قـــانوني اظهـــار ملڪيتي رشتن) سان تضاد □ اچن ٿيون چاڪاڻ ته اهي پيداواري رشتا جيڪي هڪ مخصوص دور تـائين انهن پيـداواري قـوتن جي

اوسر جو سبب رهيا آهن اُهي هاڻ اُن ساڳي ئي اوسر جي راهه ۾ رنڊڪ بڻجن ٿا. پوءِ اتان کان ئي هڪ سماجي انقلاب جو عمل شروع ٿئي ٿو. سماج جي پيڙهه جي پٽر واري حيثيت رکندڙ انهن معاشي بنيادن جي تبديل ٿيڻ سان گهٽ وڌ سموري سماجي سرشتو تيزيءَ سان تبديل ٿئي ٿو. ان کايا پلٽ تي ڳالهائڻ وقت اُن فرق کي نه وسارڻ کپي پاسي جيڪو هڪ پاسي فطري سائنس جي مدد سان تکي توري سگهجندڙ پيداوار جي معاشي حالتن ۾ ايندڙ مادي تبديلين ۾ ٻئي پاسي اُن ئي سماج جي قانوني، سياسي، مذهبي، جمالياتي توڙي فلسفياڻي دائرن يعني مجموعي طور انهن نظرياتي سانچن ۾ ايندڙ تبديلين ۾ موجود هوندو آهي جن منجهه ماڻهو ان تضاد بابت سُڃاڻ ٿيندو آهي ۾ اها ويڙهه وڙهندو آهي. جيئن پاڻ کنهن به ماڻهو بابت راءِ قائم ڪرڻ لاءِ اهو ناهيون ڏسندا ته هو پنهنجو پاڻ کي سمجهي ڇا ٿو، بلڪه سندس پاڻ بابت راءِ کي پڻ سندس مادي حالتن منجهان سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون، ساڳئي ئي انداز ۾ ڪنهن سماجي کايا پلٽ کي سمجهڻ لاءِ پڻ اهو نه ڏسبو ته سماج ۾ رائج سماجي سمجهه ان کايا پلٽ کي ڪيئن ٿي ڏسي، بلڪه ان جي اُبتڙ اهو ڏسڻ ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪبي ته اُهي کهڙيون مادي حالتون ۾ سماجي تضاد آهن جن آذار اهو سماج ايئن سمجهي ٿو. ٻين لفظن ۾ سماجي شعور کي سمجهڻ لاءِ اُن سماج جي پيداواري قوتن ۾ رشتن ۾ موجود تضاد کي سمجهڻ لازمي شرط آهي. ڪو به سماجي نظام اُن وقت تائين تباهه ٿي ئي نه ٿو سگهي جيستائين منجهس پيداواري قوتن جي اوسر جي گنجائش موجود آهي ۾ نوان پيداواري رشتا اُن وقت تائين جنم وٺي ئي نه ٿا سگهن جيستائين پُراڻي سماج ۾ سندن جنم ۾ وجود لاءِ گهُربل ماحول پچي راس نٿو ٿئي. ان ڪري انسانذات پاڻ تي هميشه اُهو ئي بار وجهندي آئي آهي جنهن کي کڻڻ جو ست منجهس پيدا ٿي چُڪو آهي. بلڪه جيڪڏهن اجا غور ڪري ڏسبو ته خبر پوندي ته سماجي ترقي جا اهي نوان هدف پڻ صرف ۾ صرف اُن ئي صورت ۾ پيدا ٿي سگهندا آهن جڏهن يا ته سندن جنم لاءِ مادي ضرورتون پوريون ٿي چُڪيون هُجن يا پوري ٿيڻ جي عمل ۾ هُجن. وسيع پس منظر ۾ ايشيائي، قديم، جاگيرداري توڙي جديد سرمائيداري پيداواري

طريقيڪار (مُعاشي نظام) پڻ سماج جي معاشي جُڙت جي تاريخ □ پنهنجي پنهنجي دور جا انقلابي نظام هُئا. سرمائيداري پيداواري تعلق پيداوار جي سماجي عمل جي آخري دُشمناڻي يا غير منصفاڻي صورت آهن. ساڳئي ئي وقت خود سرمائيداري نظام جي پنهنجي ڳڀ □ پلجندڙ پيداواري قوتون ئي انهن مادي حالتن کي جنمي رهيون آهن جن منجهه ان ناانصافي يا زيادتي جو تدارڪ ممڪن ٿي سگهندو. ان ڪري ئي هي سماجي ترتيب ماڻهو جي تاريخ جي غير انساني يا انسان دُشمن دور جي پُڄاڻي ٿيندي."

مارڪس جي مٿي ڪيل ڳالهه منجهان ڪُجهه خاص پاسن تي ڌيان ڏيڻ □ سندن هڪ ڀيرو ٻيهر وضاحت ڪرڻ ضروري □ فائديمند آهي جن منجهان سيني کان اڳ □ مارڪس جو تاريخ جي تبديلي □ اوسر جو تصور آهي. سماج □ تبديلي پيداواري قوتن □ پيداواري تعلقن جي ٽڪراءُ جي نتيجي □ ئي اچي ٿي. جڏهن ڪو به پيداواري سرشتو موجود پيداواري قوتن کي ترقي ڏيارڻ بجاءِ اُلٽو سندن اوسر کي روڪي ٿو، ته اُهو سماج، جيڪڏهن ان تضاد □ تباهه نه ٿو ٿئي ته، پيداوار جا اُهي طريقا جنميندو جيڪي نه صرف نَون پيداواري قوتن سان ٺاهه □ هُجن پر اُنهن کي اوسر پڻ ڏيارين. سموري تاريخ □ انساني ارتقا جو عمل فطرت سان جدوجهد جي ئي تاريخ آهي. تاريخ □ هڪ دور اهڙو به ايندو (جيڪو مارڪس چواڻي ڪو گهڻو پري نه آهي) جو ماڻهو فطرت جي پيداواري وسيلن کي ايتري اوسر ڏياري چُڪو هوندو جو ماڻهو □ فطرت جي وچ □ اهو تضاد پنهنجي حل تائين رسندو. ان ئي ڏاڪي تي تاريخ جو اُهو دور شروع ٿيندو جنهن کي حقيقي "انساني" تاريخ چئي سگهبو. (هلندڙ)

محدود ۽ لامحدود
(Finite & Infinite)
بخشل ٿلهو

There is a concept which corrupts and upsets all others. I refer not to Evil, whose limited realm is that of ethics; I refer to the infinite.
Jorge Luis Borges.

“هڪ تصور آهي جيڪو سڀ کي متاثر ڪري ٿو، منجهائي ٿو، منهنجو اشارو شيطان ڏانهن ناهي جيڪو ٻاڻ صرف اخلاقيات جي دائري تائين محدود آهي. منهنجو اشارو لامحدود ڏانهن آهي.” (جارج لوئي بورگس)



عام طور تي جڏهن اسان محدود ۽ لامحدود جي تصور تي غور ڪندا آهيون ته اسان کي جاگرافيائي حدون ۽ انهن کان ٻاهر جو لامحدود جهان ئي خيال ۾ خيما کوڙيندي پاسندو آهي. حد ڇا آهي؟ ڇا هڪ حد کان ٻاهر بي ۽ ان کان ٻاهر بي حد ۽ اهڙي ريت ڇا رڳو حدون ئي آهن ۽ جيڪڏهن رڳو حدون ئي آهن ته ٻيءِ لاحد، انحد يا لامحدود ڇا آهي؟ جنهن لاءِ گهٽو وقت اڳ ڪبير اهو چيو هو ته

“حد حد چلي هرڪو، بيحد چليا نه ڪوءِ
بيحد ڪي ميدان ۾، ڪڙا ڪبير روءِ”
لطيف به اهڙي قسم جي ڳالهه ڪندي چيو ته
“لوچان تي لاحد ۾، هادي لهان نه حد”

اهڙيءَ ريت اهو سوال موجود آهي ته اهو لاحد يا لامحدود ڪهڙو آهي جتي ڪبير ۽ لطيف روئين ۽ لوچين ٿا ۽ عام شعور جي ابتڙ حقيقت کي خاص مقرر حدن تائين محدود نه ٿا سمجهن.؟ ايئن ته ڪونهي ته لامحدود بيو ڪجهه نه پر حدن جو

اڪٽ (يا بي حد) حساب يا جهان آهي؟ جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ محدود ۽ لامحدود جو پاڻ ۾ تعلق ڪهڙو آهي ۽ اسان انسان (محدود ۽ڪثل وجود جي حيثيت ۾) هڪ اهڙي حقيقت بابت ڪيتري صحت سان ڳالهه ٻولهه ڪري سگهون ٿا جيڪا سڌيءَ ريت اسانجي تجربي جو حصو ٿي نه ٿي سگهي وغيره وغيره. اهي ۽ اهڙا ڪوڙ سارا ٻيا سوال هر جُڳ جي عام توڙي خاص ذاهن ماڻهن جي مونجهاري جو سبب بڻيا آيا آهن ۽ هر دور انجا جواب ڏيندو آيو آهي. توڙي جو محدوديت ۽ لامحدوديت جهڙن تصورن تي اڄ رياضي (ميٽا ميٽڪس) طبعيات ۽ (فزڪس) جهڙا علم ٻنهجي ٻنهجي دائرن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن پر اسان انهن تصورن کي جدلي فلسفي جي سمجهه سان پرکڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

محدود ۽ لامحدود جي فلسفياڻي سمجهه جي تاريخي اوسر:



جنوري 1593ع جي ڳالهه آهي جڏهن ست مهينا اڳ گرفتار ڪيل گيارڊينو برونو نالي هڪ ڏوهاريءَ کي روم آندو ويو. مٿس الزام هيو ته هُن ڪائنات بابت انهن خيالن کي رد ٿي ڪيو جن کي تڏهن جي پاپائيت مڃيو ٿي. جهڙوڪ ڌرتي ڪائنات جو مرڪز آهي ۽ ڪائنات محدود آهي وغيره. انجي ابتڙ برونو جو خيال هو ته، نه ڌرتي ڪائنات جو مرڪز آهي ۽ نه وري ڪائنات لامحدود آهي. ان وڏي ڏوهه سبان ڪيس ست سال سخت اذيت هيٺ جيل اندر واڙيو ويو ته جيئن برونو کي پنهنجي خيالن تان هٿ ڪڻائي سگهجي. پر برونو انهن سوالن جي پاداش ۾ جن جو سندس روزاني جي عام زندگيءَ سان ڪو تعلق ڪونه هيو سڀ ڪجهه سهڻ لاءِ تيار هو. نتيجي طور مايوس ٿي چرچ ڪيس ملحد

لیکن اُدھر مشرقِ وسطی کے عرب ایک نئی بصیرت سے تازہ دم ہو کر اپنی قبائلی حدود سے باہر نکل آئے تھے۔ اُن کی ابتدائی مہمات یورپ کے خلاف تھیں جو رومن اسراف کے نتیجے میں تھک کر چور پڑا تھا۔ اور پھر انہوں نے اپنی توجہ بازنطین BYZANTINE پر مرکوز کی، جس کی اس وقت اپنی مہم بس یہ تھی کہ وہاں کے عام لوگ عیسائیت کی مذہبی رسوم پر باقاعدگی سے عمل کریں۔ مشرق میں عربوں کا مقابلہ ہندوستان سے ہوا، جس کے ذات پات کے نظام میں ایسے متعدد سماجی گروہ موجود تھے جو عقلیت پر مبنی اصلاحات کے لیے معروضی طور پر تیار تھے۔

عربوں کی یہ ابتدائی مہمیں غیر متوقع اور ڈرامائی طور پر کامیاب رہیں۔ تاریخی حوالے سے کہیں زیادہ اہم بات یہ ہے کہ ان فتوحات کے نتیجے میں عربوں کا تعارف ان قدیم تہذیبوں سے ہوا، جو ان کی اپنی تہذیب سے اپنے زمانے میں کہیں زیادہ ترقی یافتہ تھیں، یعنی مغرب میں یونان اور مشرق میں ہندوستان۔ اپنی جگہ پر عرب معاشرہ خود جوان اور توانا تھا اور اپنی اس سلطنت کو مستحکم کرنے کا خواہاں تھا جسے اس نے کچھ زیادہ ہی آسانی سے فتح کر لیا تھا۔ چنانچہ انہیں تخیلات، سائنس اور سائنسی رویوںکی شدید سماجی ضرورت تھی، اور انہوں نے سائنس پر باقاعدہ جھپٹا مارا اور اس بات سے ان کے ضمیر کو کوئی دھکا نہیں لگا کر ان کی اپنی بصارت میں ان کا دین انسانیت پر نازل ہوا تھا اور ان کی زندگی کا دارومدار ایمان پر تھا۔ حقیقت یہ ہے کہ اس زمانے کا تقاضا یہ تھا کہ مومن اپنے زمانے کا سب سے بڑا عقلیتی سائنسدان بن جائے گا لیکن صرف کچھ عرصے تک۔

ڀڳت سنگهه جو پيغام
نوجوان سياسي ڪارڪنن ڏانهن
(اختصار سان)

پيارا ڪامريڊ ساٿيو:



هن وقت اسانجي تحريڪ نهايت ئي اهم دور منجهان گُذري رهي آهي. هر اُها قوم جيڪا جابر حُڪمرانن خلاف بغاوت جو علم بُلند ڪندي آهي، اُن کي ابتدا ۾ ناڪامين جو منهن ڏسڻو پوندو آهي. ان بغاوت جو آخري تير دُشمن جي سيني ۾ ان مهل ڪوڙيو ويندو آهي جڏهن اوهان جي سموري قوت ۽ طاقت منظم هُجي ۽ قوم جي وسيلن تي اوهان کي قبضو حاصل هُجي. ان مرحلي تي پڻ ناڪامي تي سگهي ٿي ۽ ان جاءِ تي سمجهوتو لازمي بڻجي ويندو آهي.

1905 ۾ روس ۾ انقلابي تحريڪ وڏي جوش ۽ جذبي سان اُٿي. سمورا اڳواڻ نهايت ئي پُر اُميد هُئا. ڪي ماڻهو لينن وٽ آيا ۽ اچي ڪيس ٻُڌايائون ته هُنن درجن کن جاگيردارن کي ماري انهن جا بنگلا ساڙي ڇڏيا آهن. اُن وقت لينن کين جواب ڏنو ته وابس وڃو ۽ 1200 جاگيردارن کي ماري اچو ۽ جيترا گهڻا بنگلا ساڙي سگهو ساڙي اچو. پر اُهو ساڳيو ئي لينن 1917 جي انقلاب کانپوءِ بريسٽ لٽووسڪ معاهدي جي موقعي تي مڪمل طور اڪيلو ٿي وڃڻ بعد پڻ ٿاهه ۽ صُلح تي زور ڏيندڙ اڪيلو ماڻهو هو. جڏهن هڪ پاسي سندس سمورن ساٿين جنگ جي حمايت ڪئي ته اهو اڪيلو لينن هو جنهن چيو ته ”امن، امن، صرف امن، هر صورت ۽ هر قيمت تي امن! ان امن لاءِ پلي روس جا ڪيترائي صوبا جرمنن کي ڏيڻا پئجي وڃن.“

منهنجو اشارو جنهن ڳالهه ڏانهن آهي اُها اِها آهي ته جدوجهد دوران سمجهوتو هڪ اهم هٿيار جي حيثيت رکي ٿو. پر اسان کي اها ڳالهه نه وسارڻ کپي ته تحريڪ لاءِ سڀ کان اهم شي اهو نظريو آهي جنهن تحط اها تحريڪ هلي رهي آهي.

اسين جنهن مقصد لاءِ وڙهي رهيا آهيون اُن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي نظرياتي طور واضح ۽ چِٽو هُجڻ کپي. اها نظرياتي چِٽائي ئي آهي جيڪا اسان کي پنهنجي ڪاميابي ۽ ناڪامي جي تصديق ڪرڻ ۽ مستقبل جي منصوبابندي ڪرڻ ۾ اسان جي مدد ڪندي آهي. هڪ انقلابي کي اها ڳالهه ڪڏهن نه وسارڻ کپي ته هُو هڪ مڪمل انقلاب لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي. سمجهوتن منجهان خطرو اهو هوندو آهي ته رُجعت پسند قوتون هميشه اها ڪوشش ڪنديون آهن ته اهڙن سمجهوتن ڪانپوءِ انقلابين ۾ ڦٽوڙ وجهن پر قابل ۽ بي خوف انقلابي اڳواڻ انقلابي تحريڪن کي اهڙن خطرن کان بچائي وٺندا آهن. اهڙين انقلابي حڪمت عملين جي حوالي سان لينن جي زندگي ۾ ڪم جو مطالعو ضروري آهي. هُن پنهنجي ڪتاب "ليفٽ ونگ ڪميونزم: هڪ ٻاراڻي بيماري" ۾ سمجهوتي جي موضوع تي نهايت ئي تفصيل سان لکيو آهي. اسان جا اڳواڻ (ڪانگريسي ۽ مسلم ليگي) هارين کي جوڙڻ بجاءِ هميشه انگريز حڪمرانن اڳيان هٿيار ڦٽا ڪرڻ کي ترجيح ڏيندا آيا آهن. اهو ئي سبب آهي جو آءٌ سمجهان ٿو ته هندستان جي آزادي جي هن تحريڪ جو مقدر ناڪامي آهي. پوءِ اُها ڪنهن سمجهوتي تي ختم ٿئي يا ان ڪانسواءِ ئي فنا ٿي وڃي. آءٌ ائين انڪري سمجهان ٿو جو آءٌ ڏسان ٿو ته حقيقي انقلابي قوتون هن جدوجهد ۾ شامل نه آهن. هي جدوجهد هارين ۽ پورهيتن جي آزادي جي جدوجهد بجاءِ وچئين طبقي ۽ سرمائيدارن جي رعايتن حاصل ڪرڻ جي جدوجهد آهي ۽ ياد رکو ته اهي ٻئي طبقا جدوجهد دوران پنهنجي ملڪيت جي حوالي سان ڪڏهن به ڪو خطرو نه کڻندا. حقيقي انقلابي فوج ڪارخانن ۽ ڳوٺن ۾ موجود آهي ۽ ياد رکو ته هڪ دفعو اُهي جاڳي پيا ته پوءِ ڪير به کين سندن منزل "انقلاب" تائين پُهچڻ کان روڪي نه سگهندو. 1920 ۾ احمد آباد جي پورهيتن سان گڏ جدوجهد ڪرڻ جي تجربي بعد گانڌي قسم کڻي ڇڏيو ته هو مزدورن ۽ پورهيتن جي ويجهي به نه ويندو ۽ هو ته چوندو هو ته ڪارخانن جي انهن مزدورن کي جدوجهد ۾ شامل ڪرڻ خطرناڪ آهي. جواهر لعل نهرو کي ته ڇڏيو پر ڇا توهان ڪنهن هڪ به ڪانگريسي اڳواڻ جو نالو کڻي سگهو ٿا جنهن ڪڏهن هارين ۽ پورهيتن جي ڳالهه ڪئي هُجي؟ اهي

اهڙو خطرو ڪڏنهن به نه ڪٽندا چاڪاڻ ته اهي مڪمل انقلاب نه ٿا چاهن. سندن منشا صرف سياسي دباءُ وسيلي ڪي رعايتون حاصل ڪرڻ ئي آهي جيڪي بڻ صرف اُن سرمائيدار طبقي لاءِ ئي هونديون.

پر مان چاهيان ٿو ته نوجوانن کي چوان ته هو مايوس نه ٿين. اسين جڏنهن انقلاب زنده باد جو نعرو هڻون ٿا ته اسان جو مقصد هن موجوده استحصالي نظام کي پاڙ کان پٽي اُڇلائڻ آهي. ان وڏي مقصد تائين رسڻ لاءِ اسانجو فوري مقصد طاقت جو حصول آهي. سرڪاري مشينري حڪمرانن جي هٿن ۾ هڪ هٿيار آهي جنهن کي هو پنهنجي بچاءُ لاءِ استعمال ڪندا آهن. اسان کي اُهو هٿيار سندن هٿن مان ڦُري پنهنجي مقصد لاءِ ڪتب آڻڻ کپي. اسين سماج جي ڪميونسٽ بنيادن تي تعمير جي جنگ وڙهي رهيا آهيون. ان جنگ جو هڪ اهم پاسو عوام کي باشعور بڻائڻ جو بڻ آهي جيئن پنهنجي جدوجهد لاءِ هڪ سازگار ماحول تيار ڪري سگهجي.

هر انقلابي جماعت لاءِ هڪ واضح مقصد هُجڻ لازمي آهي. اوهان کي چڱي ريت خبر هُجڻ کپي ته انقلاب جو مطلب عمل آهي. ان مان مُراد اچانڪ، غير مُنظم يا خيالي تبديليءَ بجاءِ هڪ منظم، مسلسل ۽ مستقل تبديلي آهي. اهڙي ڪنهن انقلابي عمل ۾ شريڪ انقلابين کي هيٺين ٽي شين هر صورت ۾ نظر ۾ رکڻ کپن.

1: مقصد

2: موجوده صورتحال جي گهري ڇانڊ

3: جدوجهد جو طريقيڪار (وسيلا ۽ پاليسي)

اسان هڪ سوشلسٽ انقلاب چاهيون ٿا. سياسي انقلاب محظ اُن جي ابتدا آهي. سياسي انقلاب مان مُراد رياستي مشينري ۽ طاقت جي انگريزن کان هندستاني اشرافيه ذانهن منتقلي بجاءِ عوامي حمايت يافته انقلابي قوتن ڏانهن منتقلي آهي. سماج جي اشتراڪي بنيادن تي نئين سر تعمير صحيح رُخ ۾ ان بعد ئي ممڪن ٿي سگهندي. جيڪڏهن توهان وٽ انقلاب مان مُراد اها نه آهي ته پوءِ معاف ڪجو پر توهان جو ”انقلاب زنده باد“ جو نعرو ڪوڪلو آهي ڇاڪاڻ ته توهان انقلاب جي حقيقي معنيٰ سمجهي ئي نه آهيو سگهيا.

اوهان جيڪڏهن چاهيو ٿا ته هارين ۽ مزدورن جي حقيقي حمايت حاصل ڪري سگهو ته پوءِ ياد رکو ته اهي هاري ۽ مزدور توهان جي ٺلهن نعرن يا جذباتي تقريرن جي سحر ۾ اچڻ بجاءِ اوهان کان صاف لفظن ۾ پُڇندا ته آخر ڪهڙو انقلاب آهي جنهن لاءِ اوهان کانئن اها قرباني وٺڻ آيا آهيو؟ ان انقلاب سان سندن زندگين ۾ ڪهڙي تبديلي ايندي؟ جيڪڏهن طاقت ۽ اختيار انگريزن بجاءِ هندستانين ڏانهن منتقل ٿي ويو ته اُن سان اُنهن عام هارين ۽ مزدورن کي ڪهڙو فائدو پهچندو؟ اُن کي “هندستاني قوم” جي ٺلهي سراب ۾ ڦاسائڻ سان اوهان کي ڪوئي فائدو ڪونه ٿيندو.


ياد رکو ته هڪ پيرو اوهان جدوجهد لاءِ گهُربل حدف طي ڪري ٿا ونو ته صرف اُن ئي صورت ۾ اوهان عملي جدوجهد ۾ پنهنجي سموري قوت کي منظم ڪري اڳيان وڌي سگهو ٿا. جڏهن جاري تحريڪ ختم ٿيندي ته اوهان کوڙ سارن مُخلص انقلابي ڪارڪنن ۾ ڪاوڙ، ڪرب ۽ چڙ جا رويا اُڀرندي ڏسندوءَ. پر اوهان جيڪڏهن انقلابي آهيو ته اوهان لاءِ مايوس ٿيڻ جي چوندا ناهي ڇاڪاڻ ته هڪ انقلابي کي هر قسم جي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهڻو پوندو آهي. انقلاب هڪ بي انتها مشڪل ۽ ٿڪائيندڙ عمل آهي ۽ نه ته ڪو هڪ فرد يا گروهه جڏهن چاهي انقلاب برپا ڪري سگهن ٿا ۽ نه ئي اهڙي ڪنهن تبديلي جي ڪائي تاريخ يا وقت طي ڪري ٿا سگهن. انقلاب مخصوص سماجي ۽ معاشي حالتن منجهان ئي جنم وٺندو آهي ۽ اها هڪ منظم انقلابي جماعت ئي هوندي آهي جيڪا اهڙين حالتن منجهان فائدو حاصل ڪندي صورتحال تي قبضو ڪري وٺندي آهي. انقلاب جي امڪاني حاصلات کي يقيني بنائڻ لاءِ تنظيم ۽ عوام کي تيار ڪرڻ جو ڪم تمام ڪٺن آهي جنهن لاءِ انقلابي ڪارڪنن کي هر ممڪن قرباني لاءِ تيار هُجڻو آهي. آءٌ واضح ڪري ڇڏيان ته جي اوهان جُز وقتي انقلابي آهيو ته مهرباني ڪري ٻاهه سان ڪيڏڻ واري خواهش ترڪ ڪري ڇڏيو. انقلابي جماعت کي اهڙن ڪارڪنن ۽ ليڊرن جي ضرورت ناهي هوندي جيڪي انقلاب صرف لفظن ۾ آڻيندا هُجن. اسان کي انقلابي جدوجهد لاءِ ڪُل وقتي انقلابي ڪارڪنن جي ضرورت آهي جن جو اُٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ، جاڳڻ ۽ سمهڻ انقلاب ئي

هُجي.

ڪامريڊ لينن کي اهو ڪُل وقتي انقلابي ڪارڪن جو اصطلاح ڏيڻو پوندو هو. اهڙا انقلابي جن جو مرڻ ۽ جيئڻ انقلاب ئي هُجي. اوهان جي جماعت ۾ اهڙا ڪارڪن جيترا گهڻا هوندا، اوهان جي ڪاميابي جا رستا اوترا ئي وڌيڪ روشن ٿيندا. اهڙي پارٽي کي انقلابي نظم ضبط جي اشد ضرورت هوندي آهي. هڪ انقلابي پارٽي کي اهڙن ڪارڪنن جي ضرورت هميشه رهندي آهي جن جي تربيت نوجوانن جي تحريڪن وسيلي ٿي هُجي. ان گهُريل تربيت لاءِ عملي جدوجهد سان گڏ اسٽڊي سرڪلن، تربيتي ليڪچرن، پمفليٽن تُوڙي ڪتابن ۽ رسالن جو انتهائي اهم ڪردار هوندو آهي.

اڄ اهو واضح ٿو ڪري ڇڏيان ته آءٌ نه ته پنهنجي سياسي تاريخ جي شروع ۾ دهشتگردي جو حامي هُئس ۽ نه ئي هاڻي آهيان. منهنجو مڃڻ آهي ته دهشتگردي وسيلي ڪُجهه به حاصل نه ٿو ڪري سگهجي. اسان جون اُهي سموريون ڪوششون جن کي دهشتگردي ڪري ڳڻيو وڃي ٿو سي صرف ۽ صرف ان مقصد لاءِ هُيون ته اسين ان انقلابي تحريڪ جي مزاحمتي پاسي کي ڪنهن حد تائين عيان ڪري سگهون.

"انقلاب زنده باد"



برطانوي ڪميونسٽ ليکڪ
ايمل برنس جو مارڪسزم بابت تعارفي ڪتاب
مارڪسزم چا آهي؟
آدرش پبليڪيشنز پاران ڇپجي پڌرو ٿي چڪو آهي.
مترجم ڪامريڊ لطيف لغاري نون پڙهندڙن سياسي ڪارڪنن لاءِ هڪ لاياٿتو پورهيو ڪيو آهي.
ڪتاب شاهه لطيف ڪتاب گهر نزد حيدر چوڪ

فلسفي جي تاريخ

Heraclitus هيراڪلائيٽس

آزاد ماڇي

(The Sophists) سوفسطائي

آزاد ماڇي



اڄ جنهن موضــوع تي قلم کڻجي پيو ان فلســــــفي جي اهڙي استادن تي ڳالهـــائيو جيڪي اڄ کـان صـديون پراڻا آهن پر انهن جا ڏنل دليل اهڙا آهن جن کي اڄ به شد مد ســـان ســماج جا پڙهيل لکيل يا اڻ پڙهيل جــوان يا پڪا پوڙها خوبصــورت انــداز ســان ڄاڻائي يا اڻ ڄاڻـائي پيش ڪنـدا پيا اچن. تنهنڪـريِ هڪ ڳالهه جيڪا ذهن رکڻ گهــرجي اها هي آهي ته هي موضــوع جيــترو پراڻو آهي ايــترو نئــون به آهي. هي فلســفي جي اها وات آهي جنهن تي اهــڙا فــرد ڪاميــابي ســان هلنــدا آهن جيڪي زنـدگي صرف ڪنهن هڪڙي وات تي هلڻ جا خواهشمند نه هجن. اهڙا فــرد جيڪي اهيو طــئي ڪــري چڪا هجن ته جــيئڻ لاءِ سچ نه بلڪه اها شي اهم آهي جيڪا فائديمند هجي. يا اهي ذهـني طـور ايترا ڪمزور هوندا آهن جو سچ ڪوڙ فرق نه ڪري سگهندا آهن اهي ڏيک ڪي ئي سچ سمجهندا آهن ڏيک جي بدلجڻ سان انهن جو سچ به بدلجي ويندو آهي.

فلســفي جي تــاريخ انهن کي سوفســطائي (sophists) سڏيو وينـدو آهي تنهنڪـري اڳيـان وڌڻ کـان اڳ سـادي انـداز

سان سمجهنداسين ته لفظ PHILOSOPHY جو مطلب ڇا آهي ته جيئن سوفسطائين کي به سمجهي سگهجي؟ فلاسافي بن يوناني لفظن فليا معنى پيار ۽ سوفيا مطلب ڏاهپ جو اشتقاق آهي جنهن مطابق فلاسافي جو مطلب ڏاهپ سان پيار آهي ۽ اسانPHILOSOPHER ان کي چونداسين جيڪو ڏاهپ سان پيار ڪندو هجي. ان ئي لفظ مان SOPHIST به نڪري ٿو جنهن جو مطلب صرف ڏاهو هجڻ آهي. ان کي گڏجي لکجي ته فلاسافي معني ڏاهپ سان پيار، فلاسفر مطلب اهو فرد جيڪو ڏاهپ سان محبت ڪري ۽ سافست اهو آهي جيڪو صرف ڏاهو هجي يا ڏا هپ سيکارڻ ۾ ماهر هجي.۽ ڏاهي هجڻ مان مراد اها ته هوايترو ڏاهو هجي جو هن جو گذر سفر پلو تي وجي.

سقراط جي هنن هم عصر فيلوسوفن سوفسطائين تي ڳالهائبو ته اهو به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته اسان فلسفي جي اهڙي وهڪري ۾ داخل ٿينداسين جنهن ۾ سوال اهي نه هوندا ته فطري دنيا ڪيئن وجود ۾ آئي؟ آيا هن دنيا جي تخليق هڪ عنصر سان ٿي يا گهڻن عنصرن مان ٿي آهي؟ ان کان انڪار نه آهي ته سوفسطائين فطري فيلوسفن جي خيالن ۽ نتيجن تي ڳالهايو ۽ انهن کي ڦهلائڻ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيو پر هنن جا پنهنجا موضوع ڪائنات ۽ فطري دنيا کان هٽي ڪري هئا. اهي سماج ۾ مختلف مقصد ۽ مختلف سوچون ڪٽي لٿا جن تحت اهي ماڻهن کي دنياوي زندگي ۾ عملي انسان ڪرڻ چاهيندا هئا تنهنڪري سافستس جا بحث مختلف موضوعن تي آهن. هنن ڏانهن جيڪو ڪريڊٽ وڃي ٿو سو هي آهي ته سوفسطائين فلسفي کي آسمان، سيارن، ۽ ڪائنات مان ڪٽي هيٺ زمين تي آندو. ڇاڪاڻ انهن جي گفتگو جو موضوع خود انسان يا انساني ۽ سماجي معاملا بڻيا. انهن معلوم ڪرڻ چاهيو ته خود انسان ۽ هن جي وجود جي ان ڪائنات ۾ بيهڪ ڇا آهي؟ ان جو مطلب بلڪل اهو نه وٺڻ گهرجي ته سافستس کان پهرين جي فيلوسوفن انسان جي ڪائنات ۾ بيهڪ يا ڪردار تي نه ڳالهايو آهي. فيثاغورث کان وٺي اناڪسگورس، پوء امپيڊڪليز هجي يا ڊماڪرٽس انهن بلڪل انسان تي لکيو ۽ ڳالهايو آهي گذريل پرچي ۾ڊماڪرٽس جي اخلاقيات تي پاڻ لکيوهو جنهن ۾ هن ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته انسان خوش ڪيئن رهي

سگهي ٿو. پر فطري فلسفين جي سوچ جو اصل محور ڪائنات ۽ ان جي تخليق وڌيڪ هو جيڪو وري سافسٽس وٽ گهٽ ملي ٿو. اهو انهن (سافٽس) کي فطري فيلوسوفن کان منفرد بڻائي ٿو. هي اهي فرد بڻيا جن استاد جو پيشو اختيار ڪيو. هي زينوفنيز وانگي رولاڪ (wandererers) هئا جيڪي گهر گهر يا شهر شهر وڃي ماڻهن کي تعليم ڏيندا هئا. چاڪاڻ ته ان دور ۾ اسڪول ۽ ڪاليج وارو رواج نه هوندو هو ۽ هي پراڻا استاد اڄ جي استادن وانگي پئسا وٺي پڙهائيندا هئا ۽ ان تي فخر به ڪندا هئا. هنن مان ڪافي پنهنجي ان پڙهائڻ واري پيشي مان امير به بڻجي ويا. بهرحال سوال هي اڀري ٿو ته اهي ڪهڙا ڪارڻ هئا جن سبب سوفسطائي سوچ رکندڙن کي ان دور ۾ اهميت ملي هاٽي ان تي ڳالهائبو.

سوفسطائين جي دور ۾ ايٿنز پرامن، خوشحال، ۽ طاقتور علائقو هو. ان جو سبب پرڪليز جو حڪومتي دور هو جنهن ۾ يونان گهڻي ترقي ڪئي. يونان ۾ تقريبا هڪ هزار شهري رياستون(city states) هونديون هيون. جن کي پولس (polis) سڏيو ويندو هو. پولس دراصل اهي علائقا هوندا هئا جتي اڪثريت هارين جي رهندي هئي. پولس کان علاوه اتي اڪراپولس (Acropolis) به هوندو هو جنهن جو مطلب مٿانهين وارو شهرجنهن جي چوڌاري ديوار ڏنل هوندي هئي. اهي جيڪي پولس هوندا هئا اهي تقريبا اڪروپولس جي هيٺ چوڌاري ڦهيل ڳوٺ نما ننڍڙا علائقا هئا جن ۾ ساڳيو مذهب، سوچ، ثقافت ۽ پولي رکندڙ فرد رهندا هئا ۽ هڪ جهڙي سياست به ڪندا هئا. ان دور ۾ سياست هر آزاد فرد جي زندگي جو حصو هئي چاڪاڻ اتي ادارا هلائيندا ته امير طبقي جا فرد هئا پر غريب (سواءِ غلامن ۽ عورتن) کي پنهنجي ڳالهه رکڻ جو پورو حق هوندو هو. جيڪڏهن ڪنهن سان ناانصافي ٿي ته اهو همراه پنهنجو ڪيس پاڻ وڙهندو هو، دليل ڏيندو هو ۽ مخالف پارٽي کان ڪيس کٽڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندو هو. خود پيرڪليز جنهن ايٿنز کي ايترو اڳيان ڪنيو ان کي به اهڙي عدالت ذريعي 1501 ججن 430 ق.م ۾معزول ڪرڻ جي سزا ڏني هئي ڪجهه اڳيان هلي نيڪ 30 سالن کان پوءِ 399 ق.م ۾ جن ججن سقراط کي زهر جو پيالو پيارڻ جي سزا ڏني هئي انهن جو

تعداد 500 هو. هي ايٿنز جي ان دور جو نقشو آهي جــتي اوائلي جهمــوريت پنهنجي اوســر جي ڏاڪي تي هــئي ۽ هر آزاد فــرد سياسي، معاشـي، مـذهبي معا ملن تي عـدالتن ۾ ڪيس رکڻ جو حق رکندو هو. هاڻي ڪير جيڪڏهن پنهنجا مسئلا ڳـالهين جي ذريعي حل ڪرڻ چاهي ٿو ته ان لاءِ ضـروري ٿڃي پونـدو هو ته هو ايٿنز جي قانون بابت ڄـاڻي ۽ هو دليل ڏيڻ ۾ به مـاهر هجي. هي اهڙا ڪارج هئا جن سوفسطائين کي وڌڻ ۾ تـرقي ڏيـارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هرڪو انهن وٽان قـانون ۾ ڳالهـائڻ جي فن جي سـکيا وٺڻ لاءِ چريو هونـدو هو بلڪل اهـڙي طـرح جـيئن اڄ جي دور ۾ نوجوانن جي گهڻائي سي ايس ايس جو امتحان پـاس ڪـرڻ لاءِ اهـڙن اسـتادن جي تلاش ۾ ڇـري هونـدي آهي جيڪي انهن کي چٽـايپٽي جو امتحـان پـاس ڪـرڻ جا گر سـيکارن. سي ايس ايس جي ڪـــورس ۾ ڏنل ڪتـــابن جو مقصد نه ڪنهن کي ڏاهو ڪرڻ هوندو آهي نه ئي ڪنهن اهو امتحان پاس ڪـري علم ۾ ريسرچ جا ڪي نئوان در کولي ڇـڏيا آهن. ان جو اصل مقصد پئسو، طاقت،سماجي عزت ۾ مرتبو حاصل ڪرڻ هونـدو آهي ۾ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهه به قربان ڪرڻو پـوي ته نوجـوان ڪندا آهن ته جيئن ان حڪمرانن ٽولي جا ساٿي ٿين جن انسانيت جو رت سـڪائي رکيو آهي. تقريبا سـاڳو حـال اهـڙن يونـان جي جوانن جو به هو اهي سوفسطائين وٽان پڙهي حڪمرانن لڏي جا سـاٿاري ٿيڻ چاهينـدا هئا جهـڙي طـرح سي ايس ايس جا گر سيکاريندڙ استاد اڄ جي دور جي ضرورت آهي. اهڙي طرح ايٿنز ۾ سافسـٽس مـاڻهن جي ضـرورت هئـا. هنن جو ڪـورس چئن سالن تي مشتمل هوندو هو جن جو مقصد نوجـوانن ۾ قـابليت (arete) پيـدا ڪـرڻ هونـدو هو جنهن کي انگريـزي ۾ (virtue) چئبو آهي. اڄ جي دور ۾ انگريزي لفظ ورچو جي معـنى قـابليت طـور گهٽ ۾ نيڪي طـور وڌيڪ ورتي وينـدي آهي پر ان دور ۾ ان لفظ جو مطلب قـابليت (excellence) پيـدا ڪـرڻ هونـدي هئي ۾ اڪثر امير طبقي جا نوجوان ئي اهڙي قابليت پيدا ڪـرڻ لاءِ تيار هوندا هئا.

سوفســطائين جي علم مثــان هڪ هــتي تي ڪاپــاري ڏڪ سقراط هنيو هو جيڪو اڪثر هي سـوال رکنـدو هو ته ورچو پيـدا ڪـرڻ ڪـان اڳ ۾ اهو واضع ڪيوته آخر ورچـو(arete) هونـدو ڇا

آهي؟ خير! پئسا وٺي پڙهائڻ جي رجحان سبب غريب طبقو هنن ڪان سکي نه سهگندو هو ۽ بدلي ۾ هي طبقو سافسٽس سان نفرت ڪندو هو.

يونان جي تاريخ ۾ 30 کن سوفسطائين جا نالا آيل آهن جن مان هي پنج مشهور آهن.

پروٽاگورس (Protagoras)

اينٽفان (Antiphone)

گورجيز (Gorgias)

پرادڪس (Prodicsu)

ٿراسميڪس (Thrasymachus)


اڄ جي مضمون ۾ انهن سيني مان تفصيلي ذڪر صرف پروٽاگورس جو هوندو باقي هڪ ٻن فلاسفرن جو ائين مختصر ذڪر ڪجي ٿو.انهن مان گورجيز ڪجهه اهم آهي. هي اصل ۾ سسلي جو رهندڙ هو ۽ 427 ق.م ۾ ايٿنز ۾ آيو. هن تقرير جي فن تي بهترين ڪتاب لکيو. هي سو سال کان مٿي زندا رهيو ۽ هن کي امپيدوڪليز جو شاگرد به سڏيو ويو آهي. هن عدم وجود ۽ فطرت(not being and nature) نالي ڪتاب لکيو ۽ هستي ۽ نيستي تي پنهنجا دليل ڏنا. اولمپيا جي ميدان تي هن جي سون جو مجسمو لڳايو ويو هو. ڪي چون ٿا ته هن ايترو پئسو ڪمايو جو اهو نيڪ ڪم هن پنهنجا پئسا ڏئي پاڻ ڪرايو هو ته جيئن ماڻهو هن جي ڏاهپ جي ماهرهجڻ تي رشڪ ڪندا رهن.

اينٽفان به سوفسطائي هجڻ تي پنهجونالو ڪمايو. هن جو ڪتاب سچ (truth) واحد سوفسطائيت جو ڪتاب آهي جنهن جو ڪوڙ سارو مواد لکت ۾ اڄ به موجود آهي. باقي سوفسطائين جي لکيل ڪتاب جا ٽڪرا نه ٿا ملن يا وري ملبا آهن ته ڪافي مواد اڻ پورو آهي. بهرحال هي چوي ٿو ته رياست ۽ فطرت جي قانون ۾ ڪو تضاد نه آهي. هي پارمينڊيز جي نظريي سان سهمت آهي ته هر شي هڪ آهي. هي ان وحدت پسند نظريي کي سماج جي هر تضاد سان لاڳو ڪري ان نتيجي تي پهچي ٿو ته ڪوڙ ۾ سچ، سٺو ۾ خراب، ڏاهو ۾ بيوقوف. ٿڌو ۾ گرم الڳ هوندي به ساڳيا آهن انهن ۾ ڪو وڏو تفاوت نه آهي.

ان سان ئي تاريخ جي پهرين سوفسطائي پروٽاگورس جي ذڪر طرف اچبو جيڪو اڄ جو اصل موضوع آهي. بهرحال هي

سپ سوفسطائي استاد آهن. انهن جو ڪم پئسا وٺي پڙهائڻ آهي. انهن لاءِ سچ نسبتي آهي، وياڪرڻ (Grammar) ، لاجڪ ، تقرير ۽ مناظري جي فن ۾ قابليت سيکارڻ انهن جو پسنديده مشغلو هوندو هو.

پروٽاگورس



پروٽاگورس 490 ق.م ۾ يونان جي شهر ابدرا ۾ پيدا ٿيو ۽ 420 ق.م ۾ 70 سالن جي عمر ۾ پاڻ کي غير فطري موت کان بچائڻ جي چڪر ۾ غير فطري موت جو شڪار ٿجي ويو. هن جي اهڙي انجام جي خبر موضوع جي اختتام .تي پوندي. دماڪرٽس به ابدرا جو رهندڙ هو تنهنڪري اهو قياس ڪيو وڃي ٿو ته فلسفي طرف هن ئي پروٽاگورس کي راغب ڪيو جيڪو جواني ۾ شهر جي ماڻهن جو سامان هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچائي پنهنجو گذر سفر ڪندو هو. فلسفي طرف اچڻ بعد هن علم کي هڪ اميرنوجوان کان ٻئي امير نوجوان طرف منتقل ڪرڻ کي پنهنجو روزگار جو ذريعو بڻايو. اهو به چيو وڃي ٿو ته دماڪرٽس جو هن جي استاد هجڻ واري ڳالهه وڏاءُ آهي ۽ ان جي ڪا حقيقت نه آهي. خير هي پنهنجن شاگردن کي سياست، دليل ڏيڻ ۾ غور فڪر ڪرڻ تي همٿائيندو هو ۾ خاص طور تي بقايا عمر ان ڳالهه تي عمل ڪندي گذاري ڇڏي ته نوجوانن کي ايريٽ مطلب قابليت سيکاري سگهجي ٿي. ان کان علاوه هي سيکاريندوهو ته انسان پنهنجن ذاتي ۽ گهرو معاملن کي بهتر طريقي سان ڪيئن هلائي سگهي ٿو اها بي ڳالهه آهي ته هن پاڻ ڪڏهن شادي ڪرڻ جو خطرو نه ڪنيو. هي اهو به پڙهائيندو هو ته سماج ۾ ڪيئن رهجي ۽ ان کي پنهنجي لفظن ۽ عملن سان ڪيئن بهتر ۽ رهڻ لائق بڻائجي.

پروٽاگورس جو فلسفو

هن جو فلسفو ڏاڍو دلچسپ آهي ڇاڪاڻ هن جي فلسفي

کي سـمجهڻ لاءِ ڪنهن وڏي دمـاغ جي ضـرورت نه آهي. ٿلهي ليکي هن جي فلسفي جو تت هن جي هيـئي جملي مـان ڪـڍيو ويندو آهي.

‘’Man is the measure of all things, of things that are that they are, of things that are not they are not.’’

ترجمو؛ هر شيءِ جو ماپو انسان آهي جيڪڏهن انسان چـئي ته شيون ائين آهن ته مطلب ائين آهن جي انسان چئي ته شيون ائين نه آهن ته مطلب ائين نه آهن.

ان ڳالهه جو وڏيڪ مفهـوم اهو بيهي ٿو ته مـون کي جيڪا شي جـيئن لڳي ٿي يا سـمجهه اچي ٿي اها ائين ئي آهي جيڪـڏهن اڳـتي هلي مـون کي اها شي ائين نه ٿي لڳي مطلب شي ائين نه آهي. هن لاءِ سچ جو مـاپو خـود سچ جو هجڻ نه بلڪه انسـان ئي آهي اهو انسـان به ڪـو سچ کي اجتماعي حساب سان نه بلڪه فردي حساب سان ڏسندو هجي. جنهن جو مطلب اهو ٿيو ته سچ ڪا معروضـي(objective) نه بلڪه موضوعي(subjective) حقيقت آهي. ڏنو وڃي ته اها خـود سچ سان وڏي نا انصافي آهي چاڪـاڻ بـوءِ سچ اهو وڃي بيهي ٿو ته جيڪو مـان مجـان، اهو منهنجي لاءِ سچ جيڪو توهـان مڃو اهو توهان لاءِ سچ بڻجي وڃي ٿو. جيڪڏهن مان مڃان ٿو ته جن آهن مطلب جن آهن پر جي مان سمجهان ٿو ته جن وجـود نه ٿا رکن ته معنى جن واقعي وجود نه رکندا آهن. هـاڻي ان جو نـتيجو هي نڪتو ته مجڻ واري لاءِ جن آهن نه مجڻ واري لاءِ جن نه آهن. هن جي مطابق انسان جو سچ سـان رشـتو نسـبتي (relative) آهي. هوا گرم آهي يا ٿڌي آهي اها هـوا نه ٻڌائيـندي بلڪ جهـڙي حـالت فـرد هونـدو اهو ٻڌائيـندو ته هـوا گـرم آهي يا ٿـڌي؟ جيڪڏهن همراه ٿڌي پاٽي سان وهنجي جسم تي صفا گرم ڪپڙا پائيـندو ته هـوا ان کي گـرم لڳنـدي پر جي ٿـڌي پـاڻي وهنجي خالي قميص پـائي بيهنـدو ته هـوا ان لاءِ تمـام گهـٽي ٿـڌي بڻجي ويندي. جي اجا به ان ڳالهه کي سادي انداز سـان سـمجهون ته پوءِ اهو هيئن آهي ته فرض ڪيو توهان کي جيڪا فلم تمام سٺي لڳندي آهي اها ئي فلم توهان جي دوست کي ايتري بـور لڳنـدي آهي. هـاڻي توهـان بنهنجي جـاءِ تي بلڪل درست آهيو پر غلط

توهان جو دوست به نه آهي. تنهنڪري سوفسطائي سچ هي آهي ته سچ هر ڪنهن جو پنهنجو آهي ۽ توهان پنهنجو سچ ائين تبديل ڪري سگهو ٿا جيئن رموٽ ڪنٽرول سان چينل تبديل ڪندا آهيو بس پوءِ جيڪو چينل وٽي اهو ڏسو ۽ جيڪو سچ پلو لڳي ان کي مڃو.

سوفسطائين جي سچ جو ماپو شيون نه بلڪه خود فرد آهي. بس پوءِ اهڙن قسمن جا دليل پورٽاگورس اخلاقيات ۽ ديوتائن جي دنيا ۾ ڪٽي اچي ٿو ۽ پنهنجي پسند جا نتيجا ڪڍي ٿو.

هن جو هڪ قصو مشهور آهي ته هڪ شاگرد کي هن ان شرط تي پڙهايو هو ته جيڪڏهن هو پنهنجي زندگي جو پهريو ڪيس هارائيندو ته هي شاگرد کان ان جي ٽيوشن فيس نه وٺندو. جڏهن ڪورس پورو ٿيو ته هي پنهنجي شاگرد وٽ پهريون ڪيس پنهجي فيس جو ئي ڪٽي ويو هو جيڪو هن جو شاگرد ڪٽي ويو ۽ هن کي پنهنجي فيس به ڏنائين. هي سوفسطائين جو خاص انداز هوندو هو اهي پنهنجي دليل ذريعي ماڻهن کي اهڙي طرح ئي سوگهو ڪندا هئا.بقول افلاطون هي ماڻهن کي پنهنجي دليلن ۾ائين جڪڙيندا آهن جيئن مهاڻا جاروچائي مڇي کي ڦاسائيندا هجن. سوفسطائين جي اهڙي ڪرت جو مثال هيٺ ڏجي ٿو. بن واقعن مان ڏجي ٿو.

چون ٿا ته هڪ دفعي ڪنهن ڳوٺ مان مانگر مڇ نندڙو ٻارڙو ڪٽي اچي ويو. ان ٻارڙي جي ماءُ هن جي پٺيان آئي ۽ مانگر مڇ کي عرض ڪيائين ته هن جو ٻچو هن کي واپس ڏي. چون ٿا ته مانگر مڇ ڳالهائيندو هو ۽ هو ماهر سوفسطائي به هو. هن عورت .اڳيان سوال رکندي چيس ته ٻڌاءِ ته هو ڪجهه دير ۾ نندڙي ٻار سان ڇا ڪرڻ وارو آهي؟ جيڪڏهن تو صحيح اڳڪٿي ڪئي ته تنهنجو ٻار توکي واپس ڏيندس نه ته مان هن کي کائي ڇڏيندس. هاڻي سوچو مائي اهڙو ڇا ٻڌائي جو واڳون هن جي ٻٽ کي ڇڏي ڏئي؟ هاڻي هو جيڪو به جواب ڏيندي ته سوفسطائي واڳون ان کي اهو چئي هن جو ٻٽ کائي ڇڏيندو ته تو غلط جواب ڏنو آهي. پر جي مائي اهو چوي ٿي ته تون منهجي ٻٽ کي کائي ڇڏيندين ته هو ان کي کائي ڇڏيندو پر جي مائي اهو جواب ٿي ڏي ته ان کي کائڻ کان اڳ ۾ مون کي

پنهنجي پٽ کي آخري پاڪر پائڻ ڏيندين تڏهن به بار جو ڪائڻ وري به اچي پيو. بس ڇا به ٿئي عورت وٽ ڦاسڻ کان علاوه ٻيو ڪو به حل نه آهي. سوفسطائي پنهنجي گفتگو ۾ اهڙي شيءِ کي ثابت ڪندا هئا جيڪي عام ذهن رکندڙ ماڻهو سوچي به نه سگهندا هجن. مثال هڪ ماڻهو کان ڪنهن سوفسطائي پڇيو ته ڇا اهو ممڪن آهي ته اسان ڪنهن کي اهڙي شيءِ ڏئي سگهون جيڪا اسان وٽ نه هجي؟ هاڻي اندازو لڳايو جيڪا شيءِ توهان وٽ نه هوندي ته اها توهان ڪنهن کي ڪيئن ڏيندا؟ پر ان جو حل به سوفسطائين وٽ هوندو هو. هن همراهه کان پڇيوته ڏس لالچي ماڻهو پئسا وڏي ڏک سان ڏيندو آهي؟ ها يا نه ۾ جواب ڏي.ته همراهه هن کي ها ۾ جواب ڏنو. هن وري سوال رکيس ته جيڪڏهن لالچي ماڻهو وٽ پئسا نه هجن ته هو ڇا ڏيندو؟ ته همراه جواب ڏنس ته پوءِ هو ڪجهه به نه ڏيندو. ته سوفستائي کلي چيس ته ڏني هو ڪجهه به نه ڏيندو. يعني جنهن وٽ ڪجهه به نه هوندو آهي اهو ’’ڪجهه به نه’’ ڏيندو آهي. اها سوفسطائين جي مهارت هئي ته اهي ڪمزور دليل کي پنهنجي دليل ذريعي مضبوط ڪري پيش ڪندا هئا. جيڪڏهن توهان مان ڪنهن اميتاب بچن جي فلم پنڪ (pink) ڏٺي آهي ته ان ۾ هن جي مخالفت ۾ دليل ڏيندڙ گنجو وڪيل جديد دور جو بهترين سافسٽ آهي. هو وڏي هنر سان ڪمزور دليلن کي مضبوط ڪري پيش ڪري رهيو هو. سوفسطائين جي اهڙي هوشياري تي انگريزي ۾ سافيسٽري (Sophistry) جو اصطلاح يا لفظ استعمال ٿيندو آهي جنهن جو مطلب لفظن جي جادوگري آهي. هي لفظن جو استعمال خوب ڄاڻيندا هئا. ان جو مثال استاد ۽ شاگرد جي هيٺ ڏنل گفتگو ۾ توهان کي ملي ويندو جيڪو پراڻو لطيفو به آهي.

شاگرد: سرتوهان کان هڪ سوال پڇي سگهان ٿو؟

استاد: ها بلڪل!

شاگرد: سر هاٿي کي فِرج جي اندر ڪيئن وجهبو؟

استاد: مون کي ته نه ٿو لڳي ائين ٿي سگهندو. اهو ناممڪن آهي.

شاگرد: سر اهو تمام آسان آهي. فرج تمام وڏو آهي ۽ توهان کي صرف اهو ڪرڻو آهي جو فرج جو دروازو کوليو ۽

هاٿي اندر. پر سر وري پيو سوال به ڪرڙو آهي.
استاد: ها پلي پڇ!!
شاگرد: سر گڏھ کي فرج جي ۾ ڪيئن رکبو؟
استاد: اھو ته سولو آهي. فرج جو دروازو کولبو ۽ گڏھ کي اندر وجهبو.
شـاگرد: سر جــواب غلط آهي. صــحيح جــواب ھي آھي ته پهرين دروازو کولبو، هاٿي کي ٻاهر ڪـڍبو ۽ پـوءِ گـڏھ کي انـدر وجهبو.
استاد: او اچا. منهنجي غلطي!!!
شاگرد: سائين هاٿي ٽيون سوال اٿو. هڪ دفعي سڀ جـانور شـينهن جي جنم ڏينهن جي پـارٽي تي ويـا. ان ڏينهن هڪ جـانور بچي ويو. ٻڌايو اھو ڪهڙو جانور هوندو؟
استاد: اهو شينهن پـاڻ هونـدو چو جو بـاقي ٻيا سڀ جـانور هن ڪائي چڙيا هوندا.
شاگرد: جـواب غلط آهي سـر. اهو جـانور گـڏھ هو چاڪـاڻ اهو اجا تائين فرج ۾ آهي. اسان ان کي ٻاهر ناهي ڪڍيو.
استاد: چورا تون مونسان مذاق ڪرڻ آيو آهين.
شاگرد: نه سر مان بلڪل سنجيده آهيان. بس آخري سـوال تو پڇان؟
استاد : ها پڇ!!
شاگرد: سائين جيڪڏهن ڊند واڳن سان پريل هجي ۾ توهان کي ڊند جي ٻئي پار وڃڻو هجي ته توهان ڊند ڪيئن پار ڪندا؟
اسـتاد: مـون کي ٻـيڙي جو سـهارو وٺڻو پونـدو چاڪـاڻ ڊند واڳن سان پريل آهي.
شاگرد: سر توهان غلط جواب ڏنو آهي. توهان تري ڊند پـار ڪـري سـگهون ٿا چاڪـاڻ سڀ جـانور شـينهن جي جنم ڏينهن واري پارٽي تي ويل آهن.
هاٿي جيڪڏهن مان توهان کان سوال پڇـان ته توهـان مـٿي ڏنل گفتگو مان چا سمجهيوته توهـان جـواب ڏينـدا لطيفو پلو هو پر اصل معاملو هي آهي ته استاد اسـتاد هونـدي سوفسـطائي نه هو ۾ شاگرد شاگرد هوندي ماهر سوفسطائي نڪتو.
پروتـــــاگورس جي فلســـــفي جو پيو نقطو ارٿــــــويي (Orthoepeia) آهي جنهن جو مطلب آهي لفظن کي صـــــحيح

اچارڻ ۾ انهن کي صحيح جاءِ تي استعمال ڪرڻ. ان جي ڪري هن جديد دور واري ويــــــاڪرڻ وانگي ان دور۾ اتي جملن جي جوڙجڪ تي ڪتاب لکيو ۾ شاعري ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن جي صحيح معنى ڪڍي بهتر مفهوم ڪڍڻ تي زور ڏنو. هي چوندو هو ته لفظن جي بهتر سمجهه ئي اسان کي ڪنهن جي چيل ڳالهه يا سماجي قانون جي ڪتابن کي بهتر سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿي.

پروٽاگورس جي فلسفي جو ٽيون نقطو هن جي ديوتائن بابت خيال آهي. هي ديوتائن جي معاملي ۾ اگنانوادي (agnostic) سوچ رکندڙ فرد هو. هن لکيو آهي ته

‘‘About the gods, I’m not able to know whether they exist or do not exist, nor what they are like in the form, for the factors preventing knowledge are many, the obscurities, and shortness of human life.’’


ترجمو؛ ديوتائن جي باري ۾ مان اهو ڄاڻي نه ٿو سگهان ته اهي وجود رکندا آهن يا نه. نه ئي مان انهن جي شڪل صورت بابت ڄاڻي سگهان ٿو. ديوتائن بابت اهو ڪجهه ڄاڻڻ ۾ ڪوڙ ساريون رڪاوٽون آهن جهڙوڪ ته اهو علم ڏاڍو منجهيل آهي ۾ انسان جي زندگي تمام ننڍڙي آهي.

هن جي ان نقطي تي ايٿينز جي سماج ۾ هن جا دشمن وڌي ويا ۾ انهن مطالبو ڪيو ته هن کي گرفتار ڪري سزا ڏني وڃي.

جڏهن هاڻي سوفسطائي نقطي نظر واضع ٿي ويو آهي ته پوءِ ڏسجي ته سوفسطائيت ۾ فلسفو ساڳي ڳالهه آهي يا اهي به الڳ ڌارائون آهن. افلاطون هجي يا ارسطو انهن سوفسطائين جي بحث مان سکيو ته جام آهي پر اهي سوفسطائين کي ابترو پلو ڪري پيش ٿا ڪن. ان جو ڪارڻ شايد سقراط جي انهن خلاف لڳاتار مزاحمت آهي. سقراط هنن کي ۾ هنن جي طرز تعليم کي سخت تنقيد جو نشانو بڻايو آهي. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته فلسفي جو مقصد هر گز اهو نه آهي جيڪو سوفسطائين ورتو هو. سچ جي ڳالهه تي سچ سان اڳڌي جٿ سنجيده فيلسوف جو ڪم نه آهي. سچ هر ڪنهن جوينهنجو هوندو آهي هڪ اهڙي ڳالهه آهي جيڪا ڪوڙ سارن کي

زندگي ۾ جيترو معلوم آهي ان تي ئي مطمئن رهڻ سيکاري ٿي ۾ سچ جي وڌيڪ ڳولا ۾ رڪاوٽ وجهي ٿي. اهو مڃڻ ته سچ هر ڪنهن جو پنهنجوهوندو آهي ان کان وڏو ڌوکو ۾ ڪوڙ ٻيو نه آهي. باقي سوفسطائين جو يونان ۾ جهموريت ۾ بحث مباحثي جي روايت کي هٿي وٺرائڻ جي ڪردار کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي نه صرف ايترو پر رياست، سياست، اخلاقيات، زندگي، مذهب ۾ سماج بابت هنن جي خيالن ۾ بحثن مان هن کان پوءِ ايندڙ فلسفين پڻ جام فائدو ورتو ۾ نوان بحث شروع ڪيا. ايستائين جو جيڪڏهن اسان اڄ جي نام نهاد مابعدجديديت (post-modernism) جي فڪر کي ڏسون ته اهو به گهڻي حد تائين سوفسطائيت کان متاثر ٿيل نظر ايندو. باقي توهان سماج ۾ نظر ڦرائي ڏسندا ته توهان کي هر چوڪ ۾ گهٽي ۾ الائي ڪيترا سوفسطائي ملي ويندا جن کي سچ جي ڪا خبر نه هوندي پر ڳالهائيندا ائين ڄڻ اهي وڏا ڄاڻو ۾ عالم هجن.

ان سان اڄ جي مضمون جو اختتام ڪيون ٿا پر اِهو سوال اڃا باقي آهي، پروٽاگورس جو غير فطري موت ڪيئن ٿيو؟ جيئن ته هن جي ديوتائن بابت اڳنوادي سوچ ايٿنز ۾ ڦهلجي وئي ته هن جا مخالف وڌي ويا ۾ ڪي ته هن کي مارڻ جا منصوبا ٺاهڻ لڳا. قتل ٿيڻ ۾ غير فطري موت مرڻ کان بچڻ لاءِ هي ايٿنز مان فرار ٿي پنهنجي اباڻي شهر طرف نڪري ٿو ۾ اڌ سفر ۾ ٻيڙي اونڌي ٿيڻ سبب ٻڏي مري وڃي ٿو. هاڻي جي تصور ڪجي ته هن جي موت جي اهڙي خبر ٻڌي ايٿنز ۾ موجود هن جي دشمنن ڇا ڪيو هوندو؟ انهن ضرور وڏا ٺهڪ ڏنا هوندا ۾ سوچو هوندن اسان جي هٿن کان ته هي ملحد بچي ويو پر اسان جي ديوتائن هن کي سٺي سيکت ڏئي ڇڏي آهي نتيجن هنن جو پنهنجي ديوتائن ۾ انهن جي بدلي وٺڻ جي غضبناڪ قوت ۾ ايمان ڀرين کان وڌيڪ پختو ٿي ويو هوندو. پر ڪين اِها خبر نه ٿي پئجي سگهي ته هزارين سالن کانپوءِ به پروٽاگورس جي خيالن کي اوهان جهڙا ماڻهو پيا پڙهندا.



گذريل شماري ۾ تن ايليٽڪس فلسفين زينوفنيز، پارمينڊيز ۾ زينو جي فلسفي پڙهڻ کانپوءِ جنهن فيلوسوف

بابت اڄ پڙهنداسين ان جي فلسفي لاءِ سقراط چيو آهي ته ”هن جيڪو سمجهه ۾ اچڻ جهڙو لکيو آهي اهو تمام بهترين آهي ۽ جيڪو سمجهه کان مٿانهون لکيو اٿائين اهو به ايترو ئي زبردست آهي پر شرط هي آهي ته هن جي فلسفي واري سمنڊ ۾ گهڙڻ لاءِ هڪ ماهر تارو جي ضرورت آهي.“

سقراط هي لفظ ايشيا مائنز جي علائقي ايفسس (Ephesus) ۾ هڪ امير گهراڻي جي گهر ۾ پيدا ٿيل فلاسفر هيراڪلائيٽس لاءِ چيا آهن جنهن جو فلسفو تمام گُوڙهو ۽ منجهيل آهي ۽ جنهن کي سمجهڻ لاءِ بقول سقراط هڪ ذهين دماغ رکڻ واري جي ضرورت آهي. هي 535 ق. م. ۾ ڄائو ۽ تقريباً سٺ سال جي عمر ۾ سن 475 ق. م. ۾ وفات ڪري ويو. هن کي هيراڪلائيٽس مبهم (Obscure) ۽ اڻ چٽو (Dark) جي لقب سان به سڏيو ويو آهي. ڪي هن کي روئيندڙ فيلوسوف ۽ ڳجهارتون ڏيندڙ (The Riddler) به سڏين ٿا ته ڪٿي هن کي اڪيلائي پسند (Loner) به چيو ويو آهي. سقراط کان اڳ وارين فلسفين مان هي واحد فيلوسوف آهي جنهن جا ايترا سارا لقب آهن جنهن سان ظاهر ٿئي ٿو ته هن پنهنجي دؤر جي عام رواجي زندگيءَ کان هٽي ڪري پنهنجي زندگي گذاري آهي. هن کي مبهم يا اڻ چٽو ان ڪري چيو ويو آهي ته هن پنهنجو فلسفو واضح لفظن ۾ نه لکيو. هن جون ڳالهيون ڪجهه ڏکيل ته ڪجهه ظاهر هونديون هيون ۽ هن جو فڪر پنهنجي دؤر ۾ رهندڙ ماڻهن جي عام سمجهه کان مٿاهون هوندو هو. هي مڃيندو هو ته جهڙي طرح ڊيلفي مندر مان ديوتا پنهنجون ڳالهيون ڳجهيون ڪري عام ماڻهن وٽ موڪليندا آهن اهڙي طرح هي به پنهنجون ڳالهيون محاورن ۽ منجهيل لفظن ۾ چوندو هو.

هن جي هڪ عجيب عادت هوندي هئي. جيڪو ماڻهو هن جي ڳالهه نه سمجهندو هو ته هي ان کي کولي سمجهائڻ ۾ دلچسپي نه وٺندو هو ۽ چوندو هو ته ماڻهن کي سمجهائڻ وقت جي زيان کان علاوه ٻيو ڪجهه به نه آهي. ٻي اهم ڳالهه ته جيستائين هن جي پنهنجي علم حاصل ڪرڻ جو سوال آهي ته تاريخ ۾ هن جي ڪنهن نالي واري استاد جو ذڪر نه آيو آهي. هن پنهنجي ڪوشش سان علم پرايو. هو پنهنجي لاءِ چوندو هو.

مـون پنهنجي پاڻ کي کوجنا ڪـئي آهي. (I have searched myself) پنهنجي ذات علم تـائين محـدود هجڻ جي عـادت سبب هن پنهنجو ڪو شاگرد پيدا نه ڪيـو. ماڻهو هن جي لکـڻين مـان متـاثر ٿي هن جا پوئلڳ ٿيـا. نه صـرف عـام مـاڻهو پر افلاطون، ارسطو، هيگل، مارڪس، سارتر هيـڊيگر جهـڙا ذهن به هن مان متاثر آهن.

هـيراڪلائيٽس هڪ ته فلسـفي هو ٻيو ته هُن جو تعلق امـير گهراڻي سـان هـو. ڏاهپ معاشي مٿ پرائـپ سـببان هن پاڻ کان هيٺ هر ڪنهن کي حقارت سان ڏٺو. هو عـام مـاڻهن سـان گڏ پنهنجي دؤر جي فلسـفين شـاعرن جي ڪل لاهي ٿـو. مثلاً هن فيثا غـورث لاءِ چيو ته هي وڏو ٺڳ (Fraud) آهي. هيسـائيڊ جي شاعري لاءِ چيائين ته هن جي شاعري عـام مـاڻهن لاءِ آهي جيڪي ردون ٻڪريون آهن. ٻيو ته هن غريب کي اها به خبر نه آهي ته ڏينهن رات ڇا هونـدا آهن. جـيئن ته هيسـائيڊ رات ڏينهن کي الڳ الڳ تصـور ڪنـدو هو تنهنڪـري هـيراڪلائيٽس ان تي اها تنقيد رکي ڇاڪـاڻ ته هي (هـيراڪلائيٽس) رات ڏينهن کي الڳ نه پر ڳانـڍاپي (Unity)   ڏسـندو هو انهن کي هڪ سمجهندو هو. هومر جهڙي شاعر لاءِ چيو اٿائين ته هن کي ٻـاهر گهـٽين گهلي سـرعام لـٺيون هـڻيون وجن. پنهنجي دؤر جي طبيب لاءِ چوندو هـو تـه هي اهي ظـالم آهن جيڪي بيمـارن کي ڏنبي ڏئي چيرين ڦاڙين ٿا پوءِ ان ڪم جا پئسا وٺن ٿا جنهن جا هو بلڪل به حقدار نه آهن. شايد ڊاڪٽر سان اهڙي نفرت جو اظهار هو جو جـڏهن هـيراڪلائيٽس جي جسـم ڪنهن بيمـاري سبب پـاڻي پـرجي ويـو تـه ڪنهن دوسـت جي صـلاح تي پنهنجي جسم تي ڇيڻا ڦقي سج جي روشني تي سمهي پيو نـتيجو اهـو نڪتو هو وري ڪڏهن اٿي ڪونه سگهيو ان عمل سبب هن جو موت واقع ٿيو.

بهرحـال، مـاڻهن تي ڇـتي تنقيـد جي بـدلي مـاڻهو هن کي پنهنجي تنقيد هيٺ آڻيندا هئا پـر هي انهن جي پرواهـه نـه ڪنـدو هو. چوندو هو ته ”ڪتا جنهن شيءِ کي سمجهي نه سـگهندا آهن ان تي ڀونڪندا آهن. يا وري هي چوٽي ته گڏهه جي اڳيـان گاهـه رکو سون رکو اهو سون کي ڇڏي گاهه پنهنجو منهن هڻندو. مٿين چوٽين مان توهـان هن جي فلسـفين يـا عـام مـاڻهن بـابت

سوچ جو اندازو هٽي سگهو ٿا. هي پنهنجي ڳالهين ۾ روين مان پراڻي دؤر جو شوپنهار لڳي ٿو.

هيراڪلائيٽس لاءِ اِهو به مشهور آهي ته جڏهن هن کي پنهنجي شهر جو شهزادو ٿاپيو ٿئي ويو ته هو پنهنجي ننڍي ڀاءُ جي حق ۾ دستبردار ٿي ويو. تخت و تاج ڇڏي هن وڃي جبل وسايا ۽ درويشي اختيار ڪئي. هن سرداري ڪرڻ کان بهتر سمجهيو ته زندگي علم ۽ سچ کي تلاش ڪرڻ ۾ گذاري ڇڏجي ۽ پوءِ سڄي عمر ان ڪرت سان لڳو رهيو. هن جي زندگي تي وڌيڪ مواد نه آهي تنهنڪري هن جي ڪائنات بابت ڏنل نظريي کي بحث هيٺ آڻجي ٿو.

هيراڪلائيٽس جو ڪائنات بابت نظريو:

ايفسس جو علائقو جنهن ۾ هيراڪلائيٽس پيدا ٿيو، ايفسس اڄ ان کي ترڪي جي شهر سيلڪق (Selcuk) جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي. ايفس جو علائقو ان دؤر ۾ ماليٽس شهر جي ويجهو هو. ماليٽس شهر جنهن ۾ ٿيليز پيدا ٿيو ۽ ان سان گڏ فلسفي جو پهريون بج ڦٽيو. ان کان علاوه ڪائنات بابت پهريون نظريو ڏيندڙ انيڪسمينڊر پڻ ان ماليٽس شهر جو هو. ڪائنات ڪٿان آئي يا اها ڪيئن ٺهي تي بحث ۽ سوال موجود هئا. اهڙن سوالن جي حل لاءِ هيراڪلائيٽس "On universe" نالي ڪتاب لکيو جنهن جا نثر ۾ لکيل 130 ٽڪرا (Fragments) اسان وٽ پهتا آهن. جن مان اسان کي هن جي ڪائنات بابت ڏنل نظريي کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي. هن لکيو "هي ڪائنات (Kosmos) سڀني لاءِ ساڳي آهي. ان کي نه ڪنهن ديوتا ناهيو آهي نه ئي ڪنهن انسان جون ان ۾ ڪاوشون شامل آهن. ڪائنات شروع کان ايئن رهي آهي ۽ مستقبل ۾ به ايئن ئي رهندي. اتي هميشه رهندڙ باهه آهي جيڪا پنهنجي ماپ طور (measurements) ۾ ڪڏهن ٻري ٿي ۽ ڪڏهن وسامي ويندي آهي!!

فلسفي ۾ هي لفظ (kosmos) پهريون دفعو هيراڪلائيٽس استعمال ڪيو جنهن جي معنيٰ هو ڪائناتي نظم و ضبط (World order) ورتو ويندو هو. بقول هن جي ڪائنات هميشه کان وجود رکندي ٿئي اچي جنهن کي تخليق نه ڪيو ويو آهي. هي ان کي باهه جي ٻرڻ ۽ وسامڻ جي عمل سان ڳنڍي ان نتيجي تي

پهچي ٿو ته ٻاهه ئي دراصل ڪائنـــات جي هجڻ جو ســـبب آهي جيڪا دائمي ٻاهه آهي. هو اڳــتي چــوي ٿو ته ٻاهه ٻهــرين ٻــاٽي ٿيندي آهي □ پوءِ ٻاٽيءَ جي ٻچيل اڌ حصي مان زمين ٺهندي آهي □ زمين جي اڌ حصي مان ٻرنـدڙ هـوا ٺهي ٿي. اهـڙي طـرح اهو عمل ٿيـنـدو رهي ٿـو. پر ان ڪـانپوءِ اهو عمل پنهنجو پـاڻ کي ابتو هلرائيندو آهي. يعني ٻرندڙ هوا مان زمين ٺهندي، زمين مان پاٽي □ ان پاٽي مان وري ٻاهه ٺهي پونـدي آهي. پر سـوال آهي ته اها ڪـهڙي قوت آهي جيڪا ٻاهه کي پاٽي □ ٻاٽيءَ کي زمين □ تبديل ڪري ٿي؟ ان جي جواب □ لکي ٿو

It is wise for those who hear not me, but universal .reason that all things are one

ترجمـــو: اها اهـــڙن مـــاڻهن جي عقلمنـــدي چئجي جيڪي منهنجي نه پر ڪائنـاتي عقل جي ڳالهه ٻـڌن ٿا □ پـوءِ مڃن ٿا ته سيئي شيون اصل □ هڪ آهن.“

هي ماڻهن کي ”ڪائناتي عقــل“ جو ڏس ڏئي ٿـو. جنهن کي هڪ هنڌ لوگـــوس Logos ســـان به ڀيٽ ڏئي ٿو □ چـــوي ٿو ته جيڪو انسان ان لوگوس جي ڏنل عقل مطابق غـور فڪر ڪنـدو ته اهو پاڻ ئي ڄاڻي وٺندو ته انهن عنصرن □ تبديلي ڪيئن □ ڇو ايندي آهي. جيڪــڏهن ان تي ڌيـان نه ڏينـدو ته پـوءِ اهو هي سچ ڄاڻڻ کان اڻ واقف رهندو.

هيراڪلائيٽس جي ان جواب مان ظاهر آهي ته هن وٽ خود تسلي بخش جواب نه هو ته فطري شــين □ اهو ڦــيرو ڇو اينـدو رهندو آهي □ ڪهڙي قوت جي ذريعي ايئن ٿيندو آهي؟ جيڪڏهن اسان هن جي نظريي کي اڄ جي جديد سائنس سان ڀيٽ ڪيون ته خبر پوندي ته سقراط کان اڳ يا پوءِ ڪوڙ سارن فلســفين جا سائنسي نظريا ڏند ڪٿائي نظر اينـدا ڇاڪــاڻ هنن جي دؤر □ نه رياضي اسريل شڪل □ هـئي نه ئي طبيعات جا قـانون دريـافت ٿيا هئـا. ان ڪـان علاوه سائنسي اوزار به موجـود نه هونـدا هئـا. ڏندڪٿائي ڪهاڻيون ٺاهيندڙن وانگر ابتدائي سائنسي سوچ ڏينـدڙ هنن فلسفين به پنهنجي تصوراتي حس (imaginative sense) کي سائنسي نتيجا ڪڍڻ لاءِ استعمال ڪيو هو □ اسان ســمجهي سگهون ٿا ته اهڙي طريقي □ غلط نتيجا ڪڍڻ جو امڪان وڌيڪ ئي هوندو آهي. پر اوائلي دؤر □ هنن جي نتيجن کي اسان جديد

سائنسي دؤر ۾ پيهنــدي مڪمل طــور رد نه ٿا ڪــري ســگهون. انهن جون اوائلي سائنسي ڪاوشون ڏندڪٿائي صحيح پر تعريف جي لائق ضرور آهن.

هيراڪلائيٽس جنهن ڪائنات جي تصوير چٽي هـئي ان بـابت چــوي ٿو ته اها تضــادن ۾ جهگــڙن ســان ڀريل آهي پر هو اهو به مڃي ٿو ته تضــادن ســان ڀريل اها ڪائنـات منظم انــداز ۾ هلي رهي آهي. ان ۾ انتشار (Chaos) نـالي ڪابه شــيءِ نه آهي. هو ايئن ڇو ٿو مڃي؟ جـــيئن پهــرين ان ڳالهه جو ذڪر ڪيو ته هن جي لفظ ڪازموس جو مطلب ئي نظم ۾ ضــبط واري ڪائنـات آهي جنهن مطــابق هي ڪائنـات منظم انــداز ســان هلي پــئي. هـــيراڪلائيٽس نظم ۾ ضـــبط جي ڳالهه ڏنـــدڪٿائي انـــداز ۾ سمجهائي ٿو. هي چوي ٿو ته ڪائنـات ۾ انصـاف (Justice) جي ديـــوي رهي ٿي. اها پنهنجي پـــرين (Fairies) جي مـــدد ســـان ڪائنـــات ۾ ٿينـــدڙ ســـيارن جي حـــرڪت کي حـــدن ۾ رکي ٿي تنهنڪري اسان کي ڪائنات ۾ بگاڙ نظر نه اينـدو آهي. وري پـئي هنڌ هي چــوي ٿو ته "باهه جو گولو ســيني شــين کي هلائي ٿو (Thunderbolt steers all things)

بهرحــال ڪائنـات جو همــوار طــريقي ســان هلڻ جي ڳالهه نيوٽن به مڃيندو هو ۾ چونـدو هو ته نـون سـيارن جو جيڪي سج جي چوڌاري هموار طريقي سان ڦرن ٿا اهو سـمجهه ڪـان مـٿي آهي. هي اها ڳالهه مڃيندو هو ته ڪشش ثقل سيارن ۾ حــرڪت پيدا ڪري ٿي پر ايڏي منظم انداز سان هلائڻ جي پٺيان خدا جي ذات آهي. بهرحـــال تـــاريخ ۾ مســـتحڪم نظـــام شمسي (The stable solar system) تي بحث رهيو آهي. جنهن ۾ بطليموس (Ptoleny) جي ماڊل کي صحيح ڪــرڻ جي ڪـوشش ورتي. ڪـيپلر جي ڏنل مسـتحڪم نظـام شمسي جي تصــور کي وڌيڪ بهتر نيوٽن ڪـيو پر نيوٽن جيڪا مسـاوات (ايڪيوشـن) ڏني اها سيارن جي حرڪت سـان ڪـونه ٺهڪي تنهنڪــري نيــوٽن چيو ته سيارن ۾ چرپر جي ايتري هموار هجڻ ۾ الهامي قوت جو هٿ آهي. اڳــتي هلي فــرانس جي ليپلاس نيــوٽن جي ايڪيوشن کي صــحيح ڪـيو ۾ سائنسي بنيـادن تي ســيارن جي چرپر کي ثـابت ڪـيو ۾ اڄ جي سائنس ۾ نظام شمسي جي اهڙي طريقي ســان ڦـرڻ لاءِ ڪنهن الهـامي قــوت جي ضــرورت نه آهي. ان ڪـانپوءِ

جرمـــنيءَ جي طبيعاتـــدان ۾ رياضـــيدان رودلف ڪلائزيــوس) (Rudolf clausius 1865 ۾ بگاڙ (entropy) جو نظريو ڏنو جنهن مطابق ڪائنات ۾ ڏماڪا ٿين پيا ۾ ڪائنات ۾ نظم ۾ ضبط موجود نه آهي ۾ ڪائنات جي وڏيڪ بگاڙ مان ٿورڙو ضبط اينـدو آهي. اڄ جي سائنس ۾ ڪائنات ۾ بگــاڙ (entropy) آهي يا نظم ۾ ضبط (Order) ان تي ڪم هلي رهيو آهي.

بهرحـــال آخر ۾ هـــيراڪلائيٽس جي دؤر جي سائنسي ۾ اڄ جي دؤر مطـابق ان جي هڪ ڏنـدڪٿائي ڳالهـه جـو ذڪـر ڪنـدو هلجي. هن سچ لاءِ چيو ته اهو صبح جو نئون ٻٽجي نڪرنـدو آهي ۾ سج ۾ چند لاءِ چيو ته اهي اهـڙا پيـالا آهن جنهن ۾ باهـه پريـل هوندي آهي.

هيراڪلائيٽس جو فلسفو:

هن جو فلســفو ايلٽڪس اســڪول وارن جي متضــاد بيٺل آهي. يا ائين به چــئي سـگهجي ٿو ته ايلٽڪس وارن پنهنجا نظريا هن جي خلاف ڏنـا. جـيئن ته پارمينـڊيز ۾ هـيراڪلائيٽس تـاريخي حساب سان هڪ ٻئي جا هم عصر آهن تنهنڪري انهن جو جهيڙو به شـديد رهيـو. اسـان گـذريل شـماري ۾ ايلٽڪس جو فلسـفو پڙهيو جنهن ۾ اهي ”وجــود“ کي ئي سچ سـمجهندا هئـا. بقــول انهن جي وجــود (Being) دائمي آهي. اهي تبـديليءَ جا انڪـاري هئا ۾ مڃينـدا هئا ته جيڪو ڪجهه تبـديل ٿينـدي نظر اچي ٿو اهو اصل ۾ نظرن جو فـريب آهي. حقيقت ۾ ڪجهه به تبـديل نـاهي ٿيندو. هيراڪلائيٽس انهن جي ابتڙ اها دعويٰ ڪـري ٿو ته تبـديلي ئي سچ آهي ۾ دائميت ڏوڪـو آهي. دنيا ۾ ڪابه اهـــڙي شـــيءِ وجود نٿي رکي جيڪا تبديلي جي عمل مان نـٿي گـذري. سـندس مشهور جملو هو ته اسان سـاڳي نـدي ۾ ٻيو دفعو پـير وجهي نه سگهندا آهيون ڇاڪاڻ ته ٻيو دفعو پير رکڻ وقت نه اسان سـاڳيا هوندا آهيون نه ئي ندي ساڳي هوندي آهي.“

اها ڇوٽي ته هيراڪلائيٽس جي آهي پر هن جي پـوئلڳن هڪ هٿ اڳـتي وڃي دعـويٰ ڪـئي ته ”ائين ڪــڏهن ٿيو ئي نـاهي جو ڪنهن انســان ســاڳي نـــديءَ ۾ هڪ دفعو به پـــير وڌو هجي.“ مطلب ندي نهڻ وقت جنهن حالت ۾ هئي اها ان ساڳي حـالت ۾ ڪڏهن به نه موٽندي، تنهنڪري ڪـوبه آدم زاد ان ۾ هڪ دفعو به

پير وجهي نه ٿو سگهي. اهي پنهنجي استاد جي اها ڳالهه مڃيندا هئا ته هر شيءِ لڳاتار وهڪري ۾ آهي.

هيراڪلائيٽس جي فلسفي جو ٻيو پاسو جنگ ۾ جدل وارو پاسو آهي. هي چوي ٿو ته ”جنگ سڀني شين کي پيدا ڪندڙ آهي. “War is the father of all things” مطلب شين مان جهڳڙو ڪڏهن ختم ناهي ٿيڻو. هن جو ان ڳالهه تي ايترو يقين هو جو هومر پنهنجي شاعري ۾ جڏهن اها دعا ڪئي ته ديوتائن ۾ انسانن جي وچ ۾ تضاد ۾ جهڳڙا مٽجي وڃن ته هن هومر کي ننديندي چيو ته جيڪڏهن هومر جي اها دعا قبول ٿي وڃي ته پوءِ هي دنيا ئي نه رهندي. دنيا جو وجود ٻيٺل ئي تضادن تي آهي اهي ختم ٿي ويندا ته پوءِ دنيا جي هجڻ جي ڪا معنيٰ نه رهندي. مطلب هومر دنيا کي بچائڻ جي نه بلڪه ان کي تباهه ڪرڻ جي دعا ڪئي آهي.

هيراڪلائٽس پنهنجي فلسفي ۾ لوگوس (Logos) لفظ جو استعمال گهري نموني ڪيو آهي. ان لفظ جون يوناني ٻوليءَ ۾ گهڻيون معنائون آهن. جهڙوڪ: غور، تعلق، وضاحت، عقل، کهاڻي، دليل، جملو وغيره. پر هن ان لفظ مان مطلب ورتو آهي هڪ اهڙو ڪائناتي اصول ۾ قانون جيڪو ٻن تضادن ۾ امن (harmony) پيدا ڪري ٿو. اهو لوگوس هن جي فلسفي ۾ ماڻهن وٽ عقل به پهچائيندو آهي پر اهو عقل ماڻهن وٽ تڏهن پهچندو جڏهن اهي غور فڪر ڪرڻ سگهندا.

هن ٿورو گهڻو روح تي به ڳالهايو آهي، هي چوندو هو جيڪڏهن توهان جو روح خشڪ آهي ته توهان ڏاها انسان آهيو جيڪڏهن اهو آلو آهي ته توهان جو روح ٻڪيل آهي. تنهنڪري ئي هن شراب پيئڻ کان منع ڪيو هو ڇاڪاڻ ته اهو روح کي وڌيڪ آلو ڪري انسان کي گمراهه ڪري ٿو. ڪن تنقيد نگارن جو خيال آهي ته جيڪڏهن هو پنهنجي رويي ۾ سخت ۾ نفرت ڪندڙ نه هجي ها ته هي وڏو مذهبي اصلاح پسند هجي ها. هي زينوفنيز وانگي مذهب کي سخت تنقيد جو نشانو نه ٺائيندو هو ۾ چوندو هو ته هي خدا ئي آهي جيڪو ڏينهن ۾ رات، سيارو ۾ اونهارو، جنگ ۾ امن، ڏؤ ۾ ٻک آهي. هي مڃيندو هو ته خدا وٽ سڀ شيون انصاف تي ٻڌل آهن ۾ خدا ڪنهن سان ناانصافي ناهي ڪندو پر ماڻهو البته شين ۾ برايون ڏسن ٿا ۾ انهن کي دنيا

نانصافي تي بدل نظر ايندي آهي.

اسان پڙهيوسين ته هيراڪلائيٽس چئي ٿو ته باهه جيڪا سيني شين کي پيدا ۽ تباهه ڪري ٿي ۽ جيڪا ڪائنات کي هلائي ٿي اها دائميت تي بدل باهه (eternal living fire) آهي. اها شروع کان موجود هئي ۽ هميشه رهندي. اها ڳالهه اليٽڪس وارا پنهنجي "وجود" (Being) لاءِ به چون ٿا ته اهو هميشه کان موجود آهي ۽ هميشه لاءِ موجود رهندو ته پوءِ انهن بنهي ۾ جهيڙو ڪٿي آهي؟ اهو جهيڙو تبديلي تي آهي. اليٽڪس وارا حرڪت يا تبديلي کي حواسن جو ڌوڪو سمجهندا هئا پر هي حرڪت ۽ تبديلي کي حقيقت سمجهي ٿو. پارمينڊيز جي فلسفي جو بنياد "وجود" ۾ ڪا تبديلي نه آهي ايندي جڏهن ته هيراڪلائيٽس جي فلسفي جو بنياد "باهه" تبديلي جي عمل مان گذرندي آهي. اليٽڪس وارا تضادن کي رد ڪن ٿا جڏهن ته هي تضادن کي قبول ڪري ٿو.

ان کان علاوه اسان پڙهيوسين ته هيراڪلائيٽس چوندو هو ته "هر شيءِ مسلسل وهڪري ۾ آهي (Everything is in constant flow) ان تي اليٽڪس وارن جا اعتراض آهن. اهي چون ٿا ته جيڪڏهن هر شيءِ لڳاتار وهڪري ۾ آهي ته پوءِ سڪون (rest) ڇا آهي؟ يا اسان پنهنجي اردگرد ڏسون ٿا ته ڪوڙ ساريون شيون سڪون ۾ آهن. گهر ۽ پيل سامان وهندو ڪونه آهي. نه ئي وڻ اسان کي حرڪت ڪندي نظر اچن ٿا جنهن ۾ انهن جو ڪو وهڪرو شامل هجي. يا مثال اسان وڻ جو پن ڏسون ٿا اهو ڪافي عرصي تائين سائو، پوءِ ڳهرو سائو، پوءِ ڦڪو ۽ ناسي ٿيڻ جي ختم ٿي وڃي ٿو. اهو ڪيتري عرصي تائين هڪ محدود رنگ ۾ موجود هوندو آهي. ان ۾ وهڪرو ڪٿي آهي؟ هيراڪلائيٽس جيئن ته "Absolute change" تي يقين رکي ٿو هو يقينن ائين چوندو ته پن جو سائو، ڳهرو سائو، ڦڪو ۽ ناسي ٿيڻ ئي اهو آهي جنهن کي مان لڳاتار وهڪرو (Constant flow) چوان ٿو. پر اسان ان جواب کي مطمئن ڪندڙ جواب نه ٿا چئي سگهون.

هڪ ڳالهه جيڪا ڌيان ڇڪائيندڙ آهي ته هيراڪلائيٽس جدلياتي سوچ رکندڙ فيلوسوف هو ته پوءِ هن سڪون ۽ حرڪت کي جدلياتي انداز ۾ ڇو ڪونه سمجهيو يا انهن ۾ جدلياتي

ڳانڍاپو قائم ڇو ڪونه ڪري سگھيو؟ ائين ڇو ٿيو جو تبديلي ئي هن لاءِ حقيقت رهي سڪون ڪي هن نظرانداز ڪري ڇڏيو. اهيو اهو سوال آهي جنهن جو شايد اسان واضح جواب نه ڏئي سگھون پر هيراڪلائيٽس اليٽڪس جا هڪ بئي تي اعتراض سوال فلسفي جي دنيا هڪ جيتري اهميت رکن ٿا. انهن جيڪي بنياد ڏنا انهن کي مختلف فلسفين هر دؤر اساريو وڌيڪ بهتر ڪيو آهي.

هن جي فلسفي تي ڳالهائڻ کان بوءِ اسان هن جي جدليات تي ڳالهائينداسين.

هيراڪلائيٽس جي جدليات:

تضادن جي علم کي جدليات چئبو آهي. ان علم هيگل مارڪس پنهنجي پورهيي سان تمام گھڻو اضافو ڪيو آهي پر ان جي شروعات يونان مان ٿي آهي. سڀ کان پهرين ان علم تي انيڪسيمينڊر ڳالهايو ان تي بي ئي ڪوشش هيراڪلائٽس جي آهي. تاريخ جدليات جي علم جي شروعات چين به اچي ٿي يا هنن فلسفين کان پهرين به آهي پر هنن پنهنجي جدليات جي بهتر اوائلي شڪل ڏني آهي.

انيڪسيمينڊر جي اڳيان اهو سوال هو ته تبديلي ڇو ايندي آهي؟ جهڙي طرح فطرت لقاءُ ٿين ٿا اهي ائين ڇو ٿيندا آهن؟ آيونا جي فلسفين کي اها خبر هئي ته توانائي (energy) ڪري ائين ٿيندو آهي پر توانائي ڪير پيدا ڪندو آهي؟ ان کي گڏ ڪرڻ ڪنهن جو هٿ آهي؟ انيڪسيمينڊر پنهنجي جدليات ذريعي ان جي سمجھاڻي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن چيو ته خشڪ آلو، ٿڌو گرم جهڙيون متضاد خاصيتون هڪ ٻئي جي خلاف اچي تبديلي آڻن ٿيون انهن جي سبب ئي توانائي پيدا ٿئي ٿي؟ جڏهن انهن تجريدي خاصيتن جهڙوڪ خشڪ آلو، ٿڌو گرم کي مادي شين سان پيٽ ڪرايون ته پوءِ خشڪي مان زمين، آلي مان پاڻي، ٿڌي مان هوا گرم مان باهه پيدا ٿيندي آهي. اهڙي طرح متضاد شين خاصيتن جي ٽڪرائڻ سبب تبديلي جو عمل ٿئي ٿو توانائي گڏ ٿئي ٿي.

اهو هو انيڪسيمينڊر جو خيال جنهن کي وڌيڪ واضح انداز هيراڪلائيٽس رکيو. هن چيو اها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا خشڪ

۾ آلي، ٿڌي ۽ گرم ساڳي آهي. جنهن سبب ٽڪراءُ ٿئي ٿو؟ هيراڪلائٽس ان کي تضادن جو ڳانڍاپو (Unity of opposite) جو نالو ڏئي ٿو. هي چوي ٿو ته جيڪي شيون ڪل (whole) نظر اچن ٿيون اهي ڪل نه آهن يا جيڪي شيون گڏجندي ۽ بوءِ ٽٽندي نظر اچن ٿيون اهي هڪ ٻئي کان الڳ نه آهن. انهن شين جي وچ ۾ ڳانڍاپو (unity) آهي. سڀ شيون ان ڳانڍاپي مان اچن ٿيون ۽ ڳانڍاپو سين شين ۾ موجود آهي. سٺو ۽ برو، گرم ۽ ٿڌو، آلو ۽ خشڪ، موت ۽ زندگي، روشني ۽ اونداهه جي وچ ۾ ڪشمڪش ڪڏهن ختم ناهي ٿيڻي نه ئي انهن جو ڳانڍاپو ختم ٿيڻو آهي. بقول هن جي جبل ڏانهن مٿي ويندڙ ۽ هيٺ ايندڙ رستو ساڳيو آهي.

انيڪسمينڊر ۽ هيراڪلائٽس جي تضادن جي سمجهه هڪ ٻئي کان گهڻي مختلف نه آهي. اها تقريباً ساڳي آهي پر انيڪسمينڊر تضادن کي تجريدي انداز ۾ رکيو ۽ هن مادي انداز ۾ رکيو آهي. ان ٿوري فرق هوندي به هنن ٻنهي ۾ هڪ ڳالهه ساڳي آهي ته انهن فطرت جو جيڪو ماڊل رکيو اهو بيٺل static نه بلڪه حرڪت ڪندڙ (dynamic) آهي.

آخر ۾ ضروري ڳالهه ته هيراڪلائيٽس پنهنجي فلسفي ۾ جنهن باهه کي ڪائنات جي وجود ڪان وٺي ان ۾ ٿيندڙ حرڪت جو سبب ڄاڻايو آهي اُها اِها باهه نه آهي جنهن کي اسان ڏسون ٿا يا ان تي ماني پچايون ٿا يا اها باهه جنهن تي سياري ۾ هٿ سيڪيون ٿا. پر اها اهڙي دائمي باهه آهي جيڪا پنهنجي اثر سان هر شيءِ کي تبديل ڪري ٿي ۽ شين ۾ موجود تضادن سان گڏ انهن کي قانون تحت هلائي ٿي.

اسان هن جي فلسفي مان اهو سمجهيو ته جيتوڻيڪ هي تبديلي تي يقين رکي ٿو ۽ الٿڪس وارن جي دائميت ۽ سڪون جي خلاف آهي پر شين ۾ تبديلي آڻيندڙ هن جي باهه جو نظريو خود دائميت تي ئي بيٺل اٿس. ائين ڇو آهي؟ اسان کي ان جو جواب برٽرينڊرسل ڏئي ٿو. هن چيو

”ان شيءِ جي ڳولا جيڪا لافاني يا دائمي هجي انسان جي واحد خواهش آهي جنهن ڪانيوءِ انسان فلسفي جي طرف اچي ٿو.“

موت ڪانيوءِ جي زندگي ۾ جنت ۾ هميشه رهڻ جي خواهش

ﻪ انسان جي ان جبلت جو اظهار آهي جنهن ۾ هو پاڻ کي محفوظ بڻائي هميشه ڪنهن سڪون واري جاءِ تي رهڻ چاهي ٿو ۾ وري جيڪڏهن اهڙي سڪون واري جاءِ تي حورون، غلمان، آرام ده بسترا ۾ ڪيرن، ماڪين ۾ شرابن جون نديون وهنديون هجن ته پوءِ ظاهر آهي هن دنيا ۾ ڪير رهڻ پسند ڪندو جنهن ۾ محڪوم ۾ پورهيت طبقو نه آزادي سان جيئي سگهي ۾ نه آزادي سان مري سگهي يا جيڪڏهن جيئي ان اميد سان ته هن دنيا جون مصيبتون ۾ تڪليفون سي قبول بس مرڻ کانپوءِ واري زندگي ۾ هميشه لاءِ سڪون ملي ته ڪافي آهي. مقصد ڳالهه جو اهو ته فطرت ۾ يلي دائميت نه هجي پر هيراڪلائٽس تبديلي ۾ حرڪت کي حقيقي مڃڻ کانپوءِ به اهو سمجهي ٿو ته ڪجهه آهي، جيڪو دائمي آهي. ان سان گڏ اسان جو مضمون ختم ٿيو ۾ ايندڙ شماري ۾ اسان امپيڊڪليز (Empedocles) بابت پڙهنداسين.

سائنس

ڪشش ثقل واري لهرن جي دريافت

جاويد سولنگي

نيوٽن

جاويد سولنگي

ماڻهو فطرت جو اهو حصو آهي جنهجي ذريعي فطرت پنهنجو پاڻ تي سوچي ٿي. بيشڪ سوچ ۾ سمجهه وسيلي ئي ڪنهن به شيءِ کي تبديل ڪري سگهجي ٿو. انهي سوچ جي پُرتجسس سفر ۾ ڪجهه انسان اهڙا به شامل آهن جن جي بدولت سموري انسانذات هڪ دور کان ٻيو ڏئي ٻيئي دور ۾ به داخل ٿي آهي. آئزڪ نيوٽن به انهن ئي چند عظيم ذهنن مان هڪ آهي جن سموري انسانذات جي فطرت متعلق سوچ جي ڪايا پلٽ ڪئي. نيوٽن جو تعلق جنهن دور سان آهي ان کي روشن خياليءَ وارو زمانو سڏيو ويندو آهي ۾ واقعي به ڏنو وڃي ته نيوٽن پنهنجي ڪارنامن جي ڪري انهي روشن خيالي جو آسمان رهيو آهي. جنهن سال ۾ سائنس جي بزرگ گيلليو جو موت ٿيو اُن ئي سال ۾ ڪرسمس واري ڏينهن تي نيوٽن جو جنم انگلينڊ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ وولسٿورپ ۾ ستڙيي (وقت کان اڳ ڄاول) ڪمزور ٻار طور ٿيو جنهن جي ٻاري ۾ خيال ڪيو ويو ته شايد بچي نه سگهي. انگلينڊ ۾ 1640ع وارو ڏهاڪو تمام خطرناڪ گهرو ويڙه ۽ طاعون (پليگ) جهڙي موتمار بيماري جو رهيو. ڪافي ماڻهن جو خيال هيو ته بس هاڻي قيامت ويجهي آهي ۾ انسانذات جو خاتمو ٿي ويندو! نيوٽن جي جنم کان 3 مهينا پهريان سندس والد (جنهنجو نالو به آئزڪ نيوٽن هيو) جو انتقال ٿي ويو، تنهنڪري سندس ماءُ ڪجهه سالن ڪانپوءِ ٻي شادي ڪري ڇڏي، جنهنجا نيوٽن جي زندگي تي تمام گهرا اثر رهيا. مثال طور اڪيلائپ، پيءُ جي پيار کان محرومي وغيره. شروعاتي تعليم ڪنگز ڪاليج مان پرائڻ بعد سندس ماءُ غربت سبب ڪيس واپس پنهنجي ڳوٺ مال جو واڙو سنڀالڻ لاءِ گهرائي ورتو. سندس پُرتجسس دماغ جو اندازو سندس ٻاروتڻ وارين حرڪتن مان لڳائي سگهجي ٿو، مثال طور هڪ

دفعي طوفان تمام تيز هيو ۾ ميڊم هانا (نيوٽن جي مــاءُ) مــال جي
وٿاڻ بابت شديد پريشاني ۾ سوچي رهي هئي ته الائي وٿاڻ جا در
۽ دريون هوا ۾ بچي نه پيا هجن! انهي پريشاني کي حل ڪــرڻ لاءِ
ميــڊم, نيــوٽن کي وٿــاڻ طــرف موڪليو ته جــيئن هو پرگهــور لهي
اچي. ڪــافي دير گــذرڻ بــاوجود به جــڏهن نيــوٽن واپس نه آيو ته
ميڊم پاڻ وڃي وٿــاڻ پهــتي. ننــڍڙو وٿــاڻ جا در ۽ دريــون چڪاسڻ
بجــاءِ، بــاهر نهيل ڪــاٺ جي چبــوترن مٿــان ٽپ ڏئي تــيز هــوا جو
پريشر چيڪ ڪرڻ ۾ مصروف هيــو! ننڍپڻ ۾ نيــوٽن تــائم ڏسڻ لاءِ
پنهنجي ڪمري جي پٽ تي هڪ شمسي گهڙيال ۾ هــوا تي هلنــدڙ
چڪي نــاهي. ســندس مــاءُ کي جنهن مهل پڪ ٿي وئي ته نيــوٽن
سندس مال وارو واڙو نه سنڀالي سگهندو ته هُن کيس ڪئمــبريج
يونيورســتي جي ٽرنــتي ڪــاليج ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪــرڻ لاءِ
موڪلي ڇڏيو. غربت سبب پهريان ڪجهه سال نيوٽن ڪــاليج جي
هاسٽل تي پين شاگردن جي ڪمرن جي صفائي سترائي وارو ڪم
ڪــري ڪجهه پئسا ڪمائينــدو هيــو، جيســيتائين کيس اسڪالرشپ
ملي. ســندس پڙهــائي واري دور ۾ فطــرت متعلق ارســطو جا به
هزار سال پراڻا نظريا پڙهايا وينــدا هيا چاڪــاڻ ته اهي ڪليســائيت
جي لاءِ گهٽا نقصانڪار نه هيا, مثال طور ارسطو موجب ڪو بال يا
هنداڙو هوا ۾ اچلائڻ ڪــان پــوءِ واپس ڌرتي تي ان ڪــري ٿو ڪــري
چاڪــاڻ ته هنــداڙي يا بــال ۾ هيٺ ڪــرڻ جي صــلاحيت (گريــوٽي)
موجود آهي. دونهــون يا ٻــاڦ ۾ ڪڪر آســمان طــرف ان ڪــري ٽا
وڃن چاڪــاڻ ته انهن ۾ مــٿي وڃڻ جي صــلاحيت (ليــوٽي) موجــود
آهي. نيوٽن ان قسم جي نصاب مان مطمئن نه هيو تنهنڪــري هُن
پنهنجي لاءِ سوالن جي الڳ فهرست تيــار ڪــئي جنهن کي هُو 'ٻُختا
فلســفياڻه ســوال' چونــدو هيــو, جن ۾ گريــوٽي, روشــني, حــرارت,
حــرڪت, مقناطيســيت, ســيارن ۽ ســتارن متعلق 45 اهم ســوال
شــامل هيا. نيــوٽن جو چــوڻ هيو ته هڪ صــحيح ســوال ڪنهن به
مســئلي جو اڌ جــواب هونــدو آهي. ســندس انهي تجسس کيس
گيلليــو, ديڪــارٽ, ڪــوپرنيڪس ۾ ڪيپلر کي پــڙهڻ ۾ انهن جي
سوالن ۾ نتيجن تي پنهنجا سوال اٿارڻ لاءِ مجبور ڪيو. نيــوٽن کــان
اڳ وارا سائنسدان گرهن جي گردش متعلق ڪافي ڳالهيون پڌائي
ويا هيا پر انهن ۾ بنيادي سوالن جا جواب شامل نه هيا. مثال طــور
گــره سج جي چــوڌاري چڪر ڪــيئن ٿا لڳــائن ۾ ڇو ٿا لڳــائن؟ اها
ڪهــڙي قــوت آهي جيڪا خلائي جســمن کي مــٿي خلا ۾ ٺي رکيو

وٺي آهي, وغيره؟ تنهن دور ۾ يورپ ۾ ڪليسائيت جي بالادستي سبب نيوٽن اهو چئي اڳتي وڌيو ته خُدا هي ڪائنات ٺاهي, اچو ته پاڻ ان جا قانون ڳوليون.نيوٽن انهن سوالن جا جواب ڳولڻ جي ڪوشش شروع ڪئي ته ڪيس تنهن دور جي رائج رياضيء جون ڪوتون نظر آيون, جنهن سبب ڪا خاطر خواه پيش رفت ممڪن نه هئي. ان ڏس ۾ هُن 'ڪيلڪيولس' ايجاد ڪئي ۽ ان جديد رياضياتي ايجاد جي بدولت شمسي نظام ۾ موجود گرهن جي مدار ۽ محور کي دريافت ڪيو ۽ اهو واضح ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو ته اها ڪائناتي ڪشش ثقل آهي جيڪا خلائي جسمن کي پنهنجن پنهنجن مدارن ۾ رکيو وٺي آهي. نيوٽن واري زماني تائين اهو سمجهيو ويندو هيو ته اچو رنگ پاڪ, نج ۽ خُدا جي نشاني آهي. نيوٽن ان ڏس ۾ روشني تي تجربا ڪيا ۽ اهو ثابت ڪيو ته اچو رنگ نج ناهي بلڪه مختلف رنگن جو ميلاپ آهي. سندس مشهور زمانه اسپيڪٽرم تجربي بدولت اڄ جي سائنس ان قابل آهي ته اها ڏورانهن سيارن ۽ ستارن جي ساخت بابت پُختي ڄاڻ مهيا ڪري سگهي. نيوٽن واري دور ۾ ٽيليسڪوپ جو ڍانچو وڏو ۽ ٻن وڏن لينسز تي مشتمل هوندو هيو جنهن سبب تصوير ڌنڌلي نظر ايندي هئي، نيوٽن پنهنجي روشني تي ڪيل تجربن جي آڌار تي پنهنجي لاء هڪ ننڍڙي ٽيليسڪوپ ٺاهي جنهن ۾ هُن هڪ ننڍي لينس ۽ هڪ آئيني جو استعمال ڪيو. سندس ان ايجاد ڪيس برطانيه جي رائل سوسائٽي ۾ سڄي يورپ ۾ مشهور ڪري ڇڏيو, ڇاڪاڻ ته تنهن وقت ساموندي سفر لاء سٺي ٽيليسڪوپ جو هجڻ نهايت ئي ضروري هيو ۽ اهو ڪارنامو نيوٽن ڪري ڏيکاريو. رائل سوسائٽي جي طاقتور ماڻهو رابرٽ هُڪ(Robert Hooke) ـ سان تلخيء سبب نيوٽن رائل سوسائٽي کان پري ٿي ويو ۽ لڳيتا ٻارهن سال پنهنجي گهر ۾ گذاريائين, جتي هُن الڪيمي 'Alchemy' ۾ مختلف تجربا شروع ڪيا. سندس مڃڻ هيو ته ڪائنات ۾ هڪ اهڙي قوت ضرور آهي جيڪا هر ذري ۾ موجود آهي, جيڪا شين جي زندگي ۽ موت جو تعين ڪري ٿي, لوهه کي سون ڪري ٿي ۽ پنهنجو پاڻ کي هر حال ۾ محفوظ رکي ٿي(نيوٽن تنهن دور ۾ انهي قانون جي پرسان اچي پهتو جيڪو 200 سال پوء آئنسٽائن دريافت ڪيو E = mc2 بيشڪ سندس محنت جنهن شعبي 'الڪيمي' ۾ هئي اهو شعبو ان دور ۾ ڪا سائنس نه هئي بلڪه پراڻين ڏندڪٿائن تي مشتمل هڪ عقيدو هيو, تنهن جي باوجود به نيوٽن ان عقيدي کي

سائنسي اصولن موجب پروڙيو ان سان سچو رهيو. هڪ دفعي سندس هڪ فلڪياتدان دوست ايڊمنڊ هيلي هن وٽ آيو هن کي همٿايائين ته پنهنجون دريافتون ڪتابي شڪل ڇپرائي. نيوٽن ان ڳالهه تي راضي ٿيو 1687ع سندس ڪتاب 'پرنڪيپيا' ڇپيو جنهن کي اڄ به سائنسي دنيا جو سڀ کان وڏو شاهڪار تصور ڪيو ٿو وڃي. سندس ڪتاب ڪيلڪيولس جي مدد سان سندس جڳ مشهور 3 لاز آف موشن, ڪائناتي ڪشش ثقل جو قانون پيا ڪوڙ فطرتي مشاهدا بيان ڪيا ويا جيڪي اڄ جي جديد سائنس جو بُڻ ٻڊاد آهن. سندس دريافت ڪيل قانونن جي بدولت ئي صنعتي انقلاب ممڪن ٿي سگهيو. سائنس جي دنيا سندس عزت صرف دريافتن ايجادن جي ڪري نه آهي پر ان سان گڏ سائنسي طريقيڪار نواڻ آڻڻ به تمام وڏي اهميت جوڳي ڳالهه آهي. نيوٽن پنهنجي طبعيت تمام انايرست, لڪل, ساڙولو انسان هيو, جيڪو پنهنجي ٻاڻ ڪان سواءِ ڪنهن تي به يقين نه ڪندو هيو. رائل سوسائٽي جو ڊائريڪٽر ٿيڻ شرط هُن پنهنجي پراڻي دشمن رابرٽ هُڪ جي تصوير لاهي ٻاهه ساڙي ڇڏي. پنهنجي اتاه قابليتن جي ڪري انگلينڊ ڪيٿولڪ چرچ جي بالادستيءَ هوندي به پروٽسٽنٽ نيوٽن کي انگلينڊ جي بادشاه پنهنجي ڪابينا جڳهه ڏني. نيوٽن هڪ سال لاءِ برطانوي پارليامينٽ جو حصو رهيو جتي سڄي سال هُن صرف هڪ جملو ڳالهائيندي پرسان ويٺل ميمبر کي چيو 'مهرباني ڪري دري بند ڪيو, ٻاهر ڏاڍو سيءُ آهي'. نيوٽن جن ڪارنامن جي ڪري سڄي دنيا اڄ سڃاتو وڃي ٿو اهي سڀ هن 26 سالن جي ننڍي عمر تائين سرانجام ڏنا. سندس سائنسي طريقيڪار منطق کي والٽيئر ايڊم سمٿ سماجي سائنس طور يورپ لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي خاطرخواه ڪاميابي سان يورپ جي سوچ تي اثر انداز ٿيا. نيوٽن پنهنجو پاڻ کي ڇاڻ واري سمنڊ ڪناري ويٺل ٻار سان مشابهت ڏيندو هيو, جنهن جي تلاش هُئي خوبصورت پٿر سهڻيون سپيون. ڪائنس ڪنهن ماڻهو سوال ڪيو ته توهان ايڏا هوشيار آهيو, ان جو بنيادي سبب ڇا آهي؟ سندس جواب هيو 'ڇاڪاڻ ته مان پاڻ کان اڳ وارن ديوقامت عظيم انسانن جي ڪلهن تي چڙهي هن ڪائنات کي ڏسان پيو تنهنڪري ئي منهنجي نظر پري تائين آهي'. هُن جو پُرتجسس دماغ سوال ڪرڻ جي بي انتها قابليت رکندو هيو هُن جو ضمير هميشه ڪيس سوالن جا جواب ڳولڻ لاءِ بيچين ترٿلي

 رڪندو هيو انساناذات جي فطرت متعلق پڪي ڄاڻ تي يقين نه رڪندو هيو جيسيتائين ياڻ ڪنهن نتيجي تي نه پهچي. مشهور جرمن فلسفي فريڊرڪ نِٽشي چواڻي 'سچ جو وڏو دشمن ڪُوڙ نه پر پَڪ آهي'. جيڪڏهن پنهنجي اڄ واري سماج تي نظر وجهجي ته اندازو ٿيندو ته اسانجو سماج, سماجي فطري سائنس جي ميدان 18هين صدي جي يورپ کان به پوئتي پيئو آهي! ڏنو وڃي ته نيوٽن فطرت متعلق تمام عام بنيادي سوال ڪيا ڇو ته هن پنهنجي وُجود کي پنهنجي اوس پاس کان واقف رکڻ پئي چاهيو تنهنڪري هُن پراسرار ڪائنات جي تلاءُ هڪ پٿر اڇلايو. لهرون تمام وڏيون ٿيون جو اڄ تائين اسان انهن جي دائري ئي جيئون پيا. پر شايد اسان پٿر اڇلائي دائرو وڏو ڪرڻ ته پري جي ڳالهه، لهرن کي سمجهڻ جيتري جستجو به ناهي...

ناريواد

پنڪ (Pink) فلم : هڪ تجزيو

ماروي لطيفي



ويهين صديءَ دوران سرمايداريءَ نظام عورت کي سرمايو وڌائڻ لاءِ صنعتن ۾ آندو. ستت ئي عورتن کي اهو ٻڌايو ويو ته هاڻ مرد ۽ عورت برابر آهن ۽ اهڙي ڪابه شيءِ ناهي بچي جنهن لاءِ اوهان کي وڙهڻو پوي. پر حيئن ته سرمايداريءَ نظام جا بنياد ئي ڦرلٽ تي آڌاريل آهن، تنهنڪري عورت به جسماني ۽ ذهني استحصال ۽ جبر جو شڪار ٿئي ٿي. جڏهن عورتن جي آزاديءَ يا حقن جي ڳالهه ڪبي آهي ته اهو گهڙي ورجايو ويندو آهي ته عورتن کي ڪهڙي اجا آزادي کپي!؟ پڙهڻ جي اجازت آهي، نوڪريءَ جي ۽ بازار وڃي خريداري ڪرڻ جي به آزادي آهي.

جودٿ اَئور پنهنجي ڪتاب 'جنسيت ۽ نظام' (2007) ۾ لکي ٿي ته اسريل دنيا جي سرمايداريءَ ۾ به اجا عورت آزاد ناهي ٿي. اتي اڄ به عورتن کي مرد جي ڀيٽ ۾ گهٽ اجرت ملي ٿي. عورتن کي جنسي وکر طور استعمال ڪيو وڃي ٿو. عورت جي جسم جي تشهير ڪري (اشتهار وغيره ۾) سرمايدار ۽ عالمي مالياتي ڪمپنيون آسانيءَ سان ڪيت ڪن ٿيون ۽ عورتن کي پنهنجي جنسيت تي به مالڪي حاصل ناهي. جودٿ اَئور مطابق عورتن جي آزاديءَ جي ويڙهه اجا جاري آهي، چاڪاڻ ته اها جنگ ڪٽڻ مان مراد، پوري دنيا کي تبديل ڪرڻ آهي.

ايڪويهين صديءَ جي شهري ۽ نوڪري پيشه عورت کي

کھـڙا مسـئلا مُنهن پـون ٿـا؟ تـوٽي جو هـوءَ کنهن حد تـائين خودمختيـار به ٿي چڪي آهي، پر پـوءِ به هـوءَ گهـٽي آزار ۾ ڦاٿل آهي جنهن جي عڪاسي پنڪ (PINK) نـــالي بـــاليوڊ جي فلم (2016) ۾ پيش ڪئي وئي آهي.)

هيءَ فلم شوجت سـرڪار جي ڪجهه بهـترين فلمن (وِڪي ڊونر، پيڪو ۽ مدارس ڪيفي) منجهان هڪ آهي.

شوجت سرڪار، باليوڊ جي روايتي ڪهاڻين هيرو ۽ هـيروئن بدران، سماج جي حساس مسئلن کي پنهنجي فلمن ۾ ڏيکاريندو آهي. شوجت جي بين فلمن جيان هن فلم منجهه به ڪيـترن ئي Taboos (اُهي شـيون جن تي ڳالهـائڻ جي اجـازت نه هونـدي آهي) تي بحث ڪرڻ ۽ کين ٽوڙڻ جي ڳالهه ٿيل آهي.

فلم جي جـڙت تمـام دلچسپ آهي. ٽي ڇوڪريـون مينـل، فلڪ ۽ اندريا اڪيليون رهن ٿيـون. هڪ پـارٽي ڪـانپوءِ انهن جي ملاقات ٽن ڇوڪرن سان ٿئي ٿي؛ راجوير، ڊمـپي ۽ وشـوا. سين جي هڪبـــئي ســـان ڳالهه ٻولهه ۽ ســـچاٽب ٿي وڃي ٿي، جنهن دوران راجوير، زبردستي مينل کي ڇهڻ جي ڪوشش ڪري ٿـو. جنهن تي مينل گهڙي گهڙي سختي سان منع ڪري صاف انڪـار ڪـري ٿي. ان بـاوجود به راجـوير بـتي نٿو هـٽي پنهنجي بچـاءَ ۾ مينل راجوير کي زور سان بوتل هـٽي ٿي ڪـڍي. اتـان ڪـان فلم ڦيرو کائي ٿي. مينل تي ڪوڙي ايـف. آءِ. آر ڪـرائي، ڪيس سـزا ڏيڻ جي ســازش ڪـــئي وڃي ٿي. جنهنکي وري ديپڪ (اميتــاب بچن) نالي سـينئر پر گهر تـائين محـدود رهنـدڙ وڪيل ڪـورٽ ۾ چئلينج ڪـري ٿو ۽ اهـڙي ريت انهن خيـالن ۽ دليلن جي ڏي وٺ تـئي ٿي جنهن تي ڳالهه ٻولهه ڪـرڻ لاءِ هن فلم جو تجزيو ڪيو ويو آهي.

اسان وٽ عام رواجي رويو اهو ئي هوندو آهي ته ڇوڪريءَ ســان زنا ٿيڻ جي صــورت ۾ غلطي هميشه ڇــوڪريءَ جي ئي هوندي. ڇوڪري گهـران نڪـتي ڇـو؟ ڊنگ جا ڪـپڙا ڇو نه پـائي وئي!؟ ڇــوڪرن ســان کلي ڇو پــئي ڳالهـائي!؟ ۽ اهڙيـون ئي سوين ڳالهيون ٿاهي عورت کي ڏوهاري قرار ڏنو ويندو آهي.

مينـل، فلڪ ۽ انـدريا سـان جيڪو به تـئي ٿـو، اهو ڪنهن به عورت سان ٿي سگهي ٿو. هر ڇوڪري ڪجهه خيـالن، گمـانن ۽ راين کي منهن ڏيندي آهي ته مرد ڇا ڪري ٿا سگهن ۽ عورتـون

چا نٿيون ڪري سگهن. تڏهن چا ٿيندو جڏهن عورت اُهو ڪري ڏيکاري جنهن لاءِ مرد چيو هجي ته هو اهو نٿي ڪري سگهي؟ ’پنڪ‘ به ڪجهه اهڙن سوالن کي ئي اياريو آهي ۾ مردائپ سماج جي انهن پاسن تي تنقيد ڪئي آهي جن کي عام ماڻهو رواجي، فطري ۽ مناسب سمجهي چڙي ڏيندو آهي.

فلم منجهه پدرشاهيت ۽ سياسي معاشي طاقت جو گٺ جوڙ ڏيکاريو ويوآهي. جهڙوڪ: مينل، راجوير جي ڌمڪين مان جڏهن پريشان ٿي ايف. آءِ. آر لاءِ ٿر جي ٿاڻي جو رخ ڪندي آهي ته ايس ايچ او چوڪرين کي شڪي نگاهن سان گهوريندي چوي ٿو ته ’مون کي توهان تي تمام گهٽي ڪاوڙ ٿي اچي، شريف گهراڻي جون عورتون تفريحي جڳهن تي ويندڙيون آهن چا!! پيو کيو اوهان مزا، وسڪي به پيو پوءِ هو ٽڪي واريون (فيمنسٽ) اچي اسان جو مٿو کائينديون آهن ته عورت محفوظ ناهي.“

اهڙيءَ ريت ايس. ايچ او، ايف. آءِ. آر داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو. ساڳيءَ ريت، اهڙي حالت ۾ پُٺتي پيل سماجن اندر پهرين ته عورت پوليس ڏانهن ويندي نه آهي، جي بهادري ڪري پهچي ڏانهن ڪٽي به وڃي ته اهڙي رويي کي ئي منهن ڏيٺو پوندو. (مردن جو انصاف، مردن ذريعي مردن لاءِ، اها آهي جمهوريت جي پدرشاهاڻي تعريف). پاڪستان ۾ به هر ادارو صنفي اٽبرابري کي همٿائي ٿو. عورت جي آزاديءَ جي حوالي سان اسان پارت کان تمام پٺتي پيل آهيون صنفي اٽبرابري بابت ’گلوبل جينڊر گيپ‘ (2015) مطابق، يمن کان پوءِ پئي نمبر تي پاڪستان عورتن لاءِ خطرناڪ ترين ملڪ آهي. جتي عورت کي معمولي ڳالهين تي قتل ڪيو ويندو آهي.

هڪ پيو ڪردار ’فلڪ علي‘ اسان جي رواجي عورتن جيان سڄي معاملي کي لئي مٿي ڪري معافي وٺڻ چاهي ٿو ته جيئن هڪ ”نارمل زندگي“ گذاري سگهجي. جنهن جي بي معنيٰ آهي پدرشاهي آڏو نوڙت.

نيٺ راجوير، معافي ڪانپوءِ به بدلي وٺڻ لاءِ فلڪ جي تصوير کي ڪمپيوٽر تي ايڊٽ ڪري هڪ ننگي تصوير ٺاهي سندس آفيس موڪلي ٿو. جنهن سبب فلڪ عليءَ کي نوڪريءَ مان نيڪالي ڏني وڃي ٿي.

بي هنڊ، انتک ۾ دمبي (راجوير جا دوست) مينل کي اغوا ڪري جنسي طور حراسان ڪن ٿا. راجوير هڪ طاقتور سياستدان جي پائيتي هجڻ ناتي عورتن تي تشدد آسانيءَ سان ڪرائيندو رهي ٿو. مينل تي 307 شِق تحت ’قتل جي ارادي‘ موجب ايف. آءِ. آر ڪرائي ٿو.

پدرشاهي روبا طاقت سان گڏ عورتن کي اجا پت سان لڳائيندا وجن ٿا. طاقت (Power) کي مختلف طريقن سان سمجهايو ويو آهي. طاقت هڪ مضبوط جاري نما سرشتي جيان آهي، جنهن ۾ حاڪم سماجي رشتن ذريعي ان نهج تي پهچي ٿو جتي هو سب ڪجهه پنهنجي مرضي مطابق ڪري سگهي ٿو.

پوليس اداري ۾ ئي پريم چند نالي هڪ جانچ (Investigations) آفيسرياڻي مينل جي پيءُ کي چوي ٿي ته ”تنهنجي ڌيءَ ’ڌنڌو‘ ڪندي ٿئي.“ اها آفيسرياڻي عورت به انهيءَ نظام جو حصو آهي. معنيٰ ته پدرشاهي سماجي رشتن جو هڪ مربوط نظام آهي جيڪو نه صرف مردن پر عورتن کي به پنهنجي اثر ۾ وٺي ٿو. بلڪل ايئن جيئن اسان عام طور تي چوندا آهيون ته هڪ طبقاتي سماج ۾ غالب خيال، غالب حڪمران طبقن جا هوندا آهن، ساڳي ريت پدرشاهاڻا روبا ۾ خيال عورتن تي به حڪمراني ڪندا آهن. جنهن جو اظهار پريم چند نالي آفيسرياڻي ڪري ٿي.

مچل ليزر (سينگاپر جي پروفيسر) 2000ع ۾ چوي ٿي ته صنفي اڻبرابري وارو نظريو حڪمرانن جو نظريو آهي، جنهن سان عوام به مڪمل اتفاق ۾ هوندو آهي.

ايتري تشدد ۾ دباءُ باوجود به مينل ۾ ان جون ساهڙيون بهادريءَ سان وڙهن ٿيون. چوڪريون جڏهن اڪيليون رهنديون آهن ته ڪين روز ويڙهه ئي ڪرڻي پوندي آهي. پاڙي وارن جون نظرون ۾ انهن جا سوال چوڪرين جو ڦيرو ڏيندا رهندا اهن. ڪيترن ئي مشڪلاتن کي منهن ڏيندي ڏيندي هو مضبوط ٿي وينديون آهن. هي هندستان جو مثال آهي. پاڪستان اندر چوڪرين کي رڳو هاسٽلز ۾ رهڻ جي اجازت به ورلي ملندي آهي. اڪيلن ٽن چوڪرين کي فليٽ ڪرائي تي ناهي ملندو. توڻي جو هندستان، پاڪستان ۾ دنيا جي قانون ۾ آئين ۾ عورت کي پنهنجي مرضيءَ سان، اڪيلي رهڻ ۾ آزاديءَ جو حق مليل آهي،

پر روايتي سماجي رويا هر قانون □ آئين کان به مٿانهان □ پاڪ پوتر آهن. اهو ئي عام خيال ايندو آهي ته اڪيلي ڇوڪريءَ پنهنجي ڏنڌي جي ضرورت سبب اڪيلي ٿي رهي. جيڪڏهن ڪا عورت اڪيلي نه به رهندي هجي پر ان گهر □ مرد دوست گهڻا ايندا هجن ته پاڙو ايئن ئي سمجهندو آهي ته سندس انهن سان جنسي بدپيشا هوندا.

مينل، فلڪ □ اندريا لاءِ پاڙي □ اُهو ئي مشهور آهي ته شريف عورتون خاندان هجڻ باوجود اڪيليون ناهن رهنديون. 'اهڙين ڇوڪرين سان ائين ئي ٿيڻ کپي.'

'پنڪ' □ انهن سيني روين کي چسو قرار ڏيڻ لاءِ ڇوڪرين کي سماج □ پدرشاهيت سان وڙهندي ڏيکاريو ويو آهي. اهي نه صرف وڙهن ٿيون پر ان مردانگي کي به ڌڪ هڻن ٿيون جيڪا عورت کي صرف ان ڪري 'سبق' سيکارڻ چاهي ٿي جو هو پنهنجي مرضيءَ سان □ پنهنجي لاءِ جيئڻ چاهي ٿي، □ جنهن جو ان کي پورو حق به آهي. پر اهو حق سماجي، رجعتي روين کان واپس وٺڻ لاءِ ڪين جنگ ڪرڻي پوندي آهي.

فلم جو سمورو بيو حصو، ڪورٽ ڪيس جي ڪارروائي تي مشتمل آهي. هڪ طرف صنفي اڻبرابري جا جواز پيش ڪيا وڃن ٿا. ٻئي طرف اميتاب بچن، هر صنفي اڻبرابري بابت نظام (Status quo) کان سوال ڪندي، ڇوڪرين جي آجپي جي حق □ دليل ڏئي ٿو.

هتان کان پدرشاهي سماج جون روايتي ڳالهيون (Steretypes) شروع ٿين ٿيون. راجوير جو وڪيل 'پراشنت مهرا' بيان ڏيندو آهي ته هي ڇوڪريون 'راڪ ڪانسرٽ' (ناچ ڳاني جي پروگرام) کانپوءِ، راجوير کان جنسي تعلق لاءِ پئسا گهرن پيون. جڏهن راجوير پئسا ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته مينل، ڪيس سخت زخمي ڪري وڌو. هاڻي زناڪاري □ 'قتل جي ارادي' □ ڏهه سال مينل کي سزا ڏني وڃي.

اڳتي، هوٽل جي بيري □ مئنيجر کان پڻ ڳواهي وتي وڃي ٿي جيڪي پڻ اهو ئي چون ٿا ته: جڏهن ڇوڪريون هوٽل □ آيون تڏهن ئي ڳالهه بولهه، چال چلت □ ڪپڙن مان اندازو ٿي ويو ته هي شريف ڇوڪريون ناهن. جيڪڏهن ڇوڪريون 'اهڙيون تهڙيون' نه هجن ها ته الڳ الڳ ڇوڪرن سان ڪمرن □ ڇو

وڃن ها!؟

’پنڪ‘ ۾ وڏي مهارت سان اهو ڏيکاريو ويو آهي ته ڪردار ڪشي رڳو عورت جي ٿيندي آهي. مرد ۾ پدرشاهي سماج هر اخلاقي تنقيد کان مٿانهان هوندا آهن. وڪيل پرشانت سماج جي آرسي وارو ڪم ڪندي، اندريا کان پڇي ٿو ته ’هي ڪم (بدپيشو) ڪڏهن کان ڪري رهي آهين؟؟‘ اسان وٽ به هر عام ماڻهو بنا ثبوتن جي عورت جي ڪردار تي آڱر کڻڻ کان ناهي ڪيٻائيندو. جيئن ته اندريا، ڊمپي سان گڏ ٻي ڪمري ۾ غسل خاني لاءِ وڃي ٿي ۾ معمولي انداز ۾ ڪمري جو دروازو بند ڪري ٿي، ان عمل کي اهو رنگ ئي ڏيو ته هوءَ جسماني تعلق جوڙڻ چاهيندي هوندي. اميتاب بچن سماجي قدرن ۾ روين تي ٺٺول ڪندي، چُڀندڙ انداز ۾ جج کي چوي ٿو ته عورتن لاءِ حفاظتي اصولن جو دستو هجڻ کپي. جنهن جو پهريون اصول آهي:

’ڪنهن به چوڪريءَ کي، ڪنهن به جڳهه تي اڪيلي چوڪري سان نه وڃڻ گهرجي. غسل خاني لاءِ ته بلڪل به نه: چاڪاڻ جو ايئن سمجهيو ۾ مڃيو ويندو ته چوڪري پنهنجي رضا سان غلط ڪم ڪرڻ ئي آئي آهي. ڪيس ڇهڻ جو اجازت نامو مليو ويو آهي.

فلڪ سان گفتگو دوران وڪيل هڪ ٻيو سماجي رويو نمايان ڪري ٿو جنهن ۾ عورتن جي آمدني تي طنزيه سوال ڪري ٿو ته جيڪڏهن هوءَ اڪيلي سجي خاندان کي سنڀالي ٿي ته يقيناً بدپيشي ذريعي ناڻو ڪمائيندي هوندي. راجوير، جيئن ته ڪنهن ايم ايل اي، منسٽر جو ڀائٽيو آهي، ان ڪري ڪيس شريف هجڻ جو پڪو سرٽيفڪيٽ مليل آهي.

فلم ۾ هڪ سادو ۾ اثرائتو سبب ڏيکاريو وڃي ٿو جڏهن وڪيل ديپڪ، راجوير کان پڇي ٿو ته کهڙين ڳالهين ذريعي هُن اُهو سمجهيو ته هي چوڪري هُن ۾ دلچسپي وٺي ٿي. راجوير وراڻيو: هوءَ کلي رهي هئي، ٻار ٻار ٽهڪ ڏي پئي. گڏوگڏ ڳالهائيندي ڳالهائيندي تاڙو به لڳائي پئي. ديپڪ ٻڌي چُپ ٿي وڃي ٿو. اها ٽن سيڪنڊن جي خاموشي سندس جواب جي غير معقوليت، منافقت ۾ دولاب کي اظهاري پئي. ان تي چوڪرين جو وڪيل ”ديپڪ“ هڪ دفعو ٻيهر ان پدرشاهاٽي رويي تي طنز ڪندي ’عورت لاءِ اصول نمبر ٻيو ٻڌائي ٿو‘:

’ڪنهن به چوڪريءَ کي، ڪنهن به چوڪري سان کلي کلي،

تاڙو ملائي ۾ ڪنهن ڪنهن وقت بانهن تي هٿ لڳائي ڳالهائڻ نه ڪبي. چاڪاڻ جو هو ان کي اشارو سمجهي وٺندو.‘ ڪلڻ کي ’ها‘ سياويڪ انساني رويي کي عورت جي چالو هجڻ جو ثبوت ۾ سمجهندو.

ديپڪ طرفان پيش ڪيل اصول، درحقيقت اکيون کولينڊڙ دليل (eye-opener) جو ڪم ڪن ٿا. اهي سماج کي پڌائن ٿا ته هر عورت، ڪنهن به پس منظر سان تعلق رکندي، روز انهن روين کي منهن ڏينديُ آهي. هن جو سياويڪ رويو ۾ معمولي انساني عمل (کلڻ وغيره کي) به پدرشاهي سماج سندس خلاف ڪري بيهاريندو آهي.

گُپتا، ڇوڪرين جو پاڙيسري مخالفت ۾ دليل ڏئي ٿو ته اڪثر اهي گهر رات جو دير سان ايندڙيون هيون. انهيءَ ڪري ثابت ٿئي ٿو ته اِهي ’شريف ڇوڪريون‘ نه آهن.

ان جو مطلب ته اسان جي سماج ۾ وقت جي سُئي عورت جو ڪردار طئي ڪندي آهي. رات جو گهر دير سان اچڻ مان مراد آهي. عورت ’بدبيشه‘ هوندي باليوڊ جي فلم ۾ بهريون دفعو عورت کان سوال ٿو ڪيو وڃي ته هُن پنهنجو ڪنواريڻو (virginity) ڪڏهن وڃايو؟ جنهن جي جواب ۾ مينل چوي ٿي ته ڪافي سال اڳ جنهن سان پيار ڪيو هيم، اُن سان پنهنجي مرضيءَ مطابق تعلق به رکيو هيم. وڌي بهادريءَ سان رجعتي روين کي ننديندي اُهو ڏيکاريو ويو ته عورت به پنهنجي جنسيت تي حڪمراني رکي ٿي. (عام طور تي سماج جي ان حساس موضوع تي نه ڳالهائڻ جي نه ئي وري سوچڻ جي اجازت هوندي آهي.) اسان وٽ ’عورت جي پوترتا‘ سڀ کان اهم سمجهي ويندي آهي. جن عورتن سان لچالت ٿيندي آهي، اُهي ’شاديءَ لائق ناهن سمجهيون وينديون.‘ ڪجهه حياتياتي مسئلن جي ڪري جيڪڏهن شاديءَ رات، مرد کي لڳندو آهي ته عورت ڪنواري ناهي، اهو سبب ئي ڪيس کي عورت کي قتل ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندو آهي. چاڪاڻ پدرشاهيءَ ۾ عورت هڪ ذاتي ملڪيت سمجهي ويندي آهي. انهيءَ ڪري هن جي بيهڪ، جنسيت ۾ پورو جيابو ڪنهن مرد جو اثاثو هوندي آهي ۾ اهڙيءَ ريت عورت جو ڪنواريڻو به هڪ اهڙو سماجي ثقافتي قدر بڻجي وڃي ٿو جنهن کي جوڙي به مرد ٿو ۾ مابي به مرد ٿو.

فرانسيسي سماجياتدان، پيئرر بورديو (1979) لکي ٿو ته ثقافتي قدر انهن کي چئبو آهي جيڪي سيکاريا وڃن، جن تي جذباتي طريقي سان زور ڏنا وڃن، علمياتي بنيادن تي وڌايا وڃن ۾ وڌيڪ خيالي تشڪيلن ۾ اظهارجن. اهي اسان کي فيصلا وٺڻ ۾ عمل ڪرڻ ۾ ٽيڪو يا مدد ڏيندا آهن. اسان جن کي ترجيح ڏيندا آهيون ۾ جيڪو انتخاب ڪندا آهيون ته ڪنهن سان ڪيئن هلڻو آهي، ڪنهن سان ڪيئن ورهڻو آهي، سمورو اسان جي سماجي ۾ ثقافتي قدرن تي آڌاريل هوندو آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن ’قانون جي لکت‘ ۾ عورتن کي چار حق ڏنا به ويا آهن ته اُهي اسان جي سماجي روين کي نٿا بدلائن، جو اهي سماجي رجعتي قدر هر اداري ۾ عمل هيٺ آهن.

مرد جي سامهون، عورت کي انڪار ڪرڻ جي اجازت نه هوندي آهي، خاص ڪري جنسي عمل جي حوالي سان. مثال طور هڪ زال گهٽي ڪم ڪانپوءِ ٿڪ سبب، ڪنهن بيماري واري حالت جي ڪري يا سندس خيال نه هجڻ ڪري جڏهن مڙس کي جواب ڏيندي آهي يا ڪا عورت رنڊي (sex worker) هئڻ باوجود جنسي عمل کان انڪار ڪندي آهي، ان کي مذهب کان وٺي، هر ادارو ۾ سماجي رويو نندينندو آهي ’پنڪ‘ فلم ۾ ان رويي تي تنقيد ڪندي، ان کي بدلائڻ جي ابتدا ڪئي وئي آهي. مينل چوي ٿي ته مان جڏهن راجوير کي گهڙي گهڙي ’نه‘ ڪئي. ۾ زور ڏئي ڪيس ڇهڻ کان منع ڪيو پر هو پوءِ به نه مڙيو، ته پوءِ مون ڪيس پنهنجي بچاءُ ۾ زخمي ڪيو. هو ڪورٽ ۾ چوي ٿي جي هُن (راجوير) وري ائين ڪيو ته اجا زور سان سندس مٿو ڦاڙينديس.

فلم جو هيءُ ٽڪرو تمام بهادريءَ سان ڏيکاريو ويو آهي، جنهن ۾ مينل اهو ٿي ٻڌائي ته منهنجي مرضيءَ ۾ منشا کان سواءِ مون کي ڪير به هٿ نٿو لڳائي سگهي، پلي پوءِ منهنجا پين سان پيار ۾ جنسي تعلق ڇو نه هجن!

سمون دي بووا (1949) لکي ٿي ته ڇوڪرين کي ننڍي عمر کان ئي پنهنجي جسم سان نفرت سيکاري ويندي آهي. ماهواريءَ کي گندگيءَ سان پيتو ويندو آهي ۾ ڇوڪرا ان جي ڪري گهوريندا ۾ حراسان ڪندا آهن جو سندن جسماني ٻيهڪ ئي اهڙي آهي.

فلم ۾ عــورت جي جنسي آزادي ۾ جنسي حڪمــرانيءِ جي ڳالهه ڪئي وئي آهي. عورت جي جنسيت تي صــرف هن جو ئي حق آهي. ان تي امتياب بچن چوي ٿو:

”نــه“، انڪــار پنهنجيءِ پــاڻ ۾ هڪ مڪمل جملو آهي، جنهن کي وڌيڪ ســمجهاڻيءَ جي ضــرورت نــاهي. جــڏهن ڪا عــورت انڪار ڪري ٿي ته اُهو صرف ’انڪــار‘ ئي آهي، جيڪا به عــورت انڪار ڪري، اوهان جي محبوبه، دوســت، sex worker يا ورري اوهـــان جي پنهنجي زال، ته اتي به مطلب انڪـــار ئي آهي. ان ڳالهه جي عـزت ڪـرڻ لازمي آهي، انهن جي انڪـار بـاوجود به جيڪڏهن ڪو مرد زبردستي ويجهو ٿئي ٿو ته اها زنا آهي. انڪـار جي همت، سگهه پنهنجيءِ پاڻ ۾ وڏي طاقت ۾ بهــادري رکي ٿي. اهڙن جملن ذريعي موجوده سماجي روين تي سوال ڪندي هڪ مختلف رويو ۾ سوچ اڏڻ جي ابتدا ڪئي وئي آهي.

هڪ ذي شعور ماڻهو، ٻئي انسان جي مرضيءَ خلاف، پنهنجي خواهش پــوري ڪــري ته ان کي ’زنــا‘ چئبو آهي، ’ميريٽل ريپ (marital rape). برطانيا شـاديءَ ۾ ريپ کي 1994ع ۾ ممڪن ۾ سزا لائق قرار ڏنو. (جوڊٿ ائور). هاڻ اُسريل ملڪن ۾ ڪنهن به مـڙس کي اجــازت نــاهي ته هو زال جي مرضــيءَ کــان بغـير ساڻس همبستري ڪري.

’پنڪ‘، پــارتي نــاريءَ جي انهيءَ انڪــار ۾ عــورت جي جنسي آزاديءَ لاءِ آواز اٿــاريو آهي. پاڪســتان ۾ تــرقيءَ پســند مــاڻهو به ميريٽل ريپ کي نــاهن ســمجهي ســگهندا. هڪ ســاٿي چيو هو ته ’جي اسان وٽ شاديءَ ۾ ريپ به ڳڻيو وڃي ته تقريباً هر گهر مان اها ئي دانهن ملندي.

اهڙن حســاس روين کي ئي نمايــان ڪــرڻ لاءِ هيءَ فلم پيش ڪــئي وئي آهي دائريڪــٽر اَني رُڏا راءِ چــوڌري هن فلم لاءِ ڪجهه اتساهيندڙ حصا فلم ’The Accused‘ مان ڪنيا آهن. هاليووڊ جي هيءَ فلم 1988ع ۾ آئي هــئي، جنهن ۾ هڪ عـــورت ســـان ٽن مردن لچالت ڪئي، هوءَ انهن ڏوهارين کي سزا ڏيارڻ لاءِ ڪــورٽ ۾ بهــاديءَ ســان جــواز پيش ڪنــدي آهي. 1988ع ڪــانپوءِ، هــاڻ پارت طرفان 2016ع ۾ عورت کي پنهنجي جنسيت (sexuality) تي مــالڪي رکنــدڙ، بهــادر، خودمختيــار ۾ اڪيلي (Single) طــور ميـديا ۾ ڏيکــاريو ويو آهي. جيڪا پــارٽين ۾ به وڃي ٿي، شــراب به

پئي ٿي، مرد دوست به رکي ٿي ۽ پنهنجي پيرن تي بيٺل آهي.
پاڪستان اندر، خاص طور تي سنڌ ڪي اچا وڏو وقت لڳنــدو جڏهن عورت اڪيلي خودمختيار بنا ڪنهن خــوف ۽ رجعتي روين جي زندگي گذاري. اسان وٽ ته عورتن ڪي اچا پنهنجي مرضيءَ سـان شـادي ڪـرڻ جي اجـازت به نـاهي بـاقي مـرد دوست ته عورت لاءِ چُڙواڳيءَ جي زمري ۾ ايندا آهن.
جودٿ ائور (2007) مطـابق ته اُهو دليل بي معـنيٰ آهي ته ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ساڳيا آهن. يقيناً اِهي نــاهن؛ انهن جا جسم مختلف آهن، هـارمونز به هڪجهـڙا نـاهن. پر اصل ۾ اهو سـماج آهي جيڪو انهن حياتياتي فرقن سان سماجي فرقن جي آبيــاري ڪري ٿو. گڏوگڏ اهي فرق اخلاقي قدر طور مڙهيا وڃن ٿا. جيئن پارت جي ناري ۾ سماج اهڙن سـوالن تي نه صـرف ڳالهـائي ٿو پر ميڊيا ۾ به اظهاريو وڃي ٿو. جڏهن ته هتان جو سماج عــورت جي ڪمائڻ ۾ سياست ڪي به غير اخلاقي طور پيش ڪندو آهي.
صنفي اڻبرابريءَ خلاف، اسان ڪي هر اداري، ثقافت، نصاب ۾ ميڊيا ۾ جدوجهد ڪرڻي پوندي. لطيف سائين مطابق:

سَپِ نَنگِيُون، ٿي نِڪرو، پَرَهَڻَ ڇَڏي پـــــــــــــــــــــــــــــــــوءِ،
مَهَندِ مِڙَنِئـان هـوءِ، ڪَهي جا ڪِينَ ڪـــــــــــــــــــــــــــــــــٽي.

سچ ۾ مــنزل تي پهچڻ لاءِ سڀ ريت و رواج تـــرڪ ڪري نڪـرو. جيڪا پـاڻ سـان ڪجهه به نه ڪٽنـدي (سـماج جي تنقيـد، طعنا) اها ئي اڳيان هوندي. عورت توڙي هر باشـعور شـخص ڪي مختلف ادارن ۾ مختلف پاسن کــان هڪ مسلسل جنگ ڪـــرڻي آهي.

تاريخ ۾ عورت

ڊاڪٽر مبارڪ علي سنڌيڪار گلزار چنا

ناريواد حقن جي هڪ جرمن عورت چيو هو ته ”منهنجي تاريخ جا ڪتاب ڪوڙ ٿا ڳالهائن، جيڪي چون ٿا ته منهنجو وجود نه هـو.“ تاريخ ۾ عورت جو وجود ته آهي پر ان جو اهو وجود مـرد تشـڪيل ڏنو آهي، چو ته اسان جي پوري تاريخ مردن جي تاريخ آهي عورتن جي نه. ان تاريخ جو جيڪو خاڪو ۽ فـريم ورڪ آهي ان ۾ عـورت لاءِ ڪا گنجائش ناهي. جيڪڏهن هوءَ تاريخ جي صـفحن تي ايرنـدي آهي ته هُن جو ڪردار ۽ عمل مرد جي تابع هوندو آهي.

ان ڪري هڪ عرصي تائين اهو نظريو عام هو ته تـاريخ جي تعمير ۽ تشـڪيل صـرف مـرد ئي ڪنـدا آهن ۽ جيڪـڏهن عظيم مــرد نه هجن ته تــاريخ جو عمل بيهجي وينــدو آهي. اُن ڪـــري پيغمبرن کان وٺي وڏن وڏن فاتحن تائين سڀ مرد ئي هئا جيڪي پنهنجن نظـرين، خيـالن ۽ جدوجهد سـان تـاريخ جو رُخ موڙينـدي نظر اينـدا آهن. خيـالن جي ان هجـوم ۾ جدوجهد جي ان عمل ۾ عورت جو وجود نظر نـاهي اينـدو ته ڇا عـورت جو تـاريخ ۾ ڪو وجود ناهي؟ ڇا عورت جي ذات گمنامي جي انـڌيري ۾ رويـوش تي وئي؟ ڇا هُن تاريخ ۾ ڪـو ڪردار ۽ ڪو ڪارنامو سـرانجام نه ڏنو هو؟ جيڪـڏهن ائين ناهي ته پـوءِ ڇو هن کي پوئـتي ڌڪيو ويو آهي ۽ ڪيس وجود ۽ ذات کي فراموش ڪيو ويو آهي.

پهــرئين ته اها ڳالهه ذهن ۾ رکي وڃي ته تحريــري تــاريخ وجـود ۾ ايندي ئي انساني معاشري تي مرد جو غلبو تي چڪـو هو ۽ عورت جي سماجي حيثيت ڪري چڪي هئي. عورت معاشري ۾ مــرد جي برابر نه رهي هــئي ۽ اڻ برابــري واري درجي جي ڪــري مـرد لاءِ اهو آسـان تي ويو هو ته اُهو عـورت کي پنهنجن مفادن تي قربان ڪندو رهي. اُن ڪـري مـردن واري اِن تـاريخ ۾ عــورت جنهن حيــثيت ۽ شــڪل ۾ ظــاهر ٿينــدي آهي اُن ۾ ڪا عظمت ۽ وقــار نه هونـدو اتس بلڪه اُن مــان هڪ اهــڙو تــاثر ايرنـدو آهي جنهن ۾ ڪـڏهن عـورت کـان نفـرت هونـدي آهي ته ڪـــڏهن رحم کــائڻ تي دل چونـــدي آهي. ڪـــڏهن ڪيس بلڪل نظرانــداز ڪيو وينــدو آهي هُن جي قربــاني جو ڪو ذڪر نــاهي

ايندو جو مرد پنهنجن مفادن لاءِ هن کي استعمال ڪندو آهي.

ابتدائي دؤر ۾ جڏهن قبيلن منجهه گڏيل جنگ ٿيندي هئي ۾ ان ڪان پوءِ جيڪي دوستي جا معاهدا ٿيندا هئا ته اُن ۾ شادي ۾ غمي ذريعي تعلقاتن کي بهتر ڪيو ويندو هو. مثلاً آسٽريليا جي قديم رهاڪن ۾ اهو رواج هو ته اهي مخالف قبيلي سان دوستي جي مقصد سان پنهنجي عورتن کي ان مخالف قبيلي وٽ موڪليندا هئا. بعد ۾ هُنن سفيد فام ماڻهن سان دوستي جي لاءِ به پنهنجي عورتن کي استعمال ڪيو. (1) اهڙي طرح هنن عورت ذريعي مادي فائدا حاصل ڪيا. اسڪيمو قبيلي وٽ به زالن جي مٽاسٽا جو رواج هو. (2) ان ذريعي اُهي بين قبيلن سان تعلقات بهتر قائم ڪندا هئا ۾ دشمنيون ختم ڪندا هئا. ان پوري عمل ۾ عورت کي پنهنجي مرضيءَ جو حق حاصل نه هو ۾ عورت کي پنهنجي مڙس يا مرد جي حڪم کي مڃڻو پوندو هو. ان مان اها ڳالهه به ثابت ٿئي ٿي، ته غير طبقاتي معاشرن ۾ به عورت جو درجو برابر نه هو. جيئن آسٽريلوي قبيلن ۾ اسڪيمو جي مثالن مان خبر پوي ٿي.



اهو صحيح آهي ته اڻ برابري واري درجي بندي نجي جائيداد کان پوءِ پيدا ٿئي ٿي جنهن ۾ وارث جي ضرورت پوندي آهي. پر قبائلي دؤر ۾ به عورت کي مرد پنهنجي جائيداد سمجهندو هو. ۾ ڪيس پنهنجي فائدي لاءِ استعمال ڪندو هو. مرد پنهنجي عزت ۾ تخت و تاج بچائڻ خاطر پنهنجن عورتن کي قربان ڪيو آهي مثلاً بابر جڏهن سمرقند ۾ هو ته هن جي جاني دشمن شيباني خان سمرقند جو گهيراءُ ڪيو ۾ باهر نڪرڻ، فرار ٿيڻ ۾ ڪاميابي جي ڪا اُميد نه رهيس ته هُن پنهنجي ڀيڻ خانزاده بيگم کي شادي لاءِ شيباني خان جي حوالي ڪري ڇڏيو. پوءِ هُو پاڻ اُتان فرار ٿي ويو. راجپوت ۾ حڪمرانن، اڪبر کي شادي لاءِ پنهنجون ڇوڪريون پيش ڪيون ته جيئن مغل خاندان ۾ سلطنت جو حصو بڻجي ڪري مراعاتون حاصل ڪن.

ان پوري عمل جو الميو اهو هو ته عورت انهن قربانين کان پوءِ گمنام ٿي ويندي هئي. هُن جو ڪردار ختم ٿي ويندو هو ۾ اهڙين قربانين جي نتيجي ۾ جيڪي فائدا ملندا هئا ان مان مرد پورو فائدو وٺندا هئا.

ستم ظريفي اها آهي ته انهن تمام قربانين جي باوجود معاشري ۾ عورت جي سماجي حيثيت نه وڌي، ۽ نه ئي عورت جي عزت ۽ احترام ۾ اضافو ٿيو. هُن جي قربانين کي تسليم نه ڪيو ويو بلڪه اِن مان مردن جي اجا حوصلا افزائي ٿي ته اُهي عورت کي پنهنجن مقصدن خاطر استعمال ڪن.

تاريخ به عورت جي قربانين جي نتيجي ۾ ٿيندڙ عملن ۾ خاموش آهي هُن جي انهن قربانين ڪيترن جنگين کي روڪيو. معاشري ۾ امن و امان کي قائم رکيو هڪ ٻئي جي تلخين کي پري ڪري بهتر تعلقات کي جنم ڏنو. شڪست جي زخمن کي ماتو ڪيو ۽ ماڻهن کي تحفظ ۽ سڪون ڏنو. اُن جو سبب اهو آهي ته عورت جي قربانيءَ کي قرباني نه سمجهيو ويو ڇو ته ان صورت ۾ انهن کي اهڙن فائدن لاءِ عورت جو احسان مند ٿيڻو پوندو هو ان ڪري عورت ۾ هُن جون قربانيون تاريخ جي صفحن ۾ خالي آهن.

هونئن به قرباني اهڙي شيءِ کي چيو ويندو هو جيڪا جائيداد جو هڪ حصو هوندي هئي مثلاً هڪ عرصي تائين غلامن کي ديوتائن تي قربان ڪيو ويندو هو. ان کان پوءِ جانورن جي قرباني ٿيڻ لڳي ۽ ان قرباني ۾ عورت به شامل هئي. ان کي ڪڏهن ديوتائن جي خوشين خاطر قربان ڪيو ويو ته ڪڏهن دريائن جي چاڙهه کان بچاءُ لاءِ. ان ڪري جنهن شيءِ کي قربان ڪيو ويندو هو ان جي حيثيت ۽ اهميت کي تسليم نه ڪيو ويندو هو. عورت جي اهڙي حالت هئي جو هو قرباني لاءِ پيش ته ڪئي ويندي هئي پر اُن قرباني جو صلو هُن کي نه بلڪه مرد کي مليو.

تاريخ ۾ عورت جو ذڪر ان وقت به ايندو آهي جڏهن جنگ جي خاتمي کان پوءِ مال غنيمت جمع ڪيو ويندو هو. اُن مالِ غنيمت جو سڀ کان وڏو حصو عورتون هونديون هيون ۽ ان جي تقسيم به ان طرح سان ٿيندي هئي جيئن هيرا جواهر، ڪپڙا ۽ قالينن جي. جيڪڏهن عورت جي ڪائي سماجي حيثيت هئي به ته هؤ جنگي قيدي بڻجڻ کان پوءِ فورن ختم ٿي ويندي هئي هُن جو درجو گهٽجي ڪري ڪنيز ۽ لونڊي طور ٿي ويندو هو. هُن جي مالڪ کي هُن تي پورو پورو حق هو ته اُهو جهڙي طرح چاهي ڪيس استعمال ڪري. هُن سان جنسي تعلقات رکي يا هُن کي بطور تحفي طور ڪنهن کي ڏيي.

جنگ کان پوءِ جيڪا فتح جي خوش خبري موڪلي ويندي هئي اُن ۾ خاص طور سان اِها خبر هوندي هئي ته ڪيترين عورتون گرفتار ٿيون. عام طور خوبصورت عورتون حڪمرانن ۽ امراءُ لاءِ هونديون هيون ۽ باقي عام سپاهين منجهه تقسيم ڪيون وينديون هيون. ڪنيز لونڊيون بڻجڻ کان پوءِ اُهي عورتون تاريخ مان غائب ٿي وينديون آهن ۽ پوءِ هُنن جو ذڪر ناهي هوندو ته هُنن سان ڪهڙو سلوڪ ٿيو.

اهو دستور به هو ته عورتن کي دشمنن هٿان گرفتاري کان بچائڻ خاطر هُنن کي قتل ڪيو ويندو هو جيئن راجپوتن ۾ جوهر جي رسم هئي جڏهن اُهي شڪست جا آثار ڏسندا هئا ته پنهنجي عزت ۽ آبرو بچائڻ خاطر عورتن کي قتل ڪري ڇڏيندا هئا (يعني عورت جي پنهنجي ذات نه هئي ۽ جيڪڏهن هئس ته به مرد جي عزت ۽ آبرو هئي). ان عمل ۾ به عورت جي پنهنجي مرضي ۽ خواهش نظر نه ايندي آهي، بلڪه ان مان به مردن جي بهادري، مردانگي ۽ عظمت جو پاسو نڪري ٿو جن پنهنجي غيرت بچائڻ خاطر عورتن کي قربان ڪري ڇڏيو.

هونئن به جنگ جي زماني ۾ سڀ کان وڌيڪ اذيت جو شڪار عورت ئي ٿيندي هئي، فاتح فوج سڀ کان پهرين مفتوح قومن جي عورتن جي عصمت دري ڪندا هئا ۽ قديم تاريخ جي ئي ڳالهه ناهي، بنگال، سربيا ۽ بوسنيا جون جنگيون ان جو تازو مثال آهن.

ان جو المياتي پهلو اهو آهي ته مرد پنهنجي مردانگي عورت جي عصمت دري کان پوءِ ثابت ڪندو آهي. اُن ڪري فاتح فوج مفتوح قوم جي عورتن جي عصمت دري ڪري پنهنجي مردانگي ۽ فتح ثابت ڪندا هئا ۽ اها مرد جي اجتماعي نفسيات جو حصو ناهي بلڪه انفرادي طور تي به اهڙا مثال آهن. مثلاً سعودي خاندان جو باني بادشاهه سعود تقريبن سئو شاديون ڪيون، اهو هميشه تي زالون رکندو هو ته جيئن چوٿين شادي جي جڏهن به ضرورت پويس ته فورن ڪري، ٿيو ائين ته هو هڪ جنگ ۾ شديد زخمي ٿي پيو. هن جي ساٿين کي خيال ٿيو ته بادشاهه قوت رجوليت کان محروم ٿي ويو آهي اُن ڪري پنهنجي مردانگيءَ کي ثابت ڪرڻ لاءِ هُن ميدان جنگ ۾ ئي شادي ڪئي ۽ پنهنجي مردانگي کي ثابت ڪيو. اُن ڪري مرد جي مردانگي به عورت جي ذريعي ثابت ڪئي ويندي آهي ان طريقي سان مرد

معاشري □ عزت □ احترام حاصل ڪندو آهي.

جڏهن عورت جي حيثيت مال □ شيءِ جي طور هوندي ته ان صورت □ هر حڪمران □ دولت مند ماڻهن جي اها خواهش هوندي ته پنهنجي حرم □ خوبصورت عورتون گڏ ڪري. اُن ڪري جيڪڏهن ڪنهن حڪمران کي اها خبر پوندي هئي ته ڪنهن بي ملڪ □ ڪا خوبصورت عورت آهي ته ان جي حاصلات لاءِ جنگ جي نوبت اچي ويندي هئي، هيلن آف ٽرويءِ ڪان وٺي ڪري هندستان □ پدمني جنگين جو سبب بڻيون. اُن سلسلي □ هڪ واقعو برطانوي آفيسر سرمالڪم پنهنجي ڪتاب ”وسطِ هند جون يادشتون“ □ لکيو آهي ته:

راجستاني رياست جي هڪ خوبصورت شهزادي جي حاصلات لاءِ ٻه راجا جنگ لاءِ تيار ٿي چڪا هئا. اُن تي شهزادي جي پيءُ کي پنهنجن دوستن اهو مشورو ڏنو ته جيتوڻيڪ اِن جنگ جو سبب شهزادي آهي ان ڪري جيڪڏهن شهزادي کي رستي تان هٽايو وڃي ته اها جنگ □ قتل و غارت گري رڪجي سگهي ٿي. ان مشوري تي عمل ڪندي شهزادي کي زهر ڏئي ماريو ويو.“

اِن واقعي جو الميــاتي پاسو اُهو آهي ته شهزادي کي ٻنهي راجائن ڏٺو نه هو، صرف هُن جي خوبصورتي جي شهرت ٻڌي هئي □ اها خوبصورتي هُن جي موت جو سبب بڻي. ان پوري عمل □ مرد جي حوس تي آڱر ڪٽڻ بجاءِ، مؤرخ جنگ جو الزام عورت تي هٽندا آهن □ هُن کي جنگ جو سبب قرار ڏيندا آهن.

تاريخ □ عورت جو ذڪر هيئن به ايندو آهي ته هُن پنهنجي خوبصورتي □ دلربا ادائن سان حڪمرانن کي پنهنجي قابو □ ڪري ڇڏيو هو. اهڙي خيال سان عورت جي اقتدار جي هوس رکندڙ □ ماڻهن کي گمراهه ڪندڙ نظر ايندي آهي. ان ڪري ڪجهه مؤرخ نورجهان تي الزام ڏيندا آهن ته هُن جهانگير کي پنهنجي گرفت □ رکي ڪري پنهنجي مرضي جا فيصلا ڪرايا □ ان ڪري مغل سلطنت □ خرابيون پوڻ شروع ٿيون. اهڙو الزام صرف اوير □ ئي ناهي بلڪه اولهه جي تاريخ □ به ملي ٿو. جرمني جو مشهور سياست دان □ متحده جرمني جو بهريون چانسلر بسمارڪ پروشيا جي ملڪه تي الزام هڻيو ته هُؤ بادشاهه کي مجبور ڪري رهي آهي ته فرانس سان جنگ نه ڪري. جڏهن ته هُن (بادشاهه) جي نظريي مطابق جرمني لاءِ اِها جنگ انتهائي

ضروري هئي. هُو پنهنجن يادگيرين ۾ لکي ٿو ته:
هُو ٿيهـــتر ســـال جو پوڙهو ۽ امن پســـند آهي هن جي ڪا خـواهش نـاهي ته 1866ع واري عظمت کي هڪ نـئين جنگ جي ذريعي حاصل ڪري، جيڪڏهن هُو عورتن جي اثر مان آزاد هونـدو ته هُن کي احساس هوندو ته فريدرڪ اعظم ۽ پروشيا جي عظيم هيرو جي اولاد آهي“. 3
هُو ملڪه تي الــزام هــڻي ٿو ته ڪيس عــورت هجڻ ڪــري بادشاهه کي جنگ کان روڪي رکيو آهي. ”مون کي ٻــڌايو ويو ته ملڪه آگسٽا ايمنز ســان گڏ بـرلن وينـدي روئي ڪـري جنگ جي مخالفت ڪئي. مان ان خبر کي صحيح سمجهان ٿو ســواءِ گوڙها ڳـارڻ جي“ (4) پـوري تـاريخ ۾ جيڪـڏهن جنگ مـرد جي علامت آهي ته امن پسنديءَ کي عورت ذاتهن منسـوب ڪيو وينـدو آهي ۽ امن پســندي کي ڪمـزوري ۽ بـزدلي ســان تعبـير ڪيو وينـدو آهي، پر ڇا انساني تاريخ ۾ جنگ جون هولنـاڪيون قتل ۽ غـارت ڪـان پـوءِ انســان جو بــار بــار امن ۽ شـانتي طـرف واپس اچڻ عورت جي فتح ناهي.؟
تاريخ ۾ عورت ملڪه جي حيـثيت سـان به آهي، هندسـتان ۾ رضــيه ســلطانه ۽ چاند بي بي، انگلســتان ۾ الــزبيٿ، روس ۾ ڪيترائن ۽ آسٽريا ۾ ٽريسا. پر عام طور تي مورخين انهن عورتن جي حڪـومت ۾ ڪمزوريـون ڳولهينـدي ملنـدا آهن ۽ رياست جي تمام خرابين ۾ ناڪامين کي هُنن جي سياست کان بي خبري قرار ڏينـدا آهن ۽ جيڪـڏهن هُنن جي دؤر ۾ ڪاميـابيون هجن ٿيـون ته اُهي مردن، جنرلن ۽ سياستدانن جي ڪاتي ۾ وجهن ٿا.
تاريخ ۾ عورت جو ذڪر ماءُ جي حيـثيت ۾ به اينـدو آهي. پر هُن جي حيــثيت وڏائي ۾ عظمت اُها هونــدي آهي ته هُن حيــالا بهــادر ۽ عظيم مــاٺهو پيــدا ڪيا ۾ اهي سپ عظيم شخصــيتون مردن جون هونديون آهن ۾ جڏهن اُهي عظيم مرد تـاريخ ۾ نـالو ناهيندا آهن ته پوءِ عورت کي وساريو ويندو آهي. عورت جو ڪم ٻـ ڄڻ کـان پـوءِ ختم ٿي وينــدو آهي ۽ پــوءِ هُن جي ســڃاڻپ سندس پٽ هوندا آهن.
ڪڏهن ڪڏهن عورت تاريخ ۾ ان وقت به اهم بڻجي اڀرنـدي آهي جڏهن ڪيس مظلوم بڻائي جنگ ڪئي وينـدي آهي ۽ اهـڙيءَ ريت حڪمران طبقو پنهنجا سياسي ۽ معاشي مفـاد پـورا ڪنـدو آهي. اُن جو هڪ مثـال عـربن جو سـنڌ تي حملو آهي. ان ڪاهه

جو سبب بيان ڪندي ڪهاڻي پيش ڪئي وينـدي آهي ته جـڏهن سـنڌ جي ڦـورن ڪجهه عـورتن ۽ ٻـارن کي گرفتـار ڪيو جيڪي سري لنڪا کـان عـرب وڃي رهيا هئا ته ان وقت هڪ ڇـوڪري، حجاج بن يوسف (جيڪو بصـره جو گـورنر هو) کي فريـاد ڪـئي، اِها فرياد ٻڌي ڪري حجاج بن يوسف فورن فيصلو ڪيو ته سـنڌ تي حملو ڪيو وڃي. اِن پـوري واقعي جو دلچسپ پاسو اهو آهي ته سـنڌ جي فتح ڪـانپوءِان ڇـوڪري جو ڪو ذڪر نه ٿو ملي ته هُن سان پـوءِ ڇا ٿيـو؟ ۽ هُـوءَ ڪـاڏي وئي.؟ ڇو ته حملي ۽ فتح کان پوءِ هُن جي ضرورت نه رهي هـئي ان ڪـري ڪيس وسـاريو ويو.

تاريخ ۾ عورت جو ذڪر بطور طوائف، رقاصه ۽ ڳـائٽي جي اينـدو آهي، جيڪـڏهن هُؤ ان حيـثيت سـان مـرد جي جنسي خواهشن کي پـورو ڪنـدي آهي ۽ کيس پنهنجي رقص ۽ ڳـائڻ سـان خوشي ۽ سـڪون پهچائينـدي آهي. ان جي بـاوجود به هُن جو سماجي مرتبو وڏي نه ٿو بلڪه گهٽجي وڃي ٿـو. معاشـري ۾ طوائف ضرورت به سمجهي وينـدي آهي ته هُن سـان نفـرت به ڪئي ويندي آهي. هڪ عالم دين نورالدين مبارڪ (جيڪو التمش دؤر جو هئو) ان ڳالهه جو اظهار ڪندي چيو ته طوائفـون ختم نه ڪرڻ گهرجن نه ته ماڻهو پنهنجـون نفسـاني خواهشـون پوريـون ڪرڻ لاءِ شريف ماڻهن جي گهرن ۾ گهڙي پوندا. 5

هـتي عــورت طبقـاتي ڪــردار ۾ نظر اچي ٿي طوائفــون پنهنجي قرباني ڏئي ڪري شريف عورتن جـون عزتـون محفـوظ رکن ٿيــون. اڪــبر بادشـاهه انهن سـيني کي هڪ جڳهه تي گڏ ڪري ان جو نالو شيطان پوره رکيو هو، طوائفن کي مـردن جي ضــرورت سـمجهيو وينــدو آهي ان ڪــري ٻي مهاڀـاري جنگ ۾ جاپانين پنهنجي فوج لاءِ ڪوريا جي عورتن کي زبردستي فــوجي ڪئمپن ۾ رکيو ته جيئن اُهي عورتـون فـوجين جـون خواهشـون پوريون ڪن. ويٽ نام ۾ آمريڪي سپاهين ويٽ نامي عـورتن کي استعمال ڪيو ۽ ويندي وقت هُنن کي ڇڏي ويا. ان پوري عمل ۾ طوائفن جو ڪو آواز ناهي، عورت ان حيثيت سان جنهن ڪـرب ڏک ۽ اذيت مان گذري ٿي تاريخ ۾ اهڙو ڪو ذڪر ناهي. طوائف کي گناهه جي علامت سمجهي ڪري کيس محرومين ۽ تڪليفن کان اکيون ٻوٽيون ويون آهن.

سپ کان وڏي ڳالهه اها ته عورت کي تمام بـرائين جي پـاڙ

سمجهيو ويندو آهي ۾ اهڙيءَ ريت ملڪ قوم ۾ تهذيب جي زوال جو سبب پڻ عورت کي قرار ڏنو ويو آهي. تاريخ ۾ جڏهن به قومن جي عروج جو تذڪرو ايندو آهي ته ان ۾ عورت شامل ناهي هوندي. پر جڏهن قومون زوال پذير هونديون آهن ته ان وقت سموري ذميواري عورت تي اچي پوندي آهي ڇو ته ان صورت ۾ حڪمران طبقن تي اها تنقيد ڪئي ويندي آهي ته هُنن کي شراب ۾ عورت تباهه ڪيو، عورتن جي مجلس ۾ صحبت ۾ رهڻ ڪري مرداڻيون صفتون ختم ٿي ويون ۾ عورتاڻيون عادتون اچي ويون هيون، اُن ڪري اِن ڳالهه تي اڪثر مؤرخ متفق آهن ته هر قوم جي زوال ۾ عورتن حصو ورتو آهي.

مشهور جرمن مؤرخ ٿيو دور مومزن جنهن کي 1901ع ۾ ادب جو نوبل انعام مليو هن رومي تاريخ تي تحقيق ڪئي. هيءَ رومين جي زوال جو سبب اهو ٻڌائي ٿو ته جيئن جيئن عورت جو سماجي رتبو وڌندو ويو رومي معاشرو زوال پذير ٿيندو ويو.

”پراڻي دستور ۾ عورت قانون جي تحت مڙس جي نگراني ۾ هوندي هئي ۾ مڙس اختيارن جي معاملي ۾ پيءُ جي برابر هوندو هو. غير شادي شده عورت وٽ پنهنجي ڪا جائيداد نه هوندي هئي. بغير پيءُ جي عورت يا بيواهه کي ان ڳالهه جي اجازت نه هوندي هئي ته هؤ پنهنجي رقم خود خرچ ڪري. پر هاڻي اهو شروع ٿي ويو آهي ته عورت پنهنجي رقم پاڻ خرچ ڪرڻ لڳي آهي ۾ هُن قسمين قسمين جي قانوني حيلن کي استعمال ڪرڻ شروع ڪيو آهي، مثلاً شادي ڪري ته جيئن پيءُ جي نگراني مان آزاد ٿي وڃي ۾ جائيداد جو انتظام خود سنڀالي ۾ هاڻي ايسٽائين ٿيڻ لڳو آهي ته شادي ڪان پوءِ هوءَ مڙس کي پنهنجا اختيار استعمال ڪرڻ نه ٿي ڏئي. عورت جي اها آرزو آهي ته ”دنيا جي حڪمرانن تي حڪومت ڪريو“ هُن جي اهڙي آرزو برابر وڌي رهي آهي ۾ ان ڳالهه کي شهرين جي اسيمبليءَ به محسوس ڪيو آهي ان ڪري هاڻي صوبن ۾ جڳهه جڳهه تي عورتن جا مجسما نسب ٿيڻ لڳا آهن.

لباس، زيور، عمارتن جي سجاوٽ ۾ ڪاڻن ۾ خوبصورتي ۾ فراواني اچي وئي آهي. جڏهن ترڪي قبرس فتح ٿي ته هتان ايشيائي ۾ يوناني عيش و عشرت روم اچي ويو. ۾ سيني خرابين جي پاڙ عورت آهي.“ (6)

ان ڪري مؤرخ قومن جي زوال ۾ عورت کي بن حيثيت

سان ڏسي ٿو:

پهريون: عورت جي آزادي ۾ ان جو سماجي ۽ قانوني روايتن مان نڪرڻ ۾ بين ملڪن جي معاملن ۾ مداخلت ۽ حڪمران طبقن ۾ هُن جا اثر. جيتوڻيڪ اُن دؤر ۾ حڪمران وڏيڪ وقت عورتن سان گڏ گذارڻ لڳندا هئا. اُن ڪري ملڪي انتظامن ۾ بحران اچڻ شروع ٿي ويندو هو ۽ ان جون سموريون ذميواريون عورت تي اچي وينديون آهن. انگلستان جي مؤرخ ٽوائن بي مطابق انساني تاريخ جي بهادراڻي دؤر ۾ تمام تباهيون عورت جي ڪري ٿيون. عورت انهن سمورن برائين جي ذميوار هئي جن جي ڪري هيروز هڪ ٻئي کي قتل ڪيو.

تاريخ ۾ سمورين برائين ۾ خرابين جو سبب عام طور تي زن، زر ۽ زمين کي قرار ڏنو ويندو آهي يا جڏهن ڪنهن انفرادي حڪمران جي نالائقي کي بيان ڪيو ويندو آهي ته اهو چيو ويندو آهي ته اُن کي شراب ۽ عورت تباهه ڪري ڇڏيو. ستم ظريفي اِها آهي ته زر، زمين يا شراب جيڪي بي جان ۽ بي حس شيون آهن عورت کي به ان سان گڏ شامل ڪيو ويندو آهي. جيڪو باشعور ۽ حساس آهي ان لاءِ هُن جي جذبن ۽ احساسن کي جاڻڻ ضروري آهي پر اسان شين کي خراب چئون ٿا پر ان جي استعمال ڪرڻ واري کي الزام نه ٿا ڏيون.

مرد تاريخ جا جيڪي نظريا پوءِ تشڪيل ڏنا آهن ۽ تاريخ لکڻ جو خاڪو ٺاهيو آهي ان ۾ جنگ جدل قتل و غارت گري جي وڏي اهميت آهي. تنهن ڪري شجاعت، بهادري ۽ جنگجو صلاحيتن جي تعريف ۽ توصيف هوندي آهي ۽ ان پيٽ ۾ امن پسندي ۽ صلح کي زناني خصوصيت قرار ڏئي ڪري عورت سان مذاق ڪئي ويندي آهي. ان مان اها ڳالهه ثابت ٿيندي آهي ته مرد جيڪڏهن جنگ جو خواهش مند رهيو ته عورت وري امن پسند رهي.

اهڙي طرح تاريخ ۾ عورت جو جيڪو مجموعي، تاثر نهي ٿو اُهو اِهو آهي ته هن جي پنهنجي الڳ سڃاڻپ نه آهي هُوءَ تاريخ ۾ محض هڪ شيءِ وانگر آهي جنهن کي مرد پنهنجي خواهشن ۽ مفادن تحت استعمال ڪيو آهي. اهڙي طرح تاريخ جي ان تعبير سان مرد عظيم ٻڌجي ايرندو آهي جو بغير عورت جي عمل دخل جي تاريخ جي عمل کي اڳتي وڌائيندي نظر ايندو آهي ۽ عورت تاريخ جي ان عمل ۾ مرد جي تاريخ ۾ غلام آهي. هوءَ ان رستي تي هلڻ لاءِ مجبور آهي جيڪو رستو مرد هُن لاءِ

چونڊيو هوندو آهي، جيتوڻيڪ هؤ جنگ ڪان نفرت ڪندي آهي پر مرد جي خوشيءَ خاطر پنهنجا ٻچا جنگ ۾ قربان ڪرڻ لاءِ خوشي سان موڪليندي آهي، جنهن جو تازو مثال عراق ۽ ايران جي جنگ وارو آهي ته جنهن ۾ ماءُ کي پنهنجن پٽن جي شهادت تي خوش ٿيندي ڏٺو ويو آهي ۽ هن جي ان خوشي منجهه جيڪو غم، ڏک، درد ۽ اذيت آهي ان کي محسوس ڪرڻ جي ضرورت ناهي سمجهي وئي. اُن ڪري اهو چوڻ درست ناهي ته عورت جي پنهنجي شخصيت ختم ٿي وئي ۽ هُن پاڻ کي مرد جي ذات ۾ ضم ڪري ڇڏيو. نه هن جي پنهنجي ذات ۽ سندس وجود برقرار رهندو آهي پر ڏکيل ڪيترن تهن جي هيٺان هوءَ مرد جي ٺهيل روايتن ۽ قدرن جي وچ ۾ گم ٿيل ذات آهي.

اُن ڪري موجود تاريخ ۽ ان جي فريم ورڪ ۾ عورت جي ڪا حيثيت ناهي تنهن ڪري تاريخ هُن جي لاءِ بي معنيٰ آهي، جيڪڏهن هوءَ پنهنجي جدوجهد لاءِ ماضيءَ جي طرف رُخ ڪري ته هو تاريخ مان گم هجي ٿي. ان ۾ هُن جو وجود ناهي ان ڪري اُها تاريخ هُن کي جدوجهد ۾ حقن جي جنگ لاءِ ڪجهه نه ٿي ڏئي سگهي. ان تاريخ ۾ عورت لاءِ ڪجهه ناهي جنهن سان متاثر ٿي سگهي جنهن جي ماضي کي هوءَ حال جي جدوجهد سان ڳنڍي ڪري سگهي.

ان ڪري عورتن جي تاريخ نئين سر ڪان تشڪيل ڪرڻي پوندي ۽ مردن جي تاريخ جا اصول و ضابطا ۽ نظريا، انهن جي تشريح کي تبديل ڪرڻو پوندو ۽ اِن تاريخ جي ڍير مان هُن کي پنهنجي گم شده ذات کي ڳولڻو پوندو. اِن جدوجهد ۾ سمورن قدرن ۽ روايتن کي بدلڻو پوندو جيڪي هن جون دشمن آهن جن هُن جي وجود کي دٻائي رکيو آهي ۽ انهن سمورن پاسن کي اجاگر ڪرڻو پوندو جن جي ڪا اهميت ناهي ۽ جن کي بي ڪار سمجهي نظر انداز ڪيو ويو آهي چو ته ان ۾ ئي عورت جي حيثيت ڏکيل آهي.

عورت جو سڀ کان وڏو ڪارنامو اُهو آهي ته هوءَ تخليق ڪندي آهي ۽ تخليق جو اهو عمل آهي جو ڪائنات کي زنده رکيو ويٺو آهي. ان ڪري آمريڪا ۾ ايزٽڪ تهذيب ۾ عورت جي ويم جي سورن کي عورت جي جنگ سمجهيو ويندو هو ۽ جا عورت ان جنگ ۾ مري ويندي هئي هُن کي شهيد جو درجو ڏنو

ويندو هو. عورت تاريخ ٺاهڻ جي هر عمل ۾ شامل آهي جيتوڻيڪ هُن جي ان شرڪت کي غير اهم قرار ڏئي ڪري هُن جي اهميت کي گهٽايو ويو آهي. عورت مرد کي بنيادي ضرورتن کان بي نيــاز نـــاهي ڪنـــدي جنهن ۾ اوليت گهريلو ڪم جي آهي. چا هُن لاءِ ممڪن ٿيندو ته بي فڪر ٿي سياست ۾ انتظام، ادب و شاعري ۾ ڪو ڪارنامو سرانجام ڏئي سگهي. اُن ڪري عورت کي تــاريخ ۾ پنهنجي شرڪت کي اُجــاگر ڪرڻو آهي ۾ پنهنجي ڪم جي اهيمت کي واضح ڪرڻو آهي.


عـورت کي اِهو به ڏسـڻو پونـدو ته اهي ڪهڙيـون حـالتون هيــون جن ۾ مـرد هُن جي ذات تي غلبو ۾ پنهنجي تــابع بڻــايو ۽ هاٽي ڪهڙي ريت اهڙي حالتن کي تبـديل ڪرڻو آهي ۾ خـود کي آزاد ڪري پنهنجي سڃاڻپ قائم ڪرڻي پوندي؟

ان ڪري اُهو ضـروري ٿينـدو ته تـاريخ جي ڍانچي کي بـدلايو وڃي ڇو ته انســان جي تــاريخ تي اڃا تــائين سياست جو قبضو آهي ۾ تاريخ جنگ، سياست ۾ رياست جي انتظـامي مـامرن جي بـاري ۾ آهي. پر ان جي مقـابلي ۾ سـماجي و ثقـافتي ۾ معاشي تـاريخ ۾ عـورت جو وڏو حصو آهي. خانـدان جي زنـدگي، گهريلو ڪم، آرائشون، لبـاس، زيـور، رسـمون ۾ ڏڻ وغـيره جـڏهن انهن پاسن کي اُجاگر ڪيو ويندو ته تاريخ جي هيئت ۾ شڪل تبديل ٿي ويندي ۾ تاريخ ۾ عورت جي شموليت سان پورو ماضي تبديل ٿي ويندو. ان سان نه صرف ماضي وسيع ٿيندو بلڪه اسـان تـاريخ ۾ ماضي کي بهتر طريقي سان سمجهي سگهنداسين ۾ انهن اثــرن جو جائزو وٺي سگهنداسين جيڪي ثقافتي ۾ سماجي اثرن ســان معاشري مان پيدا ٿيا.

عورت جي اهميت کي اجــاگر ڪــرڻ لاءِ تــاريخ لکنـدي وقت هِنن ڳالهين تي توجهه ڏيڻ جي ضرورت آهي.

- عـورت انسـاني تهـذيب ۾ تمـدن جي تشـڪيل ۾ ڪهـڙو حصو ورتو.
- هر دؤر جا سياسي و سماجي ۾ معاشي حـالتون لکنـدي عورت جي ڪردار کي اجــاگر ڪيو وڃي ۾ تــاريخ کي ان ريت لکيو وڃي ته اها صــرف مــردن جي تــاريخ نه رهي بلڪه اِن ۾ ٻئي برابر جا شريڪ هجن.
- عــــورت جي ذات تنها ۾ الڳ نــــاهي هونـــدي هن جو

معاشري سان پورو پورو لڳاءُ هوندو آهي. اُن ڪري
تاريخ جي تشڪيل ۾ بنهي جو حصو هوندو آهي.



چارلي چيپلن، آئنسٽائن جي شان ۾ آجياڻو ڏنو جنهن ۾ آئنسٽائن چارليءَ کي چيو ته ”آئون توکي داد ٿو ڏيان جو تون هڪ لفظ به نٿو ڳالهائين پر ٿوءِ به پنهنجي فن ۾ ايڏو ماهر آهين جو سڄي دنيا توکي سمجهي ۽ چاهي ٿي!“ چارليءَ وراڻو ڏيندي چيو ته ”آئون توکي اجا وڌيڪ داد ٿو ڏيان جو توکي سمجهي ڪير به نٿو پوءِ به تنهنجي ايڏي عزت آهي.“

آئنسٽائن جي دريافتن کان اڳ ۾ زمان ۽ مڪان (Space-Time) کي هڪ ٻئي کان الڳ الڳ تصور ڪيو ويندو هيو جنهن ۾ مڪان(Space) کي هڪ اسٽيج واري تشبيهه سان پيٽيو ويندو هيو. 1905ع ۾ آئنسٽائن جو مضمون (Electrodynamics of moving bodies) هڪ عالمي مجلا واري رسالي ۾ ڇپيو جنهن ۾ آئنسٽائن ڪجهه بنيادي ڳالهيون رکيون;

1: فطري قانون هر ساڪن جسم جي لاءِ هڪ جهڙا آهن.

2: خلا ۾ روشنيءَ جي رفتار مشاهدو ڪندڙ هر ماڻهوءَ لاءِ ساڳي آهي.

سندس جڳ مشهور فارمولو E=mc2 به انهي مضمون جو حصو آهي جنهن ۾ آئنسٽائن اڳڪٿي ڪئي ته مادو ۽ توانائي ساڳي ئي شيءِ آهن ۽ هڪبئي ۾ تبديل ٿي سگهن ٿا. اها ٿيوري خصوصي نسبيت (Special Relativity) جي نالي سان سائنس جي تاريخ ۾ قلمبند ٿي. ساڳي ئي سال 1905ع ۾ آئنسٽائن فوٽواليڪٽرڪ افيڪٽ دريافت ڪيو جنهن تي ڪيس 1921ع ۾ نوبل انعام سان نوازيو ويو. فوٽو اليڪٽرڪ افيڪٽ مطابق جڏهن روشني جا ننڍڙا زرا (فوٽان) ڪجهه ڌاتُن تي ڪرندا آهن ته انهن ڌاتُن مان اليڪٽران خارج ٿيندا آهن. اها هڪ دريافت اڄ اسان جي زندگين ۾ استعمال ٿيندڙ ڪوڙ سارين شين جيئن ڊجيٽل ڪئمرا، موبائل فون، ٽيليويزن، ڪمپيوٽر ۽ ٻين ڪوڙ سيمي ڪنڊڪٽنگ اوزارن جي موجودگيءَ جو سبب آهي.

1915ع ۾ آئنسٽائن عمومي نسبيت (General Relativity) جو نظريو ڏنو جنهن جو تَتُ اهو هيو ته زمان-مڪان (Space-Time) هڪ ڪپڙي وانگر آهي جنهن ۾ موجود مادي/توانائي جي

ڪري جهول پيدا ٿئي ٿو جنهن جو نالو ڪشش ثقل (Gravity) آهي، انهي جهول جو سڌو تعلق اتي موجود مادي/توانائي جي مقدار سان آهي. انهي نظريي مطابق ڪشش ثقل روشني ۾ به جهول پيدا ڪري سگهي ٿي. انهي نظريي جا فلڪيات ۽ ايسٽرو فزڪس ۾ تمام گهٽا ڪارج آهن. مثال طور بليڪ هولز متعلق ڄاڻ، روشني ۾ جهول سبب روشني ڇڏيندڙ جسم جون هڪ کان وڌيڪ تصويرون نظر اچڻ (Gravitational Lensing) وغيره. انهي نظريي جي واڌاري ۾ آئنسٽائن 1916ع ۾ ڪشش ثقل وارين لهرن (Gravitational Waves) جي اڳڪٿي ڪئي. هُن 1917ع ۾ ليزر (Laser) بابت نظريو ڏنو، انهي ساڳي ليزر واري ٽيڪنالاجي جي ذريعي 2016ع ۾ ڪشش ثقل وارين لهرن جي دريافت آمريڪا جي رياستن لوئزيانا ۽ واشنگٽن ۾ قائم لائگو LIGO Laser Interference Gravitational Observatory ۾ ٿي! سولي سنڌي ۾ زمان-مڪان جيڪڏهن ڪپڙي وانگر آهي ته ان ۾ موجود شين جي ٻاڻ ۾ ٽڪراءُ سبب لهرن جهڙا گهنج پيدا ٿيندا جن جو اثر پرياسي وارن جسمن تي پوندو جنهن سان اهي جسم ڦوڪڻي وانگر سُڪڙجندا ۽ ڦهلجندا. لائگو ۾ ايل (L) شڪل واريون به سرنگهون ٺهيل آهن جن ۾ ليزر جو هڪ شُعاع ڇڏيا ويا جيڪي هڪ ئي وقت واپس پهچڻا هُئا پر لهرن جي اثر سبب هڪ شُعاع جي واپسي جلدي ٿي ۽ ٻيو شُعاع جي واپسي دير سان ٿي جيڪو لهرن جي هُجڻ جو پڪو ثبوت آهي. اهي لهرون هڪ ارب نوري سال پري ٻن بليڪ هولز جي ٽڪرائجڻ سبب پيدا ٿيون آهن. آئنسٽائن جي ايٽم بابت نظريي کان پهريان ڪيترائي سائنسدان ايٽم جي حقيقي موجودگي تي شڪ جو اظهار ڪندا هيا. آئنسٽائن ايٽم ۾ موجود نيوڪليس جي تباهه ٿيڻ (Degradation) بابت جيڪا دريافت ڪئي ان اڳتي هلي ڪاربان ڊيٽنگ (ڪاربان ذريعي شين جي عُمر معلوم ڪرڻ) جي شڪل ورتي جنهن ذريعي فاسلز (هڏن) متعلق بُختي ڄاڻ جو رستو کليو. ڪجهه ماڻهو ايٽم بم جي ٺهڻ کي آئينسٽائين سان منسوب ڪندا آهن جيڪا ڳالهه سراسر غلط آهي. حقيقت هي آهي ته آئنسٽائن جو نالو آمريڪي رياست مين هٽن پروجيڪٽ جي شروعات ۾ زيرغور آندو پر سنڌس سماجي زندگي ۾ سرمايه داري مخالف سوچ کي نظر

□ رڪندي اهو 'غور' درگور ڪيو ويو □ رابرٽ اوين هائمز ڪي اهو ڪم سونپيو ويو.

اڄڪلهه اسان پنهنجي روزمره جي زندگي □ جن شين جو استعمال ڪيون ٿا اُهي سڌي/ اڻسڌي طريقي البرٽ آئنسٽائن □ اُن جهڙن بين ڪيترن ئي سائنسدانن سان جُڙيل آهن. چارلي چيپلن جي ڳالهه ته مذاق هئي پر اسان جو سائنس تي منحصر، سائنس کان لاتعلق وُجود انسان جي ترقيء جي راهه سان ناانصافي آهي. نيوٽن، ڊارون يا آئنسٽائن ڏُکيا ان ڪري آهن جو اُهي جنهن شي (فطرت) جي ترجماني ڪن ٿا اُها پاڻ پيچيده آهي. بهرين جنگ عظيم کان بهرين انسان جو عقليت تي يقين هيو جيڪو جنگ تباهه ڪري ڇڏيو. آئنسٽائن جو عظيم ڪم انسان کي وري عقليت تي ويساهه طرف واپس وٺي اچڻ هيو. ڪائنات متعلق نئين ڄاڻ جو انساني سوچ □ سماج تي گهرو اثر هوندو آهي □ آئنسٽائن اُنهي اثر لاءِ تمام سُنو تسلسل ثابت ٿيو.

چوند ڊاڪيومينٽريون

سنڌيڪار: شاهه عنايت

(هن ڪڙي ڪان ادارو؛ مختلف اشوز يا موضوعن جهڙوڪ: تاريخ، فلسفو، سماجيات، ماحوليات، نفسيات، سائنس، فن ۽ سياست وغيره تي دنيا جي چوند ڊاڪيوميٽري فلمن جو عمومي تعارف پيش ڪندي هڪ نئين سلسلي جو اضافو ڪري رهيو آهي. اميد ته هي سلسلو پڙهندڙن جي گهڻ طرفي ۽ تنقيدي ڄاڻ ۾ اضافو ڪندو ۽ انهن ڊاڪيومينٽرين کي ڏسڻ لاءِ پڻ اتساهيندو. – ادارو)

1

(Education, Education)

تعليم – تعليم



هيءَ ڊاڪيومينٽري بي-بي-سي چينل جي بين ستر کان مٿي براڊڪاسٽنگ ادارن سان گڏجي "غُربت آخر ڇو؟" جي نالي سان ٺاهيل ۽ نشر ڪيل اُنهن 8 ڊاڪيمينٽرين منجهان هڪ آهي جيڪي دُنيا اندر غُربت ۽ افلاس جي معاملي تي جاري بحث کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ ٺاهيون ويون آهن. هي اٺ ڊاڪيومينٽرين جي ساڳي ئي موضوع تي هلايل سيريز جي هڪ ڪڙي آهي جيڪا اوپن يونيورسٽي جي مدد سان بي-بي-سي 180 مُلڪن ۾ هڪ ئي ڏينهن تي هلائي ان سوال کي اُپارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته آخر ڇو ايڪويهين صديءَ ۾ پڻ هڪ ارب کان مٿي ماڻهو شديد غربت، بُک ۽ بدحالي جي ور چڙهيل آهن. باب گيلڊاف ۽ بونو جي 30 سالن جي تحريڪ کان وٺندي نبت اٽڪيل عورتن جي سولر انجنيئر ٿيڻ، زيمبيا ۾ گهڻ قومي ڪمپنين جي مچايل تباهي يا چين اندر واپار جو وکر

ٻڌي ويل تعليم جي نهايت ئي دلچسپ موضوعن تي ٿيل اهي اٺ ڊاڪيومينٽريون دُنيا اندر ڪوڙ سارن هنڌن تي ڪوڙ سارا نوان سوال پيدا ڪنديون ۽ ڪن نين بحثن کي ضرور جنم ڏينديون.

ڪميونسٽ سڏرائيندڙ چين ۾ بين گهڻين سارين شين جيان اعليٰ تعليم تائين پُهچ پڻ هڪ اهڙي نعمت آهي جيڪا صرف ڪجھ "پُهتل" ماڻهن کي ئي حاصل آهي. ويجُن چين جي هدايتڪاري ۾ ٺهيل هيءَ ڊاڪيومينٽري هڪ اهڙي "چين" جي پت وائکي ڪري ٿي جتي هڪ اُسرندڙ مڊل ڪلاس جي راڳ باوجود به "اعليٰ تعليم" جي سند پڻ مشڪل سان ئي روزگار جي ضمانت ٻڌي سگهي ٿي. سڄي دُنيا ۾ "غُربت آخر ڇو؟" جي نالي سان پڌري ٿيندڙ ڊاڪيومينٽرين جي هڪ سلسلي جي هيءَ ڪڙي اهو سمجهائي ٿي ته ڪيئن سماجي ۾ مُعاشي اٿرابري چين جي تعليمي نظام ۾ گهر ڪري وئي آهي ۾ ڪيئن اُتي موجود ڪروڙين غريبن کي ان سماجي ناانصافيءَ جي قيمت ادا ڪرڻي پوي ٿي

پُراڻي دور ۾ چين ۾ هڪ تصور عام هو ته غُربت ۽ بدحاليءَ منجهان جند آجي ڪرائڻ جو بس هڪ ئي طريقو "تعليم" آهي. هاڻوڪي دور ۾ اهو خيال پوري صداقت سان ثابت ٿي ويو آهي. چين جي معاشي ترقي ۾ محنت ۾ پورهئي جي خوبين بابت بحث ماڻهن ۾ ان اُميد کي هڪ ڀيرو ٻيهر جنم ڏنو آهي ته صرف تعليم ئي کين غربت ۽ بُک بدحالي مان ڪڍي سگهي ٿي. چين اندر هاڻي اهڙا ڪروڙين ماڻهو آهن جيڪي سمجهن ٿا ته جيڪڏنهن هُنن جو اولاد اعليٰ تعليم پوري ڪري ويو ته مُفلسي منجهان نڪري هڪ بهتر ۽ بافضيلت زندگي گُذاري سگهندو. پر چيني حڪومت سال 1997 ۾ يونيورسٽين کي خانگائي تعليم کي وکري جي هڪ جنس بڻائي ڇڏيو. هاڻي چين اندر تعليم هڪ انتهائي فائديمند ڪاروبار آهي. چين ۾ يونيورسٽين جي داخلا ٽيسٽ جي نتيجن وارو ڏينهن لکين شاگردن جي مستقبل کي طي ڪرڻ وارو ڏينهن هوندو آهي. جيڪڏنهن ان ٽيسٽ ۾ توهان جون مارڪون يليون اچن ٿيون ته پڪ ڄاڻو اوهان کي رياستي فنڊ جي مدد سان معياري يونيورسٽين ۾ "رعايتي تعليم" ضرور ملي ويندي. پر فرض ڪريو جيڪڏنهن توهان جون مارڪون يليون نه ٿيون اچن ته توهان کي پوءِ به اعليٰ تعليم ته ملي سگهندي پر انهن يونيورسٽين ۾ جيڪي هڪ ته مڪمل طور نجي

آهن، بيو مهانگيون آهن ۾ ٿيون نسبتي طور معيار ۾ پڻ گهٽ
آهن ۾ سندن ڪارج اداري ڪان وڌيڪ دُڪان وارو آهي. ڪي
ڌنڌوڙي ادارا ۾ ماٺهو ته نج تجارتي حڪمت عملين ۾ ڊرامن
ذريعي خاص ڪري ان غريب ۾ ڳوٺاڻي آباديءَ کي شڪار ڪن ٿا
جيڪي سادي هُجڻ سبب اجا ايئن انهن واپار ۾ دُڪانداري جي
حراميائين بابت اڻجاڻ آهي. جيئن ته انهن خاندانن منجهان
اڪثريت انهن ادارن جي مهانگين فين ڀرڻ جي طاقت نه ٿي
رکي، انڪري گهڻو ٽڻو ته ايئن ئي ٿئي ٿو جو ڪين ان چڪر ۾
پنهنجو مال متاع، دور ڊگا ايستائين جو پنهنجو گهر گهاٽ به
ڪپائڻو پئجي ٿو وڃي. پر (جيئن ته رياستي ڍانچو سيني ماڻهن
کي مناسب روزگار ڏيڻ جي اهليت نه ٿو رکي ۾ ان ڪري ئي
ڇٽاپيٽي جي نالي ۾ سيني بجاءِ ڪن مخصوص ماڻهن کي سسٽم
۾ ڪنهن سٽيي جاءِ سان نوازي ٿو انڪري) هر سال انهن
ڪروڙها ماڻهن جون اميدون مٽي ۾ ملي وڃن ٿيون جڏهن اهي
ادارا جن جا پيٽ ڀرڻ لاءِ هنن پنهنجو سڀ ڪجهه لُٽايو هو سي
پنهنجن دعوائن ۾ اعلانن کي پورو نه ٿا ڪري سگهن ۾ سندن
اولاد ايترو خرچ ڪرڻ باوجود به بيروزگار ئي رهجي ٿو وڃي.
هڪ اندازي مطابق چين ۾ هر سال ويهه لک جي لڳ ڀڳ
نوجوان يونيورسٽين مان فارغ ٿيڻ بعد به بيروزگار رهجي وڃن
ٿا. اهڙن شاگردن ۾ خاندانن لاءِ جن تعليم جو اهو بيڙو تارڻ لاءِ
قرض جا پهاڙ ڪُلهن تي کنيا تعليم ٻُڪ، بدحالي ۾ بيروزگاري کي
ختم ڪرڻ بجاءِ اُلٽو اُن کي پيدا ڪرڻ جو بنيادي سبب بڻجي ٿي
وڃي. هڪ اندازي مُطابق چين ۾ دُنيا جو سڀ کان وڏو تعليمي
نظام موجود آهي جنهن ۾ صرف يونيورسٽي سطح تي ئي
ڪوئي به ڪروڙ نوي لک کان به مٿي شاگرد تعليم پرائين پيا.
يونيورسٽي سطح جي تعليم تي في شاگرد اندازاً ڏهه کان
ٻارنهن هزارين (گهٽ وڌ پوڻا به کان به لک رُپيا پاڪستاني) هر
سال خرچ ڪري ٿو. اهڙي ريت هڪ ٻار جي چار سال جي
يونيورسٽي تعليم جو خرچ پورو ڪرڻ لاءِ غربت جي لڪير تي
ٻيٺل هڪ خاندان کي هڪ عام چينيءَ جي سٺ سالن جي
سراسري ساليانی آمدني جيترا پئسا ڀرڻا پوندا.
هن فلم جي جُڙت ڏادي گهڻي دلچسپ آهي جنهن ۾ ڪُجهه
ڪردارن جي تجُربن ذريعي پنهنجو پيغام ڏيڻ وارو طريقو اپنايل
آهي. فلم ۾ ڪنهن پرائيويٽ ڪاليج ۾ پڙهائيندڙ هڪ اُستاد وينگ

زيزيانگ اُن وقت ڏسندڙن کي حيران ڪري ڇڏي ٿو جڏهن هُو تفصيل سان ٻُڌائي ٿو ته ڪيئن انهن پرائيويٽ تعليمي ادارن جا مالڪ لکين رُپيا فيس پرينڊرز شاگردن کي بهتر تعليم فراهم ڪرڻ بجاءِ صرف پنهنجي فائدي ڪي ئي مٿيرو رکن ٿا ۾ ڪيئن انهن ادارن ۾ پڙهائيندڙ استاد ڪنهن تياري ڪانسواءِ ايئن ئي هتان هُتان انٽرنيٽ وغيره تان مواد ڪٽي ڪم هلائيندا رهن ٿا. فلم ۾ ڏيکاريل آهي ته هوُ سڄي چين ۾ هڪ علائقي کا ٻئي علائقي ڏانهن پنڌ ڪندو ۾ سوين نوجوانن کي ڏاڍا اُتساهيندڙ ليڪچر ڏيندو ٿو وتي جيڪي سڀ هڪ بهتر ۾ معياري تعليم پرائڻ چاهين ٿا. هُن جو ڊيوٽيءَ وقت ٻارن جي مائٽن کي پنهنجي ڪاليج جي گُڻن ٻڌائڻ وارو ڊرامو ۾ ڊيوٽيءَ بعد سندس ڪري ۾ ايمانداراڻي ڳالهه ٻولهه هڪ انوکي تضاد ڏانهن اشارو ڪري ٿي.

فلم ۾ موجود هڪ ٻيو ڪردار وانگيين هاءِ اسڪول پاس ڪندڙ هڪ ڇوڪري آهي جنهن جو ڪاليج جو نتيجو ايترو پلو نه آهي جنهن آڌار سندس ڪنهن سُٺي سرڪاري يونيورسٽي ۾ داخلا ٿي سگهي. هو هڪ غريب گهراڻي سان تعلق رکندڙ ڇوڪري آهي جنهن جا پنهنجا ته ڪي ايترا وڏا خواب نه آهن تنهن هوندي به سندس مائٽن جي اها خواهش آهي ته هو ڪيس اعليٰ تعليم لاءِ ڪنهن وڏي اداري ۾ موڪلين. ڊائريڪٽر جڏهن ڇوڪري جي صورتحال کي فلمائي ٿو ته هو ڏيکاري ٿو ته ڪيئن اُن ڇوڪري جو پنهنجو خيال ۾ سندس مائٽن جي خواهش ان وقت ٽڪرائجن ٿا ۾ خاندان اندر ڪيتري تڪليف ۾ ڪرب کي جنمين ٿا جڏهن سندس مائٽ مٿس اهو زور ڀرين ٿا ته هو هر صورت ۾ يونيورسٽي جي ٻاٽي ٽوڙ مهانگي ڊگري حاصل ڪري ڇاڪاڻ ته اها ئي گهر جي بهتر مستقبل لاءِ سندن اڪيلي اُميد آهي.


فلم ۾ هڪ ٻيو نوجوان وين ڇائو پڻ ڏيکاريل آهي جنهن يونيورسٽي مان تازي ڊگري حآصل ڪئي آهي ۾ ڪنهن وڏي شهر ۾ روزگار جي تلاش ۾ سرگردان آهي. ڀٽڪندڙ ڇهري ۾ ويکرين اڪين وارو هيءَ نوجوان تجربي نه هُجڻ باوجود به پوري جوش ۾ خروش سان نوڪرين جي لڳل ميلن (Job fairs) ۾ روزگار لاءِ ڌڪا کائڻ شروع ڪري ٿو. پر جيئن جيئن هو هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ نوڪرين لاءِ ٽيسٽون يا انٽرويو ڏيندو ۾ ناڪام ٿيندو

وڃي ٿو تيئن تيئن سنڌس اهو جوش ۽ خروش به ختم ٿيندو وڃي ٿو. گهڻ بگهار ۽ وڌيڪ خرچ سبب ڏاڍي سوڙهي ٿيل هن نوجوان جو اهو احساس ته ڪيس جيڪو ملي ٿو اُن تي هن جو گُذارو مُشڪل سان وڃي ٿيندو اُنهن ڪروڙين چيني جي احساس جي ترجُماني ڪري ٿو جيڪي به ساڳي ئي تنگدستي ڪي يوڳي رهيا آهن.

2

How societies choose to fial or succeed

سماج اُجڙن ۽ جُڙن ڪيئن ٿا؟



جيرڊ ڊائيمنڊ جي هيءَ ڊاڪيومينٽري تيزيءَ سان تباهه ٿيندڙ دُنيا بابت اندر ۾ اُٿ ٿُڻ رکندڙ انهن ماڻهن لاءِ هڪ سگهارو سنيهو آهي جيڪي ان تباهيءَ کي مُناسب انداز ۾ سمجهڻ ۽ ان جو ڪو عمل جوڳو حل ڪڍڻ جي خواهش رکن ٿا. جيرڊ هن ڊاڪيومينٽري ۾ ماضي توڙي حال ۾ تباهه ٿيل يا ٿيندڙ ڪيئي سماجن جا ڪيس کڻي ٿو، ان تباهيءَ جا فردي توڙي اجتمائي سبب ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ آخري نتيجي ۾ ان تباهيءَ کان بچڻ جا ڪي گس به ڏسي ٿو جيڪي پلي هن وقت ناممڪن محسوس ٿيندا هُجن تنهن هوندي به اهم ان معنيٰ ۾ آهن ته مڪمل تباهيءَ کان بچڻ جو ذريعو بحرحال اهي ئي آهن.

جيرڊ جي ان تحقيق مان اهو اندازو ٿئي ٿو ته مختلف وقتن ۾ مختلف سماجن جي تباهي جا توڙي جو ڪي عمومي سبب ڪڍڻ ڏُکيا آهن جاڪاڻ ته سماجي تباهي جا اهي سمورا ڪيس ڪوڙ سارين معنائُن ۾ هڪ ٻئي کان نهه مختلف آهن، تنهن هوندي به وسيع پيماني تي انهن سمورن مثالن منجهان ڪي چند ٿُلها ۽ ڪارگر سبب ۽ اصول ضرور ڪڍي سگهجن ٿا جيڪي توري گهڻي فرق سان ماضي توڙي حال جي سماجن تي سڌيءَ ريت لاڳو ٿين ٿا. مختلف تباهه ٿيل يا خطري هيٺ آيل سماجن جي ڪيس اسٽڊي بعد جيرڊ جيڪي ٿُلها اصول ترتيب ڏئي ٿو اُهي ڪُجه هن ريت آهن ته:

1: لاڳاپيل سـماج ۽ مـاڻهن جو پنهنجي مـاحول سـان تعلق تعميري آهي يا تخريبي؟
2: لاڳاپيل سـماج ۽ (سـازگار تـوڙي ناسـازگار) ماحوليـاتي تبديلين جي شرح ڇا آهي؟
3: لاڳاپيل سـماج جي پنهنجي دوست سـماجن سـان تعلق جي نوعيت ڇا آهي؟
4: لاڳاپيل سـماج جي پنهنجي مُخـالف سـماجن سـان تعلق جي نوعيت ڇا آهي؟
5: لاڳاپيل سـماج جوسـماجي، ثقـافتي، سياسي ۽ معاشي ڍانچو پنهنجي بقا يا تباهيءَ ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري ٿو؟

مـٿي ذڪر ڪيل انهن چند عمــومي اصــولن بعد جـيرڊ هڪ ڏادو وڏنڊڙ بحث ڇيڙي ٿو ته:
1: جڏهن انهن سماجن جي تباهيءَ جا ڪي مخصوص تـوڙي عمومي سبب ايئن سندن تباهيءَ بعد سمجهي سگهجن ٿا ته پوءِ اهو ڪـيئن ممڪن آهي ته اهي سـبب انهن سـماجن جي مـاڻهن کي پاڻ سمجهه ۾ نه آيا هُجن؟
2: فرض ڪجي ته جيڪڏهن اُنهن سـماجن جي مـاڻهن جي اڪ انهن سـبن ڏانهن وئي پڻ هُجي ته اهو ڪـيئن سـمجهجي ته ڇو اهي سماج انهن مسئلن جو ڪوئي تدارڪ نه ڪري سگهيا ۽ ايئن تباه ٿي ويا؟
3: ۽ جيڪر اهڙي ڪنهن تدارُڪ لاءِ ڪي ڪـوششون ورتيون پڻ ويــون ته آخر اُهي ڪهــڙا ســبب هُئا جن جي ڪـــري انهن ڪوشش جو ڪوئي ڪڙ تيل نڪري نه سگهيو ۽ اهي سماج ايئن تباهه ٿي ويا؟
مٿين سوالن جي جوابن ۾ جـيرڊ هڪ پـيرو بيهر به عمـومي پر نهايت ئي بنيادي سـبب ڄاڻـائي ٿو جيڪي نه صـرف ماضي ۾ تباهه ٿيل انهن سـماجن تي من و عن لاڳو ٿين ٿا پر موجــود دُنيا جي تــيزيءَ ســان ٿيـنــدڙ تبــاهيءَ کي پڻ ڏاڍي چـــٽي انـــداز ۾ سمجهائين ٿا. جيرڊ جو مڃڻ آهي ته اها تباهي ان ڪري ٿي ته:
1: تـوڙي جو اهو ڏاڍي واضح انـداز ۾ آشـڪار هُيو ته هي يا هو عمل يا ڪـــرت ڪنهن سـماج کي تبــاهي ڏانهن وٺي وينـدي، تنهن هوندي به لاڳاپيل سماجن ۾ مٿانهين حيـثيت رکنــدڙ مالـدار

طبقي جي وقتي ۾ طبقاتي مفادن جي گهُر اها هُئي ته اها ڪرت ائين ئي جاري رهي. ۾ چاڪاڻ ته مالدار هُجڻ سبب سماج جي گهٽي تٽي طاقت ۾ اختيار سندن ئي هٿن ۾ هو ان ڪري هُنن مجموعي سماجي مفادن کي قُربان ڪندي پنهنجن فردي ۾ گُروهي مفادن کي اوليت ڏني جنهن جي نتيجي ۾ ڪوڙ سارين ڪوشش باوجود به اهي سماج تباهيءَ جي ور چڙهي ويا.

2: لاڳاپيل سماجن جي تباهيءَ جو هڪ بيو عمومي سبب تبديل ٿيندڙ حالتن سان گڏ تبديل ٿيڻ ۾ مونجهارو يا انڪار هو. جيرڊ جاڻائي ٿو ته توڙي جو انهن سماجن جي ماضيءَ جون ڪي روايتون نهايت ئي شاندار هُيون ۾ انهن روايتن هڪ وڏي عرصي تائين انهن سماجن جي اوسر ۾ ڪليدي ڪردار ادا ڪيو، تنهن هوندي به انهن روايتن جي هڪ حد ۾ عُمر هُئي جنهن بعد ماضيءَ مان هٿ نه ڪڍڻ ۾ ساڻن ائين چُهٽيو رهڻ فائديمند ٿيڻ بجاءِ نقصانڪار بڻجي رهيو هُيو. تنهن باوجود به انهن سماجن ۾ موجود روايت پسندي ۾ ثقافتي بُنياد پرستي سماج ۾ جنم وٺندڙ نوانڻ جا پر ڪٽيندي رهي جنهن سبب هڪ دور ۾ اچي اهي سماج ڊهي پٽ پيا.

جيرڊ جي ان ڊاڪيومينٽري جو هڪ نهايت ئي سگهارو پاسو ماضيءَ ۾ سماجن ۾ آيل انهن تباهين کي موجود دور ۾ جاري تباهه ڪارين سان جوڙڻ ۾ هڪ معنيٰ ۾ اها اڳڪٿي ڪرڻ آهي ته جي اها تباهي ائين ئي جاري رهي ۾ ان جو ڪو وقتائتو ۾ مُناسب تدارڪ نه ٿيو ته عين ممڪن آهي ته اسان بعد اسانجي سماج جي تباهيءَ جي ڪارڻ جو بڻ ائين ئي ايباس ٿئي جيئن پاڻ اڄ انهن پُراڻن سماجن جو ڪري رهيا آهيون. جيرڊ جاڻائي ٿو ته اڄوڪي سماج جي ائين تيزيءَ سان تباهيءَ ڏانهن ڌڪجڻ جا پڻ اُهي ساڳيا ئي سبب آهن جيڪي ماضي جي سماجن جي حوالي سان متي ذڪر ٿي چُڪا ۾ اُنهن جو حل بڻ اُهي ئي ساڳيو آهي جيڪو اسان کا اڳ وارا سماج ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيا. هو ٿُلهي ليکي موجوده انساني تهذيب کي لاحق انهن چند بنيادي مسئلن ۾ بُحرانن جهڙوڪ ٻاٽي ڪوٽ، زمين جي تباهي، ماحولياتي گدلاڻ، آباديءَ جي تيزيءَ سان بگڙجندڙ تناسب وغيره ڏانهن اشارو ڪندي اهو بڻ جتئي ٿو ته اهي ۾ انهن جهڙا

پيا درجنين مسئلا جيڪي انساني تهذيب کي موجوده وقت ۾ لاحق آهن اهي سڀ هڪ معنيٰ ۾ تائيم بم آهن جن کي جيڪر وقت سر روڪيو نه ويو ته منجهن ڪوئي هڪ بڻ پوري انساني تهذيب کي ناس ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.


جيرڊ چئي ٿو ته ماڻهو هُن کان اڪثر سوال ڪندا آهن ته توهانجي نظر ۾ موجوده دُنيا جو سڀ کا وڌيڪ خطرناڪ بُحران ڪهڙو آهي جنهن مان جان ڇڏائجي؟ جنهن جو جواب هو هميشه اهو ئي ڏيندو آهي ته موجوده دور جو سڀ کان وڏو ۽ خطرناڪ بُحران آهي ئي اها سوچ ته ڪو بنيادي بحران هڪ آهي جنهن منجهان جان ڇڏائڻ سان جان آجي ٿي ويندي. حقيقت هيءَ آهي ته موجوده دُنيا کي لاحق سمورا مسئلا بنيادي آهن ۽ منجهن هر هڪ سجي دنيا کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ جي سگهه رکي ٿو.

جيرڊ جو مڃڻ آهي ته دُنيا جن وڏي ۽ وڏي مسئلن کي منهن ڏئي رهي آهي اُنهن سيني تي اسان ضابطو آڻي سگهون ٿا ڇاڪاڻ ته انساني تهذيب کي لاحق خطرو خارجي نه پر داخلي آهي. ۽ جيئن ته انهن مسئلن کي پيدا ڪندڙ به اسين پاڻ آهيون، تنهن ڪري انهن کي حل به اسان ئي ڪري سگهون ٿا. ان مان مراد اها آهي ته انساني تهذيب انهن خطرن کي منهن ڏيڻ جي سگهه رکي ضرور ٿي. اسان منجهان اُهي سڀ جيڪي ڪجهه ڪرڻ چاهين ٿا انهن کي اها ڄاڻ هُجي ته گهٽو ڪجهه آهي جيڪو اجا سمجهي سگهجي ٿو ۽ ڪري سگهجي ٿو.

3

India's daughter

(هندستان جي ڌيءُ)



هيءَ ڊاڪيومينٽري 2012 ۾ هندُستان اندر هڪ ڇوڪري جي اجتمائي لجالٽ واري واقعي تي ٺهيل آهي جيڪا ليزلي ادوِن جي هدايتڪاري ۾ تيار ٿي آهي. سال 2012 ۾

هندُستان جي شهر دهلي ۾ 23 سالن جي هڪ ڊاڪٽري پڙهندڙ شاگردياڻي جيوتي سنگه جي اجتماعي لڄالُٽ ۽ قتل کان سُتت ئي پوءِ سڄي هندُستان ۾ وٺ پڪڙ شروع ٿي وئي ۽ هندُستاني سماج ۾ پاڙ هُٽي ويٺل هڪ سماجي بُرائي، مُنظم انداز ۾ عورتن تي ٿيندڙ ظُلم ۽ سندن تذليل تي چوه چنڊجڻ لڳا. ان سڄي واقعي جي سموري تفصيل کي بيان ڪندڙ ڪلاڪ کن جي هيءَ فلم اُن ننگي، سفاڪ ۽ بيرحماڻي سماجي حقيقت کي وائکو ڪري ٿي جيڪا گهٽ وڌ اهڙن سمورن سماجن جو هڪ اُگهاڙو سچ آهي. اها فلم ڏيکاري ٿي ته ڪيئن هڪ عام مرد کي ننڍپڻ کان وٺي اهو سيکاريو وڃي ٿو ته عورت نيچ، بيهوده ۽ نفرت لائق آهي ۽ ڪيئن اها ئي تربيت اڳتي هلي عورتن سان اهڙي قسم جي زيادتين جو سبب بڻجي ٿي. جڏهن فلم جي آخر ۾ سڄي دُنيا اندر عورتن سان ٿيندڙ جنسي ڏاڍاين جا انگ اکر پيش ڪيا وڃن ٿا ته اندازو ٿئي ٿو ته نه ته اها اُگهاڙپ ۽ زيادتي خالي انڊيا تائين محدود آهي ۽ نه ئي هيءَ فلم يا هن جو پيغام صرف هندُستان جي ماڻهن لاءِ آهي. توڙي جو هن ڊائريڪٽر جي هيءَ بهترين ئي فلم هُئي جنهن تي پڻ هندستان اندر پابندي مڙهي وئي تنهن هوندي به اها فلم نه صرف باقي دُنيا ۾ تيزي سان هلي پر جنهن بهادُراڻي ۽ بيباڪ انداز ۾ ليزلي ان سماجي ڏوهه ۽ اُن جي مُرتڪب ٿيندڙ ماڻهن کي ننگو ڪيو آهي تنهن ڪيس سڄي دُنيا ۾ بيپناه مڃتا ڏياري آهي.

هڪ اندازي مُطابق هندُستان ۾ هر ويهه منٽن ۾ هڪ عورت جي جنسي لڄالُٽ ٿئي ٿي توڙي جو منجهن اڪثر ڪيس پڌرا ئي ناهن ٿيندا. پر جيڪڏنهن خاص طور تي جيوتي سنگه جي ئي ڪيس تي ڳالهائجي جنهن تي هيءَ فلم ٺهيل آهي ته سندس ڪٿا اها آهي ته هوءَ 16 ڊسمبر 2012 تي رات جو پنهنجي دوست اوِندرا پرتاب پانڊي سان گڏ سينيما تان فلم ڏسي واپس اچي رهي هُئي ۽ گهر پُهچڻ لاءِ هو هڪ لوڪل بس ۾ سوار ٿيا جنهن ۾ اڳ ئي ڪي ڇهه کن ماڻهو سوارهُئا جن ايئن اڌ رات جو هڪ شهري ڇوڪري سان گڏ موجود ان ڇوڪريءَ کي "مال غنيمت" سمجهي ڇيڙڻ شروع ڪيو. اها ڇيڙ ڇاڙ ٿوري ئي دير ۾ ڏک ڇمبي ۾ بدلجي وئي ۽ اُنهن ڇهه ماڻهن اڳ ۾ ته هنن ٻنهي ڄڻن کي تمام گهٽي مارڪُٽ ڪئي ۽ بعد ۾ بس اندر ئي اُن معصوم ڇوڪريءَ سان احتمائي لڄالُٽ ڪري ڪيس بيحال ڪري ڪٽي رستي تي ڦٽو ڪري ڇڏيو. ان مار ڪُٽ ۽ زيادتي جو نشانو بڻجندڙ جيوتي جي حالت ايتري ته خراب ٿي وئي جو 13

ڏينهن مُسلسل اسپتال ۾ علاج جاري رهڻ باوجود هوءَ بچي نه
سگهي ۾ سال 2012 جي آخري شامن منجهان هڪ شام تي
”پدرشاهٽي سماج“ جي وحشياڻي ورتاءُ، اُگهاڙپ ۾ بيهودگيءَ
جو هڪ اُهڃاڻ بڻجي هن دُنيا منجهان هميشه هميشه لاءِ
موڪلائي وئي. مُلڪ جي راڄڌانيءَ ۾ ٿيندڙ هيءَ شرمناڪ واقعو
اڀترو ته ڇرڪائيندڙ هو جو پوري هندستان ۾ مختلف سماجي
شعبن ۾ حلقن سان واسطو رکندڙ ماڻهن، عورتن توڙي مردن
احتجاجن جو هڪ طويل سلسلو شروع ڪري ڇڏيو جن منجهه
اڪثريت جيوتي جهڙن شاگردن جي ئي هُئي. ڊائريڪٽر ليزلي
۾ ساٽس گڏ ڪم ڪندڙ فلم ايڊيٽر انوراڌا سنگه فلم ۾ انهن
مظاهرن ۾ احتجاجن جون ڪوڙ ساريون تصويرون ڏيڪاريون آهن
جن هڪ وقت ۾ ان اُميد کي جنم ڏنو ٿي ته اهڙن وحشياڻن
واقعن تي ايئن لکين، ڪروڙين ماڻهن جي اهڙي ٿُڪ، لعنت ۾
ملامت يا احتجاج سماج ۾ هڪ بنيادي نوعيت جي تبديليءَ کي
ضرور جنم ڏيندو. پر هن فلم ۾ ڏيکاريل اڄ اُن ساڳئي ئي
هندُستاني سماج ۾ ظُلم جي حد تائين سماج جي اڪثريتي روين
تي غالب سماجي بيحسي ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري ٿي ته ان
وحشي پڻي جيڪو صدين کان موجود پدرشاهٽي سماج جي هڪ
بنيادي خاصيت ۾ صورت جو اظهار آهي، جي پاڙ ڏاڍي گهٽي
پُختي آهي ۾ جيئن ان پاڙ کي لڳندي صديون گُذريون آهن شايد
ايئن ئي اُن کي پٽجڻ ۾ پڻ ايئن ئي صدين جو پورهيو گهُربل
هوندو.
فلم ڊائريڪٽر ليزلي جو هڪ انتهائي همت پريو ڪم جنهن فلم
۾ ماڻهن جو اُتساهه اڃا گهڻو وڌائي ڇڏيو، اهو هُيو ته هُن فلم ۾
جيوتي جي لڄالُٽ ڪندڙ مُجرمن خاص ڪري ڇهه منجهان
سيني کان سرڪرده مُجرم مُڪيش سنگه سان ڳاله ٻولهه کي
پڻ فلمايو. فلم ڏيکاري ٿي ته توڙي جو مُڪيش ان ئي جُرم جي
پاداش ۾ ڪيس مليل سزا، ڦاهيءَ جي انتظار جا ڏهاڙا ڳڻي رهيو
آهي، تنهن هوندي به سندس رويي منجهه شرمندگي ۾ پشيماني
نالي ڪا به شيء ناهي ۾ هو اڄ به سمجهي ٿو ته هُن ڪوئي
ڏوهه ناهي ڪيو. هو انتهائي بيحيائي سان چئي ٿو ته جيڪڏنهن
ڪنهن عورت جي ايئن لڄ لُٽجي ٿي ته اُن ۾ ڏوهه لڄ لُٽيندڙ مرد
کان وڌيڪ خود اُن عورت جو آهي جيڪا پنهنجي رويي، ڪپڙي
لتي ۾ عادتن ذريعي مرد کي ان فعل ڏانهن ڇڪي ٿي ۾ اهڙي
عورت جيڪا ايئن مرد کي ”دعوت“ ڏيڻ بعد مرد طرفان جنسي
ميلاپ لاءِ ٿيندڙ ڪوشش جو انڪار ڪندي ان عمل خلاف

مزاحمت ڪري ٿي اُها پنهنجي موت کي پاڻ دعوت ڏئي ٿي.
حيراني جي ڳالهه اها آهي ته انهن مُجرمن جا ضمير فروش
وڪيل پڻ پنهنجا ڪيسا گرم ڪرڻ لاءِ ڪتي غيرت جي نالي ۾
عورتن جي قتل جي حمايت ڪندي ملن ٿا ته ڪتي عورت کي
هڪ اهڙي گُل سان پيٽيندا رهن ٿا جنهن جي خوبصورتي ۽
پاڪيزگي بچائڻ سان ئي بچي سگهي ٿي.


ليزلي صرف ان مُجرماڻي نفسيات کي ننگو ڪري منجهس هٿ ڪرڻ بجاءِ به قدم اڳتي وڌي ان سڄي سماجي سمجهه جا بُنياد سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش پڻ ڪري ٿي. هو ڏيکاري ٿي ته زيادتي ڪندڙ ۽ زيادتي جو شڪار ٿيندڙ ماڻهن جي سمجهه ۽ روين تي سندن نوس سماجي حالتون ڪيئن اثر انداز ٿين ٿيون. ان ڏس ۾ هو هڪ پاسي ته اسان کي سنهين ۽ سوڙهين گهٽين، گند ڪچري جي ڍيرن، بدبو ۽ بيماري سان ڀريل ڪچين آبادين واري اُن هندُستان جي تصوير ڏيکاري ٿي جنهن منجهان جيوتي سان زيادتي ڪندڙ مُڪيش ۽ سندس ساٿي اچن ٿا ۽ ٻئي پاسي پڙهيل لکيل، آزاد سوچ رکندڙ هندُستاني مڊل ڪلاس جي دُنيا جو منظر چٽي ٿي جنهن منجهان جيوتي ۽ اُن جهڙا هزارين نوجوان سونهري مستقبل جا خواب ڪٽي اڳتي اچن ٿا. هو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي ته ڊسٽ بن جهڙي دُنيا ۾ رهندڙ مُڪيش يا اُن جهڙا هزارين ماڻهو آخر ڇو ايترا وحشي ٿيجي وڃن ٿا پر پنهنجي اُن درندگيءَ تي بنا ڪنهن پشيماني جي جيئندا پڻ رهن ٿا. هو سمجهائي ٿي ته تعليم، صحت، روزگار ٽوٽي ٻين سمورين بُنيادي انساني سهولتن کان وانجهيل جهوپڙ پٽين جي ان دُنيا منجهه مُڪيش يا سندس ساٿين اندر موجود وحشت ئي پلجي سگهي ٿي چاڪاڻ ته جن انسانن کي ڪڏهن انسان ٿيڻ جو موقعو ئي نه مليو اُهي آخر پيو ڪهڙي ريت هن سماج جي سچ سان پلئي پوندا؟ ٻئي پاسي مڊل ڪلاس هندستانين جي اُها دُنيا آهي جنهن منجهه لکين ڪروڙين نوجوان مُهذب دُنيا جي نعمتن جهڙوڪ جديد تعليم، روزگار يا صحت وغيره منجهان پنهنجي پنهنجي مُعاشي حالتن آهر فيضياب ٿين ٿا ۽ ان جُهد ۾ هر وقت سرگردان رهن ٿا ته انهن نعمتن تائين وڌ کان وڌ رسائي جي اهل ٿيجي سگهن. ليزلي ڏيکاري ٿي ته جيوتي پڻ اهڙي ئي هڪ مڊل ڪلاس خاندان جي ڇوڪري آهي جيڪا ايتري خوش نصيب آهي جو

سندس مائٽ کيس ايترو گهڻو ڪُجهه ڏئي سگهڻ جي صلاحيت، خـواهش تـوڙي اهليت رکن ٿا جنهن جو جهـويڙ پـٽيءَ جي دُنيا جا رهواسي تصـور ىڻ نه ٿا ڪـري سـگهن. ايئن پـوءِ بنهي سـماجي صورتحالن جو تفصيلي جائزو وٺندي لـيزلي هڪ وزني سـوال اڻ برابـري واري اُن سـماجي تـاجي پيـٽي تي پڻ اُٿـاري ٿي جيڪو صرف ڪن مخصوص مـاڻهن کي ئي "مـاڻهو" ٻُڌڻ جي اجـازت ڏئي ٿو. هڪ حد تـائين سـندس هن ڊاڪيومينـٽري جو تت پڻ اهو ئي پيغام آهي ته جيوتي يا اُن جهـڙين هـزارين بين عـورتن سـان زيـادتي هيءَ يا هو فـرد نه پر اُهو مجمـوئي سـماجي جـڙاءُ ٿو ڪـري جيڪو اهڙي وحشي نفسيات کي جنمي □ پالي ٿو.

4

'Last Call at the Oasis'

نخلستان وٽ آخري دانهن




"ايڪهين صدي □ ٽين مهاياري جنگ پاڻي تي (لاءِ) وڙهي ويندي." هي هڪ اهڙو جملو آهي جنهن کي اسان گهڻو ڪري مختلف ذريعين کان ٻڌو □ پڙهيو هوندو پر اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو يا انجا ڪيترا امڪان آهن؟ انجو جواب "لاسٽ ڪال ايٽ دي اوسز" نالي ڊاڪيومينٽري فلم □ موجود آهي. هي ڊاڪيومينٽري پنهنجي ڪمال فلم سازيءَ جي فن سان □ پوري دنيا جي ڪنڊ ڪُڙڇ جي عام زندگيءَ منجهان مثال □ انٽرويو گڏ ڪري، عالمي پاڻي بحران تي هڪ ڇرڪائيندڙ نظر وجهي ٿي. ماحولياتي گدلاڻ جا سمورا پاسا پاڻي سان ڳنڍيل آهن. سنڌ □ ماحول لاءِ موجود لفظ آبهوا (آب □ هوا) انجي بهتر عڪاسي ڪري ٿو. هي ڊاڪيومينٽري ويهه سال ظاهر ٿيندڙ ڪتاب □ فلم "Cadillac Desert" جو ئي وڌاءُ آهي، جنهن □ خاص طور اولهه جي ثقافت □ پاڻي جهڙي اُملهه □ بي بدل () وسيلي جي غير شعوري □ ڇيڳرائپ واري زيان تي ڌيان ڏريو ويو هئو. ڊاڪيومينٽري ٻڌائي ٿي ته

پوري دنيا اندر پاڻي جي فراهمي جو صرف هڪ سيڪڙو تازي
پاڻي تي آڌارايل آهي.
پوري دنيا اندر هڪ چاليهه هزار () ڪاري پاڻي کي مٽي بنائڻ وارا
پلانٽ لڳل آهن جيڪي هلڻ لاءِ تمام گهڻي توانائي گهرندا آهن.
پاڻي جو 80 کان 90 سيڪڙو استعمال زرعي مقصدن لاءِ ٿيندو
آهي پر ان منجهان گهڻو تڻو پاڻي زيان به ٿيندو آهي. (هن زيان
کي ڪوتري هيٺ پاڻي چڏي زيان ڪرڻ واري حڪومتي بيان
سان نه پيٽڻ گهرجي)
زراعت □ استعمال ٿيندڙ پاڻي جو اهم ذريعو، زيرِ زمين پاڻيءَ جا
ذخيرا آهن، جيڪي ٿهڻ □ هزارين سال وٺندا آهن پر هڪ ته
ڪجهه ڏهاڪن □ ئي اسان انهن کي خالي ڪري رهيا آهيون. ٻيو
وري جيت مار دوائن □ ٻين زرعي ڪيميائي عنصرن جي
استعمال سبب زمين جي مٿاڇري وارو پاڻي ايترو ته گدلو ٿي
چڪو آهي جو اهو هاڻي آهستگيءَ سان سميو ڪري زيرِ زمين
پاڻي زخيرن کي زهريلو بڻائي رهيو آهي.
صرف زرعي ڪيميائي عنصر ناهن جيڪي زير زمين پاڻي زخيرن
کي گدلو ڪن ٿا پر تيل □ گيس جي ڳولها □ اخراج لاءِ سوراخ
ڪري زمين اندر جيڪي ڪيميائي عنصر داخل ڪيا ويندا آهن
اهي به وبتر خرابي پيدا ڪن ٿا. ظلم اهو آهي ته هڪ خاص
قانونسازي (Halliburtom Loophole) سبب اسانجي انهن
عنصرن جي جاچ تائين رسائي به روڪي وئي آهي.
ڪو به نئون پاڻي ڪونهي. اِهو ساڳو پاڻي آهي جيڪو ڊائنوسارن
به پيتو هو.
ڌرتي □ انجو ماحول هڪ هيڪڙائيءَ آهي جنهن □ اسان وجود
رکون ٿا پر سرمائيدارٽي قُر لت □ هيچ ڏينهون ڏينهن تمام گهڻي
تيزي سان ان هيڪڙائي کي تباهه ڪري رهي آهي. اهو آسان
آهي ته پوري ذميواري اميرن يا انهن جي بينڪن يا ڪارپوريشن
مٿان مڙهي چڏجي جيڪي ماحولياتي تباهي □ سرمائيڪاري
ڪن ٿيون □ اهو نه ڏسجي ته خود اسان جي هر خواهش
(طلب) □ شين جو استعمال به هوا □ صاف پاڻيءَ کي تباهه
ڪري ٿو □ ان □ موجود توانائي کي گدلو ڪري ٿو.
پاڻيءَ جي گلاس لاءِ توهان آخري دفعو پريشان ڪڏهن ٿيا آهيو؟
WAITING □ AN INCONVENIENT TRUTH, FOOD, INC
Last Call at' طرفان پروڊيوسرن جي FOR “SUPERMAN
the Oasis سپ کي ننڍ منجهان جاڳائڻ جي شاندار ڪوشش
آهي ته چو هاڻي توهان کي پريشان ٿيڻ گهرجي □ چو پاڻي جي

عالمي بحران کي هن صدي جي دنيا جو اهم اشو سمجهڻ گهرجي.

5
Sicko – بيمار



هي ڊاڪيمينٽري مشهور آمريڪي فلم ساز مائيڪل مُور جي چند شاهڪار ڪمن منجهان هڪ آهي جنهن ۾ ڊائريڪٽر آمريڪا اندر صحت جي مجموعي نظام کي چڪاسينديءَ کي چرڪائيندڙحقيقتون سامهون آڻي ٿو. فلم ۾ مائيڪل جو موضوع اصل ۾ آمريڪا ۾ صحت جي شعبي تي مجموعي ريٽ انشورنس ڪمپنين جو قبضو ۽ ان جي نتيجي ۾ ملڪ اندرصحت جي شعبي ۾ پيدا ٿيندڙ انتهائي خطرناڪ بُحران جي عڪاسي آهي. ياد رهي ته مائيڪل مُور اهو ساڳيو ئي ڊائريڪٽر آهي جنهن 11/9 واري واقعي تي "فارنهائيٽ 11/9" جي نالي سان هڪ شاهڪار ڊاڪيومينٽري پڻ ٺاهي هُئي.

هن فلم اندر مائيڪل اڳ ۾ ته آمريڪي صحت جي نظام کي تفصيل سان سمجهائي ٿو جتي تمام وڏي پيماني تي هيلٿ انشورنس ڪمپنين جي تباهي مچايل آهي. مائيڪل ڏيکاري ٿو ته ڪيئن اهي ڪمپنيون نه رڳو ڪنهن بيٺڻ بلا جيان آمريڪي مڊل ڪلاس جو رت چوسينديون رهن ٿيون ۽ هيلٿ انشورنس جي نالي ۾ هر مهيني ڪروڙها ڊالر ڪمائي هڪ بزنس ايمپائر قائم ڪن ٿيون، پر ساڳئي ئي وقت انهن لکها ماڻهن کي جنهن مهل پنهنجي صحت لاءِ انشورنس جي نالي ۾ ڀريل انهن پيسن جي ضرورت پئي ٿي ته ڪيئن اُهي ساڳيون ئي ڪمپنيون هر مُمڪن حد تائين ڪوشش ڪن ٿيون ته اهو ڳهرايل پيسو واپس نه وڃي. ان ڏس ۾ پوءِ انهن ڪمپنين جا نهايت ئي آزمودا طريقا جهڙوڪ انشورنس پاليسي جي ڪن مُبهم شرطن جو جواز ۽ ان مد ۾ انتهائي قابل عملي جي چونڊ (جنهن کي هزارين ڊالر ماهوار پگهار ئي ماڻهن جي جائز دعوائن کي رد ڪرڻ لاءِ ڏني وڃي ٿي) اسان جي سامهون اچن ٿا. مائيڪل سرمائي جي ان

تڪساٽ ڪي سمجهائيندي ڏيکاري ٿو ته ڪيئن 1971 ۾ آمريڪي
صدر نڪسن هيلٿ انشورنس جي ڪاروبار شروع ٿيڻ وقت
تعريفن جا پُل ٻڌا هُئا ۽ ڪيئن اڄ تائين ٻڻ آمريڪي سينيٽ ۽
پارليامينٽ ۾ سياستدان انهن ڪمپنين هٿان خريد ۽ استعمال
ٿين ٿا. مائيڪل ان ڏس ۾ فرانس، ڪينيڊا، انگلينڊ ۽ ڪيوبا جو
دورو ٻڻ ڪري ٿو جتي سرڪاري سطح تي صحت جي سهولتن
جي مفت فراهمي جو نظام موجود آهي ۽ ڏاڍي سُهڻي انداز ۾
آمريڪي انشورنس ڪمپنين هٿان خريد ٿيل ميڊيا جي انهن
رپورٽن کي ڪوڙو ثابت ڪري ٿو جن ۾ مٿي ذڪر ڪيل ملڪن ۾
صحت جي مفت فراهمي واري نظام تي چوهه چنڊيل آهن ۽
کين ناڪام ڄاڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. مُور ڏيکاري ٿو
ته ڪيئن هڪ فرانسيسي، انگلش، ڪينيڊين يا ڪيوبن شهري
کي آمريڪي ميڊيا جي پروپيگنڊا جي بلڪل اُبتڙ هڪ سراسري
آمريڪي شهري کان (جنهن جا هزارين ڊالر ماهوار صرف ان ئي
امڪاني مسئلي کي منهن ڏيڻ ڪاڻ وڃن ٿا) گهڻيون بهتر ۽
ترت صحت جو سهولتون مُيسر ٿين ٿيون.

مائيڪل جي هن ڊاڪيومينٽري جي خاصيت هيءَ آهي ته هن
۾ هُن مٿي ذڪر ڪيل مسئلي جو شڪار ڪيئي جيئرا جاڳندا
آمريڪي شهري ڪنيا آهن جيڪي سڀ ڪِن تمام ڏکين مرضن ۾
ورتل آهن. هو انهن ماڻهن کان تفصيلي انٽرويو وٺي ٿو جن ۾ هو
ٻُڌائين ٿا ته ڪيئن هُنن سڄي زندگي اهو ئي ڀانيو ٿي ته ٻنهجين
پاسراٿين مان ڪوري ڪڍيل هيلٿ انشورنس جا اهي پيسا
سندن صحتمند ۽ سُکي ٻُڍاڙيءَ جي ضمانت آهن ۽ ڪيئن گهٽ
وڌ اُنهن سڀني کي انشورنس ڪمپنين جي ڊرامي ۾ سندن لُٽجڻ
جو اُن وقت اندازو ٿئي ٿو جڏهن کين بيمار ٿيڻ جي صورت ۾
سندن پيسن جي ضرورت پئي ٿي ۽ اهي ساڳيون ئي ڪمپنيون
منجهن اڪثريت جي ڪليمن کي ڪن انتهائي چسن بُنيادن تي رد
ڪن ٿيون. مائيڪل ٻُڌائي ٿو ته هيلٿ انشورنس جي آسري تي
رهندڙ انهن آمريڪين جي پوڳنا ته هڪ پاسي پر اهڙا گهٽ وڌ 5
ڪروڙ آمريڪي پيا ٻڻ موجود آهن جن جي پوڳنا اجا گهڻي شديد
آهي ڇاڪاڻ ته صحت جي نظام جي ائين خانگائجي وڃڻ ڪري
اُنهن کي ته صحت جي مناسب سهولتن جو آسرو ٻڻ مُيسر
ناهي ان ڪري جو اُهي ٻنهجي صحت جي قيمت ڀرڻ لائق

ناهن.

فلم ۾ هڪ دلچسپ صورتحال اُن وقت پيدا ٿئي ٿي جڏنهن مائيڪل اُنهن انشورنس پيارپل مريضن جي هڪ سُني تعداد کي ساڻ ڪري ميامي جي بيٽ تان گوانتانامو جيل طرف اُسهي ٿو. ياد رهي ته گوانتانامو اُها بدنام زمانه جيل آهي جتي آمريڪا جا دفاعي ادارا دنيا جهان منجهان مختلف ڏوهن جي مد ۾ ڪنيل ماڻهن کي قيد ڪن ٿا. مائيڪل انهن آمريڪي شهرين کي اها چرڪائيندڙ خبر ٻُڌائي ٿو ته آمريڪي حُڪومت جي بيانن مطابق گوانتانامو جيل جي قيدين کي بنا ڪنهن انشورنس جي مفت طبي سهولتن جي فراهمي ڪئي وڃي ٿي. هو سڀ جڏهن گوانتانامو وٽ پهچن ٿا ته مائيڪل ميگافون ذريعي جيل جي ذميوارن کي چئي ٿو ته اسين سڀ آمريڪي شهري آهيون ۽ فقط اُهو چاهيون ٿا جيڪو انهن مُجرمن کي اتي ان جيل ۾ مفت مُيسر آهي يعني اسانجي مرضن جو علاج! پر اُن بيڙيءَ تي سوار مريض منجهان اڪثريت لاءِ ڪتو ملندڙ جواب يلي هڪ ڪڙو انڪشاف هُجي پر مائيڪل لاءِ نه. مائيڪل اهو يلي ريت چاڻي ٿو ته آمريڪي حڪومت ڪيئن صحت جي ان واپار ۾ هڪ ڏُر آهي ۽ ڪيئن اُها ان مد ۾ ڪروڙين ڊالر ڪمائي ٿي سو چور آخر ڪيئن ته چوريءَ جا پيرا ڪٽي سگهندو؟ گوانتانامو تان ڪُتو جواب ملڻ بعد مائيڪل مريضن سان پريل اُن بيڙيءَ کي هڪ نندڙي ۽ غريب رياست ڪيوبا ڏانهن وٺي وڃي ٿو جتي ٻُهچي جڏهن مريضن کي اها خبر پئي ٿي ته هتي سمورن ماڻهن جو علاج بلڪل مُفت، ترت ۽ انتهائي مناسب ٿئي ٿو ته ڪين ڏندين آگريون اچي وڃن ٿيون.

6
Yes men, fix the world

جي حضوري ڪندڙ دنيا درست ڪن ٿا

جتي منافعي جي اصول تي بيٺل فري مارڪيٽ جي



هيءَ دنيا پنهنجي جيئندان لاءِ هر روز ڪي نوان رنگ، روپ ۾
سانگ رچائي ٿي، اُتي اُن خلاف جُهد مسلسل ۾ مشغول
انسانيت جا ڪي هڏ ڏوڪي ٻڻ هر روز نت نئين انداز ۾ هن
سسٽم کي ڏک هٽڻ ۾ ڪو مناسب متبادل صلاحڻ جي ڪوشش
ڪندا رهن ٿا. ان جهيڙي ۾ شامل دنيا جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ ويٺل
اهي مزاحمت ڪار پنهنجي پنهنجي انداز ۾ حالتن آهر جدوجهد
ڪندا رهن ٿا پر اڄ پاڻ جن به مزاحمت ڪارن جي ڪيل ڪم تي
ڳالهائينداسين اُهي ايگزان، هيلي برتن، ڊائو ۾ فري مارڪيٽ
جي اهڙن بين ڪيترن ئي مانگر مچن جي نڪ ۾ ناڪيلي وجهندڙ
به مٿي قريا گلوبلائيزيشن مخالف ايڪٽوسٽ آهن، جن هڪ
انوکي انداز ۾ دُنيا ۾ راڄ ڪندڙ ان فري مارڪيٽ جي راڪاس
کي چيلينج ڪيو آهي. هي به مزاحمت ڪار جيڪوئس سروِن ۾
آئيگور ويمو آهن جن "ييس مين! فڪس دي ورلڊ" جهڙي
ڊاڪيومينٽري ناهي دُنيا کي پنهنجي مزاحمت جي انوکي ڍنگ
سان روشناس ڪرايو آهي.

"ييس مين! فڪس دي ورلڊ" انهن سوين ڊاڪيومينٽرن
منجهان هڪ شاندار مثال آهي جن ۾ سرمائيداري،
گلوبلائيزيشن، فري مارڪيٽ ۾ انهن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل
فطري ٽوٽي سماجي خطرن کي سمجهندڙ، ان خلاف جهيڙيندڙ
۽ ان مزاحمت کي باقي دُنيا ۾ عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ
ڪي مزاحمت ڪار ان مقصد لاءِ پنهنجي پورهئي کي هڪ بلڪل
ئي نئين انداز ۾ عوام آڏو اظهارين ٿا. هي فلم هڪ
گلوبلائيزيشن مُخالف ڊاڪيومينٽري آهي جيڪا بس انوکي اُن
طريقيڪار جي ڪري ڪري آهي جيڪو فلم جا مرڪزي ڪردار اينديء
۾ مائيڪ گلوبلائيزيشن، فري مارڪيٽ ۾ سرمائي جي مها جار
کي ڏک هٽڻ لاءِ اختيار ڪن ٿا. جيڪوئس سروِن ۾ آئيگور ويمو
به گلوبلائيزيشن مخالف مزاحمت ڪار آهن جن ڪمپنين جي ان
ٽيڪسات کي ڏک هٽڻ جو جيڪو طريقو هٿ ڪيو آهي اهو هيءَ
ته هو وٽج واپار جي ادارن جي مختلف بين الاقوامي
ڪانفرنسن، پريس ڪانفرنسن، ٽي وي چينلن تي انٽرويوئن
ٽوٽي اهڙي بئي ڪنهن به پليٽ فارم تي انهن ئي ڪمپنين جا
نمائندا ٿجي ظاهر ٿين ٿا ۾ جيستائين ڪمپني کي خبر بئي سا
بئي، هي بئي ان ڪمپني جي نمائندن جي صورت ۾ ميڊيا آڏو

ڪي اهــڙا اعلان ڪـــري وڃن ٿا جيڪي بعد ۾ اُن ڪـمپــنيءَ جي
ڳچي جو ڳٽ بڻجي وڃن ٿا.

هيءَ ٻئي ڄڻا اهو ڪم ڪن ڪـيئن ٿـا؟ اهو سـوال ان ڪــري
بلڪل سياويڪ آهي جو ڪيترو به چـالاڪ ۽ چُست هُجڻ بـاوجود
اهو ڪم ايـترو آسان نـاهي. ان ڪـري اچو ته پـاڻ ان پيچيـده ۾
محنت طلب طريقيڪـار کي سـمجهون جيڪو هي ٻه ڄڻا پنهنجو
مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اختيار ڪن ٿا. سڀ کان پهرين ته هي ٻه
ڄڻا انتهـائي ڳُجهي انـداز ۾ انهن ڪـمپـنين جا ڪـوڙا اي_ ميل
اڪائونٽ ناهين ٿا ۽ پوءِ انهن ذريعي بينالاقوامي منـڊي جي ڪن
مشهور فورمن تي رجسٽر ٿين ٿا ۽ انتهائي صـبر سـان ڏڪ هڻڻ
جي ڪنهن مناسب موقعي جو انتظار ڪن ٿا. اهو موقعو اصل ۾
انهن فـورمن تي ٿيـنـدڙ مختلف ڪانفرنسـون، سـيمينار ۽ ٻيا
پروگرام آهن جيڪي ان معنيٰ ۾ اهم آهن ته اُتي پـوري دنيا جي
ميـڊيا موجـود هُجي ٿي. ڳهُريل انتظـار بعد نيٺ ڏڪ هڻڻ جو اهو
موقعو ڪين ان وقت ملي ٿو جـڏنهن اهـڙي ڪنهن بين الاقـوامي
ڳڏجاڻيءَ جي ڪين نيند ملي ٿي ۽ هو ان ڪمپني جا نمائندا بڻجي
ان ۾ شريڪ ٿين ٿـا. سـوٽ بـوٽ پهريل هي ٻـئي دوست ايـتري
سُـهٽي انـداز ۾ اهو ڊرامو ڪن ٿا جو ڪنهن جي وهم ۽ ڳُمـان ۾
به نه ٿو هُجي ته هي ڪي ٺڳ آهن نڪي ڪنهن ڪمپــــني جا
نمائندا! ان خلق جي دماغ جا تاڪ تڏنهن کُلن ٿا جـڏنهن هنن ڪي
ڳالهائڻ لاءِ ڳهُرايو وڃي ٿو چاڪاڻ ته انهن ڪانفرنسن ۾ شريڪ
مـاڻهو ”مـاڻهو“ گهٽ پر ڪـمپـنين جي فائـدي ڪـمـائڻ جا اوزار
وڌيڪ هونـــدا آهن. هو پنهنجي واريءَ تي ڪنهن ڪمپـــني جي
نمائندي جي صورت ۾ جڳ جهان جي ميـڊيا آڏو ڪي اهـڙا اعلان
۽ انڪشاف ڪري وڃن ٿا جن جي سو بار ترديد بعد به ڪمپنيون
اُن منجهان جان ڇڏائي نه ٿيـون سـگهن. ان ڪـري ئي هي ٻـئي
ڄڻا انهن ڪمپـنين لاءِ هڪ ڀيـانڪ خـواب بڻجي ويا آهن جنهن
سبب سندن ننڊ حـرام آهي. سندن اهـڙي ڪم جو هڪ شاندار
مثال ڊائو ڪمپـني جي ايگزيڪٽو جي روپ ۾ بي بي سي جهـڙي
اداري کي ٺڳي سـندن چينل تي ڏنل اهو انـٽرويو آهي جنهن ۾
هنن ڪمپني طرفان 1984 ۾ ڀوپال ۾ ڪمپني جي هڪ حادثي ۾
مارجي ويل 1773 ماڻهن کان نه صرف معافي ورتي پر ورهين
کان ڪمپني کان هرجاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪنـدڙ مـري

ويل پـورهيتن ۾ عـام مـاڻهن جي خانـدانن کي هرجـاٽي طـور به ارب ڊالر ڏيڻ جو پڻ اعلان پڻ کيــو. ان انــٽرويو بعد تــوڻي جو کمپني سُتت ئي ان جي ترديد ڪئي ۽ هنن به چٽن تي ڪمپـني جي ساک خراب ڪـرڻ جو ڪيس پڻ داخل ڪيو پر اُن ڳت مـان جـان ڇـڏائي نه سـگهي جيڪو هنن سـندس ڳلي ۾ وجهي ڇـڏيو هو.

بحرحـال! هي به مـتي ڦريا پنهنجي ان اُبـتي طـريقي ۾ بيا ڪيترا ڪم سُـبتا ڪـري وجن ٿا اُن لاءِ سـندن هن ڊاڪيومينـٽري کي ڏسڻ لازمي آهي.

ادب

حق مرشد

آزاد ماڇي

”وڏا تون مونسان هل ته صحيح. منهنجي مرشد جو ديدار
ته هلي ڪر هڪ دفعو!!

اچو ڀٽائيءَ سان ملون!

سُر ٻيو ــ يمن ڪلياڻ

بشير شاهه

ڀٽائيءَ جي رسالي جي ترتيب مطابق ٻيون نمبر سُر جو نانءُ ”يمن ڪلياڻ“ آهي، پهريون سُر ڪلياڻ آهي، ڪلياڻ لفظ جي معنيٰ آهي ”سک يا خــــير“ □ يمن جي لغــــتي معنيٰ آهي ”پنهنجي من کي روڪڻ، وس □ رکڻ“ سالڪ، حق جو طالب، سچ جو ڳولائو، هڪ سچو انقلابي سڀ کان پهرين پنهنجي دؤر جي معروضي سچ □ حقيقت کان آگاهي حاصل ڪري، انکي اپنائي، انجي آگاهي □ اپنائڻ سان لاڳاپيل مسلسل تڪليفن، اهنجن □ امتحانن کي پنهنجي وجود جو لبادو بنائي ڇڏيندو آهي پر ان □ ئي هنکي سک □ آرام ملندو آهي ڇاڪاڻ ته هُو اهڙي راهه جو راهي آهي جيڪا حقيقي سک □ انصاف واري سماج جي حاصلات ڏانهن وٺي ويندڙ آهي. اهو احساس تڪليف کي به آرام بنائي ڇڏيندو آهي □ يقينن اهڙي مسافر کي پنهنجي خواهش □ آسائشن کي پنهنجي وس ڪرڻو پوندو؛

”هــئي! ٻَرَ اڱارن، ٻَـڏاهين
ٻَـــــرَن جي
هڪ ڪـوري ڪانئيـا، ٻيو ڏوڏي
منجهه ڏڱن
پاٽان لهارن، ميڙي رکيا
مچ لاءِ“
يمن ڪلياڻ

واهه ڙي ٿاندن جو ٻرڻ ٻنهي پاسن کان ٻيا سڙن هڪ ته پهرين ڪُوري ڏُکائي ٻاريا ٻيا وري ڏوڏي کي ڏنوي هوا جي تيز

دباءَ سان انهن کي مسلسل مچايو، ساڙيو ٻاريو پيو وڃي ڇو ته لوهارن انهن کي اهڙي تيز مچ لاءِ ئي ته ميڙي سنيالي رکيو هيو.

هڪ سچو ڪاهوڙي به انهن ٿانڊن (اڱارن) جيان ئي آهي هڪ ته سچ جي ڏکي اڙانگي سفر پاڻ وڌو اٿائين ايئن ڪري پنهنجي طرف پاڻ کي آسائشن، خواهشن سکن کان محروم ڪيو اٿس چاڙهي تو ته حق سچ جي راهه تي هلندي پل پل ڏکن جا ڏونگر ڏورڻا آهن، ڇو ته سمجهه ذميداري جي احساس هُنکي اهڙي مچ مچائڻ لاءِ سانديو آ. يا ايئن چئجي ته ارتقا جي عمل هُن کي، اهڙي ڪردار لاءِ چونڊي وڌو آ؛

اڄ آڳڙيا آئيا، سائو کي
سَچاڻ
لاهيندا موريڻ، رُڪُ ڪريندا
پڌرو
يمن ڪلياڻ

هاڻ اهڙا مچ ٻاريندڙ آيا هن جيڪي پنهنجي ڪم سان سچا عقلمند آهن، اهي ٻڪ سان سچي ڪٽُ لاهيندا اصلي رُڪ (لوهه) پڌرو ڪري ڏيندا.

هر دؤر جي ضرورت هوندي آهي ته اهڙا ڏاها، دانشور سياسي ماڻهو متحرڪ ٿين جيڪي حقيقي عوام دوست سماجي تبديلي جي جدوجهد سان سچا، ايماندار پنهنجي فرض جي تقاضائن مطابق مضبوط اڏول هجن، جيڪي پنهنجي سچي صحيح سمجهه يرئي عمل ڳالهه سان، عوام جي دلين مان غلط سمجهه مونجهه جي ڪٽُ لاهي، ڪين حقيقي سمجهه حالتن جي سنگيني (لوهه ـــ رڪ) جي اصل آگاهي سان ليس ڪري سياسي جدوجهد جي حاصلات تائين پهچائين؛

ڏڱايوم، ڏئين، ڇيرو
اندر چنڊڙي
لڳي سيخ وجود ، سندي
نينهن نئين
مشاهدي تهين، مونکي
وڌو مچ
يمن ڪلياڻ

باھ مچائڻ واري ڏنوڻ، ڏئين ٿانـدي کي اھـڙو ڏڳـايو، مچـايو جو ھُو اندران باھران باھ تي پيــو، سـڙڻ ۽ بـاھ تيڻ ھُن لاءِ ائين ئي پيو جڻ نئون عشق سيخ بڻجي سچي وجود ۾ مٿان کان ھيٺ تـائين اھــڙو گھڙيو جو وجــود ســڏو تــاڻجي بيھي رھيو اھــڙي احساس، سمجھه، مشاھدي ئي ته ھنڪي مچ ۾ آٽي وڌو آ.

حالتن جو جبر ڏنـوڻ بڻجي، ھڪ حسـاس ۽ باشـعور انسـان کي ڏُکـايو، ڏڳـايو، بـاريو وجھي. اھو بـرڻ ھُنجي جـاڻ جي نـئين سِمت ۾ صحيح عمل جي نئين راھ، نئين نينھن جيان ٻنجيو پـوي. اھـڙو نينھن جو سـچي وجـود کي ھڪ مرڪز تي مرڪـوز کـري وجھي، اھـڙو مشـاھدو ۽ ادراڪ ئي انسـان کي پنھنجي دؤر جي سچ جي فتح لاءِ ٿينـدڙ مچ جھـڙي جھد ۾ آٽي وجھنـدو آ. حـالتن جي اھڙي ڏنوڻ سان ئي سچا کاھوڙي انقلابي سياسي کـارڪن پيدا ٿيندا ۽ پختا ٿيندا ۽ اھڙا بڻجندا؛

”سھين جيئن سـانداڻ، ڏکن
مــــــــــتي ڏکــــــــــــــڙا
وَھِـ وجـــائي پـــاڻ، ڏي
ڏبـــــــائون ڏڱـــــــرين“
يمن ڪلياڻ

مـترڪي جي لـوھي سـانداڻ جا ڏکن مــتي ڏک سـھي سـھي ان جنـون ۾ پـاڻ وجـائي ڇڏ اھـڙي برداشت پيـدا ڪر جو مـترڪي جي کـاٽ واري حصي (ڏڱـرين) کي تنھنجـون ضـربون (ڏبائون) سھڪائي وجھن؛

لڳين لنئو لطيف چـئي، سـدا
جي ســـــــــــــــــــوري
يمن ڪلياڻ

حق ۽ سچ واري راھ سان جن جي لنئون لڳي اھي جـاڻن تا ته اھو دائمي درد آ. سدا جي سوري آ.

عظيم انقلابي ڀينرون
(Butterfly sisters)

سنڌيڪار: فقير علي اصغر

اها هڪ گهٽيل شــام هــئي اونده ٿيڻ ســان ئي طوفــاني برسات شروع ٿي وئي.
شهر کـان وينـڊز روڊ تي هڪ جيپ وڃي رهي هـئي ڊرائيـور جون نظرون رستي تي کتل هيون. تـيز برسـات جي ڪـري هن کي ٿوري ڏکيائي ٿي رهي هئي. جيپ جي پوئين حصي ۾ ٽي (3) عورتون ويٺل هيون اهي ٽئي پاڻ ۾ ڀينرون هيون ۽ ان وقت ٽـئي غمگين معلوم ٿي رهيون هيون.
اها ڊومينيڪن ري پبلڪ نـالي هڪ ننـڍي رياست هـئي جنهن تي گهڻي عرصي کان هڪ آمر قابض هيو. ان اداس شـام ۾ اهي عورتون لاڪورنيٽو جي بدنام زمانا جيل کان موٽي رهيـون هيـون جتي انهن جا مڙس بغاوت جي الزام ۾ قيد هيـا. انهن کي شـديد تشدد جو نشـانو بنـايو ويو هيو پنهنجي مڙسن جي خـراب حـالت عورتن کي اداس ڪـري ڇڏيو هو.
اوچتو هيڊ لائيٽس جـون تـيز روشـنيون ڏسڻ ۾ اچڻ لڳيـون. ڊرائيور جـون اکيـون تـيز روشـنيءَ جي ڪـري ڏسڻ جي لائق نه رهيــون هيــون. 2 گــاڏيون روڊ جي وچ تي بيٺل هيــون. ڊرائيــور پوري قوت سـان بـريڪ ڏني برسـات جي گـوڙ ۾ ٽـائر ترڪنـدي بيهي ويــا. ان کــان پهريــان جو جيپ ۾ موجـــود مــاڻهو ڪجهه سمجهن ڏسي قد وارن خونخوار ماڻهن جيپ کي گهـيري ڇـڏيو. انهن جي هٿن ۾ جديد اســلحو هيو ۽ چهـــرن تي وحشت ڇميل هئي.
روڊ کان ٿورو پرتي ڪمند جي فصل جون بنيون هيون جنهن کان ٿورو آڏو هڪ گهري کڏ هـئي. اهي مـاڻهو ٽئـني کي گهلينـدا اوڏانهن وٺي ويا. جيپ ۾ پنهنجون گاڏيون ڪچي ۾ لاهي فصل ۾ لڪائي ڇڏيون ۽ پنهنجون هڪ ماڻهو روڊ تي بيهاري ڇڏيو.
ٽــئي عورتــون هــاڻي انهن بدمعاشن جي رحم و ڪــرم تي هيون پر برسات ۾ ڀڄندي انهن جي چهـرن تي خـوف جا ڪي به نشان نه هيا. انهن جا سر بلند هيا.

ڇا اهي بگهيڙ انهن خوبصورت عورتن کي پنهنجي حوس جو نشانو بنائڻ چاهن پيا؟

نه. انهن جا ارادا ان کان به وڌيڪ مکروهه ۽ گهرا هيا. ٻنين تي پهچي انهن تنهي عورتن کي الڳ الڳ ڪري ڇڏيو. جدا ٿيندي انهن هڪ ٻئي تي الوداعي نظر وڌي انهن مان هڪ چيو ”مون کي پنهنجي موت جو قطعي غم نه ٿيندو جيڪڏهن مون کي اهو يقين هجي ته مونکان پوءِ ڪو بندوق کڻندو ۽ جنگ جاري رکندو.“

ڇي گويرا؟ ان ڏکين حالتن ۾ باقي عورتون سهولت سان مسڪرائڻ لڳيون.

ها ٻهرئين ڪنڌ ڌوڻيو اونده ۾ ان جون اکيون چمڪي رهيون هيون.

2 بدمعاش ڊرائيور کي ڌڪيندا هڪ ڪنڊ ۾ وٺي ويا ۽ ٿوري دير بعد ان جون رڙيون ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳيون هو سور کان دانهون ڪرڻ لڳو ۽ پوءِ رڙين ۽ دانهن جو نه کٽندڙ سلسلو شروع ٿي ويو. ڊرائيور تي ڏندا وسي رهيا هيا. ڪجهه دير کان پوءِ هو اڌ مئو ٿي بيهوش ٿي ويو.

ڊرائيور جي رڙين عورتن کي ٿورڙو به خوفزده نه ڪيو. هو هڪ عزم سان گڏ بيٺل هيون. ٿوري ئي دير ۾ اهي بگهيڙ پوري قوت سان هٿين خالي عورتن تي حمله آور ٿي ويا ۽ انهن تي لٺيون وسائڻ لڳا.

ڇا انهن جون رڙيون به اونداهيءَ ۾ گونجيون هونديون؟

نه. ڪمند جي فصل ۾ رڙيون نه ٿيون. هنن پنهنجا چپ پڪوڙي ڇڏيا. هو هر ضرب خاموشيءَ سان سهي رهيون هيون. هنن جي حيران ڪندڙ برداشت دشمنن تي اجان وحشت طاري ڪري ڇڏي ۽ انهن کي وڌيڪ تشدد ڏانهن ڌڪي ڇڏيو. هاٿي هو هنن کي پاسيرين ۾ ٺڏا هڻي رهيا هئا، ٺونشا وسائي رهيا هيا پر عورتن رحم جي گهر نه ڪئي ۽ ڏند پڪوڙي مار سهي رهيون هيون. ڪجهه دير بعد اهي ٿي عورتون به بيهوش ٿي ويون. بدمعاشن عورتن ۽ ڊرائيور کي سندن جيپ ۾ وڌو ۽ گهري کڏ ۾ ڌڪي ڇڏيو. جيپ هيٺائينءَ طرف تيزيءَ سان ڪرندي وئي ۽ پوءِ هڪ ڌماڪي سان زمين سان ٽڪرائجي وئي ۽ ان مان باهه جا شعلا اٿڻ لڳا. قاتل پنهنجي گاڏين ۾ ويٺا ۽ اتان کان روانا ٿي

ويا.

ٽيڪ اڌ ڪلاڪ بعد صدارتي محل ۾ ٽيليفون ڪال آئي. "ڪم ٿي ويو آهي." ريڊيو تي اعلان ڪيو ويو.

تيڪ اڌ ڪلاڪ بعد صدارتي محل ۾ رڪيل ڪاري فون وڳي.

ان مڪروهه منصوبي جي خالق تائين ٽنهي ڀينرن جي موت جو اطلاع پهچايو ويو. ڊومينيڪن ري پبلڪ جي صدر رافيل ٽروجيلر جي لبن تي وحشي مسڪراهٽ ڦهلجڻ لڳي.

"مان ڀينرن کي ڪچلي ڇڏيو" هن جي منهن مان گڦ ڳڙڻ لڳي. "هاڻي ڪوبه مون سان ٽڪرائڻ جي جرئت نه ڪندو."

هو غلط هيو. 25 نومبر 1960ع جي ان لڳ ڪانڌارينڊڙ قتلن بعد جنهن کي حڪومت حادثو قرار ڏيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ملڪ ۾ بغاوت جي باهه ڀڙڪي اٿي. ٽيئي ڀينرون آزاديءَ جو استعارو بڻجي ويون. هر شخص آمر جي خلاف روڊن تي نڪري آيو هڪ سال بعد ٽرو جيلر جو تختو اونڌو ٿي ويو ۽ موت هن جو مقدر ٿي ويو.

ڪنهن زماني ۾ لاطيني آمريڪا کي هڪ بدنصيب علائقو تصور ڪيو ويندو هو. ورهئين هي علائقو ٻاهرين دنيا جي مفادن جي ڪيتي بڻيل رهيو. نوآبادياتي دؤر ۾ غيرن هن علائقي کي تمام گهڻو لتيو ۽ هن جي وسيلن جو بي دريغ استعمال ڪيو. پوءِ هي خطو آمريڪا بهادر جي توجهه جو مرڪز بڻجي ويو جيڪو هتي پنهنجو اثر رسوخ وڌائڻ جو خواهشمند هيو. ان معاشي ۽ سياسي چنبي جي جڪڙ ۾ اتي جمهوريت کي وڌڻ نه ڏنو ويو ان ڪم جي لاءِ هميشه مقامي آمرن کي پنهنجو هٿيار ناهي آزمايو ويو.

رافيل ٽوروجيلر به اهڙو ئي آمر هيو. هي شاطر شخص اقتداري حلقن جي حمايت سان 1930ع ۾ برسر اقتدار آيو. هو فوج جو سابق آفيسر هيو. هن اعليٰ عهدن جي رسائي لاءِ جتي چاپلوسيءَ کان ڪم ورتو اتي چالون به تمام گهڻيون ڪيڏيون. اقتدار ۾ اچڻ بعد هن طاقت جو ڀرپور استعمال ڪيو. جيڪي ان جا محسن هيا انهن جي پٺيءَ ۾ خنجر کوڙيائين.

Partido Dominicano جي نالي سان هڪ جماعت جوڙيائين جيڪا رياست جي اڪيلي پارٽي هئي. نوجوانن لاءِ هن نام نهاد جماعت ۾ شامل ٿيڻ لازمي هيو. شهرين لاءِ پنهنجي ڪمائي جو ڏهه سيڪڙوحصو چندي طور پارٽيءَ جي حوالي ڪرڻ لازمي قانون هيو. 1938ع ۾ هن جي صدارت جو مدو

پورو تي ويو هيو. پر هو ظالم اقتدار سان چنبڙيل رهيو. سياسي جوڙ تـوڙ جي ذريعي هو آخرڪـار فـوج جو سـربراهه بڻجي ويـو. پنهنجي پاليســين تي عمل ڪـــرائڻ لاءِ بي رحميءَ قـــوت جو استعمال ڪيو. عوام کي زندگيءَ جي بنيـادي حقن کـان محـروم ڪري ڇڏيو. مخالفن کي بي درديءَ سـان قتل ڪرايو ويـو. هنن جون ملڪيتون ضبط ڪيون ويــون. 1937ع هن جي حڪم تي سرحدي علائقي ”هيتيءَ“ ـ وڏي پئماني تي قتل عام ٿيو. تــاريخ هن هيبت ناڪ واقعي کي ”سانحئه پيرسـلي“ جي نـالي سـان ياد ڪيو ويندو آهي. هن جي ٽيهه سالن جي دؤر کي ڊومينيڪن جو ڪارو دور چوڻ غلط نه هوندو. لڳ ڀڳ 50 هـزار مـاڻهو انهن 30 ورهين قتل ڪيا ويا.

سچ هي آهي ته ٽروجيلر تاتــارين جي ظلمن جي يــاد تــازي ڪرائي ڇڏي هئي. هڪ پن به هن جي مرضيءَ کان سـواءِ چـري نه ســگهندو هيــو. مــاڻهو ســاهه کڻڻ لاءِ به هن جي اجــازت جا محتــاج هيــا. لڳنــدو هيو ته هو تاجيــات ملڪ جو صــدر رهنــدو. ٽروجيلر کي ان ڳالهه جي ٻڪ هــئي. پر اهو بـــدبخت اهو نه ٻيو ڄاڻي ته رات جيئن جيئن گهري اونداهي ٿيندي آهي صبح اوترو ئي روشن ويجهو هوندو آهي. ظلم جي انتها ظـالم کي ان جي مـــوت تـــائين وٺي وينـــدي آهي. ان جي دؤر ظلمت کي پنهنجي انجام تائين پهچائڻ جو انتظام وقت ڪـري ڇـڏيو هيـو. هي چـار عورتــون هيــون. چــار ئي هــٿين خــالي عورتــون جيڪي پنهنجي مسلسل جدوجهد سـبب اهو مقـام حاصل ڪـرڻ واريـون هيـون جيڪو لاطيــني آمريڪا فقط چي گــويرا کي نصــيب ٿيو هيــو. ڊومينــيڪن ري پبلڪ اميد جي شــمع روشن ڪــرڻ واريـــون هيون. عوام نئون روح ڦوڪڻ واريون هيون انهن چئني عورتن کي تـاريخ ”ميرابيل ڀينرن“ ـ جي نـالي سـان يـاد ڪنـدي آهي. (هلندڙ)

شخصيت

ڪامريڊ ڪاسترو، موڪلاڻي ناهي!

بخشل ٿلهو

”چاڻ آءُ نوي سالن جو ٿيس..... جلد ئي مان به ٻين جهڙو (مري ويلن) ٿيندس. اسان سڀن لاءِ اهو (موت جو) وقت اچڻو آهي پر ڪيوبن ڪميونسٽن جا خيال هن ڌرتيءَ تي ثبوت طور رهندا ته جيڪڏهن انهن (آدرشن) تي جوش ۾ وقار سان ڪم ڪيو وڃي ته اِهي اُهي مادي توڙي ثقافتي شيون پيدا ڪري سگهن ٿا جن جي انسانذات کي ضرورت آهي ۾ جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسانکي بنا ڪنهن جنگ بنديءَ واري جنگ جوٽڻي پوندي.“ هي لفظ هيا فديل ڪاسترو جا جيڪي هُن هِن ئي سال اپريل مهيني ۾ ڪيوبن ڪميونسٽ پارٽي (CPP) جي ستين ڪانگريس جي اختتام تي چيا هئا. چار ڏينهن پهرين پنجويهين نومبر تي، لاطيني آمريڪا جي نرڙ جي ستاري ملڪ ڪيوبا جو اهو انقلابي اڳواڻ 90 سالن جي عمر ۾ گذاري ويو. اڄ پوري دنيا جا انسان دوست ماڻهو ۾ عوام دوست سياسي قوتون سندس احترام ۾ سر نوايون بيٺيون آهن ۾ ڀيهن به ڇو نه؟ ظلم، ڏاد ۾ ناانصافي خلاف ويڙهه ۾ سندن ڪرنگهي جي سڏيءَ هڏيءَ منجهه ڪجهه ست فديل جي ڏنل اتساهه جو به هو، جنهن آمريڪي سامراج جي ڪک ۾ مزاحمت جي اڌ صدي جو مثال قائم ڪيو هو نه صرف ايترو پر ٻاڻ مٿان سي آئي اي جا ڇهه سو ڪان مٿي حملا ناڪام ٿائيندڙ فديل ڪاسترو وندي وندي به پينٽاگان جي ماهر ۾ پيشه ور قاتلن کي وچين آگر ڏيکاريندو ويو. اها فديل جي وچين آگر آهي جنهن کي ڏسي تبي پاهه ٿي نئون چونديل آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ، واچن منجهان


گڦ ڳاڙهنــدي ڪيس آمر ســڏي ٿــو. ان آمر سپ ڪــان وڏو ۽ نه معـــــاف ٿينـــــدڙ آمراڻو ڪم اهو ڪيو هو ته 1959ع ۾ پنهنجي انقلابي سٺ سان ڪيوبا کي آمريڪي سامراج جي ڇاڙتي بتيستا کان ڦـري پنهنجي عـوام کي موٽـائي ڏنو هـو. هلو آمريڪا بهـادر جي ڪاوڙ اجا جهڪي ٿي به وڃي ها جيڪڏهن ڪيوبا ۾ آمريڪي مفـادن کي ڇيهو نه رسي ها پر جيڪــڏهن ايئن ٿـئي ها ته پــوءِ انقلاب ڇا جو هجي ها. انقلاب ڪو صرف اقتدار تي قبضو ٿوڙئي آ. انقلاب ته رياست ۾ ســـــماج جي ڪايا پلٽ جو هڪ مسلسل عمل آهي. هوانا تي قبضي ڪـــانپوءِ زرعي ســـذارن ڪـــان وٺي آمريڪي يونائيٽيڊ فروٽ ڪمپنيءَ سميت ســمورين بــاهرين گهڻ قــومي ڪمپــنين کي خانگــائڻ تــائين، پنهنجي عــوام کي تعليم، صـحت، روزگـار ۽ رهـائش جا بنيـادي حق ڏيڻ ڪـانوني، لاطيـني آمريڪا ۽ آفريڪا ۾ قومي آزادين ۽ سـامراج مخـالف مـزاحمتن جي مدد تائين، ڪوڙ سارا ڪم ڪاسترو جي اڳواڻي ۾ ڪيوبا اهڙا ڪيا جيڪي آمريڪا جي نظر ۾ هڪ آمر ئي ڪندو آهي. تڏهن ته انهيءَ سرڪشــيءَ جي مــوت ۾ آمريڪي ماهرن ننهن چوٽيءَ جو زور ڏئي ڪيوبا تي پابنـــــديون مڙهيـــون ۽ معاشي ناڪابنـــدي ڪئي . ياد رهي ته اها ناڪابنـدي عـــالمي قـــانونن هيٺ صــــرف جنگي صورتحال ۾ لڳائي وينـدي آهي ان کان بغير اها غير قانوني هوندي آهي. اقـوام متحـده ۾ به


فديل ڪاسترو ۽ نيسلن منڊيلا

185 ملڪن انهيءَ ناڪابنـدي جي مختلف وقتن تي پيا مخـالفت ڪندا رهيا پر آمريڪا پنهنجي هوڏ تي قـائم رهيو ۽ ڪيس صـرف اسرائيل جو ووٽ ملندو رهيو جنهن پـاڻ فلسـطين مٿـان سـاڳي ريت ناڪابنـــدي قـــائم رکي ٿي. انهيءَ پابنـــدي ۽ ناڪابنـــدي جو هڪڙو ئي مقصد هو ته جيئن کـاڌ خـوراڪ، دوائن ۽ زنـدگي جي ٻين بنيادي ضرورتن جي کوٽ سبب عوام پاڻ تنگ ٿئي ۽ آمرن؟ منجهان جان ڇڏائڻ جي ڪـوشش ڪـري. ڇو ته مٿان مٿـان ڪـان ڪيل ڪـوششون (بي آف پگز جي لڙائي) ته ناڪـام ٿي چڪيـون هيون. پر آمريڪا جو اهو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيو. ايتريقــدر

جو سموري سوشلسٽ ڪيمپ کي گڙڪائڻ ڪانيوءِ به ڪاسترو ۽ سندس ڪيوبا، چاچي سام جي نڙيءَ ۾ ڪنڊي وانگي اٽڪي پيا جنهنڪي پاڻ ئي ٻاهر ڪڍڻ ڪانسواءِ آمريڪا وٽ ٻيو ڪو چارو نه هو. اهڙو ڇا هو ڪاسترو ۾، جنهن ڪيس ٽٽڻ نه ڏنو؟ اهو هو پنهنجي آدرشن، ارادي، عوام ۾ تاريخ ۾ ويساهه. اهو ويساهه تڏهن به ڪونه ٽٽو جڏهن 26 جولاءِ 1953ع تي موناڪيڊا بيريڪيڊ تي ناڪام حملي ۾ فڊيل جا 56 ساٿي مارجي ويا ۽ پاڻ گرفتار ٿيو، تڏهن به نه جڏهن 2 ڊسمبر 1956ع تي ميڪسيڪو مان ڪيوبا ۾ گوريلا ويڙهه لاءِ لهندڙ ڪامريڊن مٿان هوائي حملو ٿيو ۽ 82 ڪامريڊن مان وچي 12 بچا. تڏهن به نه جڏهن ڪيس پنهنجي جگري يار ارنيسٽو چي گويرا جي موت جي خبر ملي. تڏهن به نه جڏهن سندس آزاد ڌرتي جو معاشي ۽ تجارتي گهيراوءَ ڪيو ويو ۽ نه وري تڏهن جڏهن جڳ مشهور ميزائيل ڪرائيسز ۾ سندس ڌرتي تان نيوڪليائي جنگ جا امڪان سگهارا ٿيا. اهڙي ريت جيئن لُڪ لڳي تيئن رُڪ ٿيا جي مصداق فڊيل هر نئين بحراني صورتحال ۾ اڳي کان اڳرو هو. هو هڪ اهڙي ناکئي جي صورت ۾ ظاهر ٿيو جنهن سامراجي ٽڪساٽن ۾ طوفانن مان ڪيوبا جي بهادر عوام جي ٻيڙي پار پڄائي ۽ سڄي دنيا جي محڪومن ۽ مظلومن کي اتساهيو. فڊيل ڪاسترو ڪيوبا جي ساموندي ڪنارن تي لکجندڙ ارنيسٽ هيمنگوي جي جڳ مشهور لکڻي Old men and sea (ٻوڙهو ۽ سمنڊ) جي ڪردار ٻوڙهي ملاح سينتياگو جهڙو هو. جنهن اهي تاريخي لفظ چيا هيا ته ماڻهوءَ کي تباهه ڪري سگهجي ٿو پر انکي هارائي نه ٿو سگهجي. توهان ڪنهن کي به گولي هڻي يا ڪنهن ٻي طريقي سان ماري سگهو ٿا پر جيڪڏهن ڪو انسان توڙ تائين به آڻ نه ٿو مڃي (سسيفس وانگي سندس انڪار ئي جيڪڏهن سندس هوند جي واحد شرط ٿي پئي) ته پوءِ توهان ان کي هارائي نه ٿا سگهو. فڊيل ڪاسترو به هڪ اهڙو ناقابل شڪست ڪردار طور سامهون آيو، جنهن سيريا ميسٽريا جي جهنگن ڪانوٽي هوانا جي صدارتي آفيس تائين پاڻ ملهايو. عالمي سياست ۾ گهٽ ماڻهو آهن جن کي فڊيل ڪاسترو جيترو مان مليو هجي. 1960ع ۾ اقوام متحده جي گڏجاڻي لاءِ جڏهن ڪيس آمريڪا جي وڏن هوٽلن پاڻ وٽ رهڻ نه ڏنو ته فڊيل اقوام

متحـــده جي آفيس بـــاهران خيمو هـــٽي رهڻ جو اعلان ڪيـــو. تـــڏهن پوئـــتي پيل ڪـــارن جي علائقي جي هڪ هوٽل ڪيس پـــاڻ وٽ اچي رهڻ جي دعـــوت ڏني. جنهن کي فـــديل ســـندس ٽيم بخوشي قبول ڪيو پـــوءِ دنيا ڏٺو ته آمريڪا جي ان ڪنهن قـــدر غريباڻي علائقي جي ڪنهن قدر سادي هوٽل فـــديل ســـان ملڻ لاءِ نيڪيتا خروشيف، جمال عبدل ناصر، ميلڪم ايڪس جواهر لعل نهرو جهـــڙا عـــالمي اڳـــواڻ پـــاڻ اچي پهتـــا. هو غـــير معمـــولي صلاحيتن جو مالڪ هو سڀ کان وڏي صلاحيت وري به سندس پـــاڻ تي پنهنجي عـــوام تي ويســـاهه هـــو. انهيءَ ويســـاهه ئي ته



ڪيس جڳ جهڙو ٽيڻ ڪـــونه ڏنو پنهنجي دور ڪـــان مٿـــيرو ڪـــري بيهـــاريو. سچ ته فـــديل، نيٽشي (Übermensch) جي اعلي انســـان جي تجســـيم هـــو. هڪ اهـــڙو انســـــان جيڪو انســـــانيت جي بهتري لاءِ پنهنجي هر شئي (ذات سميت) داوءَ تي لڳائي ٿو، جيڪو ڪمال حد تائين پنهنجي ذات عـــوام ڏانهن ايمانـــدار آهي، جنهن پنهنجي انـــدر جي انتشـــار تي ضـــابطو آنـــدو آهي جنهن کي معـــروض (بـــاهر) جي انتشـــار کي نظم و ضبط بـــدلائڻو آهي. جيڪو ڌڻ جي نفســـيات خـــوش ڪـــونهي، جيڪو موجـــود قـــدرن کـــان نـــابري واري ٿو پنهنجي ارادي عمل جي پختگيءَ ســـــان تـــــاريخ جي منهن تي نـــــئين چٽسالي ڪري ٿو

جو تجهه سي عهـــدِ وفا اســـتوار
رکهـــــــــــــــــــــــــــــــتي هين
علاجِ گـــردشِ ليل و نهـــار رکهـــتي
هين. فيض

جيئن انسان ذريعي فطرت پاڻ کي ســـمجهي بـــدلائي ٿي. تيئن تاريخ به انسان کي پيدا ڪـــري پـــاڻ ســـمجهي بـــدلائي ٿي. شيخ اياز واهه جو پيٽا ڏيندي فديل ڪاسترو لاءِ لکيو هو ته

ڪي مـــــاٺهو تـــــاريخ ٿين ٿا
گهايل ڌرتيءَ جي سيني جي
اهـــــڙي گهِـــــري چيخ ٿين ٿا

جا هر ڪنهن کي جاڳائي ٿي
جا دنيا کي بـــدلائي ٿي.ــــ
هـاٽي سـير بهـاني نکـري
ڪاسترو جي ڪيوبا يـانکي[i]
ڪيڏي حـيرت سـاڻ ڏسن ٿا
ڪيـڏي حسـرت سـاڻ ڏسن
ٿـــــــــا.ـــــــــــ


فديل ڪاسترو ۽ هوگو شاويز

اهو سچ آهي هڪڙن مـاڻهن جي قد ۽ اٿر کي جــڏهن مــاپڻ لاءِ روايـتي ماپا ڪـتي پونـدا آهن تــڏهن اهي مــاڻهو پــاڻ پين کي مـاپڻ لاءِ هڪ قـدر يا مـاپ جي حيثيت ماڻي وٺندا آهن. فديل به هڪ اهــڙو مــاڻهو هو جنهن جي زندگي ۽ اٿر صرف نـوي سـالن تــائين محـــدود ڪـــونهي. جنهن پنهنجي زنــدگيءَ جو پل پل سـجايو ڪيو ۽ نه صــرف حــال پر انسانيت جي مسـتقبل جي راهه پڻ روشن ڪـئي. تنهنڪـريءِ ئي سنڌين واري روايت کي اڳيان ڪندي اسان به ڪامريڊ فديل کي اهو چئون ٿا ته ڪامريڊ! موڪلاڻي ناهي.

[i] (Yankee)

هُو جو پهڻ پب جو...!
(ڪامريڊ پوهو)

رشيد ٿئي

ڪراچيءَ نوان نوان ويا هياسين. شايد مئي، جــون جا ڏينهن هيا. ڪراچي جي گرمي جي چوٽي الله جي امان! اُتر جا مـــاٽهو، ڏکڻ جي هوا جي جهوٽن تي، اگڻ ۾ سمهڻ تي هريــل، سو انــدر ڪتي تي ننڍ اچي، جنـاح ڪـورٽس ۾ نـوان آيل جونيئر چـوڪرن کي، مين بلڊنگ پويان، بـئريڪن ۾ رهـايو وينـدو هـو. اسـين ست چٽا بئريڪ ۾ رهندا هياسين. تي سکر جا، تي لاڙڪاڻي جا، ۽ هڪ نتي جو. اسان سکر ۽ لاڙڪاڻي وارا سـنجها ٿيڻ سـان ئي ڪتـون بئريڪ پويان، ريلوي پارڊ واري پاسي، ڪڍي رکندا هياسـين. هڪ ٻه ڏينهن مچرن ۾ انجڻن (ريلوي جي) ڪُڙڪـڙڪن ننڊ ۾ رڪــاوٽ وڌي، پر پوءِ اهـڙو هـري وياسـين، جو مچـرن جو آواز ۾ ريل جو گوڙ جڻ لولي ڏئي سمهاريندا هيا.

اهـــڙيءَ هڪ رات جو گهـــري ننڊ ۾ پيو هـــوس، جو ڪنهن جنگهه کي ڏونـڏاڙي ننڊ مـان اٿـاريو. اڪيـون پـٽيم سـامهون ٻه همراهه هڪ قد جا بيٺا نظر آيم. يڪدم منڪر نڪـير ڏانهن خيـال ويم. اڪيــون مهــتي، تــارا ڦوتــاري چتــائي ڏٺم، ته ٻنهي ۾ ڪجهه فرق نظر آيو. ٻئي برابر قد جا ننڍا يا ٻنـدرا هيـا، پر هڪ جو رنگ سـانورو هيو ۽ بـئي جو ڪٽڪـاؤن. هڪ جا وار گهنڊيـدار هيـا، پيو گهـٽي پـاڳي ڪـير ولي لوڙهه بـئي لڳـو. هڪ جا نقش نگـار ۾ ڏڏ سنڌ نمايان هيا، پيو جڻ ڊيٺو، گـول متـول، اصـلي جهـڙو پـٽر جو گولو Boulder.

”رشـــيد يـــتي؟!“ ڪٽڪ رنگي دوٽي درشت ۾ تـــيز لهجي ۾ سوالي انداز ۾ منهنجو نالو ڪنيو.

”هون!“ هاڪاري ۾ جواب ڏئي مان ڪٽ تي اٿي ويٺس.

”ته پوءِ سـاتي، اٿي ته هلـون! دير نه ڪـر. ڪم گهڻو آهي.“

سانوري ٽڪڙو ٽڪڙو چيو ۽ ساٿي جي س ڪي ش ڪري اُچاريو.

”پر توهان آهيو ڪير؟ ڪهڙو ڪم؟ ڪنهن جو ڪم؟“ مان وڌيڪ حيران ٿي ڪٽ تي پلٿي ماري ويٺس.

”مان پوهو آهيان،“ دوٽي ڪٽڪ رنگي وراڻيو، ”پوهو، اي ڪي، ۾ هي شيخ حفيظ آهي!“

چاڻ سڄاڻ سان ئي مان ڪم جي نوعيت سمجهي ويم ۽ اتي سپاتو پائي، بئريڪ ۾ ڪپڙا پائڻ هليو ويم. هڪ به ڏينهن اڳ هڪ ميٽنگ ۾ فيصلو ڪيو ويو هو ته مون کي انهن ٻن نالن وارن همراهن سان گڏجي، رات جي وڳڙي ۾ ڪو ڪم ڪرڻو هو. انهن ٻنهي جا نالا ته گهٽو اڳ ئي ٻڌي چڪو هوس، پر ساڻن ملاقات ان رات پهريون پيرو ٿي هئي. تن ڏينهن ۾ پاڪستان جي پهرين آئين ساز اسيمبلي ۾، ملڪ جي پهرين رٿيل آئين تي بحث هلي رهيو هو، زبان جي مسئلي تي پولاچاري شروع ٿي چڪي هئي. اسان ڪراچيءَ ۾ پڙهندڙ سنڌي شاگردن ۽ اديبن به مهم شروع ڪئي ته سنڌيءَ کي به سرڪاري زبان تسليم ڪيو وڃي. ان وقت بحث به سرڪاري زبان جي حوالي سان هلي رهيو هو، نه ڪي قومي زبان طور. ان ڏس ۾ پمفليٽس، هئنڊ بلس، ۽ اخباري پرچار سان گڏوگڏ پٽين تي چاڪنگ جو پروگرام به ٺاهيو ويو. انهن ڏينهن جي ڪراچيءَ جي سٽي واري علائقي ۾ اهو ڪم اسان ٽن ڄڻن کي ڪرڻو هو.

اسان ٽئي ٻاهر نڪتاسين. بئريڪن جي اڳيان هنن جي سائيڪل بيٺي هئي. ڪم کي آسان بنائڻ لاءِ هنن سنڌي ۽ انگريزي ۾ ٽين جا اسٽينسل ڪترايا هيا. ”سنڌيءَ کي سرڪاري زبان تسليم ڪري“ (A State Language Declare Sindhi) حفيظ سائيڪل تي هلائي. پوهو اڳيان ڏنڊي تي رنگ جو دٻو ۽ برش جهلي ويٺو ۽ مان پويان ڪيريئر تي اسٽينسلس جهلي ويٺس. اهڙي ريت اسان ٽي راتيون ڪراچيءَ جا روڊ ۽ گهٽيون گهمندا رهياسين. منهنجي خيال ۾ ڪراچي ۾ ڇهن ستن سالن ڪانپوءِ پهريون دفعو پٽين تي سنڌي زبان پڙهجڻ پئي آئي. ڪٿي ڪٿي آزاديءَ جي آندولن جا پراڻا لڪيل سنڌي نعرا نظر آيا پئي، جهڙوڪ: ”سوراج زنده آباد“ ”پارت ڇڏي وڃو!“ وغيره وغيره انهن ٽن راتين ۾، پاڪڙا ۾ مليارِي ڇانهن جي ڪوين تي اسان اڻيريون گهريون ڪڇريون ۾ گستاخيون ڪيون، جي سالن ۾ وسڪي جي پيالن تي به جيڪر ڪين ٿين! اهڙيءَ ريت پهرين

ملاقات ئي اسان جي پڪي ۽ پختي دوستيءَ ۾ منتج ٿي.
ٺيڪ پنجاهه سال پوءِ مان هُن سان آخري ملاقات ڪري رهيو هوس. جولاءِ 1983ع ۾ مان وئڪيشن سبب ڪراچيءَ ويل هوس اتي خبر پئي ته پوهوءَ تي بيهر دل جو دورو پيو هو، ۽ هُو گهر آرام ڪري رهيو هو. ان شام جو مان، ڊاڪٽر عمر ۽ منهنجو پُٽ خالد گڏجي وٽس ويا هياسين. اسان جي پچندي ئي هن روايتي ۽ دستوري انداز ۾ سياسي صورتحال ۽ دوستن يارن جي ڪردار تي جوش خروش سان ڳالهائڻ ۽ بحث شروع ڪيو هو. اسان ڪيس ان ڪان روڪيو ۽ طبيعت پڇي. اهڙيءَ ريت ڊاڪٽر جوشيلي ۽ جذباتي موضوع کان ٽاري ڪيس سندس مرض جي موضوع تي وٺي آيو، ۽ احتياطي اُپاءَ وغيره سمجهائڻ لڳو. ان موضوع تي ڳالهائي رهيا هياسين، جو منهنجي هڪ فقري جي جواب ۾ هن مون ۾ اکيون کپائي، آرزومند لهجي ۾ چيو.
”پر پتي! مسئلو اهو آهي، ته مان مرڻ نٿو چاهيان!“ هن جاٽي واٽي انگريزيءَ ۾ چيو! ته جيئن سندس ڏرم پتني شويا (جنهن کي پيار وچان سُلي به سڏيو ويندو آهي) اهو ڪجهه سمجهي نه سگهي.
”ٺيڪ آ! پر اهو تنهنجي هٿ ۾ ته نه آهي!“ ڊاڪٽر چيو هوس، ”۽ ايترو آسان به نه جيئن تون سمجهين ٿو!“
”چو نه؟ جيئري رهڻ جو ارادو اٿم. زندگيءَ مان مايوس نه آهيان، ان سان چاهه اٿم. موت ته مايوسي جو ٻيو نالو اهي. Will Power ئي سڀ ڪجهه آهي!“ پوهوءَ وراٽيو هو.
”ڪنهن حد تائين درست ٿو چوين!“ مون وراٽيو هوس.
”تون پنهنجي ان ارادي سان، آس ۽ اميد سان، موت کي ڪنهن حد تائين ملتوي ته ڪري سگهين ٿو، پر مڪمل طور ختم نه! زندگيءَ جي خودڪار عمل کي هڪ نه هڪ ڏينهن ختم ٿيڻو ئي آهي، تنهنجو ان تي وس نه هلي سگهندو، ان جو نالو ئي.....“
مان پاڻيءَ شويا ۽ پوهوءَ جي ننڍڙن ٻارن ڏانهن نهاريو ۽ چرڪي، جملو اڌ ۾ ئي ڪٽي ڇڏيم. جيتوڻيڪ اسين انگريزيءَ ۾ ڳالهائي رهيا هياسين، پر شويا موضوع کي شايد سمجهي وئي هئي، ۽ ڪنائڻ لڳي هئي.
اها پوهوءَ جي زندگيءَ جي ترئجدي هئي. ڏير سان شادي، ننڍڙا ٻار، ٿوري حياتي، انهن جو آئيندو، عدم تحفظ جو احساس!

هندن ۾ ڏيتي ليتيءَ جي بچڙيءَ رسم ڪري چوڪرين لاءِ ڏاج ڏيڻ جو انتظام. چوڪرن لاءِ تعليم. ان سڀ لاءِ ڊڪ ڊوڙ، پچ ڊڪ، هڻ هٽان، پت ڪوهه! پوهو پئسي ۾ برابرتيءَ جي پنيان پئجي ويو. ڏينهن رات وٺ وٺان. هو ڪراچيءَ جي رستن تي ريس ڪندڙ وهٽن جيان هڪ وهٽ ٿي پيو. جسماني محنت سان گڏوگڏ ذهني پريشانيون، گهٽتيون، فڪر ۾ اولاد ۾ نوجوان زال جي مستقبل لاءِ، هن ڪي ساهي پٽڻ نه ڏني. اوورٽائيم. پارٽ ٽائيم. دل به رت ۾ ماس جي گندڙي آهي، پتر ته نه آهي! هَبڪي، رڪي، ڪيس چتاءُ ڏنائين. پر هن، جو پوهو هو، پب جو پهڻ هو، ضد جو پڪو هو، ان خطري جي گهنٽيءَ ڪان ٿورو خائف ٿي، ساهي پٽي، وري ساڳيءَ رفتار سان هلڻ شروع ڪيو. پيهر دل چتاءُ ڏنس، شوپا ۾ يارن دوستن (ڪيس مٿ مائٹ ڪوبه نه هو) زوريءَ آرام تي آماده ڪيس. ان ڏينهن صبح جو ڪامريڊ مرغوب بخاريءَ ۾ خواجه سليم سان ملڻ ٿيو، جن ان پئي دوري جي خبر ڪئي، مان ان شام جو ساٽس ملڻ ويم، جا ملاقات اسان جي آخري ملاقات ٿي، هو زندگيءَ جي رام کي ريجهائڻ جا جتن ڪري رهيو هو. سندس قوت ارادي ۾ جيئڻ جي آس مان، نه پئي پانيم ته ڪو سندس زندگيءَ جو رام ترت ئي ڪانئس رسي وڃڻ وارو هو!

ٽي چار مهينا پوءِ، ساڳي ئي سال نومبر جو مهينو. جيل مان نڪتي هفتو ٿيو هوم جو سخت قسم جي ٽيون دفعو دل جي تڪليف Intafaction ٿي هئي. ڪٿ چڙڻ جي اجازت ڪانه هيم. شايد 18 نومبر جي رات هئي، رات جا يارهن وڳا هوندا، جو فون جي گهنٽي وڳي، شيام ڪوئيٽا مان ڳالهائي رهيو هو.

”يار! پوهو گذاري ويو!“ دل کي جڻ ڌڪڪو لڳو.

ماٺ!

”ٻڌين ٿو؟ ڪونه؟“ شيام ڪجهه زور سان ڳالهايو.

”ٻڌان ٿو! ڪنهن ٻڌايئي؟ ڪهڙي مهل؟“

”اڄ! هاٽي جيڪب آباد مان ڪشن فون ڪئي.“ ڪشن به پوهوءَ جيان ڪامريڊ سوبي جو نياٽو آهي. ”مان سيان بولان ميل ۾ نڪران ٿو. تنهجو ڇا پروگرام!؟“ شيام پڇيو.

مون ڪيس پنهجي طبيعت کان واقف ڪيو. شيام فون رکي ته مون ڪراچيءَ فون ڪري خالد کي پوهوءَ جي سرن ۾ ڪريا

ڪرم ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ چيو. هو اڳ ئي اوڏانهن نڪري ويو هو، ڊاڪٽر عمر معرفت ڪيس خبر پئجي وئي هئي، پر مون کي منهنجي طبيعت جي مدنظر اطلاع ڏيڻ مناسب نه سمجهيائين.

بمبئي بازار جي اولڊ ٽائون ڪوارٽرس جو هڪ ڪمري وارو فلئٽ منهنجي اکين آڏو ڦري آيو. اهو فلئٽ، جو جڻ اسان جو پيو گهر هوندو هو! جنهن جي وچ ۾ در سان پڙدي ڪٽائي هن بن ڪمرن وارو بڻايو هو. ان فلئٽ تي، اسان گهمندي گهمندي، اڪيون ڪم آڻڻ ۾ خيال ڪرڻ ڌاران ئي، پهچي ويندا هياسين. ان جي رستن، ڏاڪڻين ۾ گهٽين جا جڻ اسان حافظ ٿي ويا هياسين. اتي گرم گرم بحث ٿيندا هيا. گڏيل مطالعا ٿيندا هيا. گڏجاڻيون ٿينديون هيون، مخفي به ته کليل به. پوهوءَ جو پتا ڪاڪو آسو شيواڏاري ۾ سار سنڀار جو فرض ادا ڪندو هو، ته سندس پيڻ رڪمڻي ديوي چانهه پاڻيءَ جي خدمت ڪندي هئي. پوءِ جڏهين پوهو جيل ۾ ويو، يا رپوش ٿيو ته پوڙهي ساٿيءَ ۾ دادي رڪمڻيءَ جي سار سنڀار لاءِ اسان مان هر ڪو هفتي ۾ هڪ به دفعو ان فلئٽ تي ضرور ويندو هو، مان، سوڀو، سرڪي، جويو، ڊاڪٽر انور شيخ. اسان کان علاوه ان فلئٽ جا پيا باقاعدي وزٽرس عطاءُ الله مينگل ۾ شيرو مري هوندا هيا.

پوهو اي ڪي پوهو آسومل ڪوڙ جملاڻي. ڪراچي جو مشهور ٽريڊ يونينسٽ، ڪراچي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري. سن 1947ع ٽائين ڪراچي جي ٽريڊ يونين ۾ ترقي پسند تنظيمن ۾ پوهو جو غلغلو ۾ هاهاڪار هوندو هو. پاڪستان ٺيڻ ڪانپوءِ، هو، هوريان هوريان، ٽريڊ يونين ۾ ترقي پسند تحريڪن ۾ سرگرمين کان پنتي هٽندو ويو. اُن جو سبب، سندس چواڻي، رڳو نون آيل ڪامريڊن ۾ ٽريڊ يونين ۾ گهري آيل ترقي پسندن جي لاشعوري ائنتي هندو فيلنگس هيون. هن جهڙي حساس، ارڏي ۾ تيز سمجهدار ڪارڪن لاءِ اهي سهڻ کان پري هيون. منهنجي خيال ۾ هو 1952ع ٽائين به پارٽيءَ ۾، ڪنهن نه ڪنهن طرح سرگرم رهيو. ان مهل ٽائين نورالدين سرڪيءَ طرفان شايع ۾ ايڊٽ ٿيندڙ هفتيوار "صداقت" (سنڌي) سان هو پريور تعاون ڪندو رهيو، جنهن بعد ڪراچيءَ جي ان ترقي پسند اخبار تي بندش وڌي وئي. ان ماحول ۾ دور ۾ ترقي پسند تحريڪن جي سرواٽي آيل لساني گروهه ڏانهن منتقل ٿي وئي،

ته هي به پنتي هتي ويو. ان دور □ اسانجا ڪيترائي ساٿي □ جهونا ڪارڪن پنتي هتي ويا، سوڀو، جمال الدين بخاري، قاضي مجتبيٰ، عبدالقادر □ عبدالخالق آزاد وغيره وغيره.

پوهوءَ جي رٽائرمينٽ يا واپسي، رڳو سوڀي وانگر سرگرم عمل يا حصي کان ڪناره ڪشي هئي. تحريڪ □ آدرش کي الوداع نه چيو هيائين. هو ڪامريڊ بخاريءَ جيان رٽائر نه ٿيو، جو هر رجعت پرست حاڪم □ آمر مان ترقي پسنديءَ جي جزن □ عنصرن جي ڳولا ڪري □ غر منطقي دليلن سان، انهن جي حمايت لاءِ جواز پيش ڪري، نه ئي هن جي واپسي ڪامريڊ عبدالخالق آزاد جيان هئي، جو رستي تي ڏسي، ته لنوائي روڊ ئي مٽائي وڃي. هن جو ويساه □ ايمان برقرار رهيو. هن اميد نه لاٿي هئي. هن کي يقين هو ته اونداهه جو سفر نيٺ ختم ٿيڻو هو. سجهندي جي سرخ سورج کي راهون اوس روشن ڪرڻيون هيون. جڏهين اسان جي تهيءَ وارو گروپ ڪراچيءَ پهتو (1953ع). مان، سراج، رباني، شيخ حفيظ، عبدالغفور جوڻيجو □ بورڊ جو سيڪريٽري جويو به اتي آيو ته سرڪي، اياز قادري □ احسان بدوي وارن سان گڏجي سنڌي ادبي سنگت جي ازسر نو تنظيم ڪئي سين. سوڀو □ داد ا موتيرام رامواٽي به آيا. پوهوءَ کان به ماٺ ويٺو نه ٿيو. هو نه رڳو سنگت □ سرگرم ٿيو، پر ايس ايم ڪاليج □ داخلا ورتي، شاگرد تنظيم □ به ڪم ڪرڻ لڳو. هن مزدورن جي سياست مان ڪناره ڪشي ڪري، پارليامينٽري سياست □ عمل دخل شروع ڪيو. هو محترم جي ايم سيد جو پرسنل سيڪريٽري رهيو جن تي جي ايم سيد جو گهڻو اثر رهيو. اسان جون هن سان ملاقاتون سنڌ عوامي محاذ جي آفيس □ ٿينديون هيون، جنهن جو هو آفيس سيڪريٽري هو. اها آفيس ڪارپوريشن جي سامهون، بندر روڊ تي، جاگيردار هوٽل پويان، هڪ گهٽيءَ □ هوندي هئي. نعب □ هجڻ تائين هو سيد جو پرسنل سيڪريٽري □ سنڌ نعب جو آفيس سيڪريٽري رهيو. گهڻو ڪري روزانو شام جو هو مون وٽ ايندو هو، جتان سيد جي پٽيل پارڪ واري بنگلي تي ويندا هياسين. مان ڪڏهن ڪڏهن، اڳتي جمشيد روڊ تي پير صاحب (حسام الدين راشديءَ) ڏانهن هليو ويندو هوس. نيٺ اصول □ ارڏائي خاطر هو سيد کي به خيرباد چئي آيو. ڪنهن مسئلي تي اصول جي مدنظر، سيد جي

خلاف ۾ پنهنجي مرضـيءَ سـان ووٽ ڏنـائين. نه رڳو سـيد کي ڇڏي آيو، پر نعب کي به الوداع چيائين.

سـيد کي ڇـڏي هو ڄـام صـادق علي جو سـيڪريٽري ٿيـو، جنهن جو رڳو ڪاروبار سان واسطو هو. ان فرم جي هڪ ملازم فارجري ڪري وڏي رقم جي گهوٻي هنئين. پريءَ بـيڙيءَ ۾ واٽيو ڳورو! اچي هن جي مٿان پئي. هن پوليس جاچ، مقدمي ۾ سـزا ڪي منهن ڏنو. پر اصل ملـزم جو نـالو نه ڏسـيو، جنهن جي ڪيس سڌ هئي. هو ٻهاري هو، سندس نالي نه ڏيڻ جو سبب انسـاني همدردي ۾ اصل جوابدار جي لاچاري ۽ مجبوري هـئي. ان اصل ڏوهاريءَ جي نياٽيءَ جي شادي هـئي ۽ ان لاءِ ئي هن اهو ڪـڏو ڪم ڪيو هـو. هن پريــل، آرزومند گهر کي ڏکن ڏولاون ۾ وجهڻ تي پنهنجي تڪليفن کي ترجيح ڏني. ستن سالن جي سزا ڪــاٽي موٽيو، ته پهريائين ان دوست جي نيـاٽيءَ کي واڌايـون ڏيڻ ويـو. جيل هن لاءِ نئـون نه هـو. سـيفٽي ائڪٽ هيٺ هو اڳ به ڪيـئي پيرا اهو پار پيٺي آيو هـو. ڪـافي وقت انڊرگرائونڊ به رهيـو. سو جيل مان نڪتو ته ڄڻ ڪالهه ويو ۽ اڄ آيو!

پوهو جيـترو ئي انـدر جو سـباجهو ۽ نـرم دل، همـدرد ۽ هڏ ڏوڪي هو، اوترو ئي ٻاهران ڪاوڙيل، درشت، ڪٺور ۽ سخت هـو. ضدي ۾ نٽر به هڪ ئي هو. اصل نهن کي نئون ڪـوٽ! ڪاوڙيل ۾ ارڏو به هڪ ئي هڪ هو. ڪنهن جي پرواهه نه ڪندو. نوابي نـواب کي منهن تي ڦهڪائي ڏيندو. سنگت ۾ ننڍي وڏي سينئر ۾ جونيئر جو لحـاظ نه ڪنـدو. سـيد، جـويي، سـوبي، ايـاز ۾ مينگل کي به اختلاف راءِ جي حــالت ۾، منهن تي هــٽي ڏينــدو. پر سڀ ڪجهه اصــول ۾ آدرش لاءِ. ان ۾ شخصــيات يا ســندس انــدروني ذاتي ڪيفيات کي ڪوبه دخل نه هوندو هو. سـندس ضـد، هـوڙ، اختلاف ۾ ارڏائي. سڀ، اصول ۾ آدرش خاطر ئي هوندا هيا.

جيل مــان نڪتو ته وري بيروزگــار، عطــاءُ الله مينگل جي توسط سـان سـائيٽ ۾ بلوچسـتان جي هڪ پٺـاڻ جي چپ بـورڊ جي ڪارخاني ۾، اڪائونٽنٽ جي جاب ملي ويس. اتي به اصول ۾ زندگيءَ جا آدرش نه ڇڏيائين. سندس ايمانداري، خلوص، ڪم ۾ لڳن، ۾ صـاف گـوئيءَ کيس مـالڪن وٽ مقبـول بڻـايو، ۾ هو سـندس هر ڪـڙي، ڪـوڙي ڳالهه ۾ کيس برداشت ڪنـدا رهيـا. مرڻ گهڙيءَ تائين.

پوهو جيترو ٻاهر جو پڪو، ڪٺور ۾ سخت هو، اوترو ئي اندر جو ڪونئرو ۾ نرم. ٻاهر جڻ ٻهڻ ٻب جو ۾ لوهه جو لڱ، ته اندر، جڻ ميڻ ۾ مکڻ جو چاڻو. جهڙس ظاهر ۾ سخت ۾ ٻزدئي مون هيل تائين ٻيو ڪونه ڏٺو. ڪنهن به مصلحت ۾ موقعي مهل جي نزاڪت کان ناآشنا! ڪنهن سان اصولي اختلاف ٿيس، ڪو راهه تان ٿڪي ويو، ته ڇا جي ياري، ڇاجي دوستي! گهر گهرڻ، ڪيڪر ڪري ويهڻ جي صلاح ڪرڻ ته پري رهيو، اتي در به نه کوليندس. اتان ئي اهڙو جواب ڏيندس (لذيذ گارين سان) جو همراه ڪن چپا ڪري، لُڙهيل دل سان ٻٺتي پير ڪندو. پر ترت ئي ان درشت رويي ۾ ڪٺور ڪئي تي پشيماني ٿيندس. ٻي دفعي ڪٿي اهو دوست يار گڏجي ويس ته معافي وٺڻ (دل رنجائڻ جي) ۾ دير نه ڪندس. پر ان معافيءَ جي اندر ۾ به سندس سياءَ جو سرس دخل هوندو. ”تو منهنجي دل رنجائي، پر موت ۾ مون کي تنهنجي دل رنجائڻ جو حق نه هو. معاف ڪجانءِ. اميد ته وري اهڙو موقعو نه ڏيندين.“ پوءِ ڪافي وقت اهڙي دوست ۾ همسفر جي ڇڄي ڏار وڃڻ تي اندر ئي اندر ٻيو ڳوڙها ڳاڙيندو.

مرڻ کان ست اٺ سال اڳ وٺس ويٺو هوس. يارن جو ذڪر ڪندي هڪ ويجهي دوست شاعر جو ذڪر نڪتو، جو سنڌ ۾ سياسي شهرت به ماڻي چڪو هو. اهو يار سندس ٽيڪا ٽپڻيءَ جو نشانو بڻيو. مون سندس بچاءَ ۾ ڪجهه ڪڇيو ته ٻتال ڪائي رڙ ڪيائين. ”بڪ بند ڪر! وڃي يار کي چئو ته ڪرفتي ڪائڻ بند ڪري. جي ڪيو نه تو ٻڃيس ته سويي وانگر ماٺ ڪري ويهي. اهو گند چو ٿو ڪري!“ مون يار کي پوهوءَ جي راءِ کان واقف ڪيو. سال کن کان پوءِ، ڪراچيءَ ۾ هڪ ڪامن دوست وٽ مان ۾ اهو يار گڏجي وياسين، اتي هن پوهوءَ سان ملڻ جو خيال ڏيکاريو. مون کيس پوهوءَ جي طبيعت ۾ سياءَ کان آگاهه ڪيو، پر همراهه کي سڪ ڪنيو ٻيٺي هئي. نيٺ اچي پوهوءَ جي فليٽ هيٺان ڪار تان لٿاسين. هن ٻن ڏاڪڻ جي چڙهڻ جو جوکم نه کنيون. طئي ٿيو ته مان مٿي وڃي، پوهوءَ جو موڊ ڏسي، کيس اچڻ جو اشارو ڪيان. نه ته هرويرو ڏاڪڻ چڙهڻ جو خفو نه ڪري!

آءٌ مٿي ويس، پوهوءَ يارن کي ويٺي ڪيڏايو ۾ شويا رسوئي

تـاهي رهي هـئي. منهنجي ويهڻ سـان ئي سـويي جي ڪنهن سياسي تجزي تي ٽيڪا ٽپٽي شروع ڪري ڏنـائين. پـوءِ چانهه جو پڇي، چيائين: ”تو وارو شاعر چا تو چوي؟“ هن شويا ڪي چـانهن ڪنڊ نه وجهڻ جو چـئي، اڳـتي چيـو، ”مـون وارو نيـابو ڏنو هيس؟“

مـان سـندس سـويي تي حملا بـڌي بُـڌتر بئجي ويم. نيٺ فيصلو ڪندي چيم. ”مـون وارو يـار آيو آ. توسـان ملڻ جي ڏاڍي سڪ اٿس!“

”ڪراچيءَ آ چا؟“ هن جهنجهڻ بار ڪي ڏيندي چيو، ”بڌو ٿم ته اڄ ڪالهه ڪراچيءَ گهٽو ٿو اچي. سـرڪاري ڪـار، سـرڪاري بنگلو، چو نه اچي!“

”هائو! آيو آهي، هيٺ بيٺو آ!“ مون نيٺ چئي ڏنـو، ردعمل لاءِ ســــندس منهن تڪڻ لڳس. ”چگو ٿيو جو مـــــتي نه وٺي آئينس!“ پوهوءَ پلنگ تان اٿنـدي چيـو، نه ته ڪيس به ايئن خـراب ڪري ڪدان ها، جيئن صبح جو سويي ڪي ڪـديو اٿم. پُڇ سُـليءَ ڪان، ڪيئن سُلي؟“

پـوءِ هو اٿي گئلـريءَ آيـو. هيٺ بيٺل دوست ڏي ڏسـي، ڪيس سڌ ڪيائين. هن مرڪي مـتي نهـاريو چيـو: ”اڙي پوهـو! اجا ڪاوڙ اٿي چا؟“

”ڪـاوڙ جو سـوال نـاهي.“ پوهـوءَ وراٽيس “What is common in between you and me? بنهجا رستا الڳ الڳ آهن. سرڪاري درياري رسـتا چـڏي مـوٽين ته منهن جا در تـولاءِ ڪليل هوندا. تيستائين گڊباءِ گڊلڪ“. هو بن آڱرين سان اشاري ڪانئس موڪلائي، اچي پلنگ تي ويٺو.

”پر پوهو تـوڪي گهر آئي مهمـان سـان ائين نه ڪـرڻ گهربو هو!“ مون چانهه جو ڪوپ پورو ڪندي چيو. ”اهو بنهنجو سـنڌي رواداريءَ جي خلاف آهي!“

”اهي جاگيري قدر آهن. مان انهن فيوڊل ويليوز ڪي مُڃان به نه، منافقي مون نه آهي. جي وٽـدو ته جيءَ جـايون پائينـدو، نه وٽندو ته چائنٺ به نه ٿيندو!“

پر سـاڳي ڏينهن شـام جو اچـرج بئجي ويم، جـڏهن پوهو يار وٽ هوٽل جي ڪمري گهري آيو.

”توڪي شاعر رفيق جي حيـثيت ، اهو سب ڪجهه چـوڻ

جو مون کي حق هو ۽ آهي. پر پوءِ سوچيم ته بحيثيت انسان تنهنجي دل رنجائڻ مون کي نه جڳائبي هئي! ان لاءِ معافي وٺڻ آيو آهيان. معاف ڪندين ته دل تان بوجهه لهي پوندو. نه ته جتي پيا بار، اتي هڪ بيو به!".

دوست اٿي ڪلي، ياڪر پائي ڳل تان چمي ورتس.

"ٿئنڪ يو!" چئي پوهو آلين اکين سان ٻاهر نڪري ويو.

سنڌس نرم دلي ۽ من جي ڪنئرائپ جو اهو حال هو جو مون ڪيس هڪ دفعو، محفل شام غريبان ٻُڌي، روئندو ڏٺو. ڪارادر اثنا عشري خوجن جو امام واڙو سنڌس پاڙي ۾ هو. هڪ ڏينهن محرم تي آءٌ وٽس ويٺو هوس. ان ڏينهن سنجها وقت اياز قادري به اتي آيو. اسان وٽان اتي اياز شام غريبان جي مجلس ٻڌڻ هليو ته اسان به ڳڏيا هليا وياسينس. اياز مجلس ٻڌي روئڻ لڳو. سياويڪ هو ۽ سنڌس مذهبي عقيدي جو ردعمل هو. پر پوهوءَ جي روئڻ حيرت ۾ وجهي ڇڏيم. ٻاهر نڪري جڏهين گهر موٽياسين ته دڳ ۾ ڪانئس روئڻ جو سبب پڇيم.

"يار توهان جي تاريخ جي خبر توهان کي!" پوهوءَ چيو، "پر ذاڪر (رشيد ترابيءَ) منظرڪشي لفظن سان اهڙي ته ڪئ دائڪ ۾ جيءُ جهوربندڙ نموني ڪئي، جو دل پرچي آيم." شويا ڪانسواءِ گهٽ دوستن کي اها خبر هوندي ته هو غائبانه طور ڪيترن بيواهن جي دست رستي ڪندو هو ۽ مسڪين شاگردن کي خرچ پچائيندو هو!.

پوهو ۽ سويو، به پراٽا ساٿي، ڪارڪن دوست، اڳتي هلي ٻنهي ۾ سگابنديءَ جا رشتا ناتا به پيدا ٿيا. پوءِ به پوياڙيءَ ۾ ٻنهي درميان ويڇا ڇو پئجي ويا؟ فاصلا ڇو وڌندا ويا؟ اهو سڀ ڪجهه هڪ طرفو ڇو هو؟ يعني رڳو پوهوءَ طرفان ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جو اظهار، ۽ سويي پاران تڏائپ ۽ ٿائنرائپ وارو جواز ۽ جواب، موٽ ۾ مان!

ان جا ڪي نفسياتي ڪارڻ هيا. پوهو، جي سويي کان وڌيڪ سينئر ۽ لائق ڪارڪن نه هو، ته ان کان گهٽ به نه هو. بلڪه ڪن ڳالهين ۾ مان ڪيس سويي کان به وڌيڪ سرس ۽ سمجهندو هوس. هن جو سياسي اقتصادي صورتحال بابت تجزيو ۾ چيد وڌيڪ صحيح، جامع ۽ سنڌائتو هوندو هو. سوچ ۾ تجزيي ۾ هو وڌيڪ شارپ هو. تيز ۽ دورانديش. هن ٻاڻ کي

تمام گهٽو، يا چئجي ته، مڪمل طور تي ڊي ڪلاس ڪري ڇڏيو هو. ان جي پيٽ ۾ سويي ۾ اجان ڪلاس ڪلامپليڪسز، ڪڏهن ڪڏهن، ڪٿي ڪٿي نمايان ٿي پوندا هيا. ان ڪانسواءِ پوهوءَ جي طبقاتي سوچ به بلڪل واضح ۽ صاف Clear هئي ۽ ڪنهن به ابهام يا ڪامپليڪس کان آجي هئي.

پر، ترئجدي اها هئي، جو ان سڀ ڪجهه هوندي به اسان وٽ منهنجي مراد آهي اسان دوستن وٽ، جن جو اڪثر مٿي ذڪر ڪيو اٿم. پوهوءَ جي پيٽ ۾ سويي کي وڌيڪ اهميت ڏني ويندي هئي! پوهوءَ جي حيثيت ۽ مرتبو، ڪليءَ طرح سويي جي مدمقابل ثانوي يا ٻئي درجي جو هو. ان جو سبب اسان تي سويي جي ذهانت ۽ دانشوريءَ جو هاؤ هو. اسين سڀ سويي کي Intellectual ڏيو سمجهندا هياسين. اسين سڀ سياسي ورڪر گهٽ، اديب ۽ دانشور وڌيڪ هياسين. سويي جو مطالعو وسيع هو ۽ پس منظر ۾ ”شانتي نڪيتن“ جي دستاربندي به هيس. ان ڪري ئي اسان جو سويي ڏانهن رويو پيٽرونائيزنگ هوندو هو. مون کان وٺي جويي تائين، سڀ جو اهو رويو رهيو. زندگيءَ جي آخري دور ۾، خاص ڪري سويي وٽان شاديءَ کانپوءِ ۾ شويا جي رويرو، رويي ۾ اها تفريق ۾ سنڌو پوهو گهٽي محسوس ڪرڻ لڳو. رويي ۾ ان فرق ۾ سَنڌي، پوهوءَ کي ذهني ۽ نفسياتي خلفشارن ۾ مونجهارن ۾ وجهي ڇڏيو. سويي لاءِ هڪ اڻ جاتي، لاشعوري رقابت هن جي اندر ۾ جاءِ وٺڻ لڳي، جا وڌي وڻ تي، آخر نفرت جي روپ ۾ ظاهر ٿي. ايتري قدر جو سويي جو نالو ٻڌي ئي ٻتال ڪائيندو هو. حالانڪه اسان جي دل ۾ ته چا، پر سويي جي دل ۾ به خير هوندو هو. اسان جو مقصد شعوري يا لاشعوري طور، ڪيس سويي کان گهٽ اهميت ڏيڻ نه هيو. پر پوهوءَ جي ذهن تي هڪ تاثر قائم ٿي ويو، جو مرڻ گهڙي تائين نه لهي نه لٿو. ان جي باوجود به سويي جو ڏانهس رويو ساڳيو ئي شفقت ۾ محبت وارو رهيو. ساڳيو ئي رفيقاڻو، هڪ ڪرائيءَ ۾ برابريءَ وارو. پر پوهو لاشعوري طور سويي کان ايترو دور ٿي ويو، جو ڪڏهن ته محظ، اختلاف برائي اختلاف، ساڻس بحث ۾ اتڪي پوندو هو، ۾ متس جهلون ۾ نازيبا لفظن جو مارو ڪندو هو، پر سويو سڀ ڪجهه مرڪي مات ۾ برداشت ڪندو رهندو هو. دل ميري ڪرڻ ڏاران، ڪشاده دلي

سان، هو سندس غلط فهمي دور ڪرڻ جو ادم ڪندو رهندو هو.
سچي، نج سون جهڙي خالص، دوستن جي گهڻ گهري، نرم دل، ڪنئري من ملوڪ ماڻهوءَ جي دل ڪندو به ڪير؟ اختلاف راءِ، تيڪا تبڻي راءِ زني ته درڪنار، ڪڏهين ڪڏهين ته ڪاوڙ اچي گهڻو گهٽ وڌ ڳالهائي ويندو هو. پر خاطري هوندي هئي ته سڀ ڪجهه عارضي هو، دل جي باهه ڪاوڙ ڪڏي ٻاهر پئي اڇلايائين، من مندي يا مير نه پئي رکيائين. هو دل وروڌ يا وير رکندو به ڪين هو. ڪينو ڪروڌ اندر نه ٿي سانديائين، ان ڪري ڪاوڙ پرچي، تارا ڦوٽاري نڙي ڦندائي، گهٽ وڌ وڏي وات ڳالهائڻ کي به سندس ڪري ڳالهائڻ جيان پڌندا درگذر ڪندا هياسين.
بندرو، ڪٽڪ رنگو، گول متول چهرو، اڳيان پيشانيءَ کان متي گنج، جانٺو، هڏ ڪاٺ جو سگهارو، سدائين چست ڦڙت Alert پوهو، جنهن کي رباني سندس ان قد ڪاٺ سبب جنرل گياپ (ويتنامي فوج جو ڪمانڊر) سڏيندو هو، پوين ڏينهن زندگيءَ جي محاذ تي مات کائي ويو، هو حياتيءَ جي ڏاڍاين جو ڪک تي ويو. گهر گرستيءَ جي چڪر قاسي انقلابي پوهو گهر پيڙو تي پيو. سرڪيءَ کان پوءِ، هي اسان جو پيو دوست ساٿي هيو، جو شادي اسان کان کسي وئي، هو زندگيءَ جي رام کي ريجهائيندو. پر زندگيءَ جو رام کيس راتو ڏئي ويو. سرمائيداري سماج ان جون گهر گهرهستيءَ جون گهرجون تقاضائون انهن جي بحرانن هن کي مانڌاڻ مانداڻ منجهائي چڏيو.
سرمائيداري سماج جي لازمي حالتن، عدم تحفظ، غير يقيني آئيندو، ضروريات زندگي سهولتن جي فقدان، هن کي لڳاتار ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪيو. حساس، جذباتي زندگيءَ جي موت، مثان مسلسل ڏک پچ پچان، جاڪوڙ، ٻهڻ جهڙي پوهوءَ کي به پگهاري وڌو، لوهه وارن لڱن جي فولادي دل به تاٻُ ڪاڏو تڙي. هن ٻنهنجون ذميواريون نڀايون. پر دل ساٿس دغا ڪري وئي. حساس، ايماندار، سچي ماڻهوءَ لاءِ هن سماج وٽ پيو آهي ئي ڇا؟ سرمائيداري جاگيري سماج ڪيترو نه خودغرض، مطلبي، مفاد پرست، ڪنور ستمگر آهي؟ ان جو ثبوت اهو آهي جو اهو پوهوءَ جهڙن اهڙن ڪيترن ئي انسانن کي ڳڙڪائي ويو آهي، جي ڪيس لالڪارين ٿا، يا سندس رخ جي راهه اچن ٿا، پوهو

واڳوءَ کي نه ماري سگهيو، پر واڳو کيس ڳڙڪائي ويو.
هن زندگيءَ جو راهه ربحهائڻ لاءِ (پنهنجن ٻارن جي زندگي) عملي سياست ۾ سرگرمين تان هٿ کنيون، زندگيءَ جي تقاضائن سان مصلحت ڪئي، پر پنهنجي اصولن ۽ آدرشن جي قيمت تي نه. اها ئي سندس غلطي هئي. ٻن ٻيڙين ۾ سفر ڪرڻ هن لاءِ ته ڇا ڪنهن لاءِ به ممڪن نه آهي. هن سچ ۽ آدرش جي ٻيڙي به نه ڇڏي، سماجي ٻنڌڻن ۽ حالتن سان ساز ٻاز جي ڪشتي تي به لانگ رکي. ان هن جي اندر ۾ سوين گهوٽالا ۽ تضاد پيدا ڪيا. انهن جي ڪشمڪش نيٺ سندس سِر ڪنيو، ٻب جو ٻهڻ پورا پورا ٿي ٻيو، لوهه جو گت رجي نمي جهري پيو!

پوءِ ڏس ته مرشد جي نظر ڪيئن ٿي تنهنجا
سڀ درد دور ڪري. پنهنجي شڪل کي ڏٺو اٿئي
ڪيئن لڳي پئي آهي. ڊگري پاس ڪئي سال ڪان
متي عرصو ٿي ويو آهي پر اڃا تائين بيروزگار
آهين پيو الميو اهو ٿيو ته جيڪا چوڪري چار سال
يونيورسٽي ۾ توسان گڏ رهي ۽ پوءِ هميشه لاءِ
توسان گڏ رهڻ جا واعدا ڪيا ان ته سي ايس
ايس آفيسر سان شادي ڪري ڇڏي. هاٽي ڏس!
ان عمر ۾ تون بيروزگاري ۽ بيوفائي جا درد
آسانيءَ سان سهي ڪونه سگهندين تنهنڪري ان
ڪان اڳ ۾ جو خودڪشي جا خيال توکي گهٽو تنگ
ڪن هلي منهنجي مرشد جا پير پڪڙ پوءِ ڏس ته
سڪون ڪيئن ٿو سمنڊ جي لهرن وانگر تنهنجا
قدم چمي. اسان فقيرن جي رنگ ۾ رلجي ته
ڏس! سڀ بلائون دور ٿي ويندئي. اسانجو مرشد
ڪو جهڙو تهڙو ناهي. ٻاهرين ملڪ مان پڙهي آيل
آهي. هن کي مهرباني ڪري ڳوٺ جو اڻ پڙهيل
مرشد نه سمجهه جيڪو غريب هارين ۽ نارين
کي پيو تنگ ڪندو آهي. بس همت ڪر. مان نه ٿو
چاهيان ته منهنجو دوست ٻي روزگاري ۽ بيوفائي
جي دردن سبب خودڪشي ڪري ڇڏي.“

عامر هڪ شام منهنجي اداس ۾

پريشان چهري کي ڏسي اهي
سڀ ڳالهيون هڪ ساهيءَ ۾ چئي
ويو هو. چاڪاڻ ته ڪجهه مهينا
پهرين هن جي ملاقات باهرين
ملڪ مان پڙهي آيل هڪ اهڙي
مرشد سان ٿي جيڪو اولهه جي
ملڪن جو علم، عقل ۽ شعور اتي
رکي هتي تصوف جو ڏاڳو ڪٽي آيو
هو ۽ ان ڏاڳي جي ڪرامت سان
هن مختلف ماڻهن کي ٻَڌڻ شروع
ڪيو ته جيئن اهي باطل دنيا جي
محبت دل مان ڪڍي ان ۽ مرشد
جي محبت کي جاءِ ڏين ته جيئن
انهن جي روحن کي سڪون ملي.
عامر منهنجو عزيز دوست آهي.
سادي دل ۽ دماغ رکندڙ منهنجو
هي دوست جلدي هڪ اهڙي ٽولي
۾ شامل ٿي ويو جنهن ۾ هر
شخص کي شامل ڪرڻ هن جي
زندگيءَ جو مقصد بڻجي ويو.

ان شام، هو منهنجي ناڪامين ۽
مايوسين جو فائدو وٺي مون کي
ان ٽولي ۾ شامل ڪرڻ جا جتن
ڪري رهيو هو. مون هن جي
ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي
هئي ۽ دوستن ۾ سگريٽ جا
ڪش هڻي پنهنجي ذات جي
بيگانگي ۽ زندگيءَ جي بي مقصد
هجڻ تي سوچڻ لڳس ته هن وري

گالهـــائڻ شــــروع ڪيــــو.

”يار تون سمجهين ٿو ڪونه ٿو.
عبـــادتون ۽ رياضـــتون ئي تـــه
ڪرڙيـون آهن. ڪجهـه ورد هونـدا
ڪجهـه تسـبيحون. بس اٿ تـه اچ
تــوکي مرشــد ســان ملايــان!“

”عامر بهتر ٿيندو ته تــون ان خفت
۽ پـــاڻ ئي رهـــه. مـــون کي
پريڪٽيڪل انسان ٿيڻو آهي ان جي
ڪـري انهن رياضـتن ۾ ٿـواين جي
چڪـر ۾ اچڻ جي موڊ ۾ نه آهيـان.
پـــاڻ کي ضـــايع نـــاهي ڪرڻـــو.“

”اڙي تـون ضـايع ٿـو ڪنـدين پـاڻ
کي؟ پريڪٽيڪل ته مان به آهيـان.
ماسٽري ڪندو آهيان، ٽيوشن ڏيان
پيو ۽ پنهنجا ٻچڙا پاليان پيـو. سـڀ
ڪجهه صحيح ٿـو هلي چاڪـاڻ تـه
هاڻي مرشد جون دعائون گڏ آهن.
پهرين منهنجو چهـرو بـه تـو وانگـر
هونـدو هــو بس جنهن ڏينهن کــان
مرشد کان فيض مليو آهي زنـدگي
پرســـــــــڪون ٿيڃي وئي آهي.“

”جهــــــــــالت وڏي رحمت آهي
دوســــــــــــــــــــــــــــت.“

”چــــــــــــــــــــــا مطلب؟“

“I said ignorance is bliss.”

اچا، تون چوڻ چاهين پيـو تـه مـان

اڻ جاڻائي کي رحمت سمجھان
تو؟

”مون کي جيکو چوٽو ھو اھو چيم
تون جيکو سمجھھ ھاٽي.“

”وڏا تو اجکلھ کافرن جا کتاب
گھٽا پڙھڻ شروع کري ڏنا آھن
تنھن کري انھن جو اثر تي ويو
اتئي.“

”ھا انھن جو اثر آھي تہ بوءِ مون
کي چوڻ ڏي تہ عقل جون سب
دريون بند کرڻ کانپوءِ سکون ئي
سکون ھوندو آھي.“

”نہ وڏا تون غلط آھين۔ صرف
سکون چو؟ تون باڻ ڏس سکون
سان گڏ مون □ ھاٽي کيتري
تبديلي آئي آھي؟“

”کھڙي تبديلي آئي اتئي عامر؟
بھرين ڏاڙھي ھٺ جيتري ھئي
ھاٽي ٺونٺ جيتري تي وئي آھي.
بھرين مٿي تي ٽوپي پائيندين ھئين
ھاٽي ٽوپيءَ مٿان پٽکو بڌو اتئي.
بھرين سوٽ بوٽ پائيندي ھئين
ھاٽي شلوار قميص پائيندو آھين.
ان □ انقلاب ھي آيو آھي جو تو
پاڇا کجھھ وڌيک مٿي کري چڏيا
آھن. ھي تہ تي تنھنجي باھرين
تبديلي باقي ذھني طور ايترو
تبديل ٿيو آھين جو بھرين کجھھ

نارمل لڳندين هئين هاٽي ڪٽريٽو تنهنجي دماغ □ گهر ڪري ويو آهي.“

”پوءِ اها به تبديلي ئي چئبي نه وڏا؟ معنيٰ ڪو نه ڪو رنگ ته چڙهيو آهي. هاٽي شاباس! اُٺ مرشد جو صرف هڪ دفعو ديدار هلي ڪر. مان نه تو چاڻيان ته تون بي روزگاري □ بي وفائي جي دردن □ وڪوڙجي خودڪشي ڪري ڇڏين.“

”منهنجي خودڪشي جي پرواهه نه ڪر عامر! تون ان ڳالهه جي پرواهه ڪر ته تو پنهنجي عقل ڪي خودڪشي ڪرائي ڇڏي آهي. تنهنڪري مان وڌيڪ ڳالهائڻ نه ٿو چاهيان.“ مان ڪيسي مان هڪ بيو سگريٽ ڪڍي ان کي دکائڻ لڳس ته عامر چيو.

”ان سگريٽ کي سهارو بڻايو اٿئي منهنجي مرشد کي ڇو نه ٿو سهارو بڻائين؟“

”شايد ان جي ڪري ته سگريٽ گهٽ نقصانڪار آهن.“

ائين چئي مان وات مان دونهون ڪڍي ڪمري □ چهل قدمي ڪرڻ لڳس □ محسوس ڪَيم ته عامر جو چهرو ڪاوڙ □ ڳاڙهو ٿي رهيو

آهي پر مون ڪمري ۾ گهمندي
وري ڳالهائڻ شروع ڪيو.

عامر منهنجي هڪ ڳالهه ياد
رکجانءِ انسان پنهنجي طبيعت ۾
هميشه ساڳيو ناهي رهندو. تصوف
جو رنگ شروع شروع ۾ ڏاڍو
وڻندو آهي پر سماجي ۽ معاشي
تبديليون ان رنگ کي هميشه لاءِ
ساڳيو نه رکي سگهنديون آهن.
تون پنهنجي ذات تي تصوف جون
پابنديون لاڳو ڪري سگهين ٿو. ٿي
سگهي ٿو تون نندڙا نندڙا ڪوڙ
هٽڻ ڇڏي ڏين، رشوت ۽ سماجي
برايون ڪان پري رهين؟ پر سوال
هي آهي ته ڪيستائين؟ هڪ ٻن
سالن تائين تون پاڻ کي ڪوڙ،
رشوت ۽ گلا کان روڪيندين ان
کانپوءِ تنهنجي لاءِ ائين ڪرڻ خود
مشڪل ٿيڻي ويندو. پوءِ جي
اکيون ٻوٽي ۾ سيني برايون باوجود
ان ٽولي سان رهڻ چاهين ته
تنهنجي مرضي پر جيڪڏهن
اکيون کلن ته جيڪي پئسا مرشد
جي هٿ تي رکندو آهين ان مان
سماج جي غريب ۽ يتيم ٻارن جي
مدد ڪرڻ شروع ڪجانءِ ته دل
کي وڏيڪ سڪون ملندئي. پر
منهنجي اها ڳالهه ياد رکجانءِ تون
ان ٽولي سان ڪجهه سال رهندين

بــــــوءِ يجي نڪرنـــــــدين.“

مان سگريت ختم ڪري جڳ مــان
ٻــاٽي ڪـــدي ٻـيٺڻ لڳم منهنجـــو
دماغ زنـدگيءَ جي بي معنيٰ هجڻ
تي مـون کي تنگ ڪـرڻ لڳــو هــو
مـــون کي ٻنهنجي محبوبـــه ســـان
گذاريل يونيورسٽي جا ڏينهن اوچتو
ذهن ۾ اچڻ لڳا هئا ۽ ٻنهنجـــو ٻــاڻ
کي خالي خـالي محسـوس ڪـرڻ
لڳو هئس. عشق بـه عجيب شـيءِ
آهي اهو زندگيءَ کي ڪجهه ڏينهن
لاءِ ڪيـترو بامقصـد ۽ خوبصـورت
ٺـائي وٺنـدو آهي ۽ جيڪـڏهن بـه
مـاٺهو هڪبـئي کي نـه ســمجهي
سگهن ته اها ئي خوبصورت شيءِ
بدصــــورت ٺجي وينــــدي آهي ۽
زنـدگي ايـتري بي مقصـد لڳنـدي
آهي جيــتري ان مهـــل مـــون کي
منهنجي لڳي رهي هــــــــــئي ۽
خودڪشـي جي خيــال بــه واقعي
تنـــــگ ڪـــــرڻ لڳـــــا هئـــــا.

”مان اتـان يجي نڪرنـدم؟“ عـامر
ڳالهــــــائڻ شــــــروع ڪيــــــو.

”ائين نه ٿيندو. مان ٻنهنجو ٻاڻ کي
مرشــد جي حــوالي ڪــري چــڏيو
آهي. ڏس تنهنجـــو چهـــرو ڪيــترو
اداس ۽ پريشــان لڳي رهيــو آهي.
جواني ۾ بي روزگاري ۾ بي وفائي

جا ڏک!! اف ڙاڍا خطرناڪ هوندا آهن. مون کي هاڻي تنهنجي ان حالت تي رحم اچي رهيو آهي. اٿ مان توکي مرشد ڏي وٺي هلان. يار هو تو وانگر پڙهيل لکيل آهي. سائين ٻاهرين ملڪ مان آيو آهي.“

مان هن کي تنگ ڪرڻ لاءِ مذاق ڪيو.

”يار پنهنجو امپورٽيڊ مرشد پاڻ وٽ رک. ٿي ڪلاڪ تنهنجي مرشد وٽ ويهڻ کان بهتر آهي ته اهو وقت پنهنجي ڪتابن سان گذاريان.“

”تون منهنجي مرشد کي امپورٽيڊ چيو؟ ڏس تون مون کي جيڪو وٽين سو چئو مان پنهنجي مرشد خلاف هڪ اکر به برداشت نه ڪندس.“

”واهه! چا نه ڪمال تبديل ٿيو آهين مرشد جي صحبت ۾ جو هاڻي دوست جون ڳالهيون برداشت ڪرڻ جي لائق ناهي نرهيو. خير آهي ادا پنهنجي ان غلامائي سماج ۾ وجودي بحران وڌي پيو چاڪاڻ ته سماجي ۽ معاشي حالتون غير يقيني آهن. مان جيئن به آهيان پنهنجي سيني

ارمــانن، مايوســين، ناڪــامين ۾
برباد ٿيل خوابن باوجود جيئڻ جي
لائق آهيان. مون کي منزل تي پار
پڄڻ لاءِ ڪنهن مرشد جي
ضرورت نه آهي."

"ادا ڦِٽي تنهنجو منهن!! ڪافرن جا
ڪتاب پڙهي تو پنهنجو خانو خراب
ڪري ڇڏيو آهي. تون منهنجو
دوست آهين سوچيم ته توکي
سڌي راهه تي آڻيان ته جيئن قبر ۾
دوزخ جي عذاب مان ڇوٽڪارو
ملي. پر تون به روزگاري ۽ بي
وفائي جي ٻاهه ۾ وڃي سڙ!!"

"منهنجي لاءِ فڪرمند ٿيڻ جي
مهرباني بس ايترو ياد رکجانءِ ته
شخصيت پرستي ۾ ايترو نه ڦاسي
وڃجانءِ جو پنهنجي گهرواري ۽
ٻارن جا حق ادا نه ڪري سگهين.
۽ پوءِ جنهن ڏينهن اکيون کولي ته
خبر پوي ته مرشد جي چڪر ۾
اچي تو گهروارن جا صحيح حق ادا
نه ڪيا."

عامر ڪاوڙ مان پنهنجي ڏاڙهي ۽
پٽڪي تي هٿ رکي انهن کي
صحيح ڪرڻ لڳو ۽ تيز آواز ۾
چيائين.

"اسان جو مرشد اسان کي
انسانيت ۽ خدا سان پيار ڪرڻ

سيکاري ٿو. هو اسان کي رستو
ٻڌائي ٿو ته خدا جي ذات جي
قريب ڪيئن اچجي. هو ٻڌائيندو
آهي ته هي دنيا فاني ڪوڙي
آهي ان کي ڇڏي آخرت جو فڪر
ڪيو. ان دنيا ڪجهه ناهي رکيو
اصل زندگي موت کانپوءِ جي
آهي. پر تنهنجي دماغ اهي
ڳالهيون نه اينديون ڇاڪاڻ
ڪافرن جي ڪتابن توکان مت
کسي ڇڏي آهي.“

”نيڪ آهي منهنجي مت کسيل
آهي پر تون ان ڳالهه تي سوچ
جيڪو مرشد توهان کي ٻڌائي ٿو
ته هي دنيا باطل ڪوڙي آهي
آخرت جو فڪر ڪيو ته پوءِ ائين
ڇو آهي جو تنهنجي مرشد وٽ
ڪارون، بنگلا، نوڪر، خادم، بينڪ
بيلنس دنيا جون سڀ سهولتون
آهن؟ ڇو مرشد ٻنهنجي مريدن
تي هر مهيني ڪجهه نه ڪجهه
نئون وني ڏيڻ جو بار رکندو آهي؟
هي دنيا ڪوڙي باطل آهي ته
پوءِ ڪڏهن مرشد کي چئو ته
سائين سکن واري زندگي ڇڏي
شاهه لطيف وانگي وڃي ڪا ٽڪ
وسايو ته خبر پوي باقي ٻنهنجي
لاءِ مريدن جي پئسن مان سڀ
سک گڏ ڪري وري انهن کي چئو

ته دربدري جي زندگي بهتر آهي.
ان دنيا کي ڇڏي آخرت جي فڪر
ڪيو. مرشد پاڻ بيمار ٿي ته
ڊاڪٽرن جون دوائون چيڪ اپ
 مريد بيمار ٿئي ته ان کي
دعائون ڏئيءِ ٺيڪ ڪرڻ جا
دلاسا؟“

مون ڏنو هاڻي هو صفا باهه ٿي
ويو آهي هن کي منهنجي ان
سوالن جا جواب بلڪل وڻيا نه
آهن. عامر ڪاوڙ اٿيو پنهنجي
پٽڪي ٽونٽ جيڏي ڏاڙهي کي
هٿ هٽي چيائين.

”توتي مغربي تعليم جا اثر وڌي
ويا آهن. ڪافرن جي ڪتابن توکان
مت کسي ورتي آهي. هونءَ به
مرشد چوندو آهي خدا جنهن کان
رسي ان جي مت کسي. مون کي
توسان بحث ناهي ڪرڻو! خدا
حافظ.“

عامر ڪاوڙ مان اهو چئي هليو ويو
هو. ان ڪانپوءِ چار سالن تائين هن
سان ڪو رابطو نه ٿيو. باهمي
دوستن کان خبر پوندي رهي ته
هو پنهنجي مرشد جو الم ڪٽي
سڄي سنڌ تبليغ ڪندو رهندو
آهي. هي دنيا باطل آهي. جنهن
جو ڪو مرشد ناهي ان جو مرشد

شيطان آهي جا جملا ڳالهائي پاڻ پاڻ جهڙن سادن ۾ ابوجهه ماڻهن مان دنيا جي محبت ڪڍي مرشد جي محبت ان جي دل ۾ وجهڻ جي جستجو ڪندو رهندو آهي، جيڪو دوست هن جي ڳالهين ۾ نه ايندو هو هي انهن سان تعلق ختم ڪري رهيو هو.

اڄ چئن سالن کانپوءِ هن جي فون آئي ۾ هن مون سان ملڻ جي خواهش ڏيکاري ته مون منع نه ڪيو. مان پنهنجي ڪمري ۾ هن جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو هُئس. پوءِ هو آيو.

هو جڏهن منهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيو ته هو پراڻو عامر لڳي رهيو هو. هن کي سوٽ بوٽ پاتل هئا ۾ ڏاڙهي جي سائيز به شروع واري کان هلڪي هئي ۾ وارن جي سينڌ بهتر نڪتل هئي جتان ٽوپي غائب هئي. مان هن جو اهو روپ ڏسي گهڻو ششدر نه ٿيس ڇاڪاڻ ته جنهن شيءِ ۾ گهڙيو هو ان ۾ گهڻي دير تائين اهو فرد رهي سگهي ٿو جنهن جا اُن ڪرت مان ذاتي مفاد پورا ٿيندا هجن يا جنهن پنهنجي عقل جو استعمال ڪرڻ ڇڏي ڏنو هجي.

جڏهن هو آيو ته اسان ڏاڍي سڪ
□ محبت سان هڪ ٻئي سان
ملياسين □ مان هن سان هيڏانهن
هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ
شروع ڪيون پر هو ٻاڻ مرشد
جي موضوع تي آيو □ ڳالهائڻ
شروع ڪيائين.

"يار تون صحيح چوندو هئين. چئن
پنجن سالن جو تجربو ڏاڍو خراب
ثابت ٿيو."

"ڪهڙو تجربو؟"

"يار مرشد وارو!"

"ڪهڙو مرشد؟"

"يار توسان آخري واري ملاقات □
جنهن سبب ڪاوڙ ڪئي هئي."

"او! اڇا تو وارو امپورٽيڊ مرشد."

"ها. مون وارو امپورٽيڊ مرشد!
يار ڏاڍي دير سان خبر پئي ته هن
منهنجي زندگيءَ کي جڻ اصل
خوشين کان پري ڪري ڇڏيو هو
□ هڪ اهڙي دنيا □ ڦاسايو هو
جنهن دماغ کي اصل حقيقتن کان
پري ڪري ڇڏيو هو."

"چئو اهڙو ڇا ڪيائين؟"

"بس يار نه پڇ!! گذريل چئن
مهينن کان ڪيتري ڪرب □ تڙپ
□ گذاريا آهن."

”بـــــر اهـــــڙو ڇـــــا ٿيـــــو؟“

”مـــان مرشـــد ۽ ان جي وات کي
ڇـــــــــــــڏي ڏنــــــــــــو آهي.“

”ظالم! تو ته ڪـافرن وارا ڪتـاب
نـه پڙهـا هئـا پـوءِ اهـو رسـتو ڇـو
ڇڏيئـه. مرشـد کي ڇـڏي هـاڻي
شيطان کي مرشد ڪيو اٿئي ڇا؟“
مون مـذاقن هن کي چيـو ڇاڪـاڻ
تـه هن جي چهـري مـان ڪـرب ۽
تڪليف واضح نظر اچي رهي هئي
۽ مان ان کي دور ڪرڻ چاهيو پر
ناڪـــــام رهيس ۽ هن ڳالهـــــائڻ
شــــــــــــروع ڪيــــــــــــو.

”يـار چـار مهينا پهـرين مـون کي
انهن جي ڊرامي جي خـــبر پئجي
وئي ته ڪيئن اهي سادن ۽ ابوجهه
مـاڻهن کـان وٺي يونيورسـٽين جي
پروفيسـرن، بئنڪ آفيسـرن ۽ اين
جي اوز ۾ ڪم ڪنــــــــدڙن کي
قاسائي مرشد ۽ ان جا خاص چيلا
پنهنجيءَ دنيا ۽ ٻارن کي سکيو رکڻ
تا. مون تي انهن جو اهڙو اثـر ٿيـو
هو جو انهن جي مشـن کـان علاوه
ٻي ڪا شيءِ پياري نه لڳندي هـئي
اسٽائين جو پنهنجي ٻارن جـو ٺيڪ
طرح خيال ڪرڻ ڇـڏي ڏنـو هـو.“

عامر ڪافي جذباتي ٿيجي ويو هــو
۽ مــون مناسـب نـه سـمجهيو تـه

مـــــــــــداخلت ڪيـــــــــان.

”مـان سـچي سـند ۾ سـائين جي
پيغـام جـــو پرچـارڪ بڻجي ويس.
توکي خبر هـئي چـار سـال پهـرين
ڪيـترو ڪمائينـــدو هئس پــر تنهن
هونـدي جيڪـو ڪجهـه بچنـدو هـو
مرشــــد جي وات ۾ ڌئي چڏينـــدو
هئم. مـان هي چـار سـال مرشــد
جي عشــــــــــــــق ۾ گم هئس.“

”تورو ترس عامر! اهو مرشد جي
عشق کان بهـتر آهي تـه ائين چئـو
ته شخصـيت پرسـتي ۾ تـون چـار
ســــــــــــال گم هـــــــــــئين۔“

”ها ڪجهـه به هجي پـر چـار مهينـا
پهرين جيڪـو واقعو ٿيو ان منهنجي
اکيـان سـب ڪجهـه عيـان ڪـري
چـــــــــــــــــــــــــــــــــــڏيو.“

”ڪهـــــــــــــــــــڙو واقعـــــــــــــو؟“

”ٿيو هـيئن جـــو چـار مهينـا پهـرين
مرشد جي بنگلي تي امير ۽ پڙهيل
لکيل مـاڻهن جـو ميڙ ڳـڏ ٿيل هـو.
اهي سـب مرشـد جي ديـدار ڪـرڻ
۽ مريد ٿيڻ لاءِ آيل هئا. هــر طـرف
حمــد ۽ نعت پــڙهجي رهيـا هئـا ۽
مــاحول ڏاڍو پرسـڪون هــو اهـڙي
ماحول ۾ چا ٿيندو هوجو مرشد جا
چار مريد هوندا هئا جن جي اکين ۾
مرشد ڏسندو هــو تـه اهي ڏڪنـدي

ڏڪنـدي بيهـوش ٿي وڃي ڪرنـدا
هئا. ان رات چار جڻا موجود هئا پـر
هڪ جڻـو ايمرجنسـي سـبب اتـان
هليـو ويـو هـو تـه ان جي جـاءِ تي
مون کي ڪنيو ويو چاڪـاڻ مـان بـه
مرشـد جـو قـريب سـچو مريـد
هونـــدو هئس. مـــان ان رات ڏاڍو
خـوش هئس تـه سـائين جن اهــو
شرف مون کي ڏنو ته مان سـائين
جي نظــرن جــو تجلــو نــه سـهي
ســـگهان وجــــد اچي ڪنهن
پرسڪون دنيا هليـو وڃـان. مـان
تمـــام گهڻـــو خـــوش هئس بي
صـــبري سـان پنهنجي واري جـــو
انتظــــــــــار ڪــــــــرڻ لڳس.

سـائين جــو خـاص خليفــو تقريــر
ڪري رهيو هو اهو آيـل مهمـانن
کي مرشـد جي ڪـرامتن پـاڻي
پڙهي ڏيڻ سان مريضــن جي ٺيڪ
ٿيڻ جـا ڪـوڙا سـچا واقعـا بـڌائي
رهيـــو هـــو. جيڪي عقيـــدي هجڻ
سبب مون کي به سچا لڳنـدا هئـا.
پوءِ واري واري سان ٿئي مريد آيـا
جن جي اکين مرشد ڏنو انهن
جا حواس خطا ٿي ويا وجدان
اچي ڪـــري بيهـــوش ٿي ويـــا. پـــوءِ
مرشد رڙ ڪري انهن کي سڏيو ته
هڪ دم اٿي ويهي رهيــا حــال
ويٺــل پڙهيــل لکيــل پروفيســرن

بئنڪ □ اين جي اوز جي آفيسرن
جي ”عقل“ بقـــــــــــول تنهنجي
خودڪشي ڪري ڇڏي □ حيران □
پريشان ٿي مرشد جي ڪرامت
تي داد ڏيڻ لڳا. بحرحال مان ڏاڍو
خوش هئس ته توري دير ڪانپوءِ
مان مرشد جي نظرن جي اڳيان
هونــــدس □ مرشـــد جلال □ اچي
منهنجي دماغ جون تارون پنهنجي
ڪرامت سان چيڙي ڇڏيندو. آخر
چئن سالن ڪانپوءِ مون کي اهو
شرف حاصل ٿيو ته مرشد جي
دربار □ ان منصب مان اڳتي وڌي
مرشد جي پيرن تي هٿ رکي هن
جا هٿ چميا □ سائين پنهنجون
اکيون بند ڪري ڪجهه پڙهڻ □
مصروف ٿي ويو □ مان خوف □
خوشـــي واري ڪيفيت □ ســائين
جي اکين جي کلڻ جـــو انتظــــار
ڪرڻ لڳس. چاڪاڻ ته مون کي
پڪو يقين هو ته توري دير کان پوءِ
بيهوش ٿي ڪنهن سرور جي دنيا
□ هليـــــــو وينــــــــدس.

منهنجو انتظار ختم ٿيو □ مرشد
پنهنجون اکيون کوليون پر مون تي
ڪو اثر نه ٿيو. مان حيران □
پريشان ٿي مرشد جي اکين □ ڏٺو
ته مرشد وري ڪاوڙ مان مون کي
ڏٺو □ آهستي چيائين بيهوش ٿي

وچ. هي چا لقاءُ هو؟ مان بيهوش
چو کونه ٿيم مطلب ته جيکي
مون کان اڳ بيهوش ٿيا هوش
 هونديي بيهوش ٿيڻ جو ڏونگ
کندا آهن؟ ايتري مرشد جو
خاص چيلو وبجهو آيو چيائين
عام بيهوش ٿيڻ جي اداڪاري
ڪر.

مان حالتن کي سمجهندي ڏڪندي
ڏڪندي اتي ڪري پيس ته
منهنجي ڪرڻ سان مرشد جي
خاص چيلي وڏي رڙ ڪري
حاضرين سان مخاطب ٿيو
چيائين. ڏسو هي آهن اسان جي
مرشد جون ڪرامتون. سائين جي
نظر جو تجلو جهڙو تهڙو برداشت
نه ٿو ڪري سگهي. منهنجي
مرشد جي نظر جو ڪرشمو!! بس
منٿن کانپوءِ مرشد جو آواز ”اٿ
منهنجا بچڙا_“ منهنجي ڪنن تي پيو
 مان پنهنجون اکيون کولي اٿي
ويٺس. ان وقت منهنجي اکين مان
ڳوڙها وهي رهيا هئا. اتي ويٺل
ماڻهو جن جي عقل خودڪشي
ڪري ڇڏي هئي سمجهندا هوندا
ته منهنجا اهي ڳوڙها روحاني
تجربي ڪرڻ سبب آهن پر حقيقت
هي هئي ته اها منهنجي ذهني
اذيت روحاني تڪليف هئي جنهن

سبب ڳوڙها رڪجي نـه رهيـا هئـا.
مان سوچي رهيو هئس تـه خـدا ۽
رسـول جي ذات جـون تعريفـون
جنهن محفـل ۾ هلي رهيـون هجن
جتي خـدا جي ڪتـاب جي قـرآئت
ٿينـــدي هجي اتي اهي انســـان
جيڪي پاڻ کي خدا جي قـريب ۾
پارسا هجڻ جـو قسـم کڻنـدا هجن
اهي عام ماڻهن سان ايترو فـريب
ڪري سگهن ٿا؟ ته پوءِ اهي سـچا
ڪيئن ٿيا؟ منهنجي دل چيو ته مان
رڙيـون ڪـري بـابرڪت محفـل ۾
ويٺل ماڻهن کي ٻڌايان ته هي سڀ
ڪـوڙ آهي. هي سـڀ ڍونـگ آهي.
توهــان وچي ڪجهــه بيــو ڪيــو.
پنهنجي دولت ۽ پنهنجو دماغ هــتي
ضايع نه ڪيو. پر مان اهو چاهيندي
به ائين نه ڪري سگهيس چاڪــاڻ
ته انســانيت انســانيت ڪنـدڙ هي
تولـو انسـان کي نـه ايزائينـدڙ هي
پارسا منهنجو اهڙو برو حشــر ڪن
ها جو مان پنهنجي ان بــري حشــر
تي سوچڻ لاءِ زنـده نـه رهـان هـا.
خير ان رات مان مرشـد سـائين ۾
کـان مــوڪلائڻ بغـير پنهنجي گهــر
هليـــو آيـــو هئس. مـــان پنهنجي
گهرواري ۽ ٻن ٻارن کي دير تـائين
ڏسـندو رهيس ۽ روئينــدو رهيس.
اهو سوچيندي ته مان هنن جا ڪـوڙ

ســارا حــق ادا كــري نــه ســگهيو آهيان. نام نهاد مرشد جي چكــر اچي پنهنجي رت جي رشــتن كي تكليفـــــــــــون ڏنيـــــــــــون.“

مان عامر جو اهــو انكشــاف بــدي خــــــاموش ٿي ويم. هن ڳالهــــــه بڌائيندي پنهنجا ڳوڙها روكڻ چاهيا مگــر ضــبط كــري نــه ســگهيو اوچنگـارون ڏئي روئڻ لڳــو. مــان هاڻي هن كي چا بڌايان تـه پنهنجي ســند اهـــڙا كـــوڙ مرشـــد آهن جيكي ســادن مــاڻهن جي كچي دمــاغ انهن جي ســماجي بيهك جـــو ناجـــائز فائـــدو وٺي انهن كي سست بيكار ٺائي ڇڏين ٿا. اڻ برابري تي بيٺل اسـان جي غـريب ســماج جــا غــريب فــرد كــڏهن وڏيــرن، كــڏهن سياســتدانن تــه كڏهن مرشدن جي هٿـان مفت ڦرجنــــدا لٽجنــــدا رهن ٿــــا.

عــــامر كجهه ديـــر لاءِ بلكــــل خــــاموش ٿي ويـــو بـــوءِ وري ڳالهــــائڻ شــــروع كيــــائين.

”يــار تــوكي خــبر آهي ان رات جــڏهن انهن مــون كي زبردســتي اكيون بند كرڻ لاءِ چيــو هــو مــون اكيون ته بند كيون پر حقيقت هي آهي تــه ان ڏينهن انهن جڻ مــون

ڪي اڪيون ڪولرائيٽ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو جيڪي عقيدي ۽ احترام سبب چار سال لڳاتار بند رهيون هيون."

مان عامر ڪي اچرج ۾ ڏسي رهيو هوس. ان جي حالت تي رحم اچي رهيو هو پر خوشي به هئي ته هو فريب جي دنيا مان ٻاهر نڪري آيو آهي.

"يار توکي خبر آهي ان رات ڪان پوءِ مون انهن ڏي وڃڻ ڇڏي ڏنو. ساڻين فونون ڪيون ايسٽائين جو هڪ ڏينهن مرشد به ڳالهايو ۽ چيائين ته عامر توتي اها آزمائش اٿئي. هاڻي مان ڏسندم ته تون شيطان جي پاسي بيهندين يا مرشد جي پاسي؟ شيطان تنهنجي اعليٰ درجي ڪان ڌنل هو تنهنڪري هن توکي بيهوش ٿيڻ نه ڏنو. مان مرشد کي وراڻيو ته معنيٰ شيطان توهان ڪان وڌيڪ طاقتور آهي ته پوءِ اسان کي ڇو بڌائيندا هئا ته شيطان توهان جي ويجهو به ناهي ايندو؟ مرشد استغفر الله چئي فون بند ڪري ڇڏي. شيطان پيو آزمائي مون کي؟ جڻ مرشد شيطان ڪان پڇي پڪ ڪري آيو هو منهنجي باري ۾؟"

مون کان ڪل نڪري وئي ۽ هن جي حاضر دماغي تي حيران ٿيس.

”هڪ دفعو مرشد جا چيلا زبردستي مرشد ڏي وٺي ويا هئا ڏاڍيون منٿون ڪيون هئن ته واپس اچ. جڏهن مون هنن جي هڪ به نه مڃي ته مرشد ڪاوڙ مان چيو هو ٺيڪ آهي پلي نڪري وڃ پر ان رات تنهنجو جيڪو تجربو ٿيو ان جو ذڪر ڪنهن سان به نه ڪجاءِ خاص طور تي اسان جي ساٿين سان. جيڪڏهن تو اسان کي خوار ڪيو ته پوءِ سڪون سان تون به رهي نه سگهندين. مان ها ڪري اٿي آيس ۽ چئن مهينن تائين مان ڪنهن کي ڪجهه نه ٻڌايو بس توسان ئي ذڪر ڪيو آهي جيڪو مون ڪرڻ نه پئي چاهيو. پوءِ الائي ڇو ٿي ويو مان هتي ڪنهن پئي ڪم سان آيو هئم.“

”ڪهڙو ڪم؟“

”يار مون کي اهو پڪ هو ته توکي اها خبر ڪيئن پئي هئي ته مان ڪجهه سالن ۾ انهن کي ڇڏي ڏيندم؟“

”اڇا صرف اهو پڇڻ هتي آيو آهين؟“

”نه توسان ملڻو به هو پر اصل ڪم اهو معلوم ڪرڻ هو.“

”ان جو جواب سولو آهي عامر. پنج سال پهرين اسان ٻنهي جي زندگين جو خاليپڻو، بيگانگي، ڏک ۽ تڪليفون هيون پر تو ۾ ۽ مون ۾ اهو فرق هو جو مون کي پنهنجي سماجي حالتن جو ادراڪ هو پر تون ان شيءِ کان اڻ واقف هئين. يار اسان جهڙا غريب يا وچين طبقي سان تعلق رکندڙ فرد جڏهن سرمائيداري ۽ جاگيرداري سماج ۾ رهنداسين ته اهو ٿيڻ اوَس آهي. انفرادي طور تي ٿورو اسان به ذميوار هجون پر اصل حقيقت هي آهي ته اسان جي ان حالت زار جو اصل ذميوار هي جاگيرداري ۽ سرمائيداري سماج آهي جيڪو ڏينهون ڏينهن اسان جي طبقي کي پيڙهي ۽ ڪمزور ڪري رهيو آهي. ان شيءِ جي سمجهه مون کي اها طاقت ڏني ته انهن حالتن سان وڙهان ۽ مقابلو ڪيان پر تو ڇا ڪيو جو مرشد ۾ وڃي پناهه ورتي ۽ ان جو مقصد صرف روحاني سڪون حاصل ڪرڻ هو. يار سچ پڇين ته جيڪڏهن ماڻهن جون بنيادي مادي ضرورتون جهڙوڪ جاءِ، صحت،

تعليم، روزگار بوريون نه ٿينديون ته انهن کي روحاني خوشي ميسر ٿي نـــه ٿي ســـگهي. اهي جيڪي انهن شـــين کانســـواءِ روحــــاني سکون حاصل ڪن ٿا اهي دراصل ســماجي □ معاشــي حــالتن کــان اڪيون بوٽي زوري پــاڻ کي خــوش کــرڻ جي کوشــش □ آهن. هڪ هاري جنهن جا ٻــار ٽن ڏينهن کــان بکيــا هجن ان کي کويــه نظريــو روحاني سکون نه ٿو ڏئي ســگهي ايســتائين جيســتائين کــو هن جي ٻارن جي پيٽ □ مــانيءَ جــا گرهــه نه ٿو وجهي. خير مون کي تنهنجي خالي پٽي جو احساس هو ڇاڪــاڻ تــه هڪ سال انــدر تنهنجــا والــدين فوت ٿي ويا هئا. تــون پنهنجي امــڙ ســان بيحــد پيــار ڪنــدين هــئين. انســان جــڏهن ڪا پيــاري شــيءِ وڃائيندو آهي تڏهن هن جو خاليپڻو وڏي ويندو آهي. توکي مرشد مليو □ تــو ســمجهيو مــاءُ □ پيءُ وارو ســهارو تــوکي ملي ويــو آهي. پــر ڪيستائين ائين ڪــرين هــا؟ مــون کي خــبر پــئي تــه هــاڻي تــون سٺو ڪمائڻ لڳو آهين □ پيــو امــان بابــا جو ڏک بــه ايــتري عرصــي □ گهٽ ٿي ويــو هونــدو، تنهنڪــري تنهنجي لاءِ رستو مٽائڻ آسان ٿي پيو. ســچ

پچين عامر جيڪڏهن تون اڄ به غريب ۽ مسڪين هجين ها ته ان واقعي ٻڌڻ باوجود پنهنجي مرشد سان چنبڙيل رهين ها.“

”واهه يار. مون کي لڳي ٿو ته صحيح چئي رهيو آهين. ته جيڪي مرشد جي نظر سان بيهوش ٿيندا آهن اهي رهندا ئي مرشد وٽ آهن. انهن جو ڪو گهر گهاٽ نه آهي ۽ باقي جيڪي به بيا آهن اهي به ويچارا غريب آهن پر يار تون اهو سڀ ڪيئن ڄاڻين ٿو ۽ توکي منهنجي باري ۾ خبر ڪيئن پئي؟“

”توکي ٻڌايان مون کي اها خبر ڪيئن پئي؟“

”ها مهرباني ڪري جلدي ٻڌاءِ.“

مون پنهنجي ڪتابن جي شيلف ڏانهن اشارو ڪري چيومانس.

”هي فلسفي، تاريخ، مذهب ۽ نفسيات تي جيڪي ڪافرن جا ڪتاب پيل آهن انهن جي مطالعي ڪرڻ ڪانپوءِ اها خبر پئي هئي.“

اهو ٻڌي عامر هڪ دم ٿي ٿي پئي اٿيو منهنجي شيلف مان پڙهڻ لاءِ ڪجهه ڪتاب کڻي آيو ۽ مون کي زور سان ڀاڪر پائي چميائين ۽

چيـــائين ”حـــــق مرشـــــد!!“

”رزق“

شـــــــــــــاهه عنـــــــــــايت

هوٽل تي جام رش هُئي. ماٺهو تــه
خــير گهٽ هُئا پــر مڪين جــو هڪ
طوفان برپا هُيــو. چانهن جــو آرڊر
ڏيڻ مهـل هڪ گهـڙي سـوچيم تــه
ڪنهن بـئي هنــڌ وڃي پــر گهــٽي
پُڌتر ڪـان بچڻ لاءِ فيصـلو ڪيم تـه
اتي ئي بي تــو وٺــان. آرڊر ڏيڻ لاءِ
هيــڏانهن هــوڏانهن نهـار ڪيم پــر
ڪوئي بيرو نظر نــه آيــو. دڪـل تي
وڏي ڳاڙهي سونهاري ســان ويٺــل
همراهــــه ڏانهن ڏســـندو رهيس.
سوچيم ته چيڪار نه تـو ڪيـانس.
هن طرف نهـاري تــه ڪيس اشـارو
ڪري چوان تـه چـانهن جي گهُــرج
اٿم. ڪجهه گهڙيون انتظـار ڪــرڻ
بعــد نيٺ هُن اورتي نهـار ڪــئي [illegible]
اشــاري تي اڳ [illegible] تــه مــون جيــان
بـــيري لاءِ هيـــڏانهن هـــوڏانهن
نهاريائين پر سـاڳئي ئي نـتيجي تي
پُهچڻ بعــــــد پـــــاڻ اُٿي آيـــــو.

”جي صـاحب! ڪيـا چـاهئي؟“ هُن
پُڇيـــــــــــــــــــــــــــــــــو.

“هڪ ڪپ دود پتي! پر ڪنڊ گهٽ هُجيس.” سندس بارش ڇهري منجهه نهاريندي وراڻيم.

هُو وچٽ ئي لڳو هو جو پاٽي ڏُڪ پيئڻ لاءِ مل چڙهيل جڳ ۾ هٿ وڌم ته اندر 2،3 مکيون مُئل هُئس.

“يائي صاحب!”

“جي؟”

“يار يي پاني تو تبديل ڪردو! اور ان مکيون کا تو ڪُڇ ڪرو يائي! اس جگ کي يي حالت ديکو؟”

مکين ۾ جڳ واري تنقيد کا گهٽي خراب ته نه هُئي پر همراهه کي ڳالهه شايد نه وڻي. مکين ڏانهن اشارو ڪندي خار وچان چيائين:

“يي خدا کي قُدرت هي، ميني يي مکيان تو بيڏين گي؟ ان کا رزق بهي هي.”

ان بي تُکي چند تي ڪاوڙ ته جام آئي پر ان دليل اڳيان جواب جي همت نه ساري درگُذر ڪري ويس ۽ همراهه چهري تي هڪ فاتحانه مُسڪراهٽ سميت جڳ ڪٽي هلندو ٿيو. ڇانهن آئي ته ڏادي مُشڪل سان مکين جي فوج کي هڪ هٿ سان اُڏائيندي اچا به ڏُڪ

ئي ريا هُئم ته هڪ ميرو، گدلو □ پيرين اُگهاڙو بار هوٽل □ داخل ٿيو □ پر واري ٽيبل تي ويٺل همراهن آڏو روئٽهاريڪي انداز □ هٿ ٽنگيائين.

ان ئي لمحي ساڳيو سونهاريءَ وارو پهلوان الائي ڪهڙي خيال سان وري گراهڪن ڏانهن آيو. جيئن ئي خير گهُرندڙ بار تي نظر پيس ته اُچل ڏئي اُن ڏانهن وڌيو □ ڪياڙي وارو چنبو وهائيندي خار وچان ماءُ جي گار ڏيندي چيائينس:

“نڪل باهر حرامي! ڪتني بار روڪيا هي اندر نه آيا ڪر مانگني؟”

نينگر سُڏڪندي □ ڪياڙي ڪنهيندي هوٽل کان باهر ويو هليو.

دل □ هڪ سوال جنم ورتو ته پُڇانس ته ان جو رزق ڪير لکندو آهي؟ □ جي خدا ئي ٿو لکي ته پوءِ هي چنبو ڇا لاءِ؟

پهرين: مُغلن ويلي گُجرات لَڳ
ڪنجاهه □ ڪي وڏا عالِم هُئا
مولوي غَنيمت. فارسي شاعر هُئا
فارسي ڪِتاب لِکِيائون. نانءُ
ڪَمايائون. فارسي بَحَر ايڏو ڪُلي
وَيُن جو عام ڳالهه به فارسيءَ □
ڪَرڻ لڳا. مَجال آ جو ڪَڏهن
ڀُلجي به ڪو ديسي ٻول واتَئون
ڪڍي ويهَن. ماڻهن سوُ وَس ڪَيا
پر مولوي جَن نَه ٽِڙِڪيا. هِڪ
ڏينهن چا ٿيو مولوي سڳورن
پنهنجي مُنهِن ويٺي فارسي شعر
پَڙهيا ته هِڪ ڏينيوُ گوڏ □ وَجي
گهِڙِيَن. ڏينيوءَ ڏَنگيو ته مولوي جَن
اوٿارجي وَيا گوڏ تي ڏَڪُ هٽي
دانهن ڪَيائون "اڙي تُنهنجيءَ ماءُ
کي" (جيڪي بُزرگ گارگَند ڪان
پاسو ڪَندا هِن اُهي چَوَن ٿا
مولوي سڳورن "هَئي ڙي اَمان"
چَيو هُو) مولوي جَن جو بِه چَيو
اُهو فارسي نَه هُئو.سو شاگرد
پَڄندا وَيا □ ڳوٺ وارن کي وَجي
ٻُڌايائون. چَيءُ مولويءَ جَن نيٺ
ڳالهايو آ اَڄُ□

ٻِي: مُغلن ويلي هڪ ڳوٺاڻو ڳَيرو
شاهي لشڪر □ پرتي ٿيو.هِڪ
ويڙهه □ ڦَٿجي پيو. اُڄ ڪان
مَرڻهارڪو ٿي پَيو.پنهنجو ڳوٺ
ويجهو هُئس. گهوڙو پَڄائيندو اُتي

پُڳــو ۽ فارســيءَ اَچي پــاٽي
گهُريـائين. چَـئي آب! آب!! مـاٺهن
گهَٽـئي ڏُکـا هَنيـا. وري وري پُڇيـو
اَٿن پُٽَ چا گهُرجَـئي. هُــو رُڳـو آب
آب ڪنــدو وَيــو ۽ پُــورو ٿي وَيــو.
پوءِ ٿيــون ڪنهن مولــوي غَـــنيمت
گوٺـاٽن کي ڏسـيو اَڙي آبُ پـاٽيءَ
کي چَوندا هِن. جي توهان فارسـي
پَڙهيَل هُجو هان تـه اَجَ توهـان جـو
لَشــڪري پُٽ اُجيــو نــه مَــري هــا.
هاٽي هڪ ته پُٽ وِجايَو بيو تيار ٿي
وَجو بادشــاهه کي پُچـا ڪَـرِڻي آهي
تَه منهنجي لشڪريءَ کي پاٽي چــو
نَــه ڏِنَــوَ. ڳالهه اِئين بــه پُــوري ٿي
ســگهندي هُــئي تــه ڳوٺــاٽن جَهتِ
مولوي غَنيمت کان فارسي سِــکي
وَرتي. بادشاهه به کين ڪـٽي معــاف
ڪَيــو ۽ اڳِيئون ڳــوٺ جــو ڪــوئي
لَشــڪري پُٽُ اُجِيو بــه نَــه مُئــو. پــر
ڳالهه پُوري اِيئن ٿي تَــه لَشــڪريءَ
جي ماءُ کي جَذَهن آب جي مَطلَب
جــو پَتــو پيــو تــه هُن پِــٽيو. چَـئي

جي مــان جاٽان مَگِين پــاٽي پَـري
تـــــــــــان پِيـــــــــــالا پِيارِيا

آب آب ڪَندي مُئين بَچِڙا فارسِيُن
گهَـــــــــــــــــــــــــــــرَ ڳارِيا

ڳالهيون چَوِٽيون چَتَر هونديون هِن.
سَدا اَڏُوريون. پنهنجي اَندرَئون نِٽُ

پَيون پورَ ڏيکارينـدِيون هِن. □ پــورَ
هُونــدا هِن پُڇــائون. پهــرين ڳــالهه
پُڇي ٿي: جي مولــوي غَــنيمت جَن
ديسي ٻولُ بِه واتَئون نَه ڪَڍندا هئا
تَه هو ڪَميُن ڪان ڪم ڪيئن وٺنـدا
هُئا. گهــرواريءَ ســان ڳــالهه ڪــيئن
ڪندا هئا. اوڙي پــاڙي □ اُٿي ويــٺي
ڪيئن رَڪَندا هئا. ٻي ڳالهه پُڇي ٿي:
جي سپاهي پُٽ اُجَ ڪان پئي مُئو ته
هو پــاڻ ڪنهن ڪــوهه واهه تي چونــه
وجي ڪِريو. ڳوناٽن □ بيٺــو آ ب آب
چــو ڪندو رهيو. وَرَنديون ڪيئي ٿي
سَــــگهن ٿيــــون. جــــيئن هيءَ:
گهـــرواريءَ کي تـــه مولـــوي جن
اِشاري ســان ئي سَــمجهائي وٺنـدا
هئــا. بــاقي مــاڻهن ســان هُــو ڳــالهه
ڪندا هئا شــاگِردن راهين۔ شــاگِرد
سَمجهو پَڙهي لِکي مولوي جن جــا
وِچُوئا ٿي ويا هئا. جيئن پاڻ مولوي
سگورا پڙهي لِکي مُغلن جا وِچُوئــا
ٿِيا هئا. ٻي ڳالِهه جي وَرَندي به هِڪ
هيءَ ٿي ســگهي ٿي تــه ســپاهي
چــوڪري جي ڳــوٺ □ ڪُــوهُ واهُ تــه
هُئو ئي ڪــونَــه. ڪَئِني ڪــوهَن تــان
مــايُون جِهــرِٽي جــو پــاٽي پَــري
آڻِينديون هُيون. جي ڳــوٺ □ ڪُــوهَ
هُجَن ها يا ويجهو واهَ درياهَ لَنگهن
ها ته ڳوٺ جا چــوڪرا لَشــڪَرن □
پَــرتي چــاڪئون ٿِيَن هــا. پــر پهــرين

ڳالهه جو هِک جَوابُ اِهو به آهي ته
مولوي غَنيمت جن کُنجاهه جي
عامِيُن لوکَن سان رَلَڻ مِلَڻ نه
هئا چاهيندا. اُنهن کان پَرانهان ٿِيَڻ
چاهيندا هئا. تاريخ وارا ڏَسِن ٿا ته
غَنيمت جي پيءُ جي کنجاهه ۽
فَتويٰ هَلندي هئي. ۽ غَنيمت
سڳورا پاڻ لاهور جي مُغل گورنر
مُکرم خان جي پَرِ ۽ ويهَڻ وارَن
مَنجَهئون هئا. فارسي انهن ڏينهَنِ
۽ لوکَ کان اُوچو نِيارو هُئَڻ جو
نِشان هُئي. مولوي جَن جُڙَڻ
چاهيندا هُئا مُغل حاکِم سان ۽
فارسي تَڏهن مُغل حاکِم سان
جُڙَت جو اُهُجاڻ هُئي. سو هِک
هِک فارسي فقري ۽ مولوي جَن
کي پيٽو نَشو چَڙهندو هُئو. لوک
کان پَرانهَپ جو ۽ حاکم جي
ويجِهڙائِپ جو. سپاهي نينگر به
اِنهيءَ ٻِتي نشي جو هيراک هو.
پاٽي ته کيس گُهربو ئي نه هو. هُو
ته آيو هُئو پنهنجي جهوکَ جي
عامي لوک کي ڏَسِڻ ته ڏِسو مان
توهان نِماڻن کان کيڏو ڏُورانهون
هان ۽ پوشاکُن وارن سائيُن کي
کيڏو اوڏِڙو. اِها آهي منهنجي نَئين
کَمايل هَستي. مون لاءَ پاڻي آب
ٿي وَيو آ. مان اُن کي وَري پاڻي
چَئي پنهنجي نَئين کَمايل هَستي

ڪِيئن وِڃائي ڇَڏيان. (آب فارسيءَ ۾ عزت ڪي بِه چوندا آهِن).

آڪاٽيون ڇَوِٽيون جُڙنديون زورَ جي وَهي واپريءَ مَنجهئون ئي هِن پَر جُڙنديون ٿَڌهن هِن جَڌهن زور واپريءَ ۾ ڪو سَنهو ٿُلهو واڌو گهاٽو ٿي وَڃي. پهرين ڳالهه جُڙي آواڌي سان. ڏينيوءَ جو واڌو. تُرڪن مُغلن ويلي شهرن ڳوٺن منجهه ننڍا وَڏا مولوي غنيمت عام هُئا. دَرس پڙهائيندا هُئا ۾ بادشاهه جي نالي جو خُطبو پڙهندا هُئا. تَنڊين ڪي وَظيفا مِلٽا. وڏن وَت جاگيرون به جُڙي پَوٽيُون. ماٺهن سَندن اُتمپِٽي تي چڙٽو به گهبراِئٽون به. گڏ خدمت چاڪري به چڱي ڪَرٽي جي هَلو مَتِيَنِ سان ڳالهه ڪَرڻ جوڳو اُنهن جِي سَمجهڻ جوڳو وَسيلو ته ساڻ آهي. اِهو ته روز ئي ٿيندو هوندو ته مولوي جن آيا هِن. دَرس پڙهايو اٿن. شاگردن سان فارسي ڳالهائي اٿَن. ڪو پاڻ جهڙو آيو ته اُن سان فارسي شعر جي ڏي وَٺ ڪَئي ٿَن. ڪنهن هيٺي نِماٽي ڪا ڪم جي ڳالهه پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڇَئي به چڏي آ ته وَرَندي فارسيءَ ۾ ئي آئي آ. پر آڄ اِن

روز وَرتڻيءَ □ ڏينيوءَ جو واڌو ٿي
پَيو آ. ڏينپوءَ مولوي سَڱورن کان
فارسي چَڏرائي آ ته ڳالهه جُڙي
پَئي آ.

الائي اِها ماٺهن جي چِڙ ئي آ جيڪا
ڏينيو بَٽجي مولوي سڱورن جي
ڳوڏ □ وَجي ڳِهڙي آ. پَر نَه چِڙ
ڪاوَڙ جا ڏينپو ايڏا سياڻا سُڄاڻ
ناهِن هوندا. هي ڏينيو لوڪ سُرت
جو سيڪاريل تو چاپي.

ہي ڳالهه بَٽي آ گهاتي سان.
وِچُوئي جو گهاتو.

اِهو ته روز ئي ٿيندو هوندو ته
لشڪري فارسيءَ □ ڏَتڪو دَهمان
ڪَندا ڳوٺ □ اَچي ڳِهڙيا آهن. ڏُنَل
ڳوٺاٽا وائڙا لڳا بيٺا هن. ڪو
مولوي غنيمت جَهت اڳتي اَچي
کين ڏَسي تو ته هي بادشاهي
لشڪري هِن فلاٽي فلاٽي شي پَيا
گُهرن ٺُرت حاضر ڪَريو. پر اَڄُ
هوڏانهن سِپاهي پُٽ آب آب ڪندو
ڳوٺ □ گهڙيو آ. هيڏانهن ماٺهن
فارسي سمجهائڻ وارو وِچُوئو
وِچئون ڪٽي چڏيو آ. الائجي هُنن
پنهنجي مولوي غنيمت جي ڳوڏ □
ڏينيو وِجهي چڏيو آ. سپاهيءَ جي
ڳالهه جو ترجمو ٿي نه سگهيو ته
هو اُجيو ئي مَري وَيو. لوڪ سُرت

روز وَرتڻي واڌو گھاٽو ڪَـري اُن
جي ڪيـڏ بَڻـائي ڇڏيـندي آهي. اِهـا
ڪيـڏ لـوڪ ڪَلا آ. لـوڪ سُـرت اِن
ڪيڏ ڪي ڇَٽيندي به آهي تـه اِن جي
ڇـــــائي بـــــه آهي. انهيءَ راهين
نِســــرندي مُـــوربي آهي. اِنهيءَ
راهين پنهنجي پـاڻ ڪي سُـڃاڻيندي
پَروڙينـــدي آ. مُنـــڍ قـــديم ڪـــان
حاڪمن حاڪمي ڪـرڻ لاءِ لـوڪ
ڪـان نِويڪلـو نِيـارو ٿِيَڻ ضـروري
سَمجهو. حاڪم لـوڪَ ڪي ڏَسِـيندا
هُئا ته اَسين بِي جُوڻ آهيون توهان
بي جُـوڻ، توهـان مِـتي مـان بَٽِيـل
آهيـو اَسـان چنـڊ سـج جي اولاد
آهيون. رَب جا پاڇا آهيـون. اَسـان
ڪي حـق آهي توهـان جي ڪَمـائي
ڪَسي وَنُون. اَجا توهان جو فَرض آ
ته جـو ڪُجهـه اُپـايو بَڻـايو اُن مـان
پنهنجي تَڳڻ جوڳـــو تـــورڙو رَکي
پاڇِي اَسان وَٽ جَمع ڪَرايـو. اِهـو
قـدرت جــو وَرتـارو آ. لـوڪ جي
ڪَمـائي پهـرين تَـه ڏاڏائي ڪـري
ڪَســـي وَئي. پويَئــــون اِن ڏاڏ ڪي
ڍِڍَئون مَجائڻ لاءَ قدرت جو وَرتارو
ڇَـئي لاڳـو ڪيـو وَيـو. حـاڪمن
پنهنجـــو رَهڻ وَرتڻ ويس مُهانـــڊو
سَـب خـاص ڪَـري لـوڪ ڪـان ڌار
رَڪيـو. اِهـا ڌاريـاڻپ شـان بَـڻي.
ڏِيڍِيو. قدرت جي ڏات. جيترو عام

مخلوق کان حاڪم پَري ٿيو اوترو
ان جو شان وَڌيو. جَڏهن لوڪَن
اِن ڌارياڻِپ اِن شان کي وَڌائِي
مَڃي وَرتو ڳُڻ سَمجهيو ته هُو اُن
اڳيان جُهڪَڻ کي اِن کي پوڄِڻ
کي به ڳُڻُ ۽ وَڏائي سَمجَهڻ لڳا.
ڪَٿِي ڪَمائي ته اَڳي ئي شان وارن
کي ڏَئي ويٺا هُئا هاڻي دِين ايمان
به هُنَن جي نانءِ ڪرڻ تي راضي
ٿي وَيا. هوريان هوريان وِساري
ويٺا ته اِهو شان، اَسان جي ۽
حاڪم جي رَهڻيءَ ۽ اِهو وِيڇو،
اَسان جي محنت صَدقي ئي آهي.
هُو شان کي حاڪم جو ڇَماندرو
حُسُن مَڃڻ لڳا. اِنهيءَ کي ماڻِهپي
جي چوٽِي سَمجَهڻ لڳا. هُنَن دِليُن
۾ اِن حُسُن جي تانگهه دُکائي ۽
ان جي وِڇوڙي جو ڏُکُ پاليو.
حاڪم شان جي نالي تي پنهنجو
ڏاڍُ مَڃرايو ۽ پُوڄرايو.

پنهنجي گهُرج کان وَڌيڪ اَناج ۽
وَٿَ وَست اُپائڻ لاءِ خَلقت کي
ڪَم تي لائڻ پوءِ خَلقت جي اِن
پورهئي جي واڌُو ڪَمائي کي
پُوري دَعوىٰ سان کَسي کڻَڻ ۽
پنهنجي سُکَ لاءِ وَرتَڻ هيڪڙائيءَ
هوندي نَٿو ٿي سگهي. جي
شِڪاريءَ جي شِڪار سان پاڻِپي
هُجي تَه هُو شِڪار ڪيئن ماري.

مارڻ واري کي پنهنجي شِڪار کي
دِلَئون دُور ڪَرڻو پوندو آ. وارُ
ڪرڻ کان پهرين دِل مان ماٺِهپي
واري نَرمي □ نَهنائي ڪَڍڻي پَوَندي
آ. حاڪمن مالڪن لاءِ ضروري آ ته
هو ڪَميُن پورهيتَن کي پاڻ جهڙو
ماڻهو نَه سَمجهن. جيتري دُوري
هوندي اوترو ڪَمُ ڪَڍڻ سولو
ٿيندو. اِنهيءَ دُوريءَ جو نانءُ شان
آ. يا چئجي شان پَهَرَڻُ آ اِن دُوريءَ
جو. چو جو اِها اُگهاڙي نَٿي بيهي
سَگهي. ڪڏهن ڏُکيي ويلي اِن کي
پائِپي □ هيڪڙائيءَ جو ويس به
پَهرائڻو پَئجي ويندو آهي.پر شان
اِن جو قدرتي ويس آهي.اِهو ويس
دُوريءَ کي دُوري ئي بَڻائي
ڏيکاريندو آ. شان جي ويس □
سينگاريل دُوري حاڪمن جو هَٿيار
نَٿي ڄاپي دَٻيلَن جي گُهرج گَتِي
بَڻجيو پَوي سندن رِيس. حاڪِم
مالِڪ ڪَمِي ڪَسبيءَ کي چَوندو
آهي ڏِس مان ڪيڏو اُچِرَج جهڙو
ڪيڏو نَويڪلو اُچيرو هان ڪو جوڙ
آهي مُنهنجي حُسُن گُڻ □ وَڏائيءَ
جو. مون کي پُوڄ. پوڄڻ دُوريءَ
کي ماڻِڻ آ. دُوري ماٺي تون
منهنجي ويجهو ٿي سَگهين ٿو.
منهنجي صِفتُن جي تَجَلي پَسي
سگهين ٿو. تنهنجي منهنجي نِيارپ

ئي اَسان ٻنهي جي هُوندَ آهي. مان پُوڄِڻ جوڳو هان □ تون پُوڄِڻ وارو. اِهو اَسان جو قُدرتي ساڱُ آ. اِها ئي رَب جي رَضا آ. قُدرت جو وَهنوار آ.

حاڪِم جو اُٺَڻ ويهَڻ کائِڻ ڪيڏَڻ وِندُر وِرُونهن سَڀ شان جو ڏيکاءُ آ. هُن جا ڪَپڙا اُس پاري کان بَچاءَ لاءَ ناهِن سَندس دَرجي جو نِشان هِن. هُن جي ٻولِي ٻولِي ناهي هُن جا لَفظ لَفظ ناهِن هوڪو هِن هُن جي رُتبي جو. اُهي خَلقت کان سَندن دُوري ڪَڇي ڏيکارِن ٿا. انهن لفظن □ معنیٰ ڪانهي. اِهي لفظ اُهي مَنتر هِن جيکي حاڪِم کي حاڪِميءَ □ دَٻِيَل کي دَٻِيَل هُجَڻ جي پَڪَ ڪَرائين ٿا. اِنهَن راهين حاڪِم پَنهنجي پُوڄا جوڳ هُجَڻ کي □ دَٻِيَل پنهنجي پُوڄاري هُجَڻ کي مَڃي ماڻي ٿو.

تُرڪَن مُغلن کان پهرين هِتي جي حاڪِمن کي لوڪ ٻوليءَ کان ڌارَ رَهَڻ لاءِ سِيڙجي هِڪ دربِاري ٻولي گهڙائِڻي پَئي هُئي. تُرڪَن مُغلَن کي اِها سِيڙَپ نَه ڪَرڻي پَئي هُو جِتان آيا هُئا اُتي فارسي بادشاهي ٻولي هُئي. هُنَن هِتي اُها هَلائي ڇَڏي. فارسي هَلي ته سَوين وَرهيه لوڪ ٻوليءَ کان

لوڪ رَهڻيءَ ڪان ڌار ٿيڻ جو مَنـتر بَڻيــــــــــــــــــــــــــــــــل رَهي.

بادشــاهي وَرتــاري ســان لاڳــاپو فارســي پَـڙهي ڳالهـائي ئي پَـڌرو ٿِيڻـو. سـو لَشـڪرين لاڻـڙين لاڳين ٽَلُ لائي فارسـيءَ کي مُنهن هَڻڻـو. فارسي لفظ پُـوڄِڻ جوڳـا ٿي وَيـا. فارســي لِکِـڻيون سُــونهَن ســوپيا جــون ڪـاڻِيون بَڻجي وَيــون. جنهن چاهِڻو اِنهَن ڪـاڻِيُن هَٿ وِجِهڻـو اَميرُ ٿي وَڃڻو. گهــوڙا جــوڙا مَحـل ماڙيون ته مَهانگيون هُيون فارسي نُورُ سَستو هُئـو. جنهن کي ديســي رَهِـڻيءَ کَهِـڻيءَ جي مِٽِي پـانءِ نَـه پَــوِڻي اُنَ جَهتِ فارســـي نُـــور وِهِنجي نُـوري ٿي وَڃِڻـو . عــالِمن جي عالِمــــائي شـــاعِرن جي شاعِري لـوڪ بـوليءَ کـان دُوريءَ جي گَزَ سـان مـاپِجڻ لڳي. جيـڏي ڪنهن عـــالِم شـــاعِر جي لِکِـــڻي خَلقت جي پهچ کان پَرانهين هُجِڻي اوتـــري اُن جي آدَرَ ٿِيَـــڻي. جيـــڏو ڪنهن لوڪ بوليءَ کي نِنـدِڻو رَدِڻـو اوڏو ئي اُنَ سُگهڙ مَلُوڪ سِـياڻو سَڏرائِڻو. اِنهيءَ ڪـري خَلقَت بِـه پَنهنجي پــاڻَ کي نِنـــدڻ رَدِڻ جـــو پَنهنجي پــاڻ کي ڪَچـــو ڪـوجهـــو سَمجَهڻ جو رَواج پَيـو. مـاڻهو پـاڻ پَنهنجي اَنــدر حـــاڪم جـــو وِچُوئـو

بَٽجي ويهڻ لڳو. پنهنجي پاڻ کي
شاهِي جُتيءَ هيٺ رَکڻ لڳو. پاڻ
پنهنجي اَندر □ غيرُ بٽجي ويٺو.
پنهنجي هُجَڻ کان پاڻ اِنڪاري ٿي
وَيو. هُو اَڻ ڏِنَل پَرديسَن کي
دِلَئون ديسُ مَڃِڻ لڳو □ ديسَ
واسو هُن کي ميهڻو ٿي وَيو. اِهو
آپُ وِڇوڙو آپُ ويرُ تان ئي پُورو
ٿي سگهيو پَئي جي پنهنجي اَصُل
جو بِڄ ئي چِٿي چَڏيو وَڃي.
پنهنجي پَرياسي پنهنجي پوئِياڙيءَ
مان سَهيڙيل هَر رَنگ لاهي حاڪم
جي رَهِٽيءَ جو رَنگُ چاڙِهيو وَڃي.
اِهو ٿي ويندو هُئو پَر اَڌوگابِرو.
پُورو نه هُئو ٿيندو. ڪنهن مَهَل ڪو
ڏينيو گوڏ □ گِهڙي وَڃٽو ته نَهيَل
نُڪيَل ناهُ ڦِٽِي وَڃِٽو.

سو لوڪ وِڇوڙي □ لوڪ ويرَ
جَڏهن ماٺهوءَ جي اَندر گهر ڪَيو
ته اِهو آپُ وِڇوڙو □ آپُ وير بَڻيو.
حاڪِمن جي ٻولي سِڪِي واپِرائي
لوڪ ٻوليءَ کي تِياڳي ماٺهوءَ آپُ
وِڇوڙو پاليو. پنهنجي پوئِياڙيءَ
پنهنجي پَرياسي سان هيڪڙائيءَ
جو بِڄُ پنهنجي اَندَر چِپِياٽِيو.
پنهنجي ماٺِهپي جو وِٽُ سُڪايو.
پنهنجي سَتَ کي نِسِرڻ کان
روڪي هُن آپُ گهاتَ جو ساءُ
وَرتو. پر اِهو ساءُ ٻه ڪَسارو هو.

اِن سان ماٺهو اَندرئون سَدا اُڃيو
اُڪَنڊِيو رَهٽو. پر اِن اُڃَ جو نَشو
اهڙو هُئو جو ماٺهو اُڃيو مَري
وَڃِڙو پر پاٺيءَ کي آب چَوَڻ کان
نَـــــــــــــــه مُتِرڙو.

ماٺهوءَ جو آپو آهي ڇا؟ وَڻ جو آپو
مِتي پاٺي واءَ ۽ اُس جي جُتَرَ
آهي. ايئن به ناهي ته هِڪ پيري
ئي اِهو سَڱُ جُڙيو ۽ وَڻ بَڻجي
وَيو. پَل پَل اِهو سَڱ نَئين سِر
جُڙندو آ. تان وَڻَ جي هَستي
رَهندي آ. ماٺهوءَ جو آپو به هُن جي
اوسي پاسي وَسَندڙن جي گَڏيَل
هَڏِ وَرتيءَ جو هِڪ رَنگُ آ. ماٺهو
نانءُ آ اَنَ گِڻَت سُبَنڌن جو هِڪ
اُٿتِ ۽ اُڀَجَڻ جو. اِها اُٿَت ڏينهن
رات پَئي ٿِي اُڀِجي. هَر پَل هَر
ساهه. کو هِڪ ماٺهو اِن اُٿاوَت جو
کاٿو نَتو کَري سَگهي. ڇو جو اُن
اَندر ذَرتي آکاس جي ڇَمَڻ کان
بِه اَگُوڻِي آدجُڳاد کان هاٺي تائين
جي پُوري وارَ بِه پَئي ٿي اُڀجي
تَه اَچَڻ وارن جُڳَن جا نَقشا بِه پيا
تـــــــــــــــــــــــــــ اُڀَجَن.

اِن کَري سِياٺ چَيو آ ته جَنهن
پَنهنجي آپي پَنهنجي پاڻَ کي ڄاتو
اُن رَب کي سُڃاتو. کو ڄاٺي نَتو
سَگهي پَر ڄاڻَن جو جَتَن اُپاءُ ئي
ڄِيئَڻ آ. اَندر وَسندَڙ سُبَنڌن کي

~~چِتِ چيتي ۾ جاڳائِڻُ رَهِٽي كَرِٽيءَ ۾ نِپائِڻُ ئي جِياپو آ. رُڳو جاڻِڻُ ئي نَه ماڻِڻُ. ڄاٽي كو سَگهي ٿو يا نه ماٽي هَر كوئي سَگهي ٿو. اِهو ماڻِڻُ پِريت آ، جَڳ جو مُورُ آ.~~

~~ماٽهوءَ جي اَندر وَسَندڙ اَڻَ ڳِڻِيا سُپَندَ سانگا ٻوليءَ راهين هُن جي اَندر پهتا آهِن. ٻولي اِنهَن جي جَٽِي ڄائِي آ ۾ اِهي وَري ٻوليءَ جي هَنجَ ۾ پَليَل نِپِيَل آهن. ٻولي ڇَڙي لَفظ اَكر ناهي هُوندي. ٻوليءَ جو تَتُ آهي سَئن، سَج، ساڃاهه. اِشارو، نِشاني، اُهڃاڻ. هَر ڏيكارِي سَئن آهي. سو ٻوليءَ جي ڦَهلاءَ جو كو ڇيهه ناهي. لَفظ اَكر اُن كري پَرڏان هِن جو اُهي سَئن كي اُتاري ساڻيي سَمجَهڻ وَرجائِڻ جوڳو كَن ٿا. اُن كي نِت پَسرجَندڙ سَگهَ ڏِيَن ٿا. لفظ كنهن هِڪ مَطلب مَعنىٰ سان ٻَڌَل ناهِن رَهندا. ماڻهوءَ جي اَندر وَسندَڙ سُپَندَ سانگا لَفظن ۾ نِت نَيون سَئنُون سَجُون پيا پَريندا آهن. ايران جي كنهن واهَڻَ ۾ آب ڇَئي ماڻهو پاڻي ئي گهُرندو آهي. پر مُغل لَشكر جو ديسي سِپاهي پنهنجي ڳوٺ ۾ آب ڇَئي پاڻي نَه پِيو گهُري. هُو پَنهنجي ميلَ پنهنجي~~

پانِت پائِپِيءَ مان نِڪري حاڪِم
ميلَ سان مِلَڻ تو چاهي. حاڪِم
ميل جو جِياپو جِيئَڻ لاءِ خَلقت مان
مَري نِڪرڻ تو چاهي.

تُرڪ مُغل بادشاهيءَ جي لاڳيدارَن
ڪامورَن ڪارِندن لَشڪريُن لاءِ
سَردارَن ۽ وَڏيرن لاءِ بادشاهي
ٻولي دَٻدَٻي جو نِشان هُئي. لوڪ
ڪان ڪَميُن پورهيتَن ڪان ڌارَ ٿِيَڻ
جو وَسيلو هُئي. لوڪ ۽ بادشاهي
ٻوليءَ جي مَجتا اِن ڌاريَائِپ جي
مَجتا هُئي. ڪَمِي ميلَ جا لوڪَ
جڏهن بادشاهي ٻوليءَ جي لَفظن
کي پَنهنجو ڪَندا هُئا ته سَمجهو
اُهي بادشاهي دَٻدٻي کي سَلامي
ٿيندا هُئا. ماڻهپي جي دَرجي کان
لَهَڻ کي پَليڪار ڪندا هُئا. پاڻ
جهڙن کان، پنهنجي پاڻ کان دُوري
قَبوليندا هُئا. جڏهن لوڪُ ٻولَ
واهِپي وَرتَڻ مان نِڪري وَيا ۽
بادشاهي لَفظن اُنهن جي جاءِ
والاري ته ماڻهن لاءِ پنهنجي اَندَر
وَسندَڙ سُٻنڌَن کي سُڃاڻڻ ۽ ماڻِڻ
ڏُکيو ٿي وَيو. هُنن جي هِڪ ٻئي
سان پَنهنجي پاڻ سان جُڙَت ڍَري
ٿي وَئي. سندن هوندَ هَستي
سَڪِڙي سوڙهي ٿيندي وَئي. ڪين
ڏَپَ ۽ ٻي ويساهيءَ جا پاڇولا
ڇِمٻڙي وَيا جَن کي پَڇائِڻ لاءِ هَر

دَمَ لوڙ جي ڏُونهين ڏُکائٽي پَئي.
پَر لوڪَ ته دَپَ □ بي ويساهيءَ
کي گهَٽائيندي ناهي ويتَر وَڌائيندي
آ. حاڪِمن مالِڪَن لوڪَ کي
پنهنجي دَٻدَٻي اَڳيان جُهڪندي
ڏِسي سُکَ جو ساهه کَڻِيو □ ڦُنڊِڙو.
اِهو نَه سوچِٽو ته جيکي اَڄُ اَسان
آڏو نِمَن نِوڙَن ٿا اُهي سُياٽي
کنهن ٻئي آڏو به ايڏي سَولائيءَ
سان نِمي نِوڙي سَگهن ٿا. جيکي
پَنهنجي اَندَر وَسندَڙ سُپَنڌَن کي
سُجاڻڻ کان رَهِجي وَيا، هِڪ ٻِئي
سان هيڪڙائِپ □ پَنهنجائِپ ماڻِڻ
کان رَهجي وَيا، اُنهَن وَٽِ پِريت
جوڳُو ڪُجهه ناهي رَهيو. ڪوئي
سَگُّ سانگو مَنجهن اهڙو نَٿو ٻولي
جنهن کي چَڱِڻ اوکو هُجي. جنهن
تان سِر گهورِڻ سوکو هُجي. پَر
سَڀ نِمَندا به ناهِن، يا چَئجي سَڀا
سارا ناهِن نِمَندا □ کَئي نِمَندي بِه
اَصلئون ناهِن نِمِندا. سو جِتي خَلق
بادشاهي دَٻدَٻي کي پُوڄِيو اُتي
خَلق مَنجهان ئي بادشاهي دَٻدَٻي
سان مُهاڏو اَتِڪائڻ جي رِيت به
هَلي. جڏهن لوڪ جا پَنهنجا چَٽيا
پاليا پَڙهي لِکي مولوي غنيمت ٿي
وَيا يا لَشڪرن □ پَرتي ٿي آب آب
ڪَرَڻ لَڳا تڏهن گوڏِن □ گِهڙَڻ لاءِ
ڏينهُن جي سِڪيا ٿي □ پُٽَن کي

ٻُـڌائڻ لاءِ مـائرُن پَهاڪـا چَوِڙيـون
گهَڙِيون. نَنولِيـون توڪُـون نَهِيـون-
ڳـالِهيون آڪـاڻِيون ٻَـڌيون ۽ ٻِـيڙهِيو
ٻِـيڙهي هَليــون. لــوڪُ شــاعري ءَ
خَلقت ڪي سَـنياليو ۽ خَلقت لـوڪُ
شـــــــــــــــــــاعريءَ ڪي.

فَريدا خاڪِ نَه نِندِجي خاڪُوءَ جيڏُ
نَـــــــــــــه ڪـــــــــــوءِ

جِيئَندي پيرَن تَري مُئي مَتُئُون هوءِ

"خــاڪ" بادشــاهي ٻــوليءَ ۾ مِتِي
هُــئي. بادشــاهي ســوچ ۾ مِتِي نَـه
هُجَڻ جو نِشان آ. مِتِيءَ ڪـان پَـري
هُجَڻ ئِي هُجَڻ آ. جيترو ڪـــو مِتِيءَ
ڪان مَتانهُون آ اوتِرو ئي اُهو آهي۔
جيتِـــري ڪنهن جي اُتـــڻي ويهـــڻي
اُونچِي اُتانهِين آ اوتري ئي هُن جي
هَســتي آ۔ مَتــانهُون تِيَڻ لاءِ مـالِڪ
حاڪِم سِجَ چَندِ جــو اولاد سَـڌائيندا
هُئــا۔ هــاتِيُن گهــوڙَن تي سُــواري
ڪَنـــدا هُئــا.اُونچَن ڪـــوٽَن قِلعن ۾
رَهنــدا هُئــا۔ مِتِيءَ ڪــان پَــرانهَپ
اَصُــل ۾ مِتِي هــاڻَن ڪــان پَــرانهَپ
هُئي۔ جيڪي مِتِيءَ مان اَنُ اُپائيندا
وَت وَســـت گهَڙِينـــدا ۾ اُســـارَ
اُســارِيندا هُئــا۔ جن جي ڪَــرِڙيءَ
سِــرِ مـالِڪِيون بادِشــاهيون بِيٺَــل
هُيــون۔ فَريــد مِتِيءَ هــاڻَن پــارَئون
ڳالهــايو آ۔ يــا چَئجي فَريــد مــان

مِٺيءَ هاڻَ ڳالهايو آ ۽ مِٺِيءَ جي
سُڃاڻپ ڪَرائي آ ته مِٺِي ئي هُوندَ
هَستي آ ۽ اِها هيٺ آ تان پير بيٺا
آهِن اِنهيءَ مَنجَهئـــــون اِنهيءَ جي
آسِري تي جِيوَت جُـوڙ جَمي اُپِجي
تي ۽ وَري مَري اِنهيءَ هيٺ اِنهيءَ
اَندَر مـوٽي ٿي۽ حـاڪِم مـالِڪ لاءِ
پيرَن هيٺ هُئَڻ گَهٽتائي جـو نِشـان
آ۽ فَريـــــــد ”پـــــيرن هيٺ“ جي
بادشــاهي مَطلب ڪي اُونـــڏو تــو
ڪَري۽ مِٺِي جيوت کي سَهاري ٿي
مــــــوت کي ڏَکي مُٺَن کي وَري
جِيـاري ٿِي۽ مِٺِي مَـرَڻ جِيئَڻ جــو
گَهر آ۽ مِٺِي ئي جِيئَڻ جو گيڙو پَئي
گيڙي ۽ پـاڻ مَنجَهس پَـئي گِـڙي۔
مِٺِيءَ جيـڏو تـه ڪــو آهي ئي نَـه۔
سو مِٺِيءَ کان پَـري ٿِيَڻ مِٺِيءَ کي
نِندِڻ شـانُ نَـه گُمـانُ آ۽ بادشـاهي
ٻــوليءَ ۽ خــاڪِ نَــه هُجَڻ هُــئي۔
جيـڪـي هَسـتيءَ وارَن ليکي اَڻ ٿِيـا
هُئا اُهي”خـاڪِ“ هُئـا۽ فَريـد لـوڪ
ٻـــوليءَ جي مِٺِيءَ ســـان گَـــڏائي
”خاڪِ“ جي اَٽَهُوند کي هُوندَ ٻَڌائي
جَڏيو۽ خاڪِ کي لوڪُ ٻوليءَ سان
گَڏِيائين خاڪُو ڪوٺي۽” آ “ ”و“ يا
”ي“ ڪنهن لَفـظ آڏو جوڙيـا وينـدا
آهن اُنَ کي جيئري جاڳَندي هَستي
ٻَڌائـــڻ لاءِ ۽ اُن ســـان پَنهنجــائِپ
ڏيکـارِڻ لاءِ۽ فَريـد خــاڪِ کي پَنـڌ

ڪَرايو آ بادشاهي ٻوليءَ ڪان لوڪُ
ٻـوليءَ تـائين □ اِن پَنـڌ خـاڪِ ڪي
خـاڪُـو ڪَـري اُن جــو آپــو مَـٿـائي
چَـڏيو آ□ هـاٽي اِها نِـرِجِيءُ نـاهي
رَهِي جِـيئَري جاڳَنــڊِي ٿي پَـئي آ□
هيٺِ بــه هُونـدي آ □ مَـٿـان بــه ٿي
وِهَنــــــــــــــــــــــــــــدي آ□

لوڪُ شاعرن لوڪُ ٻوليءَ جو بَچاءُ
ڪَرڻ لاءِ بادشاهي ٻوليءَ جا هَٿيار
ڪَسِــيا □ اُنهَن ســان ئي بادشــاهي
ٻــوليءَ جــون ڪــاهُون روڪِيــون□

فَريدا بِرها بِرهـا آکِيي بِرهـا تــون
سُـــــــــــــــــــــــــــــلطان

جِتِ تَن بِرها نَه اُپجي سو تَنُ جــاڻ
مُســــــــــــــــــــــــــــــاڻ

فَريـــد ويلي دَهليءَ جـــا بادشـــاهه
سُـلطان سَـڌائِيندا هُئـا□ ڏوهـيڙي
ٻـاهران ”سُـلطان“ جي بادِشـاهي
آ□ رِعيت لاءِ اِهو نانءُ ئي حُڪُم آ□
اِن نانءَ سان وَهنوار وَهي تــو□ اِن
جــو سِــڪو هَلي تــو□ اِهــو نــانءُ
مَسيتُن چؤنڪَن □ ٻُري تو□ هَـر دَم
خَلقت جي سِر تي سُوار رَهي تو□
خَلقت اِن نــانءَ تي دَهلجي بــه ٿي
□ اِن جي دُهـــــائي بِــــه ٿي ڏئي□
ڏوهيڙي جي اَندر فَريد سُلطان جو
تَختو اونڌو ڪري چَڏيو آ□ سُـلطان
جو نالو ڏاهي هُن بِرهَ کي چيتـاريو

آ لَفظ سُلطان کي تَختَئون لاٿــو آ
بِرها جي وَرجاءَ بِرهــا جي ڌُهــائيءَ
 ”تُون“ جي سَڏَ تُون چَوڻ سان
بِرهُ جيئَري جاڳَندي حاضُر هَســتي
تي بِيٺــو آ هُن سُــلطان جــو رعب
چَنــدي چــاٽي چَــڏيو آ رَهنــدو کَم
کيو آ ”مُسانڻ“ هِک پاســي بِرهــا
سُلطان جو هَنڌُ والاري ويهي رَهيو
آ ته بِئي پاسي ڏوهــيڙي جي سِــتاءُ
ســَـــهجي ”سُـــــلطان“ کي ڏِکي
مُسانَڻ آڏو کَــري بيهــاريو آ ڏِکي
بــه چــا جــو سُــلطان مُســانڻ جي
جـــوڙِي اِيئن نَهکي آ جَڻُ قُـــدرَت
بَـٽــائي هُجي اِهــو سِــتاءُ سِــتَّڻ
لَفــظ ”جِــانڻَ“ وِچَ وَســيلو بَــٽيو آ

بِـرهُ تـانگھ آ بِـئي ســان مِلَڻ جي
پَنهنجائِپ کَـرَڻ جي سِکَ اَنـــدرِيَن
باهِرِيَن سُبِندَّن جي ســارَ، سَــنجوڳُ
ماٽِڻ جي اُکَنَڌَ اُکِـيرَ سُــلطان زَر
زورَ جي سِر تي جنهن سان چــاهي
ميلاپ کَـري سَـگھي تـو پَـر اِهــو
ميلاپ مِلَڻ ناهي هُوندو مَلِڻُ هُوندو
آ مَلِڻَ سان تانگھ مَري وينـدي آ
مَلِڻَ وارو به پُـورو ٿي وِينـدو آ هُن
جــو تَنُ مُســانڻ بَڻجي وينــدو آ يــا
چَئجي تانگھَ مَـري لـوپَ جي جُـوڻِ
مَتائي اِيندي آ لوپَ جــو پُـوٽُ تَنَ
جي مُسانڻ سَدائين پِيو پــانواٿِيون
کائِينــدو آ فَريــد جي تــانگھ تَـڏهن

جِيئَنـدي آجي مَـلَ كـان بَچي□ پَـر
سُـلطان جي سُـلطانيءَ □ رَهَنـدي
مَلَ كان كيئن كـو بَچي سَــگهندو□
سُلطاني تـه آهي ئي مَـلَ وَرتـارو□
سو فَريـد جي تـانگهَ جِيئَنـدِي آجي
سُـلطانَن جي سُـلطاني ڏاهي پـاڻ
سُلطان ٿي وَجي□ مَلَ وَرتاري جي
هَنـدِ تـانگهه وَرتـارو هَلي□ هَـر تَن □
بِرهُـه نِتُ جَمي نِتُ نِسِـري□ فَريـد
جو بِرهُ سَدا وِچوڙو آ □ سَـدا ميـلُ
بِــــــــــــــــــــــــــــــــــه□

هِكَ وِيچارَ پَٽاندَڙ پهرين سِتَ هِيئَن
آ:

بِرها بَرها آكِيي بِرها تـون سُـلطان

بَرها جو ٻَه مَعنائون هِن (پِيـون بـه
هُونـديون) هِكَ وَرهـا يـا واڍِ كُـوهَ
مان پاٽِي كـَدَڻ واري □ ٻِي كَـڙِيـو
كُوهـه مـان پـاٽي اَڎُن نـالِيُن تـائِين
پهچائِڻ وارو□ ٻنهي معنـائن پويـان
اَلائي "بـــار" يـــا "وار" ئي آهي،
پـــاٽيءَ لاءِ پُراڻــو لَفــظ جيكـــو
"وَرهَڻ" □ آ□ "وَركا" □ آ□ جيكـو
"سَـروَر" □ وَهنـدَڙ پـاٽي ٿي وَيـو،
ڌَرتيءَ □ پيهي كُـوهَن □ آيـو جِتـان
وَرها راهين نِكِري ڎوهيڙي □ اَچي
وَيو□ ٿي سگهي ٿو هِتي ٻوليءَ جـا
عـالِم اَسـان كي جَهلِڻ جي كَن□
هَلـــو كين اِنَ لَفــظ جي مُنــدِ تي

ويهاري ”بَرَها“ راهين ڏوهيڙي □
لَهون ٿا□ واڍِ يا رَسي رُڳو ڪُوهه
مان پاٽي ناهي ڪَڏَندي، اُپَجَ جي
پُوري ڦيري □ اَن جي گُهرج آهي□
وَڍيَل پوک جي سانپَ لاءِ بِه تَه
وَهڻَ جي سانپَ لاءِ بِه□ فَصُل
جي وَندَ لاءِ بِه ٻَني ٻاري جي ماپ
لاءِ بِه □ ڍَل لَڳانڻَ جي ڪاٿي لاءِ
بِه□ سو بِرها رَسو هُجي يا ڪَسِي
ڪَڙِيو وَسُونءَ جي مُنڍائِتي رَمزَ
آهي□ وَسُونءَ پاٽي ڏِيَڻ جوڙڻ
بَڌڻ کان هَلي ٿي □ ماپِڻ وَنڊِڻَ تي
پُوري ٿي ٿِئي□ ”بَرَها“ وَسُونءَ
جي ڪَمَن ڪارِيُن جي اِن ڦيري
جي رَمزَ ٻَٽجي ”سُلطان“ سان
ٺَڪرِيو آ□ چو جو سُلطاني به
اِنهيءَ ڦيري سِر ئي بيٺَل آهي□
فَريد بِرها کي بَرَها سَڏي ٿو□ رُڳو
پاڻ نَٿو سَڏي ” آکيي“ راهين
پُوري سَنگَت سان گَڏِجي سَڏي
ٿو□ سو بِرها ئي پاٽي ڏِيندو آ □
بِرها ئي جوڙِيندو سانپِيندو آ□ بِرها
ئي اُپائيندو آ □ بِرها ئي وَنڊِيندو
وَرتيندو آ□ بِرها کانسواءِ وَسُونءَ
جو گيڙو نَٿو گِڙي سَگهي□ پَر بِرهه
جي ڪَرِٽي سُلطانيءَ جي نوڙَ □
ٻَڌِجي مَلَ ٿي ويندي آ بِرهَ جو اُبَتَڙ
اُنَ جي ويرِڻِ□ سو فَريد جي
سَنگَت ڏوهيڙي □ سُلطان کان

تَخت تــاجُ چَـــڏِرائي وَسُـــونءَ جي
مُهارَ بِرهه جي هَٿِ ڏِئي ٿي ۔ جَنهن
جي هَٿِ ڪارُ تَنهين هَٿِ مُهارَ ۔ پـــر
اِهـــو ڪَم ٿِيـــو وَڏي اَتِڪَـل سـان آ
پـائَمُرادو نـاهي ٿِيــو ۔ بي سِـــٽَ ۔
"اُپجي" سَهَج سَياءِ ئي آيَـل چِـاپي
ٿــو ۔ پـر ڏوهــيڙي جــو رَمــزَ سِـٺاءُ
اِنهيءَ لفـظ هَٿِ آهي ۔ رَمـزُن جــو
گـيڙو پِتـو آهي ۔ پهـرين گـيڙي ۔
سُلطانيءَ جو جوڙ مَخلوق جي اُپَج
پورهِيي سان جُڙي ٿو ۔ سُـلطانيءَ
جو اَصُل بُٽياد اِهو اُپَج پورهيو آ ۔ پر
اِن اُپَج پورهــيي جــو پَنهنجـــو بُٽيــاد
ڪَهــڙو آ ۔ اِهـــو نِبــيرو پِــئي گــيڙي
مَنجهه ٿِيو آ ۔ اُپَج پورهيــو بِــرهه سِــر
آ ۔ هُونـــدُ مُنـــدَئُون آهي ئِي بِرهـــا
(بِرها بِرها آکيي) ۔ بِرها اُپَج جو تَٿُ
آ ۔ بِرها اُپَج پورهيي جــو چِــائو بــه آ
ته چِٽيندڙ بِه ۔ بَندي جو تَنُ هُن جو
وِٿُ هُن جي هَسـتي اُپَج پورهــيي
جي گَهڙِيَل آ سو بِرهه جي گَهڙِيَـل
آ ۔ جَنهن کي بِــرهَ گَهڙِيــو آ اُن کي
هَلِٽو به بِرهه جي حُڪُم سِــر ئي آ ۔
بِرهه ئي آ جيڪو اَندَن اَچيت ڪُــوهن
۔ لِڪيَـل تَٽَ سَـتَ کي وَري پــوڪُن
وَهِٽَن مــاڻهُن ۔ اُپجــائي ٿــو ۔ جي
وَسُونءَ جي ڪِرِت ڪارَ جي مُهــارَ
بِــرهه هَٿ نَــه هُجي، مَـلَ هَٿِ هُجي
تــه وَسُــونءَ جــو گــيڙو مَٿَئُون تــه

گِڙندو چاپَندو آ پَرَ اَندَرئُون بيٺَل
هُوندو آ۔ جَذَهن كيتَ ۔ اُپِجيَل اُپَتِ
بِره كان چِڃِي ماٺوءَ جي وِتَ
جي نِڙِي نِپُوڙيندي آ ته ماٺوءَ جي
تَنَ جي كيتِي به مُسانَ ٻَٽجي
ويندي آ۔

لوكُ ٻوليءَ جي سَنڀال بَندُ هئي
بادشاهي ٻوليءَ اَڳيان۔ رُڳو
بادِشاهي ٻولي اَڳيان نه شانَ
گُمانَ جي اُن پَرمارُو وَهنوار اَڳيان
بِه جيكو بادشاهي ٻوليءَ راهِين
لوكُ چِٽُ ۔ پيرم پَريندو هُئو۔ لوكَ
جي تَنَ ۔ بِره جو ٻِجُ چِپياتي مَلِڻَ
قَٻائِڻ جي هَٻَچ هول مَچائِيندو هو۔
اُن كي مُسانُ ٻَٽائيندو هُئو۔

نانک چَيو

جِن سِكداري تَنهِين خُواري
چاكر كيهو ڏَرِڻو

جان سكداريءَ پَوي زَنجيري
چاكَر هَٿئون مَرِڻو

شِق سُلطان جي سُلطنت جي
هِكَ وَندِ هُئي، بَندوبَست اِنتظام
لاءِ، اوڳاڙيءَ لاءِ۔ شِق جو حاكِم
شِقدار سَڏائيندو هُئو۔ لوكُ ٻوليءَ
۔ اِهو لفظ سِكدار رَهجي وَيو۔
لوكُ ٻولي بادشاهي ٻوليءَ جي
لَفظن كي پَچي گهَڙي اُنهَن جو
رعب كَسِيندي آ۔ (بَرَواسي

مَئجِسٽريٽ کي مَچِريٽ □ آنِريـري
مَئجِسـٽريٽ کي هَنـيري (آنـڌاري)
مَچِـريٽُ ڪـونِينـدا هُئـا)□ اهـڙي يَجَ
گهڙَ ٽِيندي ته سَـهَج سَـياء ئي آهي
اَنَّ ڇاٽائيءَ □□ پَرَ ان □ رُتِـبي جي
دُوريءَ کي زوريءَ اورانگِهڻ جي
سَـــڏَ لِڪيَـــل هُونـــدي آ□ ڇَتِڪي
اَبوجهائِي جـو هَٿُ هَٽِي رُتِـبي جـو
رعب کَسِڻ جي سَـڏَ□ پـر شِـقدار
سِڪدار ٿي به حاڪِم ئي آ□ اُن جو
اَصُـــل رعب هُن جي حـــاڪِميءَ
پارَئون آ□ سو نانِڪ حـاڪِميءَ جي
ڪوتَ کي کاٽُ هَٽِي اُنَ جي پِـيڙهه
پَــٽي لــوکَ جــو دَپُ ٿــو لاهي□
سِڪِداريءَ □ چاڪِريءَ جو ڏُرَئـون
جو سَگُّ آ□ جي چاڪَرُ سِـڪِداري
جي ڏاڍَ سـان يَڪِ سُـر آ تـه هـو
سِڪِدار جو ڍِڍَئـون تابعـدار آ□ جي
نَه تَه هُن جي تابعداري اِئين پَڙدو آ
هُنَ جي دَپَ جو□ نانڪ چـاڪَر کي
هُن جي پَنهنجي دَپَ جي سـامهون
ڪَيَــو آ□ چـاڪِري سِـڪِداري جي
سَـگ مَـٿان هيجَ پَنهنجـائِپ مَچِـتا □
مهربـانيءَ جـا سـپ پَـڙدا لهَي وَيـا
آهن□ اَگِيَئـون ڇـاپي ٿـو نـانڪ جي
ٻولَن □ چاڪَر پاڻ ٻوليو آ□ چَئي ٿو
مـان ڇـو ٻُجـان مـون وَٽ ڇـا هي
جيڪـو ڪَسِجي ويندو□ ٻُجي ته اُهـو
جيڪـو چوتِ چَڙهيو آ□ چاڪَرن کي

ته روزُ زَنجير پَوندا هُئا□ روز ته
چاڪَرِ ئي سِڪِدارن هَٿَئون مَرندا
هُئا پر هِتي سِڪِدارن جي ٻَڌِجَڻ □
چاڪَرن هَٿَئون مارِجَڻ ڪي اَٽَڪَر
قُدرتي وَهنوار ڏَسيو وَيو آ□ هِنن
ٻولَن □ چَوِڻيُن پَهاڪَن واري پَڪَ
آهي□ جيئن ڪو جُڳين پُراڻو لوڪَ
جو هِينئين هَنڊايَل سَچُ هُجي□ اِن
پَڪَ پارَئون سِڪِداري □ خُواريءَ
جو جوڙ قُدرتي □ لازمي ٿي پيو آ□
چاڪِري □ تابعداري جو جوڙ
قُدرتي □ لازمي ناهي رَهيو□

ڏَپُ □ خُواري نِماڻَن جو ڀاڳُ ڀاڳو
هُئا□ نانڪ جي ڪَلا اُنهن ڪي ڏاڍَن
جي ليکي لِکي ڇَڏيو آ□ چاڪَر ڪَنڌ
جُهڪيل حُڪُم جا ٻندا ناهِن رَهيا□
هِمَٿ ڀَريا سُجاڳُ جِيءَ ٻَڄي بيٺا
آهن□ ڄاڻي ويا هِن ته سَندَن ڪَمُ
سِڪداريءَ کي ٽيڪ ڏِيَڻ ناهي□ اُن
کي پارئُون پَٽِڻ آ□

ويلي سِر لوڪُ ٻوليءَ خَلقت جي
سَنپال ڪَئي اُن جو آڌار بَڻي□
لوڪ شاعري خَلقت جو ڏَڍُ بڻي.
خَلقت وَري لوڪ شاعريءَ کي
سانپِيو□ چيتي □ پَچائي اَڳِليُن
پِيڙهيُن تائين پُڄايو□

تُرڪ سُلطانن □ مُغل شَهنشاهَن
جي ويلي شَهرَن ڳوٺَن □ هَنڌ هَنڌ

~~مَدرسا ڪُليا ۽ مَدرسَن جي پَڙهائي~~
~~بادشاهي ٻوليءَ جي آڌَرِ لوڪ جي~~
~~دِل ۾ وِهارَڻ جو وسيلو بَڻي ۽ اُن~~
~~لوڪ کي ڏَسِيو ته عِلم اُهو آ~~
~~جيڪو بادشاهِي ٻوليءَ راهين~~
~~لپِيَ ۾ اُهو ئي عِلم توهان کي~~
~~بادشاهِي دَرجَن رُتبَن جي لَڙِهيءَ~~
~~۾ پوئي سَگهي ٿو ۽ جيڪو عِلِم~~
~~توهان کي پَنهنجي ڪَمَ ڪِرِت مان~~
~~مِلي ٿو اُهو سَڪِٽو آ ۽ اُن عِلِم جي~~
~~سِر توهان جيڪو اُپايو ٻَڻايو ٿا اُهو~~
~~اَصُلَئون اَڏَنگو ۽ سَهانگو آ ۽ اِنهيءَ~~
~~لاءِ سَرڪار اُهو مُفُت اوڳاڙي ڪَٽي~~
~~ٿي ۽ بادشاهي ٻوليءَ واري سِکِيا~~
~~جو عِلِم بارِيڪ آ ۽ اِهو اُپائِڻ ٺاهِڻ~~
~~وارو کُهرو ڪَم ناهي ڪَندو ۽ اُهو~~
~~جوڙِڻ اُپائِڻ جي پورهيي کان~~
~~ڇُتڪارو ڪَرائي ٿو. جوڙِڻ اُپائِڻ~~
~~وارَن جِنَنِ کي قابُو ڪَري ساري~~
~~جَڳَ جون نعمتون اَڪِ چِنيَ ۾~~
~~حاضر ڪَرائي سَگهي ٿو. بادشاهي~~
~~ٻولي سِکَڻ لاءِ جيترو ڪَشالو~~
~~ڪَرَٽو پَئِٽو اوترو ئي سِکَڻ واري~~
~~جي دِلِ ۾ بادشاهي ٻوليءَ جو~~
~~اَدَب وَڌِٽو. جيترو هُن صرف و نَحو~~
~~جي پيچَن ۾ قاسِٽو اوترو ئي ڪيس~~
~~سَهَج سَيائِين سِڪيَل لوڪُ ٻولي~~
~~ڦِڪِي ۽ اَڻَ گهڙيَل ڄاپِٽي.~~
~~بادِشاهي ٻوليءَ جا ڪِتاب جادُو~~

نَگِريون بَٽجيِ وَڃِٽا □ جادُو نَگرِيُن
□ لَهَندي سارِ ئي هِيٺَن جي ”مان“
کي بادِشاهي شانَ گُمانَ جا پَرَ
لَڳِي وَڃِٽا. هُنَن جي اَندَر وارو
اَٽِڃاڻ ئي بادِشاهي وَهَنوار وَتِ
گِروِي ٿي وَڃِٽو.

فَريدا جي تون عَقل لَطيف کارا
لِکُ نَه ليکَ

پنهنجي گريبان □ ڏِسُ سِرُ نِمائي
ڏيکَ

عَقل لَطيف اُنهَن جو ليکيو ويندو آ
جيکي بادشاهي ٻولِيءَ راهين
بادشاهي عِلِم □ وَرتاري جي جادُو
نَگريءَ □ گِهڙي عامَئون خاصِ ٿي
وَڃَن□ خاصَن جي خاصِيَت سَندن
لِکَتُن □ آهي □ لِکَتُن راهين عامَن
مَٿئون وَسَندي آ. لِکَت ئي عِلِم آ.
لِکَت ئي حُکُم قانون آ. لِکيَل اَکَر
ليکَ آهن. عامَن جي قِسمَت هِن.
دَربار جو لِکيَل فَرمان کَٽي کو
اَچي لَهَندو آ □ هزارَن عامَن جي
ڏِينهن راتِ جي پورهئي مان اَڌُ
چوٿو اوڳاڙي وَٺي ويندو آ. لِکَت
ڏُرَئُون لِکِيَل ليکُ آ جنهن کي کو
ٽاري نَٿو سگهي. لِکَڻ وارا اِنهيءَ
جادُوءَ جي سِرَ تي بادشاهي
نوکريُن تي چَڙهيا هِن. مَدرسَن
وارا □ گاديُن وارا چوراسِي ڳوٺَن

جو ڏَنُ پيا اوڳاڙي ڪائِين. خَلقت
اِنهن کان لِڪَت سِڪَڻ اَچي ٿي.
اِنهن جو لِڪِيو مَڙهي ڳِچيءَ □ پائي
ٿِي. ڏُرَئون لِڪِيو بِه اُنهَن جو ئي آ
سو اُنهَن جو لِڪِيو ئي ڏُرِ ليکَن کي
تاري بہ سَگهي ٿو. جادُوءَ کي
جادُو ئي ڪَٽي سَگهي ٿو. پر هي
اهڙو جادُو هُيو جيڪو جادُوگَرن
سان بِه وڙهي پَيو. عالِمَن حاڪِمَن
جي چالاڪي هُنَن کي اِهو نَٿي
سَمجَهڻ ڏِئي ته لوڪ کان پَرانهون
ٿِيَڻ پَنهنجي پاڻ کان پَرانهُون ٿِيَڻ
آهي. حاڪِمي عالِمائيءَ جا ڪارا
ليکَ لِکَڻ واري جا پَنهنجا ليکَ ڪارا
ٿي ويندا آهن۔ هُن کي پَنهنجي پاڻَ
کان وِڇوڙي ڇَڏيندا هِن. پَنهنجي
آپي کان ٻاهر ڪَري ڇَڏيندا هِن.
عالِمَن حاڪِمَن جي سَمجهه تِکِي
بارِيڪ □ مَلُوڪ ڪوٺائيندي آ.
بادشاهي ٻوليءَ □ ”عَقل لَطيف“.
فَريد عَقل لَطيف جي ڀَرم گُمان
وارَن کي عَقل لَطيف سَڏي هِڪ
ڄَٽڪِي ٽوڪَ ڪَئي آهي □ ڪِل پوڳَ
□ سَندَن ڀَرمُ ڀَڳو آ. بادشاهي
ٻوليءَ جي ڪَلَف لَڳَل اِصطِلاح
سان ڇَرچو ڪَري اُن جو جادُو
ٽوڙِيو آ □ جادُوءَ □ قاتِلَن کي
ڇوٽِڪاري جي راهه ڏيکارِي آ. جي
سَچَ □ توهان ڀَرُوڙ وارا آهيو ته

پَنهنجي آپي ۾ اَچو. پَنهنجي ڪُوڙَ
جي اُسارِيَل ”مان“ جي اَندَر
جهاتِي پايو. مَتان توهان کي
پَنهنجو اَصُل آپو اُنهَن جهڙو ئي
ڏِسِجي جِن کي ڪارَنَ ليڪَن راهين
نِندِي رَدي دَٻائِيندا آهيو. ”گريبان“
اُنهيءَ نِويڪلِي مَتاهِين ”مان“ جو آ
جيڪا گَهٽي چاڪ سان سِبائي ڳَلِ
پاتِي آ. شانَ گُمانَ جو نِشان هاڻي
پَچتاءَ جو دَرُ آ. جو ڪُجهُ پِيَن کي
پُلائِڻ لاءِ سَهيڙيو هُئو هاڻي پَنهنجي
آپي جي پَڙتال جو وَسِيلو آ. جي
ڪو ڪَري ته ۾ فَريد ٻاهران بيهي
واعِظ نَتو ٻُڌائي. وِچايَلَن ۾
وِچائِجي پَنهنجي پاڻَ سان ڳالِهه تو
ڪَري. فَريد اُنهَن مَنجَهئون آ
جيڪي بادشاهي ٻولي سِکِي
ڪارَن ليکَن جي لِکَت جا چِاڻُو ٿي
وَري لوڪ ٻوليءَ ڏي موٽِيا.
بادشاهي رَهڻيءَ جي جادُوءَ جي
جهامَ جهلي پنهنجي آپي ۾ آيا.
ويرِيُن جا هَٿيار جاچي پِرَ ۾ لَتا.
غَنِيمت جي چاهي ها ته غَنِيمت نه
رَهي ها فَريد تي وَجي ها.

هِڪڙا لَفظ اُهي هُئا جن کي لوڪَ
پاڻ بادشاهي ٻوليءَ کان کَسي
لوڪ وَرتاري جي ديڳِ ۾ وِجهي
رَڌيو. اُنهَن جي ڏيکاءَ وارِي رَڌِي
ماري. اُنهَن کي شانَ جي نِشان

~~مان موٿائي وَري لَفظ ٻڌايو. ٻيا
اُهي هُئا جيڪي ڪارَن ليڪَن
راهين، لَشِڪرِيُن جي آب آب
راهين لوڪُ ٻوليءَ ۾ لَٿا. اِهي لَفظ
نه هُئا شانَ جو نِشان ئي هُئا. پَر
اُهي ٻُڌون ٻَدي پنهنجو اَصُل لِڪائي
لوڪَ ٻوليءَ ۾ آيا ۽ وَسَندڙ وَڌَندڙ
لوڪُ ٻولَنِ جي ڌِرتي نِپُوڙي ڪين
اَڌَمُئو ڪَري وَرتَڻ واهِپي مان ٻاهر
ڪَري اُنهن جي جاءِ واري ويهي
رَهيا. ٻولِيُن جا لَفظَ چَڙا چاندَ ناهِن
هُوندا. پاڙَ پَرِوار وارا آڳي پيڇي
وارا هُوندا هِن. اُنهَن جي سَڱَن
سِياڪَن جا ڪيئي سِٿاءَ ۽ وَهنوار
هُوندا آهِن. جيڪي لوڪُ سُرتِ
مَنجَهئون جُمَندا هِن. اَڳتي لوڪُ
سُرتِ جي گُهرج جوڳيا لَفظ جَڻِن
نِپائِڻ جي اِنهَن ۾ اَڻَ ڪُتِ سَگهه
هُوندي آ. جيئن ماٽهو اَٽڪُت سُپَندَن
جي گهاتِي اُٽَتِ آ تِئَين ئي لَفظ
هِن. جِيئندَڙ وَسندَڙ وَڌَندڙ وِيجهَندَڙ.
پر بادِشاهي ٻولِيءَ جا لَفظ هِتي
بادِشاهي شان نِشانُ جو ٻَڌجي
لوڪُ ٻوليءَ ۾ لَٿا. لَفظَ هُجَڻ جو
مَڪَر ڪَري اُهي لوڪُ ٻوليءَ تي
ٻي پاڙِي ٻَڌِجي چَڙهي وَيا. اِهي
لَفظَ لوڪُ ٻوليءَ جي وَهنوار سان
جُڙَڻ نَه هُئا آيا. ڪنهن جيئَندَڙ
سَڱاوَتيءَ ۾ وَسَڻ نَه هُئا آيا. سو~~

نِويڪِلا رَهيا. اَجُـڙَت، اَلَـڳ. پـر جِن
لـوڪُ ٻـولَنَ مَـٿـان اِهي اَچِي ڪِرِيـا
اُنهَن جو ساهُ ٻُوسـاٽجي وَيـو.سـو
اَڳِي جَنهن سَـڳاوَت ۾ اُهي ٽِڙَنـدا
ٻولِيندا هُئـا اُهـا بـه مـاٺِي ٿي وَئي.
بادشـاهي ٻـوليءَ جي اِن ڪـاهَ
ڪارَڻ لوڪُ ٻولَ وَرتَڻ واهِپي مـان
نِڪرنـدا وَيـا. لـوڪُ ٻـوليءَ جي
اَنـدرِين گهاٽِي سُـٻَندَ اُٽَت چِڄَنـدي
وَئي. ٻـوليءَ جي ڪَئِني وَهنـوارَن
جـو واهِپـو بيهي رَهيـو. اُنَ جي
وَسُونءَ اُجِـڙڻ لَڳي. لـوڪُ سُـرتِ
نِسَتي ٿي وَئي. ماڻهُن جي سـوچِڻ
سَمجَهڻ واري سَگهَ اَپاهَج اَدَمُـئي
ٿي وَئي. ”رَکَڻ“ ”دَرِڻُ“ بـه هُونـدو
آ تَه ”سـانپِڻ“ ”سـانڍِڻ“ بـه. رَکَ،
رَکَتِ، راکو، رَکَٽهار، راکِي، رَکَـٽي،
رَکيا، رَکيَل. اِهو ٻول پَـرواڙُ ٻـوليءَ
جي وَهنوار جوڙيو آهي. اِهو پَـروار
سَـدا وَدَّٽهـار آ چِـو تـه ٻـوليءَ جـا
وَهنوار پاڻ سَدا وَڌٽهار هِن. سانپِڻ
لاءِ عَـــربي لفـــظ ”حفـــاظت“
بادشـاهي ٻـوليءَ ۾ وَرتِينـدا هُئـا.
عربيءَ ۾ اِن لَفظَ جي پُـوري آکَهِ
آجيڪا عَربي ٻوليءَ جي وَهنـوارَن
اُساري آ. پر هِتي اِهو چِڙو لَٿو. نَـه
لوڪُ سُرت عَـربي وَهنـوار پَنهنجـو
ڪري پـئي سَـگهي نَـه “حفـاظت”
پَنهنجي پـوئين پَـروار سـان جُـڙي

پئي سَگهي. اِن جي پَــرروار جــا بِيــا
لَفظ به لوڪُ ٻوليءَ ۽ لَتا پَــر چَــڙا
چانڊَئِي. هِڪَ ٻِئي ڪــان ٻِنَهن اوپِــرا.
حافِظ، حِفــظ، محفــوظ، مُحافــظ.
اِنهَن جي اَصُــلي جُــڙَت تــه هُــئي
عَربي وَهنوار مَنجهــه جيڪــي پوئِتي
رَهجي وَيا. هِتي اُنهَن جو سَگّ اِهــو
آ تـــه اِهي بادشـــاهي ٻــوليءَ جـــا
لَشڪري هِن. بادشــاهي شــانَ جي
وَرِدي پـــائي بادشـــاهي رعب جـــا
هَتِيــار ٻَــڌي لــوڪُ وَسُــونءَ ۽ لَتَّـل
آهِن ۽ لـــوڪ ٻـــولَن جي هَـــزارين
ســالَن جي جُڙَيَــل ســانگن کي پِيــا
چيپاتِين. لوڪ ٻوليءَ جي وَهنــوارَن
جــو ســاهُ پَيــا ٻُوســاتِين. پــاڻَ اِهي
زِنده رُوح هِن پر لــوڪُ ٻــوليءَ جي
جِــيئَرن جِــيئَرَن کي پَنهنجي وَرديءَ
۽ هَتيــارن جي داٻَ هيٺ دَٻــائي تــا
مــارين. اِنهَن جي پــاڻ ۽ رُڳِي ڏاڍَ
ڌَهڪـــاءَ واري هِڪَ جَهِـــڙائي آهي.

ٻوليءَ جا وَهنـوار گَهٽا پَڪا هُونـدا
هِن پَــر ٻِنَهي ڪَچِــڙا پِڻ. جِــيئن وَڻُ.
پـاڙَ، ٿُــڙَ پَــروار جي جُــڙَت ڪيــڏي
پَڪِي آ. اُپَجَ جي ڪيڏي سَـــگهه آ اُن
۽ پَــر پــاڙَ ڪــوتي چَــڏيو تــه پَــروار
سُڪيو وَجي. پَروار چــانگهي چَــڏيو
ته پاڙَ جــو سَــٿُ نِڪِريــو وَجي. ٻــول
جي هَستي هِڪَ سَــبَند جي هَســتي
هُوندي آ. ڪَڏَّهن ڪــو ٻــول وِسِـــري

ميسارِجي ويندو آ ته ٻوليءَ جي
جُسي □ ڦِرندَڙ رَتَ آڏو رَنڊَڪ
اَچي وِيندي آ. لَفظَن جي جُڙڻ
اُپِجَڻ وارو هِڪَ ٻِئي سان رَلي
رُوپ مَٽائِڻ وارو وِٽُ سُڪِي ويندو
آ. بادِشاهي ٻوليءَ مان لَٿَل
لَشڪري لَفظَن جي ڏورِ دَرٻارِي
لانِڙيَن جي هَٿِ هُوندي آ يا مولِوي
غَنيمتَن جي هَٿِ. جَڏَهن اِنهن
لَشڪرُين جي سُنبَن هيٺان لَتاڙِجي
لوڪُ ٻوليءَ جي وَهنوارَن کي
سوکَهِڙو لَڳي ويندو آ ته هِيٺو
لوڪُ ويتَر ويچارِڙو ٿي پَوندو آ. هَر
نَئين لوڙَ گُهرج لاءِ دَرٻاري لانِڙيَن
□ عالِمَن ڏي ڏِسَڻ لَڳندو آ. جيڪي
اَڳيئون ٻِيا لَشڪري سَنواري مَٿَس
ٻَچيو ڇَڏين □ لوڪُ ٻوليءَ جي
وَهنوار □ ٻائيتال ويتَر وَڌيو وَڃي.
لوڪُ سُرتِ ٻولَ ڇَڏَڻ اُپائِڻ جي
سَگهَ راهين نِسِرَندي ڦُولاربي آ.
ماٺهو پنهنجي پاڻ سان □ جَڳَ
سان ٻولَن راهِين مِلَندو آ. جي ٻولَ
جوڙِڻ جي سَگهَ نه هُجي ته
ماڻهوءَ وَٽَ پَنهنجي پاڻ سان □
جَڳَ سان مِلَڻ جي کُلَ ناهي
رَهندي. جي هُنَ جو آپُ ميلُ □
جَڳَ ميلُ بادِشاهي لَشڪرُين جي
ٽِياڪِڙيءَ راهين ٽِيَٽُوُ آ ته سَمجهو
نَه هُو پاڻ سان مِليو نه جَڳَ سان.

هُن کي اَندر ٻـاهِر هَـر دَم بادِشـاهـ
جـو رعب ئي مِليـو. هُـو بادِشـاهي
مَرضِيءَ جو پاچولو بَڻجي وَيو. پـاڻَ
هُــــــــو جَڻ ڦِيـــــــو ئي نَــــــه.

اَنگريز راڄُ آيو تَـه فارسـيءَ جي
هَنـــدِ اَنگريـــزي ۽ اُردو بادِشـــاهي
ٻوليـون ٿي وَيـون. جنهن ميـلَ جـو
جيترو اَنگريزِ راڄَ سان لاڳاپو وَڌِيـو
اوتِري اُن کي اَنگريزي اُردو سِکِڻي
وَرتِـــڻي پَـــئي. مُغـــل ۽ ديســـي
بادشاهيءَ جو اُساريَل وَڏُ ميلُ بِــه
اَنگريــز راڄ ســان رَلي مِلي وَيــو.
ڪُجُھ تَڪِڙو ڪُجُھ سَهَجي. اَنگريـز
پـــاڻ بـــه ڪُجُھ ڏُريُن کي ڦَـــپي
ڦَٽڪائي اُنَ ميـل ۾ ڪَـٽي بيهـارِيو.
رَسـتَن ريلُن ڪُلَڻ سـان ڏيسـاوري
واپـار وَڌَڻ سـان واپـاري ميـلَ کي
نَـئين جـاڳِ لَڳي. نَيـون نوڪِريـون
نِڪِـتيون نَـوان ڪَسَـب هَليـا نَـوان
عِلِمِ آيـا. بادِشـاهي ٻوليُـون سِـکَڻ
جي مَجبوري به وَڌي ۽ سَـوادُ بِـه.
اَنگريزي سِکَڻ وَرِتَڻَ جو سَـواد تـه
اَهڙو ئي هُئو جهـڙو اَڳِي فارسـيءَ
جو هُوندو هُـئو. لـوڪَ کـان دُوريءَ
جـو ۽ راڄَ وارَن سـان ويجِهـڙائيءَ
جـو. هيڏَن کـان پَلَـؤ ڇَـڏائِڻ جـو ۽
وَسَ وارن جي حُضُوري ماڻِڻ جـو.
فارســـي اِيـــرانِ تُرڪِســـتان جي
خُوشبوء سان مَستُ ڪَندي هُـئي.

اَنگريزيءَ سان اِنگلينڊ □ يُورَپ جا
جُهوٽا اَچَڻ لَڳا. اُردوءَ جو سَواد
ڦِيٽو هُئو. هِڪُ ته اُنَ جي سِکَڻ
وَرتَڻ □ ايڏو ڪَشالو نه هُئو ڪَرڻو
پَوندو. ٿوري ڪوشِش سان ئي
لوڪَ ڪان پَرانهَپ □ راڄَ جي
ويڄِهڙائيءَ جو جُهوٽو اَچَڻ لَڳَندو
هو. ڇو ته اِها اَنگريز جي آندَل
نَئين بادِشاهي ٻولي به هُئي □
مُغل جي ڇَڏيَل پُراڻي بادِشاهي
ٻولي ٻِه. دَهلي لَکنؤ جي دَرٻارِن
جي پوئِلَگِ اَشِرافن اِنَ کي پاليو
نِپايو هو. اِن □ فارسي لَفاظي به
هُئي ته دَهلي لَکنؤ جي اُوچي
رَهڻيءَ □ وَرتِيا وِيندڙ مُحاورا ٻِه.
سو اُردوءَ □ نَئين وَڏَ ماڻهپائي جي
رَسُ به هُئي □ پُراڻيءَ جو چَسُ
ٻِه. دَهلي لَکنؤ جي اَشِرافن جو
اَنگريزَن سان لاڳُ پُراڻو □ پَکو
هُيو. نَوان لاڳيدار ڇو پَنهنجي
ٻوليءَ سان چِمبِڙي نَوَن مالِکَن
کان اوپِرا رَهَن. ڇو نَه جَهتِ پَتِ
ٻولي مَٽائي پُراڻَن مَڃيَل پَروانِيَل
لاڳيدارن وانگُر ٿي وَڃَن. هِتَئون
جو نَئُون پَڙهيَل دَهلي لَکنؤ وارَن
جو پَلَؤ به جَهلِيندو هُئو پَر اُنهن کان
سَڙندو بِه هُئو. دَهلي لَکنؤَ وارا
نَئين لاڳيءَ کي پنهنجو پوئِلگِ
ڏِسِي سَرها به ٿِيندا هُئا پر پويان

خارُون به کائيندا هُئا. اِهو سوچي
پاڻ کي دِلاسو به ڏِيَڻو ته نَقُل
اَصُل جهڙو نَتو ٿِي سَگهي پَر ساڻُ
ئي سوڙها بِه ٿِيَڻا مَتان نَقُل اَصُل
جو اَگهُ نه کيرائي ڇَڏي. سو هوُ
نَئين لاڳيدار جي پُٺي به ٺَپيندا هُئا
پر هُنَ تي کِلائُون ٺَنولِيون بِه کَندا
هُئا. اَنگريز راڄَ جي پَڇاڙکَن
پَنجهاهه وَرهيَن لاڳِي مَٿِيَن ميلَن
کي سَمجَهه لَڳي ته ٻيلِي اَنگريزَ
اَسان جو مالِڪ ئِي نَه پَهاڄُ به آ.
جي اِهو نِکِري وَڃي ته اَسان اِنَ
جي هَندِ لوکَ مَٿئون حاکِم
ٿِينداسين. پر لوکُ به سُجاڳِ ٿِيڻ
لَڳو هو هاٽي. هاڻِي ته مَٿَس
حاکِمي اُنَ کَرِٽي آ جيکو اِنَ جو
اَڳواڻ بَڻجي. اَسان نَوان اَشِراف
آهيون پُراڻَن اَشِرافن جا وارِث.
لوکَ جي اَڳواڻي اَسانجو قُدرِتي
حَقُ آ. اِئين لوکَ کان نِياري
نِويکِلي ٿِيَڻ جي نَئِين راهه لوکُ
اَڳواڻي بَڻجي وَئي. پُراڻي حاکِميءَ
جي وِڇوڙي نَئين حاکِميءَ جي
آسَ جاڳي. وِڃايَل مُغل شانَ جو
پِٽِکو ايندڙ نَئين شانَ جي جَهلڪَن
سان هِڪُ ٿي وَيو. غَزَل جي رَمزُن
جو مَطلَب مَتِجَڻ لَڳي وَيو. هاڻِيُن
تي جُهولَڻ جا سَپنا جُلُوسَن
لوکَ جي کُلهَن تي چَڙِهي جُهولَڻ

~~سان پُورا ٿي وَيا. دَريارن ۾ ويهَڻ~~
~~جي نَشـي جي ٻـاڙَ لوڪاچاري~~
~~جَلسَن جي اِسٽيجُن تي ويهي لَٿي.~~
~~لوڪ ڪان نِويڪِلو رَهَڻ جو ساءُ~~
~~هاٿِي لوڪَ جي ڀِري ڀِيڙَ مَنجهِ~~
~~ٻِيهي اَچَڻ لَڳو. بادشاهي ٻوليءَ~~
~~جي تَقريرُن ۾ نَعرن جي گَجِگوڙ~~
~~مَنجَهئُون لوڪَ جي مانِيٽي مَچتا~~
~~جو سُرُور اَچَڻ لَڳو.~~

~~بادِشاهي ٻولي اَڳواٽيءَ جي ٻولي~~
~~ٿي وَئي ته اُن جي سِڪَڻ جو سَواد~~
~~ٽِيٽئون چوٽو ٿي وَيو. اِن چَوٽي~~
~~سَوادَ صَدقي ئي اُردو اَخبارُن جو~~
~~زور وَڌِيو. چار دَرجا پَڙهيَل هِيٽا~~
~~نِماٽا به پئسو آئُو خَرچ ڪَري گَهر~~
~~ويٺي حاڪِميءَ جي خُوشِبو وَٺڻ~~
~~جوڳا ٿي وَيا. اِنهيءَ چوٽي سَواد~~
~~صَدقي ئي اُردو اَدَب جي کَپَت~~
~~وَڌِي. "اَدب" جو لفظ اُردو لِکَڻُ~~
~~جو ئي سَرنامون بَٽيو. لوڪَ ۾ اِن~~
~~جو مطلب بِه وَڏَن آڏو نِوڙَڻُ هُئو.~~
~~وَڏا عُمِر ۾ هُجَن يَلي دَرجي ۾. ٻِيا~~
~~مَطلب اِن جا ڏاهَپ ۾ سُگِهڙائِپ~~
~~بـه هُئا. اُردو شاعري کَهاٽي~~
~~مَضمون پَهريون ته ڏاهَپ~~
~~سُگِهڙائِپ ۾ دَرجي سُڃاڻَ جو~~
~~نِشانُ بَٽيا پَرَ وِيهين صَدي چَڙهندي~~
~~لوڪُ راڄ ۾ سَماج سُڌاري جو~~
~~جَهندو بِه هِنَ نِشان وارَن جي هَٿِ~~

~~چَڙهي وَيو. مَٿَئون مَٿَئون لِکَڻ~~
~~پَڙهَڻ وارَن انگريز راڄَ سان ويرُ~~
~~پَرچارِڻُو. سَرمائيدارِي جاگِيرداريءَ~~
~~کي نِندِڻو. غَريب جو ڏُکُ پِٽُڻو.~~
~~لوکُ نابِريءَ جو نَعرو هَڻُڻو. پَر~~
~~اَندرَئون اَچيت سُچيت بادِشاهي~~
~~ٻوليءَ جي نَوَن سَوادَن جو چَسُ~~
~~پَئي وَٺُو. سو پنجاب □ بادشاهي~~
~~ٻوليءَ جي لِکَت، ظاهِري دَعوىٰ~~
~~اُنَ جي پَلي چا به هُجي، اَصُل □~~
~~ڏُونگ هُئي خَلقت کان نِويکِلو~~
~~نِيارو رَهَڻ جو. اِها وَسِيلو هُئي~~
~~پُراڻي اَشراف آسَڻَ تي ويهي نَئين~~
~~لوکاچاري اَڳواڻيءَ جُون واڳُون~~
~~هَٿِيکِيُون کَرِڻ جو. هَٿِيارُ هُئي~~
~~نَئين لوکُ سُرتِ کي زَرَ زَمين~~
~~وارن نوکَرن □ کَسبِيُن جي نَئين~~
~~پائِيواريءَ جي لاپَ سِر موڙِڻ جو.~~
~~بادِشاهي ٻوليءَ جي لِکَتُن خَلقت~~
~~تي جا چاپَ چَڏِڻي هُئي سا~~
~~چَڏي.اَصُل ته اُنهَن حاکِميءَ جي~~
~~نَوَن جُڙي اِپِرَندَڙ دَعويدارَن کي~~
~~پَنهنجي حَق وارِثيءَ جي پَکَ~~
~~کَرائِي.~~

~~جِتي مَلَ پَرِدان هُجي اُتي هَر نَئون~~
~~جَمَندَڙ جِيءُ دَرِجي بَنديءَ □ آپي~~
~~ثاقِيءَ جي کَجَ □ پَلندو آهي. سو~~
~~سارِي جَمارَ ثَجُ چَڏُو ئي رَهَندو آ.~~
~~سَندَس کُتي ٺُتِي هَستي سارِي~~

عُمِر پَنهنجي اَڻ ڏِٺي ڪاٺ ڏَڪِڻَ لاءِ دَرجي بَنديءَ ۽ آپي تاقِيءَ جي اوٿَ پَئي ڳولِيندي آ. هُو تَڏهن جِيئَندو آ جي لوڪَ ڪان نِٿُ نِويڪِلو ٿِئي. نِٿُ خَلقت ڪان پَنهنجو پاڻُ پُوچِرائي. هُو مَحَل ڳولِيندو جِيئَندو آ ۽ مُقِبرا ڳوليندو مَرَندو آ. پَنجاب ۾ بادِشاهي ٻوليءَ جي لِکَت به مَحَلَن مُقبِرِن جي اَٽَڪ ڳولا آهي.

اَنگريز راڄَ ۾ نَوان پَرچار وَسيلا نِڪِتا. ڇاپو، اِستيج (ڪڏهن ٿِيٽر ڪَڏهن جَلسي جي) فِلم، ريڊيو. دَرباري مُشاعِرن ۾ لَهرائِيندَڙ آوازُ اِستيجن تي چِڙهي ڳُونجَڻ لَڳو، ريڊيو فلِم ۾ ڳِهڙي هُليو ٻُريو. سونَهري رَنگَ سان سِينگاريَل ڪِتابَن ۾ سَجايَل ڪارا ليڪَ ڇاپي چَڙِهي خَلقت مَٿان سُوار ٿي وَيا. نَوَن پَرچارَ وَسيلن جي مُوهه راڄَ ٻولي سِکَڻ وَرتَڻ جي سَواد کي ٽَئون ٻُرُڪو ڏِنو.

انگريز وَيا ته اَشِراف جيڪي لوڪُ اَڳواڻ هُئا لوڪُ حاڪِم بَڻجي وَيا. جَلسَن جُلُوسَن مان ماڻهُن جي ڪُلهَن تي چَڙهي سُوارِيون هَلِيون ۽ گَوَرنمينٽ هائُوسَن ۾ وَڃِي لَٿيون. بادِشاهي لوڪُ راڄُ بَڻجي ويئي ۽ بادِشاهي ٻوليُون لوڪُ راڄَ جون ٻوليُون ٿي وَيون. جَڏهن

بادِشاهي آزاد اِسلامي حاڪِمي
جي پَڙدي پويان ٿي ويني ته
بادِشاهي ٻوليءَ جا سارا سَوادَ
آزاد اِسلامي مُلڪ جي قومي زبان
جي سَرنامي پويان لِڪي وَيا. نَيوُن
نوڪِريون نِڪتِيون. ڏَنڊا واپارَ کُليا.
گهَرَن زَمينُن جي لُٽَ پَئي. حاڪِمَن
جي رَهڻِيءَ جي خُوشبو جيڪا اَڳي
نَصيبَن وارَن لاءِ هُوندي هُئي سا
عامَن کي اَچڻ لَڳي.هَر ڪو پَنهنجو
ڪاٽِيارو پِيچو ڏوئِڻ لاءِ حاڪِم
رَهڻيءَ جي وَهَندَڙ گَنگا □ ٽُبِي ڏِيَڻ
لاءِ اُتاوِلو ٿي پَيو. ٻارَ پُراٽِي هَندِيَل
دَٻِيَل آپي جا ٻارَ نَه رَهيا. نَئين
حاڪِم آپي جا ٻارَ ٿِي وَيا.

اُنهَن کي راڄ ٻولي ٻولِرائي اَسان
پَنهنجي مَندي دَٻيل پِيچي کي ٽُرٽُ
طَلاقِيو □ چِمِڪَندڙ آَڳي کي پَنهنجو
ڪَيو. لوڪ ٻولي چَڏرائي اَسان
ٻارَن کي عامَن جي ڏَپيرِي پِيه
مَنجهان ڪَڍي وَرتو □ راڄ مَحَل
جي ڏاڪِٽيُن چَڙهَڻ واري وِهتَل
سِهتَل لائِن □ لَڳائي ڇَڏيو. نِويڪِلو
آڳو پَنهنجو ڪَرَڻ لاءِ نِويڪِلو پِيچو
پَنهنجو ڪَرٽو پَوندو آهي. ٻولي
مَتائڻ وارَن سَستي ياوَ پيچو مَتائي
ڇَڏِيو. چيتو مَتائي ڇَڏيو. پَئِنتون
شَلواروُن پائي مولِوي غَنيمت
ڏينيُن جي پهچ کان ٻاهِر ٿي وَيا.

آب آب ڪَندَڙ سِپاهي پُٽِڙن کي
ڳوناڻَن ڪوڪا ڪولا ڪولي ڏِنيِون.

ٻولي تَٿُ بِه آ تَه اوڏَنُ بِه، سَٿُ بِه
تَه اُهڃاڻ بِه. سو بادِشاهي ٻولي
بادِشاهي وَهَنوار جو هَٿِيار بِه آ ته
اِشِتِهار بِه. اِها نِماڻَن کي نِسَتو
ڪري ڳُڳدام ٻَٽائي ڏاڍَن اَڳِيان
نِمائِيندي آ ۽ مَٿَئون هَٿُ بِه
ڦيريندي آ. اُنهن کي يَرَم ۽
وِجهندي آ ته تَوهان سُگهَڙَپ ڏاهَپ
وارا تي وَيا آهيو. لوڪُ ٻولي به
تان ئي لوڪُ ٻولي آ جي اُها حاڪِم
ميلَ جي وَهَنوار جو پُورو توڙُ
ٻَٽجي. جي اُها لوڪَ کي اُنَ جو تَٿُ
سَٿُ موٿائي ڏِئي، جي اُها خَلقت
کي پاڻَ ۽ جوڙي ۽ حاڪِم ميلَ
کان اَلَڳِ ڪَري، حاڪِم ميلَ جي
رِيت پَرتِيت کان اُن جي لاڳَ جي
جادُوءَ کان ماٺهُن کي ڇَڏائي.
حاڪِم ميلَ ته هَر حيلي وَسيلي
پَنهنجو لاپُ پالِٽو هُوندو آ. پَنهنجو
وَهَنوارجَمائي رَکِٽو هُوندو آ. جي
گُهرجَ پَوي ته اُهو لوڪُ ٻوليءَ جي
نانءَ جي اوٽَ وَٺي بادِشاهي
ٻوليءَ جو سَوادُ ماٽي سَگهندو آ.
نانءُ لوڪُ ٻوليءَ جو رَهي ۽ گَهٽي
تَٽي لَفظالي بادِشاهي ٻوليءَ جي
رَهي. يا لَفاظي لوڪُ ٻوليءَ جي
هُجي ۽ پَرچارُ حاڪِم ميلَ جي

رِيت پَرتِيت جو. نَعرو لوڪُ ٻـوليءَ
جو هُجي ۽ لاڳاپو حاڪِم ميل جـو.
لوڪُ ٻوليءَ جو اَهـڃو وَرتـاءُ لـوڪُ
تَتَ ڪـان ذار تي رُڳـو نِشـان ٻَڌجي
وِينــدو آ حـــاڪِمن جي لـــوڪَ کي
پُلائِڻ جي نِيَّت جــو. اُهـــو لـــوڪُ
ٻوليءَ جو وَرتـاءُ رَهَنـدو ئي نـاهي.
جِيئن بادِشاهي ٻوليءَ ۽ لـوڪُ تَتُ
پَرچـاريو وَجي تـه اُهـو لـوڪُ تَتُ
رَهَنـــــــــــدو ئي نـــــــــــاهي.

مُغلَن ويلي حاڪِم پَتَ بَخِمَـل پـائي
ئي حـاڪِم سَـڏائيندا هُئـا. اَنگريـزَن
ويلي آڪِرَيَـل ڪـالَر ۽ هيتِ سُـوتَ
حـاڪِميءَ جــو ويسُ بَـڻيو. جَـڏَهن
لـــوڪُ اَڳـــواڻي ڪَـــرڻ لاءِ مُغــل
اَشِـرافن جــو وارِث ٻَڌجي ڏيڪـارِڻو
پَيـــو تـــه هيئُن سُـــوڻَن جي هَنـــڌِ
شـــيروانِيون ۽ قُراقليـــون سَـــجِي
وَيـون (هُـونئن شـيرواني اَنگريـزي
ٽيـل ڪـوتَ جهـڙي بـه هُـئي). اَجُ
حاڪِم ميل لاءِ ضَروري آ تَه پَنهنجي
پـاڻَ کي اَصُـلئون لـوڪَ مَنجَهئـون
ڏَسي. لوڪُ رَهِڻيءَ جو چاوَلُ پالِيَـل
ٻَڌِجي ڏيکاري. سو شـيروانِيون لَهي
وَيون ۽ عَوامي سُـوتَ پـائِجي وَيـا.
(سُتَڻ چـولي کي حـاڪِمي ڪَـرائڻ
لاءِ "سوت" ته چَوِڻُو ئي پَيـو). وَرِي
عَـــوامي سُـــوتَ تي شَـــرافَتَ جي
فَتُـوهِي چَـڙِهي. حـاڪِم جـو پَهَـرِڻ


پَهَرِڻ ناهي هُوندو سَندَس نِيَّت جو
ڍَڪُ هُوندو آ. (يا هُن جي نِيَت جي
اوگَهڙ چَئِجي. ڍَڪِڻُ اُگَهاڙِڻُ ئي
آهي). جي حاڪِم اُگهاڙَن تي
حاڪِمي ڪَرڻ لاءِ اُگهاڙو بِه ٿِي
بيهي ته هُنَ جِي ظاهِر اوگَهڙ هُنَ
جي اَصُل اوگَهڙ جو اوڍَڻ ئي
هُوندي. حاڪِم ميلَ جو پَهَرِڻ
ڪوئي به هُجي هُن جي نِيارَپ
ڌارِيائِپَ تَه هُن جي حاڪِم هُجَڻ
 خَلقَت جي ڪَتِي ڪَمائِي پَنهنجي
پيت وِجهڻ پارَئُون آ. اڳي اِن نِيارَپ
تي نِيارَپ جو ئي سِينگارُ هُوندو
هُئو. چو تَه اڳي حاڪِمي حَقُ هُئو
رَب جي اوتارَن جو. هاڻِي خَلقَت
حاڪِميءَ تي پَنهنجو حَقُ جَتايو آ ته
نِيارَپ کي هِڪَ جَهِڙائيءَ جي ڍَڪَ
سان ڍَڪُڻو تو پَوي

اصولي ۽ ترميم پسند سياست

جاويد راڄپر

”انقلاب، ترت دردناڪ ڪل ۽ جهڙن ڪارنامن جي حاصلات سان نه پر هڪ طاقتور جوابي_انقلاب سان ترقي ڪري ٿو. متحد مخالف (دشمن) سان ويڙهه ۾ ئي حقيقي انقلابي پارٽي پچي راس ٿئي ٿي.“(1) ڪارل مارڪس

پوزيشن پارٽيون



ڪنهن به سياسي تنظيم لاءِ 30، 40 يا 50 سال ڪافي وڏو عرصو آهي، پنهنجو ابتدائي وڏو هدف ماڻڻ لاءِ. دنيا جي تاريخ اهڙن انيڪ مثالن سان ڀري پئي آهي جتي فقط ڪن، ٽن ۽ چئن ڏهاڪن اندر ابتدائي وڏي فتح حاصل ڪئي وئي. مثال طور سڪندر اعظم

پنهنجي پيءُ فلپ طرفان قائم
ڪيل پتڪڙي مقدونيا سلطنت
جون واڳون سنڀالڻ کانپوءِ فقط
10 سالن اندر ٽن کنڊن جي وڏي
ايراضيءَ تي سلطنت اڏي پنهنجي
پهرين ابتدائي منزل ماڻي ورتي.
عربن جي ريگستان ۾ جنم ورتل
حضرت محمد (صلعم) 40 سالن
جي ڄمار ۾ نبوت جو اعلان ڪيو
۽ فقط ڀن ڏهاڪن اندر مڪي کي
فتح ڪري ورتو. چندر گپت موريا
۽ ڪوتليا چانڪيه ٻن ڏهاڪن اندر،
نندا بادشاهن کي شڪست ڏني ۽
سڪندر اعظم جي جانشينن کي
اڳتي وڌڻ کان روڪيو ۽ پهريون
ڀيرو انڊيا جي نيڊي کنڊ کي متحد
ڪندي پنهنجي پهرين وڏي منزل
ماڻي ورتي. نيپولين جوانيءَ ۾
فرانسيسي فوج ۾ ڀرتي ٿيو.
فرينچ انقلاب کانپوءِ 1799ع ۾
هن فرانس جي حڪومت جو تختو
اندو ڪري پاڻ کي پهريون
ڪائونسل مقرر ڪندي پنهنجي
ابتدائي هدف کي ماڻي ورتو.

اهي ته آهن پراڻا مثال تنهنڪري
اچو تورو ماضي قريب جي
ڪجهه مثالن جو جائزو وٺي
ڏسون. 1947ع ۾ هندستان کي
انگريز سامراج کان آزادي ڏياريندڙ

اهم جماعت انڊين نيشنل
ڪانگريس 1885ع ۾ ٺاهي وئي
جنهن ساڍن ڇهن ڏهاڪن جي
سفر ڪانپوءِ پنهنجو ابتدائي وڏو
مقصد ماڻي ورتو. 16 ڊسمبر
1971ع تي آزاد بنگلاديش جو
بنياد وجهندڙ عوامي ليگ 1949ع
۾ ٺاهي وئي هئي يعني اُن فقط
ٻن ڏهاڪن اندر پنهنجو پهريون
وڏو هدف حاصل ڪري ورتو. ٽن
ڏهاڪن جي جدوجهد ڪانپوءِ آيت
الله خمينيءَ ايراني آمر رضا
شاهه پهلويءَ جو تختو اونڌو ڪري
ايران ۾ مذهبي انقلاب برپا ڪري
ڇڏيو. روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ
ليبر پارٽيءَ جو بنياد 1998ع ۾ پيو
۽ بعد ۾ انهيءَ منجهان جنم ورتل
بالشوڪ پارٽيءَ 1917ع ڌاري
روس ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو (فقط
ٻن ڏهاڪن اندر). جديد چين جو
پايو وجهندڙ سن يات سين
1894ع ۾ China Revive
Society ۽ 1914ع ۾ چيني
انقلابي پارٽيءَ جو بنياد وڌو ۽ نيٺ
سندس فوت ٿيڻ ڪانپوءِ چيانگ
ڪائي شيڪ جي سرواڻيءَ هيٺ
ريپبلڪ آف چائنا جو بنياد وڌو ويو
(فقط چار ڏهاڪن اندر). اُنهيءَ
چين ۾ 1921ع ڌاري چيني

كميونسٽ پارٽي ٿاهي وئي جنهن 1949ع ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو (فقط تن ڏهاڪن اندر). ساڳئي ريت ويٽنام ۾ هوچي منهه 1925ع ڌاري ويٽنامي انقلابي نوجوان ليگ جو بنياد پيو ۽ 1945ع ۾ ”آگسٽ انقلاب“ آندو ويو (فقط ٻن ڏهاڪن اندر). ماضي بعيد جي مٿين مثالن ۾ سڀ کان دگهي ويڙهه وڙهندڙن مان هڪ آفريقين نيشنل ڪانگريس رهي آهي جنهن جو بنياد ته 1912ع ۾ پيو، پر وري 1927ع ڌاري غيرسرگرم ٿي وئي، بعد ۾ 50 واري ڏهاڪي ۾ عوامي تحريڪ هلائي ۽ نيٺ 1994ع ۾ گهڻ نسلي چونڊن ۾ حصو وٺي، پهريون پيرو هڪ ڪاري چمڙيءَ واري، نيلسن منڊيلا کي، صدر بڻائي ابتدائي مقصد ماڻي ورتو.

اڌ صدي گذرڻ ڪانپوءِ پارٽي جيڪڏهن ڪو بوتو نه پاري سگهي، يعني ابتدائي وڏو هدف (initial or minimum goal) نه ماڻي سگهي ته سمجهڻ گهرجي ته هاڻي اُن منجهه اُها صلاحيت نه رهي آهي ۽ پوڙهي ٿي چڪي آهي. توڻي جو مٿي ڏنل مثالن مان هر هڪ جون حالتون هڪٻئي

کان تمام گھٽيون مختلف رھيون
آھن ۽ اُنھن مـان ھـر ھک جـو
مقصـد بـہ مختلـف رھيـو، کجھـہ
ماٽيـل کاميـابيون تـہ سُـتت ئي
پنھنجي ابـتڙ ۾ بـدلجي ويـون، پـر
اِنھن ۾ ھکڙي شي ساڳي آھي تہ
اُنھن پنھنجن طـئي کيـل مقصـد
تائين پھچڻ لاءِ ابتدائي وڏي سـوپ
مـاٽي ورتي ۾ اُھـا بـہ تن، چـار،
پنجن يـا وڌ ۾ وڌ ڇھن ڏھـاکن ۾.

جـــڏھن تـــہ اُن جي ابـــتڙ، کـــوڙ
ساريون پارٽيون اھڙيون بہ رھيون
آھن جن سـچ پچ قـومي، عـوامي،
انقلابي جدوجھدون کيون پر چـار،
پنج ڏھـاکن کـان وڌيک عرصـو
گذرڻ باوجود اُھي پنھنجي ابتـدائي
وڏي منزل ماٽڻ ۾ ڪامياب نـہ ٿي
سـگھيون پـر اُن جـو ھرگـز اھـو
مطلب نـاھي تـہ سـندن جدوجھـد
اجـائي ٿي. بلکـل نـہ. کاميـاب
تـوڙي ناکـام جدوجھـدن جي پيت
کرڻ مان اِھـو ظـاھر تـئي تـو تـہ
جيکڏھن کـا ٽـر چـار، پنج ڏھاکا
جدوجھد کـرڻ بـاوجود گھربـل يـا
گھٽ ۾ گھٽ ابتدائي وڏو ھدف نـہ
ماٽي سگھي تہ سـمجھڻ گھـرجي
تہ اُھـا ٽر ھـاٽي پـوڙھي ٿي چکـي
آھي. تـوٽـي جـو ايـڏو وڏو عرصـو
ويڙھہ کـرڻ کانپوءِ بہ اھا ميدان ۾

رهي ٿي پر هاڻي منجهس توقع نه
ڪرڻ گهرجي ته اها ڪو وڏو
معرڪو سرانجام ڏئي سگهندي،
چاڪاڻ ته فطرت جي بين شين
لقائن وانگر جيئن هڪ انسان جنم
وٺي ٿو، جوان ٿئي ٿو، پوڙهو
ٿي، پاڻ منجهان بين شين جنم
ڏئي، نيٺ فوت ٿي وڃي ٿو، تيئن
سماجي ادارا، تنظيمون سياسي
پارٽيون به جنم وٺن ٿيون، وڏيون
ٿي جوان ٿين ٿيون پوڙهيون ٿي،
پاڻ منجهان بين کي جنم ڏئي يا
پنهنجي حصي جو (خاص ڪري
جواني ۽ وارو، چاڪاڻ ته نئون
نسل پيدا ڪرڻ جي صلاحيت
پوڙهائپ باقي نه بچندي آهي)
پورهيو ڪري، فوت ٿي وڃن ٿيون.

ٿئي جا تو ته چار، پنج ڏهاڪن جي
ڊگهي عرصي دوران پارٽيون انيڪ
معروضي موضوعي ڊپائن جو
شڪار ٿيندڊيون رهن ٿيون،
جيڪڏهن اُهي اُنهن بحرانن کي
منهن ڏيڻ لاءِ گهربل اپاءَ نه ٿيون
وٺن ته اِيڏو ڊگهو عرصو گذرڻ
باوجود اُهي بظاهر پلي ساڳيون
نظر اچن پر اندران ئي اندران
اُهي پنهنجي ابتڙ بدلجي چڪيون
هونديون آهن. نج قومپرست،
جمهوريت پسند، ترقي پسند

ايتريقدر جو مذهبي جماعت به ايڏو عرصو گذرڻ کانپوءِ آهستي آهستي لُوٽ (يعني سماجي نظام) ۾ رهندي لوڻ ٿي ويندي آهي.

ان حوالي سان ڏسبو ته اسان جون اڪثر روايتي وڏيرڪيون، نسل پرست، مذهبي، نج قومپرست توڙي ترقي پسند جماعتون، جن جي ڄمار 30، 40 يا 50 سال ٿي چڪي آهي، بظاهر موجود به آهن، پر اصل ۾ اُهي پوڙهيون ٿي چڪيون آهن، منجهن جوانيءَ وارو جوش، چستي ۾ سگهه نه رهي آهي. ائين ناهي ته اِن ڊگهي عرصي ۾ وچ ۾ اُنهن پارٽين اندر ڪا نواڻ نه پيدا ٿي هوندي آهي، (اِن عرصي دوران) پارٽين منجهه قيادت ۾ انيڪ ڪارڪن نوان اچي چڪا هوندا آهن، (ڪجهه جماعتن کانسواءِ) سندن نالا پڻ بدلجي چڪا هوندا آهن پر اها نواڻ منجهن اُها صلاحيت پيدا نه ڪري سگهندي آهي جيڪا اُن پارٽيءَ جي جوانيءَ وقت هئي. جيئن جمڻ کان مرڻ تائين جي سفر دوران هڪ ماڻهوءَ ۾ ڏيهاڙي کاڌ خوراڪ جي نتيجي ۾ نئون رت پيدا ٿيندو رهندو آهي پر ان باوجود پوڙهو ٿيڻ ڪري

سندس طبعي خاصيتن ۾ وڏو فرق اچي چڪو هوندو آهي. تنهنڪري اِنهن پوڙهين تنظيمن منجهان وڏيون توقع رکڻ اجايو آهي.

هڪ تنظيم جي جوانيءَ مان مراد اُن جي اصولي سياست (principled politics) ۽ لچڪداريت (flexibility) ۾ توازن قائم رکڻ لاءِ گهربل صلاحيت، عوام منجهه سرگرميءَ سان ڪم ڪرڻ لاءِ گهربل توانائي، دشمنن کي للڪارڻ لاءِ گهربل مزاحمتي قوت آهي. اُنهن تنظيمن پنهنجي جنم کان جوانيءَ تائين اصولي سياست (ان سوال کي پاسيرو رکندي ته سندن اصول غلط هئا/آهن يا صحيح) ڪئي جنهنڪري کين سماج ۾ وڏي موٽ ملي، جوانيءَ وقت سندن قيادت تورڙي ڪارڪنن کي اهو يقين هو ته پاڻ جلدئي منزل تي پهچڻ وارا آهيون، جنهنڪري اُهي ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيار هئا، اتريقدر جو چاليهه پنجاهه سال اڳ ڪيل انهيءَ اصولي، آدرشي ۽ سرگرم محنت جو نتيجو هوندو آهي جو اُن سماج ۾ پڙهيل لکيل ۽ تجربيڪار سياسي ڪارڪنن جي وڏي کيپ

تيار ٿيندي آهي، سياسي سوچ
رکندڙ ليکڪ، ڪالم نويس ۽ ميڊيا
پرسن جو نسل پيدا ٿيندو آهي،
عوام منجهه پنهنجن مسئلن خلاف
احتجاج ڪرڻ جي روايتن سميت
انيڪ هاڪاري خاصيتون سندن
جوانيءَ جي اصولي سياست جي
پوک جو نتيجو هونديون آهن،
جيڪي تنظيمن جي پوڙهائپ
باوجود سماج کي مجموعي طور
تي هاڪاري فائدا ڏينديون آهن. پر
ان وچ ۾ تنظيمون پوڙهائپ جي
ڪري پٺتي پير ڪرڻ شروع
ڪنديون آهن ۽ آهستي آهستي
سندن مخالف قوتون ڇڏيل خال
والارڻ شروع ڪنديون آهن.

بيماريءَ جي پاڙ؛ نظرياتي ابهام

هڪ تنظيم جي پوڙهائپ يا پنهنجي
ابتڙ ۾ بدلجي وڃڻ جي ڪيئن خبر
پوي؟ مثال طور هڪ (وطن
دوست، يا پورهيت دوست، يا
سيڪيولر، يا جمهوري، يا ترقي
پسند ۽ انقلابي) تنظيم جيڪا
پنهنجي وطن، عوام، طبقي ۽ قوم
جي تقدير بدلائڻ جي دعوا ڪري
ٿي، (۽ اهڙي دعوا ڪرڻ جو اُن

ڪي پورو پورو حق حاصل آهي،)
اُن پنهنجي چار/پنج ڏهاڪن جي
تاريخ دوران (1) نظرياتي ميدان ۾
ڪتابن، مضمونن، بيانن، اخبارن،
رسالن، ليڪچرن، ڪچهرين،
تقريرن چاڪنگ، بينرن، پوسٽرن ۾
پين لڪت ۾ زباني صورتن ۾ ڪوڙ
سارو فڪري پورهيو ڪيو هجي،
پنهنجي وطن ۾ عوام کي حقيقتن
کان آگاهه ڪيو هجي، کين شعور
۾ سمجهه ڏني هجي، (2) عوام
کي منظم ڪرڻ لاءِ تنظيمي ڄار
وڇايا هجن، (3) سياسي ميدان ۾
انيڪ پرامن جدوجهدون (بُک
هڙتالون، مظاهرا، لانگ مارچون،
جلسا جلوس، ريليون، جيلن، قيد
۾ ڦٿڪن، شهادتن سميت
قربانيون) تورڙي پرتشدد
جدوجهدون ڪيون هجن، پر
جيڪڏهن ڏهاڪن جي جدوجهد
ڪانپوءِ اُها ساڳي تنظيم پنهنجو
ترجمان هڪڙو معياري ۽ سنجيده
سياسي ۽ فڪري رسالو به نه
ڪڍي سگهي، اُن جي قيادت
موجوده دور جو ڳوڙهو ۽ نظرياتي
اپٽار به نه ڪري سگهي، ايتريقدر
جو (ڪجهه سال اڳ واري)
پنهنجي نرالي سياسي سجاڳ ۾
لائين تان به ڦري وڃي ۽ جن

ڏرين کي ڪالهه تائين وطن جو
ويري ▯ عوام جي ڳچيءَ ▯ ناڳ
سڏيو هجيس، اُڄ اُنهن سان
مفاهمت ▯ مصلحت ڪرڻ کي
عيب نه سمجهي، پرامن حالتن ▯
ٿيندڙ مفاهمت کي جائز قرار ڏيڻ
لاءِ جنگي حالتن جا مثال ڏيڻ
لڳي، هر اختلاف، تنقيد، سوال ▯
اعتراض ڪندڙ کي موت ▯
"دشمن"، "غدار" ▯ "جاسوس"
قرار ڏيڻ لڳي، مذهبي جماعتن
وانگر سيني مسئلن جي حل جي
دعويداري ڪرڻ لڳي، جتي ادارن
بدران شخصيتن جا فيصلا حاوي
ٿيڻ لڳن، جتي قانون ▯ آئين بدران
فردن کي وڌيڪ اهميت ملڻ لڳي،
جتي پارٽي، ڪارڪنن ▯ عوام
بدران فقط هڪڙي شخصيت جا
نعرا لڳايا وڃن، ماضيءَ جي
ساڳئي اصولي موقف تي قائم
رهڻ بدران تڪڙا ▯ مختصر مدي
وارا عارضي فائدا ماڻڻ لاءِ
موقعي پرستي ڪرڻ کان نه
ڪيٻائجي، حال جي سوالن ▯
اعتراضن جي موت ▯ پنهنجي
ماضيءَ جي قلمي ▯ عملي
پورهيو ڳٽائجي، ماضيءَ جي
مخصوص ڪارنامن جو ذڪر
ورجائي ورجائي ڪجي، ڏهاڪن

جي مسلسل فكري ۽ عملي محنت ۽ جاكوڙ باوجود اُن تنظيم وٽ اڄ جيكڏهن آڱرين تي ڳڻڻ جيترن چند ماڻهن كانسواءِ كاركنن جي وڏي اكثريت كي اُن جي نظريي جي بنيادي اصولن جي ڄاڻ به نه هجي (جيكڏهن اُنهن مان كنهن كان پڇجي ته پنهنجو نظريو كهڙو آهي؟ ۽ موٽ ۾ جواب ملي ”....... ازم“ پر جيكڏهن كائنس پڇا كجي ته ”...... ازم ڇا آهي؟ هن مهل تائين ان جي تاريخ ڇا آهي؟ هن وقت ۾ موجوده حالتن ۾ ان كي عمل ۾ كيئن آڻبو؟ خاص كري پاكستان ۾ سنڌ جي مخصوص حالتن ۾ كيئن لاڳو كبو؟“ ۽ موٽ ۾ جواب اهڙو ئي ملي جيئن كنهن ماڻهوءَ كي اها ته خبر هجي ته اسانجو ڏاڏو آدم هو پر اها خبر نه هجيس ته اهو انسان هو يا ملائك؟ قد جو بندرو هو يا ڊگهو؟ رنگ جو اڇو هو يا كارو؟ ڀانهون ۽ ڄنگهيون كيتريون هيس؟ وغيره) ته اهي سموريون ننڍيون وڏيون علامتون اُن تنظيم جي پوڙهائپ/ پنهنجي ابتڙ ۾ تبديل ٿيڻ كي ظاهر كن ٿيون.

اِن ڊگهي عرصي دوران اهڙي

تنظيم کي کوڙ ساريون بيماريون
لڳنديون رهنديون آهن جيکي
کيس اندران ئي اندران کمزور
کنديون رهنديون آهن. پر اُنهن
مان کجهه بيماريون بنيادي ۽
کجهه ثانوي هونديون آهن. مٿيون
علامتون کهڙي بيماريءَ کي
اظهارين ٿيون؟

اهي سموريون ننڍيون وڏيون
علامتون هڪڙي وڏي بيماريءَ کي
اظهارين ٿيون جنهن کي سياسي
لغت ۾ مبهم، اٽڪي ۽ ترميم
پرست نظرياتي لائين سڏبو آهي
جنهنکري کنهن به پارٽيءَ کي
(پلي پوءِ اُن جو ماضي کيڏو به
شاندار ڇو نه رهيو هجي) مٿئين
قسم جون بيماريون وکوڙي
سگهن ٿيون. مٿي ڄاڻايل علامتون
اصل ۾ ظاهري لقاءَ آهن جيکي
اصل جوهر جو مظهر آهن. ان
مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته فقط
ظاهري علامتن ۾ تبديلي ناهي ٿي
پر اصل جوهر ئي بدلجي چڪو
آهي. ائين ٿي سگهي ٿو ته اهڙي
تنظيم بظاهر صحتمند نظر اچي
پر اندران ئي اندران اُن جو جوهر،
ڳر ۾ اصل پنهنجي ابتڙ ۾ بدلجي
چڪو هوندو آهي.

ظاهري لقاءَ ۾ اصل جوهر جي

معاملي کي بهتر نموني سمجهڻ لاءِ فلسفي جي اصول جوهر ۽ مظهر (Essence & Phenomena) کي پروڙڻو پوندو ۽ اِن معاملي ۾ لازم ۽ اتفاق (Necessity & Chance) پڻ مددگار ٿيندو. عام يا تورو گهڻو سمجهُو ماڻهو ٻاهرين دنيا (معروض) بابت ڄاڻ توڙي ظاهري لقائن، مظهرن ۽ صورتن کي ڏسي اُنهن مان نتيجا ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جڏهن ته ماهر ۽ ڄاڻو ماڻهو ظاهري صورتن منجهان اندرئين جوهر کي پروڙڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جيئن هڪ ڊاڪٽر جسم جون ظاهري علامتون ڏسي مريض ۾ موجود اصل مرض جي سڃاڻپ ڪري سگهندو آهي. تيئن سماجي سائنس ظاهري لقائن ۽ مظهرن بدران اصل جوهر کي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندي آهي ڇاڪاڻ ته (1) جوهر ۽ ڳُر کي سمجهڻ ڪانپوءِ ظاهري لقائن کي پروڙڻ آسان ٿي پوندو آهي. (2) ماضي ۽ حال جي مظهرن ۽ لقائن کي ڏسي مستقبل جو اندازو لڳائي سگهبو آهي ۽ (3) اصل جوهر سان نهڪندڙ لچڪدار پارٽي پاليسيون،

ڏيهاڙي، هفتيوار، ماهوار ۽ ڇهه ماهي ڪمن جو تعين ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي آهي.

توهان جو اصل، جوهر ۽ ڳر ڇا آهي؟ اهو پلي دشمن کي نه ٻُڌايو چاڪاڻ ته خود دشمن به پنهنجا اصل مقصد اوهان آڏو ظاهر نه ٿو ڪري، پر دشمن هزار چالاڪيون ۽ اٽڪلون ڪرڻ باوجود اُن جو اصل ۽ جوهر اُن جي ظاهري سرگرمين، مظهرن ۽ لقائن مان نروار ٿي پوندو آهي. آمر جنرل ضياءَ الحق، جنرل مشرف توڙي اقتداري ڪوڙا جمهوري حڪمران ظاهري طور تي عوام دوستي، جمهوريت، آزادي ۽ خوشحالي جا بيان ۽ تقريرون ڪندا رهيا آهن پر سندن عمل سندن اصل نيت (ارادي، مقصد) کي ظاهر ڪري ڇڏيو. تيئن اسين پلي پنهنجي پر ۾ انقلابي هجڻ جي دعوا ڪندا رهون پر اسان جو زور مرهه جو عمل، پاليسيون، بيان ۽ پيون صورتون اسان جي اصل ۽ جوهر (مقصد) کي اظهارڻ جو ڪم ڪنديون آهن.

اوڏهيءَ جو ڪم ڪندڙ: ترميم

پسندي

ترميم پسنديءَ جو مطلب آهي ته
اڳوڻي نظريي جي ڪجهه عنصرن
ڪي ڪٽي ڪنهن نظريي □ بنيادي
تبديلي آڻي ان جي جاءِ تي نئون
نظريو ڏيڻ. جيتوڻيڪ، هر نظريو
بدلجندڙ حالتن سان گڏ تبديل
ٿيندو رهندو آهي پر ان نظريي
جي بنيادن کي بدلائڻ جو مطلب
ان کان انڪار ڪرڻ يا ان جي ابتڙ
□ تبديل ٿيڻ هوندو. سياسي
پارٽين جي تاريخ ثابت ڪري ٿي ته
جديد سياسي نظرين کي نه
صرف عقيدي پرستيءَ جي
صورت □ بگاڙيو ويو آهي پر
ساڳئي طرح سائنسيت □
معروضيت جي نالي □ پڻ ان جي
ڳر □ جوهر کي بگاڙيو ويندو رهيو
آهي. عقيدي پرستيءَ تي اعتراض
ڪرڻ □ ان جي نشاندهي ڪرڻ
آسان آهي پر وڏو □ اهم مسئلو
"سائنسيت" جي آڙ □ ٿيندڙ بگاڙ
کي سمجهڻ آهي.

اسان وٽ دنياداريءَ (خاص ڪري
سماجي مرتبي، ڪاروبار □
سياست) جي معاملي □ هڪڙو
رويو عام جام ملندو جنهن جو
اظهار هن ستن مان ٿئي ٿو؛
"بدليل حالتن مطابق پاڻ کي

بدلائڻ“، ”جيڪڏهن پاڻ کي نـه ٺـا
بـــدلايو تـــه پـــوءِ توهـــان ختم ٿي
وينـــدا...!ـ“ يـــا ”توهـــان کي کـــير
ڪنگهندو به ڪـونه...!ـ“ يا ”ماضـيءَ
جو قصـو بڻجي وينـدا...!ـ“ وغـيره.
اهـا ڳالهـه ائين پيش ڪـئي وينـدي
آهي جڻ تـه آخـري ۽ حتمي سـچ
هجي ۽ ايترا پيرا ورجائي وجي ٿي
جو ٻُڌنـدڙ (بنا ڪنهن تجـربي جي)
اُن کي ســـچ ســـمجهي ٻين کي
صـلاحون ڏيڻ شـروع ڪنـدا آهن.
مثال طور اسان وٽ سماج ۾ مان
مرتبـو، دولت ۽ شـهرت مـاڻڻ لاءِ
ڪـوڙ، لالچ، بـدعنواني ۽ منـافعي
خـوريءَ کي ”ڪاميـابيءَ جـا راز“
سـمجهڻ عـام ڳالهـه آهي. اهـو
ساڳيو معاملو سياست تي به لاڳـو
ٿئي ٿو. جيڪڏهن حڪمـران طبقن
جي سياست مفاهمت، مصلحت ۽
موقعي پرستيءَ تي ٻڌل هوندي ته
ٻيـــون تنظيمـــون (بظـــاهر پلي
انقلابي، قومي ۽ تـرقي پسـند چـو
نـه هجن) آهسـتي آهسـتي انهيءَ
بيمـاريءَ جـو شـڪار ٿينـديون ۽
ايتريقدر جو ڏسٽا واسـٽا ۽ سـجاڻ
حلقـا ڪين صـبح شـام (ڪيـترن
ڏهاڪن کان جدوجهد ڪرڻ باوجود
گهربل ڪاميـابي نـه مـاڻي سـگهڻ
جـا طعنـا مهڻـا ڏئي) مفـاهمت ۽

موقعي پرستيءَ جا گس ڏيکارڻ
شروع ڪندا آهن. ائين حڪمران
طبقن جي ايجنڊا کي عمومي هالو
چالو اصول بڻائي چڏيندا آهن ۽
اصولي سياست چڻ ته گار بڻجي
ويندي آهي، جيڪڏهن ڪا ڌر
اصولي سياست ڪرڻ چاهيندي
تڏهن به مٿس چٽرون، ٺٺولون ٿيڻ
لڳنديون، سندن نظرياتي بيهڪ
کي يوٽوپيائي ۽ ناقابل عمل قرار
ڏئي رد ڪيو ويندو ۽ ائين اصولن
تي عمل ڪندڙن کي چريو
سمجهڻ عام رويو بڻجي ويندو
آهي.

بهرحال، سياسي نظريو جيئن ته
عقيدو نه هوندو آهي تنهنڪري اُهو
بدلجندڙ حالتن مطابق هر وقت
تبديليءَ جو گهرجائو هوندو آهي پر
جيڪڏهن اُها تبديلي نظريي جي
بنيادي اصولن کي بدلائيءَ چڏي ته
پوءِ فقط نالي ۾ نظريو انقلابي،
وطن دوست ۽ جمهوري رهجي
ويندو آهي باقي اصل ۾ بنيادي
ترميمن بعد ظاهري لباس ته
انقلابي ڏيک ڏيڻ لڳندو آهي پر
موقعي پرستي اُن جي جسماني
ڍانچي کي اندران ئي اندران ڳاري
چڪي هوندي آهي، جنهن جو
اظهار مٿي ڄاڻايل صورتن ۾ ٿيڻ

لڳندوآهي. مثال طور هڪ انسان
جيڪڏهن ڪنهن حادثي، بيماري يا
ڪنهن جهڙي ڀانهن پڇائي
وجهي، سندس ڪن ٻُڌڻ ڇڏي ڏين
يا سندس دماغ خراب ٿي وڃي ته
پوءِ اُن ساڳئي انسان جو) احترام
ڪندي) جي سڃاڻپ آڏو هڪڙي
نئين صفتي سڃاڻپ ڏيڻ شروع
ڪندا آهيون، يعني منڊو، لولو،
ٻُوڙو چريو انسان. تيئن نظريو
بظاهر پلي قومي، انقلابي يا
جمهوري هجي پر اُن جي آڏو لکيو
منڊو انقلابي، گونگو ٻوڙو انقلابي
 چريو انقلابي نظريو. سرمائيدار
انقلابي نظريو جمهوري وڏيرڪو
انقلابي نظريو ايتريقدر جو
خانداني انقلابي نظريي جي
صورت به وٺي سگهي ٿو.

ٿورو پنتي، ٿورو پنتي...!

ترميم پرستيءَ لاءِ هر پنجن ڏهن
سالن کانپوءِ دليل ڏنو ويندو رهيو
آهي ته (1) ”دور حالتون بدلجي
ويون آهن۔ تنهنڪري ٿورو پنتي
هٽڻ جي ضرورت آهي.“ پنتي
هٽندي هٽندي صورتحال وڃي اُتي
پهتي آهي جو جيڪو خال ترقي
پسند، نج قومپرست، لبرل

جمهوري قوتون چڏينديون رهيون
اُهو چڏيل خال روايتي □ رجعتي
مذهبي سياسي ڌرين پرڻ شروع
ڪيو آهي. (2) ”اسين جنهن ملڪ
□ رهون ٿا ان جون حالتون بنهه
مختلف آهن“ ۔ (3) ”هر شي تبديل
ٿيندي رهندي آهي تنهنڪري نظريو
به تبديل ٿيڻ گهرجي“ (4)
”سياسي نظريو ڪو مقدس
ڪتاب ناهي جنهن □ قيرقار نه ٿي
سگهي“. انهن دليلن ڪي بنياد
بڻائي نظريي جي بنيادي اصولن
جو نئين سر جائزو ورتو ويندو
رهيو آهي.

مثال طور نج قومپرست قوتون
چونديون ته ”اڳ □ قومي آزاديءَ
لاءِ پاڻ جهڙين مظلوم قومن يا
قومن جي آزاديءَ جي حمايت
ڪندڙ عالمي طاقتن کان مدد
ورتي ويندي هئي، پر هاڻي حالتون
بدلجي چڪيون آهن. تنهنڪري
آمريڪي سامراج (قومن جي
آزاديءَ جي دشمن) سان به اتحاد
ڪري سگهجي ٿو.“ ”اڳ □ پرامن
طريقي سان جدوجهد ڪري ٿي تائين
پهچائي سگهجي پئي پر هاڻي
واحد رستو پرتشدد ويڙهه ئي
بچيو آهي.“ ”قومي آزاديءَ لاءِ
ڪنهن نسل پرست دهشتگرد

سان به ويهي سگهجي ٿو.“ جڏهن
ته انڌيون منڊيون عوامي جمهوري
قوتون جيڪي ڪالهه تائين پاڻ کي
سوشلسٽ بلاڪ جو اتحادي
سمجهنديون هيون، غيرجانبدار
تحريڪ جو حصو ٿيڻ چاهينديون
هيون، ڪوڙو سچو سوشلزم کي
قبولينديون هيون، سي هاڻي
ڪنهن قسم جي مفاهمت ۽
مصلحت لاءِ هر وقت تيار ويٺيون
آهن، پلي پوءِ ڪنهن سامراجي،
نسلي، دهشتگرد ۽ عوام جي
ويري قوت سان اتحاد ڇو نه
ڪرڻو پوي پر اقتدار کي بچائڻ لاءِ
هر ڪم ڪري سگهجي ٿو يعني
”معاهدا ڪي قرآني آيتون ناهن.“
(هاڻي صورتحال اتي وڃي پهتي
آهي جو نج ساڃي ڌر سان
واسطو رکندڙ ڌريون (قادري ۽
خان وغيره) پورهيت طبقي،
جمهوريت، احتساب ۽ ايترقدرجو
مسلم ليگ ٽائپ تنظيمون قومن
جي حقن، سويلين اختيارن جي
معاملن ۾ اڳڀريون نظر اچن
ٿيون.)

جڏهن ته ترقي پسند قوتن
طرفان چيو ويندو رهيو آهي؛
”جيڪي نيون ڳالهيون ۽ نوان ڪم
لينن ڪيا انهن بابت مارڪس ذڪر

نه ڪيو هو. مارڪس چيو هو ته
”هڪ ئي وقت ٻن يا ٻن کان
وڌيڪ سرمائيدار ملڪن ۾ انقلاب
ايندو تڏهن ئي جٽادار ثابت ٿيندو
پر لينن هڪ ملڪ ۾ انقلاب آندو ۽
بالشوڪ پارٽيءَ جهڙي انقلابي
تنظيم ٺاهي. ساڳئي ريت، جيڪي
ڳالهيون ۽ ڪم مائوزيتنگ ڪيا تن
جو ذڪر لينن نه ڪيو هو. مثال
طور ڊگهي عوامي جنگ ۾ انقلاب
جي لاڳاپي ۾ ڀهراڙين ۾ خاص
ڪري هارين ۾ ڪم ڪرڻ واري
لائين وغيره.“ انهن دليل ذريعي
اهو ثابت ڪيو ويندو رهيو آهي ته
”اسين جيڪو ڪجهه به ڪندا رهيا
آهيون ۽ ڪريون پيا سو بلڪل
مارڪسي لائين سان ٺهڪندڙ
آهي!“ پر اهو ٻڌايو وڃي ته اهو
عام مثال آهي جيڪو بلڪل
درست آهي پر اهو هن وقت ۾
هنن حالتن ۾ ٺوس نموني عمل ۾
ڪيئن ايندو؟ مثال طور جيڪڏهن
مارڪس جي دور ۾ شخصي نعري
بازي نه لڳندي هئي ۽ ٽيهه سال
اڳ يا هاڻي شخصي نعرا لڳايا
وڃن ٿا ته اُهي درست ڪيئن
آهن؟ مارڪس اليڪشن ۾
پارلياماني طريقي سان انقلاب
آڻڻ جي ڳالهه نه ڪئي ته اُهو

طريقو اڄوڪي حالت ۾ درست
ڪيئن آهي؟ جيڪڏهن مارڪس
پرتشدد انقلاب جي ڳالهه
(ماسواءِ آمريڪا جهڙن ملڪن
جي) ڪئي ته اڄ پرامن جدوجهد
ذريعي انقلاب آڻڻ ڪيئن درست
آهي؟ مارڪس جي دور ۾
گلوبلائيزيشن نه هئي ۽ اڄ
جيڪڏهن آهي ته ان گلوبلائيزڊ
سامراجيت جي دور ۾ عالمي
پورهيت انقلابي تحريڪ ۽
علائقائي تحريڪن جو هڪٻئي
سان لاڳاپو ڪهڙو هوندو؟
مارڪس جي ذهن ۾ هاٽوڪي
مذهبي جنونيت نه هئي ته
هاٽوڪي مذهبي جنونيت جي
هوندي جدوجهد جي ڪهڙي
صورت هوندي؟ مارڪس ڪانپوءِ
ڏيڊ سو سالن جو پورهيت انقلابي
تحريڪ جو تجربو آهي جنهن ۾
ڪيترين ڪاميابين ۽ ناڪاميون
مليون آهن انهن جي هوندي تُرت
۽ مستقبل جي ڪهڙي واٽ
هوندي؟

اها به عام سوال آهن تنهنڪري
ٿوس سوالن تي اچون ٿا. نه رڳو
ايترو پر اڄوڪين حالتن ۾ تنظيمي
ڍانچا، سطحون ۽ دائرا ڪهڙن
بنيادي اصولن تي آڌاريل آهن؟

~~جيڪڏهن جواب آهي ته جمهوري
مرڪزيت تي. ته پوءِ سوال تو پيدا
ٿئي ته جمهوريت ۾ مرڪزيت
تحت اختيارن جي ورڇ ۾ توازن
ڪيئن برقرار رهندو؟ ڪهڙو ادارو
بااختيار هوندو؟ ۾ جيڪڏهن اهڙو
ادارو هجي پر ان جي ڪا واضح ۾
چٽي شڪل به نه هجي. اهو لقاءُ
ثابت ڪري ٿو ته اصل ۾ اسان
جي نظرياتي لائين ئي مبهم آهي
جنهن جو عڪس تنظيمي ڍانچي ۾
اختيارن جي ورڇ جي صورت ۾
اظهارجي ٿو. ان جي انتهائي
شڪل ادارن بدران فقط هڪ يا
ٻن فردن ڏانهن اختيارن جي
منتقليءَ ۾ ظاهر ٿئي ٿي.~~

~~هر شي تبديل ٿيندڙ آهي ڪابه
شي ۾ لقاءُ حتمي ۾ قطعي نه
ٿيندو آهي اهو ته ڪائنات گير
قانون آهي جيڪو هر ذري ۾ لهر ۾
روان دوان آهي. ان اصول جي
صداقت تي ڪنهن کي به شڪ
ناهي ۾ اهو هڪ عام قانون آهي.
پر لينن چيو هو ته ٺوس حالتن جو
ٺوس تجزيو ڪرڻ گهرجي.
سائنسي سوچ رکندڙ ماڻهوءَ لاءِ
ائين عام ڳالهه ڪري ڇڏڻ ڪنهن
به صورت ۾ ڪافي ناهي.~~

~~جيڪڏهن ڪا ٽر اها دعوى ڪري~~

تي تـه ”مارڪسـزم هڪ سـائنس آهي سـائنس مسلسـل تبـديل ٿيندي رهندي آهي تنهنڪري ڪابـه نظريـاتي لائين، وات طريقـو اڳواٽ طـئي متعين (Fixed & determined) نه ڪـرڻ گهـرجي پـر بدلجنـدڙ حـالتن مطـابق هلڻ گهرجي.“ ”جيڪڏهن اڳواٽ طـئي ڪري ڇڏبو ته پوءِ اڪرن جو قيـدي ٿي وجبـو“ ”سـماجي سـائنس اڳواٽ ضمانت ڏيڻ واري ڳالهه ئي غيرسائنسـي آهي عقيـدي پرستي آهي“ ”مارڪسزم سائنس آهي عقيدو تـه نـاهي!“ تنهنڪـري، هـر وقت بدلجنـدڙ حـالتن مطابق پاڻ کي به بـدلائڻو پونـدو سياسـت به ائين آهي جيئن ڊرائيونگ. تورڙو به هيڏي هوڏي ٿيڻ سان حادثو ٿي پوندو! بلڪل درست خيال آهن پـر اهو سـمجهڻ گهـرجي تـه سائنس اتفـاق جي آسـري تي نـه هلنـدي آهي.

اتفاق کان وڌيڪ لازم تي زور ڏيڻ گهـرجي

سائنس جــو ڪم آهي تــه ماضـيءَ جي تجـربن جي بنيـاد تي ان مـان مسـتقبل ٿينـدڙ واقعن جي

اڳڪٿي ڪري سگهي. توڙي جو
دنيا جي ڪابه سائنس مستقبل
جي ڪنهن وڏي يا ننڍي اتفاق ۾
حادثي جو اڳواٽ اندازو نٿي لڳائي
سگهي. پر دنيا جو ڪاروهنوار
اتفاق (Chance) جي آسري تي
نه هلندو آهي. مثال طور هر
انسان کي پڪ هوندي آهي ته هُو
ڪيڏي مهل به مري سگهي ٿو پر
ان باوجود اهوئي انسان، جنهن
کي پنهنجي ايندڙ لمحي جي به پڪ ناهي
هوندي، سو وري 40 يا 50 سال
تائين قائم رهندڙ عمارت (گهر)
تعمير ڪرائيندو آهي، سال پڻ لاءِ
8 يا 10 ڪپڙن جا جوڙا تيار
ڪرائي رکندو آهي، مهيني يا سال
جي کاڌي پيتي جو بندوبست
ڪندو آهي. ساڳئي طرح، هر
مسافر ۽ ڊرائيوار کي هروقت
خاطري هوندي آهي ته هُو ڪيڏي
مهل به حادثي جو شڪار ٿي
سگهي ٿو پر گاڏيءَ ۾ پيٽرول به
وجهرائيندو، موبل آئل به
وجهرائيندو، ٽائر، بريڪ، ٽيوننگ،
بتين ۽ هارن وغيره جو اڳواٽ
بندوبست ڪندو آهي. جيڪڏهن
ماڻهوءَ کي ايندڙ لمحي جي به پڪ
ناهي ته پوءِ هُو ائين ڇو ٿو ڪري؟
اصل ۾، ماڻهوءَ کي پنهنجي

حياتيءَ بابت ڪا خاطري نــه هجي
پر هُو پنهنجي زندگيءَ جي مختصر
تجربي ۽ ان کان اڳ جي سوين
ســالن جي علم ۽ مشــاهدي جي
بنياد اهــو ســمجهي وٺنــدو آهي تــه
سندس ملڪ ۾ رهنــدڙ مــاڻهن جي
عمر 40، 50 يــا 80 ســال ٿينــدي
آهي (تنهنڪــري ٿي ســگهي ٿــو تــه
هي بــه ايــتري ڄمــار مــاڻي) يــا
ســــندس ملڪ ۾ هلنـــــدڙ لکين
ڪروڙين گاڏين جا حادثا نه به ٿيندا
آهن. مطلب تــه مســتقبل بــابت
رٿابنــدي اتفــاق جي آســري ۾ هــر
وقت ۾ تـــيزيءَ ســـان بدلجنـــدڙ
واقعن جي آڌار تي نـــه پـــر انهن
اتفاقن، تبديلن جي پٺيان ڪارفرما
لازمي (essential) فطـــري ۽
ســماجي قــانونن (& Natural
Social Laws) جي بنيـــاد تي
ڪــئي وينــدي آهي. جهــڙي ريت،
انشورنس ادارا ڪندا آهن جن کي
هر هڪ ماڻهوءَ جي مرڻ يا حادثي
جو شــڪار ٿيڻ جي خبر نه هونــدي
آهي پــر انهن کي مهينن يا ســالن
جي انگن اکرن مان يقيــني انــدازو
لڳي وينــدو آهي تــه اينــدڙ مهيــني،
ڇهن مهينن يا ســال دوران ڪيــترا
فرد موت يا حادثي جــو شــڪار ٿي
سگهن ٿا نــه تــه بي صــورت ۾ هُــو

اربين روپين جي سيڙپ ئي نه
ڪن. جيتوڻيڪ، سياست جو
روزمرهه جو ڪم ڊرائيونگ وانگر
هوندو آهي پر ڊرائيونگ ڪان اڳ
گاڏيءَ ۾ پيٽرول، موبل، بريڪ،
ٽائرن سميت سڀني ڊرائيور جهڙن
لازم عنصرن جي اڳواٽ پڪ ڪبي
آهي ۾ پوءِ منزل ۾ انهن ڏانهن
ويندڙ رستي جي چٽي نشاندهي
ڪبي آهي ۾ پوءِ ان رستي تي
هلندي جيڪي رڪاوٽون، ڪڏا،
جهاڪا، ڏک لڳن اهي اتفاق جي
زمري ۾ اچن ٿا ۾ انهن ڪان بچڻ
جو دارومدار سياست جي فن تي
آهي. مطلب ته بنيادي مقصدن
جي لازمي عنصرن بابت اڳواٽ
پڪ ڪرڻ ڪانسواءِ ته توهانجو
سفر ئي بيڪار هوندو.

تنهنڪري، گذريل انساني تاريخ،
خاص ڪري سوشلزم جي هڪ
صديءَ جي عملي تاريخ مان،
مستقبل جي سوشلزم جي ڏانهن
وٺي ويندڙ وات، اقتصادي ۾
سياسي پاليسي ۾ ڊگهي مدي
واري حڪمت عمليءَ جي باري ۾
ٿلهي ليکي هڪ حد تائين ڪجهه
معاملا طئي ڪري سگهجن ٿا.
جيڪڏهن اها دعوى ڪئي وڃي ته
نه معاملا (40 سال) اڳ ۾ ئي

طئي ٿيل آهن ته به انهن کي 2015 مطابق نون ثابتن ۽ دليلن سان وڌيڪ يقيني بنائڻ جي ضرورت آهي نه ته اهائي سائنس عقيدي جي صورت وٺي ويندي. جيڪڏهن ڪا ذرا اعتراض ڪري ته پلا پڇايو ته ڪهڙي وات وٺون؟ ۽ ماضيءَ جا ناڪام تجربا ڳڻائي اهڙي ڪنهن وات تي هلڻ ڪي رد ڪري يا ان بنياد تي مستقبل جي يقيني وات جو تعين ڪرڻ کان انڪار ڪري ته پوءِ؟ اهو سمجهڻ گهرجي ته مارڪس ۽ ان ڪانپوءِ واري سموري تاريخ ثابت ڪيو آهي ته اهو ضروري شرط ناهي ته ڪو بهترين سوشلسٽ متبادل موجود هجي ته پوءِ جدوجهد ڪجي نه ته نه ڪجي. چاڪاڻ ته خود ڪارل مارڪس ۽ لينن جي اڳيان پڻ ڪوبه ڪامياب نمونو موجود نه هو پر ان باوجود مارڪس سوشلزم کي سائنسي سوشلزم سڏيو ۽ لينن ان کي عمل ۾ آڻي ڏيکاريو.

اهو ئي سبب آهي جو ڪا واضع ۽ چٽي ڏگهي مدي واري نظرياتي لائين نه هجڻ ۽ ننڍي مدي واري مبهم پروگرام جي ڪري ڪيتري عرصي کان فقط اشوز جي سياست ٿيندي رهي آهي.

جيتوڻيڪ، اشوز جي سياست جي
اهميت گهٽ ناهي پر اهم سوال
هي آهي ته اهڙيون سوين
هزارين ننڍيون وڏيون جدوجهدون
ڪهڙي منزل طرف وٺي وڃن
پيون؟ يا وٺي وينديون؟ ۽ ڇا اهي
اسانجي بنيادي نظرياتي لائين
سان ٺهڪندڙ آهن يا نه؟ انهن
جدوجهدن ۽ اسانجي ڏگهي
پروگرام ۾ ڪهڙو تعلق آهي؟

منزل نه پر تحريڪ ئي سڀ ڪجهه آهي...!؟

ترميم پرستيءَ جو پراڻو نعرو
رهيو آهي ته ”آخري منزل ڪجهه
به ناهي پر تحريڪ ئي سڀ ڪجهه
آهي“ ان قسم جي اعتراض جو
جواب اهو ڏنو ويندو ته ڇا هيءَ
سموري اشوز جي جدوجهد ۽
اسانجي محنت بيڪار آهي؟ اسين
گذريل چار ڏهاڪن کان قربانيون
ڏيندا، احتجاج ڪندا پيا اچون اهو
سڀ فضول آ؟ جواب آهي ته
بلڪل نه. پر ڪنهن مقصد ۽ منزل
ڪانسواءِ اشوز جي ٽيندڙ سياسي
جدوجهد ائين آهي جيئن موت جي
کوهه جو کيل. جنهن ۾ ڊرائيور
وڏو جوکم کڻي اسڪوٽر هلائيندو

آهي جيڪو پڻ حيرت انگيز ڪم
هوندو آهي پر اسڪوٽر جو سمورو
سفر فقط مخصوص دائري اندر
ورجاءُ وانگر هوندو آهي.

ترميم پرستيءَ جي حق ۾ پيو اهم
دليل ”معروضي حالتن“ جو ڏنو
ويندو آهي. توڙي جو، معروضي
حالتن کان انڪار ڪرڻ مارڪسزم
کان انڪار برابر آهي. پر چا
موضوعي حالتن جو ڪوبه ڪردار
نه هوندو آهي. هي ته ائين ٿيو ته
پنهنجي مرضيءَ سان ڪو سفر نه
ڪجي پر جيڏانهن جي هوا لڳي
اهو رخ ڪجي.

اپني مرضي سي ڪهان اپني سفر
ڪئي هين

رخ هوائون ڪا جدهر ڪا هي ادهر
ڪي هين

جيتريقدر، تبديليءَ واري ڪائنات
گير قانون جو تعلق آهي ته گذريل
لکين سالن کان انساني سماج ۾
فڪر ۾ ته تبديليون ٿينديون رهيون
آهن پر ساڳئي ڊگهي عرصي
دوران انساني جسم ۾ ڪي واضع
صفتي تبديليون ڪونه ٿيون آهن،
جيڪڏهن اهڙي ڪا به صفتي
جسماني تبديلي ٿيندي ته انسان
جي وصف ڪي ورائي ڏسڻو پوندو.

لاتعداد تبديلين جي باوجود ڌرتي
چار ارب 60 ڪروڙ سالن کان
پنهنجي ڪُلي حيثيت ۾ موجود
آهي. ڪروڙين سالن کان ڏينهن
رات جو ڦيرو مسلسل هلندو رهي
ٿو ان ۾ ڪا خاص صفتي تبديلي نه
آئي آهي. هر سال جون موسمون
لکين سالن کان ٿوري گهٽ فرق
سان هلنديون پيون اچن. هزارين
سالن کان ذاتي ملڪيت ۾ طبقاتي
نظام جو وجود برقرار آهي ٽوٽي
جو ان ۾ هزارين قسم جون
ننڍيون وڏيون تبديليون ٿينديون
رهيون آهن. هزارين سالن کان
مذهبي عقيدا هلندا پيا اچن جن
جون ڪيترين ئي صورتون
بدلجنديون به رهيون آهن. انهن
دليلن ڏيڻ جو مطلب هي آهي ته
تبديلي ته هر وقت ۾ هر هنڌ
ٿيندي رهي ٿي پر ڪي تبديليون
لمحن جي لکين حصي ۾، ته ڪي
منٽن ۾ ڪلاڪن ۾ ته ڪي ڏينهن،
مهينن ۾ سالن ۾ ته ڪي تبديليون
لکن سالن ۾ رونما ٿينديون آهن.
تنهنڪري، جيڪي تبديليون لکين ۾
ڪروڙين سالن ڪانپوءِ عمل ۾ اچن
ٿيون انهن کي پائيدار، جٽادار ۾
مستقل عمل سمجهيو وڃي ٿو.
تبديليون ته هر وقت ۾ هر هنڌ

ٿينديون رهن ٿيون تنهنڪري ان
جو مطلب اهو نه ٿيو ته ڪي
يقيني، مستقل، لازم عمل نه ٿيندا
آهن. مثال طور، مادو ۽ توانائي،
زمان ۽ مڪان، حرڪت، تضاد ۽
اتحاد، مقدار ۽ معيار وغيره
پنهنجي پنهنجي مخصوص ۽ ٺوس
حالتن ۾ نسبتي، عارضي ۽ تبديل
ٿيندڙ هجن ٿا پر اهي پنهنجي
ڪُليت ۾ ڪائنات گير شين ۾
لقائل، قانون ۽ درجي بندين ۾ پاڻ
کي اظهارين ٿا. انهن سمورن
دليلن جو حاصل مطلب هي آهي
ته هر شي تبديل (ترميم) ٿيندي
رهندي آهي ته ان جي هرگز اها
معنى ناهي ته ڪابه شي ۽ لقاءُ
يقيني ۽ مستقل ناهي هوندو.

ان معاملي کي سمجهڻ لاءِ هڪڙو
سادو مثال پيش ڪريون ٿا. ڪو
فرد آهي جنهن جو نالو احمدي
نجاد آهي هاڻي جيئن ته ان جي
جسم ۽ دل مسلسل ڌڙڪي ٿي،
رت جي ڦير جاري آهي، عضون
جي چرپر ۽ جيوگهرڙن جي پيچ
ڊاهه به آهي تنهنڪري چئبو ”جيئن
ته اهو مسلسل بدلجندو رهي ٿو
خبر ناهي ته ڪير آهي. پر منٿ
اڳ احمدي نجاد هو هاڻي خبر
ناهي!“ جيئن هزارين تبديلين

~~باوجود هڪ انسان جي صفتي سچاٽپ برقرار رهي ٿي ساڳئي ريت هڪڙو واضع ۽ چٽو منشور ۽ پروگرام هوندو ۽ ان سان ٺهڪندڙ آئيني ڍانچو هوندو ۽ پوءِ روزمره جون لاتعداد تبديليون به ٿينديون رهنديون جيڪي ان وڏي پروگرام تي ڪو خاص اثرانداز نه ٿينديون.~~

~~ترميم پرستيءَ جو وڏو نقصان اهو به ٿيندو آهي ته ڪارڪن جيئرا لاش ٿي ويندا آهن. چاڪاڻ ته ان قسم جي مبهم ۽ اٽڪني نظرياتي لائين هئڻ سبب نظريي جي صداقت تي ويساهه ڪمزور ٿي ويندو آهي، ڪارڪنن منجهه هن قسم جي سوچ گهر ڪرڻ لڳندي آهي: "جيڪي خيال اسين درست سمجهون اهي عمل ۾ ايندا به الائجي نه!" نظريي ۾ ويساهه جي کوٽ سبب ڪارڪنن جي نفسيات شڪ ۽ غيريقينيت جو شڪار ٿي وڃي ٿي. نتيجي طور، جذباتي سرگرميءَ بدران مٽرئي خانه پوري ڪرڻ، مضبوط قوت ارادي بدران ڀڏتر ۽ اٽ ٽڻ جو شڪار رهڻ، بغاوت بدران مصلحت يا مفاهمت جو رجحان وڏي وڃي ٿو. نظريي ۾ مدلل ايمان جي اهميت کي سمجهڻ لاءِ مذهبي جماعتن~~

کي ڏسي سگهجي ٿو جيکي
پوئلڳن کي مرڻ مارڻ لاءِ تيار
ڪري ڇڏينديون آهن. پر انهن
ٻنهي ۾ بنيادي فرق هي آهي ته
مذهبي ايمان انڌي عقيدي تي
آڌاريل هوندو آهي جڏهن ته ترقي
پسند سياسي جماعت جو ويساهه
شعور ۽ سائنس تي ٻڌل هوندو
آهي.

بنيادي اصول ۽ لچڪداريت ۾ ڳانڍاپو

ڏنو ويو آهي ته جڏهن ڪو فرد
توڙي ادارو پنهنجي ڊگهي عرصي
جي فڪري ۽ عملي جدوجهد ۾
جاکوڙ ڪانپوءِ (طئي ڪيل) ڪا
وڏي سوپ ماڻڻ ۾ ڪامياب نه ٿي
سگهندو آهي ته ڪيس پنهنجن
بنيادي اصولن ۽ آدرشن تي شڪ
ٿيڻ لڳندو آهي. سنڌيءَ جي
چوڻيءَ ”هلڻ پچي پيرن ڪان نه،
لک لعنت تي ڳوڙن“ مثل، اسين
جڏهن ڪا ٿوس سياسي فتح ماڻڻ
۾ ڪامياب نه ٿي سگهندا آهيون
ته اُن جا سبب ڳولڻ لاءِ هيڏي
هوڏي لوٽا هڻڻ بدران سڌي ريت
پنهنجي نظرياتي اصولن ۾ گڙٻڙ
ڳولڻ شروع ڪندا آهيون۔ ائين

ناهي ته بنيادي نظرياتي اصولن (fundamental theoretical principles) خرابي نه ٿي ٿي سگهي پر ڏٺو وڃي ته اِن جا امڪان گهٽ هوندا آهن. ڇاڪاڻ ته بنيادي نظرياتي اصول انساني تاريخ جي هزارين سالن جي تجربي، مشاهدي فڪري غور ويچار جو نچوڙ هوندا آهن. ائين ئي جيئن سائنس جي ميدان ارتقا جو اصول، ڪشش ثقل انرشيا جو قانون، عمل ردعمل جو اصول، جوڙ ڪٽ، مادي توانائيءَ جي وچ لاڳاپو وغيره. جنهنڪري، بنيادي نظرياتي اصولن ڪنهن وڏي خرابيءَ جا امڪان بنهه گهٽ هوندا آهن جڏهن ته اُنهن (عام اصولن، General Principles) کي درست نموني لاڳو ڪرڻ (Concrete Application)ـ نه ڪرڻ جا امڪان وڌيڪ هوندا آهن؛ يعني معروضي موضوعي حالتن جو ٺوس تجزيو، اُن مطابق واٽ، جدوجهد جي طريقي ڪار، حڪمت عملي تدبيرن، پاليسين اتحادن وغيره جي سوالن ڪُٺي پوندا آهيون. مثال طور سوويت يونين جي ناڪاميءَ جي

ڪوڙ سارن سببن سان گـڏ هڪـڙو
وڏو ڪارڙ وڏيون ۾ ڦريون شـيون
ٺاهڻ (big & heavy industry)
تي زور ڏيڻ ٻُـڌايو وڃي ٿـو. اهـا
ڳالهه اڌورو سـچ آهي، پـورو سـچ
هي آهي تـه اُنهن ننـڍين ۾ هلڪين
شـيـن ٺـاهڻ تي زور گهٽ ڏنـو،
مطلب ته ضرورت ٻنهي جي وچ ۾
تـوازن قـائم ڪـرڻ جي آهي.
هاڻوڪي جديد دور ۾ هزارين سال
پـراڻن نظـرين هيٺ هن وقت بـه
ڪوڙ سارن ملڪن ۾ مختلف نظـام
قـائم آهن. مثـال طـور سـعودي
عرب سميت اڪثر عرب ملڪن ۾
بادشـاهي نظـام آهن، ايـران ۾
مـذهبي نظـام آهي، آفريقـا جي
ڪيـترن علائقن ۾ قبـائلي نظـام
آهي، پاڪسـتان، مصـر ۾ ٿائيلينـڊ
جهـڙن ملڪن ۾ (سـرمائيداريءَ
سان گڏ جاگيرداري، قبائليت سان
گڏ) فـوجي آمريتـون رهيـون آهن.
بادشاهت، قبائليت، فوجي آمـريت
۾ مذهبي نظـام تـاريخي طـور تي
مـدي خـارج ٿي چڪـا آهن پـر اڄ
سـوڏو مـٿين ملڪن سـميت ڪـوڙ
سـارن ٻين علائقن ۾ گهريـون ۾
طاقتور پاڙون رکن ٿـا. جـڏهن تـه
سوشـلزم، جيڪـا جـدلياتي ۾
تـاريخي مـاديت جي بنيـاد تي

~~سائنسي هجڻ جي دعويدار آهي، اُن جي تجرباتي تاريخ کي ڏيڍ سئو سال مس ٿيا آهن ۾ اجان تائين ڪيترن علائقن ۾ مختلف صورتن ۾ مقدارن ۾ وجود پڻ رکي ٿي.~~

~~آخري ڳالهه؛ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ترقي يافته دنيا سان گڏ ماضيءَ جي پورهئي سان گڏ پنهنجي علائقي جي تاريخي تجربي کي پاڻ ۾ سمائيندي نئين ابتدا ڪجي، جيڪا اصولي ((principled هجڻ سان گڏ لچڪداريت (flexibility) واري به هجي، اُها پلي ڪمزور هجي ۾ تعداد ۾ ٿورڙي ئي ڇو نه هجي. ڀلي جو ان جي ڪاميابيءَ جا پري پري تائين ڪي امڪان نظر نه ايندا هجن، تڏهن به اهڙي ابتدا ڪرڻ گهرجي. چاڪاڻ ته (مٿي مضمون جي ابتدا ۾ ڄاڻايل) جن جماعتن پنهنجو سياسي سفر 40 کان 50 سال اڳ شروع ڪيو هو، تڏهن به اُنهن کي پري پري تائين ڪاميابيءَ جي ڪا پڪ نه هئي، سنڌ جي ابتدائي دور ۾ ٻُڌن ڙ ۾ ڏسندڙ ماڻهو سنڌي خيالن ۾ آدرشن تي ٿلهو ڪندا هئا. پر سنڌي اهائي اصولي سياست هئي جنهن نه صرف سنڌي علائقن پر~~

علائقائي ۾ بين الاقوامي سطح تي اثر چڏيا. اصولي سياست ۾ بدليل حالتن مطابق اُن کي لاڳو ڪرڻ جي صلاحيت ئي هاٺوڪي مايوسيءَ واري ۾ بحراني حالتن ۾ عوام لاءِ مثالي ڪردار ادا ڪرڻ جو ڪم ڪندي، جيڪڏهن ڪا ڌُر عوام لاءِ مثالي نه ٿي بڻجي ته پوءِ عوام اُن سان گڏ ڪڏهن به نه هلندو.

حوالو

Class Struggle in France, by (1) Karl Marx (1858) (Karl Marx: Selected Writings, Oxford University Press, 1977) p, 313

مهـــــا انقلابيت: ڪـــاپي ڌر جي پـــــــــــراڻي بيمـــــــــــاري

بخشـــــــــل ٿلهو

مهـــــا انقلابيت ۾ تـــــرميم پســـنديءَ جي هيڪـــڙائي؛



جـــدلياتي اصـــولن پٽانـدڙ بـه متضـــاد چـــيزا (رشـــتا، تصـــور، رجحـان،) ڪنهن تين حقيقت ۾ هڪ بـه ٿيندا آهن. مثـال طـور جيئن مقـدار ۾ معيار جا متضاد، مـاپ يا تـور جي تصـور ۾ هڪ ٿيندا آهن يـا جـيئن عـورت ۾ مـرد جـو جنسـي فـرق، ٻـوليءَ انـدر لفـظ انسـان ۾ هڪ ٿيندو آهي يا جيئن جسم ۾ ذهن تي تمام گهڻي خوشي يا گهري صدمي جا اثر ساڳيا پوندا آهن ۾ انهيءَ دٻاءُ هيٺ اکين منجهـان ڳوڙهـا وهڻ شروع ٿيندا آهن بلڪل ساڳي ريت ڪميونسٽ يا عوامي سياست اندر

~~پـــه انتهاپســـنديون جهـــڙوڪ مهـــا~~
~~انقلابيت تــــرميم پســــندي هڪ~~
~~ٽيئن رجحان يعني مــوقعي پرســتي~~
~~ چيهـــه ڪنـــدا آهن. اُنهيءَ ڪـــان~~
~~پهرين جــو اســان انهن مختلــف پــر~~
~~ساڳين نتيجن تي ڪُنڊڙ رجحان جي~~
~~پـــاڻ جــــدلي ڳانـــڍاپي ، انهن~~
~~رجحــــــانن جي طبقـــــاتي بيهڪ،~~
~~سياســـت ســـماج تي انهن جي~~
~~اثرن تي اجا وڌيڪ ڳالهايون، انهن~~
~~رجحـــانن جي اصـــطلاحي وصـــف~~
~~ضــــــروري آهي. ”مهـــــاانقلابيت“~~
~~عوامي سياست منجهــه هڪ اهــڙو~~
~~رجحــــــان آهي جيڪـــــــو انقلاب ~~
~~ســماجي تبــديليءَ جي معروضــي~~
~~محــــــرڪن کي درگـــذر ڪنــــدي،~~
~~سياسي عمل پنهنجي موضــوعي~~
~~ڪردار کي وڌائي چڙهائي ڪري يا~~
~~تمــام گهٽــو اهم ســمجهندو آهي ~~
~~بنيادي اصولن جي تحفظ جي نــالي~~
~~ هڪ ضروري اٽڙ مفاهمت کي~~
~~به رد ڪري ڇڏيندو آهي جڏهن تــه~~
~~ترميم پسندي وارو رجحــان، انهيءَ~~
~~جي ابتڙ انقلاب سماجي تبديليءَ~~
~~جي عمل معروضي محرڪن کي~~
~~وڌائي چڙهـــائي ڪـــري پنهنجي~~
~~موضوعي ڪــردار کي گهٽ ڪــري~~
~~ڏســندو آهي مفــاهمت جي آڙ ~~
~~پنهنجي بنيادي اصولن تــان بـــه هٿ~~

ڪــٽي وينـــدو آهي. اهـــڙي ريت
سياسي عمل ۽ انهن منجهان هڪ
رجحــان غــير ضــروري حــد تــائين
موضوعيت پسند ۽ ٻيو رجحان غير
ضروري حد تائين معروضيت پسـند
ٿيڻ جو لازمي نـتيجو آهي جنهنجي
پي لازميت هڪ بدبودار قسم جي
موقعي پرسـتي ئي ٿي سـگهي ٿي
ٻيــو ڪجهــه نــه. مــوقعي پرســتي
منجهـان مـراد پـورهيت ۽ عـوامي
تحـريڪ جي اوسـر کي ڌڪ هٽنـدڙ
هڪ غــير ضــروري مفــاهمت يــا
مصــلحت آهي. لينن مفــاهمت جي
سوال کي ڪڏهن به تجريدي انداز
۽ نــه ســمجهيو نــه ســمجهايو. هن
مفاهمت جي ٻن صورتن کي واضح
ڪيـــو. هڪ مفـــاهمت معروضـــي
حالتن جو جــبر ۽ ضــروري هونــدي
آهي ۽ هڪ ٻي مفاهمت موضوعي
۽ غــير ضــروري آهي. اهــو ممڪن
آهي ته هڪڙي قسم جي مفـاهمت
هڪ وقت ۽ ضــروري يــا انقلابي ۽
ســـاڳي ئي مفـــاهمت ڪنهن ٻي
وقت ۽ غـــير ضـــروري ۽ مـــوقعي
پرســتاڻو عمــل ٿي ظــاهر تــئي.
تنهنڪـــــري صـــــرف ڪنهن تنظيم
پــاران مفــاهمت ۽ مصــلحت جي
حڪمتِ عملي هروقت غير انقلابي
عمـــل هجي ائين نـــاهي هونـــدو.

ساڳي ريت انقلاب تڪراءُ جي
حڪمت عملي هر جاءِ تي ضروري
ناهي ته واقعي به انقلابي هجي.
درحقيقت مفاهمت هجي يا
مخاصمت انهن جي معقوليت
بدليل حالتن جي ٺيڪ ٺيڪ تجزيي
ڪانپوءِ ئي طئي ڪري سگهجي ٿي.
اِنهيءَ جي بغير اِنهن حڪمت
عملين يا اصطلاحن جي پنهنجي
پاڻ ڪا به عملي معنيٰ ناهي.
مثال طور چين انقلاب کان گهڻو
اڳ ڪميونسٽن جو ڪومنتانگ سان
اتحاد هو، جنهن سبب جاگيرداريءَ
کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. پر دور
ڪومنتانگ سامراجي مدد سان
ڪميونسٽن جو ڪوس ڪيو
اتحاد خانه جنگي بدلجي ويو. ٽين
دور جاپاني سامراجيت خلاف
وري اهو اتحاد نئين سرعمل آيو.
چوٿين دور وري ڪونتانگ
ڪميونسٽن منجهه مسلح چڪتاڻ
شروع ٿي جنهن آخرڪار
ڪميونسٽ سوپارا ٿيا. چين اندر
انقلابي قوتن جي ڪاميابي
مفاهمت مخاصمت جي ڏگهي
پيچيده عمل ڪانپوءِ ممڪن ٿي
سگهي.اهڙي ريت هڪ انقلابي
پارٽي يا تنظيم جي حقيقي انقلابي
هئڻ جو هڪ اهم معيار سندس اها

اهليت هوندي آهي جنهن سبب هو
پنهنجي دور جي حالتن جي صحيح
ڪٿ ڪري سگهندي آهي، لينن
جي لفظن ۾ "ٺوس حالتن جو
ٺوس تجزيو". اها انهيءَ ڪري ته
انهيءَ تجزيي جي بنياد تي اُها
تنظيم پنهنجي ۽ دشمن جي طاقت
جي توازن جو صحيح صحيح اندازو
ڪندي، پنهنجي سياست جا
عبوري مرحلا طئي ڪندي اڳتي
وڌندي آهي، انهن ئي حالتن جي
ٺوس تجزيي جي بنياد تي پارٽين
جي جوڙجڪ ۽ حڪمت عملي
طئي ٿيندي آهي. مثال طور جا
حالتون (موضوعي ۽
معروضي) وڌي چڙهي، دشمن
تي حملي ڪرڻ ۽ رياست تي
قبضي واريون آهن يا ڪنهن به
قسم جي مهم جوئي کان ٿارو
ڪندي، پنهنجي قوت کي ڪنهن
رياستي حملي کان بچائڻ واريون
آهن؟ جا حالتون ڪُلي عوامي
سياست ڪرڻ واريون آهن يا پاڻ
کي ڍڪي، انڊرگرائونڊ ڪري
پنهنجي "ڪور" سنڀالڻ جون آهن؟
جا قانوني سياست جي دائري اندر
عوامي سياست ۾ پنهنجي قوت
کي وڌائڻ جا امڪان موجود آهن يا
اهي ختم ٿي چڪا آهن ۽ صرف

غير قانوني (هٿياربند) جدوجهد جو
ئي رستو بچيل آهي؟ يا وري اهو
ته ڇا قانوني ۾ غير قانوني
حڪمت عمليون گڏ به ڪٽي
سگهجن ٿيون يا هڪ جي هوندي
ٻي جو هئڻ ممڪن ڪونهي.؟
جيڪڏهن واقعي به حالتون انقلاب
جي حق ۾ ڪونهن ته ڪهڙي ريت
انهن کي انقلاب جي حق ۾ بڻائي
سگهجي ٿو؟ مفاهمت جي دور ۾
سياسي هيڪڙائي ۾ نظرياتي تضاد
واري بيهڪ کي ڪيئن ۾ ڪهڙي حد
تائين نبيرجي وغيره، اهڙي قسم
جا ئي سوال هوندا آهن جنهن کي
سماج جي ٿوس تجزيي؟ مختلف
تضادن جي شدت، پنهنجي ۾
دشمن جي صحيح سگهه جي
صحيح ڪٿ ۾ جدلي سمجهه سان
طئي ڪرڻ ضروري هوندو آهي.
نظرياتي ۾ تنظيمي نقطه نگاهه
کان هي اُهو بنياد آهي جتي تنظيم
يا پارٽي کان ٿيل هڪ دور جي
غلطي ٻي دور ۾ جلد تدارڪ نه
ٿيڻ جي صورت ۾ پوري تحريڪ ۾
تنظيم جي تذا ويڙهه ڪري
ڇڏيندي آهي. پوري ڪميونسٽ
تحريڪ اهڙي قسم جي مثالن
سان پري پئي آهي. عالمي توڙي
ڏيهي ڪميونسٽ سياست جي

~~پسپائي جا خارجي ڪارڻ ڪيترا~~
~~ئي ٿي سگهن ٿا پر داخلي طور~~
~~ٻه سبب ئي اهم رهيا آهن جن~~
~~منجهان هڪ ترميم پسندي آهي ته~~
~~ٻيو مهاانقلابيت. اهي ٻئي رجحان~~
~~ٺوس حالتن جو ٺوس تجزيو ڪرڻ~~
~~کان محروم هوندا آهن.جيئن ته~~
~~مارڪسي لينني سياست □ فڪر~~
~~منجهه ترميم پسندي يا~~
~~سڌاريسنديءَ واري لائين ڪوڙ~~
~~سارين معنائن □ شروع کان ئي~~
~~موقعي پرستي سان سلهاڙيل~~
~~رجحان طور سمجهي □ سڃاتي~~
~~ويندي آهي اهو رجحان انقلابي~~
~~تحريڪ جي اندر ٽوڙي ٻاهر پيدا~~
~~ٿيندو رهندو آهي پر مهاانقلابيت~~
~~واري رجحان تي ڳالهه ٻولهه گهٽ~~
~~ٿيندي آهي چاڪاڻ ته اهو رجحان~~
~~انقلابي ڳر منجهه پيدا ٿيندو □ پلبو~~
~~آهي هي پويون رجحان ڳولهي لهڻ~~
~~انهي ڪري مشڪل هوندو آهي جو~~
~~اهو پنهنجي بچاءُ □ ڏي □~~
~~مارڪسي لينني اصولن، قانونن □~~
~~ٻوليءَ کي ئي وڏي زور شور سان~~
~~تجريدي انداز □ استعمال ڪندو~~
~~آهي □ اسان جهڙن سماجن □~~
~~جتي هونئن ئي مارڪسي □ جدلي~~
~~سمجهه جي اُڻاٺ آهي جتي~~
~~جدلياتي فلسفي تي مهارت ته~~

پـري جي ڳالهـه پـر مارڪسـي اصطلاحن جي گهري ڄاڻ جي بـه ڪـاڻي ڌر جي قيـادت منجهـه ڪـوٽ هونــــدي آهي اُتي حقيقي انقلابي بيهڪ ۽ ان رنگ يـا ڏيـڪ ۾ موجـود مها انقلابيت جي تفريق ڪرڻ ڪــو آسـان ڪم ڪـونهي. پنهنجي رنـگ ڍنـگ ۾ انقلابي پـر پنهنجي اصـل ۾ ردِانقلابي سياســت ۽ پــوليءَ ڪي لينن انقلابي لفــاظي ۾ سياســت ڪي ڪــاڻي ڌر جي ٻــارٽي بيمــاري سڏيو ۽ پنهنجو جڳ مشهور ڪتـاب Left wing communism, an) (infantile disorder لکيـــو. تنهن ڪـري اڄ ڀاڻ ترميم پسـنديءَ تي ليننى تنقيـد ڪي پنهنجــو ڪنـدي صرف مهاانقلابيت جي رجحان ڪي ڪجهــه تــاريخي حــوالن ســان ۽ پاڪســتان يـــا ســنڌ ۾ پنهنجي هــاڻوڪي صــورتحال جي نســبت ســان ســمجهڻ جي ڪوشــش ڪنداســــــــــــــــــــــــين.

ڪجهـــــه تـــاريخي مثــــال:

ڀاڻ مٿي مهاانقلابيت جي تعريـف ۽ تشـريح ڪـري آيـا آهيـون پـر اهـو سـمجهڻ بـه ضـروري آهي تـه اهي تعريفون ۽ تشريحون عمـومي آهن

 انهن منجهه نسبتيت وارو پاسو
حاوي آهي يعني اهو عين ممڪن
آهي ته ڪا هڪ حڪمت عملي
جيڪا ڪجهه خاص حالتن
مهاانقلابي ٿي پاسي سا ڪجهه ٻين
حالتن انقلابي ثابت ٿي پئي، تنهن
هوندي به پاڻ جيڪڏهن عمومي
تعريف جي روشني ئي ڏيهي
عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي
ماضي تي هڪ مختصر
نظر وجهنداسين ته اسان کي
مثالن جي اُٽاٽ نظر نه ايندي.
يونائيٽيڊ جرمن ڪميونسٽ پارٽي)
(VKPD اٽلي جي ڪميونسٽ
پارٽيءَ جي ئي مثالن کي ڏسجي.
پوئين صدي جي ٻي ڏهاڪي
جرمني جي هڪ اهم اڳواڻ پال
فورلچ هڪ دفعي چيو ته ”اسان اڄ
پارٽي جي پاليسي ڪان الڳ ٿا ٿيون
هيل تائين اسان انقلاب جو انتظار
ڪيوسين، هاڻي اسان ڳيرائي
ڪندي انقلاب آڻينداسين. “ هنن
مزدورن کي ڪم ڇڏ هڙتال جو سڏ
ڏنو پر مزدورن عام هڙتال کي ڪا
خاص موٽ نه ڏني. اهڙي ريت
هڙتال جي ڪيترا ئي سڏ جڏهن
ناڪام ٿيا ته پارٽي جي ڪجهه ڌڙن
اجا سخت حڪمت عملي تي ڪم
ڪندي هڪ پاسي حڪومت خلاف

هٿياربند تحريڪ هلائي ۾ ٻي پاسي
پورهيتن کي فيڪٽرين منجهان
زبردستي ٻاهر ڪڍڻ جون
ڪارروايون ڪيون جنهن ڪانپوءِ
پورهيتن جو (VKPD) ڏانهن رويو
اچا سخت ٿي پيو ۾ ڪٿي ڪٿي ته
پورهيتن ۾ پارٽي جي وچم
چڪريون پڻ ٿيون، اهڙين حالتن
جو نتيجو ڏينهن جي سج جيان
واضح هوندو آهي، سال 1921 جي
مارچ مهيني ۾ (VKPD) جي سايا
تي لک ميمبرشپ آگست تائين
ايندي ايندي اڌ کان وڌيڪ گهٽ ٿي
وئي ۾ ڏيڍ لک تائين پهتي. پارٽي
پاڻ سان گڏ انقلاب جي امڪان کي
به ٻهاري وئي. خود اٽلي ۾ اميدو
بورڊگا جو ڪردار مهاانقلابيت جي
بهترين سمجهاڻي ڏئي ٿو جنهنجي
انقلابي تجزين کي لينن به
ساراهيندو هيو پر ساڳي وقت لينن
سندس تجزين جي نتيجن سان
اختلاف به ڪندو هيو جيڪي
مهاانقلابيت جو اهڃاڻ هيا. مثال
طور بورڊگا جي پنهنجي پارٽي جي
سڌاريسند رجحانن تي تنقيد
زبردست هئي پر هڪ اهڙي وقت
۾ جڏهن اٽلي اندر فاشزم جو تمام
گهڻي تيزي سان اُڀار ٿي رهيو هيو
تڏهن بورڊيگا پنهنجي پارٽي جي

سڌارپسند رجحانن تي تنقيد
ڪندي 1921 ڌاري ٿيل ڪانگريس
 واک آئوٽ ڪري نڪري ويو
مهاانقلابين کي گڏ ڪري هڪ الڳ
پر ننڍي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو بنياد
وڌائين جنهن سبب فاشزم خلاف
گڏيل مزاحمت ڪمزور ٿي جنهن
جا اگرا نتيجا بعد ۾ سيني کي ڀوڳڻا
پيا. اهڙي ريت جيڪڏهن غير
ضروري مفاهمت ۽ ترميم پسندي
جي حوالي سان ڏسجي ته ايران
ڪانوني نيپال تائين تاريخ ۾ انيڪ
مثال موجود آهن ته ٻي پاسي
انڊونيشيا ڪانوني ٿائيلينڊ تائين هڪ
ٻي انتهاپسندي يعني مهاانقلابيت
جي مثالن سان به تاريخ ڀري پئي
آهي ٻنهي صورتن ۾ تمام گهڻيون
سگهاريون ڪميونسٽ پارٽيون (جن
منجهان ڪنهن جو ملڪ جي 80
سيڪڙو ٻهراڙي تي قبضو موجود
هيو ته ٻين جي ميمبرشپ ڏهه لکن
کان به مٿي هئي) ڦهه ڪري پٽ
پيون.

مهاانقلابيت جا سماجي ۽ طبقاتي بنياد؛

مهاانقلابيت جو رجحان نوجوانن
منجهه ٻين جي ڀيٽ ۾ ڪجهه گهڻو

پيدا ٿيندو آهي. گهٽ تجربي سان
گڏ رومانويت جذباتيت جي
اميري سبب اهي نوجوان ئي
هوندا آهن جن لاءِ سماجي اوسر
جي قانون معروضي محرڪن
کي اهميت ڏيڻ ڏکيو ٿي پوندو
آهي. اهو ئي سبب آهي ته پارٽي
جي مهاانقلابي پروگرام نعرن
جي گهٽ ٿي مقبوليت پارٽي جي
شاگرد يا نوجوانن جي فرنٽ
منجهه ئي هوندي آهي. جيستائين
سوال آهي مهاانقلابيت جي
طبقاتي بنيادن جو ته انهيءَ منجهه
ڪا به حيرت جي ڳالهه نه هئڻ
گهرجي ته ترميم پسندي هجي يا
مهاانقلابيت، اهي ٻئي متضاد پر
نتيجي هڪڙا رجحان تنّظيم
تحريڪ جي پيٺي بورجوا يا وچولي
طبقي يا پرتن منجهه پلبا وڌندا
رهندا آهن جيئن ته پاڪستان
اندر ڪاٻي ڌر وري نئين سر
اُسري رهي آهي اجا شروعاتي
(ايمبريانڪ) ڏاڪي تي آهي
تنهنڪري سندس گهٽو ٽٿو آڌار اجا
انهيءَ پرت تي ئي آهي. تنهنڪري
اهي ٻئي رجحان ايمبريانڪ
صورت ئي صحيح پر اسان
منجهه موجود آهن ڪنهن به
هڪ رجحان جي موجودگيءَ ڏانهن

اکيون پوئي پي رجحان کي جئين
جو تيئن دليل سان ثابت ڪرڻ
منجهان اسانجي مقصد کي فائدو
نه پر نقصان ٿيندو. انهن رجحانن
جي خاتمي جو هڪ حل پورهيت
طبقي سان جڙڻ آهي ۾ نندين
نندين تحريڪن ذريعي انهيءَ تعلق
کي عضوياتي بنائڻ ۾ پنهنجي
سمجهه کي سنجيده ۾ پورهيت
طبقي جي صحيح نمائندگيءَ جي
اهل بنائڻ آهي. جيڪڏهن
پاڪستان يا سنڌ اندر ڪاپي ڏر اهو
سڀ ڪجهه ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي
وڃي ته پوءِ بين رجحانن جي
اوسر تڪڙي ٿيندي ۾ وچولي
طبقي تي انحصار انهن رجحانن
جو مادي بڻياد بڻبو، ڇاڪاڻ ته اهو
وچولو طبقو ئي هوندو آهي جيڪو
پنهنجي معاشي ۾ سماجي بيهڪ
سبب اسٽيٽسڪو مخالف هڪ
وڏي ۾ صبر طلب جدوجهد کي
مستقل مزاجي سان طئي ڪرڻ
کان سُنڌ هوندو آهي، جنهنجون
دانهون ۾ ڪوڪون ڪلوميٽرن
تائين پر نظر جي مار ڪجهه فٽن
تائين هوندي آهي. تنهنڪري اهو
هميشه انقلاب ۾ آزاديءَ جا
شارٽ ڪٽ ڳوليهندو رهندو آهي
۾ نتيجي طور هڪ دور ۾ مهم

جوئي واريون حرڪتون ڪنديون
ٻي دور ۾ موقعي پرستي جي انتها
ڪندي، يا ته حڪمران جي
ڪيمپ ۾ ويهندو آهي يا وري
سياست تان ئي هٿ پٽي ڇڏيندو
آهي.

مها انقلابيت يا سياسي نرگسيت؛

بالشويڪ روس ۾ ڇو ڪامياب ٿيا
۽ جرمني ۾ ڪميونسٽ ڇا لاءِ
ناڪام ويا.؟ لينن وٽ انهيءَ
سوال جو جواب ٻنهي پارٽين جي
حڪمتِ عملي جي چونڊ ۾ لڪل
آهي. (جنهنجو مختصر ذڪر پاڻ
مٿي ڪري چڪا سين). جرمن
ڪميونسٽن جي اُها چونڊ جنهن
ڪين پاڻ ڪمزور ڪيو سا هئي
پيٽي بورجوا ۽ بورجوا ادارن ۾
ٽريڊ يونين ۾ ڪم ڪرڻ کان
سندن ڪُٽو جواب. درحقيقت
سماج ۾ طبقاتي تضادن سميت
سمورا تضاد وهڪري ۾ هوندا
آهن. اهي جامد يا قطعي ناهن
هوندا. ڪوڙ سارا وچولا سياسي
توڙي معاشي پرت حاڪمن ۽
محڪومن جي سياست کان متاثر
ٿيندا رهندا آهن ۾ جيڪي بقول

لينن جي تــه مخــالف سياســي
ڪيمپن ۾ هيــڏانهن هــوڏانهن)
VACILITATE (ڪنــدا رهنــدا
آهن. تنهن ڪري هڪ اهڙي تنظيم
جيڪا انهن سان رابطي يا تعلــق ۾
هونـــدي آهي ســـا ئي ان وقت
جــڏهن اهــڙن پــرتن جــو جهڪــاءُ
پورهيتن جي سياست ڏانهن هوندو
آهي، فائــــدو حاصـــل ڪـــري
سگهندي آهي. فيــبروري انقلاب ۾
منشويڪن جي ساڃي يــا ڪــاٻي ڌر
جو اختلاف، جون ۾ بالشويڪن جو
پــــورهيتن جي ســـويتن جي 13
ســيڪڙو قــوت جــو آڪٽــوبر ۾ 51
ســــيڪڙو تــــائين پهچڻ ۾ انهيءَ
حڪمتِ عملي جو وڏو هٿ هيــو.
بقــــــــــــــــول لينن جي ته

the entire history of Bolshevism, both before and after the October Revolution, is full of instances of changes of tack, conciliatory tactics and compromises with other parties, including bourgeois parties

پــر مهــاانقلابي پــارٽيون جــيئن تــه
پنهنجي پاڻ ڪانسواءِ سماج ۾ ٻي هر
سياســـي صـــورت ڪي رڌانقلابي
سمجهنديون آهن تنهنڪري اُهي هــر
قســم جي مفــاهمت، بــه پــير پوئــتي

ڪرڻ، ٻين پارٽين گروهن سان اتحاد
جي خلاف هوندا آهن. نتيجي
طور اُهي هميشه فرقيورايت جي
ور چڙهندي، ڪڏهن به عوامي
نمائيندگيءَ جي دعويٰ جي اهل
ٻڻجي ناهن سگهنديون ۽ هڪ گروپ
جي ئي حيثيت ۾ نج ۽ خالص طور
تي پنهنجو انقلابي پٽو بچائينديون
آهن ۽ انهيءَ بچاءُ کي ئي پنهنجو
انقلابي فرض سمجهنديون آهن. هر
اُهو عمل، حڪمتِ عملي يا قدم
جنهن سان سندن منشور ۾ ذڪر
واضح پروگرام ۽ انقلابي خالصپڻو
ميرو ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي
تنهنکي چڏي ڏيڻ تي زور ڏينديون
آهن. هي ساڳو رجحان اوهانکي
سنڌ جي طبقاتي، قومي ۽ جمهوري
سياست ۾ به عام جام نظر
ايندو. اهو ائين آهي جيئن هڪ پاسي
مهان انقلابي ڪامريڊ، مارڪس ۽
لينن جي انهيءَ نعري کي ته زور
شور سان ڪٽندا آهن ته دنيا جا
پورهيتو هڪ ٿي وڃو پر پاڻ انهيءَ
نعري جي عملي نفي ڪندا رهندا
آهن ڇاڪاڻ ته پورهيتن جو ايڪو ته
پري جي ڳالهه پر پنهنجي ذڙيبندي
واري نفسيات سبب ڪميونسٽن
جي ايڪي کي ئي هروقت ڪاپاري
ڏڪ هڻندا رهندا آهن. پارٽي اندر

~~جدوجهد جي جمهوري اصول کي~~
~~غير جمهوري انداز □ اڳتي وڌائيندي~~
~~انتهائي بحران واري دور □ به ٿوڙ~~
~~ڦوڙ جو ماحول جوڙيندا وتندا آهن □~~
~~سماج اندر مايوسي کي همٿائيندا~~
~~رهندا آهن. ٻين لفظن □ هڪ پارٽي~~
~~□ موجود ڪامريڊن سان گڏيل □~~
~~اختلافي جدوجهد جو توازن~~
~~وڃائيندي، هڪ طبقاتي سماج □~~
~~انقلابي پارٽي جي جدوجهد جي پيٺ~~
~~□ پارٽي اندر جدوجهد کي اوليت~~
~~ڏيندا رهندا آهن. هڪ انقلابي پارٽي~~
~~لازمي طور تي ڪو مفعولي ماڻهن~~
~~جو ميڙ ناهي هوندي بلڪه اها هڪ~~
~~اهڙي وحدت هوندي آهي جنهن جي~~
~~ڳر □ متحرڪ □ زنده ڪثرت موجود~~
~~هوندي آهي پر مهاانقلابيت جو~~
~~شڪار ماڻهو انهيءَ ڪثرت کي~~
~~قطعي رنگ ڏيندي پارٽي ڪانوڙيڪ~~
~~پنهنجي دائري کي توانائي ڏيڻ~~
~~شروع ڪندا آهن جنهنجو لازمي~~
~~نتيجو پهرين ڏاڪي □ ديڳڙي منجهه~~
~~ديڳڙي نهڻ هوندو آهي □ ٻي ڏاڪي~~
~~□ گروپ جي حيثيت □ پارٽي کان~~
~~عليحدگي ٿيندي آهي جنهنکي اڳتي~~
~~هلي پوءِ هڪ الڳ پارٽيءَ طور~~
~~اعلانيو ويندو آهي □ پوءِ جيڪڏهن~~
~~هو ڪجهه وڌڻ ويجهڻ □ ڪامياب~~
~~ٿي به ويندي آهي ته انهن ئي حالتن~~

منجهان وري گذرندي آهي جنهن
منجهان سندس مدر پارٽي گذري
رهي هئي ۾ وري هڪ پيو دائرو
شروع ٿيندو آهي. سنڌ جي عوامي
سياست جي تاريخ جو اهو به هڪ
وڏو الميو رهيو آهي.

اسانجو دور ۾ عبوري مقصد؛

آءُ ذاتي طور سمجهان ٿو اسانجو
هي دور انقلاب جي آخري نه پر
پهرين مرحلن جي تياري جو دور
آهي، پنهنجي جوڙجڪ کي بهتر
ڪرڻ ۾ سماج ۾ پاڙ هڻڻ جو دور
آهي. هي دور غير ضروري حد
تائين سخت نه پر ضروري حد
تائين نرم ٿيڻ جو آهي، هي دور
انهيءَ پارٽي جي جوڙجڪ جا بنياد
وجهڻ جو دور آهي جيڪا اڳتي
هلي انقلابي پارٽي جي ٺهڻ ۾
مددگار ٿي سگهي. هي دور
رياست خلاف ڪنهن وڏي فيصله
ڪُن ويڙهه بجاءِ ننديون ننديون
ويڙهون ڪري وڌڻ ويجهڻ جو دور
آهي. جنگ جاري رکڻ جي عمل
منجهه هڪڙا ڏاڪا يا مرحلا
جنگ کي ٿارڻ جا به هوندا آهن.
مثال طور بريست معاهدي
بابت لکيل هڪ مضمون ۾



لينن ڪميونسٽن جي فرض بابت لکي ٿو ته (Their duty is to try avoid battle, to wait until the conflict between imperialists weaken them even more, and bring the revolution in other countries even nearer.) انهن جو فرض آهي ته هو جنگ کي ٽارين ۽ اوستائين انتظار ڪن جيستائين سامراجين جو داخلي تضاد کين اڃا وڌيڪ ڪمزور ڪري ۽ ٻين ملڪن ۾ انقلاب جي آمد کي ويجهو ڪري. (Selected works of Lenin vol; 2 page no 687) ساڳي صورتحال هتي به آهي هتي اسان کي اوستائين جيستيائين اسانجي تنظيم جا بنياد مختلف جڳهين تي مظبوط نه ٿا ٿين، رياست کي حملي جي دعوت ڏيڻ واري حڪمتِ عملي يا سرگرمي کي ٽارڻ گهرجي. اهو سچ آهي ته ٽڪراءُ جي پاليسي کي انقلابي پارٽي هميشه يا وڌي عرصي تائين رد نه ٿي ڪري سگهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته اهو ٽڪراءُ به پارٽي جي ترقي کي همٿائيندو آهي پر سوال اهو ته انهيءَ ٽڪراءُ کي هڪ انقلابي

پـــارٽي ڪـــڍهن ۽ ڪـهـــڙي دور ۾
وڌائي ٿي. انهيءَ بحث ۾ گــرامچي
به ڪجهه پنهنجــو حصــو وجهي ٿــو.
گــرامچي طبقــاتي جدوجهـــد جي
ٻگهي عمـــل ۾ اهـــڙي قســـم جي
دورن کي ٻن اهم خانن ۾ ورهـــائي
ٿـــو. وار آف پوزيشـــن ۽ وار آف
مينيوئر. پـوئين منجهـان مـراد هڪ
اهـــــــــــڙي دور جي آهي جنهن ۾
طبقاتي جنگ، عوام ۽ رياست جي
جنـــگ ڪليـــل ۽ نـــروار تي بيهنـــدي
آهي، جڏهن تـه پهـرين جـو مقصـد
هڪ آهستگيءَ سان جاري رهنـــڙ،
لڳـــل تڪـــراءُ آهي جنهن ۾ ٻنهي
پاســـن جي قوتـــون ســـماج تي
پنهنجـــو اثـــر وڌائڻ لاءِ ســـرگرم
هونديون آهن. اسـان پـاڻ کي وار
آف پوزيشن جي حالت ۾ ڏسون ٿا
جنهن ۾ اســـان پهـــرين ڏاڪي ۾
پنهنجي خيـالن ۽ پنهنجي سياسـت
جي سماج ۾ قبوليت لاءِ جهـيڙيون
ٿـا چاڪـاڻ تـه انهيءَ قبـوليت جي
ڏاڪي پٺاندر اسانجي جدوجهد جي
ٻي دور جـــــــو تعين ٿيڻـــــــو آهي.
جيستائين سماج اندر سمجهه جي
مختلـف دائـرن انـدر جـاگيرداري،
پٺتي پيـل ثقـافتي قـدر، تنـگ نظـر
قوم‌پرستي، مذهبي انتهاپســندي ۽
نسـل پرسـتي ۽ ان جي سياسـت

لاءِ قبوليت موجود آهي، تيستائين
اسانجي خيالن ۾ سياست جي
قبوليت ممڪن نه ٿي سگهي.
تنهنڪري رياست سان سڌي
ٽڪرڪان پهرين رياست جي
سماجي سياسي صورتن سان
ٽڪر ۾ پهرين ڏاڪي ۾ اتي هار
جيت جي فيصلن ڪانپوءِ ٻي وڏي،
واضح ۾ فيصله ڪُن ويڙهه جو دور
شروع ٿيڻو آهي. ٻين لفظن ۾
جڏهن سماج تي انقلابي ۾ عوامي
قوتون پنهنجو اثر وڌائي وينديون
آهن ۾ رياستي هڪ هٽي ٻڌڻ
شروع ٿيندي آهي تڏهن ئي
رياست پنهنجي عسڪري، اصل ۾
پُر تشدد روپ منجهه ظاهر ٿي
بيهندي آهي تڏهن ئي وار آف
پوزيشن وارو ڏاڪو وار آف مينوئر
۾ بدلجي ويندو آهي. انهن ٻنهي
دورن جون حڪمت عمليون،
دوست ۾ دشمن الڳ الڳ هوندا
آهن پر هڪ مها انقلابي انهن
سمورن مامرن ۾ پاٽ ڪي ڪٽل
ثابت ڪندا آهن. سندن جهڪاءُ هر
سوال جي شدت پسند پاسي
ڏانهن هوندو آهي. انقلاب سان
رومانس سندن انقلابي سمجهه
تي حاوي هوندو آهي. پارٽي ۾
حڪمتِ عملين بابت سندن

سمجهه تجريدي ۽ دؤري ضرورتن
کان مٿانهين هوندي آهي. هُنن وٽ
انقلاب ڪجهه اصولن يا نعرن يا
نقطن تي ئي ڄمي بيهڻ جو نالو
آهي. هندستاني ڪارٽون فلم
”دلي سفاري“ جي پولن وانگي
جيڪي هر جاءِ هر گهڙي صرف
هڪ ئي ڳلي ڦاڙ نعرو هڻندا آهن
ته ”هله بول“ اهي مهان انقلابي
جنگ جي خيال ۾ ايترو ته گم ٿي
ويندا آهن جو سندن ڌيان جنگ جي
تياري يا انهن سوالن ڏانهن به
ناهي ويندو جن بغير دشمن ته
پري جي ڳالهه پر پنهنجي قوت جو
ٺيڪ اندازو به نه ٿو ٿي
سگهي. مثال طور اسانجي پارٽي
اندر پارٽي جي قيادت ۾ خاص
طور اندريون ڪور ڪيترو انقلاب
لاءَ مري ۽ جيئي ٿو، انجي پنهنجي
سماج بابت سمجهه ڪيتري گهري
۽ ڳوڙهي آهي؟ پارٽي اندر گهڻا
فل ٽائيمر ڪارڪن موجود آهن،
پارٽي جي پورهيت طبقن يا فرنٽن
(هاري، مزدور، شاگرد ۽ عورت ۾
ثقافت وغيره) ۾ ڪيتري تنظيم
سازي ٿي چڪي آهي، پارٽي
ڪيترو سماج جي پيڙهيل طبقن ۽
پرتن منجهان پاڻ تي اعتماد حآصل
ڪري چڪي آهي. وغيره، هڪ

اهــڙي صــورتحال ۾ جنهن ۾ انهن
سوالن جا تسلي بخش جـواب اجـا
نه ملي سگهندا هجن اتي هڪـٻـئي
کي مارڪســي ۽ غــير مارڪســي
ثابت ڪـرڻ بـجاءِ گـڏ ويهي انهن سـوالن
تي سوچڻ ۽ انهن جا جواب ڳـولـهـڻ جي
ڪـوشـش ڪـرڻ ضـروري آهـي. پر اسـان وٽ
هڪ رويـو اهـو بـه هونـدو آهي تـه
پرولتاريه جي تعريـف يـا ڪنهن ٻي
نظريــاتي ســوال تي فــرق اچڻ
کانپوءِ پاڻ کي مارڪسي ۽ ٻي کي
لبرل يا تـرميم پسـند ثـابت ڪـري
اهڙا ليڪا ڪـڍيا آهن جـو هڪـٻـئي
ســان گـــڏ هلڻ ممکن نـــه آهي
رهنـــدو. پـــارٽي انـــدر نظريـــاتي
جدوجهـد جـو تـاريخي ۽ ضـروري
عمل قطعي صورت وٺندي ٻي هـر
شئي تي حـاوي ٿينـدو وينـدو آهي.
هــر عملي ســوال کي نظريــاتي
ســوال ۾ بــدلائي پــوءِ انهيءَ کي
نظريي ۾ ئي حل ڪـرڻ کانپوءِ اهـا
خوشـفهمي پـالي وينـدي آهي تـه
مـامرو حـل ٿي ويـو. مليريـا جـو
صــرف عـلاج معلــوم ڪــرڻ سـان
سمجهيو ويندو آهي ته مليريـا جـو
مــريض ٺيـڪ ٿي وينـدو جـڏهن تـه
علاج ڪـرڻ اجـا بـاقي آهي. اهـا
خيــال پســندي آهي، موضــوعيت
پسـندي آهي. اهـا ئي دانشــوريت

آهي. جنهن هــر ۾ مــامري
لينن، مــائو فـڊيل کي جـيئن جــو
تئين نقل ڪـرڻ جي ڪـوشش ڪئي
ويندي آهي اهو به ويساري ويهبو
آهي ته انهن تنهي عــالمي انقلابي
اڳــواڻن، ڪـهــڙي ڳالهــه ، ڪـهــڙي
پسـمنظر، جدوجهـد جي ڪـهــڙي
ڏاڪـي تي ڪـــئي ٿي. مهـــاانقلابي
ڪامريڊ اهو فرق به ناهن ڪندا تــه
مــــــارڪس لينن جي دور جي
سياســي بحث فــرق چــو هــو
خـــود لينن جن نظريــاتي جهــيڙن
منجهـان گـڏري پنهنجي پـارٽي جي
هڪ هتي قائم ڪـئي هئي، ســي اڄ
ســڌي ريت پـاڻ وٽ نقـل ڪــرڻ
ڪـيترو سـپاويڪ ٿينـدو؟ تنهنڪـري
اهو سوال موجود آهي ڇــا پــاڻ لاءِ
لينن جي نظريـــــاتي جهـــيڙن کي
جيئن جو تئين ڪٽڻ باثمر ٿيندو؟ يــا
هڪ نـئين فـڪـري ورهاسـت جي
ضرورت اٿــر آهي هتي جي نون
نظريــاتي جهـيڙن جــو ڳــر بــه هي
سماج ڏينـدو. مثـال طـور اولهــه
سرمائيداراڻ رشتن جي سـپ کان
اول اعلي اوسر سبب انــارڪزم
هڪ نظــــــريي تحـــــريڪ جي
صورت شروع کان موجود رهيــو
آهي اڄ بـه اولهـه جي تحـريڪن
جي ڳــر ســندن ســگهارو حصــو

موجود هوندو آهي. هن رجحان
سان مارڪس، لينن سپ جهيڙيندا
آيا پر اسانجي سماجن ۽ انارڪزم
ائين موجود ڪڏهن به ناهي رهيو
پر ماضي ۾ به ۽ هاڻ به اسانجا
ڪامريډ چڙواڳي ڪي انارڪزم
ڪوني ان خلاف اهڙي ريت
نظرياتي جدوجهد جي ڳالهه ڪندا
آهن جڻ ڪو واقعي اهو رجحان
اسانجي هتي اوسر جي راهه ۾
رڪاوٽ هجي. چڙواڳي خلاف
مائو به جهيڙيو ته هوچي منهه به،
۽ اسانکي به جهيڙٽو پوندو پر هڪ
رويي طور نه ڪي هڪ ٿيوري
طور. چڙواڳي ڪا الڳ سان ٿيوري
ڪونهي اهو ته لبرلزم سان
سلهاڙيل هڪ رويو آهي. اهڙي
ريت مارڪسزم ليننزم سان
هٿياربند ٿي اسانکي پنهنجي سماج
جي اج جي سياسي ۽ فڪري
صورتن تي تنقيدي ٿيڻو پوندو پر
مامرو جيڪڏهن اتي ئي بيٺو رهيو
ته مارڪسزم ليننزم صرف
دانشورن جي وقت جو زيان ٿيندو
نه ڪي ڪا هڪ اهڙي ٿيوري
جيڪا پورهيت تحريڪ جي پرجهلو
ٿي بيهي ۽ اهڙي مادي قوت بڻجي
جيڪا هن سماج جي ڪايا پلٽ
ڪري سگهي. لازمي طور تي اهو

مقصد سماج اندر تيزي سان
ڪرنڊڙ مزاحمتي سياست،
سمجهه ۾ ثقافت جي موجوده
صورتحال ۾ ممڪن نه ٿو رهي
تنهنڪري اڄ جي مارڪسين ۽
انقلابين جي جنگ گهڻ طرفي
آهي، سندن جا دشمن به گهڻ
طرفا آهن تنهنڪري سندن جا
دوست به گهڻ طرفا هجڻ
گهرجن. انهيءَ جو مقصد اهو
ڪونهي ته صرف اختلاف دشمن
سان رکبو ۽ ڪنهن گانڌيگيري يا
اخلاقي اصول هيٺ دوستن کي
جيئن جو تيئن قبول ڪبو، نه
قطعي نه، پر انهيءَ جو مقصد اهو
آهي ته جيئن هڪ پاسي اختلافن
جي فطرت، اسانجا دوست ۽
دشمن طئي ڪندي آهي ته ٺيڪ
ساڳي ريت دوست ۽ دشمن جي
تعلق ۾ به اختلافن جي شدت کي
تجريدي انداز ۾ طئي نه ڪرڻ
گهرجي. ٻين لفظن ۾ دوستن سان
اختلافن کي صرف نظرياتي مامرو
نه بنائڻ گهرجي ساڳي وقت انهن
اختلافن جي شدت کي معروضي
حالتن ۾ دٻاءُ جي رشتي ۾ طئي
ڪرڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ڪا
پارٽي يا ڪو گروهه ائين نه ٿو
ڪري ته پوءِ اهو چوڻ غلط نه

تيندو ته کيس ڪاپي ڏر جي پراٽي
بيماري مهاانقلابيت لاحق آهي
جنهن کي لينن ٻاراٽي بيماري
سڏيو چاڪاڻ ته ٻار ئي پنهنجي
ڳُهرجن ۽ ڳُهر پوري ڪرڻ جي
طريقه ڪار ۽ ايڏا سادا هوندا آهن
بلڪل اُن شعر وانگي ته


آج دل قِرضد پي اڙا هي ڪِسي
بچي کي طرح

يا سپ ڪُڇ چاهيي مجهي يا ڪُڇ
ڀي نهين.

رابندر ناٿ ٽيگور : هڪ وڃايل ملڪ جو ماڻهو

برجيش مشرا/ سنڌيڪار: امين قريشي

نوٽ: (ٽيگور جي هي جيون ڪٿا، سندس ادبي □ فني اوسر جي ڪٿا ناهي. پر هي ان دؤر جي به ڪٿا آهي، جنهن □ هُو بينڪيتي مزاحمتي شعور، جديديت □ پُراڻ جي تعلق کي پنهنجي قومي □ تهذيبي آزاديءَ کي حاصل ڪرڻ جي عمل □، سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيو. هي ڪو مارڪسي تجزيو ته ڪونهي □ نه وري هِن ڪِٿا □ روس جي آڪٽوبر انقلاب جي فڪري اثرن جو خاص ذڪر (جيڪو هئڻ گهربو هو) آهي پر تنهن هوندي به هيءَ لکڻي مارڪسي ڪارڪنن کي ٽيگور جي دؤر جي سياسي سوالن □ انهيءَ جي مادي بنيادن کي سمجهڻ □ اميد ته مددي ثابت ٿيندي. – ادارو)



اسان جو وڏو ياءُ (انڊيا) انتهائي پيارو، هڪ هزار سالن جي گمنامي کان

پوءِ پنهنجي ننڍڙي ياءُ (چائنا) جي
سڏ تي اچي رهيو آهي. اسان ٻئي
يائر ايترن ته المين مان گذريا
آهيون جو اسان جا وار ئي اچا ٿي
ويا آهن. پر پوءِ به جڏهن ڳوڙها
اگهي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريون ٿا؛
ته ائين ٿو لڳي ڄڻ اچا به ننڍا ۾
خواب ۾ هجون. وڏي ياءُ تي نظر
پوندي ئي منهنجي ذهن ۾ اُهي
سڀ تلخيون تري اچن ٿيون جن
مان اسان گذرياسين.

Laing Qichao لينگ قچائو

1924 ۾ ٽيلگور کي پليڪار
"کندي

آئون هن جو (ٽيگور) هڪ مضمون
پڙهي رهيو هئس. جنهن ۾ هن
لکيو آهي ته "آءٌ برطانوي راڄ
هيٺ هڪ هِندُستاني آهيان" (I
am an Indian under British
Rule) هن پاٽ کي چگي ريت
ڇاتو تي، ڪاش جيڪڏهن اسان
جا شاعر ۾ اديب هن کي
"طلسماتي" شخصيت نه ٿاهين ها
ته يقينن هو ايترو منجهيل هرگز نه
هجي ها. ۾ چيني نوجوان ايترا
ويڳاڻا هرگز نه ٿين ها.

"لوزن (Lu Xun) 1933 ۾ ٽيگور
جي آمد کي ياد ڪندي."

اوڻيهين صدي جي پڇاڙي ۾ ويهن صدي جي شروعات ۾ چيني عوام لاءِ هندستان هڪ اهڙو ملڪ هو، جنهن جي شناخت گم ٿيل هئي. هن ملڪ جي داخلي ڪمزورين ڪري، ٻاهرين حملا آورن هنن جو استحصال ڪيو، هنن کي زبردستي غلام بنايو ويو. هڪ اهڙو عمل جيڪو اخلاقي ۾ نفسياتي طور انتهائي شرمناڪ هو. ساڳي وقت سياسي ۾ معاشي طور تباهه ڪن چينين وٽ پڻ انهي محڪومي کي سمجهڻ لاءِ گهٽو ڪجهه هئو مثال طور بمبئي جا اهي ئي پارسي واپاري، جن برطانيه جي چين ڏانهن آفيم جي واپار ۾ دلالي Middleman جو ڪردار ادا ڪيو. بڪسر جنگ (آڪٽوبر 1764) ۾ برطانيه فوج جي انڊيا جي سپاهين جي مدد، جنهن ۾ شنگهائي جهڙن شهرن ۾ برطانوي، سک پوليس وارن کي چينين تي حملي لاءِ ڇڏيندا هئا.

1904ع ڌاري ٽوڪيو مان نڪرندڙ مشهور رسالي هڪ ڪهاڻي ڇپي هئا ڪهاڻي ڇڻ ته مستقبل ڏانهن خواب جيان سفر جهڙي هئي، اها ڪهاڻي هڪ ڪمزور شخص نالي هانگ شيبيائو (جنهن جي معنيٰ

آهي هيڊن امير ماڻهن جو نمائندو) □ ڌند ڪتائي حيثيت رکندڙ پوڙهي تي مشتمل آهي □ انهن جي واتان ئي چورائي ويئي آهي. ڪهاڻي ڪجهه هن ريت آهي ته هڪ ڏينهن، شنگهائي جي گهٽين □ پنڌ ڪندي پئي چٽا، هڪ انگريز □ ان جي پنيان مارچ ڪندي هلندڙ دستي کي ڏسن ٿا. شيبيائو انهن کي غور سان ڏسي ٿو، انهن جا منهن ڪوئلي جيان ڪارا آهن. هنن جي مٿي تي ڳاڙها ڪپڙا ٽوپي جيان ويڙهيل آهن. □ چيلهه □ بيلٽ پيل آهي. شيبيائو پوڙهي کان پڇي ٿو ته ڇا هي ماڻهو هندستاني آهن؟ پوڙهي جواب ڏنو هائو. انگريز هنن کي پوليس □ استعمال ڪندو آهي.

شيبيائو چيس پوءِ پلا، انگريز پوليس چيف آفيسر هنن هندستانين مان ڇو نه ٿا آڻين.؟!

جهوني وراڻيو ته ائين ته شايد ئي ڪنهن پڌو هجي. ان ڪري جو هندستاني هڪ وچايل ملڪ جا ماڻهو آهن. □ انهن جي حيثيت غلامن کان وڌيڪ ناهي. بعد □ ضعيف شيبائو کي محسوس ٿئي ٿو ته هيڊي ڪل وارو هڪ ماڻهو آهي، جيڪو پڻ ڳارهو پٽڪو ويڙهيو ويٺو آهي. اهو ته يقيني

طور چيني هٿڻ گهرجي. پر نه
ننڍاڪڙي حالت ۾ شيبيائو کي هر
گهڙي ۾ اهڙي گهڙي پٽڪن وارا
نظر اچن ٿا ۾ انهن کي انگريزي
سيڪاري وجي ٿي ائين جيئن
عيسائين جي مشتري ۾ سيڪاري
ويندي آهي. بحرحال اها ڳالهه
شيبيائو جي پريشاني حيراني تي
ختم ٿئي ٿي جنهن ۾ هڪ چيني،
هندستان جي مستقل بابت
پريشان آهي.

انڊيا ڪيئن فتح ٿيو ۾ ذهني طور
ڪيترو غلام ٿيو اهو اندازو ته
اسان کي الافغاني جي محتاط
وارتا مان به ٿئي ٿو، پر چين جي
پس منظر ۾ جيڪڏهن ڏسون ته
چين ۾ ته ڪيترين ئي خامين
باوجود ڪنفيوشس جهڙو سياسي
۽ اخلاقي نظام رائج هئو، جڏهن
ته انڊيا ان وقت اهڙي ڪنهن به
ثقافتي ورثي سان جڙيل نه هئو.
هندستاني ادب ۾ فلسفو،
سنسڪرت ۾ هئو، جنهن تي
هميشه برهمڻ جي اجاراداري
رهي هئي، جيڪو عوام جي
اڪثريت لاءِ هڪ بند ڪتاب هئو.
اها ته يورپين جي ڪوجنا هئي، جن
انهن ڪتابن کي انگريزي ۾ جرمن
ٻولين ۾ ترجمو ڪري، انڊيا جي

اولهه جي پڙهيل لکيل طبقي کي متعارف ڪرايو.

چيني ماٺو اهو ٺيڪ سمجهي رهيا هئا ته سورهين صدي کان هندستان تي ذارين يعني مغلن جي حڪمراني جاري هئي، جنهن ڳالهه اهو طئي ڪيو ته مقامي حڪمراني ڪندڙ طبقو موجود نه هو. جيڪو ملڪ کي هڪ ڪري هلائي ترقي پسند فردن جي گهٽائي جو تعلق پڻ اوچي ذات وارن سان هو. جيڪي "بادشاهي" مسلمان مملڪت جي خدمت ڪري رهيا هئا. اهئي ساڳيا وري انگريز سلطنت جا خدمتگذار پڻ ٿيا.

رابندر ناٿ ٽيگور جو خاندان شروع کان وٺي، جڏهن کان برطانوي ايسٽ انڊيا ڪمپني ڪلڪتي □ پير ڄمايا هئا، انگريزن سان تعلق □ هئو □ اهو خاندان خاص طور تي نئين اقتصادي □ ثقافتي طور روپ وٺندڙ انڊيا منجهان مستفيد ٿيندڙ هئو. هن جو ڏاڏو برٽش انڊيا جي وقت جو پهريون وڏو مقامي واپاري هئو، □ هن جي يورپ جي دورن دوران، وڪٽوريا راڻي □ پين اعليٰ اشرافيه سان سماجي رابطا

هوندا هئا، هن جو (ٽيگور) وڏو ڀاءُ پهريون هندستاني هئو. جنهن کي برطانوي راڄ ۾ انڊين سول سروس آفيسر طور چونڊيو ويو هو.

ٽيگور 1861ع ۾ يعني بغاوت “جي ”Indian Mutiny چئن سالن کان پوءِ پيدا ٿيو. مدراس، ڪلڪتي، بمبئي ۾ اولهه جي طرز تي نهندڙ يونيورسٽيون جن ڏيهي دانشورن کي جنم ڏنو. ٽيگور ان سان گڏ ئي اڀريو. هڪ اهڙو سماج جنهن ۾ ٽيگور هڪ طرف اولهه جي خيال سان گڏ بيٺو هئو ته ٻئي طرف رام موهن راءِ (جنهن کي جديد انڊيا جو ابو چيو ويندو آهي) جي سماج سڌارڪ تحريڪن کان متاثر ٿي رهيو هئو.

رام مون راءِ ”يدهي سڀا“ نالي تنظيم ٺاهي هئي جنهن جو ڪم سڌار پسندي هئو. جيئن، ستي جي رسم، يا وري هندو ازم کي وحداني مذهب جهڙو ڪ عيسائيت، جي ويجهو آڻڻ وغيره جي خلاف سرگرميون ڪرڻ. ٽيگور جو پيءُ ديبندر ناٿ ٽيگور انهي تنظيم جو حصو هئو. جهڙي ريت چين ۾ جديد ڏاهڻا (Modern Thinkers) شنگهائي ۾ ڪينٽن (جيڪي اولهه

سان جڙيل هئا) جهڙن وڏن شهرن مان اپريا، اهڙي ريت ملڪ جو اهو حصو جيڪو اولهه لاءِ کليل هئو، سو بنگال جو اوڀر وارو ساموندي خطو هو، اتان ئي اڳواٽ جي ايرڙ جو آغاز ٿيو، جنهن کي ”انڊيا جي سجاڳي“ Indian Renaissance چيو ويو.

ٽيگور خود، هڪ تخليقي ۽ ثقافتي طور پُراعتماد گهراڻي ۾ وڏو ٿيو، ننڍي هوندي کان ئي اولهه جي سماج ۽ ان جي ثقافت سان هُن جو تعارف رهيو. اهوئي سبب هيو جو اوڻيهين صديءَ پوئين جي اڌ ۾، اولهه مخالف تحريڪن ۾ هن حصو نه ورتو جڏهن ته هن جا ڪيترائي همعصر انهن تحريڪن جو حصو هيا.

هن 1921ع ڌاري ان وقت، جڏهن هندستاني قومپرستي پروان چڙهي رهي هئي لکيو ته جيڪڏهن اسان قومي عظمت جي بنياد تي گهرن مٿان چڙهي اها دعويٰ ڪندا رهون ته اولهه، انسان لاءِ ڪابه خدمت سرانجام نه ڏني آهي ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته اسان اوپر وارن جي ذهن ۾ چاٽي واٽي شرڪ پيدا ڪري رهيا آهيون.

هن جا بعد ۾ گانڌيءَ سان انهي
ڳالهه تان اختلاف ٿيا جنهن کي
ٽيگور اولهه بابت خوف جو شڪار
ٿيڻ چوندو هئو. نه ئي هو انهي
”نوجوان بنگال“ ڌڙي سان ويجهو
ٿيو جيڪي اولهه جو علم پرائي
اولهه ڏانهن وڃي پڳو هو. ٽيگور
اصل ۾ ماڻهو جي روحانيت ۾
يقين رکندڙ فرد هئو. هن جو
انسان ذات جي اتحاد ۾ ڪامل
يقين هئو. ساڳي وقت هُو
هندستان جي يورپي رنگ ۾ رڱجڻ
جي پڻ سخت خلاف هو. اوڻيهين
صدي ڌاري انڊيا ۾، هندو ازم جي
ماضي جي شان ۾ عظمت جي
بحالي لاءِ تحريڪون اسرڻ لڳيون،
اهو ساڳيو ئي رجحان هو، جيڪو
ماضيءَ ۾ مسلم، پدمت ۾
ڪنفيوشس سماجن ۾ به رهيو
هو. ظاهري طور تي ائين لڳو ٿي
ته هندو جو اتساهه ان جا نعره،
ماضيءَ جي عظمت مان اُپري
رهيا هئا، پر حقيقت اها هئي ته اها
تحريڪ نسلي تذليل واري
احساس مان ئي ڦٽي نڪتي هئي.
اها انڊيا ۾ موجود عيسائي
مشنري ۾ افاديت پسند انگريز
جي متعارف ڪرايل جديديت ۾
ترقي پسند خيالن کان گهڻو متاثر

ٿيـــــــــــــــل هـــــــــــــــئي.

مثال طور سـماج سـڌارڪ ديانـندا سرسـوتي (83-1824) جــو چــوڻ هو ته "اسان کي ويدن طرف پيهر مــوٽڻ گهــرجي چاڪــاڻ تــه انهن منجهه جديد سائنس سمايل آهي" بنيـــادي طـــور هن ســـاڳي وقت عيسائي مشينري جي انهي دعــويٰ کي رد ڪرڻ ٿي گهريو. جن هنـدن کي، وهمي بتن جا پوڄـاري ۽ ذات پات ۾ ورهايـل ٿي چيــو. انـڊيا جي مذهبي جديديت جيڪا بينڪيت جي چيپر چـانو منجهـه ٿي انهي لاتعـداد سياسـي ۽ سـماجي تحـريڪن کي جنم ڏنــو. انهن مــان ڪيـتريون ئي برطانيــه مخــالف، هٿياربنـد ٿيـون، جن وري قـــــوم جي عظمت جي ڳالهــــــــــــه ڪـــــــــــــــئي.

انـــڊيا جي ان وقت جي متشــڪي نيم يورپي ثقافت جــو هڪ ڪــردار بينڪم چندرا چيٽرجي (94-1838) به هئو، جيڪــو بنگــال ۾ برطــانوي حڪمرانيءَ هيٺ ســرڪاري ملازم هئـــو. جيڪـــو ســـموري زنـــدگي هندستاني قومپرســتيءَ جــو قائــل رهيـــو ۽ ســـاڳي وقت اولهـــه جي نعمتن جــا ڳُڻ ڳائينـــدڙ بـــه هئـــو.

"بنگالي تـه اولهـه جي تهـذيب جـا

جـــام پيئنــدڙ لڳـــا پيـــا آهن.“ـ هي تنقيـدي جملـو 1908 ذاري اربنـدو گــوس جــو آهي. بيشــڪ هن اهــو جملو پنهنجي رجعتي گهراڻي سان تعلــق کي ســامهون رکنــدي چيــو.

1980 ذاري هن تي انگلش پبلڪ اســـڪول ۾ اچڻ تي پابنـــدي وڌي ويئي. اربنـدو، هندسـتاني ٻـولين ۾ ادب تي يورپي مــاهرن کــان تعليم حاصــل ڪــئي ۾ وطن ورڻ شــرط هـــو برطانيـــه ۾ ان ڳڻ ڳائينــــدڙ بنگالين تي چــتي تنقيــد ڪــئي. هن اوڻيهين صـــــدي جي انــــڊيا جي تحــريڪن کي يــورپي تحــريڪ ئي ســـمجهيو ٿي. چاڪــــاڻ تــــه هن ســـمجهيو ٿي تــه اهي تحريڪـــون اولهه وارن جا ئي ســيڪاريل مــول متا ۾ مقصد رکن ٿيون. مثال طور سماجي برابري، انسانيت، اهــا بــه ايــتري جنهن جي فطــرت ڪــڏهن اجازت ئي ناهي ڏني. بــرهمڻ جي برتــــري خلاف ڳالهـــائڻ، هنــــدو مخـــالف بنيـــادن تي ڳالهـــائڻ، ۽ ماضـــي جي ورثي ســـان لاتعلقي ظــــــاهر ڪــــــرڻ وغـــــيره.

اربندو ته اهـا بــه دعــويٰ ڪــئي تــه بنگالي يورپ سان ايــترو تــه ڳُهلي ملي ويـــو آهي. جـــو ســـمورو هندســتان مــاديت پســند (دنيـادار)

يورپ جي انڌي ۾ غير عقلي تقليد
ڪري پنهنجو روح وڃائي ڇڏيندو
پر اهو ساڳيو ئي بنگال هئو. جيڪو
اوڻيهين صدي جي پوئين اڌ ۾،
دنيادار يورپ کي بلڪل رد ڪري
بيهي رهيو. جيئن سوامي وويڪ
آنند (1863-1902) سڀ کان
پهريون ۾ سڀ کان مشهور
هندستاني جو روحاني اڳواڻ، هو
جنهن چيو ته يورپ وارا وروچنا)
Virochana) ديوتا جو اولاد آهن.
هندستاني ڏندڪٿائن ۾ وِروچنا هڪ
ديو قامت جن آهي. هن سمجهيو
ٿي ته اولهه جو انسان هڪ اهڙو
جسم آهي. جيڪو مادي خواهشن
جو مرڪز آهي. وويڪ آنند اولهه
وارن لاءِ لکيو ”هن تهذيب لاءِ
تلوار صرف قرلت ۾ جياپي جو
ذريعو آهي، هنن جي سُورهيائي
ڏيکاءُ آهي ۾ هو هن زندگي
منجهان ئي مزو وٺي چاڻين“۔ ان
کان پوءِ وويڪ آنند پنهنجي مختصر
زندگي منجهه، يورپ ۾ آمريڪا
اڪثر گهمڻ ويندو هئو، هن کي
اولهه جي ملڪن جي سياست
جون واڳون امير ۾ طاقتور ماڻهن
جي هٿن ۾ نظر آيون. بلڪل ائين
جئين هندستان ۾ طبقاتي تقسيم
هئي .اوهان جا امير ماڻهو، اوهان

لاءِ بــــــــرهمڻ آهن“ هن پنهنجي
برطانيه واري آخري دوري دوران،
پنهنجي انگريز دوست کي ٻڌايو، ۾
اوهان جو غريب وري شُـودر آهي.

اوڻويهين صدي ۾ انگريز اولهــه تي
سخت تنقيد ڪندڙ بوديو مڪا بودي
لکي ٿــو تــه اولهــه ۾ مــاڻهن جي
فطري پيار ڪرڻ جي وسعت ختم
ٿي چڪي آهي، قومي رياستن جي
دروازي تي، يورپ جي تــاريخ ذري
گهٽ ختم ٿيو ٿي وڃي ۾ ان جا نه
ختم ٿيندڙ تضاد بــه ختم ٿيــو وڃن.
هتن جـــــون محبتـــــون، دولت ۾
ملڪيت جي پنيـــان ڊوڙن ٿيـــون.
شديد قسم جي انفراديت پســندي
آهي، جيڪـــا مـــاڻهن کي پنهنجي
سماجي فرض کان آجو ڪـري
ڇــڏي. جديــد انــداز ســان هــو
مارڪيٽ فتح ڪن ٿا ۾ هڪ هٿيون
ناهين ٿا. ان قسم جي ڊوڙ نه ختم
ٿيندڙ جنگ ۾ تشدد کي جنم ڏيئي
ٿي“

سڀ کان وڌو الميــو، مڪـاپوڊي لاءِ
اهــو هئو تــه انگريــز ان ڳالهــه تي
توجهه ڏيندڙ نه هئا ته سندن خــود
غرضا ٿيڻ ضــرورتن ۾ اخلاقيـــات
منجهــه ڪــو تضـاد بــه آهي.” هنن
جي جنهن ڳالهــه منجهــه دلچســپي
ظـاهر ٿي، ان جي پٺيـان مسـتقل

مـزاجي سـان چنـبڙي پونـدا. ان ڳالهه کان هٽي ڪري ته اها صحيح آهي يا نه. هو اهـا ڳالهـه سـمجهڻ کان قاصر آهن ته سندن خوشـي، سـموري دنيـا لاءِ بـاعث خوشـي نـاهي“ هن اولهـه وارن لاءِ لکيـو.

اربنـــدو گـــوش پڻ انگريـــز مـــڊل ڪلاس تي ڪاوڙجنــدي لکيـــو تــه اهي پڻ ســــــامراجيت جي اعليٰ دعوائن ارادا سـان چنـبڙيو بيٺـا آهن. هن جي دعـــويٰ هـــئي تـــه انگلينــڊ، آئرلينــڊ کي دوکي ذريعي فتح ڪيـــو بي رحم قتـــل عـــام ڪري اهو ثابت ڪيـو تـه ڏاڍي جي لٺ کي بـــه متـــا ٽينـــدا آهن.

پر هن جمهـوري قومپرسـتي واري دؤر ســــــامراجيت کي پنهنجي بچـاءُ وڏيڪ وضـاحتون ڏيـٽيون پونـــــــــــــــــــــــــديون.

”اڄ جي دؤر آمـــــــــــريت کي انسـانيت خلاف ڏوهـه سـمجهيو وڃي تـــو. اڄ جي اخلاقيـــات احسـاس قـــوم جي قـــوم هٿـان غلامجڻ، طبقي جي طبقي هٿـــان استحصـال، يـا فـرد جي فـرد کي غلام بنـــائڻ واري عمـــل کي رد ڪري ٿو. سـامراجيت کي بـه پـاڻ کي واضح ڪرڻو پوندو. اهـو هـؤ

(سامراجيت) ائين ڪري ثابت
ڪري سگهي ٿي. مثال طور هوءَ
آزاديءَ جي سرواڻ هئڻ جو مِڪُر
ڪري سگهي ٿي، غير مهذب، ڪي
مهذب بنائڻ جي دعويٰ ڪري
سگهي ٿي. ۽ غير تربيت يافته ڪي
تربيت يافته ٺاهڻ جو مقصد ظاهر
ڪري سگهي ٿي. اوستائين
جيستائين سامراج پنهنجا مفاد
مڪمل ڪري وٺي. اهي ئي ته
اهي بهانا هئا. جن جي آڙ ۾
برطانيه مغل ورثي تي قبضو ڪيو.
۽ اسان کي، پنهنجي، صحيح،
سخي ۽ بهادر هئڻ جي بنياد تي
غلام بڻايو.“

اهي ئي بهانا هئا. جن جي بنياد تي
برطانيه مصر تي قابض ٿيو.
برطانوي سامراج لاءِ اهي ئي
جملا لازمي آهن. چاڪاڻ ته
انگلينڊ جو ڪٽر مذهبي وچون
طبقو اقتدار تي قابض ٿيو آهي
جيڪو پاڻ کي صحيح مجيندڙ آهي،
۽ پئي ڪنهن جي استحصال واري
ڳالهه کي مڃڻ کان انڪاري آهي“
اربندو بقول ته اهي ئي هندستاني
جيڪي يورپ بابت اهو سمجهن ٿا
ته اهي اعليٰ قدرن جا مالڪ آهن.
جهڙوڪ جمهوريت ۽ آزادي، اهي
پاڻ کي دوکو ڏيئي رهيا آهن.

يورپ وارا خود انهن اعليٰ قدرن (جمهوريت ۽ آزادي) کي، پاڻ تو محکوم بنايل قومن لاءِ غير مناسب سمجهندا هئا. گوري جي برتري کي قائم دائم رکڻو هئو. چاکاڻ ته اها سپني اصولن ۽ اخلاقيات جي قيمت تي حاصل کيل آهي. اربندو اهو سمجهيو ٿي ته يورپ وارن تو کڏهن به ايشيا لاءِ عزت ۽ احترام نه رهندو. هنن جو رحم اهوئي آهي جيکو فاتح قوم جو مفتوح قوم لاءِ هوندو آهي، جيکو مالک تو غلام لاءِ هوندو آهي. هُن انڊيا جي عظمت ۽ يقين رکندي فيصلو کيو ته امن اهو ئي هوندو جيکو ايشيا جي تلوار طئي کندي. نتيجي طور هو هٿياربند قومپرست ٿي ويو.

اربندو، جپان، ٽيگور پڻ، ايشيا جي عظمت واري سحر جو اثر ورتو ۽ اولهه خلاف شکي خيالن کي پڻ جذب کرڻ لڳو.

1881ع ڌاري، پنهنجي کيريئر جي شروعات ۾ هن پنهنجي ڌاڙي کان، جيکو آفيم (Opium) جي واپار ۾ اهم واپاري جي حيثيت رکندو هئو، سياسي طور عليحدگي جي دعويٰ کئي. پر

الميو اهو رهيو تہ پنهنجي رجعتي
اشرافيه گهراڻي واري پس منظر
۾ اولهه جي تعليم، ٽيگور کي هن
جي همعصر بنگالين کان بنهه
مختلف رستي تي بيهاريو. ان ڏس
۾، ٽيگور جو ٻهراڙيءَ ۾ طويل
قيام جيڪو 1891 کان 1901
تائين واري عرصي تي محيط
آهي، اهم ڪردار نڀائي ٿو.

هندستاني ڳوٺاڻي زندگي سان هن
جي ويجهڙائپ ڪري هن وٽ
زندگي جو تصور، ڪلڪتي جي
وچين طبقي جي دانشورن کان
بنهه مختلف هو. هن جي زندگي
فطري منظرن سان مالا مال
هئي، هن وٽ هر ڏينهن لاءِ مان
هئو، ۾ هن وٽ ٻهراڙين ۾ رائج
غربت جو بهتر ادراڪ هئو.

هو سموري زندگي ان اطمينان
سان رهيو تہ صنعتي دور کان
پهرين واري اخلاقيات، ان وقت
جي مشيني دور کان تمام گهٽو
بهتر ۾ اعليٰ آهي. ان لاءِ هن کي
يقين هئو ته انڊيا جو ٻيهر خودرو
طور پيدا ٿيڻ وارو عمل پڻ
ٻهراڙين کان شروع ٿيڻو آهي.

1901 ڌاري هن بنگال جي ڏکڻ
اولهه ٻهراڙي ۾ تجرباتي بنيادن تي

شانتي نڪيتن نالي اسڪول ڪوليو
جيڪـــو اڳـتي هلي بين الاقـــوامي
يونيورسـٽي ۾ تبـديل ٿيـو ۽ جتـان
انديا جا چوٽيءَ جا آرٽسـٽ ۽ ڏاها
(جهـڙوڪ فلم ميڪـر سـچي جيت
راءِ، اڪنامسٽ امرتاسـين ۽ سـنڌ
جو سوپو گيانچنداڻي) پيـدا ٿيـا. ان
ساڳي سـال، ٽيگـور هڪ مضـمون
لکيو جنهن جو عنوان هيو ”اوپــر ۽
اولهــه جي تهـذيب“ ان ٽيسـز جي
شـــروعات ۾ هن شـــهر ۽ ٻهـــراڙي
جي ٻن مختلـف ڌارائن جي جـدت
تي لکيــو آهي. جـتي هــو ٻهــراڙين
جي پرســڪون زنــدگيءَ شــهري
جــارحيت واري زنــدگي، ڳوٺــاڻي
مرڪـــزيت وارو ســماج ۽ قـــومي
رياســت تي روشــني وجهي ٿــو.
اڳـتي لکي ٿـو تـه اوپـر سـماجي
سـڪونيت ۽ روحاني آزادي جو نالو
آهي. جـڏهن تـه اولهـه قـومن جي
قــومي ســلامتي ۽ سياســي آزادي
کي مضبوط ڪنـدڙ آهي. جنهن جـا
قدر انساني بجاءِ سائنسـي بنيـادن
تي رڪيـل آهن. سـندس بقـول تـه
اولهــــه وارا ســــموري دنيــــا کي
گندگاهــه جيــان لتــاڙي رهيــا آهن.
اهي پنهنجي جــــوهر ۽ آدم خــــور
آهن، جيڪي ٻين جي وســـيلن تي
پلجن ٿا، ۽ انهن جي مسـتقبل کي

ئي ڳڙڪائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.
اهي ان ڪري طاقتور آهن جو
هڪ ئي ڳالهه تي مرڪوز ٿيل
آهن. بلڪل ائين جيئن ڪو لڪ پتي
پنهنجي روح کي ماري، پيسي
ميڙڻ ۾ جُنبيل هوندو آهي.“

ڏکڻ آفريڪا ۾ سامراجي جنگيون
۾ بَڪسر تحريڪ جي اُپار کي
چيپاٽڻ وارا واقعا، جن ۾
هندستاني سپاهي شامل هئا،
ٽيگور جي مٿين ڳالهه کي صحيح
بڻائين پيا.

31 ڊسمبر 1900 تي هن ”صدي
جو سج لٿو“ نالي نظم لکي.

”Sun set of the century“

The Country’s sun has set in blooded clouds

there rings in the carnival of violence

from weapon to weapon

”the mad music of death

هن جي نظم ڇڻ ته سامراجي
شاعرن جهڙوڪ ”رڊيارڊڪپلنگ“
لاءِ سبق هئو. رڊيارڊڪپلنگ جنهن
آمريڪا کي صلاح ڏني ته هو
فلپائين ۾ پنهنجا فرض نڀائي اهي
فرض جيڪي انگريزن جي ڪلهن

تي رکيل آهن.

Awakening fear, the poet mobs howl round, A chart of quarrelling curs on the burning-ground.

1905 کان 1908 تائين ٽيگور سواديش تحريڪ کان تمام گهڻو متاثر ٿيو. جنهن جي اڳواٽي پرجوش بنگالي جوان ڪري رهيا هئا. اها تحريڪ برطانوي شين جي وڪري، خريد توڙي واپرائڻ خلاف هئي، ته جيئن پنهنجو ملڪ اقتصادي طور پاڻ پرو ٿئي.

1905 ڌاري لارڊ ڪرزن جڏهن بنگال کي ٻن حصن ۾ ورهايو ته ان جي نتيجي ۾ اٿندڙ تحريڪ کي ڏسندي ٽيگور به نظم لکيا. جيڪي اڳتي هلي انڊيا ۽ بنگلاديش لاءِ قومي ترانا بڻيا. ٻين ايشيائي دانشورن جيان ٽيگور پڻ 1905ع ۾ جاپان جي روس کي ڏنل شڪست تي ڏاڍو سرهو ٿيو. ان ڏهاڙي هن پنهنجي شانتي نڪيتن جي ٻارن کي ڪيڏي ڪاميابي جي پريڊ ڪرائي. ٽي سال پهرين 1902ع ڌاري پڻ هن لکيو هئو ته آخر اسان اولهه جي انڌي تقليد ۾ ضرور ڏاڙ آٽيندا سين ”جيترو اسان

ڏارين (پـاهرين) سـان ٽڪـراءُ ۾
اچـون ٿـا، ايـترو ئي تـيزيءَ سـان
اسـان پنهنجــو پـاڻ کي حاصـل
ڪيون ٿا. ۽ اسان اهو به ڄاڻون ٿـا
تـه اهـو صـرف اسـان جـو الميـو
ناهي. سـموري ايشـيا ۾اهـو تضـاد
تيز کان تيز ٿي رهيو آهي. ايشيائي
قومي شعوري طور تي پنهنجو پاڻ
کي سـڃاڻڻ شـروع ڪيـو آهي.
اهوئي آزادي جو رستو آهي جنهن
ته پين جي تقليد تـه تبـاهي آهي.“

ٽيگور کي ايشيا جي ماڻهن جي اها
سمجهه ڪـڏهن بـه سـمجهه ۾ نـه
آئي ته اولهه جي طرز جي تهـذيب
ئي انسان جو مقصد آهي. ڪجهـه
وقت سواديش تحريڪ مـان متـاثر
ٿيڻ کـان پـوءِ چيـٽرجي واري
هندسـتاني قومپرسـتيءَ جي
هٿياربنـد طريقـه کـار جنهن تحت
نوجـوان بنگـالي، دهشـتگرد حملن
ذريعي دشـمنن کي قتـل ڪـرڻ
واري روش جـاري رکيـو ويٺـا هئـا،
خـاص ڪـري ويهين صـدي جي
پهرين ڏهاڪي ۾، ٽيگـور پٺـتي پـير
ڪـرڻ شـروع ڪيـا.

هن وچين طبقي جي انهي
نرگسيت جيڪا پرتشـدد سياسـت
سـان جڙيـل هـئي، کي سـامهون
رکنـدي، 1910ع ۾ گـورا (گهـر) ۾

1916ع ۾ گهير بيري (دنيا) جهڙا ناول لکيا. پر 1917ع کان پوءِ هن پنهنجي تقريرن ۽ مضمونن ۾ قومپرستيءَ کي به تنقيد هيٺ آندو. ساڳي سال هن آمريڪا ۾ پنهنجن ڀڏندڙن کي ٻڌايو ته نئين اسٽيٽ (قومي رياست) واپار (commerce) ۽ سياست جي اها مشين آهي. جيڪا انسان ذات جون صاف ستريون ڳنڍيون پيدا ڪندي آهي ۽ هن وقت ته اهو تصور بين الاقوامي قبوليت ماڻي چڪو آهي.

پر حقيقت هي آهي ته اخلاق ۾ فرض جي ڍنڍوري هيٺ خود غرضي لڪيل آهي، اها نه صرف قدرت تي ڪري پر انسانيت جي بنيادن کي ئي لوڏيو ڇڏي.

ڪانگ يووي (Kang Youwei) جيان ئي هن (ٽيگور) شروع ۾ ايشين جي ڳ دوست (Cosmopolitan) لاءِ غير قومي (Non Nationalist) تصور جي پوئواري ڪئي. هن چيو ته ”انڊيا وٽ صحيح معنيٰ ۾ ڪڏهن به قومپرستيءَ ورو تصور ناهي رهيو. ۽ اهو منهنجو ويساهه آهي ته هن ملڪ جا ماڻهو ان تعليم خلاف وڙهندا جيڪا سيکاري ٿي ته

رياســـــت (Country) انســــاني قــــدرن جي تصــورن كـــان بـــالاتر آهي.“ پــر صــرف ٽيگــور نــه هئــو جنهن كي اولهــه جي تهــذيب ۾ ان جي بي پناهـــه چاهينـــدڙن (ايشـــيا منجهـــه) بـــابت خدشــــا هئـــا.

چاليهه سالن جي ڄمـار ۾ گانـڌي، لنـڊن كـان سـائوٿ آفريكـا تـائين گهمندي اولهه جي تهذيب مخالف، دانشـورن جي خيـالن كي مختصـر كنـدي، جن ۾ اُهي اولهـه مخـالف دانشــور بــه اچي وڃن ٿـا، جيكـي اجــا اڳيــان نكـرڻـا هئـا، جهــڙوك ٽيگـــور جنهن ســـان گانـــڌي جـــون ڏگهيون ملاقاتون ٿيٽيون هيون، هن جيكـو كجهه لكيو ان جــو نــالو ئي (جديـديت مخـالف پـڌرنامو) هنـدو سوراج (Hindu Swaraj) ركيو.

1909 ڌاري سياســـي ميـــدان ۾ گانـــڌي انهن بنيـــادي فكــــر وارن توڙي انقلابين سان لهه وچڙ ۾ هئو جن چوٽكاري لاءِ اولهــه جي طــرز تي ســماج جي حاصــل كــرڻ جي ڳالهه كـئي ٿي. انهن ۾ هكــڙا تــه اهي قـــوم پرســـت هئـــا، جيكـي سياســـي طـــور بينكم چنـــدرا چيٽرجي جا سياسي اولاد هئـا، پيـا وري اهي هئا، جن اٽلي ۾ جرمــني جهــڙن ملكن ۾ پـــروان چڙهنـــدڙ

فاشـــت روين جي پوئيـــواري تي
كـــئي ۾ انـــڊيا ۾ هنـــدو ازم جي
ڳالهـه تي كـئي. اهـو هنـدو ازم
جيكو برطـانوي هندسـتان اوڻيهـه
صدي ۾ هنن كي ڳولي ڏنو. گانڌي
ســمجهيو تي تــه هنن همـــراهن
موجب هكڙن حكمرانن مان جان
چـــــڏائي وري اهـــــڙن ئي ٻين
حكمـــرانن كي پـــاڻ تي تـــاقجي.
جـيئن هن هنـدو سـوراج ۾ لكيـو
”انگريـز طـرز حكمـراني، انگريـز
كان سواءِ“ گانڌي جا پنهنجا خيال،
تيزي سان جڙندڙ دنيـا جي تجـربن
مـان حاصل تي رهيـا هئا. 1869
ڌاري انـڊيا جي پٺتي پيـل ڳـوٺ ۾
جنم وٺندڙ گانڌي كي اولهه ويجهي
كـان ڏسـڻ جـو موقعـو مليـو. هن
روحـــاني ۾ مـــادي طـــور ان كي
پركيـــو. هك اهـــڙو دؤر جـــتي بي
پـاڙي ايشـيائي فـــرد لاءِ اولهـه ۾
پنهنجي بقـا صـــرف ان صـــورت ۾
پيـدا ٿينـدي آهي جـڏهن اوهـان ان
جي انڌي تقليد كيو. گانڌي شروع
۾ پاڻ پڻ پنهنجي نيم ٻهراڙي واري
طـــبيعت سـميت اولهـه جي تعليم
پرائيندي، انگريز كان وڌيك انگريز
ٿيڻ جي كـوشش كـئي. هن لنڊن
۾ قانون پڙهڻ كان پـوءِ 1891ع ۾
انڊيا مـوٽڻ جي كـئي؛ جـڏهن تـه

پهرين قانوندان □ پوءِ اسڪول ماسٽر ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ايندڙ ڪجهه ڏهاڪن □ هن سان پيش ايندڙ نسلي امتياز (Racial Humiliation) هن کي پنهنجي اصلي حيثيت ٻڌائي.

1893ع □ هڪ هندستاني واپاري ڪمپني □ ڪم ڪندي، ڏکڻ افريڪا طرف ويندي هن جي زندگي گهڻي ڊرامائي تبديلين جو شڪار ٿي. هن جي سامهون اولهه جي جديديت هئي، پرنٽنگ پريس، ٻاف تي هلندڙ جهاز، ريلوي □ مشين گن جهڙا هٿيار وغيره. افريڪا □ ايشيا بين الاقوامي سرمائيدارانه معيشت جي گهرجن هيٺ غلام بنايا پئي ويا. گانڌي سموري دنيا منجهه پراڻي زندگي جي طرز عمل کي تباهه ٿيندي □ اولهه جي تهذيب، معيشت □ سياست کي پروان چڙهندي ڏٺو ٿي.

گانڌي ”سَتيه گِرهه“ ڏکڻ آفريڪا □ خط □ لکيو ته اهي قومون جيڪي پنهنجي ”مادي گهرجن“ کي نٿيون وڌائين انهن جي مقدر □ تباهي يقيني آهي. اهوئي سبب آهي جو اولهه، آفريڪا □ نه صرف انهن گهرجن جي پورائي لاءِ پلٽي هنيو

ويٺــو آهي. پـــر تعـــداد ۽ وڌيڪ ۽
جسـماني طـور مضـبوط آفـريڪن
کي ماتحت بہ ڪيـو ويٺـو آهي. لينن
۽ روزالڪســـمرگ ســـرمائيداري
سـامراجيت کي ڏوهي قــرار ڏنــو.
گانڌي پڻ اهـو چـاتو ٿي تـہ بينڪيت
جي اقتصـــادي پاليســـين صـــرف
ٻاهرين سيٺپ ڪارن کي فائدو ڏنـو
ٿي ۽ عوام کي ڪنگال ڪيو ٿي. پـر
هـو ايـترو اڳتي ويـو ٿي جـو پـوري
جديـد تهـذيب ۽ ان جي اقتصـادي،
معاشــي ۽ سياســي طـــاقت جي
پنيـان ٻوڙ کي ئي ڏوهي قـرار ڏنـو.

ان ۾ ڪوبـه شـڪ نـاهي تـه هن
اولهـــــــه جي ”آزادي (Liberty)
عـــورت جي آزادي ۽ قـــانون جي
حڪمـــــراني جهـــڙن عملن کي
واڪـــاڻيو ٿي پـــر ســـاڳي وقت هن
انهن سـيني ڳـالهين کي روحـاني
آزادي ۽ سـماجي سـڪون جي اڻ
هوند ڪـري، ڪتـل قـرار ڏنـو. ۽ ان
سوچ ۾ هو اڪيلـو بـه ڪونـه هئـو.
ويهين صـــدي جي شـــروعات ۾
ايرنـدڙ چيـني ۽ مسـلمان دانشـور
جهڙوڪ الافغاني ۽ لينـگ ڪچـائو،
پڻ يـوريي عـالمي روشـن خيـال
تصور کـان منهن قـيري رهيـا هئـا.
جن چيو ٿي ته ناانصـافي ۽ نسـلي
برتــري مثــان وڏين دعــوائن جـــو

غلاف چاڙهيو وجي ٿو. هنن اسلام
۽ كنفيوشس مزاج جي پيهر بحالي ۾
پناهه ٿي ڳولي. ساڳي وقت
گانڌي هندو سوراج جي ڳالهه ٿي
ڪئي.

اربندوگوس كي انهي سموري
ماجرا حيران ۽ پريشان كري
ڇڏيو ۽ هن كي چوٽو پيو ”ته پوءِ
ڇا هي سڀ ڇا تهذيب جي طويل
ارتقا جو خاتمو آهي؟ ڇا هي ان
حاصلات ۽ روح جو موت ناهي
جيكا انسان هن وقت تائين
حاصل كئي آهي؟ ڇا پلا اهي
كامياب واپاري نه هئا، جن
جدوجهد كندڙ ارتقا جون راهون
هموار كيون؟ ۽ سائنس صحيح
ٿي چوي ته پوءِ ان كي تسليم
كرڻ ۾ حرج به كهڙو آهي؟
زندگي ارتقا جيكا هك هك
گهرڙي جاندارن كان آغاز كندي،
پولڙن ۽ بن مانس تائين پهتي، ۽
بنيادي مادي ضرورتن وارين شين
جي تخليق كندي، انگريز توڙي
فرانسيسي سرمائيدارن ۽
اشرافيه سان هم آهنگ رهي.
منهنجي خيال ۾ يورپ وارن جي
اها وڏي حاصلات آهي. جنهن جي
اڳيان آئون پنهنجو كند نمايان ٿو“
بحرحال گانڌي جي هندو سوراج ۾

ڪيل تنقيد ڪجهه معتدل آهي. ان ۾ دعويٰ ڪيل آهي ته جديد تهذيب (Modern Civilization) ماضي جي پيٽ ۾ سياسي، مذهبي، اخلاقي، سائنسي ۽ اقتصادي بنيادن تي بلڪل نوان تصور متعارف ڪرايا آهن. هن بقول صنعتي انقلاب، انساني پورهئي کي سرمائي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اقتصادي ترقي ئي مقصد آهي، مشين جو ماڻهو تي قبضو آهي ۽ مذهب ۽ اخلاقيات غير اهم آهن. يورپ جي تهذيب جي برتري، هندستان جي قدرن جهڙوڪ سادگي، صبر وغيره کي هنن پسماندگي سان پيٽيو ٿي.

اولهه جي جديديت سان گانڌي جو ساڙ Prejudices ڪڏهن ختم نه ٿيو. هن پنهنجو ٻهراڙي وارو مختصر فقيراڻو لباس پائڻ شروع ڪيو. هڪ سچي تهذيب اخلاقي طور باشعور ۽ روحاني طور مضبوط ٿيڻ جو نالو آهي. نه ڪي مادي خواهشن جي پٺيان ڊوڙڻ جو. هن هٿياربند مرڪزي قومي رياست جي پيٽ ۾ خود ڪفيل ٻهراڙين جي ڪميونٽيز کي وڏين صنعتن جي پيٽ ۾ ڪاٽيج جي صنعت کي ۽ مشينن جي جڳهه

تي انساني پورهئي کي اوليت ڏني تي.

پنهنجي سياسي مخالفن بابت همدردي جا جذبا رکندي تشدد کي رد ڪندي، هن ”ستيا گرهه“ تي زور ڏنو، هن جو خيال هئو ته انگريز جديد تهذيب بابت کهڙي به دعويٰ ڇو نه ڪن، پر حقيقت ۾ هو خود، ان جي تشدد ۾ لالچ جا شڪار ٿي چڪا آهن. ستياگرهه هنن ۾ صنعتي تهذيب جي شيطاني خلاف شعور پيدا ڪندي. ٽيگور جيان گانڌي به تشدد جي مخالفت ڪئي ٿي، قوم پرستي کي رد ڏنو ٿي، ڪامورا شاهي تاجي پيشي واري، هٿياربند، رياست جي پڻ مخالفت ڪئي ٿي، اهوئي سبب هو جنهن 1948ع ۾ هن جي قاتل کي چيڙائي وڌو هئو. جيڪو هندو قومپرست هئو ۾ جيڪو هٿياربند آزاد هندستان جي پالهه ڪري رهيو هئو.

1941ع ۾ ٽيگور جي موت تائين ٻنهي جي وچ ۾ طويل بحث مباحثه هلندا رهيا. پر حقيقت هي آهي ته گانڌي 1909 ۾ جڏهن هندو سوراج لکيو ته ان وقت گانڌي کي گهٽ سچاتو ويندو هئو ۾ هن کي ان وقت ايڏي پذيرائي


بــه نــه ملي هــئي، ان وقت ٽيگــور
گهٽــو متــاثر ڪنــدڙ، اثــر □ شــهرت
رکندڙ شخص هئو. پر جڏهن ٽيگور
کي 1913 □ نوبل پرائيز مليــو تــه
هـــو نـــه صـــرف بين الاقـــوامي
شخصيت، پر ساڳي وقت اوپر جــو
نمائنـــدو بـــه ٿي ويـــو. هـــو انهن
خوشنصيبن مان هڪ هئــو، جيڪي
آڱرين تي ڳڻٽ جيترا مس هئا، جن
جي ڳالهــه ايشــيا □ ٻــڌي وينــدي
هـــئي.

(هلنـــدڙ)

فلسفي جي تاريخ

ٿيلز

آزاد ماچي



سماجواد جي ايڊيٽوريل بورڊ جي دوستن جي چوڻ ۽ همٿائڻ تي ارڙهين شماري ۾ فلسفي جي تاريخ تي سلسليوار مضمون لکڻ جي شروعات ڪري رهيو آهيان چاڪاڻ بقول ساٿين جي سماجواد ۾ ڏيهي، پرڏيهي، نظرياتي ۽ عورتن جي ادب جي حساب سان گهٽو مواد شايع ڪندا پيا اچون پر فلسفي جهڙي اهم علم تي باقاعدگي ۽ سنجيدگي سان گهٽو ڪجهه نه لکيو ويو آهي. ساٿين جي ان ڳالهه کي نظر ۾ رکندي ۽ پيو اهو به سمجهندي ته تنقيدي ۽ آزاد سوچ جي اوشر لاءِ فلسفي جي تاريخ ۽ ان جا موضوع بهتر ۽ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا تنهن ڪري گذريل ستن سالن کان فلسفي کي پڙهندي ۽ پڙهائيندي جيڪو ڪجهه سکيو آهي ان کي سادي ٻولي ۾

سمجهه ۾ هيٺ لاهڻ جي ڪوشش ڪندس.

البير ڪاميو جا لفظ آهن ”سوچڻ جي عادت حاصل ڪرڻ ڪان اڳ اسان ۾ زندگي گذارڻ جي عادت پئجي ويندي آهي“

We get into habit of living before acquiring the habit of thinking.

پنهنجي سماج ۾ اهو ڪجهه وڌيڪ ٿئي ٿو يعني ماڻهو جهڙو تهڙو جيئڻ ته سکي وڃن ٿا پر تنقيدي انداز ۾ آزاد ٿي سوچڻ لاءِ هڪ ته سازگار ماحول نه هجڻ ۾ ٻيو فرد جي پنهنجي عدم دلچسپي سبب اِهو پاسو لڪيل ئي رهي ٿو. ان جو منطقي نتيجو اهو نڪتو آهي ته سائنسي علم ۾ عقل جي ڳالهه ماڻهن وٽ رکڻ ڏينهون ڏينهن ڏکيو بڻجي رهيو آهي. يا ٻين لفظن ۾ هيئن چوندم ته علم، عقل ۾ شعور جي ڳالهه عام ماڻهن ۾ سادن ڳوٺاڻن جي وچ ۾ رکڻ ايتري ڏکي ناهي رهي جيتري سائنس جي مضمون پڙهندڙن ۾ پڙهائيندڙن جي وچ ۾ ٿي پئي آهي. ان ڪان اڳ جو عقل ۾ شعور جي ڳالهه رکڻ جا سڀ پاسا بند

ڪيا وجن اسان پنهنجو علمي ۽
شعوري پورهيو ان ۽ وجهون. ان
اهم ڪم لاءِ اسان جي سٿ جا
ساٿي عملي طور فلسفي کي
پڙهائڻ به پيا ته ان کي سماج ۽
هيٺ لاهڻ لاءِ ڏينهن رات
ڪوششون به وٺي رهيا آهن پر
فلسفي تي سنڌي ۾ ڪتابن جي
گهٽتائي سبب ان جو نظرياتي
پاسو (Theoritical Side) تمام
گهٽو ڪُتل آهي. جنهن کي پورو
ڪرڻ اسانجي سماج جي هر
باشعور فرد جو ذمو آهي. ان
ذميواري کي سمجهندي فلسفي
جي تاريخ تي سلسليوار مضمون
ان سلسلي ۾ اسان جي سٿ جي
هڪ ننڍڙي ڪاوش هوندي ته
جيئن فلسفي جون لڪٽيون زنگ
لڳل ذهنن تي ريگمار جو ڪم ڏئي
سگهن. جيڪڏهن اهڙو ڪجهه نه
ٿيو ته پوءِ سماجي، فطري ۽
معاشي لقائن تي پڳالهائڻ ۾ دليل
ڏيڻ جو طريقو ان لطيفي وانگر
ٽيٽو آهي جيڪو اڄ به هلي پيو ۽
مستقبل ۾ به هلندو رهندو. لطيفو
ڪجهه هيئن آهي ته "هڪ سردار
پنهنجي زال کي چيو ته جيڪڏهن
بجلي هلي وئي آهي ته خير آهي
تون پکو ڇو ڪونه ٿي هلائين؟ ان

تي سـردار جي زال ٺـوڪ ڪنـدي
چيس ته ڪري وڏئي نـه سـردارن
واري ڳالهـــه!! جيڪـــڏهن پڪـــو
هلائينـدس تـه مـوم بـتي وسـامي
وينــــدي!! هڪ باشـــعور ۽ عـلمي
ماڻهو کي اهو اندازو ضرور هونــدو
تـــه زنـــدگي جي اهم معـــاملن ۽
بنيادي سوالن تي تـاريخ ۾ جدليات
جـــو گهڻ علم رکنــدڙ فـــرد مٿيئن
لطيفي وانگر ئي دليـل ڏينـدا آهن.

فلســـفي جي دنيـــا جي پهـــرين
فلاسفر ۽ ان جي باني تي ڳالهائڻ
کـــــان اڳ جنهن ســــان اڄ جي
سلسليوار مضمون جي شــروعات
آهي. پاڻ هڪ جنوني نوجــوان جي
خـــط جـــو متن پڙهـــون ٿـــا جنهن
اسپينوزا (Sponiza) جهڙي باعلم
۽ نفيس انسـان ۽ اعليٰ پـائي جي
فلاسفر کان سوال پڇنـدي ان کي
جاهـل ثـابت ڪـرڻ جي ڪـوشـش
ڪئي هئي. خط ڪجهـه هيئن آهي
”ٺـوڪي لڳي ٿـو تـه آخرڪـار تـو
زنـدگي گـذارڻ جـو سـچو فلسـفو
ڳولي ورتو آهي. پـر ڇـا تـون اهـو
ٻڌائڻ پسند ڪنـدين تـه تـوکي اها
خبر ڪيئن پئي تـه تنهنجـو فلسـفو
انهن سپني فلسفن ۽ نظرين کـان
اعليٰ تـــــر آهي جن کي دنيـــا ۾
پڙهايو ويو آهي، اڄ به پڙهايو وڃي

~~پيو ۽ مستقبل ۾ پڙهايو ويندو؟~~
~~مستقبل ۾ ڇا ٿئي ان جي باري ۾~~
~~ڪجهه نٿو چئي سگهجي. پر ڇا تو~~
~~ڪڏهن انهن قديم ۽ جديد فلسفن~~
~~جي جانچ ڪئي آهي جن کي~~
~~يورپ، هندستان ۽ سڄي دنيا ۾~~
~~پڙهايو وڃي ٿو؟ مان فرض ڪيان~~
~~ٿو ته تو اهي سڀئي علم پڙهيا~~
~~هوندا پر توکي خبر ڪيئن پئي ته~~
~~جيڪو فلسفو تو چونڊيو آهي اهو~~
~~ئي بهترين آهي؟ تو ۾ اها همت~~
~~پيدا ڪيئن ٿي ته تون پنهنجو پاڻ~~
~~کي ڪليسا جي روحاني اڳواڻ،~~
~~پيغمبرن، شهيدن، ڊاڪٽرن ۽ ان~~
~~جي پوئلڳن ڪان پاڻ کي مٿانهون~~
~~سمجهين؟ پٽيل انسان! تون ڌرتيءَ~~
~~تي ڪيڙي مثل آهين. تون زمين~~
~~جي خاڪ، جيت ۽ ڪيڙن جو ڪاڄ~~
~~آهين. تون ٿيندو ڪير آهين جو~~
~~ابدي ڏاهپ جي خلاف بيهي انجي~~
~~توهين ڪرين ٿو؟ تو وٽ ان گندي،~~
~~چريائپ سان ڀريل ۽ لعنتي نظريي~~
~~جا بنياد ڪهڙا آهن؟ اهو ڪهڙو~~
~~شيطاني هٺ آهي جيڪو توکي~~
~~همٿائي ٿو ته ڪيٿوليڪ مذهب ۾~~
~~ان جي رازن سان هٿ چراند ڪر~~
~~جن کي پڙهي پوءِ انهن جي~~
~~پڙهائيندڙن سمجهه کان بالاتر قرار~~
~~ڏئي ڇڏيو آهي؟........ وغيره.~~

نوجوان جو مٿيون خط پڙهي
توهان سندس خيالن جو اندازو
لڳائي سگهو ٿا. پر ڇا ائين نه آهي
ته اسان وٽ هن ڪان ڪئي درجا
وڌيڪ جوشيلا ۽ جهالت سان پريل
نوجوان جيئرا جاڳندا خودڪش
بمبار بڻيو گهمندا پيا وتن ۽ اهي
هر ممڪن ڪوشش ڪن ٿا ته
سماج ۾ علم سان مزاحمت ڪئي
وڃي. اهڙن نوجوانن جي سطحي
ذهني سوچ جو علاج ڇا ٿي سگهي
ٿو ان جو جواب پڙهندڙ به سوچن
باقي اسپينوزا جذباتي نوجوان کي
جيڪو جواب ڏنو، اهو هيئن هو.

”تون جيڪو سمجهين ٿو ته
آخرڪار توکي سڀني کان بهترين
مذهب ۽ ان جا بهترين استاد ملي
ويا آهن. تون انهن تي انڌو اعتماد
به رکين ٿو. پر ڇا مان پڇي
سگهان ٿو ته توکي اها خبر ڪيئن
پئي ته تو وارا اهي استاد بين
اهڙن استادن کان بهتر آهن جن
۾ مذهب پڙهايو، اڄ به پڙهائن ٿا ۽
مستقبل ۾ به پڙهائيندا؟ ڇا تو پاڻ
انهن سڀني جديد ۽ قديم مذهبن
کي پڙهيو ۽ جانچيو آهي جن کي
هتي يورپ، هندستان ۽ پوري دنيا
۾ پڙهايو ويندو آهي؟ هلو ڪٿي مان
فرض ڪري ٿو وٺان ته تو واقعي

~~به سپني مذهبن کي پڙهيو هوندو
پر توکي خبر کيئن پئي ته هيترن
سارن مذهبن کي ڇڏي کري تو
وارو مذهب ئي سپني کان بهترين
آهي؟“~~

~~The story of philosophy, will
.Durant, page 159~~

~~اسپينوزا جو مٿيون جواب اسان
کي سيکاري ٿو ته جيکو علم
اسان وٽ آهي اهو اسان پاڻ
چونڊيو آهي يا ڄمندي ئي ان کي
اسان جي جهوليءَ ۽ وڌو ويو آهي
۽ اسان اکيون بند کري جهوليون
پري چڏيون آهن ۽ هکڙي ساعت
لاءِ توفيق عطا نه ٿي ٿئي ته
اکيون کولي ڏسون ته جهوليءَ ۽
چا پيل آهي؟ دراصل اهو فلسفو
ئي آهي جيکو پنهنجن کوڙ سارن
سوالن ۽ ٿورڙن جوابن سان
اکيون کولائي جهوليءَ ۽ چاپيل
آهي ان کي جانچڻ تي اتساهي
ٿو. هک محتاط اندازي مطابق اڄ
جي دنيا ۾ تقريباً 3 هزار کان
وڌيک مذهب موجود اهن ۽ جڏهن
نظرين جي ڳالهه کنداسين ته
اهي انهن کان وڌيک آهن. پاڻ
گهڻن عقيدن ۽ نظرين کي پڙهي
پوءِ پنهنجي لاءِ کنهن سچ جي
چونڊ کئي آهي. ان جواب لاءِ~~

فلسفي جي تاريخ پڙهڻ تمام اهم
آهي. تنهن ڪري اچو ته اسان
پنهنجي اصل موضوع طرف اچون
جيڪو فلسفي جي تاريخ بابت ٿي
آهي. ڪوشش ڪئي ويندي ته هر
شماري ۾ هڪ يا ٻن فلسفين جي
زندگي ۾ انهن جي فلسفي کي
پڙهندڙن آڏو رکون ۾ اهو ٻڌايون
ته ڪائناتي ۾ سماجي لقائن تي
فلسفو انساني ذهن کي ڪيئن
لوچرائي ۾ سوچرائي ٿو ته جيئن
رهندي رهندي اسان به ڪجهه
مثبت سوچڻ سکي وٺون.

(1) ٿيليز Thales (624 کان 547 ق.م)

ٿيليز کي فلسفي جو ابو چيو وڃي
ٿو. هو 624 قبل مسيح ۾ ايشيا
مائنر جي شهر مالٽس (
Miletus) ۾ پيدا ٿيو جنهن کي اڄ
ترڪيءَ جي شهر بالات جي نالي
سان سڃيو ويندو آهي. هن جي
پيءُ جو نالو اگزيمس Examyes
۽ ماءُ جو نالو ڪليبلم
Cleobulme طور ٻڌايا وڃن ٿا.
هي پنهنجي دؤر جو اهو فلاسفر
آهي جيڪو علم جي هر شاخ تي
طبع آزمائي ڪندو هو جهڙوڪ

فلسفو، تاريخ، رياضي انجنيئرنگ،
جاگرافي □ سياست وغيره، هن
پنهنجي دور □ پنهنجي ذهني
صلاحيتن سان کوڙ سارا کم کيا
جهڙوک سج گهرڻ جي اڳڪٿي،
مصر جي احرامن جي ماپ،
زيتونن جي فصل جو فائدو □ جنگ
جي حملي کان بچڻ لاءِ پاٽي جي
وهڪري کي تبديل ڪرڻ.

ٿيليز بابت هي واقعو مشهور آهي
ته هن بغير ڪنهن سائنسي اوزار
جي مدد سان اها اڳڪٿي ڪئي ته
فلاڻي ڏينهن تي سج گرهڻ ٿيندو.
مصر مان پڙهي آيل رياضي □
فلڪيات جي علم اهو ممڪن بڻايو
ته هو اها اڳڪٿي ڪري جيڪا 28
اپريل 585 ق.م تي ٺيڪ هن جي
ٻڌايل ڏينهن تي صحيح ثابت ٿي.
ان کان علاوه مصر جي احرامن
جي ڊيگهه ماپڻ جو قصو به هن
جي ذهن جي تيز □ ڏاهي هجڻ جو
ثبوت آهي. جڏهن هن کي احرامن
ماپڻ جو خيال آيو ته هن سوچيو
ايڏن وڏن احرامن کي ماپجي
ڪيئن؟ هن چا ڪيو جو پنهنجي قد
جي برابر لٺ ڪنئي □ ڏٺائين ته
سج ڪهڙي جاءِ تي اچي ٿو جنهن
□ هن جو قد □ پاڇولي جي ڊيگهه
هڪ جيتري بيهي ٿي جنهن لاءِ هن

لٺ اڳــوات زمين تي رکي هــئي. پــئي ڏينهن تي هن ٻوڙي احــرامن جي ڏيگهــه ســج جي پــاڇولي جي مدد سان ماپي ورتي جيڪا تقريبــاً صـــــــــــحيح هـــــــــــئي.

زيتــونن جي فصــل بــابت ڪهــاڻي ڪجهـــــه وڌيڪ دلچســــپ آهي ارسطو پنهنجي ڪتاب ”سياســت“ جي يــــارنهن بــــاب جي 81-80 صــفحي تي هن واقعي جــو ذڪــر ڪيو آهي. قصو ڪجهــه هــيئن آهي تـــه شـــهر جي مـــاڻهن ٿيلـــيز کي ٽوڪڻ شروع ڪيو ته هي همراهــه پنهنجي سادن ۽ قاتل ڪپڙن سـان شهر جي معزز ۽ عــام مــاڻهن کي هرويرو جــون ڳــالهيون ٻــڌائي پيــو خراب ڪــري. واندو آهي، ڪــرڻ لاءِ ڪجهـــه اتس ڪونـــه ان ڪـــري عجيب ڳــالهيون ڪــري عــوام کي پريشان ڪــري ٿــو جيڪــو پــاڻ بــه ٺيڪ طــرح نــه ٿــو ســمجهي. ٿيلــيز کي جڏهن ان جي غريب ۽ بيڪــار هجڻ جي طعنن جي خــبر پــئي تــه هن انهن کي ڏاڍو ســنجيده ورتــو: هن کي موسمن جو علم ته هوندو ئي هو ســو حســاب ڪــري معلــوم ڪيــائين تــه ان دفعي زيتــونن جــو فصـــل تمـــام بهـــترين ٿينـــدو. هن ڪجهه پئسا هٿ ڪــري مــارڪيٽ

مـــان زيتـــونن کي پيهڻ واريـــون
مشـــينون (Olive Presses)
سســتي اگهــه تي اڳــوات خريــد
ڪري پاڻ وٽ رکي ڇڏيون. جڏهن
فصل ڪٽڻ جو وقت آيــو تــه مــاڻهن
اهي مشينون وٺڻ لاءِ مارڪيٽ جو
رخ ڪيو □ سپني کي جــواب مليــو
تـــه اهي توهـــان کي ٿيلـــيز وٽ
ملنـــــديون. هن همراهـــــه اهي
مشينون ڪــرائي تي هلائڻ شــروع
ڪيـــون □ هڪ موســـم □ ايـــترو
ڪمــائي ويــو جيڪــو تــوڪ ڪنــدڙ
مــاڻهو ســجي عمــر ڪمــائي نــه
سگهيا هئا. هن واقعي ڪانپوءِ ٿيلـيز
اهو چئي وري علم جو رستو ورتــو
تــه "جيڪــڏهن فَلســفي چــاهن تــه
انهن لاءِ امــير ٿيڻ ڪــا وڏي ڳالهــه
ناهي هوندي پر چا آهي ته هو امير
ٿيڻ □ دلچســپي نــاهن رکنــدا.!!

ٿيليز جي اِنهيءَ ڳالهــه جــو مقصــد
اِهـــو آهي تـــه پيســـو ڪمـــائڻ لاءِ
حـــرفت حاصــل ڪـــرڻ ڪـــا وڏي
ڳالهه ناهي. پر زنــدگي □ ڪائنــات
جــا اصــل راز پــروڙڻ وڏي ڳالهــه
آهي.

ٿيليز جي ذهني صــلاحيتن جــو هڪ
قصـــو هي بـــه آهي تـــه جـــڏهن
بادشـــاهه ڪريسِـــس (Croesus)
کي جنــگ جي دوران پنهنجي فــوج

كي ندي پار كرائڻي هئي ته ٿيلز بہ اتي موجود هو. ان زماني ۾ پاڻي جي وهڪرن مٿان پلون هونديون ڪونه هيون ان ڪري اهڙا وهڪرا پار ڪرڻ ڏکيو ڪم هوندو آهي. اها ندي ڪاٻي پاسي وهي رهي هئي ٿيلز فوج کي چيو ته ساڄي پاسي کوٽائي ڪرڻ شروع ڪيو. ان سان ڇا ٿيو ته پاڻي ڪاٻي ۽ ساڄي پاسي وهڻ شروع ٿيو ۽ وچ ندي ۾ ايترو پاڻي بيٺو جنهن کي فوج آساني سان پار ڪري ورتو.

ٿيلز سقراط وانگر هر وقت غور ۽ فڪر ۾ محو هوندو هو. هڪ رات هو جيئن آسمان ۾ تارن جو مشاهدو ڪري رهيو هو ته هلندي هلندي هڪ کوهه ۾ ڪري پيو. هن جي نوڪرياڻي جيڪا هن جي پٺيان هلي رهي هئي چيائين مالڪ جڏهن آسمان ۾ ڏسندو آهي ته هن کي اها خبر ناهي پوندي ته هن جي پٺيان ڪير آهي ۽ نه ئي اها خبر پوندي اٿس اڳيان ڇا آهي؟ ٿيلز جي علم سان ايتري سنجيدگي ۽ سچائي سبب ئي يوناني فلسفي جي تاريخ ۾ هن کي ستن ڏاهن (Seven Sages) ۾ شمار ڪيو ويو. انهن ستن

ڏاهن جي تفصــــيل مختلـــــف
تاريخـــدانن وٽ مختلــف آهي پـــر
انهن سڀني ۾ ٿيليز جو نالو ضـــرور
موجــود آهي. انهن سـتن ڏاهن جا
نـالا جيڪـي غـير تـاريخي آهن اهي
هي آهن.

(1) اٿيــنز رهنـــدڙ ســـولن (2)
اســـپارٽاجو رهنــــدڙ ڪـــائيلو)
Chilon) (3) ماليٽس جــو رهنـدڙ
ٿيليز (4) پٽرين جو رهندڙ بــائس)
Bias) (5) لنـڊوس جـــو رهنـــدڙ
ڪليوبيلــوس (Cleobulus) (6)
مـــتيلين جـــــو رهنـــدڙ پٽڪس)
Pittacus) (7) چنائي جو رهنـدڙ
مائســـــــــــــــــــــن (Myson).

ٿيليز جي شادي بابت پــه ڳـالهيون
چيل آهن هڪ ته هن شـادي ڪـئي
هـــئي ۽ هن جي پٽ جـــــو نــــالو
ڪبسـتون (Cybisthon) هــو. پيـا
اهو چوندي پڌا ويا ته ٿيليز جي ماءُ
هن کي شادي لاءِ چيــو هــو پـر هن
اهو چئي انڪار ڪيو هن جي عمــر
اجا ناهي ٿي. بس پوءِ چـا ٿيــو جــو
هـــو صـــفا وڏو ٿي ويـــو. هن جي
دوست جي بقول تــه ٿيـليز شـادي
لاءِ ان ڪـري سنجيدا نه هو جو هــو
زال ۽ ٻارن جي پريشـاني ڪٽڻ نـه
چاهيندو هو. پوءِ جڏهن ٿيـليز صـفا
وڏو ٿي وينـــدو آهي تــــه هن کي

شاديءَ جو احساس ٿئي ٿو. شادي
ته همراهه جي ٿي ڪونه سگهندي
آهي پر جيڪو پٽ هن جي ناليءَ
سان سڏيو ويندو آهي دراصل اهو
هن جو پيائيو هو جنهن کي هن
جهولي ۾ ورتو هو.

ٿيليز جو فلسفو

يوناني فلسفي جي قديم اسڪول
کي آيونڪ اسڪول طور ڄاتو ويندو
آهي. تاريخ جا ٽي وڏا فلسفي ٿيليز،
انيڪسمينڊر (Anaximander) ۽
انيڪسِمَنيز (Anaxumenes) آيونا
(Ionia) جا رهندڙ هئا. انهن ٿنهي
جي فلسفي کي ”آيونڪس“
اسڪول جو فلسفو چيو وڃي ٿو.

ٿيليز جي ڪابه لکٽي موجود نه
آهي، ايستائين جو ارسطو جي
دؤر تائين به هن جي ڪنهن لکٽي
جو ثبوت نه ٿو ملي.

ها باقي جيڪو فلسفو ٿيليز ڏانهن
منصوب ڪيل آهي ان جو تت هي
آهي ته ٿيليز مطابق ته ڪائنات ۾
ان ۾ موجود هر شيءِ جي تخليق
پاڻيءَ منجهان ٿيل آهي. هو چوندو
هو ته ڪائنات ۾ وجود رکندڙ سڀ
شيون پاڻيءَ جون تبديل ٿيل
شڪلون آهن ۽ هر شيءِ پاڻيءَ

مان ٿهي واپس پاٽيءَ طرف هلي ويندي آهي. اسان جي زمين پاٽي تي بيٺل آهي ۽ ان ۾ ئي تري رهي آهي. زمين تي زلزلو ان ڪري ايندو آهي جو پاٽي جون لهرون زمين سان ٽڪرائينديون آهن.

ٿيليز ائين چو چيو ته ڪائنات پاٽي مان ٺهيل آهي؟ ان جو عقلي جواب ته هو پاڻ به ڪونه ڏئي سگهيو پر ممڪن آهي ته هر شيءِ ڪي زندگي ڏيڻ ۾ پاٽيءَ جي اهم هجڻ ڪي ان نتيجي تي پهچايو هجي پر ان ڪان وڏيڪ اهم سوال هي آهي ته ٿيليز جي صرف ان فلسفي جي بنياد تي ته دنيا پاٽي مان ٺهي آهي هن کي فلسفي جو ابو“ قرار ڏنو ويو آهي. اها ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي جو ڪنهن کي اهڙو لقب ڏنو وڃي؟ اهڙي دعوا ۾ ته هو فلسفي جو ابو نه بلڪه فلسفي جو ٻار پيو لڳي. پڙهندڙن جو اهڙي ريت سوچڻ سمجهڻ ۾ اچڻ جوڳو آهي پر ٿيليز کي فلسفي جو ابو ان ڪري نه چيو ويندو آهي ته هن پاٽيءَ کي دنيا جي تخليق جو سبب قرار ڏنو! پر ٿيليز کان پهرين دنيا بابت نقطه نظر (Point of view) ڏند ڪٿائي هو.

يعني اڪثريت ماڻهن جي ان ڳالهه تي يقين رکندي هئي ته ڪائنات ۾ سماج ۾ موجود سپني لقائن جي پنيان ڪنهن نه ڪنهن ديوتا جو هٿ آهي. تنهن ڪـــــري انهن وٽ مينهن وسڻ، گجگوڙ ٿيڻ، موسمن جي تبديلي، موت ۾ زندگي ڪان وٺي شراب، سج چنڊ ۾ تارن جا ديوتا موجود هئا. هاڻي جيڪڏهن ڪير ماڻهو سوال ڪندو هو ته مينهن ڇو ٿو وسي؟ ان جو جواب اهو هوندو هو فلاڻو ديوتا ائين ڪري ٿو. بس پوءِ هر ڪائناتي ۾ سماجي لقاءُ پنيان ديوتا ائين ڪم ڪندا هئا. تنهنڪري اصل ڳالهه ٿيليز جو جواب نه پر اُهو سوال آهي جنهن ســـــان تحقيـــــق جي سيڪيولر سمجهه جا دروازا کليا. اهڙي دؤر ۾ جڏهن ماڻهو اهڙا ڏند ڪٿائي خيال رکندا هئا. اهڙي دؤر ۾ نج فطري لقاءُ يعني پاڻيءَ کي تخليق جو سبب قرار ڏيڻ انقلابي ڳالهه هئي ۾ اهو ئي ڪارڻ هو جو هن کي فلسفي جو ابو چيو اٿن ۾ هي ان پڳ جو حقدار به آهي.

ٿيليز سان گڏ هن جا به هم عصر فلسفي به ان ڪري عظيم آهن جو اهي اهڙي دؤر ۾ مادي پرست هئا جنهن دؤر ۾ هر شيءَ کي

خيـالي ۽ تصـوراتي كـري پيش
كـرڻ جـو رواج هـو. ان دؤر ۾
مـادي پرسـت هجڻ جـڏهن عـوام
خيـال پرسـت هجي ۽ ڏنـد كثـائي
شين تي يقين ركنـدو هجي سـولي
ڳالهـه نـه هونـدي آهي. آيـونك
اسـكول جي هي ٿـئي فلسـفي
مادي پرسـت هئا تنهن كـري انهن
كي “Hylcists” بـه چيـو وينـدو
آهي. اهـو لفـظ يونـاني ٻـولي جي
لفظ Hule مـان ورتـل آهي جنهن
جي معـــــنيٰ ”مــــــادو“ آهي.

تاريخي اعتبار سان ڏسجي تـه ٻي
اهم ڳالهه جنهن يونان جي سوچ ۾
وڏو انقلاب برپـا كيـو اُهـا هـئي
فـردن جي سـوچ جـو دنيـا وار (
Secularise) ـ بڻجڻ. ٿيليـز كـان
پهرين عقل ديوتائن جي ميراث هو
جيكـو هن كان پوءِ به موجود رهيو
۽ مختلف شـكلين ۾ اڄ تـائين بـه
موجـود آهي پـر ان دؤر ۾ انسـانن
طرفـان هك اهـڙي كوشـش جي
شــــروعات ٿي جنهن ۾ عقـــل ۾
ڏاهپ كي خالص انساني بڻايو ويو.
يعني عقل جيكـو ديوتائين وٽ هـو
اهو انسانن جو پنهنجـو بڻجڻ لڳـو.
اهي مــاڻهو جيكي پنهنجي ننـدين
وڏن مسـئلن لاءِ ديلفي منـدر جي
پوجـــارين كي آخـــري ســـهارو


سمجهندا هئا انهن جي ذهنن جون
دريون کلڻ لڳيون، سافيڪليز جو
جڳ مشهور ڊرامي ايڊيپس
بادشاهه (King Oedipus) ان ۾
ڊيلفي مندر جو ذڪر آهي جنهن
جا پوڄاري اپوجهه ماڻهن کان وٺي
بادشاهن جي ذهنن تي حڪومت
ڪندا هئا. اهڙي دؤر ۾ ٿيليز جو
احرامن کي ماپڻ، زيتونن جون
مشينون اڳواٽ خريد ڪرڻ ۾
نديءَ کي ٻن حصن ۾ وهائي فوج
لاءِ رستو ڪڍڻ جي عقل جو
ڪمال هو. هن ڪنهن ديوتا کان
دعا گهرندي يا منٿ ڪندي انهن
مسئلن جو حل نه ڳوليو هو نه ئي
هن ڪا اهڙي منافقت جي دعوا
ڪئي ته فلاڻي ديوتا ننڊ يا خواب ۾
اچي هن کي ان مسئلي جو حل
ٻڌايو انهيءَ ڪارڻ ئي
فلسفي جي تاريخ ۾ هن کي
فلسفي جو ابو قرار ڏنو ويو. ان
کان سواءِ سقراط کان پهرين ان
سوال تي سوچرائڻ ۾ بحث
ڪرائڻ ته دنيا جي وجود جو
”واحد عنصر“ ڇا آهي هن جي
ذمي اچي ٿو. پوءِ اها دعوا ڪرڻ
ته ڪائنات جي پٺيان هڪ واحد
هستي جو تصور پراڻو نه آهي اها
خود علم سان بدديانتي آهي. دنيا

جو نهڻ کهڙي واحد عنصر سبب آهي. ان سوال جي تاريخجڻ جو ڪمال سندس ڪاتي آهي. جڏهن هن پاٽي، کي دنيا جي تخليق جو سبب قرار ڏنو. پوءِ انڪسميندر لاءِ ان جو سبب "هوا" بڻي ته ايگزمنس لاءِ "لامحدود عنصر"، پيٿاگورس لا "عدد" زينوفينز پرمينڊس لاءِ "هستي" هيراقليطس لاءِ "باهه" Being ڊيموڪريٽس لاءِ "ايٽم" وغيره.

داو ياري نــــــــــــــــــــــــــ

پولي ۽ جنســــــــــــي متپيد

پريانڪا



پولي هڪ اثرائتـــــو ســماجي عمل آهي جنهن ذريعي ســماج ۽ انســـــان هڪ بــئي ســــان رشتا جـوڙن ٿـا. هـر پـولي پنهنجي تـاريخ، سـماج ۽ ثقـافت جـو آئينـو هونــدي آهي ۽ ان ۾ موجـــود استعمال ٿينــدڙ لفــظ، جملا، چوڻيـون ۽ پهاڪـا ان پـوليءَ جي تـاريخ سـان گڏ سـماج ۽ پيــل سوچن ۽ نظرين جي به نمائنـدگي ڪنـــــــــــــــــــــدا آهن.

اسان وٽ گهڻي ڀاڱي اهو سمجهيو وينــدو آهي تـه پـوليءَ جـو ڪم صـــرف پنهنجي ڳالهـه ٻين تـائين پهچـائڻ هونـدي آهي. اها پـوليءَ جي محـدود سـمجهه آهي چاڪـاڻ

~~ٻولي صرف رابطي يا ڳالهه ٻولهه جو ذريعو نه بلڪه هڪ مضبوط سماجي ذريعو آهي جنهن سان مختلف سوچن ۽ خيالن کي ڄاڻڻ کان علاوه ان دنيا کي سمجهڻ ۾ اسان جي مدد ڪري ٿي. اسان پنهنجي روزانو واري زندگيءَ ۾ ڪيترن ئي لفظن ۽ جملن کي بدون ۾ استعمال ڪيون ٿا پر جنهن ڳالهه کان اسان اڻ واقف رهون ٿا اها هي آهي ته اهي لفظ يا جملا اسان جي ڪنهن مخصوص سوچ يا نظريي جو اظهار هوندا آهن ۽ اهي انهن نظرين کي وائکو ڪندا آهن. صرف ايترو ناهي ساڳي ٻولي انهن نظرين کي ٻين تائين پهچائي به ٿي ته نظريا ٿاهي انهن کي سماج ۾ مضبوط به ڪري ٿي.~~

~~هاڻي اسان اچون ٿا پنهنجي سماج تي جيڪو صرف امير ۽ غريب جي طبقي ۾ ورهايل نه آهي ۽ ان هڪ پيو به طبقو آهي جيڪو جاگيرداري ۽ پدر شاهي سماج سبب سالن کان ظلم، جبر، ناانصافين ۽ پراڻين انسان دشمن رسمن جي ور چڙهي خاموشي اختيار ڪري ويو آهي ۽ اهو آهي عورتن جو طبقو جن کي مردن~~

جهڙو ڪو انسان نه بلڪه ڪا الڳ
مخلوق سمجهيو وڃي ٿو. صرف
جنسي فرق سبب مرد ۽ عورت
ساڳيا انسان هوندي به هڪ جهڙي
حقن کان محروم آهن. ساڳين
حقن کان محروم هجڻ جو سبب
اهي مرداڻيون ۽ عورتياڻيون
خوبيون آهن جيڪي اهي ڄمڻ
سان گڏ کڻي نه ايندا آهن پر
سماج اهي خوبيون پرورش دوران
انهن ذانهن منتقل ڪندو آهي.
جنهن سبب مرد ۽ عورت پڻ الڳ
وجود تصور ڪيا ويندا آهن. ان
ڳالهه کي جڳ مشهور ناريوار
ليکڪا سمون دي بوا هيئن لکيو
آهي ته "عورت پيدا ناهي ٿيندي،
عورت ناهي ويندي آهي"

جڏهن هڪ ٻار ان دنيا ۾ اک کولي
ٿو ته اسان هن کي ڇوڪرو ۽
ڇوڪريءَ جي دائرن ۾ ورهايون
ٿا. پوءِ اسان جو رويو ٻار طرف
ان دائري تحت جڙي ٿو يعني
اسان نندي هوندي کان ئي انسان
ٿي پيدا ٿيل ٻار ۾ ڇوڪرو ۽
ڇوڪري هجڻ جو احساس پيدا
ڪيون ٿا. اسان انهن جي پسند ۽
ناپسند ناهيون ٿا يعني جيڪڏهن
ڇوڪرو آهي ته اهو گاڏيون،
پستول، گوليون وٺندو ۽ وڏيڪ

~~جسماني سرگرمين ۾ حصو وٺندو
ڇوڪري هوندي ته گڏيون، فينثي
ڪپڙا ۾ پالو وٺنديون ۾ گهٽ
جسماني سرگرمين ۾ حصو
وٺنديون. اهڙي طرح ڪوڙ سارا پيا
فرق پيدا ڪيا ويندا آهن جنهن ۾
هڪ فرد محڪوم (عورت) ته هڪ
فرد حاڪم (مرد) بڻجي ويجي ٿو.~~

~~اهي رويا جنسي مت ڀيد جي بنياد
تي ايترا مضبوط ٿي وڃن ٿا جو
اسان هڪ ٻئي سان انسان بڻجي
ڳالهائي نه سگهندا آهيون. هڪ
ٻئي کي سمجهي نه سگهندا آهيون
ايستائين جيستائين اسان مرد ۾
عورت کي جنس جي ان دائرن ۾
نه ڏسون جيڪي سماج عطا ڪيا
هوندا آهن. اسان جي سماج ۾
جنسي مت ڀيد ايترو ته اهميت
حاصل ڪري ويو آهي جو اسان
پنهنجي وجود کي هڪ انسان جي
روپ ۾ سمجهڻ کان پهرين هڪ
جنس (مرد يا عورت) جي روپ
سمجهڻ لڳون ٿا. مختلف هجڻ
جو اهو فرق جنسي ۾ اسان جي
رويي کان علاوه اسان جي ٻوليءَ
مان به اظهارجي ٿو چاڪاڻ
ڇوڪرو ۾ ڇوڪريءَ جي لاءِ ٻولي
به مختلف استعمال ڪندا آهيون.
مثال ڇوڪريءَ لاءِ اسان معصوم،~~

پياري، نازڪ، خاموش ۽ گذڙي جهڙا لفظ استعمال ڪنداسين پر جي ڇوڪرو آهي ته پوءِ بهادر، ويڙهاڪ، ارڏو، جوان ۽ بي خوف جهڙا لفظ استعمال ڪندا آهيون. نه صرف ايترو پر پار جي روئڻ کي به مختلف انداز ۾ ڏٺو ويندو آهي. 1976 جي هڪ تحقيق Condry & Condry جي مطابق جيڪڏهن ڇوڪري روئي ته ان جو مطلب آهي اها ڊنل يا خوفزده آهي پر جيڪڏهن ڇوڪرو روئي اهو ان جي ڪاوڙ جو اظهار هوندو آهي.

ٻالڪپڻي ڪانپوءِ جڏهن ڇوڪرو ۽ ڇوڪري بالغ ٿي سماج جي ٻين فردن سان رابطي ۾ اچن ٿا ته جنسي مت ڀيد انهن تي وڌيڪ واضح ٿي پوي ٿو. گهر وارا، دوست، مت مائٽ اهو فرق سيکاري بس ڪندا آهن ته اسڪول ۾ ڪاليج ان فرق کي هٿي ڏيڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿا. اهي ٻڌائن ٿا توهان کي بحيثيت ڇوڪرو ۾ ڇوڪري ڪهڙي راند ڪيڏڻ گهرجي. ڪنهن سان دوستي ڪرڻ گهرجي ۽ ڪنهن سان ڪيئن رويو رکجي. اهو سڀ جنس جي بنياد تي طئي ٿيندو آهي. ننڍي

عمـر کـان ئي انهن کي هڪ ٻـئي
کان الڳ هجڻ جو احساس ڏيـاريو
وينـدو آهي. ڇوڪريـون وري ٻــه
ڇوڪرن سـان گـڏ کيـڏڻ کـان نـه
لنوائينـــديون آهن پـــر ڇـــوکرا
ڇوکرين سـان کيـڏڻ نـه چاهينـدا
آهن. هي سڀ ايتري شـدت سـان
ٿيندو آهي جو ٽن سـالن جي عمـر
۾ ئي ڇـــوکرين ۽ ڇـــوکرن کي
هڪ ٻـــئي کـــان الـــڳ هجڻ جـــو
احساس پختو ٿيڻ لڳندو آهي. ڇـو
تـــه هنن جي عملن کي، ســـوچن
کي، پسـند ۽ ناپسـند جي جنسـي
فـــرق تي نـــاهيو وينـــدو آهي.
جهڙوڪ جيـڪڏهن کـو مرد روئنـدو
يا آهستي ڳالهائيندو ته چونـدا آهن
تـه اڙي تـون مـرد ٿي روئي ٿـو يـا
مـاين وانگي ڳالهـائين ٿـو؟ مطلب
روئڻ ۽ آهستي ڳالهائڻ عورت جو
ڪم آهي مرد رڳو کلڻ لاءِ پيدا ٿيـا
آهن. وري جيـڪڏهن کـا عورت ڏاڍو
ٽهڪ ڏي کلي يا تيز ڳالهائي تـه ان
کي سمجهايو وينـدو آهي تـيز کلڻ
يا ڳالهائڻ عورت جو ڪم نـه آهي.
اسـان اهڙيـون هـدايتون جـاري
ڪـــرڻ وقت جيـڪي لفـــظ ۽ جملا
اسـتعمال ڪنـدا آهيـون اهي ٻن
انســان کي هڪ الـــڳ ۽ مختلـف
جنس هجڻ جو احساس ڏيارن ٿـا.

~~۽ پوءِ ٻنهي جي سوچ ۽ دنيا جي سمجهه ۾ هڪ ٻئي کان مختلف ٿهي ٿي.~~

~~هاڻي جڏهن انهن جي پرورش دوران اهڙي ٻولي انهن کي ٻڌڻ لاءِ ملي ته ظاهر آهي وقت سان ان جو اثر انهن جي عمل مان به ظاهر ٿئي ٿو. نتيجتاً ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ وقت يا ته ڊڄندا آهن يا شرمائيندا آهن. ان سڄي هڪ ٺهيل ۽ ترتيبوار نظام هجڻ جي باوجود اسان ان جنسي مت پيدا ڪي “Common Sense” جو نيو هٽندا آهيون يا ان کي قدرتي عمل ڇئي پنهنجي سماج جي تربيت ڪرڻ واري عمل تي سوال اٿارڻ کان پاسو ڪندا آهيون.~~

~~هن سڄي تربيت ڪانپوءِ جنهن ۾ اسان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي هڪ ٻئي کان الڳ هجڻ جون نصيحتون ڏيون ٿا. اتي جڏهن اهي بالغ عمر تي پهچن ٿا ته انهن کي ان ڳالهه جو تاثر به ملي ٿو ته مخالف جنس موهي ٿي (Opposite attracts).~~

~~سماج ۾ موجود هڪ نظام کي قائم رکڻ لاءِ وري هڪ نئي قسم~~

~~جو نظريو پيدا ڪيون ٿا. جنهن ۾
اسان جوڙن کي دلڪش لقبن
سان نوازيون ٿا يعني مس يا
مسٽر پرفيڪٽ، پرنس چارمنگ،
مس فيرويل يا مسٽر فيئرويل،
پرفيڪٽ ڪپل، ڪنگ ۽ ڪئين
پرنس ۽ پرنسز وغيره وغيره
جهڙا مختلف مقابلا ڪرائي يا نالا
ڏئي انهن ٻنهي الڳ ڪيل وجودن
کي هڪ نه ٽٽندڙ تعلق قائم ڪرڻ
جو به احساس قائم ڪيون ٿا. نه
صرف ايترو پر هڪ مڪمل جوڙي
(perfect couple) ۾ به اسان
وٽ جنس جو استحصال ٿئي ٿو.
يعني هڪ Perfect Couple ۾
مرد حد کان وڌيڪ بهادر، خيال
رکڻ وارو ۽ احسان ڪرڻ وارو
ڏيکاريو ويندو آهي، جڏهن ته
ڇوڪريءَ کي وري معصوم
نزاڪت واري ۽ ڊڄڻي ڏيکاريو
ويندو آهي. هي مثال توهان فلمن
۾ ڊرامن ۾ روز ڏسندا هوندا جنهن
۾ ڇوڪرو پنهنجي جيڪٽ لاهي
ڇوڪري کي ڏيندو آهي يا ڪنوڻ يا
ڀوائتي فلم ڏسڻ وقت خوف ورتل
ڇوڪري جو هٿ پڪڙيندو آهي.
جنسي مت ڀيد تي ٻيٺل هي نظام
جيترو هڪ عورت جي فطرت لاءِ
خطرناڪ آهي اوترو ئي مرد جي~~

شخصيت لاءِ به نقصانڪار آهي.
ان ڳالهه کي هندستاني ناريواد
ڪملا ڀاسن چوي ٿي ته هي نظام
مرد کان ان جي انسانيت کسي ٿو
ايتري حد تائين جو مرد امڙ جهڙي
هستي جي لاڏاٽي تي ڳوڙها ڳاڙڻ
کي عيب سمجهي ٿو. ڇاڪاڻ هو
ننڍي هوندي کان اهو ٻڌندو پيو
اچي ته مردن جو ڪم روئڻ نه
هوندو آهي. ان کان علاوه مرد
ڪڏهن به پنهنجا خوف، پنهنجون
ڪمزوريون بيان نه ڪندو آهي
ڇاڪاڻ هن کي سيکاريو ويو آهي
ته مرد ڏيڍي روب واري
شخصيت سٺو لڳندو آهي.

انهن سڀني فرق جو ٿهڻ انهن
کي قائم رکڻ هڪ فردي نه بلڪه
سماجي عمل آهي جيڪو ٻوليءَ
جي استعمال سان وڌيڪ مضبوط
ڪيو ويندو آهي. اهو مت پيد ڪو
جسماني طور جمڻ "Biological
reproduction" سبب نه بلڪه
سماجي طور وڌڻ "Social
reproduction" سبب پروان
چڙهي ٿو يا پيدا ٿئي ٿو. جيڪو
هاڻي اسان جي روايتن جو حصو
بڻجي ويو آهي. جيڪڏهن ڪنهن
ڇوڪري کي چانهه ناهڻ نه ٿي
اچي ته مطلب هن جو سگهڙ زال

ٽيٽ شڪ ۽ پئجي ويندو. پر
جيڪڏهن مرد کي چانهه ٺاهڻ نه
ٿي اچي ته خير آهي. چانهه ٺاهڻ
کو مردانگي جو ڪم ٿورئي آهي؟
جو مرد کي لازمن اچڻ کپي.

حقيقت هي آهي ته اسان پنهنجي
چوڌاري ٿيندڙ عمل کي ائين نه
پرکيندا آهيون جيئن انهن کي
پرکڻ گهرجي. نه ئي اسان انهن
کي ائين ڏسندا آهيون جيئن اهي
آهن. پر اسان پنهنجي وهمن ۽
گمانن يا سماج طرفان پڌايل
دائرن ۾ شين کي سمجهندا ۽
قبول ڪندا آهيون. وقت جي اهم
ضرورت اهي ته اسان مدي خارج
سماج مان انهن بيمارين ۽ روايتن
خلاف مزاحمت ڪيون جيڪي مرد
کي مرد ۽ عورت کي عورت ٿي
رهڻ نه ڏئي رهيون آهن. اهو
تڏهن ممڪن آهي جڏهن اسان
سماج کي تبديل ڪرڻ لاءِ پنهنجو
علمي ۽ عملي پورهيو ڏينداسين.
اسان کي ان علمي ۽ عملي
پورهيي ڪرڻ کان اها چئي روڪيو
ويندو ته ان ۾ خطرو آهي. پر
سوچجي ته خطري کي منهن ڏيڻ
خطري کي نظرانداز ڪرڻ کان
وڌيڪ بهتر آهي.

صنفي جبر جي نظريي سازي

(گھريلو پورھيو ۽ عورت تي جبر)

(حصو پيو ۽ آخري)

شيرون سمٿ/ سرمد

گھريلو پورھئي جي ڪردار بابت مارڪس جي ڪتاب "سرمائي" ۾ موجود ڪوٽنون:

پنھنجي زندگيءَ جي آخري سالن ۾ ان موضوع تي تمام گھڻي محنت ۽ ڪوجنا ڪرڻ ۽ "نسلياتي دستاويز" جھڙو ڪتاب لکڻ منجھان اھو اندازو لڳائي سگھجي ٿو ته مارڪس مستقبل ۾ صنفي جبر ۽ جوھري خاندان (Nuclear family) تي تفصيل سان لکڻ چاھيو پئي. تنھن ھوندي به اِھو مڃڻ ۾ ڪو عار ناھي ته مارڪس جو ڪتاب "سرمايو" ان ڏس ۾ ڪجھه انتھائي بُنيادي معاملن ۾ ڪُٺي ٿو. "سرمائي" ۾ صنفي جبر بابت تمام مختصر ڳالھه ٿيل آھي جڏھن ته پورھيت خاندان ۾ خاص ڪري ان پورھيت خاندان ۾ عورت طرفان ڪيل گھريلو پورھئي جي

ڪردار تي ڪم ٻنهه نه هجڻ برابر
آهي. ٻئي طرف مارڪس سمورن
طبقن جي مردن ۽ عورتن لاءِ
ٺوس جِنسي تضاد جي بنياد تي،
متضاد جنس سان شادي ۽ فقط
هڪ ئي مرد يا عورت سان شادي
(يڪزوجگيءَ) جهڙن معاملن کي
قانوني طور سماج ۾ نافذ ڪرڻ ۾
پڻ ”سرمائي“ جي ادا ڪيل ڪردار
جو ٺيڪ طرح سان اندازو لڳائي نه
سگهيو. مارڪس جيتوڻيڪ
سرمائيدار طبقي ۾ ان جي مال ۽
دولت جي نسل در نسل حفاظت ۾
واڌ ويجهه لاءِ ”ملڪيت دار“
خاندان جي ادا ٿيندڙ ڪردار کان
چڱيءَ ريت واقف هو. تنهن هوندي
به ان ئي نظام جي اوسر ۾ ادا
ٿيندڙ پورهيت خاندان جي ڪردار
بابت سندس تجزيو مُبهم ۽ ڪنهن
حد تائين متضاد هو. مارڪس هڪ
طرف ته بلڪُل بنيادي ريت
سمجهندو هو ته پورهيتن جي
موجوده نسل جي روزاني جي بُنياد
تي مسلسل استحصال ۽ سندن
نئين نسل جي پالنا ۽ سکيا جي
صورت ۾ پورهيت خاندان طبقاتي
نظام لاءِ نسل در نسل پورهئي جي
سگهه جي افزائش ڪندو رهي ٿو.
پر ٻئي پاسي غلطي سان ئي سهي

پر هو اهو پڻ مڃيندو هو ته پورهيت خاندان ڊهڻ ۽ ختم ٿيڻ جي عمل ۾ آهي. ائين سمجهندي هڪ معنيٰ ۾ هو ان سوال کي اڻ جوابيل ئي ڇڏي ويندو هو ته پورهيت خاندان جي غير موجودگيءَ ۾ سرمائيداري نظام جي جيئدان لاءِ گهربل پورهئي جي سگهه جي افزائش آخر ڪهڙيءَ ريت ممڪن ٿي سگهندي!

مارڪس پنهنجي ڪتاب سرمائي ۾ ڪنهن حد تائين جلدبازي ۾ اهو دليل ڏئي ٿو ته ”سرمائي جي جيئدان ۾ واڌ ويجهه لاءِ پورهيت طبقي جي موجودگي ۾ مسلسل افزائش هڪ لازمي شرط آهي ۽ هميشه رهندي. پر ان شرط جي پورائي جو ذمو سرمائيدار طبقو آسانيءَ سان پورهيت طبقي جي ڪُلهن تي ڦٽو ڪري سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته پورهيت طبقي ۾ پڻ پنهنجي ۽ پنهنجي نسل جي بچاءَ ۽ واڌ ويجهه لاءِ جُهد ڪرڻ جي جبلت موجود آهي“ پر تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي ته ائين ڪڏهن ٿيو ناهي. سرمائيداري نظام کان اڳ واري سماج ۾ موجود خاندان ائين غير محسوس ڪن انداز ۾ پنهنجو”

~~پــاڻ “ڪنهن جبلت جي اثــر هيٺ اوسر ڪري ناهي پهتو. شــروعاتي صنعتي ســماج پــاڻ اهــڙا قــانون مثــان ڪــان ســماج تي مڙهيــا، جن ذريعي هڪ طـــرف تـــه ســـماج ۾ موجود سمورن طبقن لاءِ مخــالف جنس ســان شــادي قــانوني طــور لازمي بڻجي وئي، پـــــــر انهن ئي قــانون جي نــتيجي ۾ عــورت جي قــانوني ۽ سـماجي حيـثيت ڪي پڻ تمام گهٽو چيهو رسيو. مثــال طــور برطانوي سلطنت جي قبضي هيٺ موجود آمـريڪي بينڪيتن ۾ 1769 ڌاري شـــاديءَ بـــابت برطـــانوي رياست جو قانون جـيئن جــو تـيئن لاڳو ڪندي، ان معــاملي ۾ عــورت جي حيثيت ۽ اختيار کي ذري گهٽ ختم ڪيو ويو. ”شاديءَ بعد مرد ۽ عورت قانوني طور هڪ فرد بڻجي وڃن ٿا، مــرد ســان شــادي بعــد عــورت جــا ســمورا قــانوني حــق ايســتائين جــو ســندس وجــود پڻ سندس مڙس ۾ ضم ٿي وڃي ٿو، جنهن جي نگــراني ۾ ڇَــپر ڇــانو ۾ هو پنهنجي بــاقي ســموري زنــدگي گُـــــــــــــــــــــــــــذاري ٿي“.~~

~~مارڪس جي ڪيل ڳالهه جي ابتڙ، ســـرمائيدار طبقي جي ”روايـــتي شـــاديءَ“ جي اداري ســـــان (ان~~

قسم جي) تاريخي جُڙت ٻڌائي ٿي ته اُن جي اطلاق ۾ ان طبقي جو ڪيترو وڏو ۽ اهم ڪردار رهيو آهي. جيئن هڪ برطانوي مارڪسوادي جون سمٿ (John Smith) دليل ڏيندي لکي ٿو ته ”چاڪاڻ ته پورهئي جي سگهه کي ڏهاڙيءَ تي ڪپائيندڙ آزاد پورهيتن جو طبقو سرمائيداريءَ جي وجود لاءِ هڪ لازمي شرط آهي، ان ڪري هر دؤر ۾ سمورا سرمائيدار ان طبقي جي افزائش جي معاملي تي زوري اثر انداز ٿيندا رهيا آهن. سرمائيداري دؤر جي بالڪل ابتدائي ڏينهن کانوٽي ”نجي ملڪيت“ ٻٽيل خاندان ۾ نسلي افزائش جي طريقيڪار کي رياست جي نظرياتي سانچن، ڏاڍ ۽ جبر جي ادارن توڙي رياستي قانونن ذريعي مڪمل طور پنهنجي منشا مطابق هلايو ويو آهي.“

جيئن ته مٿي ذڪر ٿي چُڪو ته مارڪس غلطيءَ سان اهو سمجهندو هو ته پورهيت خاندان ڊهڻ جي عمل ۾ آهي. ڪُجهه معاملن جهڙوڪ اُن دؤر ۾ پورهيت خاندان جي مستقل ۽ مسلسل بنيادن تي تباهه ٿيندڙ حالت ۾ ان سان گڏوگڏ، اُن جي

ئي نتيجي ۾ تبديل ٿيندڙ جنسي
تعلق جي بُنيادتي سندس ائين
سوچڻ سمجهه ۾ اچي ٿو.
برطانوي تاريخ جي اُن دؤر ۾
پورهيتن جا پورا پورا خاندان
ڪارخانن ۾ مزدوري ڪندا هُئا،
جنهن سبب سندن خانداني زندگي
زري گهٽ ناممڪن بڻجي وئي
هُئي. ايستائين جو پورهيت
خاندانن سان تعلق رکندڙ ڪوڙ
سارا معصوم ۾ اُبهم پار بالغ ٿيڻ
کان اڳ ئي ڪارخانن ۾ ڪم
ڪندي ڪندي مري کپي ويندا هُئا.
تنهن هوندي به مارڪس جي دؤر
۾ پڻ سرمائيدار طبقو پورهيت
خاندان کي بچائڻ ۾ ويتر وڌيڪ
مضبوط بنائڻ ۾ سرگردان هو،
چاڪاڻ ته پورهيت خاندان جي
ڏينهن به ڏينهن ابتر ٿيندڙ حالت
خود سرمائيدار طبقي جي پنهنجي
واڌ ويجهه ۾ افزائش لاءِ خطرو
بڻجي رهي هُئي ۾ جنهن منجهان
ڪنهن سماجي ڪايا پلٽ جا
سگهارا امڪان پڻ پئدا ٿي رهيا
هُئا جيڪي سرمائيدار لاءِ تمام
خطرناڪ هُئا. سرمائيدارن پنهنجن
ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ مرد
پورهيتن جي اُجوري ۾ "فيملي
ويج" يا "خاندان جي اُجوري" جي

نالي ۾ واڌ ڪري ڪنهن حد تائين
اهو ممڪن بڻايو ته پورهيت
خاندان جون عورتون گهر ۾ رهي
سگهن ۾ پنهنجي خاندان جي
سارسنڀال ۾ افزائش جي
ذميواري نڀائي سگهن جڏهن ته
ساڳئي وقت برطانوي سرڪار
نه صرف هڪ پاسي شاديءَ جا
قانون جوڙي ۾ لاڳو ڪري
پورهيتن کي نيوڪليئر فيملي
جوڙي رهڻ جي ترغيب ڏيڻ لڳي
پر ٻئي پاسي خاندان حوالي ٿيل
پورهيتن جي نئين نسل کي ڪنهن
قدر بنيادي سهولتن ۾ تربيت
جهڙوڪ مفت ۾ لازمي تعليم ڏيڻ
جهڙيون ذميواريون پڻ رياست
حوالي ڪرڻ جو سلسلو شروع
ٿي ويو.

پورهيت خاندان جيتوڻيڪ مارڪس
جي دؤر کان هن وقت تائين ڪوڙ
سارين معنائن ۾ تبديل ٿيو آهي.
تنهن هوندي به هڪ اداري جي
صورت ۾ سماج منجهان سندس
خاتمو هن وقت تائين ڪٿي به
عمل ۾ نه آيو. 1960 ڌاري
شروع ٿيندڙ عورتن جي آزادي
واري تحريڪ ان خيال کي ڏاڍي
ڪاميابيءَ سان چيلنج ڪيو ته
صرف شادي ۾ ٻار ڄڻ ۾ سندن

پالنــا ئي عــورت جي زندگيءَ جــا
ڪُلي مقصد آهن. ان سان گڏوگـڏ
اُجوريدار پورهين جهڙوڪ نوڪرين
وغـيره عـورتن جي مسلســل
مستقل بنيادن تي وڌندڙ شـموليت
روايتي خاندان جي جُڙت حيرت
انگـــيز تبـــديليون آنـــديون آهن.

موجـــــــــوده دؤر (گهٽ گهٽ
يورپ) تمام ٿوريون عورتــون ئي
اهڙيــون هونــديون جيڪي شــاديءَ
بعـــد پنهنجي نـــالي ســـان پنهنجي
مـــڙس جـــو نـــالو پڻ جوڙينـــديون
هونــــــــديون. اهــــــــڙيءَ ريت
همجنسپرســتن جي جنســي تعلق
لاءِ آزاديءَ وارين تحريڪن (LGBT
Movements) جي مــدد ســان اڄ
دُنيا همجنسپرستن جا اهڙا تمــام
گهڻا جــوڙا موجــود آهن جيڪي ٻــار
پالين ٿا خاندان جوڙيندي خاندان
اندر جنسي بنيادن تي جُڙيل سخت
عقيـــدن کي ڊاهي پَٽ ڪن ٿـــا.
طلاق جي شرح واڌ ماءُ يــا پيءُ
منجهـــــــــــــــان ڪنهن هڪ جي
سرپرستيءَ هلندڙ خانـدانن پڻ
اضــافو آنــدو آهي جيتــوڻيڪ اهــڙن
خانــدانن کي گهــڻي ڀــاڱي عورتــون
ئي هلائينــديون آهن (چاڪــاڻ تــه
طلاق بعد ٻار گهــڻي ڀــاڱي مــاءُ جي
ئي ذميــواري ســمجهيا وڃن ٿــا.)

اهڙا خاندان اڪثر ڪري غربت ۾ افلاس منجهه زندگي گذارين ٿا. جيئن ته عورتن جو گهٽو تعداد روز بروز گهر کان ٻاهر پيشيوراڻين نوڪرين ۾ اچي رهيو آهي ته نتيجي طور عورتن منجهه پار گهٽ ڇڙ ۾ اهي پڻ نندي عمر ۾ نه ڇڙ جو رواج عام ٿي رهيو آهي. ماضيءَ جي پيٽ ۾ هاٽي گهريلو پورهئي جو وزن عورت جي ڪُلهن تان گهٽجندي نظر اچي رهيو آهي. جيتوٽيڪ گهر جي رواجي ڪمن ڪارن لاءِ جُڙيل جديد مشيني اوزارن جو ان ۾ تمام وڏو ڪردار آهي. تنهن هوندي به عورت جي گهر کان ٻاهر نوڪرين ۾ وڌندڙ شموليت سبب گهريلو ڪمن ڪارن جهڙوڪ رڌ بچاءُ ۾ صفائي سُٿرائي جي ماضيءَ وارن سخت معيارن ۾ پڻ تمام گهٽي لچڪ نظر اچي رهي آهي. مثال طور عورتن جي گهر کان ٻاهر مصروفيتن سبب گهر اندر رڌ پچاءُ جو رواج ڪمزور ٿيو آهي ۾ ڪاڌو ٻاهران گُهرائڻ يا فاسٽ فوڊ (Fast Food) جو رواج وڌي رهيو آهي.

تنهن هوندي به، مٿي ذڪر ڪيل سمورن سُڌارن ۾ تبديلين باوجود پورهيت خاندان جو سرمائيداري

نظـــام انـــدر ســـاڳيوئي ڪـم آهي
يعـــني پورهـــئي جي ســـگهه جي
افـــزائش ڪـــرڻ، عـــام طـــور اهـــا
خاندان ۾ موجود وڏي ۾ وڏي فـــرد
(مـــــرد تـــــوڻي عـــــورت) جي ئي
ذميواري هوندي آهي ته هو خاندان
جي سمورين ضرورتن جـو پورائـو
ڪن، پوءِ پلي اهـو خانـدان مـرد ۾
عورت منجهان ڪوئي هڪ يـا ٻـئي
گـڏيل طـور هلائينـدا هُجن يـا ڪين
ڪو مناسب روزگار ميَسر هجي يا
نه! خاندان جون روزاني جي بنيـاد
تي موجود ذميواريون اڄ سوڌو پڻ
رڌ پچـــاءُ، ڪـــپڙو لتـــو، صـــفائي
سُترائيءَ ۾ خاندان جي سار سنڀال
ئي آهن جيڪي پڻ اڄ تـائين گهـٽي
پـاڳي عـورت جي ئي ذميـواريون ۾
شمار ٿين ٿيون ۾ سندس ئي مٿي
جـــــو سُـــــور آهن. ان سوال کي
سمجهڻ تـه ائين چـو تـو ٿـئي، نـه
صرف نظرياتي طـور صـنفي جـبر
جي ڪارڻ کي سـمجهڻ ۾ مـددي
ٿيندو، بلڪه اهو پڻ سمجهائيندو ته
ان ســـان عـــورت جي مجمـــوعي
سماجي حيثيت تي ڪهڙا اثـر پـون
ٿـــــــــــــــــــا.

مـــــــــــــــارڪس جي ڪپت)
Consumption(جي تصـــور

سان گهريلو پورهئي جي جُڙت:

جيتوڻيڪ مارڪسي معاشيات جي اصولن آهر جانچبو ته عورت جو گهريلو پورهيو (جنهن جو ڪيس ڪوئي اُجورو ڪونه ٿو ملي) ڪو اضافي قدر پئدا ڪندي نظر نه ايندو، تنهن هوندي به عورت جو اهو پورهيو هن سرمائيداري نظام جي جيئدان لاءِ انتهائي بنيادي حيثيت رکي ٿو. حقيقت ۾ سرمائيدار طبقي جو حڪمران نظريو اهوئي پرچاري ٿو ته عورت جو بنيادي ڪارج ئي نئين نسل کي جنمڻ ۾ ان جي پالنا ڪرڻ آهي. چاڪاڻ ته عورت اندر فطري طور ”پالنا ڪرڻ“ جي جبلت موجود آهي جيڪا ڪيس پنهنجي مڙس، ٻارن ٻچن ۾ خاندان جي سارسنڀال لاءِ سيني ڪان وڌيڪ موزون ۾ مناسب فرد بڻائي ٿي، اهو نظريو پنهنجي آخري نتيجي ۾ عورت کي گهر اندر ”ڪمائي ايندڙ“ مرد جي مڪمل تابع بڻائي ٿو. ان نظرئي جا نقصان رڳو خانداني زندگي تائين محدود نه ٿا رهن، بلڪه سمورن طبقن جي سمورين عورتن جي زندگيءَ تي اثرانداز ٿين ٿا. سرمائيداري سماج

۾ رائج روايتي اخلاقي ضابطو
عورتن جي جسم ۾ سندن ٻار
ڄڻ جي سگهه کي ڪائنئ ڪسي
ٻاهر ڪنهن (مرد) جي مالڪيءَ ۾
فيصلي جي تابع بڻائي ڇڏي ٿو.
حقيقت اها آهي ته عورتن جي
حمل روڪڻ يا ٻار ڪيرائڻ خلاف
موجود سماجي ۾ قانوني
بندشون، اصل ۾ عورت کي
پنهنجي ٻار ڄڻ واري اهليت بابت
پاڻ فيصلي ڪرڻ ڪان روڪڻ جو
ئي سِٽاءُ آهن. صحت ڪاتي سان
لاڳاپيل اهڙيون سرڪاري
پاليسيون جيڪي مجموعي طور
عورتن جي ٻار ڪيرائڻ جي
سهولتن لاءِ ته پئسا خرچ ڪرڻ
ڪان انڪاري هُجن، پر غريب
عورتن جي جنسي نس بنديءَ لاءِ
خوشيءَ سان رقمون ڏين. سي
حقيقتن ۾ نسل پرستيءَ ۾ جنسي
متڀيد جي ميلاپ جو مڪروهه
اظهار آهن. چاڪاڻ ته اهي غريب
۾ سياهه فارم (Black) عورتن
جي پنهنجي مرضيءَ مطابق ٻار
ڄڻ جي حق کي غضب ڪندي
بحرحال عورت جي افزائشي
سگهه تي سندس مرضي ۾ اختيار
جو انڪار ئي آهن.

1970 واري گهريلو پورهئي بابت

~~ٿيل بحث ۾ شامل نظريئدانن، صنفي جبر جي بنياد، عورت جي گهر اندر ٿيندڙ بنا اجوري پورهئي جي مجموعي سرمائيداري نظام لاءِ جُڙندڙ ڪردار کي سمجهڻ لاءِ ان ڏس ۾ موجود مارڪسي نظرئي کي ڦلورڻ شروع ڪيو. ڇاڪاڻ ته مارڪس پنهنجي لکڻين ۾ ان معاملي سان ڪو گهٽو انصاف نه ڪري سگهيو هو. تنهن ڪري اهي ماڻهو جيڪي ان بحث ۾ پنهنجو پورهيو ارپي رهيا هئا. سي محض ان معاملي ۾ مارڪسي نظرئي کي واضح ڪرڻ بجاءِ ان ڏس ۾ اڻ ڇُهيل نظرياتي پاسن ڏانهن ڪيس اؤسر پڻ ڏياري رهيا هئا. ان سان گڏوگڏ اهو سمجهڻ پڻ ضروري آهي جنهن ڏانهن وجيل پڻ اشارو ڪري ٿي ته "ان ڏس ۾ صحيح ۽ ڪارآمد سمجهه جا بُنياد "سرمائي" ۾ مارڪس پاران پيش ڪيل سماجي افزائش جي نظرئي اندر ئي ڏَڪيل آهن."~~

~~اهڙو ئي هڪ بنياد مرڪس جي "ڪپت" جي اُن تصور ۾ موجود آهي جنهن ذريعي مارڪس پورهيت جي "پئداواري ڪپت" ۽ "فردي ڪپت" سندس فرق سمجهائي ٿو. جيتوڻيڪ ڪپت جا~~

اهي ٻئي قسم ڦرلٽ جي هن
نظام کي جاري رکڻ لاءِ هڪ
جيترائي بنيادي آهن تنهن هوندي به
ٻنهي جا نظرياتي سانچا هڪ ٻئي
کان مختلف آهن جيئن مارڪس
چئي ٿو ته پورهيت کپت ٻن
طريقن سان کري ٿو. هو جڏهن
پئداوار جي عمل ۾ هجي ٿو ته هو
پئداوار جي ذريعن کي استعمال
کندي پنهنجي پورهئي جي مدد
سان منجهن اهڙيون شيون ٺاهي
ٿو جن جو قدر شيءِ ٺهڻ جي
عمل ۾ استعمال ٿيل سرمائي جي
قدر کان وڌيڪ هجي ٿو. (يعني
واڌو قدر پئدا ٿئي ٿو). پورهيت جي
اهڙي کپت پئداواري کپت آهي اتي
ساڳئي ئي وقت سندس پورهئي
جي کپت پڻ ٿئي ٿي جيکو کانئس
هڪ سرمائيدار کجهه اجوري
عيوض خريد کري ٿو. جڏهن ته
ٻئي پاسي اهو ساڳيو ئي پورهيت
پنهنجي پورهئي جي سگهه کپائڻ
عيوض کيس مليل پئسن منجهان
پنهنجي جيئدان لاءِ لازمي شيون
خريد کرڻ ۾ پڻ استعمال کري
ٿو. اها سندس فردي کپت آهي. ان
کري هڪ پورهيت جي پئداواري
کپت ۾ سندس فردي کپت هڪ
ٻئي کان بالکل مختلف آهن.

~~پهرئين قسم جي کيپٽ □ پورهيت سرمائي جي چرخيءَ کي ڦيرائندي رهڻ لاءِ هڪ بُنيادي طاقت مُهيا ڪري ٿو جنهن عمل □ سندس واسطو سرمائدار سان هُجي ٿو. جڏهن ته ٻئي قسم جي کيپٽ □ هُن جو واسطو سڌي ريت پنهنجو پاڻ سان هُجي ٿو □ هو پئداوار جي عمل کان ٻاهر پنهنجي جيئري رهڻ لاءِ ڪي تمام ضروري □ بنيادي ڪم ڪري ٿو. پهرئين يعني پيداواري کيپٽ جي نتيجي طور سرمائيدار کي جيئندان ملي ٿو □ ٻي يعني فردي کيپٽ جي نتيجي □ پورهيت جي پنهنجي زندگي بچي ٿي.~~

~~مارڪس اهو ٻڌائي ٿو ته پورهيت جي فردي کيپٽ □ شمار ٿيندڙ □ سندس گُذر سفر جي وسيلن □ سندس ٻار ٻچن جو گذر سفر پڻ شامل هجي ٿو، چاڪاڻ ته سمورا پورهيت فاني آهن ڪين هڪ ڏينهن مرڻو آهي □ سندن جاءِ پورهيتن جي نئين نسل کي والارڻي آهي. "انڪري پورهئي جي سگهه جي پئداوار لاءِ ضروري گذر سفر جي وسيلن □ ڪنهن پورهيت جي "جاءِ ولارينڊڙ" يعني سندس ٻار ٻچن جي گذر سفر لاءِ ضروري~~

وسيلا پڙ شامل هُجن ٿا. ان لاءِ ته
ڪپت جي هڪ خـــــــاص جنس
(پورهـئي جي سـگهه) ڙڪندڙ اهـو
مخصوص نسل هميشه منـديءَ ۾
موجـــــــــــــــــــــــود رهي“.

لـــيزي وجيـــل مـــارڪس جي ان
فردي ڪپت جي تصـور ۾ ”گهريلـو
پورهـئي“ جي ڪُتــل عنصــر بـابت
ڏاڍي بنيادي ڳالهـه ڪــري ٿي. هــو
چـئي ٿي تــه ”مــارڪس مطــابق
فردي ڪپت تـڏهن تـئي ٿي جـڏهن
پـــورهيت ڪيس مليــل اُجـــوري کي
گُـذر سـفر جي وسـيلن ۾ تبـديل
ڪـري تـو. پـر مـارڪس ان فـردي
ڪپت جي عمـل ۾ اسـتعمال ٿينـڌڙ
پورهئي بـابت تمـام گهت ڳالهـائي
تو. اتي ئي معاشي سرگرمين جــو
اهــو بنيــادي سلسـلو موجــود آهي
جيڪـــو جيتـــوڻيڪ ســـرمائيداراڻي
پئــداوار لاءِ تمــام گهڻــو ضـــروري
آهي، تنهن هونـددي بــه مــارڪس
جي ڪَم ۾ موجـــــود نـــــه آهي.“

پورهيت جي گُذر سفر ۾ استعمال
ٿينـدڙ شـيون محـظ ڪـي اهڙيـون
جنسـون نـاهن جيڪـي هـو اُجـوري
عيوض خريد ڪـري ۾ سـڌيءَ ريت
استعمال ڪـري سگهي. بلڪه اهي
اهڙيـون شـيون هونـديون آهن جن
کي ”اســتعمال لائـــق“ بنــائڻ لاءِ

گھريلو پورهيو گھربل هوندو آهي. مثال طور ڪپڙا لتا ۽ ٿانو ٿپا ڌوئڻ ۽ صاف ڪرڻ، گھر جا ٻيا ڪم ڪار ڪرڻ ۽ اهي سمورا ڪم جيڪي ٻارن جي پالنا ۽ پرورش ۾ شامل هُجن ٿا. انهن سمورن ڪمن لاءِ گھريلو پورهيو لازمي هوندو آهي ۽ ان پورهئي کان سواءِ پورهيت جي فردي ڪپت ناممڪن آهي.

جيتوڻيڪ مٿي ذڪر ڪيل اهي سمورا ڪم پورهيتن جي فردي ڪپت جي عمل لاءِ ئي ٿين ٿا. تنهن هوندي پورهئي جي سگهه جي لڳاتار ۽ مستقل بنيادن تي پيدائش ۽ افزائش ۾ ان پورهئي جو مرڪزي ڪردار هُجي ٿو. اهو گھريلو پورهيو نه صرف روزاني جي بنياد تي پورهيتن جي هڪ پوري نسل کي هر نئين ڏينهن پورهيو ڪري سگھڻ لاءِ تيار ڪري ٿو پر ساڳئي وقت پورهيتن جي هڪ نئين نسل کي پڻ مسلسل تيار ڪندو رهي ٿو جيڪا پنهنجي مستقبل ۾ پنهنجن وڏن جي جاءِ والاري مارڪيٽ ۾ پورهئي جو سگهه جي کوٽ جو پوراءُ ڪري سگھي. جڏهن انهن ڪمن ۽ ذميوارين جي ادائيگي کي

كنهن مخصوص خاندان مان
كيدي پوري سماجي تاجي پيتي ۾
سمجهبو ته خبر پوندي ته اهو
گهريلو پورهيو مارڪس پاران
واضح كيل اُن پوري سماجي
افزائش (Social
Reproduction) جي عمل جو
حصو آهي جيكو سرمائيداري
سماج ۾ رائج سماجي تعلقن كي
مستقل بنيادن تي جنميندو رهي
تو.

گهريلو پورهيو ۽ سماجي افزائش:

مارڪس جي سماجي افزائش جي
تصور اندر ئي سماجي افزائش
كي ممكن بنائڻ لاءِ گهريلو
پورهئي جي گُهربل كردار جو
بُنيادي خاكو موجود آهي، جنهن
كي وڌائڻ ۾ سُڌارڻ جي ضرورت
آهي. جيئن مارڪس پنهنجي كتاب
"سرمائي" جي پهرين جلد ۾ دليل
ڏئي ٿو ته "سرمائيداري پيداوار
منجهان نه ته صرف جنسون پئدا
ٿين ٿيون ۽ نه ئي صرف وڌاو قدر،
بلكه اها سرمائيداري پئداوار انهن
سرمائيداري رشتن كي پڻ جنمي
۾ ورو ورو پئدا كري ٿي. جن ۾

هڪ طرف سرمائيدار طبقو هُجي
تو □ پئي پاسي پورهيت طبقو.“
هو فردي سرمائي (ڪنهن هڪ
سرمائيدار جي ملڪيت) □
سماجي سرمائي (يعني) سماج اندر
سمورن فردي سرماين جي جوڙ)
□ موجود فرق کي پڻ سمجهائي
ٿو.

مارڪس جي ”سماجي افزائش“
جي اصطلاح مان مُراد اُهي
سمورا ذريعا آهن جن ذريعي مٿي
ذڪر ڪيل ”سماجي سرمايو“
ورو ورو پئدا ٿيندو رهي ٿو. ان □
پئداوار جي ذريعن جي توس □
مادي شڪلين جهڙوڪ پئداوار جي
اوزارن جيئن مشينون وغيره □
خود ”پورهيت طبقي، جي
افزائش پڻ اچي وڃي ٿي. جيئن
مارڪس ”سرمائي“ جي ٻئي جلد
□ ان ڳالهه جي وضاحت ڪندي
لکي ٿو ته ” جيڪڏهن پاڻ ڪنهن
هڪ سال □ جُزي راس تيل يا تيار
تيل جنس جي پئداوار جو
مجموعي جائزو وٺون ته پاڻ
آسانيءَ سان اهو سمجهي
وينداسين ته سماجي سرمائي
جي افزائش جو عمل ڪيئن ٿئي
ٿو، منجهس ڪهڙيون خاصيتون
آهن جيڪي ڪيس فردي سرمائي

ڪـــان الـــڳ ڪن ٿيـــون ۾ اهي
ڪـهڙيـــون خاصـــيتون آهن جيڪي
سرمائي جي انهن ٻنهي قسمن ۾
هڪ جهڙيون آهن. ساليانِي پئداوار
۾ سماجي پئداوار جا اُهي حصا بـه
شـــامل هُجن تـــا جيڪي پـــراڻي
سـرمائي جي جـاءِولارين تـا يعـني
سماجي افزائش جو عمل. جـڏهن
تـه بـئي پاسـي سـرمائدارن تـوڻي
پـــورهيتن هٿـــان اســـتعمال ٿينـــدڙ
يعـني پئـداواري تـوڻي فـردي کپت
لاءِ اسـتعمال ٿينـدڙ پئـداوار پڻ ان
ئي سـالياني سـماجي پئـداوار جـو
حصـــو هُجي ٿي. ان ۾ ســـرمائيدار
طبقي سميت پـورهيت طبقي جي
افـزائش يعـني پئـداوار جي پـوري
عمل جي سرمائيداراڻي هيئت جي
افـــزائش پڻ شـــامل هُجي ٿي.“

وجيـــل ان ڳالهـــه کي کجهـــه هن
انـداز ۾ سـمجهائي ٿي تـه ”اهـڙو
عمـل جيڪـو پورهـئي جي سـگهه
رکنـــدڙ پـــورهيتن جي روزاني جي
ضـــرورتن جـــو پـــوراءُ ڪـــري. اهـــو
بالڪـــــل ان عمـــــل جيـــــان ئي
مجمـــوعي ســـماجي افـــزائش لاءِ
هڪ بُنيـــادي شـــرط آهي جنهن ۾
پـــورهيتن جي هڪ نسـل جي جـاءِ
ســـندن نـــئين نســـل والاري ٿي.
پورهـــئي جي ســـگهه جي نئين

روزاني جي بنياد تي سار سنڀال ۾
پالنا ڪرڻ ٽوٽي هڪ عرصي بعد
ڪيس نئين تيار تيل پورهئي سان
مثائڻ جا اهي پئي عمل ”پورهئي
جي سگهه جي افزائش جي
اصطلاح ۾ اچي وڃن ٿا.“

جيتوڻيڪ عورت پنهنجي گهريلو
پورهئي ذريعي سماجي افزائش
جي پوري عمل ۾ پنهنجو بنيادي
ڪردار ادا ڪندي رهي آهي، تنهن
هوندي به جديد دؤر جو سرمايو ٿو
ڪان ٿو عورتن کي چڪي پئداوار
جي عمل ۾ هڪ اجوري دار
پورهيت جي صورت ۾ آڻي رهيو
آهي. جنهن سان لازمي طور
سنڌن گهريلو پورهئي جي حجم ۾
ڪنهن قدر گهٽتائي اچي رهي
آهي. اها ڳالهه پڪ سان چئي
سگهجي ٿي ته پورهيت طبقي
سان تعلق رکندڙ عورتن ۾ خاص
ڪري چمڙيءَ جي رنگ جي بنياد
تي سماجي طور نيچ سمجهي
ويندڙ خاندان سان تعلق رکندڙ
عورتن جي زندگي ۾ ضرورت پوڻ
تي گهر کان ٻاهر اجوري تي
مزدوري ڪرڻ جو عمل تاريخي
طور مستقل بنيادن تي موجود
رهيو آهي.

پر 1970 کان ويندي هيئنر تائين

شادي شده عورتن جو هر روز وڌندڙ هڪ وڏو تعداد (جن ۾ هاڻي اهڙين عورتن جو پڻ تمام وڏو تعداد شامل آهي جن جا ٻار اڃا ننڍا آهن) مختلف نوڪرين ۾ اچي رهيو آهي اڪثر شادي شده عورتون گهريلو ذميوارين سبب گهٽ ۾ مخصوص وقت واريون (Part Time Jobs) نوڪريون ڪنديون آهن ۾ ٻار چڙهڻ واري ڪجهه عرصي ۾ نوڪريون ڇڏي پڻ ڏينديون آهن. پر پلي مرد پورهيتن جي ڀيٽ ۾ عورتون ڪٽي گهٽ وقتي يا مخصوص نوڪريون ئي ڪنديون هجن يا منجهن ڪي عورتون ڪنهن به سبب ڪري انهن ڪمن منجهان نڪرنديون به هُجن، تنهن هوندي به اڄ مجموعي طور سماج ۾ پورهيو ڪندڙ ((Workforce جو هڪ وڏو مستقل حصو عورتن تي مشتمل آهي. سرمائيداري هاڻي ڪجهه خاص عورتاڻن ڌنڌن ۾ ئي سهي پر عورتن جي هڪ مستقل ۾ گهٽ اُجوري واري ميدان ۾ ڪم ڪندڙ حصي تي پاڙڻ شروع ڪيو آهي.

پُنئين پوري صديءَ ۾ عورتن جي روزاني جي بنياد تي وڌندڙ گهر کان ٻاهر روزگار حاصل ڪرڻ

واري شرح سبب سراسري طور
سندن گهريلو پورهئي ۾ خرچ
ٿيندڙ وقت ۾ پڻ گهٽتائي ايندي
رهي آهي. جيئن وجيل پڻ ٻڌائي
ٿي ته ”ويهين صديءَ جي
شروعات تائين ئي عورتن جو ڏر
بچاءُ ۾ استعمال ٿيندڙ وقت
ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ گهٽجي چُڪو
هو ۾ هاٿي ڪپڙا لٽا ڌوئڻ پڻ ايترو
ٽڪائيندڙ ۾ وقت وٺندڙ ڪم نه
رهيو هو (چاڪاڻ ته سرمائيداري
انهن ڪمن لاءِ روز بروز نيا اوزار
منڊيءَ ۾ آڻي رهي هُئي) ايستائين
جو ٻارن جي تعليم ۾ تربيت جو
ڪم (جيڪو ماضيءَ ۾ گهٽي ڀاڳي
ماءُ جي ئي ذميواري هوندو هو)
هاٽي گهٽي ڀاڳي اسڪول ڪرڻ
لڳا هُئا. ويجهي ماضيءَ ۾ ڪاڏي
کي ڇمائيندڙ يا جلد گرم ڪندڙ
بجليءَ تي هلندڙ مشينن (جهڙوڪ
فرج يا مائيڪرو ويو اوون وغيره)
ٽوٽي صفائي سترائي لاءِ استعمال
ٿيندڙ مشينن سميت ٻارن جي
سارسنڀال لاءِ شروع ٿيندڙ نرسري
۾ ڪنڊرگارٽن اسڪولن جي اچي
وڃڻ سبب عورتن تي گهر جي
ڪم ڪار جو وزن اجا وڌيڪ
گهٽجي ويو آهي“.

مٿي ذڪر ڪيل سمورين سهولتن

باوجود عورت جو پورهئي جي
سگهه جي افزائش ۾ موجود
ڪردار هڪ حد تائين ئي گهٽجي
سگهيو آهي. سرمائيداري خود
گهر اندر عورت جي بنا اجوري
جي ٿيندڙ پورهئي تي پاڙڻ لڳي
آهي. ڪو هڪڙو سرمائيداري
سماج پنهنجو پاڻ پورهيت خاندان
جي ڪردار کي تيستائين ختم
ڪري ئي نه ٿو سگهي جيستائين
سڀ سماج ائين نه ڪن ڇاڪاڻ
ته مختلف سماجن جو سرمايو
هڪ ٻئي سان ڇتا پيٽي جي عمل
۾ سرگردان آهي. جيئن سمٿ
هڪ هنڌ ذڪر ڪيو آهي ته
”جاپاني سرمائيدار يا جاپان جي
رياست مُلڪ ۾ ٻارن جي پالنا ۽
تربيت جا سرڪاري يا غير
سرڪاري ادارا کوليندي ۽ اُنهن
ذريعي خاندان جي اداري جو
خاتمو اوستائين نه ٿو ڪري
سگهي جيستائين هو ان حقيقت
کي مڃي وٺي ته ان عمل سان
جاپان ۾ پورهئي جي سگهه جي
افزائش جو عمل ساٽس مقابلي
۾ بيٺل سرمائيدار رياستن جي
پيٽ ۾ وڌيڪ مهانگو يا وڌيڪ
سُست بڻجي ويندو.“

اها حقيقت ته پورهئي جي سگهه

جي افــــزائش لاءِ موجـــــود ٻين طريقن جي پيٽ ۾ رت جي رشتن تي ٻــڌل خانــدان وارو طريقــو ان کم لاءِ ذري گهٽ ســــــــــموزن سرمائيداري سماجن ۾ وڌ کان وڌ استعمال ٿئي ٿــو. ان ڳالهــه ڏانهن اشــارو آهي تــه اهــو طريقــو نــه صرف پـورهيت طبقي لاءِ مـوزون آهي بلڪه ان منجهـان سـرمائيدار طبقو پڻ تمام گهڻـو فائـدو حاصـل ڪري ٿو. پلي ماضــيءَ جي پيٽ ۾ اڄ خاندان ڪوڙ سـارن پاسـن کـان تبديل ٿي چڪو هجي، پـر سـماجي افــزائش جي مجمــوعي عمــل ۾ ســـندس ڪـــردار اڄ پڻ اهـــوئي ســـاڳيو آهي. ســـمورا پـــورهيت خاندان، ايستائين جــو مــاءُ يــا پيءُ منجهـــــــــــــــان ڪنهن هڪ جي موجـودگيءَ وارا، يـا پـوءِ همجنس پرســـت جـوڙن طرفــان جوڙيــل خاندان پڻ جيڪڏهن ٻار ڪرن ٿــا ۽ سندن پالنا ۽ تربيت ڪن ٿا ته پـوءِ اهي سڀ اڄ بـه سـرمائيداريءَ لاءِ ضــروري پورهــيي جي ســگهه جي افــزائش جــوئي ڪـم ڪــري رهيــا آهن.

پــورهيت خانــدان: عــورت تي ٿيندڙ جــبر جي هــر قســم جــو

بُنيـــــــــــــــــــــــاد:

پورهـئي جي سـگهه جي افـزائش لاءِ ســـرمائيداري جي پـــورهيت خاندان تي انحصار کي سـمجهندي به، اها هڪ حقيقت آهي ته اجوري دار پورهيــا/ ڪم ڪنـــدڙ عـــورتن سـميت تمـام عـورتن تـان حمـل توڙي ٻــــار جي پئـــدائش واري عرصـــي ۾ گهريلـــو پورهـــئي ۾ خانـدان انـدر مٿن پيـل ذميـوارين منجهه گهٽتـائي ڪنهن قـدر لازمي بڻجي وڃي ٿي. پورهئي جي سگهه جي افزائش جي ان خاص پهلو تي ڪم ڪندي ئي وجيل ان لائق بـڻي تـه هـو گهريلـو پورهـئي جي تمـام ذميـــوارين جي مـــرد ۾ عـــورت منجهـان ڪنهن هڪ تي پـوڙ بجـاءِ صـرف ۾ صـرف عـورت تي پـوڙ پُنيـان ڪم ڪنـدڙ بنيـادي مُحـرڪ ٻـــــــــولهي ســـــــــــگهي.

حقيقت اها آهي ته مـرد ۾ عـورت منجهـان ڪوبـه گهريلـو پورهـئي جون اهي تمام ذميواريـون نهـايت ئي سهڻي نموني نيائي سگهي ٿـو. پـر ٻـار ڄڻ جي اهليت صـرف ۾ صــرف عـــورت جي ئي خاصـــيت آهي. پورهــــئي جي ســـگهه جي افزائش جي ذميـواري گهـٽ ٿـٽي پورهيت خاندان تي ئي پئي ٿي. پر

اهو سمجهڻ پڻ ضروري آهي ته
ٻار ڄڻڻ کان ڪجهه عرصو اڳ ۾
پوءِ عورت سان سندس ڪم ۾
ذميوارين ۾ سهڪار ڪرڻ، سندس
سار سنڀال ڪرڻ پڻ پورهئي جي
افزائش جي ان ذميواري جو هڪ
اهم حصو آهي. وڏن ۾ پُراڻا گڏيل
خاندانن ۾ ته اهو ڪم مِٽن مائٽن
جي هڪ وڏي گروهه جي ٻلي
هوندو آهي، پر ننڍن جو هري
خاندانن ۾ ان سموري عرصي
دؤران جنهن ۾ عورتون نه ته گهر
۾ نه ئي ٻاهر ڪوئي پورهيو ڪري
سگهڻ جي اهل هُجن، اهو نئين
ڄمندڙ ٻار جو پيءُ ۾ ان عورت جو
مڙس ئي هوندو آهي جيڪو انهن
ذميوارين جو پورائو ڪندو آهي.

جيئن وجيل دليل ڏئي ٿي ته
”جيتوڻيڪ پورهئي جي سگهه جي
افزائش جي ان عمل ۾ مرد ۾
عورت جي انهن ”مختلف
ڪردارن“ جي عمر صرف ٻار
ڄڻڻ واري ان مخصوص عرصي
تائين ئي هُجڻ گهرجي“، تنهن
هوندي به عورت تي سندس ٻار
ڄڻڻ واري ان خاصيت جي نسبت
سان ڪي مخصوص ذميواريون
مستقل بنيادن تي مڙهجي وڃن
ٿيون. چاڪاڻ ته عورت کان

سندس عمر جي هڪ چڱي حصي
۾ ”پار چڙهڻ“ جو اهو ڪم بار بار
ورتو وڃي ٿو. وڃيل پڌائي ٿي ته
عام“ طور تي مرد ۽ عورت جي
پورهئي جي افزائش جي ان عمل
۾ جڙندڙ ڪردارن جي اها مختلف
۽ قطعي ورچ پدر شاهيءَ سبب
قانوني شڪل اختيار ڪري وڃي
ٿي، جنهن ڪي سماج اندر صنفي
جبر لاءِ جُڙيل ادارا پڻ سگهارو
ڪن ٿا“ سماج اندر صنفي جبر لاءِ
جُڙيل انهن ادارن ۾ شادي، خلاف
۾ پار چڙهڻ جي حق بابت جُڙيل
قانون ذريعي عورت جي حقن تي
راتاها شمار ڪري سگهجن ٿا.

اها حقيقت ته (سخت معاشي
استحصال باوجود به) پورهيت
خاندان جو سماج اندر وجود برقرار
رهندو آيو آهي، ان ڳالهه جو ثبوت
آهي ته پيڙهيل پرتن طرفان
سرمائيداريءَ کي ڪو بنيادي خطرو
پيش نه اچڻ جي صورت ۾
سرمائيداري نظام پورهئي جي
افزائش لاءِ ان ئي طريقي تي زور
ڏيندو آيو آهي چاڪاڻ ته اهو طريقو
(پورهيت خاندان) وٽس ان ڪم لاءِ
سپني کان وڌيڪ آسان ۽ فائديمند
رستو آهي. هتي هي ڳالهه به ذهن
۾ رکڻ کپي ته هن ئي نظام عورت

جي گھريلو پورهئي ۾ مرڪزي
ڪردار ڪي جاري رکندي به ڪيس
ٻاهر اُجوريدار پورهين ۾ شامل
ڪرڻ جو رستو پڻ ڳولهي ورتو
آهي. ان ڪري وجيل دليل ڏئي ٿي
ته ”توٽي جو پورهيت خاندان جون
عورتون پنهنجن مردن سان گڏ ٻاهر
مزدوريون/نوڪريون به ڪنديون
هُجن، تنهن هوندي به پورهئي جي
سگهه جي افزائش جي عمل ۾
سندن پنهنجن مردن کان قطعي
طور الڳ ۾ بُنيادي ڪردار ئي
سندن ابتر حالت جي پيڙهه جو پتر
آهي“ ساڳئي وقت سمورن طبقن
جي عورتن تي ٺيندڙ صنفي جبر پڻ
پورهيت خاندان اندر گھريلو پورهئي
جي مڪمل ذميواري عورتن جي
ڪُلهن تي جيئن جو تيئن برقرار
رهڻ سبب ئي جنم وٺي ٿو. وجيل
چئي ٿي ته ”سرمائيداري سماج
۾ اها اڻ برابري، صنفي جبر (توٽي
جبر جي پين صورتن) جي هڪ
نمايان خاصيت آهي. توٽي جو
گھريلو پورهئي جي (تڪائيندڙ ۾ غير
فلدائڪ) ذميواري صرف پورهيت
خاندان جي عورت ئي نڀائي ٿي،
تنهن هوندي به (ان سبب)
سرمائيداري سماج ۾ موجود
سمورن طبقن جون عورتن مٿي

ذڪر ڪيل اڻ برابري ۾ پٺتي روي
کي مُنهن ڏين ٿيـــــــــــــــــــون".

ان ڪري جيئن ته پورهيت خاندان
اندر مـرد ۽ عـورت جـو رشـتو اڻ
برابـريءَ تي پـٽل آهي ان ڪـــري
اهـائي حـالت مجمـوعي سـماج ۾
ســمورن مــردن ۽ عـــورتن جي
بــاهمي تعلــق جي پڻ بڻجي وڃي
ٿي. جيئن وجيـل لکي ٿي تـه "هڪ
پاســي ســماجي افـــزائش جي
معاشي پهلـوئن جي حـوالي سـان
پورهيت طبقي جا مرد ۽ عورتــون
الـڳ ۽ اڻ برابـر بڻجي وڃن ٿـا، ۽
ٻــئي پاســي (ســبب) مجمـــوعي
سماج ۾ عـورتن سـان ٻئي درجي
جي جنس وارو ســلوڪ ڪنـــدي
سندس حق ڦريا وڃن ٿـا." سـماج
اندر عـورت جي غلاميءَ جـا جـتي
پيـــا مُحـــرڪ پڻ آهن، اُتي ئي ان
غلامي ۾ اڻ برابـــريءَ ۾ مرڪــزي
ڪردار عـورتن ۽ مـردن جي مـٿي
ذڪـــر ڪيـــل قطعي ۽ اڻ برابـــر
ويچي جـــــــــــــــــــــــو پڻ آهي.

جنسي متيپد سماج ۾ موجـود تمـام
طبقن جي عورتن تي اثر انداز ٿــئي
ٿو، بلڪل ائين ئي جيئن نسلي متيپد
۾ رنگ يا نسل جي بنيـاد تي (ڪنهن
طبقـاتي فـرق ڪـان سـوا) ڪنهن
خاص رنگ يا نسل جي ماڻهن سـان

زيادتي ڪئي ويندي آهي. ان قسم جو خاص جبر طبقن يا طبقاتي تفريق کان ماورا هڪ حقيقت آهي. (آءُ سمجهان ٿي ته) اهوئي سبب آهي جو سرڪار يا ڪاروبار ۽ سپني کان مٿي موجود فردن جو گهٽو ٿو تعداد ”گورن“ ۽ ”مردن“ تي مشتمل هوندو آهي.

ساڳئي وقت توٽي جو سرمائيداري سماج ۾ سموريون عورتون ئي جبر جو شڪار آهن، تنهن هوندي به انهن ئي عورتن ۾ طبقاتي فرق پڻ موجود آهي. جيئن هڪ مارڪسي ناريواد ليکڪ مارٿا جمينيز لکي ٿي ته جيتوٽيڪ تمام طبقن جون سموريون عورتون صنفي جبر کي مُنهن ڏين ٿيون. ان باوجود به مختلف طبقن سان واسطو رکندڙ عورتن ۾ هڪ طبقاتي جهيڙو پڻ موجود هوندو آهي. ان ڪري سندس چوائي عورتن منجهه پڻ جيڪي بنيادي طبقاتي فرق اظهاربو آهي، اهو مختلف طبقن سان واسطو رکندڙ عورتن جي حياتياتي افزائش (ٻار ڄڻ ۽ انهن جي پالنا) واري تجربي ۾ سندن طبقاتي ۾ (ان جي نتيجي ۾ جنم وٺندڙ) سماجي معاشي رُتبي ۾ موجود فرق جوئي

اظهار آهي. نه صرف سرمائيدار طبقي سان پر وچولي طبقي سان واسطو رکندڙ سرنديءَ وارين عورتن پاران پڻ گهريلو ڪم ڪار لاءِ پگهار تي نوڪر يا نوڪرياڻيون رکڻ جو عمل ان حقيقت ڏانهن اشارو آهي ته عورتن تي ٿيندڙ جبرڪا اهڙي شيءَ ناهي جيڪا صرف مرد سندن مٿان ڪندا هُجن۔ پُنين ٿي ڍهاڪن ۾ نوڪرين ۾ ڪاروبار ۾ مٿئين- وچولي طبقي جي عورتن جي وڌي تعداد شموليت پگهار تي گهريلو پورهيو ڪندڙ "گهريلو نوڪرن" جي هڪ پوري پرت کي هڪ لازمي سماجي حقيقت بڻائي ڇڏيو آهي جيڪو گهڻو ٽڙ پورهيت طبقي جي غير تربيت يافته ((Unskilled سطح منجهان اچي ٿو ۾ جنهن ۾ پڻ اڪثريت انهن عورتن جي هجي ٿي جيڪي نسلي يا لساني طور "ڪمتر" قرار ڏنل اقليت سان واسطو رکن ٿيون.

جيتوڻيڪ عورتن منجهه موجود مٿي ذڪر ڪيل انهن سماجي معاشي "رُتبن" يا سطحن جي نوعيت يا سندن تعداد مختلف سماجن ۾ مختلف هوندي آهي، تنهن هوندي به سمورن

سرمائيداري سماج ۾ ”طبقاتي
ويڇو“ بحرحال هڪ ئي جهڙو
هُجي ٿو ۾ ڪنهن سماج اندر
موجود سمورا سماجي گروهه
(نسلي، لساني توٽي علاقائي)
پنهنجي اندر پڻ مختلف طبقن ۾
ورهايل هُجن ٿا.

”عورتن جي آزاديءَ جي انقلابي وات“

متي سمجهايل صنفي جبر جي
متضاد نوعيت کي مارڪسسٽ
ڪُجهه هن انداز ۾ سُلجهائيندا آهن
ته جيتوڻيڪ سرمائيداري سماج ۾
صنفي جبر طبقن کان ماورا هڪ
عمومي حقيقت آهي، تنهن هوندي
به عورتن منجهه پڻ طبقاتي فرق
موجود هوندو آهي. اهو جواب
مارڪسي نظرئي کي ان ڏس ۾
سڌاريندڙ ۾ وڌائيندڙ سماجي
افزائش جي مارڪسي نظرئيدان
جي خيالن جو انتهائي سادو ۾
سولو اظهار آهي.

ان ڳالهه کي ڪجهه هن ريت پڻ
سمجهائي سگهجي ٿو ته عورتن
جي آزديءَ جا مادي بنياد تڏهن ئي
پئدا ٿي سگهندا جڏهن ان سموري
صنفي جبر لاءِ سماجي بنياد جي

حيثيت رکندڙ ۾ پورهئي جي سگهه جي افزائش جي سَستي ۾ سولي طريقي هجڻ سبب سرمائيداري نظام لاءِ ڪرنگهي جي هڏي جو ڪردار ادا ڪندڙ پورهيت خاندان جي ان خاص معاشي ڪارج کي ئي ختم ڪيو ويندو. ان منزل ڏانهن پيشقدمي صرف ان ئي صورت ۾ ممکن ٿي سگهي ٿي جڏهن سرمائيداري نظام جو خاتمو ڪري هڪ اهڙو سوشلسٽ نظام قائم ڪيو وڃي جيڪو عورت جي ڳلي جو ڳٽ بڻيل گهريلو پورهئي کي سماجي ذميواري بڻائيندي کيس ان جبر مان آزاد ڪرائي. جيتوڻيڪ هڪ سوشلسٽ سماج نهڻ سان عورتن کي هڪدم ۾ پنهنجو پاڻ آزادي ملي ڪونه ٿي وڃي، تنهن هوندي به اهو سوشلسٽ سماج ئي آهي جيڪو اهي مادي بنياد فراهم ڪري ٿو، جن جي مدد سان مستقل جدوجهد ذريعي عورتن جي آزاديءَ جو اهو مقصد حاصل ٿي سگهي ٿو.

مٿي ذِڪر ڪيل مارڪسي ناريوادين پنهنجي ان تجزئي کي محض نظرياتي بنيادن تائين ئي محدود نه رکيو بلڪه انهن ان ڏس ۾ سوشلزم لاءِ جدوجهد سان گڏوگڏ عورتن جي حقن ۾ آزاديءَ

لاءِ پڻ ويڙهه جاري رکڻ جي زور شور سان وڪالت ڪئي. انهن اهو سمجهي ورتو هو ته توڙي جو عورتن منجهه پڻ طبقاتي فرق موجود آهي، تنهن هوندي به هڪ اهڙو سماج ۾ (جنهن) عورتن جي مڪمل آزادي پڻ شامل هجي) اڏڻ جو فقط اهوئي رستو آهي ته نه صرف سرمائيداري سماج ۾ پورهيت خاندان جي هڪ خاص معاشي ڪردار جو خاتمو ڪجي بلڪه ان ذريعي خاندان جي اداري ۾ صدين کان جُڙيل عورت جي هڪ مخصوص ڪردار کي پڻ ڊاهي پٽ ڪجي.

سمت ڏاڍي وضاحت سان مجموعي سماج ۾ عورتن تي ٿيندڙ جبر جي مختلف صورتن کي گهر اندر عورتن جي ماتحتاڻي حيثيت سان جوڙي سمجهائي ٿي. هو چوي ٿي ته .طبقاتي سماجن ۾ صنفي جبر کي صرف معاشي دائري ۾ آڻي سمجهائي نه ٿو سگهجي خاندان بابت مارڪسي نقطه نظر سمجهڻ ڪانسواءِ سماج اندر عورت تي ٿيندڙ جبر سمجهه ۾ ئي نه ايندو.“ انگلس جي ئي چيل ڳالهه کي ٻين لفظن ۾ ورجائيندي هو وڌيڪ لکي ٿي ته ”حقيقت ۾ اهو

خانداني نظام ئي آهي جيڪو نه صرف صنفي جبر کي جنمي ٿو پر فحاشي (Pornography)، عصمت فروشي (Prostitution) ٽوٽي ڪنوارپ يا جنسي پاڪيزگي (Virginity) جهڙن عورت دشمن تصورن کي پئدا ڪري ٿو ۽ عملي صورت ڏئي ٿو.“

مارٿا جمينيز پڻ ڪجهه اهڙي ئي نتيجي تي پهچندي لکي ٿي ته ”سرمائيداري دؤر ۾ زندگي (ٻار) جي جسماني ۽ سماجي افزائش (جنم، پالنا ۽ پرورش) جي ذاتي يا فردي عمل ۾ ئي مرد ۽ عورت جي هڪٻئي سان تعلق جا مادي بنياد جُڙن ٿا، جڏهن ته اُنهن جو سياسي، قانوني ۽ نظرياتي اظهار شادي ٽوٽي وراثت جي قانونن ۽ جوهري خاندان جي تصور ۾ ٿئي ٿو، جنهن کي سماج يا رياست جو بنيادي ايڪو پڻ سمجهيو ۽ سڏيو وڃي ٿو. جيئن سرمائيداري ”پئداواري تعلقن“ ۾ سرمائيدار پرت هوندو آهي. ساڳي ريت ”افزائشي تعلقن“ ۾ مرد جبر ۽ استحصال ڪندڙ جڏهن ته عورت اهو جبر ۽ استحصال سهندڙ هوندي آهي. پوءِ پلي ڪين سماج ۾ موجود ان جنسي / صنفي متييد

جي ساڃاهه هُجي يا نه هُجي، يا
هوا ان متپيد کي ختم ڪرڻ
چاهيندا هُجن يا نه!“ ان مان مُراد
اها آهي ته پلي ڪي مرد ۽
عورتون سماج اندر پنهنجي ذاتي
تعلقن کي برابري جي بنياد تي
هلائڻ جي ڪوشش به ڪندا هُجن،
تنهن هوندي به جنسي / صنفي
فرق سرمائيداري سماج جو هڪ
اهڙو ڪارو سَچ آهي جيڪو
”افزائش جي طريقيڪار“ جي
هڪ بُنيادي خاصيت طور سمورن
مردن ۽ عورتن تي اثرانداز ٿيندو
آهي ۽ اوستائين ٿيندو رهندو
جيستائين سرمائيداري نظام
جيئرو آهي، پوءِ پلي ڪٽي اُهي مرد
۽ عورتون پنهنجن فردي تعلقن ۾
ڪيترا به آزاد ۽ برابر ڇو نه هُجن.

ووجيل پڻ ڪجهه اهڙن ئي خيالن
جو اظهار ڪندي لکي ٿي
ته جيستائين سماج تي
سرمائيداري پئداواري طريقيڪار
حاوي آهي ۽ اُجرتي ۽ غير اُجرتي
(گهريلو) پورهئي ۾ تضاد ۾ جهيڙو
موجود آهي، تيستائين پلي
جمهوريت ۽ برابري جا ڪيترا به
نعرا هنيا وڃن ۽ ڪيس ڪيترو به
ڦهلايو وڃي، اها جمهوريت نه ته
سرمائيداراڻي استحصال کي ختم

ڪري سگهندي ۾ نه ئي عورت تي
ٽيندڙ جبر کي!“ ووجيل
سرمائيداري سماج کان اڳتي هڪ
سُڌريل سماج جو تصور چٽيندي
چئي ٿي ته عورتن جي آزادي
صرف اُن صورت ۾ ئي ممڪن
ٿجي سگهي ٿي جڏهن طبقاتي
استحصال جي بنياد تي جُڙيل
سرمائيداراڻي نظام کي ختم
ڪري هڪ سوشلسٽ سماج جي
اڏاوت ڪجي. سوشلسٽ ۾
سرمائيداري سماجن ۾ گهريلو
پورهئي جي ڪردارن جي پيٽ
ڪندي هو چئي ٿي ته ”سوشلسٽ
سماج ۾ پڻ سرمائيداري سماج
جيان گهرن اندر ٿيندڙ گهريلو
پورهئي کي گهٽائڻ جو رُجحان
موجود هوندو آهي، پر فرق اهو
آهي ته جتي سرمائيداري سماج ۾
ان رُجحان پُٺيان سرمائي جي
ارتڪاز جي هڪ سرمائيداراڻي
هيچ ڪار فرما هوندي آهي، ان
جي ابتڙ سوشلسٽ سماج ۾ اهو
رُجحان سموري پورهئي جي
برابري جي بنياد تي سماجي
پئداوار جي عمل ۾ شرڪت جو
خواهش جي اظهار هوندي آهي.
اهڙي پئداوار جيڪا هيچ بجاءِ
شعوري ۾ منصوبابند بنيادن تي

ڪـــئي وجي ۾ جنهن جـــو مقصــد
سموري عوام جي گڏيل ضــرورتن
جــو پورائــو هُجي“ ووجيــل وڏيڪ
لکي ٿي تـــه ”هڪ سوشلســـــٽ
ســماج فـــردي خانـــدان تـــوڙي
مجمـــوعي ســماج ۾ عـــورتن تي
ٿيندڙ جبر جي بُنيادن کي ڍاهي ٿو.
جمهوريت جي ان انـداز ۾ تـرويج،
عـــورتن جي پئــداوار جي عمـــل ۾
ائين برابري جي بُنياد تي شموليت
۾ گهريلــو پورهـئي جي ڪــردار ۾
اهڙيـــون تــرقي پســند بنيــادن تي
ايندڙ تبديليون ئي هڪ سوشلســٽ
ســماج جـــون اُهي خاصــيتون آهن
جيڪي مرد ۾ عـورت جي هڪٻئي
ســـان تعلـــق ۾ خانـــدان جي اُن
”اعليٰ صـــــــــــورت“ کي ممڪن
بڻائينـــديون جنهن جـــو خـــواب
مـــــــارڪس ڏٺـــــــو هـــــــو.“

شخصيت

ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي جي موڪلاڻي، ڪاپي ڊر جي هڪ دور جي پڄاڻي

ڪبير



اِهو هڪ پراڻو بحث آهي ته آخر تاريخ □

سماجي اوسر □ ڪنهن فرد جو ڪو ڪردار به ٿي سگهي ٿو يا اُهي به تاريخي حالتون ئي آهن جيڪي تاريخ ساز فرد کي جنمين ٿيون. جيڪڏهن فرد جو ڪردار آهي ته سوال پيدا ٿو ٿئي ته پوءِ اهو فرد پاڻ ڪهڙين حالتن جي پيداوار آهي □ جيڪڏهن صرف فيصلا ڪُن

ڪــــردار معروضــــي قـــانونن ۾
حالتن جو ئي هوندو آهي ته پوءِ
هڪ ٻي سوال جــو پيــدا ٿيڻ بــه
سياويڪ آهي تـه ڪـهڙن سـببن
ڪـــري پـــوءِ اُهي حــالتون وري
تبديل ٿين ٿيون۔ لازمي طور تي
هي اُهي ســوال آهن جن ســان
جيڪڏهن صحيح انصاف ڪجي
ته پوءِ فـرد ۽ سـماج يـا ڪُـل ۽
جُـــز جي جـــدليات ســـمجهه ۾
آســـــاني ســـــان اچيـــــو وڃي.
ورهاڱي کـان اڳ هن خطي جي
ڪميونسٽ تحريڪ هڪ شخص
کي متاثر ڪيو هو سـندس نـالو
ســـوڀو گيانچنــداڻي هـــو، جيڪـــو
هڪ پاســـــــــــــي ان دور جي
ڪميونسٽ تحريڪ جو نتيجو هو
پـــر ان ئي تحـــريڪ ۾ ســـندس
پورهيـو ايترو تـه گهڻـو ۽ گهـرو
رهيــو جــو بعـد جي ڪميونسـٽ
تحريڪ تي جيتري ڇـاپ سـوڀي
جي رهي انجو مقابلو ٻري پـري
تائين ڪـو ٻيو ڪـامريڊ نـه ڪـري
سگهيو. اُهو ســوڀو گيانچنــداڻي،
جنهنکي ٽيگور مين فـرام مـوئن
جو داڙو سڏيندو هيو، جيڪـو هن
نـــڍي کنـــڊ جي ڪميونســـــٽ
تحريڪ جي سپ کـان پـراڻن ۾
معتــبر نــالن منجهـان هڪ هـو،

جيڪو پاڪستاني سرڪار لاءِ
تي مُنهين بلا هيو، جيڪو
حيدربخش جتوئي، حسن ناصر،
جي ايم سيد ۽ ابراهيم جويي
جو دوست ۽ سياسي رفيق
هو، سو 95 سالن جي عمر ۾
8 ڊسمبر 2014 تي موڪلائي
هليو. هو پنهنجي ٿهي ۽ دور
جي ڪميونسٽ تحريڪ جو هن
خطي ۾ آخري سرخ سپاهي هو
۽ انهي جي موڪلائي سان گڏ،
سندس دور جي پڇاڙي
ٿي. ٽوٽي جو پنهنجي زندگيءَ
جي پوئين ڏهاڪن ۾ سوڀو
عمليءَ طور تي پارٽي ڪان
ڪٽيل ۽ سياسي طور غير
سرگرم رهيو پر هڪ ڪامريڊ
جو تعارف ساڻس موت تائين
گڏ رهيو. 1920ع ڌاري
لاڙڪاڻي ضلعي ۾ پيدا ٿيندڙ
ڪامريڊ سوڀو، شانتي نڪيتين
۾ پڙهيو ۽ رابندر ناٿ ٽيگور جو
شاگرد رهيو. اُتي ئي
ڪميونسٽ اڳواڻ پنا لعل داس
گُپتا جي خيالن ۾ ”جار جهنڪ
جو سپنو“ ۽ ٿامس مور جي
يوٽوپيا ڪان متاثر ٿي
اشتراڪيت ڏانهن لڙيو. گانڌي،
نهرو ۽ ايم اين راءِ جي لکڻين ۾

حياتين به ڪيس تمام گهڻو متاثر
ڪيو. سوڀو 21 سالن جي عمر
□ ڪميونسٽ بڻيو □ شانتي
نڪيتين کان موٽڻ بعد ڪراچي
□ قانون جي شعبي اندر داخلا
ورتي، شاگرد سياست □ پير
پاتائين. تڏهن شاگردن تحريڪ
زورن تي هئي جنهنجي قيادت
حشو ڪيولراماڻي تي ڪئي.
انگلينڊ منجهان اعلي تعليم
حاصل ڪري موٽندڙ، هي يگانو
نوجوان جنهنکي پيار مان حشو
سڏيو ويندو هو سو پڻ سنڌ جي
اشتراڪي تحريڪ جي تاريخ جو
هڪ معتبر نالو رهيو آهي،
جنهنکي سوڀو سنڌ جو هڪ
ڊرامائي ڪردار لکيو هو. حشو
ڪيولراماڻي تي مهينا سن شهر
□ سائين جي ايم سيد سان گڏ
رهي سندس ڪتاب نيئن سنڌ
لاءِ جدوجهد جو ترجمو پڻ ڪيو
هيو. هو سنڌ جي عوامي
سياست جو تمام گهڻو متحرڪ
□ مزاحمتي ڪردار هو، بعد □
ڪيس ملڪ بدر ڪيو ويو هيو.
سوڀي جي حشو سان
ويجهڙائي تي □ پوءِ بعد □
سوڀي کي سنڌ اسٽوڊنٽس
فيڊريشن جو سيڪريٽري مقرر

ڪيــو ويــو. اُهــو دور ڏيهي ۽
عالمي طور تي تمام گهڻي اُٿــل
پُٿل وارو دور هيو. ٻئي مهاياري
جنگ جي آمد هئي، ۽ جنگ جي
ٻي دور ۾ ســوويت يــونين تي
نــازي حملي ڪــانپوءِ جـــڏهن
عـــالمي طـــور تي جنـــگ جي
فطـرت جي تبـديليءَ جـو نعـرو
زورن ســـان لڳڻ لڳـــو تـــه
ڪميونســـــت حلقن انـــــدر
سـامراجي جنـگ هـاڻي عـوامي
جنـگ سـڏجڻ لڳي، هندسـتاني
ڪميونسٽ پارٽي سوويت لائين
پٺيـــان هلنـــدي، انگريـــزن جي
حمــايت ڪــئي جيڪي عــالمي
طـــور تي ســـوويت يـــونين جـــا
اتحــادي هيــا. ســويو انهيءَ جي
اُبــتڙ، تــڏهن شــاگرد اڳــواڻ جي
حيـــثيت ۾ ”هندســـتان چـــڏي
وڃــوتحريڪ“ جــو حصــو بــڻيو ۽
انهي تحـــــــريڪ دوران ڪيس
پهريــون پــيرو جيــل وڃڻــو پيــو.
جنگين ۾ اُٿـل پُتـل واري اُن دور
۾ پوري دنيا انــدر قــومي آزادين
۽ سرخ انقلابن جي هوا تيز تــيز
گُهلي رهي هــئي. چين ۾ مــائو
جي اڳــواڻي ۾ انقلاب جي آمــد
هــئي. افغانســتان بــه ســامراج
مخــالف ڪيمپ ۾ اڳيــان اڳيــان

هو. خود گڏيل هندستان ۾
ڪميونسٽن جي قوت منجهه
تمام گهڻو اظافو ٿي رهيو هيو.
هن خطي جي اهڙي قسم
حالتن سامراج جون ننڊون
ڦٽائي ڇڏيون هيون ۽ پوءِ
رات پيٽ جي سازش وري ڪر
ڪنيو ۽ پوءِ اسان ڏٺوسين ته
ڪيئن هن ننڍي ڪنڊ کي سرخ
اثرن کان بچائڻ لاءِ انجي ڪڪ
۽ چرو هٽي انجا عضوا اهڙي
ريت ڌار ڪيا ويا جو اڄ سوڏي
انهن ڌار ٿيل عضوون جو وهندڙ
رت بيهي نه ٿو. ڪروڙين
انسانن کي دربدر ڪيو ويو ۽
لکين ماڻهن جو ڪوس ڪيو
ويو. انهيءَ سموري جهالت،
ورهاست ۽ بربريت جي ننگي
ناچ ڪانپوءِ به ڪميونسٽ
تحريڪ اڳي کان اڳري ٿيندي
وئي. سويي تي به پنهنجي
ڌرتي ڇڏي هندستان لڏڻ لاءِ
دٻاءُ وڌو ويو جنهن جي هن
مزاحمت ڪئي ۽ بعد جي
پوري عمر ڪندو رهيو.
بهرحال نئين ٿهندڙ سامراجي
چونکي واري هن ملڪ ۾
مزاحمت جي قيمت سوين ڏهه
سال جيل، پنجن کان ڏهه سال

نظربندي ۾ پنهنجي سياسي
زندگيءَ جو گهڻو حصو
انڊرگرائونڊ سياست ڪندي
ڏني. جيل مان آزادي ۾ ورو
جيل پيڙي ٽيڙ واري
پوري وچين عرصي ۾ هو
پارٽي ۾ انجي مختلف فرنٽن
جي تعمير ۾ اڳڀرو رهيو. هن
ڪراچي سٽي ورڪرز يونين ۾
ڪم ڪندي مجموعي طور تي
ٽريڊ يونين تحريڪ کي منظم
ڪيو. هُن بي زمين هارين کي
زمين ڏيارڻ لاءِ هاري الاٽي
تحريڪ جي سرواٽي ڪئي. هن
ادبي ثقافتي محاذ کي نئين سر
جيارڻ ۾ پنهنجو حصو وڌو. نيئن
رياست جهڙي ريت قومي جبر
کي وڌايو ته سوپو انهيءَ حوالي
سان به مزاحمت ڪندي
قومپرست ساٿين سان گڏ
ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي وڙهيو.
50 جي ڏهاڪي ۾ آمريڪا سان
نون معاهدن ۾ ڪميونسٽ
پارٽي تي پابندي ڪانپوءِ به
پورهيت تحريڪ ڏک ڪائيندي،
ڪڏهن پري ۾ ڪڏهن پاڪر ۾
هلندي رهي ۾ اڇي نوي جي
شروعاتي ڏهاڪي ۾ پوئين
پساهن ۾ داخل ٿي. سويي

گيانچنداڻي اهي سموريون
اوپاريون لهواريون ڏٺيون پرهڪ
پاسي نظربندي (جيڪا شروع ۾
رياستي هئي بعد ۾ خود
ساخته) ٻي پاسي سندس
ضعيفي ڪيس ان لائق نه ڇڏيو
ته هو آخري وقت تائين سرگرم
سياست ڪري سگهي. اهڙي
ريت ڪامريڊ سوڀو
گيانچنداڻي جي زندگيءَ جا
واضع طور تي ٻه دور رهيا، هڪ
60 جي ڏهاڪي تائين تمام
گهڻي پارٽي سرگرمي وارو ٻيو
بعد جي دور جو غير تنظيمي
محدود سرگرمي وارو. توڻي
جو اسانجي سياسي سانير جي
سالن کان ڪيئي ڏهاڪا اڳ،
سوڀو گيانچنداڻي پورهيت
سياست ۾ تنظيم کان عملي
طور کٽجي ويٺو هو، پر هو
مرڻ گهڙي تائين ڪميونست
شناخت تي ٽڪندو ۽ انهيءَ
شناخت سان سڃاپجندو رهيو.
پر حالت اها آهي ته سندس
موت ڪانپوءِ جهڙي ريت ڊاڪٽر
خالد محمود سومري جهڙي
مذهبي ماڻهو کي قومي اڳواڻ
ٻڌائي ظاهر ڪيو ويو، ساڳي
ريت سنڌ جي کوڙ سارين

اخبــــارن ۽ ميگـــــزينن کيس
قومپرســت بڻـائي پيش کيــو.
درحقيقت ســـويو گيانچنـــداڻي
قـومي جـبر خلاف جُهـد کنـدي
ايئن قومپرست هو جيئن هــاري
تحريڪ ۽ پنهنجو پورهيـو ڏينـدي
سائين جي ايم سيد ڪميونسـٽ
هيو. پر سچ اهو آهي تـه نـه تـه
جي ايم سيد ڪميونســٽ هــو ۽
نه وري سويو قومپرست، تـوڻي
جــو ٻنهي قـدآور شخصـيتن جي
پوري عمر جبر خلاف مـزاحمت
۾ سزائون ڪائيندي گذري. خـــود
اهڙي ڳالهه سائين جي ايم سيد
ســويي ســان پهــرين ملاقــات ۾
پڻ ڪــئي هــئي. جنهنجــو ذڪــر
ڪنـدي سـويو لکي ٿـو تـه ڪيس
ســـائين چيـــو تـــه ”توهـــان
ڪميونســٽ هميشــه عــوام جي
ذهن کي اپيل ڪندا آهيو، جڏهن
تــه آءُ ســندن جــذبن کي اپيــل
ڪنــدو آهيــان جنهن تي ســويي
ڪيس جـــواب ڏنـــو تـــه اســـان
ڪميونســـٽ عـــوام جي صـــرف
ذهن کي نه پر پيٽ کي به اپيــل
ڪندا آهيون ڇاڪـاڻ تـه پنهنجي
سماجي زندگيءَ ۾ اڪثر انسان
پنهنجي پيٽ جي مســـئلن جي
حوالي سان سـوچ ويچـار ڪنـدا

آهن.“ بعــد ۾ ون يــونٽ خلاف
نعپ جي پليٽ فـــــارم تـــــان
جدوجهــد ڪنــدي ٻــئي ويجهــا
دوسـت بڻيـا. اڄ سـنڌ ڪي ورن
هڪ اهڙي سياسي مـاحول جي
ضــرورت آهي جنهن ۾ مختلــف
عـــوام دوســـت پـــارٽين وچ ۾
سهپ جـا رويـا سـگهارا ٿين ، ۾
بنيـــادي مســـئلن تي گـــڏيل
جدوجهـــد ممڪن ٿي ســـگهي.
ايوبي آمريت ۾ ئي سوپو جــيئن
جيل منجهـان آزاد ٿيــو تــه ڪيس
نظربند ڪيو ويو پر آمــريت جي
خاتمي ڪانپوءِ به سوپي پاٽ ڪي
محدود رکيو. سـندس وڏو يــاءُ
ذوالفقـــار پـــتي جي پي پي ۾
شـامل ٿيــو پــر ســوپو پاســيرو
رهيـو. تـان جـو ضـيائي آمـريت
واري ڪـاري دور ۾ بــه ســوپي
جـــو ڳـــاٽيتي جوڳـــو ڪـــردار
سامهون نه آيو، پوئين سـموري
دور ۾ ايترو ٿيو تـه هُن ٻلهـڙجي
۾ نظريـــاتي ڪم ڪنـــدي هڪ
ڪيپ تيــار ڪــئي جنهن ۾ انــور
پيرزادي جهـڙا نـالا شـامل هيـا.
سوپي مثان عــام طــور هڪ ٻي
تنقيــد بــه ٿينــدي رهي آهي تــه
ضــيائي آمــريت ڪــانپوءِ 88 جي
اليڪشن ۾ هو اقليتي سيٽ تان

چوندڊ به وڙهيو جڏهن ته هو
هڪ ڪميونسٽ جي حيثيت ۾
ڏار چوندڊ نظام جي خلاف هيو.


انهن سمورين ڳالهين باوجود
سويو گيانچنداڻي سنڌ ۾
پاڪستان جي ڪوڙ سارن
ڪميونسٽ اڳواڻ ڪان الڳ
هيو. هو امام علي نازش ته نه
هيو جيڪو وڏي عرصي تائين
اوجها ٽي بي سينٽر ۾ داخل
هوندي به پنهنجي صحت کان
وڌيڪ پنهنجي پارٽي جي صحت
بابت ڳڻتي ڪندو هو پر سويو،
جمال نقوي به نه هو جنهن
پنهنجي پوئين سياست کي
صراب سڏي، انهيءَ تي تنقيدي
ٿيو. ڪامريڊ سوڀي کي جام
ساقي ۾ امداد چانڊيو جهڙن
ماڻهن سان نه ٿو پيٽي سگهجي
جيڪي اڄ به حيات آهن پر
سندن جو ويساهه هڪ غير
طبقاتي تحريڪ ۾ فڪر منجهان
نڪري چڪو آهي ۾ ڪين چڱائي
جي آخري اميد سرمائيدارڻي
نظام جي پُرامن ترقي ۾
جمهوريت منجهه نظر اچي ٿي
پر سوڀي جو به سماجي
تبديليءَ وارو خواب وڏي
عرصي تائين جي غير سرگرمي

سـبـبان هڪ يوٽـوپين انقلابي
جهڙو ٿي پيو هيو. انهيءَ ڏس □
2008ع ڌاري ڌنل هڪ انٽرويو
□، پاڪسـتان □ ڪميونسـٽ
سياسـت جي مستقبل بـابت
سندس جـواب پـڙهي سـگهجن
ٿا. سـوڀي، ڪـوڙ سـارن پين
ڪامريـدن جيـان ٻي دور □
پنهنجي ڪـا قيمت مقـرر نـه
ڪئي، هـو غـير سـرگرم ضرور
رهيــو پـر هُن پنهنجا آدرش □
اصـول هميشـه عزيـز رکيـا
ايتريقـدر جـو پنهنجي واحـد پٽ
ڪنـيي لال جي علاج لاءِ بـه هُن
حڪـومت جي مـدد وٺڻ تي
پنهنجي ڪتـابن جي لائبـريري
وڪڻڻ کي ترجيح ڏني. توڙي جو
سـوڀي جي زنـدگيءَ جـو غـير
سـرگرميءَ وارو دور اچـا وڏيڪ
ڪُلٽو آهي □ انهيءَ تي نـئين ٿهي
جي سبق لاءِ بحث به ٿيڻـا آهن
پر پنهنجي پوري حيـاتي هُن هـر
صـحت منـد سـرگرميءَ کي
همٿـايو □ پـورهيتن □ ٻي پهچ
ماٺهن جـو پرجهلـو ٿي بيـٺـو. اڄ
جـڏهن ڪامريـد سـوڀو
گيانچنـداڻي اسـانجي وچ □
موجـود ڪـونهي تـڏهن ڪيس
ڪامريـڊ اسـٽالن جي ئي لفظن

 پيتا ڏجي ٿي ته ”اُهي ماڻهو جيڪي عوام لاءِ جيئندا آهن،ڪڏهن مري نه ٿا سگهن، چاڪاڻ ته عوام ڪڏهن مرڻو ڪونهي.“

ڀڳت سنگهه آدرشي سياست

بخشل ٿلهو



تـوڙي جو ڀڳت سنگهه جي آخري خواهش اها هئي ته ڪيس گولي هڻي ماريو وڃي پر ڪيس ٽيويهه سالن جي عمر سندس) ساٿين سُکديو راج گرو سان گڏ) انگريز بينڪيٽ 23 مارچ سن 1931ع تاري لاهور دهشتگرد چئي ڦاهي تي چاڙهي ڇڏيو. گانڌي جا لارڊ آئرون کي ايلاز موت آئرون جا مٿاجرا آسرا به ڪم نه آيا. اڃ به ڪيئن ڀڳت معافي وٺڻ وارن منجهان ڪونه هو. جن آدرش ڪيس موهيو هو سي هيا ئي اهڙا جو

جيـــترو بـــه انهن لاءِ پنهنجي نفي
ڪجي ها گهٽ هجي ها. لطيـف جي
انهن سـٿن وانگي تـه "صـورت جـا
ساهڙ جي سا جي ڏٺي آن، ته هونـد
نه پليو مان گِهڙو سڀ گهـڙا ڪـٽي."
اهــو هڪ اهم سـوال آهي تــه اهـا
ڪهـڙي شـئي آهي جيڪـا اسـانکي
موجـــود حقيقت ســـان هڪ بي ۽
خـــاص رشــتي ۾ جــوڙي ٿي.؟ اهـا
ڪهڙي قابليت آهي ۽ ڪٿان حاصـل
ٿينـدي آهي جيڪـا انهن انقلابين کي
اهـو ڪُجهـه ڏيکارينـدي آهي جيڪـو
عام اک ناهي ڏسندي. ڇا اها زندگي
۽ انسانيت سان محبت آهي؟ جـيئن
لطيف چيو ته "ڪـونهي آگهـه اهـڙو،
جهڙي محبت من." يا اهو ننڍپڻ جـو
جليـانوالا بـاغ جهـڙو جهنجهوڙينـدڙ
تجربو آهي جيڪو اسـانجي لاشـعور
کي بــــه ظلم خلاف ڪــــــروڌ ۽
مزاحمت سان ڀري ڇڏي ٿـو يـا اهـا
ڪـــا ســـمجهه ۽ عقلي شــــعور
آهي جيڪو نه صرف ڪائنات بـابت
پر خود پنهنجي ذات ڏانهن بـه رويـو
بدلائي ڇڏي ٿو. شايد ان مامري تي
افلاطون اسانجي ڪجهه مدد ڪـري
جيڪو يوناني تـاريخ جـو هڪ عظيم
فلسفي هــو جنهن کي گهربـل مجتـا
اسان وٽ اڃا ناهي ملي. ڇو ته جن
ســــــماجن ۾ علم ۽ ادب جي

سراسري سطح ڪمزور هوندي
آهي اتي عظيم ماڻهن جي قد ڪاٺ
جو اندازو به ڪمزور هوندو آهي
نتيجي طور اسان جي ان سادگي
ڪان افلاطون به نه بچي سگهيو.
افلاطون موجود دنيا جي تضاد تي
ڳالهايو ان کي موجود مادي
جوهر جي خيالي دنيا ورهايو.
جنهن ذيڪ جي ڪتل دنيا، خيالن
جي اصل دنيا جي نقل ڪانسواءِ بيو
ڪُجهه ڪونه هئي. لازمي طور اهو
دنيا جو خيال برستاٽو نقطه نظر هو
جنهن کي اولهه جي وچين دور
مذهب سان هڪ ڪيو ويو پر انجو
ڪمال اهو هو ته هن موجود
حقيقت کي متضاد موجود دنيا
کي ڪٽل چاٽايو. سو مطلب ته سچ
صرف اهو ڪونهي جيڪو نظر اچي
ٿو. سنڌيءَ سچ حقيقت جڻ ته
هڪ ئي شئي جا نالا آهن. پر
فلسفي اندر حقيقت سچ فرق
 هوندو آهي. بلڪل ائين جيئن خدا
سرمايي جو مثال آهي جيڪي
حقيقت طور موجود آهن پر سچ
ناهن. اهڙي ريت ڪوڙ ساريون
شيون آهن جن جو وجود حقيقت
آهي پر ڪنهن بي گهري توس)
(Concrete حقيقت جي تجريد
طور. تجريدي حقيقتون بظاهر ته

اسانکي آزاد ۽ نوس حقيقتن جو
سبب محسوس ٿينديون آهن پر
سچ انجي ابتڙ هوندو آهي. مٿي
شين جي ڪري مٿاڻ جو تصور آهي
نه ڪي مٿاڻ جي ڪري مٿيون
شيون. جڏهن دنيا جي ان ابتي
پيهڪ کي ڏاها سمجهندا آهن تڏهن
دانهن ڪري چوندا آهن ته “لوڪ
وهي لهوارو تون اونچو وهه
اوبار” ۽ ڪي تورا ماٺهو هوندا آهن
جيڪي ان سچ ۽ دانهن کي کنائي
سگهندا آهن. يڳت سنگهه انهن
تورن ماٺهن منجهان هو جن جون
اوليتون ۽ آدرش عام جي ابتڙ هوندا
آهن. يڳت سنگهه بنهنجي ننڍي
عمر باوجود بنهنجي خيالن ۽
آدرشن ۽ بنهنجي هم عصر وڏن
سياسي نالن کان وڏو هئو. رياست،
مذهب، ذاتي ملڪيت، بيشڪيت ۽
سامراجيت سميت ڪوڙ سارن
سوالن تي سندس سنجيده
سوچ بين کان گهٽي گهري هئي.
يڳت سنگهه لاءَ هڪ عام تصور اهو
هوندو آهي ته هو هڪ انارڪست ۽
مهم جُو نوجوان هو. جنهن کي
صرف بُر تشدد ڪاروايون سان
انگريز سرڪار خلاف دهشت
ڦهلائڻي هئي. يڳت لاءِ تڏهوڪو
سرڪاري موقف به لڳ يڳ اهو هو

پر سچ اهو هو ته ڀڳت شروعاتي طور انارڪزم □ خاص طور انارڪسٽ مفڪر باڪونن کان متاثر ضرور ٿيو هو ڪجهه مضمون انارڪزم بابت لکيا به هيائين. پر جلد ئي پارٽي، ڪيڊر □ پرولتاريه آمريت بابت سندس خيال ليننی ٿيا. اهو عمل جيل اندر وڌيڪ تيز □ بهتر ٿيو. ڀڳت سنگهه جي ويجهي ساٿي جيتندرناٿ سنيال جنهن ڀڳت سنگهه جي جيون ڪٿا 1931ع □ لکي □ ان لاءِ ڪيس جيل به وڃڻو پيو ٻنهجي هڪ ڪورٽ بيان □ چيو ته "ڀڳت هڪ ڪميونسٽ □ بين القواميت پسند هو" هو ذات، پات رنگ، نسل □ مذهب جي اثرن کان آجو هيو. هُن هڪ دفعي لکيو ته "هڪ ڪتو اسانجي جهولي □ ويهي سگهي ٿو □ اسانجي ٻورچيخاني □ آرام سان گهمي سگهي ٿو پر هڪ انسان جو ڇهاءُ اسان منجهه مذهبي غصي کي جنم ڏيئي ٿو." ڀڳت سنگهه هڪ آزادي پسند اڳواڻ هو پر ساڳي وقت تنگ نظر قومپرستيءَ کان آجو هئو □ سندس خيال هو ته آزادي صرف سياسي مامرو نه پر سماجي مامرو به آهي. جيل منجهان 3 مارچ 1931ع ڌاري ٻنهجي آخري نيابي □ هُن لکيو ته "

هندستان ۾ جدوجهد اوستائين جاري رهندي جيستائين آڳرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهو پنهنجي مفادن آهر عام ماڻهن جي پورهيي جو استحصال كندا رهندا. ان شئي جي اهميت گهٽ آهي ته استحصال كندڙ نج انگريز آهن، يا انگريز ۾ هندستاني هك اتحاد ۾ آهن يا نج هندستاني آهن.“ هك ٻي هنڌ هُن چيو ته ان شئي جو فرق ٿورو پوي ٿو ته هندستان تي حكمراني انگريز ٿا كن يا پرشوتم داس ٺاكر (ان دور جو هك امير صنعتكار). ان لحاظ كان ڇئي سگهجي ٿو ته مذهبي انتهاپسندي، ٻُك بدحالي، انفرادي نفسانفسي واري هن اجوكي دور ۾ ڀڳت سنگهه پنهنجي دهريت، لكڻين، سامراج مخالفت، سماجي معاشي برابري جي آدرشن، مزاحمت ۾ اتساهه سببان، ورهاڱي كان اڳ واري هندستان جي سمورن اڳواڻن كانوڌيك اڄ ٿهكندڙ ۾ اهم آهي، جيكي سڌي يا اڻ سڌيءَ ريت كميونل سياست جو شكار ٿيا. توڙي جو اجوكو دور اڃا تائين ويهين صدي جي پوئين اڌ جي رد انقلاب جي اثرن كان آجو ناهي ٿي سگهيو، توڙي جو مابعد جديديت

سمورن آدرشن تي، اهو چئي
سوال پيدا ڪري ڇڏيو آهي ته
ڪائناتي سچ ٿيندا ئي ڪونهن يا
اهڙا سمورا سچ يوٽوپيا آهن. بوءِ به
يگت سنگهه، چي گويرا، پيٽرس
لممبا، حسن ناصر □ نذير
عباسي جهڙا انيڪ ڪردار ان
سموري اٿل پٿل ڪان مٿانهان ٿي
بيٺا آهن □ مائو جي ان سمجهاڻي
جو عملي اظهار آهن ته سامراجين
□ حڪمرانن جو هڪ اصول آهي.
استحصال □ ناڪامي وري
استحصال وري ناڪامي وري وري
استحصال □ وري وري ناڪامي.
انجي ابتڙ انقلابين جو اصول هوندو
آهي ته ناڪامي □ مزاحمت، وري
ناڪامي وري مزاحمت، وري وري
ناڪامي □ وري وري مزاحمت.
تاريخ جو انجڻ انهيءَ طبقاتي
جهيڙي سبب ئي هلندو رهيو آهي
جنهن ڏانهن مابعد جديديت جي نظر
پوي ئي ڪانه ٿي. مابعد جديديت نه
ٿي سمجهي سگهي ته جن ڪائناتي
سچن کي هُن لاحاصل قرار ڏنو
اُهي ڪهڙي ريت هڪ انقلابي جي
من اندر سرفروشي جي تمنا ٿي
ڦٽن ٿا □ ان لڪل خيالي سچ کي
جنهن ڏانهن افلاطون اشارو ڪيو
هو، سڀ سامهون آڻي بنهنجي نيزي

سر قربانين سان نروار ڪن ٿا.
ساڳي وقت اها به حقيقت آهي ته
آدرشن جي سچ کي صرف
سرفروشي جي تمنا منجهان
سمجهائڻ جي ڪوشش ڪا گهٽي
ڦلدائڪ نه ٿي ٿي سگهي. چاڪاڻ
ته سرفروشي جي تمنا ته هڪ
مذهبي انتهاپسند خود ڪش بمبار ۾
به هوندي آهي جنهنجي سچ ۾ پاڻ
خاتمي واري عمل کي اسان
ساراهيندا ناهيون. چاڪاڻ ته اهڙي
نفي جنهن ۾ اثبات شامل ناهي سا
اوسر جي عمل جو اظهار نه ٿي ٿي
سگهي. هڪ ٻج کي جُتيءَ جي ڪڙي
هيٺان رکي چيپاٽي ختم ڪرڻ ۾
انکي زمين ۾ پُوري ان منجهان سلو
پيدا ڪري ختم ڪرڻ ۾ وڏو ۾
بنيادي فرق هوندو آهي. سماجي
طور تي جيڪڏهن ڏسجي ته
سرفروشي جو جذبو ٻهرين ڏاڪي
۾ بيو ڪجهه ڪونهي پر حال ڪان
بيزاري جو اظهار آهي جيڪو هڪ
انقلابي ۾ خودڪش بمبار ۾ ساڳو
هوندو آهي پر ڏسڻو اتي اهو هوندو
آهي ته حال تي تنقيد ماضي جي
آهي يا مستقبل جي. بمبارن کي ته
ڇڏيو پر جان جيڪس روسو سميت
ڪوڙ سارا مفڪر، آدرشي انسان ۾
فطرت پسند فنڪار جذهن سماجي

ارتقا کي (سرمائيداراڻي) اثرن تائين
محدود ٿيڻ سبب) ناڪاري انداز ۾
ڏسندا آهن ۽ فطرت ڏانهن موٽ
جي براڻي تصور کي ٻنهجو آدرش
ٺائي سرگرمي ڪندا آهن ته اسان
به انهن کي هڪ يوٽوپيا يا لاحاصل
چوندا آهيون چاڪاڻ ته مجموعي
طور تي تاريخ جو سفر اڳتي ئي
وڌندڙ رهندو آهي. ٻيو اهو ته مٿي
ڄاڻايل رجحان هاڻوڪي سموري
تباهي ۽ تخريب ۾ تعمير جي انهن
امڪانن کي به رد ڪري ڇڏيندو
آهي جيڪي ٻوئين سماجن ۾ پيدا
ٿي ئي ڪونه پئي سگهيا. اهڙيءَ
ريت حال تي تعميري تنقيد مستقبل
جي ٻيهندي نه کي ماضي جي.
جيئن ته ماضي، حال ۽ مستقبل
هڪ ئي لڙي ۾ پوئيل هوندا آهن
تنهنڪري حال تي هاڪاري تنقيد ئي
ان مستقبل جا بنياد وجهندي جنهن
کي اسان سوشلزم سڏيون ٿا. ٻين
لفظن ۾ سرمائيداري تي حقيقي
تنقيد ڪلهه به سوشلزم هو ۽ اڄ به
سوشلزم ئي آهي نه کي ڪو ٻراڻو
مذهب نه وري وابس وڃڻ تي
چڙهي وڃڻ وارو خواب.

رپورٽ

حيدرآباد ميں
ڪسان ڪانفرنس

یونس راھو

زرعی اصلاحات کی جائیں ۔ نہری 25 ایکڑ اور بارانی 50 ایکڑ زرعی زمین کی حد ملکیت مقرر کی جائے

20 فروری کو حیدرآباد کے قریب وانکی وسی میں سندھ ہاری ہاریت کمیٹی اور عوامی ورکرز پارٹی کی طرف سے کسان کانفرنس ہوئی۔ کانفرنس کی شروعات مزدوروں کے عالمی ترانے سے ہوئی۔ کانفرنس میں 2 ہزار سے زائد کسان شریک ہوئے جس میں کسان خواتین کی، بڑی شرکت ہوئی۔ کانفرنس میں یونس راہو، یوسف مستی خان، اختر حسین، کامریڈ بخشل تھلو، جاوید اختر عالی، بخشل جئے سندھ محاذ کے جنرل سیکریٹری ہاشم کھوسو، عزیز اللہ، لیویو، عرفان، ملاح، سراج سیال، لطیف لغاری نے خطاب کیا اور ویلکم اسپیچ یونٹ وانکی وسی کے

سیکریٹری کامریڈ مظفر لغاری
نے کی اور اسٹیج کے فرائض
کامریڈ ماروی لطیفی سرمد
راجپر اور شیرین لغاری نے
سرانجام دیئے اس کے علاوہ
نار جمہوری محاذ،نیشنل
اسٹوڈنٹ
فیڈریشن،ہالا،لاڑکانہ،نصیرآباد
لعلو،
رئنک،کراچی،سانگھڑ،مورو،دولت
پور سے عوامی ورکرز پارٹی
کے کارکنو ں نے شرکت کی
کانفرنس میں این ایس ایف
اور نار جمہوری محاذ کے
ساتھیوں نے ٹیبلوز پیش کئے
جس میں
جاگیردارانہ، سرمائیدارانہ جبر
کی مختلف اشکال کو اظہار
کیا گیا وقفے وقفے سے انقلابی
شاعری بھی پیش کی گئی آخر
میں لوک موسیقی پیش کی
گئی

وانکی وسی حیدآباد کا تاریخی
گاؤں ہے جس کے نزدیک
1843ءمیں سندھ اور برطانوی
افواج میں جنگ کا میدان □□
اس گاؤں میں پارٹی یونٹ
فعال ہے لوکل باڈی کی
الیکشن میں متعد بار حصہ

بھی لے چکا ہے اور ایک مرتبہ
الکشن میں پارٹی کاونسلر
جیت بھی چکے ہیں اس مرتبہ
بھی پــارٹی کانســلر لگ بگھ
600تک ووٹ لیکر چند ووٹوں
سے ہارے اس کسان کانفرنس
سے یہ ثابت ہوتا ہے کہ یونٹ
وانکی وسی پارٹی میں کی
عوامی مقبولیت بہ بڑھ رہی
ہے۔

مقریرین نے خطاب کرتے ہوئے
کہا پاکستان میں بڑی
زمینداری کو ابھی تک قائم
رکھا ہوا ہے جو ریاست کی
جمہوری تشکیل میں رکاوٹ
ہے زمینداروں نے اپنی زمینیں
بچانے کے لیے اسٹبلشمینٹ سے
اتحاد کیا ہوا ہے اس میلاپ نے
کسانوں کے بدترین استحصال
کو جـــاری رکھا ہوا ہے
[illegible] کی بد ترین
شکل سندھ اور سرائکی
وسیب میں موجود ہے جہاں
ایک طرف بڑی زمینداریاں
موجود ہیں تو دوسری طرف
ایک بڑی اکثریت بے زمین
کسانوں کی ہے جو بنیادی
حقوق سے محروم ہے نہ
سڑکیں ہیں نہ صحت کی

سہولیات ہیں نہ تعلیم کی
سہولیات ہیں سندھ کی
80% فیصد عوام کے پاس نہ
اپنی زمینیں ہیں نہ ہی اپنا
گھر ہے یہ صورتحال ریاست
کی غیر جمہوری صورت کو
واضح کرتی ہے پاکستان میں
آج بھی قومی جبر موجود ہے
سب سے زیادہ غربت ان
علاقوں میں ہے جہاں بڑی
جاگیریں ہیں یہ سماج خواتین
کے لیے بیگار کیمپ بنا ہوا ہے
جہاں خواتین کے لیے کوئی
حقوق نہیں خواتین کسانوں کو
اپنی آزادی کی جنگ خود لڑنی
ہوگی طبقاتی نظام کے خاتمہ
کی لڑائی خواتین کی حقیقی
آزادی کی لڑائی ہوگی
پاکستان میں آج بھی قومی
جبر موجود ہیں ہے

سرمایداروں کو منافع کے لیے
کھلی چھوٹ دی ہوئی ہے
گنا،کپاس،چاول،گندم اور گلاب
کے پھولوں کی کی قیمتیں
انتہائی کم کردی گئی ہے یں
جب کہ ڈیزل، بجلی،زرعی
ادویات،کھادکی قیمیتیں بڑھائی
گئی ہیں جس کی وجہ سے
پیداواری لاگت بڑھ گئی ہے

پاکستان بننے کے ستر سال بعد
بھی سندھ کاکسان بدترین
استحصال میں زندگی گزار رہا
ہے انگریز کے دور سے آج تک
سندھ کی زمینیں سندھ کے
کسانوں کو دینے کی بجائے
فوجی،سول بیوروکریسی اور
جاگیرداروں کو دی گئیں اقتدار
پر آج بھی یہ تینوں قوتیں
قابض ہیں ٹیننسی ایکٹ میں
کسانوں کے خلاف ردبدل کی
گئی کھیت مزدوروں کو گزارہ
جتنی بھی اجرت نہیں ملتی ہے
یہ جبر اس
سرمایداری،جاگیرداری نظام
کی وجھ سے ہے اس نظام کے
خلاف لڑے بغیر آزادی ممکن
نہیں ہے لڑائی مایوس لوگ نہیں
جیت سکتے لڑائی امید سے
جیتی جا سکتی ہے کروڑوں
کسانوں کا اتحاد ہی امید پیدا
کرسکتا ہے ہے عوامی ورکرز
پارٹی اور سندھ ہاری پوریت
کمیٹی کے کارکنوں کو ایک بڑی
کانفرنس کے انعقاد پرشاندار
خراج تحسین پیش کرتے ہیں
خاص طور پر ناری جمہوری
محاذ کے کارکن ساتھیوں کا
[illegible] قابل تعریف ہے مگر آج

کے بعد ہم پر مزید ذمیداریاں
عائد ہوتی ہیں۔ انقلابی
کارکنوں کی ذمیداری ہے کہ
مزدوروں اور کسانوں میں امید
کی کرن پیدا کرے کسانوں کی
تنظیم کو منظم کرنے میں اپنا
اپنا حصا ڈالیں یقیناً ہم ہونگے
کامیاب ایک دن ہے

کانفرنس میں مطالبہ بھی
پیش کیے ہیں کہ! وفاقی
شریعت کورٹ کی طرف سے
زرعی اصلاحات پر عائد پابندی
ختم کرکے زرعی اصلاحات کی
جائیں۔

پچیس ایکڑ نہری اور پچاس
ایکڑ بارانی زرعی زمین کی حد
ملکیت مقرر کی جائے

کارپوریٹ سیکٹر، جنرلوں کو
دی گئی زمین ضبط کرکے بے
زمین کسانوں کو دی جائے

تمام دیہاتوں میں پکی سڑکیں
بجلی، گیس اور صاف پانی
کی سہولیات مہیا کی جائیں

کھیت مزدوروں کو آئی ایل او کے
اصول کے قوانین کے تحت
یونین سازی کا حق دیا جائے

کھیت مزدور کی کم از کم

اجرت 16 ہزار روپے مقرر کی جائے

ٹینسی ایکٹ میں از سر نو ترتیب دے کر کسانوں اور کھیت مزدوروں کے حقوق کو یقینی بنایا جائے